

گچی گانا
لوھہ جا
عبدالواحد آریسر

ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا

(ٽي جيل ڊائريون)

- ترمر ياترا
- ماڙين ماريس ڪينڪي
- اسان جيئن جيئي ڪو

عبدالواحد آريسر

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ

2015ع

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 297

ڪتاب جو نالو: ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا
ليکڪ: عبدالواحد آريسر
موضوع: جيل ڊائريون
ڇاپو: پهريون، ڊسمبر 2015ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد
سيد آرڪيڊ گاڏي کاتو حيدرآباد

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ
Ph: 022_2780701 Mob: 0300_3946518

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، 022_2633679
- مدني ڪتاب گهر، دادو 0300_3203464
- جنيد بوڪ اسٽور، دادو 0303_3652040
- سليم نيو ايجنسي، دادو0302_3270628
- وسيم بوڪ اسٽور، لکيدر، شڪارپور0307_3529117
- الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر0300_9313528
- مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو0301_3472125
- رهبر بوڪ اڪيڊمي، لاڙڪاڻو0302_3468755
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر071_2007402
- بوڪ ورلڊ، رابعہ سينٽر، لڳ عسڪري بئنڪ بندر روڊ لاڙڪاڻو0333_7548804
- المعراڻ ادبي گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ0300_2913588
- ڪنهاوڙا اسٽور، اردو بازار، ڪراچي021_2638025, 2218025
- ڪنگ پن ڪتابي ميلو، پريس ڪلب، حيدرآباد، سنڌ 0322_3085213

Gichia Ghana Loha Ja

By: Abdul wahid Areser
Published By: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh
1st Edition: December 2015
Price Rs. 500/-

پہ اکر

عبدالواحد آريسر جي ڪتابن کي گڏ ڪرڻ ۽ گڏيل پاڻ ۾ ڇاپڻ واري رٿا تحت هن ڪتاب سان 19 ڪتاب 6 ڪتابن ۾ اچي ويا. باقي پنجن ڪتابن جي هڪ جلد جو ڪم هٿ ۾ آهي. ان کان سواءِ سندس ڪيترين ئي نڙيل پکڙيل تقريرن/بيانن کي سهيڙ جو ڪم ٻ جاري آهي. اميد ته ان رهيل ڪم کي ٻ هڪ ٻن جلدن ۾ مڪمل ڪيو ويندو ۽ سنڌي ساهت گهر طرفان آريسر جي ڪتابن کي يڪجا ڪرڻ وارو سلسلو پايہ تڪميل تي پهچندو.

نازسنائي
0300_3946518

حيدرآباد سنڌ
14 ڊسمبر 2015ع

سائين جي ايم سيد جي نالي

وچور

ترم ياترا [11-130]

- مٽان تن ترار — عبدالواحد آريسر — 11
  لاڪ اپ ۾ — 18

ماڻين ماويس ڪينڪي [131-297]

- تاريڪ دؤر جي روشن ڪهاڻي — عبدالواحد آريسر — 135
- هاسي سر جي وات ۾ گلاب جا ٻوٽا — تاج جويو — 139

اسان جيئن جيئي ڪو [299-427]

- ڏاڍي دلڪش عذاب ۾ آهين — اقبال رند — 303
- صحرا جو آزاد هرڻ — عبدالواحد آريسر — 309

اسان جيئن جيئي پلا ڪو جهان ۾ا — 320
تارچر سيل مان بچي آيلن جا تجربا — 386
قيديءَ جون يادون (انٽرويو) — 390
نوٽ بڪ جا ٽڪر — 413
اڪ ساري رات نہ جهپڪي آ — 414
لفظن سان وفاداري — 416
همالیا ، آءٌ ۽ وقت جي وڇوٽي — 418
محبتن جو مقتل — 423
محبت جو تصور — 425

ڳچيءَ ڳانا لوهَ جا، زبربوُن ۽ زَنجيرَ
پَيڪَڙا پيرَن ۾، ڪونيُن اَندرِ ڪيرَ
چاري چؤگانَن ۾، واهيَتَ ڪَنِ وَزير
جَن نہ چڄي آهيان، اَهڙيءَ ستَ سَريرَ
ماروُ ڇامَ مَليرا! پُڄِج ڪي پَنوَهار ڪي
(شاھ)

ترم یاترا

جوڳيءَ جاڳايوس، سنتو هوس نندِ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، پرين سندي پيڇري.
(قاضي قادن)

مٹان تن تر ار

هي ڊائريءَ نما يادگيريون، منهنجيءَ پهرين 'ترمر ياترا' جون آهن. زندگيءَ جو اهو پيانڪ ۽ سوچ ڪي نڪاريندڙ تجربو، پنج سؤ چاليهه ڏينهن تي مشتمل رهيو، جنهن ۾ عذاب، عقوبت ۽ پيڙا جا ڪيئي مرحلا طئي ڪرڻا پيا. ڪيترن ماڻهن ڪي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو جو موقعو مليو ۽ جمهوريت جي هن ملڪ ۾ پهرئين تجربي جي واردات ڪي ماڻهن جي ذهنن ۽ جسمن تي ڏڪي گاڏيءَ جي چاڪن وانگر گذرندي ڏٺوسين. ائين ٿي محسوس ڪيوسين تہ آزاديءَ ۽ خوشيءَ جو ديپ، اسان حي زندگيءَ ۾ وري ڪونہ ٻرندو. ڪيسن مٹان ڪيس اسان جي خلاف ڪورٽن ۾ پهچندا رهيا ۽ اسان انهن جي شنوائين ۾ روزانو پوليس جي پهري هيٺ گهاٽي جي ڏاند وانگر وهندا ٿي رهياسين. مائٽن متن جو ڪهڙو حال آهي؟ ڪيترا مُٺا، ڪيترا ڇاوا، ڪيترا پرٽيا؟ ڪيتريون ڪنواريون ڪنوارپ جي پاڪ پوتر ڇُني لاهي سهاڳ جي چوڙن سان سينگارجي ويون ۽ چوڪرين مان ڍُري عورتون ٿيون؟ ڪيترن ڳيرو جوانن جي مُرڪندڙ مُهاندن تي موڙ ٻَڌا ويا؟ مُندون مَٽيون، ڪيئي سيارا اونهارن ۾ بدليا. ٿر جي واريءَ تي سانوڻ ڪهڙا ساڻ ڪيا؟ ڇڳن ۾ ڦوڳ ڦُلاريا ٻہ يا نہ؟ سنڈوءَ جي سرمست اُٽل ڪيترا ويڑها ۽ لوڑها ويران ڪيا؟ اسان انهيءَ سموريءَ اُٽل پٽل کان بي خبر شيخن ۽ دروازن جي اندر ڪنهن ايندڙ سونهاري صبح جي انتظار ۽ اوسيئڑي ۾ زندگيءَ جي زهر جا ڏُڪ پيئندا رهياسين.

آءٌ ٿر جي واريائي ميدانن جو رهاڪو، جتي سج جي پهرين ڪرڻن جي آبشار سان وهنجڻ ئي اسان جي زندگي آهي؛ جتي پرهہ جي پاند ڪٽڻ سان رات جي ڪاري ڏاڙهي ۾ ڇڻ جو تماشو ڏسندا آهيون؛ جتي ستارن جي مُرڪ ئي اسان جي ڪائنات ۾ اڪيلي روشني هوندي آهي؛ جتي چنڊ جي چاندوڪي روڪ بنا اسان جي اڳڻن تي سُرهاڻ پريل روشنيءَ جا ڇڇ

چَنڊيندي آهي. اهڙي ماحول جي هيراڪ، مون هڪ پورو سال تارن جي روشني نه ڏني ۽ پرهه کي پاند سِرڪائيندي نه ڏنو. چند منهنجي لاءِ غزل جو روايتي محبوب بنجي ويو. پنجين وڳي ڪوليءَ ۾ بند ٿيندو هوس ۽ صبح جو سج اُپرڙ مهل ڪوليءَ جو تالو ڪُلندو هو، ته جيل جون سنگين ديوارون سامهون پوڙهيءَ وئشيا وانگر بي حيائيءَ سان گهوريندیون نظر ايندیون هيون. اهڙي ماحول، ذهن کي ان وقت جي حڪمران ٽولي جي خلاف زهر سان پري ڇڏيو. جنهن جو اظهار هنن نِرَيل پڪڙيل پنن ۾ هر جڳهه تي نظر ايندو. پوءِ به اُن زهر کي چنڊ لاءِ مون وس پُڄندي زبان اُها استعمال نه ڪئي آهي، جيڪا اُن وقت جي وزيراعظم (ذوالفقار علي پُٽي) لاءِ چوڏري ظهورالاهي ۽ ظهور حسن پوپالي استعمال ڪندا هئا. چوڏري ظهورالاهيءَ ۾ ڪجهه خوبيون به هيون، پر هو زبان انتهائي ڪريل ۽ گندي استعمال ڪندو هو.

هڪ پيرو سياسي بحث ڪندي چوڏري ظهور الاهيءَ ان وقت جي وزيراعظم لاءِ گهٽ وڌ چيو ۽ کيس ماءُ پيڻ تي ڪچيون گاريون ڏنيون. اها گاله پُڌندي شرط اسان جو دوست مولا بخش لغاري سخت ڪاوڙ ۾ گاڙهو ٿي ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ موچڑي ۾ هٿ وجهڻ وارو هو ته مون جهلي ورتس. مولابخش چيو ته وزيراعظم سان سياسي اختلافن لاءِ اوهان سياسي بحث ڪري سياسي زبان استعمال ڪري سگهو ٿا، پر پُٽي جي ماءُ هڪ سنڌياڻي عورت جي حيثيت ۾ منهنجي به ماءُ آهي. اوهان ڪهڙا سياستدان آهيو، جن کي ڪنهن به عورت جو احترام نه آهي؟ شايد اوهان وٽ عورت آهي ئي ڪوٺي تي ويهارڻ يا گار ڏيڻ لاءِ، ان ڪري اوهان کي ڪنهن جي ماءُ، پيڻ، ڌيءَ يا زال لاءِ ڪوبه احترام نه آهي. مولا بخش جو اهڙو جارحاڻو لاڙو ڏسي، چوڏري صاحب معافي ورتي ۽ پنهنجي زبان جي بي احتياطيءَ لاءِ شرمساريءَ جو اظهار پڻ ڪيائين. اهو ساڳيو حال پوپاليءَ جو هوندو هو ۽ کيس جڏهن به جواب ملندو هو ته شرمساري ظاهر ڪري وري ڏينهن بن کان پوءِ ساڳي ڪُهاڙي، ساڳيو ڳُن. جڏهن مولابخش جي انهيءَ روش جي وزيراعظم کي خبر پئي ته کيس چيائين ته: "پوپاليءَ کي سبق نه ٿو سيکارين." مولابخش جواب ۾ چيو، "ته جيئن توهان اسان کي آساني سان ڦاهيءَ تي چاڙهي سگهو!"

آءٌ هڪ سال ڪراچي جيل ۾ رهيس. ان دؤر ۾ پي. ايڻ. اي جي تحريڪ کان اڳ ۽ آمريڪي ايڪشن کان ترت پوءِ، پاڪستان ۾ چوندڙن ٽيون، جن جي نتيجي ۾ 'قومي اتحاد' جي تحريڪ شروع ٿي. ان ڪري قومي اتحاد جي ليڊرن جيل ۾ اچڻ شروع ڪيو. اسان ماڻهن جي انهيءَ بي لغام هجوم ۾ پنهنجون سموريون شروع ڪيل علمي ۽ ڪتابي مشغوليون وساري ويٺاسين ۽ سياسي بحث جي بي مغز هڏ وڻ ۾ شروع ٿي وياسين. ترت ئي پوءِ اسان جي جيل ۾ بدلين جو سلسلو چالو ٿيو، جنهن جي شروعات ان وقت جي وزيراظم سان ملاقات کان ٿي. انهيءَ ملاقات جو تفصيل مختلف ڪتابن ۾ اچي چڪو آهي ۽ پڻ منهنجي ڪتاب "مُجيب ۽ پٽو" ۾ اهو سمورو ذڪر ٿيل آهي، ان ڪري هتي ڏيڻ جي ڪابه ضرورت ناهي.

انهيءَ جيل واري عرصي ۾ سخت ترين ۽ تاريخي عرصو اهو آهي، جيڪو اسان سينٽرل جيل خيرپور ميرس 'سنڌ جي ڪاري پاڻي' ۾ گذاريو. انهيءَ جيل ۾ اسان سخت گرميءَ (سا ۽ اُتر سنڌ جي گرميءَ) جا مهينا مئي، جون، جولاءِ ۽ ڪجهه آگسٽ جا ڏينهن گذاريا. چٽي طرفن کان ڪُليل بئرڪ ۾ پکي جي هوا لڳندي هئي تہ ائين محسوس ٿيندو هو جڻ ڪو قهري هٽ ٽاندن جا ڇڇ پري اسان تي اُڇلائي رهيو آهي. سڄو ڏينهن اهو حشر رهندو هو. سج لهڻ کان پوءِ بئرڪ مان باهر نڪرندا هئاسين، هن نيت سان تہ ڪجهه هوا جو مزون وڻون. ڪجهه دوست راند ڪندا هٿا تہ آءٌ ۽ جيل جو دوست رسول بخش پليجو پَسار ڪندا هئاسين، پر ان وقت بہ پگهر نہ سُڪندو هو. البتہ ڪڏهن ڪڏهن چنڊ جو چهرو ڏسڻ جو وجهه ملي ويندو هو، پر چنڊ جي روشني بہ خيرپور جي سخت گرميءَ ۾ بيمار محبوب جي مُرڪ وانگر اُداس لڳندي هئي. اهڙي ئي هڪ شام جو راجا جاويد، پليجي سان وڙهڻ جي نيت سان ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو، جنهن تي مون مداخلت ڪندي راجا جاويد کي گاريون ڏئي اسان جي محفل مان اُٺڻ تي مجبور ڪيو هو. حقيقت ۾ راجا جاويد سمجهيو تہ پليجو اڪيلو آهي. 'جيئي سنڌ' وارن سان سندس اختلاف آهين، ان ڪري اهي سندس ساٿ ڪونہ ڏيندا ۽ آءٌ مزي سان پليجي تي رعب رکندس. پر هن کي شايد هيءَ خبر نہ هئي تہ اسان جا اختلاف سياسي هٿا، ذاتي،

خانداني يا قبائلي قسم جا نہ هئا. پليجو هڪ سنڌي سياسي اڳواڻ قيديءَ جي حيثيت ۾ اسان جو پنهنجو حصو هو ۽ ان حصي جي توهينَ اسان کيئن ٿي برداشت ڪري سگهياسين! ساڳي حالت پليجي جي به هئي. هڪ پيري ڪراچي جيل ۾ اسان جي ڪنهن ساٿيءَ سان جيل جو سپرنٽيڊنٽ گستاخيءَ سان پيش آيو، ته پليجو جيل سپرنٽيڊنٽ تي ڪاوڙجي پيو. جيل جو عملدار حيرت مان پليجي کي ڏسي چوڻ لڳو ته: "تنهنجو هن سان ڪهڙو واسطو؟ هي ته جيئي سنڌ جو آهي." پليجي چيو: "توکي کيئن خبر پئي ته آءٌ جيئي سنڌ جو ناهيان. آءٌ ته انهيءَ تنظيم (جي ابتدائي شڪل: بزمِ صوفياءِ سنڌ. ڏانهن اشارو) جو سيڪريٽري جنرل رهيو آهيان." اهو ٻُڌائڻ جو مطلب هي آهي ته جيل ۾ سڀ قيدي خاص طرح سياسي قيدي- پوءِ اهي ڪٽي ڪهڙين به پارٽين سان لاڳاپيل هجن- هڪ برادريءَ وانگر رهندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ محمد سومار ٽيهي، جيڪا پليجي جي، منهنجي ۽ يونس شاد جي بيمارين ۾ خدمت ڪئي، ۽ جهڙي طريقي سان هن پنهنجو اثر رسوخ هلائي رات جي بيگاهه وقتن تي سول اسپتال مان ڊاڪٽر گهُرايا، اهڙيءَ خدمت سگهَا مائٽ ۽ گهر جا پاڻي به نہ ڪري سگهندا.

هڪ پيري پليجي صاحب کي ڪا سخت تڪليف ٿي پئي، پر ڊاڪٽر نہ آيو. نيٺ محمد سومار ٽيهي عرف رئيس علڻ خان، پليجي کي چيو: "تون بيهوشيءَ جي ايڪٽنگ ڪر ۽ پوءِ ڏس ته جيل وارن کي آءٌ کيئن ٿو ڪڙڪايان." پليجي کي جتي ٻين ڳالهين ۾ ڪمال آهي، اُتي سندس ايڪٽنگ جو به ڪمال ڏٺوسين. اهڙو بيهوش ٿي ويو، جو مون کي ٿ ڊپ ٿيڻ لڳو ته ڪٿي سچ ڀچ بيهوش ته ڪونہ ٿي ويو آهي. سندس اها مصنوعي بيهوشي ايترو وقت هلي. جو سول اسپتال خيرپور مان ڊاڪٽر آيو. جنهن سندس تڪليف جو معائنو ڪيو (بيهوشيءَ دوران) ۽ دوائون ۽ انجيڪشنون ڏنيون.

خيرپور سينٽرل جيل ۾ جتي اسان کي ٻيون تڪليفون هيون، اُتي جيل جي مهربان ۽ شفيق سپرنٽيڊنٽ عثمان بلوچ جي مهرباني‌ءَ سان اسان کي ريڊيو ۽ ٽيپ رڪاردر رکڻ جي آزادي مليل هئي؛ ان ڪري اسان پنهنجي

پسند جون ڪيسٽون ۽ بي. بي. سي ٻُڌي سگھندا ھئاسين. خيرپور جي گرميءَ ۾ ڪڏھن ڪڏھن ريڊيو حيدرآباد سنڌ تان عابده پروين جو آواز سانوڻيءَ جي ڪکر وانگر نروار ٿيندو ھو ۽ سنڌ جي ٻھادر شاعر خليفي نبي بخش جا ھي بول تہ، "موٽ وسندڙي مينھن، لالڻ لاءِ نہ ڏينھڙا ـ" وڏ- ڦڙي وانگر وسڻ لڳندا ھئا. اھڙي وقت آءٌ سمجھندو ھوس، خيرپور جي گرمي چانوري ۾ بدلجي وئي آھي، ڪڙا ڪوٽ جھڙي ۽ پُري ويا آھن، ۽ آءٌ وائوڙيءَ جي پٺ تي رڻ جھڙ ميگھ ملھار ۾ ڪن ڳورين ٻانھن جي گھيري ۾، ڪجلين اکين ۾ پنھنجو پاڻ وڃائي چڪو آھيان. ڏينھن ڏني جو اُھو سپنو ان وقت ٽُٽندو ھو، جڏھن عابده جو آواز بند ٿي ويندو ھو ۽ ڦھري ھٽ جو اُڇلايل تانبن جو ڇڇ منھنجي جسم کي اچي لڳندو ھو.

بي. بي. سي ٻُڌڻ لاءِ اسان دستور هيءُ ناھيو ھو تہ واري واري سان ھرھڪ ھمراھ جو ڏمو ھوندو ھو، تہ ھو صبح سويرَ نہ صرف بي. بي. سي ٻُڌي، پر ٽيپ بہ ڪري چڏي، تہ جيئن ٻيا ھمراھ اُٿي ضروري حاجتن مان واندا ٿي ٽيپ ٽيل بي. بي. سي ٻُڌي سگھن.

5 جولاءِ 1977ع جي ان منحوس صبح منھنجي ڊيوٽي ھئي، تہ آءٌ بي. بي. سي ٻُڌي سُتل دوستن لاءِ ٽيپ ڪري رکان. مون بي. بي. سي کان اڳي پاڪستان ريڊيو جون خبرون ٻُڌيون. خبر ۾ سپ ٽيڪ لڳو پيو ھو. وري ڳالھيون ٽيڻ جي خبر ھئي ۽ ڳالھين ۾ ڪاميابيءَ جي اُميد ڏيکاري پئي وئي تہ اوچتو نيوز ريڊر مائي ڪجھ گھڙين لاءِ ماٺ ٿي وئي ۽ پوءِ چوڻ لڳي تہ، "ھاڻي خبر پئي آھي تہ پاڪستان جي ھٿياربند فوجن اقتدار پنھنجي ھٿن ۾ ورتو آھي ۽ اڳوڻي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ٻٽي ۽ قومي اتحاد جي اڳواڻن کي پنھنجيءَ حفاظت ۾ ورتو آھي." مون خبرون ھلندیون چڏي، مسٽر پليجي ۽ رئيس علڻ خان کي جاڳائي چيو تہ، "ٻُڌو ويو." ٻنھي کان ذري گھٽ رڙ نڪري وئي، چو تہ اھا ڳالھ بلڪل غير متوقع ھئي، جو ڪجھ مھينا اڳ ۾ ھٿياربند فوجن جي ڪمانڊرن جو ڳڏيل بيان ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيو ھو تہ اسان موجوده آئيني ۽ چونڊيل جائز حڪومت سان پوريءَ ريت وفادار آھيون. ان واقعي کان پوءِ ڪجھ مھينن اندر اسان آزاد ٿياسين. پر ان ڏينھن خيرپور سينٽرل جيل ۾ قيدين منايون

ورهايون ۽ انهن مٿائي ورهائيندڙن ۾ اسان جو دوست راجا جاويد به هو، جيڪو ان وقت سنگين ڏوهن ۾ ملوث هوندي به 'بي ڪلاس' ۾ هو. ڪيس ڪهڙي خبر ته اڄ جي مٿائي سپاٽي سندس لاءِ ڦاسيءَ جو ڦندو ثابت ٿيندي. ڪجهه سياسي قيدين به مٿائي ورهائڻ جي چاهنا ڏيکاري، پر اسان انهيءَ مسئلي تي سخت مؤقف اختيار ڪيو، ان ڪري سياسي قيدين مٿائي ورهائڻ جو پروگرام رد ڪري ڇڏيو.

خيرپور سينٽرل جيل ۾ وقت گذارڻ لاءِ ڪيئي ترڪيبون ٺاهيوسين، جن ۾ مختلف راندیون، بيت بازيون، ادبي سنگت جون گڏجاڻيون (جن ۾ جيل جو نيڪ دل جيلر آغا نورالله به ڏاڍي شوق سان شريڪ ٿيندو هو.) ڪسوٽي پروگرام، تاريخي، سياسي ۽ ادبي ليڪچر شامل هئا. پر هڪڙي انوکي ترڪيب هيءَ به ڪڍي وئي ته اخبارن ۾ جنهن به قيديءَ جي آزاديءَ جو مطالبو اڇي، سو سموري سنگت کي شربت پياري. انهيءَ ترڪيب ۾ اسان سنڌي قيدي گهاٽي ۾ هٺاسين، چو جو 'آفتاب' اخبار اسان جي آزاديءَ جي مطالبن، بيماريءَ جي خبرن سان نه رڳو روزانو پريل هوندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن 'آفتاب' جو عزت لائق ايڊيٽر سياسي قيدين جي آزاديءَ لاءِ ايڊيٽوريل لکندو هو، ته اُن ۾ اسان مان گهٽن جا نالا ضرور ڏيندو هو. ان لاءِ اسان کي گهٽو ڪري روز شربت پيارٽو پوندو هو. پر اسان شيخ صاحب جا ٽورائتا به ٿيندا هٺاسين ته ڪيس اسان ياد آهيون.

هڪ اردو اخبار 'صداقت' تي پليجي صاحب جي ڏاڍي ڪاوڙ هوندي هئي، جيڪا روزانو پهرئين صفحي تي نفيس صديقيءَ جي پُٺ ڪاشف جي تصوير ڏيندي هئي ۽ هيڻان لکيل هوندو هو، "ابو ڪهان هين؟ پريشان ڪاشف." پليجي جو چوڻ هو ته اها پناهگير پريس، جيڪا هڪڙي چوڪري کي ايڏي پبلسٽي ڏئي رهي آهي، تنهن کي اسين سنڌي سياسي قيدي ياد ئي نه آهيون.

18 سيپٽمبر 1977ع جي شام جو آءٌ آزاد ٿيس. اُها رات پهرين هئي، جنهن ۾ ڪليل فضا ۽ چاندوکي ڏٺم. فجر جو ٻانگي جي ٻانگ تي منهنجي اک کُلي، طبيعت ۾ سُڪون هو، سڌو مسجد جو رُخ ڪيم. حيدرآباد ضلعي جي سحر انگيز نسيم سحريءَ ۾ (جيل مان) آزادي جي انهن ٻن

رکعتن جيڪا لذت ڏني، جيڪو سُرور ۽ سُکون بخشيو، سو زندگيءَ ۾ ڪنهن به عبادت مان نہ مليو آهي.

هيءَ ڊائري اهڙي ماحول جي ابتدائي ڏينهن جون تِکيون مِٺيون يادگيريون آهن. پوءِ ماحول ۾ هلچل ۽ تڪڙين تبديلين جي ڪري وڌيڪ ڊائري لکي نہ سگهيس ۽ ڪن صفحن تي تاريخ هٽڻ وسري وئي اٿم. ڪن شخصيتن جي باري ۾ اڃ پوري معلومات اچي وئي آهي، تہ ڪن جي باري ۾ ڪٿي لهجو سخت ٿي ويو اٿم. اهو سڀ ان ماحول جو اثر آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ هن وقت هي ڊائري ايتري اهم به نہ آهي، پوءِ به ماضيءَ جي زندان خاني جي سوچ جي هڪ جهلڪ ضرور آهي، ان ڪري ڇاپي هيٺ اچي رهي آهي.

آءٌ معذرت ڪريان ٿو، انهن سڀني ڪان، جن جي هنن صفحن ذريعي جيڪڏهن دل آزاري ٿئي ٿي!

عبدالواحد آربسر

9 جنوري 1985ع

لاڪ اپ ۾

اونداهيءَ اڌ رات جو ڦاٽل ڪمبل تي اڪيلو ويٺو آهيان. هاٿي هاٿي پنجابي ڊي. ايس. پي لاڪ اپ جي حوالدار ۽ سنترين کي نيون هدايتون ڏئي روانو ٿي ويو آهي: ساڳيءَ انهيءَ ريت، جيئن برٽش امپائر جي مڪار رندي وڃڻ وقت هن بدنصيب خطي جي باري ۾ ديسي دلالن کي نيون هدايتون ڏئي روانو ٿي وئي هئي.

آءٌ سوچيان ويٺو ڪيترو نہ وقت ٿيو آهي، ڪيترا نہ سج اُپري اُلهيا آهن، ڪيترين نہ سون ورنيون سانجهيون راکاس جهڙين راتين ۾ تبديل ٿيون آهن، جن ۾ هر ويندڙ، ڪنهن ايندڙ کي سنڊ ۽ سنڊين جي ٻانهن سونپي ويندو رهيو آهي. نہ معلوم اهو سلسلو اڃا ڪيترو وقت هلندو ۽ اڃا ڪيترو وقت اسان جي باري ۾ هدايتون جاري ٿيندين رهنديون! ڇا هميشه....؟

آءٌ سوچيان ويٺو... منهنجي سامهون سنڊ جي تاريخ اهڙي جنگي جوڏي جي روپ ۾ بيٺي آهي، جنهن جو جسم زخمن سان گهائل آهي، پر پوءِ بہ هو پڙ پالهو ڪري ڇڪو ناهي ۽ ڊنو ناهي. آءٌ انهن زخمن کي ڳڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ۽ مون کي هڪ انگريز جو هوشوءَ جي باري ۾ چيل جملو ياد اچي ٿو تہ: "ڏسو هن سنڊي سرواڻ کي، جنهن ساهہ تہ ڏنو آهي، پر آڻ ڪانہ مڃي اٿس." ڇا اهو جملو سنڊ جي پوري تاريخ سان لاڳو نہ ٿو ٿئي؟

منهنجي جسم کي مُنگهڻ ۽ مڇر ائين ورائي وڃن ٿا، جيئن سنڊ جي وجود کي ڏاريا وڪوڙي ويا آهن. پر آءٌ پنهنجيءَ سوچ ۾ گُم آهيان. مڇرن ۽ مُنگهڻن جي ڏنگجندي بہ انهن کي جسم تان هٽايان نہ ٿو.

شايد اها اسان جي ساڳي روايت رهي آهي، تہ اسان ظاهر ۾ معمولي ڏنگن تي گهٽ هوشيار ٿيا آهيون. پوءِ جڏهن انهن ڏنگن اسان جي قومي جسم کي چاڪُن سان چُور ڪري چڏيو ۽ غلاميءَ جي سِرڪ اچي اسان جي نڙگهٽ تائين پهتي آهي، تڏهن اسان سجاڳ ٿيا آهيون.

رات ڊگهي ٿيندي وڃي ٿي. آءُ سنڌ جي ماضيءَ تي سوچيان پيو. سگريٽ جو سُرمئي دونهون چلا ناهيندو، منهنجي پوري جثي کي غلاميءَ جي بيماريءَ وانگر ويڑهي وڃي ٿو. منهنجي اکين کان ننڊ ائين رسي وئي آهي، جيئن نئرالاسلام کان ورهاگي وقت ذات رُسي وئي هئي، يا راڻي لاءِ رڙندي، مومل جي من مان چَٽن، پرديسي پکيڙي وانگر اُڏامي ويو هو.

مون کي ياد اچن ٿا سنڌ جي تاريخ جا اُهي ڏينهن، جڏهن سنڌ جي سبزه زارن ۾ زندگي پيرويون ڳائيندي هئي. جڏهن مهراڻ سوڻا گاڻ وانگر رانپاڙ ڪندو، ڪَنڌين تان اُٿلي پوندو هو ۽ ڪيئي ٻيلا ۽ ٻيلاٽيون ٻوڙي مست هاٿيءَ وانگر ڏوڪيندو ويندو هو. پوءِ جڏهن مُند موٽ کائيندي هئي ۽ سندس پاڻي ائين بي ست ٿي پوندو هو، جيئن سنجوڳ کان پوءِ ڪنوار بي ستي ٿي پوندي آهي، ان وقت لوهيڙي جي ڪاڻ جهڙي جسم وارا سنڌي ۽ روهيڙي جي ڳپ جهڙن عضون واريون مومليون، ڪانبن ۾ جوئر يا باجهر جو ٻج ڪٽي چَٽيندیون هيون. شام ويلي پيهن تان ڪانپاٽين جا ٽڪاءُ ۽ هڪلون، زندگيءَ جي جنگاهہ ۾ ڪائي جوت جلائي ويندیون هيون. پوءِ ڪيترين ڪاکن جي ڪنڌين تي ازلي ۽ ابدي داستانن جا سلا سرجڻ لڳندا هئا. عين اهڙي موقعي تي سنڌ جا سرسبز ميدان ڪن آرين لاءِ ڪشش جو باعث بنيا هئا. سنڌ جي عبادتگاهن جي دولت، سامين لاءِ ڪاهہ جو سبب ٻڌبي هئي. سنڌ جي ٻنين جا سون ورنا سنگ، يونانين کي چڪي آڻڻ جو ڪارڻ ٻڌيا هئا. سنڌ جا اناج، هنر ۽ سون، ارغونن، مغلن ۽ آخر ۾ انگريز سامراجين جي حرص ۽ هوس جي باهہ کي ڀڙڪائڻ جو سبب ٿيندا هئا ـ ۽ سرزمين سنڌ جي انهن ٻنهي دؤرن ۾، (جيڪي هڪ ٻئي پٺيان لڳو لڳ هلندا آيا آهن،) سنڌ جي لافاني انسانن، پهرين دؤر ۾ سنڌ ۾ سرجندڙ داستانن جي ذريعي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافتن کي محفوظ ڪيو ۽ ٻئي دؤر ۾ سنڌي سورهين کي پنهنجي ڪيڏارن ذريعي وڙهڻ ۽ وڇڙڻ جو سبق ڏنو.

آءُ سوچن جي ساگر ۾ گُم آهيان. رات ڪچوءَ جي رفتار سان رڙهندي رهي ٿي. پهري تي بيئل سپاهي غير محسوس طريقي سان شيخن مان هٽ وڌائي، سگريٽ جو پاڪيٽ ڪٽي ويٺي ٿو. آءُ ڪوبہ ڏيان ڪونہ ٿو

ڏيان. سپاهي سندي آهي ۽ نئين ديري جو ويڙل آهي. لاڙڪاڻي جو تصور ايندي ئي منهنجي چپن تي مُرڪ اچي وڃي ٿي.

سپاهي، منهنجي چپن تي مُرڪ ڏسي چوي ٿو: "سائين، محبوبا جو تصور آيو آهي چا؟" آءٌ چوان ٿو: "ها، محبوبا جو تصور آيو آهي، پر آهي اهڙي چنالَ، جو جنهن بہ چوري کي جنم ڏئي ٿي، سو يا تہ چور بنجي ٿو يا دلال." هو همدرديءَ وچان چوي ٿو: "سائين! سمهي رهو! هروپرو فڪرن ۽ ڳٽتيءَ ۾ ڳرڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي. طبيعت خراب ٿي ويندوَ."

مون جواب ڏنو تہ: "آءٌ ايڏو ڳهيلو آهيان، جو رهزن ماڻهو منهنجي جاڳندي بہ ٽپڙ ڪٽي ويا آهن ۽ آءٌ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو آهيان. سمهڻ کان پوءِ تہ شايد هن حَسين ڏرتيءَ کي چڪيءَ وانگر اُڪيڙي ڪٽي ويندا. اها پوءِ جي ڳالهہ آهي تہ هن زمين جي چڪيءَ جو پيوند ڪٽي لڳي سگهندو يا نہ!"

هو منهنجي ڳالهہ کي نہ سمجهندي، سُس پُس ۾ چوي ٿو: "آخر جاڳڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

"آءٌ انهن چورن جا پيرا ڪٽي رهيو آهيان ۽ انهن جي لنگهن ۽ لڪن کي بند ڪرڻ لاءِ سوچيان ٿو."

اوچتو ڪُڪڙن دس هنيا. مون ڦري اوپر ڏانهن ڏٺو. وهائو تارو مٿي چڙهي آيو هو ۽ آسمان جي ڪنارن تي آڇاڻ ائين پکڙجي وئي هئي، جيئن غمگين چهري تي مُرڪ جون ريکائون پکڙجي ويندیون آهن- ۽ گڏوگڏ پر واري مسيت مان بانگ جو آواز بُلند ٿيو.

مونکي ننڊپڻ جو وقت ياد اچي وڃي ٿو، جڏهن ڪُڪڙن جي بانگن وقت امان اُٿي جنڊ پيهندي هئي ۽ آءٌ روئيندو هوس تہ امان مون کي گوڏي تي سمهاري لولي بہ ڏيندي هئي ۽ جنڊ بہ پيهندي ويندي هئي. انهيءَ وقت هڪ عجيب احساس ٿيو ۽ مون هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ جِست جو اڌ ڀڳل گلاس کڻي مٽکي مان بدبوءِ دار پاڻي ڪنيو.

کوليءَ جي دري، ڪاکوس جي مٿان ٽهيل آهي. کوليءَ جي اپرندي پاسي مختصر جاءِ تي اڌائي فوٽ چوڪنڊي ننڊڙي ديوار کنيل آهي، جتان ننڊڙي نالي گندگيءَ کي باهر وهائڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي، تہ جيئن پيشاب وغيرہ باهر وهي وڃي. آءٌ اُٿي ان دريءَ مان بيهي اوير طرف ڏسان ٿو. پر

واري گهر جي آڳر ۾ بيٺل نم جي ٻُور جي خوشبوءِ منهنجي دماغ جي شريانن ۾ نشو بنجي ڊوڙڻ لڳي ٿي.

آءٌ قيدخاني ۾ پهرين اُپرندڙ سج جو درشن ڪرڻ لاءِ انتظار ڪريان ٿو. هيءَ رات منهنجي زندگيءَ ۾ انتظار جي ٻي رات ۽ پنهنجي نوعيت جي اعتبار کان پهرين رات هئي، اڳ ۾ هڪ دفعو مون اڪيلو و ٽي، تارا تڪيندي رات ڪاٽي هئي. آءٌ ائين خاموش وينو هوس، جڙ ماڻ جي مَرَ منهنجا گوڏا چٽي وئي هئي. ٻاٽ اونداهيءَ ۾ تارن جي روشني مون کي ڪنهن جي مُرڪ جي بجاءِ غاصبن ۽ ظالمن جي بيشمار اکين جي چمڪ وانگر پئي لڳي، ۽ آءٌ بيابان ۾ اڪيلو پنهنجو ساهه روڪيو وينو هوس.

ٿر ۾ انهيءَ سال برسات جهجهي پئي هئي ۽ گسن تي گاهن جون گلزاريون لڳيون پيون هيون. انهيءَ سان گڏ ٿر جي واريءَ مان بيشمار بلائن جو نڪرڻ به لازمي هو. اهڙيءَ موسم ۾ آءٌ پنهنجي مائٽن جي ڳوٺ ڏانهن رات جو ڏوکيندو پئي ويس. ڳوٺ پندرهن ميل ڪن پنڌ تي هو، ۽ آءٌ ڪافي پنڌ ڪري آيو هوس. هاڻي صرف ادائي ميل ڪن پنڌ رهيل هو ۽ رات جا ٻه ٽيڻ وارا هئا. اوچتو منهنجو پير ڪنهن بلا تي اچي ويو ۽ هن خوفناڪ ڦوڪار ڪئي. مون کان هلڪي رڙ نڪري وئي ۽ اڳتي وڌڻ بجاءِ اُتي پٽ تي ويهي رهيس، ان لاءِ ته سج اپرڻ کان پوءِ يا گهٽ ۾ گهٽ پرهه ڦُٽڻ کان پوءِ باقي پنڌ ڪندس. اها رات منهنجي لاءِ طويل ترين رات بنجي وئي هئي. آءٌ سگريٽ به نه ڇڪي سگهيو هوس، جو ته اهو پؤ هو ته ڪٽي چور چڪار سگريٽ جي روشنيءَ تي اچي ڦُري نه وڃن؛ ٻيو ته ڪنهن جاءِ تي پڙهيو هوم ته جتي نانگ بلا جو انديشو هجي، اُتي تماڪ نه پيئڻ گهرجي، چوته نانگ بلا تماڪ جي بوءِ تي جلد نڪري ايندا آهن. ان ڪري به آءٌ پرهه ڦٽيءَ تائين وينو هوس. اُڄ منهنجي نڙي سُڪائي ڇڏي هئي، ليڪن آءٌ اونداهيءَ ۾ ويٺو رهيس. جڏهن اوير مان وهائو ڦٽو ۽ ڪافي مٽي چڙهي آيو، تنهن کان پوءِ آءٌ پنڌ پيس.

اڃوڪي رات به مون ڪنهن وهائو تاري جي اُپرڻ جي انتظار ۾ ڪاٽي هئي، پرڪنهن بيابان ۾ نه، پر لاڪ اپ جي چوديواريءَ جي ڪوليءَ ۾. اندرا گانڌيءَ هڪ دفعي چيو هو ته، "ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو هجوم ۾

رهندي به پاڻ کي اڪيلو سمجهندو آهي." مسز گانڌيءَ جو مطلب خبر ناهي هت انهيءَ جملي مان چا هو، پر لاڪ اپ ۽ جيل ۾ قيدين جي هجوم ۾ رهندي به هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو، لاوارث ۽ بيوس سمجهندو آهي.

آءٌ لاڪ اپ ۾ بند هوس. حيدرآباد پنهنجي پوري جوبن سان جاڳي رهي هئي، پر وارين کولين ۾ قيدي چرس چڪي رهيا هئا. مون پنهنجي دل ۽ دماغ کي اڪيلائيءَ جي ويرانيءَ جي چپري جو آڪيرو بنڌڻ نه ڏنو ۽ پنهنجي دنيا مور وانگر پنهنجي خيالن، سوچن ۽ يادن جي چمن سان سينگاري چڏي. اڪيلو هوندي به آءٌ محفل ۾ هوس ۽ اها محفل هئي منهنجي يادن جي ڏياٽين جي، منهنجي ساٽين جي سدا بهار ٽهڪن جي پڑاڏن جي ۽ ڪن من موهڻن مهاندن جي تصور جي!

o o o

11 اپريل جي شام جو آءٌ خادم لاکير سان 'سنڌ ٽائيمس' اخبار جي دفتر ۾ ويٺو هوس. مهيني ڏيڍ کان اسين روزانو صبح شام سنڌ ٽائيمس جي دفتر ۾ ويهندا هئاسين. اُتي مسٽر امان الله بلوچ جا لطيفا ۽ قمر جويي جون دعوائون ٻُڌي زندگيءَ تي چڙهيل بوريت، بيزاري ۽ ٿڪاوٽ جي دز لاهيندا هئاسين. اڄ به معمول مطابق ويٺا هئاسين. جيتوڻيڪ امان الله خان 'آفتاب' ۾ هليو ويو هو، پر اسان پوءِ به ويٺا هئاسين. ٿوريءَ دير کان پوءِ منهنجو دوست قربان اچي ويو. هو جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو، تڏهن آءٌ وٽس ٽي رهندو هوس، چوته هو پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو رهندو هو ۽ وٽس بچت ۾ هڪ ڪٽ ۽ بسترو موجود رهندا هئا. ميمڻ هوندي به ماڻهو مکڙ آهي، تنهنڪري اسان جي دوستي ٽي وئي ۽ اڄ تائين هلندي اچي ٽي. هو جڏهن به حيدرآباد ايندو آهي ته قرب جا قدم پري منهنجو اگهڻ ضرور اُجاريندو آهي. 11 اپريل جيئن ته آچر هو، تنهنڪري هو موڪل گذارڻ لاءِ حيدرآباد آيو هو ۽ حسبِ دستور مون سان ملڻ لاءِ آيو هو. اڃا اسان خوش خير عافيت ڪري ويٺا ٽي مس هئاسين ته هڪ پوليس آفيسر ۽ هڪ سپاهي مينهن واڇ ڪندا اندر آيا. اسان انهن کي پري کان ايندي ڏٺو، پر ان ڪري لنوائي ويٺاسين ته عثمان ڏيپلائي تازو گرفتار ٿيو آهي، ممڪن آهي ته هي پوليس انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ آئي هجي. پر

پوليس آفيسر ايندي شرط منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، مون کان نالو پُڇيو. مون کيس "ڪريم بخش" نالو ٻڌايو. يڪدم چوڻ لڳو ته "اُٺ!" مان اٿي روانو ٿيس. مون خادم ڏانهن نهاريو، هو آفيسر جي ٻانهن ۾ چنبڙي پيو ته آخر هن کي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهيو؟ آفيسر چيو، "هي اسان کي گهُربل آهي ـ" ۽ ماٺهن جي هجوم ۾ بيٺل انهيءَ ماڻهوءَ کان تصديق ڪرڻ لڳو، جنهن منهنجي نشاندهي ڪئي هئي. انهيءَ ماڻهو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ هو مون کي وٺي روانا ٿي ويا.

آءٌ ان باري ۾ هڪڙي ماڻهوءَ پناهگير سي. آءٌ. ڊي واري صغير ۾ شڪ ڪري سگهان ٿو، جيڪو مون کي چگيءَ طرح سڃاڻي. هو جمعيت علماءِ اسلام حيدرآباد جي اڳوڻي ناظم حڪيم نواب الدين وٽ گهٽو ويندو آهي ۽ پيش امام ٿي حڪيم کي نماز پڙهائيندو آهي. ٻيو هڪ ماڻهو آهي، جنهن جو نالو ڪٽڻ مناسب نه ٿو سمجهان. جڏهن مون کي ٽاڻي تي آندو ويو، تڏهن صغير اتي موجود هو، ۽ دروازي تي پهچي مون کي سلام ڪري هليو ويو. آءٌ اڃا ويٺو ئي مس هوس ته 'الطاهر' جو نمائندو، مسٽر ظهير احمد، جيڪو منهنجي گرفتاريءَ وقت پر واري هوٽل ۾ ويٺو هو، سو پهچي ويو. مون گهڙي ان جي حوالي ڪري چيو ته، 'خادم کي ڏئي ڇڏج.'

ٿوريءَ دير کان پوءِ خادم، قربان ۽ قمر به پُهچي ويا. مون ڪمري جي چابي سندن حوالي ڪري کين ڪاغذن ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جي مسودن جي باري ۾ ڪجهه هدايتون ڏئي روانو ڪيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ منهنجي هٿن ۾ هٿ ڪڙيون هٽي، ڊي. ايس. پي ستي، چوڌري يوسف ڏانهن وٺي ويا. هن منهنجي هٿن ڏي ڏسي چيو ته هٿ ڪڙيءَ مان هٿ ٻاهر ڪڍ. ظاهر ڳالهه آهي ته آءٌ ان نادرشاهي حُڪم جو مطلب ڪونه سمجهي سگهيس ۽ هٿ ٻاهر ڪڍي ورتم. جنهن تي هن پوليس واري کي ماءُ تي گار ڏئي چيو ته، "تون سسپينڊ آهين. پٽو لاهي اُڇلائي ڇڏ." مون کي اي. ايس. آءِ مسٽر غلام سرور جي حوالي ڪندي چيائين ته، "هن کي لاڪ اپ ۾ بند ڪريو." مسٽر غلام سرور مون کي لاڪ اپ ۾ حوالدار جي حوالي ڪيو. اهڙيءَ طرح هن رات جو آغاز ٿيو، جيڪا رات منهنجي زندگيءَ ۾ تجربي جي ڪري پهرين رات هئي.

ايا تائين نہ مون کي وارنٽ ڏيکاريو ويو ۽ نہ وري گرفتاريءَ جو سبب ٻڌايو ويو، نہ وري مون انهن شين ڏسڻ جي خواهش ئي ظاهر ڪئي، چو تہ مون کي خبر آهي تہ منهنجو سنڌي سڏائڻ ۽ سنڌي هجڻ ئي سڀ کان وڏو جُرم آهي، جهن کي ديسي سامراج ۽ ان جو دلال حڪمران ٽولو ڪنهن بہ صورت ۾ معاف ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سنڌ، جيڪا صدين کان دلوراءِ جي نگري رهي آهي؛ سنڌ جيڪا صدين کان ظلم ۽ جبر جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهي آهي. سنڌ جي عوام جي خواهش جي گلڙن کي عربن کان وٺي هن دؤر تائين هر هڪ قابض ۽ جابر پنهنجي فوجي بوٽن هيٺان پئي لتاريو آهي، ۽ سنڌ، جنهن جي عظيم ۽ مقدس عوام کي ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ سردارن جي مدد سان جانورن جي ڏڻ وانگر گونگو ٻوڙو بنائي، مٿن حڪومت پئي ڪئي وئي آهي ـ اهڙي خطي ۾ سوچيندڙ دماغ جو پيدا ٿيڻ، قومي آزاديءَ جو شعور اُپرڻ ۽ ظالم ۽ جابر جي ذات خلاف نفرت ۽ حقارت جي سلي جو وڏڻ، اهڙيون شيون هيون، جيڪي گذريل ستاويهن سالن ۾ سنڌ جي آڏول انسان سائين جي. ايم. سيد جي طاقتور ۽ حقيقت نگار قلم جي ذريعي آهستي آهستي پيدا ٿين لڳيون هيون.

جڏهن 1972ع ۾ ٻوليءَ وارن فسادن وقت سائينءَ کي پٽي سرڪار گرفتار ڪيو، ان وقت تڏهوڪي گورنر اعلان ڪيو هو تہ اسان سنڌ جي سائينءَ کي گرفتار ڪيو تہ پُنيان ڪُتي بہ ڪانہ پونڪي. آءٌ ان وقت مسجد جو پيش امام هيس، دل ۾ خيال ڪيم تہ گورنر جي انهيءَ اعلان جو جواب ڏيڻ گهرجي ۽ سو بہ عملي طرح. انهيءَ نيت سان مون ڪن دوستن جي سهڪار سان رسالو "پيغام" جاري ڪيو. بيشمار رڪاوٽن، رندڪن، ۽ ڏڪيائين جي بہ آءٌ رسالي کي هلائيندو رهيس. پيغام ۾ شاعريءَ ۽ ڪهاڻين جي بجاءِ گهٽو زور مضمونن تي ڏيندو هوس. 'پيغام' جي مضمونن جي طرز تحرير سادي سودي هئي، پر مضبوط دليلن جي ڪري ٿوري وقت ۾ هن رسالي بيپناهہ مقبوليت حاصل ڪئي. مون کي صحافت جي ٿوري گهڻي مطالعي مان خبر هئي، تہ وقت جي حڪمران ٽولي جي مخالفت ۾ باشعور عوام ڪهڙي شيءِ پسند ڪندو آهي. مون ڪوشش ڪئي تہ جو ڪجهہ عوام پڙهڻ چاهي ٿو، سو ئي ڪيس ملڻ گهرجي. ان

کان سواءِ مون کي هيءُ به خبر هئي، ته سنڌ ۾ قومي تحريڪ سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن مان گهڻائي اهڙي آهي، جيڪا ورن وڪڙن واري دليل بازي ۽ اجائي ديگهه مان هڪدم بيزار ۽ ڪ ٿي پوندي آهي، تنهنڪري اختصار ۽ لفظن جي طاقت تي زور ڏيڻ منهنجي نظر ۾ وڏي اهميت واري شيءِ هئي. هڪڙي شيءِ جنهن کي مون بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪا "پيغام" جي اشاعت تي به اثر انداز ٿي، سا هئي شهرن ۾ آباد سنڌي چوڪرن ۽ چوڪرين جي مطالعي جي ذوق جي. اهي ماڻهو گهٽو ڪري نظرياتي مضمونن جي بجاءِ تفريحي ادب ۽ ڪهاڻيون پسند ڪندا آهن، جي گالهيون پيغام ۾ تمام گهٽ بلڪ نه هڻڻ جي برابر هيون. 'پيغام' جي پوري دؤر ۾ سنڌ جي اڪثر دستاربند اديبن پيغام ۾ لکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان هوندي به سنڌ جي قومي انقلابي شاعر نياز همايونيءَ ۽ منهنجي پياري دوست مرحوم عبدالحق عالماڻيءَ مون سان تعاون ڪيو. عالماڻي مرحوم ته هڪ اڏ ڪهاڻي ڏني، پر نياز صاحب پنهنجي قلم جي تمام سنگيني ۽ رنگيني پيغام لاءِ وقف ڪري ڇڏي. حقيقت ۾ جيڪڏهن نياز جي بي پناهه مدد ۽ پُنهيراڻي مون کي نه ملي ها ته پيغام ايتري قدر مقبوليت حاصل ئي نه ڪري سگهي ها. سنڌ جي وڏن اديبن کان ليک ونڊ لاءِ مون ڊُڪ ڊوڙ به نه ڪئي.

نيپولين بونا پارٽ جڏهن فيدرڪ اعظم جي قبر تي ويو ته ان جي قبر تي سندس تاريخي تلوار رکي هئي. نيپولين اها تلوار کڻي بادي گارڊ جي حوالي ڪئي ته کڻي هل ته پيرس جي ميوزم ۾ رکنداسين. بادي گارڊ چيو ته "جيڪڏهن مون کي اهڙي تلوار ملي ها ته آءٌ هميشه پاڻ وٽ رکان ها." نيپولين جواب ڏنو ته "مون وٽ پنهنجي تلوار آهي." ساڳئي نموني مون به ڪوشش ڪئي ته ٻين جي قلمن تي ٽيڪ بجاءِ پنهنجي قلم تي اعتماد ڪجي. آءٌ سنڌ جي عوام جو ٿورائتو آهيان، جو هنن منهنجيءَ جڏي ڪڏيءَ تحرير کي عزت جي اکين سان ڏنو ۽ محبت پريءَ دل سان قبول ڪيو.

انهيءَ عرصي دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نئين آئين جي مرتب حفيظ پيرزادي کي "ڊاڪٽر آف لا" جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جي مسئلي تان فساد ٿيو ۽ سنڌي شاگردن دنيا جي سامهون هيءَ حقيقت واضح ڪري ڇڏي، ته

سنڌ جو عوام نئين آئين ۾ ڏنل صوبائي خودمختياريءَ مان مطمئن ڪونهي. مون پنهنجي قلم جي پوري طاقت انهيءَ واقعي جي پس منظر ۽ نتيجي تي صرف ڪئي. حفيظ پيرزادي کي چمڙ هٽندڙ نوجوان اسماعيل وساڻ جي تصوير ٽائيٽل تي شايع ڪري، ان جي مٿان نياز همايونيءَ جو هڪ شعر ڏنم، جنهن ۾ 'دوکي جي دستور' جو ذڪر هو. انهيءَ رسالي جو نالو ئي هو "جوڏي جو وچن." اهو 'پيغام' جو پرچو نمبر نائون هو ۽ مون تي موجوده ڪيس جو بنياد انهيءَ پرچي جو مواد آهي. 'پيغام' جو ڪتاب نمبر ڏهون آخري ڪتاب هو، جنهن جي بيڪ پيج تي مسٽر ممتاز پٽي جي اها تصور هئي، جنهن ۾ هو پناهگيرن کان هٿ ٻڌي معافي گهُري رهيو هو. انهيءَ پرچي جي اشاعت کان پوءِ مون کي خبر پئي ته ممتاز صاحب مون تي گرم ٿي ويو آهي، ۽ مون کي اڄ سُپاڻ گرفتار ڪيو ويندو. آءٌ ڏاڙهي لهرائي، مسجد جي پيش امامي چڏي، روپوش ٿي، يونيورسٽيءَ ۽ ايل. ايم. سي ۾ رهڻ لڳس. بعد ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، تنهن جي دُهرائڻ جي ضرورت نٿو سمجهان!

گرفتاريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ آءٌ روزاني "آفتاب" جي دفتر جي پاهران بينو هوس ته مولابخش چانڊيو ۽ غازي صلاح الدين آيا. مولابخش سان منهنجي ڪافي وقت کان دُعا سلام رهي هئي، انهيءَ ڪري مون کي هڪ طرف وٺي چوڻ لڳو ته: 'توکي اسدالله شاهه گهرايو آهي. هو توسان ڪچهري ڪرڻ ٿو چاهي ۽ سندس مرضي آهي ته تون رات جو ساڍس گڏجي، ٽنڊي محمد خان هل'. آءٌ اسدالله شاهه سان ڪڏهن مليو ڪونه هوس، البته هڪ عالم ۽ اديب جي حيثيت ۾ سندس نالو ضرور ٻُڌو هوم.

سنڌ ۾ پيپلز پارٽي برسر اقتدار اچڻ شرط وڏي پيماني تي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ سياسي اڳواڻن جي خريداريءَ جي جيڪا گرم بازاري شروع ڪئي هئي، تنهن ۾ ڪيترائي نام ڪَنيا ۽ نالي چڙهيا اديب، شاعر ۽ دانشور پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي فروخت لاءِ انهيءَ بازار ۾ پهچي ويا هئا. انهن ۾ اُهي به هئا، جي چوڙيلين جي ڏهرن چهرن کي ڏسي روئڻ شروع ڪندا هئا ۽ اُهي به هئا، جيڪي پنهنجو وجود سنڌ جي وجود برابر سمجهندا هئا، ۽ پاڻ کي نڙالسلام کان به مٿانهون ثابت ڪرڻ لاءِ ڏند

ڪٽائون جوڙيندا هئا. نوڪري ڪرڻ کا خراب ڳالهه ڪانهي، البته نوڪري کان پوءِ دلالي ڪرڻ انتهائي ذليل ذهنيت آهي. خير اسدالله شاهه ته اڳيئي سرڪاري ملازم هو، پر مخدوم جي نظر ڪرم سبب جتوئيءَ جو آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي ٿي ويو هو. تنهن کي نه معلوم مون جهڙي مسڪين ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو ڪم ڦاسي پيو هو، سو ڪچهري ڪرڻ ٿي چاهيائين. مون مولابخش کي چيو ته: شاهه صاحب کي چئو ته هن وقت آءٌ واندو ڪونه آهيان. مون سان ٻهراڙيءَ مان آيل ڪجهه دوست آهن، انهيءَ ڪري جيڪڏهن سپاڻي شاهه صاحب جي خواهش هجي ته ملندس.

حقيقت هيءَ هئي ته مون کي ملڻو ئي ڪونه هو. اسان سنڌي ماڻهن جي اکين ۾ حياءَ جو پاڻي هوندو آهي، تنهنڪري آءٌ مولابخش چانڊئي کي ظاهر ظهور جواب ڏئي ڪونه سگهيس. هونئن به آءٌ گهٽو ڪري وڏن ماڻهن سان ملڻ کان لهرائيندو آهيان، چوته هنن جي هر ڳالهه ۾ مصنوعيت ۽ مڪاري هوندي آهي. جيڪا روحاني ۽ ذهني مسرت غريب ڳوٺاڻي سان ملي حاصل ٿيندي آهي، سا وڏن ماڻهن سان ملڻ ڪري ختم ٿي ويندي آهي. جيتوڻيڪ ڪن ماڻهن لاءِ وڏي ۾ وڏو اعزاز اهو هوندو آهي، ته هو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان تعارف ۽ واقفيت پيدا ڪن. اهڙن ماڻهن ۾ ڪي منهنجا دوست ۽ ساڻي به آهن، پر منهنجي طبيعت انهيءَ ذهنيت کان انتهائي بيزار آهي. اهو سبب آهي، جو جڏهن سڻي لاڪ اپ ۾ پوليس انسپيڪٽر مون کان پڇيو ته ڪهڙن وڏن ماڻهن کي تون سُڃاڻين ۽ ڪهڙا ڪهڙا توکي سُڃاڻن. مون جواب ڏنو هو ته: "آءٌ جي. ايم. سيد، ظفر علي شاهه ۽ ٿرپارڪر مان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر علي قطب شاهه کي سڃاڻان، پر مون کي ڪوبه وڏو ماڻهو ڪونه سڃاڻي." منهنجي انهيءَ جواب تي هن کي ڏاڍو تعجب ٿيو هو.

ڳالهه ڪٽان کان ڪٽي پهچي وئي. اصل ۾ بڏائڻ هي پئي گهريم ته وڏي وزير جي آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽيءَ سان مان ڪونه مليس. شايد منهنجي جواب مان هو به سمجهي ويو. نتيجي طور ٻئي ڏينهن هن جو ماڻهو ڪونه آيو ۽ شام جو آءٌ گرفتار ٿيس.

سنڌ ۾ گهٽي وقت کان وڏيراشاهيءَ جو دستور اهو رهيو آهي ته

جيڪڏهن ڪو خوددار ۽ غيرتمند ماڻهو وڏيراشاهيءَ جي نادري دؤر ۾ ڪنڊ نٽو جهُڪائي ته ان کي وقت جي حاڪمن ۽ پوليس آفيسرن جي معرفت سيڪٽ ڏني وڃي ٿي. جاگيرداري دؤر جي انهيءَ چاپلوسيءَ ۽ بيحياييءَ واري روايت، سنڌ جي ڪيترن گهرن کي تباهه ڪيو آهي؛ ڪيترن مسڪينن مارُن جا پٽڪا لهرايا آهن، ڪيترن غيرتمند سنڌين جي عزت ۽ غيرت کي پوليس جي معرفت سنگسار ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن سنڌين جون ننڍيون ڏاڙهيون ۽ شهپر ٽاٽن ۾ پٽرايا ويا آهن ۽ پٽرايا پيا وڃن. اها جاگيرداري روايت انهن اديبن ۽ دانشورن ۾ به موجود آهي، جيڪي ڪنهن نموني سان اقتدار جي ڪرسيءَ کي چُمي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا. انهيءَ روايت ڪنهن اديب آفيسر کي پوليس کي نيون هدايتون ڏيڻ تي مجبور ڪيو هوندو ۽ نتيجي ۾ آءُ سٽي لاڪ اپ ۾ هوس.

مشهور برطانوي فلاسفر برٽرينڊرسل، هڪ ڀيري چيو هو ته، "هڪ سچو اديب هميشه جنگ جي حالت ۾ رهندو آهي." جڏهن ڪنهن اديب جي ذهن، پاڻ کي حالت جنگ کان ٻاهر سمجهيو، يا هن پنهنجي جدوجهد جي پڇاڻيءَ لاءِ ڪا حد مقرر ڪئي، ان ڏينهن نه صرف سندس ذهن ۽ ضمير زنگ آلود ٿي وڃن ٿا، پر سندس فڪر ۽ فن ۾ انسانيت کي آڇڻ جي لاءِ ڪابه شيءِ باقي نٿي رهي. پوءِ هن جي ادب جي نه صرف دائمي ادبي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي، پر وقتي ۽ هنگامي ادب ۾ به ان جي ڪا حيثيت ۽ اهميت باقي نٿي رهي. سنڌ ۾ دستاربند اديبن مان هڪ ٻن کان سواءِ اڪثر اديبن نه صرف دليل بازيءَ جو سهارو ورتي، پاڻ کي تاريخ جي تقاضائن کان الڳ رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، بلڪ پنهنجي مصلحت انديشيءَ، تن آسانيءَ ۽ شعوري لاپرواهيءَ کي حڪمت عمليءَ جو نالو ڏئي، انهن نوجوان اديبن ۽ شاعرن جي مذمت پئي ڪئي هوندي، جيڪي ميدانِ جنگ ۾ هوندا آهن.

ايشيا جي قومي آزاديءَ جي تاريخ، هن ڳالهه کي ڪنهن به صورت ۾ معاف ڪرڻ لاءِ تيار ڪانه ٿيندي ته بنگلاديش جي آزادي. جي تحريڪ وقت شيخ اياز ۽ آخوند رشيد، يحيٰ حڪومت جي ڪنيل قدم کي ساراهيو هو، پر ان جي باوجود اياز کي گرفتار ڪيو ويو. يحيٰ حڪومت، اياز کي

چو گرفتار ڪيو، سا ڳالهه آءٌ اڄ سوڌو سمجهي نه سگهيو آهيان. اڳتي هلي سنڌي ڪتابن تي بندش وقت پڻ وڌن اديبن بندش پيل ڪتابن کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو هو. پٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي اديبن مان گهڻن يڪسر پنهنجي پاڻ کي ان جنگ کان ڌار ڪري ورتو، جيڪا سالن کان سنڌ جي ماڻهن جي چوٽڪاري لاءِ ٿوري کي گهڻي هلندي پئي آئي هئي. ڪيترن سنڌي اديبن "هلال پاڪستان" اخبار ۾ پٽي صاحب جي قصيده نويسي شروع ڪري ڏني ۽ کي حڪومت جي اطلاعات کاتي ۾ اشتهاري ملازم ٿي ويا. آخر ۾ شيخ ايياز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلريءَ جي نوڪري قبولي. انهيءَ پوريءَ سرگذشت سنڌي عوام جو سنڌي اديبن مان ذري گهٽ ويساهه ختم ڪري ڇڏيو. اديبن اتي بس ڪانه ڪئي، بلڪ اڳتي وڌندي، سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي آزارڻ ۽ ايذائڻ ۾ سرڪار سان پربور سهڪار ڪيو ۽ نوجوانن کي گرفتار ڪرائي ڪاٽ ۾ وجهرائڻ جو فرض به سرانجام ڏيڻ لڳا. اهڙيءَ صورت ۾ جنهن به سندن بقراطي نصيحتن تي عمل نٿي ڪيو، سو واهيات ۽ چريو سمجهيو ٿي ويو.

○ ○ ○

بنهي هٿن ۾ هٿ ڪَڙيون. هڪ صوبيدار اڳيان، ۽ ٻه سپاهي سڄي ڪٻي، هڪ جمعدار جي هٿ ۾ هٿڪڙيءَ جو ڇيڙو. صوبيدار پناهگير ۽ سنڌي قومپرستن کي گاريون ڏيندو هليو. آءٌ ان مسافر وانگر جيڪو منزل تي پهچڻ واري رستي جي هر گهٽ ۽ گهيڙ ۽ مشڪلات کان باخبر هجي، اڳتي وڌندو پئي ويس. مون کي محسوس ٿيو جڻ هن شهر جو ذرو ذرو پنهنجي آٿاهه پيار، محبت ۽ اُڪير سان ڪنهن ايندڙ خوشگوار دؤر لاءِ پنهنجي بي پناهه حُسن سان انتظار پيو ڪري.

حيدرآباد ۾ پهريون پيرو غالباً آءٌ 1962ع ۾ آيو هوس، تڏهن پهريون پيرو مون بجلي ڏٺي هئي ۽ سارو ڏينهن بجلي برڻ جو انتظار ڪندو رهيو هوس. ٻيو پيرو 1964ع ۾ دارالعلوم ديوبند جي مهتمم قاري محمد طيب کي ڏسڻ لاءِ آيو هوس. ٽيون پيرو 1968ع ۾ آيو هوس، جڏهن منهنجن خيالن جو پراڻو سانچو ٽُٽي چڪو هو ۽ تقدس ۽ تقويٰ جو خود ساخته غلاف

ماضيءَ جي ڪنڊرن ۾ اُڇلائي ڇڏيو هوم. اڳ جڏهن به پيرا حيدرآباد آيو هوس، تڏهن ان کي اجنبي ۽ ڏاريو شهر سمجهندو هوس، پر 1968ع ۾ جڏهن آءٌ حيدرآباد آيو هوس، تڏهن ان جي ذري ذري کي پنهنجو سمجهڻ لڳو هوس. آءٌ ڪليلي اُڪري رهيو هوس ته، ان وقت لهندڙ سج جون لامون ڪليليءَ جي پاڻيءَ تي پنهنجي ڳاڙهي رنگ جو اولڙو وجهي رهيون هيون. ڪليليءَ جي پاڻي تي انهن جي ڳاڙهاڻ ائين لڳي رهي هئي، جيئن ڪنواري چوڪريءَ جي چهري تي شاديءَ جو ذڪر ٻُڌي، حياءَ جي سُرخي دوڙڻ لڳندي آهي. فضا ۾ وٽن جي ٻُور جي عجيب خوشبوءِ ڦهليل هئي، ۽ پوري ماحول تي انوکو نشو چڙهيل هو: سامهون حيدرآباد جا تاريخي منگهه، پنهنجا پاڪر ڪولي مرحبا چوڻ لاءِ تيار هئا. انهيءَ عجيب ماحول مون تي خود فراموشيءَ جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي. دل چاهيو هو ته وقت جي رفتار بيهي وڃي، جيئن منهنجون ازل کان اُجايل اکڙيون، هن پوري ماحول جي حُسن کي پاڻ ۾ هميشہ لاءِ جذبو ڪري ڇڏين. شايد اهو تاثر، اها ڪيفيت ۽ اهو نشو ئي هو، جنهن هميشہ لاءِ منهنجي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي مون کي حيدرآباد ۾ سُڪ ڪري ڇڏيو. حيدرآباد ئي آهي، جنهن منهنجي صلاحيتن کي نکاريو. اهو شهر ئي آهي، جتي منهنجي شعور پختگيءَ جا ڏاڪا چڙهڻ شروع ڪيا. اهو شهر ئي آهي، جتي آءٌ هن صديءَ جي سنڌ جي عاشق زهر پياڪ، سائين جي. ايم. سيد سان مليس. اهو شهر ئي آهي، جتي آءٌ هڪ وڏي قافلي ۾ ملي هڪ ٿي ويس ۽ انهيءَ رستي تي هلڻ لڳس، جنهن رستي تي سنڌ جي تاريخي پڪار هزارين نوجوانن کي هلائي رهي هئي ۽ هيءُ اهو ئي شهر آهي، جنهن ۾ منهنجي زندگيءَ جي تلخ ۽ شيرين يادُن جون قبرون آهن.

اول ارض مس جلدي ترا بها
سلام علي بخدو من حل بنجد

انهيءَ شهر ۾ اڄ آءٌ انوکي نموني سان وڃي رهيو هوس. منهنجي ذهن ۾ اهو منظر ڦرڻ لڳو، جڏهن 1857ع ۾ بهادر شاهہ ظفر کي هٿ ڪڙيون هٽي، دهليءَ ۾ ڦيرايو پئي ويو. پر منهنجي دل نہ معلوم ڇو ڪروڙ ۾ پرجي وڃي ٿي، انهيءَ مثال ياد اچڻ تي، مونکي ياد اچي ٿو اهو منظر، جڏهن

1843ع ۾ چارلس نيپيئر فاتحانہ انداز ۾ حيدرآباد ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سنڌ جي ميرن کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. ميرن جي ڇوڪنيا ٻَڌل آهن. انگريزن جي هوس زر ميرن جي حويلين جي تلاشي ونڊي ٿي. اهي ميرياڻيون جن ڪڏهن نَر پکيءَ جي شڪل ڪانہ ڏٺي هئي. انگريز سپاهي انهن جي نازڪ آڱرين مان مُندیون، ڪُونج جهڙين ڳچين مان هار ۽ ڪنن مان والا لاهين ٿا. ڪي ميرياڻيون جان بچائڻ لاءِ پيرين پنڊ ڪندیون ٽِڙندیون ٽاپڙندیون ڪٽڙ تائين پهچي جان بچائين ٿيون. اڄ ب سنڌ جي هن شهر ۾ انگريزن جا ڪارا جاءِ نشين سنڌ جي ماڻهن کي ٽاڻن ۾ بند ڪري، هٿن ۾ هٿ ڪَڙيون هڻي سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ جي جتن ۾ رُڌل آهن.

رستي تي رشيد صابر سان نظرون ملن ٿيون. هو اچرج وچان ڏسي ٿو، ڳالهائي نہ ٿو. شايد انهيءَ خوف کان تہ متان پوليس جي نظر ۾ اچي وڃي. آءٌ ڪوب ڏيان ڏيڻ کان سواءِ هلندو رهان ٿو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مين گيٽ اڳيان پوليس جي قافلي سان اڳتي وڌندي، مون کي دوست کان ٻُڌل ڪالهوڪي ڳالهہ ياد ٿي اچي، جڏهن دوست چيو هو تہ هڪ مائي جنهن جو واسطو پيپلز پارٽيءَ سان آهي، تنهن مون کان پڇيو تہ، "عبدالواحد آريسر کي سڃاڻين؟" مون چيو، "ها، منهنجو دوست آهي، پر توهان ڇو پڇي رهيا آهيو؟" جنهن تي محترمہ چيو تہ، "مون ٻُڌو آهي تہ هن جي گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ نڪتل آهن." انهيءَ ڳالهہ جو جواب ب مون هاڪار ۾ ڏنو تہ آکڙ لڳي: "مان هن کي سڃاڻندي آهيان، پر هو مون کي ڪونہ سڃاڻي. هو روزانو ريڊيو تي ڪم ڪرڻ لاءِ ايندو آهي، مان ب اُتي ويندي آهيان. مون کي حيرت آهي تہ هڪڙي ماڻهوءَ تي وارنٽ ب نڪتل آهي، حڪومت جو مخالف ب پاڻ کي چوائي ٿو، پوءِ سرڪاري اداري ۾ فرضي نالن سان ڪم ڪري ٿو ۽ گرفتار ب نٿو ٿئي، ڪٿي ماڻهن جي اکين ۾ ڏوڙ تہ نہ وجهي رهيو آهي؟"

دوست جي ڳالهہ ٻُڌي مون ڪوب تبصرو ڪونہ ڪيو هو، پر ريڊيو وٽان مَٽيندي مون ضرور سوچيو تہ جيڪڏهن محترمہ هن وقت ڏسي ها تہ سندس دل ئري پوي ها ۽ شُڪر ڪندي چوي ها تہ هڪ قائد عوام جو ب دشمن ب ڪاڪ ۾ ويو. شايد انهيءَ سادي سودي سنڌياڻيءَ کي خبر پوي

تہ اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ وارا قائد عوام جا پوئلڳ ٿي سگهن ٿا، پر جن انسانن شهيدانِ وطن جي رت ڦُڙن ۽ سنڌ جي صدين کان ستايل سانگين جي ڳوڙهن سان پنهنجي ذهن ۽ ضمير لاءِ فڪري سرمايو مهيا ڪيو هجي، تن جي اکين ۾ نہ ڪو ڏوڙ وجهي سگهي ٿو ۽ نہ وري اهي پنهنجي معصوم عوام سان دغا ڪري سگهن ٿا.

ايءَ نہ مارُن ريت، جو سيڻ متائين سون تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،.
پَکن جي پريت، ماڙين سين نہ مَٽيان.

(شاهہ)

اُهي ئي انسان هٿا، جيڪي پاڻ مري سنڌ کي زندگيءَ جو پيغام ڏئي ويا، جيڪي پنهنجو جگر چاڪ ڪري سنڌ جي چمن ۾ رنگ پري ويا. جيڪي پاڻ اهڙن، سنڌين جو آشيانو آباد ڪري ويا، جيڪي پاڻ اونداهين راتين ۾ رڙهندي به ڪنهن روشن صبح جا اُهاڻ ڇڏي ويا. انهن جي موت ۾ به زندگي جو سبق هو. انهن جي رت ۾ ميندي جو رنگ هو. انهن جي رڙ ۾ آزاديءَ جو اعلان هو. اهڙا ئي ماڻهو هٿا، جن جي قربانين جي پُلين تان اُڪري قومون منزل ۽ ماڳ تي رسنديون آهن. انهن ماڻهن جي قافلي جي قطار تمام دگهي آهي ۽ مهراڻ جي ڪنڌيءَ تي پنهنجي ديس جي دراوڙن جي ڪوس کان شروع ٿي آهي، نہ معلوم اڄا ڪيترو اڳتي هلندي. مون ڪڏهن به پاڻ کي ان قطار جي لائق نہ سمجهيو آهي. پر منهنجي پيشاني، انهن جي پيرن جي پٽيءَ کي تلڪ طور قبوليو آهي. منهنجي دل انهن جي عظمتن جي محرابن ۾ نہ معلوم ڪيترا سجدا ڪيا آهن. منهنجي ڪمزور دل، انهن جي ڇڏيل پيڇرن تي هلندي، شير جي طاقت محسوس ڪئي آهي. انهن جي تصور ايندي، منهنجي دل ۽ دماغ ۾ نئينءَ سنڌ جي شاندار مستقبل جا ڪيترائي ڏيئڙا ٽمڻ ٽمڻ ڪرڻ لڳا آهن. جڏهن به منهنجي زبان تي انهن جو ذڪر آيو آهي، تڏهن منهنجا لفظ ما ڀيءَ ۽ مصريءَ هاڻا ٿي ويا آهن، مون پنهنجي قلم کي انهن جي ٻُڌايل فضائن ۾ شهباز وانگر اڏائي، ڪيئي اڻ لکيون تحريرون تخليق ڪيون آهن. آءٌ سڀ ڪجهہ ٿي سگهان ٿو، پر پنهنجي عوام سان بي ايماني نہ ڪندس. جڏهن به پاڻ ۾ ڪمزوري

محسوس ڪيم، وڏي واڪي سندَ جي عوام کي ٻُڌائي ڇڏيندس.

حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو،
سو مون سپ ڇمار، اورڙ اُهو ئي ٿيو!
(شاهه)

ريڊيو جي عمارت پُنتي ڇڏي نه معلوم ڪهڙي وقت ڪورٽ پهتاسين، مون کي ان وقت خبر پئي، جڏهن جج کي پناهگير صوبيدار چيو ته، 'ريمانڊ ڪپي، ڪافي خفيه ايجنسيون ملزم جي گهُر ڪري رهيون آهن.' جج مون کان پُڇيو، "تون ڪمال الدين آريسر کي سڃاڻين؟" مون جواب ڏنو ته، "اهو توهان ڪمال الدين کان پڇجو. مون دين جا ڪمال ۽ زوال سپ ڏسي ۽ سڃاڻي ڇڏيا آهن."

جج صوبيدار کي چيو ته، "فرسٽ رپورٽ ڪٽي آهي؟" صوُبيدار چيو، "سائين! فرسٽ رپورٽ لاءِ پورو رسالو آهي، آءٌ ڪٽي ڪونه سگهيس."

خير جج ريمانڊ ڏئي ڇڏيو، الائجي گهڻن ڏينهن جو تنهن جي مون کي 23 تاريخ کان اڳ ۾ خبر ڪانه پئجي سگهي. وري ساڳي رستي تان هلندي لاڪ اپ ۾ بند ڪيو ويس.

شام جي وقت خادم لاکير ۽ اسلم لغاري آيا، جن کي کوليءَ کان گهٽو پري حوالدار واپس وڃڻ لاءِ زور پري رهيو هو. خادم منٿون ڪري رهيو هيو. هنن مون کي ڪونه ڏنو، پر مون هنن جي ڪيفيت پئي ڏٺي. نيٺ هو پئي واپس روانا ٿيا. مون کي پهريون پيرو احساس ٿيو ته اسان ڪيڏو ويجهو هوندي به ڪيترا پري آهيون ۽ شايد 1970ع کان پوءِ پهريون پيرو منهنجي اکين جا پلڪ پسي پيا هئا. دروازي کان موٽندي، اسلم پوئتي ڏنو. مون هڪ مخصوص قسم جو اشارو ڪيو، اسلم خادم کي منهنجي اشاري ڏانهن متوجهه ڪرايو. هنن مون کي ڏسي ورتو ۽ منهنجي اشاري جو مطلب به سمجهي ويا.

آءٌ مطمئن ٿي، کوليءَ ۾ ويهي رهيس. شام جو ستين وڳي به سپاهي کوليءَ مان باهر ڪڍي، بنهي هٿن ۾ هٿڪڙيون هڻي، ڊي. ايس. پي سٽي جي آفيس ۾ وٺي ويا. جتي هڪ گنجي مٿي سان انٽيلجنس جو پناهگير آفيسر، ڊي. ايس. پي ۽ سٽي ٿاڻي جو ايس. ايچ. او مسٽر شريف سومرو

وينا هئا. اتي مون کان مختلف سوال جواب شروع ٿيا، جيئي سنڌ جي مختلف ليڊرن جا نالا ونيِ، انهن جي سچائڻ بابت، پنهنجي سوانح عمريءَ جي باري ۾ ۽ 1973ع کان پوءِ رهائش جي جاءِ جي متعلق پڇاڳاڇا ڪندا رهيا. آءٌ هر ڳالهه صحيح ۽ جيڪا مون کي معلوم هئي، تيئن ٻڌائيندو ويس. البت جاءِ رهائش جي باري ۾ مون ايترو ٻڌايو ته آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مولابخش لغاري ۽ ايل. ايم. سي ۾ خادم لاکير وٽ رهندو هوس، اُن وقت اها ڳالهه مون جيتوڻيڪ بي ضرر سمجهي ٻڌائي هئي، پر جڏهن اڳتي هلي مون ان تي سوچيو، تڏهن معلوم ٿيو ته اها منهنجي سخت غلطي هئي. مون کي اهو هرگز نه ٻڌائڻ گهرجي ها، ته آءٌ مولابخش ۽ خادم وٽ رهندو هوس، چو جو ان چوڻ سان انهن ٻنهي سائين کي نقصان پهچڻ جو انديشو ويڙهي ويو. سوالن جوابن دوران ڊي ايس. بيءَ، سائين جي. ايم. سيد کي گهٽ وڌ ڳالهيون چيون ۽ سندس مذهبي نظرين تي بحث ڪرڻ لڳو ۽ گڏوگڏ اسلامي نظام جي قائم ڪرڻ جي تمنا ۽ خواهش جو اظهار ڪيائين. هيءَ عجيب ڳالهه آهي ته ڪلهوڪي صوبيدار جي ذهنيت ۽ هن ڊي. ايس. پي جي ذهنيت ۾ حيرت انگيز يڪسانيت هئي. مون کي اها يڪسانيت ڏسي، اهي ڪامريڊ ياد آيا، جيڪي رات ڏينهن واعظ ڪندا آهن ته پناهگير ۽ پنجابيءَ کي هڪ ٻئي کان ذهني ۽ نظرياتي طرح ڌار ڪري سگهجي ٿو. آءٌ جڏهن هن 'نوڊي بچه' جي يخ يخ مان بيزار ٿيس، ته چڙ مان چيم ته، "چگو ٻڌاءِ ته اسلام ۾ چور جي ڪهڙي سزا آهي؟" هن هڪدم جواب ڏنو ته، "هٿ وڍي ڇڏڻ."

مون چيو چور جي اها سزا هڪڙي ڪافر وليد ايجاد ڪئي هئي، جنهن کي قرآن "حرامي ٻار" سڏيو آهي. مصر جي مشهور عالم عباس عقاد پنهنجي ڪتاب "خالد بن وليد" ۾ لکيو آهي، ته هو وڏو مالدار هو، سندس چوريون تمام گهٽيون ٿيندڙيون هيون. هن اهو قانون قبائلي طرح منظور ڪرايو ته چور جو هٿ وڍيو وڃي. جيئن ته قرآن جي نزول وقت اها سزا جاري هئي، ان ڪري قرآن ان سزا کي باقي رکيو. ان کان سواءِ ڪيتري چوريءَ تي هٿ وڍيو ويندو، چا شافعي ڏر وارن کي حنفي مذهب جي سزا ڏني ويندي يا شافعي مذهب جي. ۽ اڳتي هلي توهان جي ڪتابن ۾ هڪ

ڪليو قانون آهي تہ، شاهد پيش ڪرڻ مدعيءَ جو ڪم آهي ۽ مدعا عليہ صرف قسم کڻندو. اهو جملو هڪ عرب ڪافر خطيب جي تقرير جو ٽُڪرو آهي، ان لاءِ اوهان ڪتاب "عربي ادب جي تاريخ" ڏسي سگهو ٿا، جنهن کي اوهان اسلامي "قانون تعذير" چئو ٿا، سو ڪهڙي زماني ۾ غير مسلمن ۾ مروج نہ رهيو آهي؟"

ان کان سواءِ مشهوري مصري مفڪر طٰہٰ حسين جو چوڻ آهي تہ هي قانون صرف عربي مزاج مطابق آهي، جنهن جي ترتيب ۾ رومن لاز مان ڪجهہ مدد ورتي وئي آهي. توهان جي پرائيويٽ زندگيءَ تي اسلام جو پرتوو ڪيتري قدر آهي، تنهن باري ۾ مان ڪجهہ چوڻ نٿو چاهيان. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ وڏي اهميت واري آهي تہ ڪنهن نظرئي جي مبلغ لاءِ پهرين اهو ضرور ڏسڻ گهرجي، تہ انهيءَ نظرئي، مبلغ جي انفرادي زندگيءَ تي ڪهڙو اثر وڌو آهي. هڪ اهڙو ماڻهو، جنهن جي زندگي ماڻهن جي نظر ۾ ظلم ۽ لُٽمار جي علامت هجي، اهو ماڻهو جيڪڏهن معاشري جي اصلاح جي تبليغ ڪري تہ پوءِ معاف ڪجو. ادبي زبان ۾ ان کي ائين چئبو، جيئن ڪا طوائف عصمت جي خوبيءَ تي ڪليل بازار ۾ تقرير ڪندي رهي ۽ ان سان گڏ نوخيز جوانيون ڦاسائي، ڪاسائين جي حوالي ہ ڪندي رهي. پرسان ويٹل انسپيڪٽر چيو تہ، "سائين، اسلام جي نظام تي عمل ڪرڻ سان ملڪ زنده نہ رهي سگهندو."

ڊي. ايس. پي لاجواب ٿي چوڻ لڳو، "مون اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ، گهٽي پڙهڻ سان ماڻهو گمراهہ ٿيو وڃي، جيئن مسٽر آربسر."

مون کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن پوليس جي پڇا ڳاڇا سان واسطو ڪونہ پيو هو، البت 'پيغام' نئون نئون جاري ٿيو هو. اُن وقت هڪ سي. آءِ. ڊي جو پنجابي انسپيڪٽر مون کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ آيو هو. هن سان جيڪا گفتگو ٿي هئي، سا اڄ ہ ياد اٿم.

سوال: جي. ايم. سيد سان ڪهڙو واسطو آهي توهان جو؟

جواب: جيڪو هڪ سچي مسلمان جي اهلبيت سان ٿي سگهي ٿو.

سوال: عمرڪوٽ جي هندن سان ڪهڙا لاڳاپا آهن؟

جواب: نہ ناناڻا، نہ ڏاڏاڻا. البت ڪڏهن ڏڪار ۾ والد واڻين کان وياج تي قرض ڪڍندو آهي ۽ مينگهواڙ کان جوتا ۽ سانڍارين ٺهرائيندا آهيون.

سوال: ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جو ڪارڻ؟

جواب: اسلامي تبليغ ۽ اصلاح معاشره.

سوال: ڪتابي سلسلي لاءِ پئسو ڪٺان ٿو اچي؟

جواب: ڪتابي سلسلو ڪا اسٽيل مل ڪانهي، جنهن لاءِ ٻاهرئين مدد جي ضرورت پوي. ۽ چار سؤ روپيا خرچ ايندو آهي، جيڪو چندي مان پورو ڪندا آهيون.

پر هن پيري معاملو ڪجهه ٻيو هو. ان کان سواءِ هت هر وقت شدت سان اهو احساس ڏياريو پئي ويو ته آءٌ قيدي آهيان. اهي ڳالهيون جيڪي بي ضرر هيون ۽ ڪنهن به تحريڪ ۾ ظاهر ظهور ٿيندڙ آهن، تن جي باري ۾ مون رازداري رکڻ جي ڪا به ضرورت نه سمجهي، مثال طور: تنهنجو جيئي سنڌ سان واسطو ڪڏهن کان آهي؟ جيئي سنڌ جي فلاڻن فلاڻن ليڊرن کي سڃاڻين؟ تو گهڻيون تقريرون ڪيون آهن ۽ ڪٽي ڪٽي؟ جي. ايم. سيد سان مليو آهين؟ پهريون پيرو ڪڏهن مليو هُئين ۽ ڪٽي؟ پيغام ڪتابي سلسلي جاري ڪرڻ مان تنهنجو مقصد ڇا هو ۽ ان لاءِ پئسو ڪٺان آيو؟ وغيره وغيره.

انهيءَ ٻچا ڳاڇا جو سلسلو گهڻو ڪري روزانو هلندو هو، جنهن ۾ مختلف ايجنسين جا آفيسر اچي ويهندا هئا. هڪ عجيب قسم جو سوال باربر ڪراس ڪرڻ جو به هو، جنهن جي تمهيد ڪجهه هن ريت هئي ته:

سوال: پروفيسر عمر ميمڻ کي سڃاڻين؟

جواب: نالو ٻڌو اٿم، ڏٺو ڪڏهن ڪونه اٿم.

سوال: ڪوڙ ٿو ڳالهائين. ڇا 1971ع ۾ هو هڪ مهينو توسان گڏ نه رهيو آهي؟

مون سوال کي نظر انداز ڪندي پڇيو، "ڪهڙي سلسلي ۾؟"

آفيسر: اهو پوءِ ٻُڌائيندا سون، پهرين تون ٻڌاءِ ته گڏ رهيو آهين يا نه؟

آءٌ: سو ته ٻڌايو اٿم ته مون هن جي شڪل به ڪانه ڏٺي آهي، وڌيڪ ڇا ٻڌايان!

آفيسر: ڇا، اوهان ٻنهي باربر گڏجي ڪراس نه ڪيو هو ۽ پوءِ هندستان هليا ويا؟

آءٌ: اهو انتهائي ڪريل ۽ واهيات قسم جو ڪوڙ آهي! سرڪاري مشينري، جنهن کي ٻيو ڪجهه اچي يا نه، پر هن جو ذهن، پارٽ دشمنيءَ سان ضرور ڏوتو ويندو آهي، ۽ ڪين هر حقيقت پسند ماڻهو پارٽ جو ايجنٽ نظر ايندو آهي. اها تمام پراڻي روايت آهي. مون 1962ع کان پوءِ کوکرا پار ئي ڪونہ ڏنو آهي. ان کان سواءِ مون جهڙو ڪمزور ماڻهو پاڪستان جي هيڏي وڏي باربر، سيڪيورٽي فورس جي موجودگيءَ ۾ ڪراس ڪرڻ جو تصور ئي ڪري نٿو سگهي، آءٌ ڪاغذ ۽ قلم جي دنيا جو ماڻهو، ڪٿي ٿو اهڙن خطرناڪ ڪمن جو سوچي سگهان؟

سوال: جيئي سنڌ محاذ جون ميٽنگون ٿيندیون آهن؟

جواب: جيسين تائين مون کي معلوم آهي، 1972ع کان پوءِ ڪابہ ميٽنگ ڪانہ ٿي آهي.

سوال: اوهان جو پروگرام؟

جواب: سنڌ جا سڀ وسيلا، سياسي، معاشي، اقتصادي، ڪلچرل ـ سنڌ جي عوام جي حوالي ڪرڻ، جيڪي هن وقت ڌارين جي قبضي ۾ آهن.

سوال: پناهگيرن جو چا ٿيندو؟

جواب: اهو اسان جي سوچڻ جو مسئلو ڪونهي، پر پناهگيرن جي سوچڻ جو مسئلو آهي.

سوال: سنڌ مان ڪيڏي ڇڏيندؤ؟

جواب: توهان جيڪڏهن هنن جا عيوضي آهيو تہ پوءِ جيڪي وڃيو سو لکو.

سوال: اردو زبان جي باري ۾ تنهنجي راءِ؟

جواب: سنڌ لاءِ ائين غير ملڪي آهي، جيئن برصغير لاءِ انگريزي.

سوال: مذهب ۽ سياست؟

جواب: ٻہ الڳ شيون، جن کي جڏهن بہ ملائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ هڪ اهڙو وڻ تيار ٿيو، جنهن جو ڦل انساني لاشن ۽ خون جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي.

انهن سوالن جوابن جو سلسلو 25 اپريل 1976ع جي شام تائين هلندو رهيو. وچ ۾ مون کي پوري تاريخ ياد ناهي، پر حسب معمول هڪ ڏينهن شام جو ستين وڳي سپاهي ونڊ آيا. آءٌ ڊي. ايس. پيءَ جي آفيس ۾

پهتس. ڊي. ايس. پي هٿڪڙيون کولڻ جو حڪم ڏنو ۽ مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو چيو. آءٌ وينس ئي مس ته پٽيوالي کي سڏي، جانهه ۽ هڪ پاڪيٽ سگريٽن جو آردر ڏنائين. سندس ٽيبل تي ڪن اخبار جون ڪٽنگيون رکيون هيون. جانهه نهرائي مون کي ڏنائين. مون جانهه پيتي ۽ سگريٽ دکايم. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڊي. آءِ. بي جو انسپيڪٽر آيو، جنهن کي ڊي. ايس. پي چيو ته، "توهان، جو ڪجهه پڇڻ چاهيو، سو هتي منهنجي آفيس ۾ پڇي سگهو ٿا."

اهو انسپيڪٽر ڪافي وقت کان وٺي مون کي سڃاڻي. جڏهن آءٌ روپوش هيس، تڏهن شاديءَ جي هڪ دعوت ۾ شراب جي نشي ۾ مست ٿي، چيو هٿائين ته ڪيس اهڙو نهرايو اٿم، جو جيڪڏهن هٿ ٿو اچي ته چوڏهن سال سزا ڏياري ڇڏيندس. منهنجو هڪ سڄڻ عمر شورو به اتي موجود هو، جنهن مون کي اها ڳالهه، انهيءَ ڏينهن اچي ٻڌائي هئي. اهڙو ئي هڪ واقعو پيو به پيش آيو. جڏهن آءٌ روپوش هوس، ان وقت سپاف جو چيئرمين روشن پنهور هو، جيڪو ممتاز صاحب جي مُڃ جو وار ٻٽيل هو، ۽ سندس باري ۾ مشهور هو ته ڪيترائي سادا وارنٽ سندس ڪيسي ۾ رهندا هئا، سو ان صاحب به هڪ محفل ۾ چيو هو ته عبدالواحد، صاحب جي بيعزتي ڪئي آهي، جيڪڏهن هٿ ٿو اچي، ته ساٽس به اشوڪ ڪمار (1) واري حالت ڪنداسون.

جنهن دوست جي گهر ۾ آءٌ ترسيل هوس، تنهن سان ئي هن صاحب اها ڳالهه ڪئي هئي ۽ ان دوست اڳ شرط مون سان اها ڳالهه ڪئي ۽ منهنجي باهر نڪرڻ تي سخت بندش وجهي ڇڏيائين. اهو دوست هن وقت سپاف ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي آهي، اسان جون راهون جدا هيون ۽ اڄ وڏيڪ وسيع ٿي چڪيون آهن، پر آءٌ سندس همدرديءَ ۽ احسان جو بدلو چڪائي ڪونه سگهندس. منهنجيءَ دل ۾ اڄ به سندس لاءِ عزت ۽ محبت آهي.

ڳالهه انسپيڪٽر ڊي. آءِ. بيءَ واري جي نڪتي هئي ۽ ڪٿي پهچي وئي. خير اهو ساڳيو انسپيڪٽر اڄ منهنجي سامهون ويٺو هو ۽ پين پنو

(1) اشوڪ ڪمار کي گرفتار ڪري بي دردي سان ماريو ويو هو، جنهن جو اڄ تائين ڪوبه پتو ڪونه پيو. چيو وڃي ٿو ته ڪيس گهوڙا ٻاريءَ طرف ماري سمنڊ ۾ لٿر ڪيو ويو هو.

سندس هٿ ۾ هٿا. آءٌ سندس جاهلانه ۽ احمقانه سوالن جو ٺارگيٽ هوس. اڃا ٻه چار سوال ئي هليا هٿا تہ ڊي. ايس. پيءَ جي ٽيبل تي رکيل ٽيليفون جي گهنٽي وڄي. هن فون کڻي صرف "ها اچو" چئي، فون رکي ڇڏيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻہ ٽلها متارا آفيسر آفيس ۾ داخل ٿيا. هڪڙي مون کي سلام ڪندي چيو، "آريسر صاحب! خوش آهيو؟" آءٌ جواب ۾ صرف مرڪيس. ٻئي آفيسر ڊائريءَ مان ڪاغذ جون ٻہ چار سلپون ڪڍي، ڊي. ايس. پيءَ کي ڏنيون. ڊي. ايس. پي انهن کي پڙهڻ ۾ لڳي ويو ۽ جنهن آفيسر مون کي سلام ڪيو هو، تنهن چيو تہ، "آريسر صاحب! مان هاڻي يونيورسٽيءَ مان پيو اچان. شاگردن توهان لاءِ وڏي پٺماني تي پريس ڪانفرنس ڪئي آهي." مون سمجهيو تہ خادم کي ڏنل منهنجو اشارو ڪم ڪري ويو آهي. خير ڊي ايس. پي وڌيڪ سوال جواب بند ڪرائي ڇڏيا ۽ مون کي واپس لاڪ اپ تي موڪلي ڏنائين. اڳ ۾ ٻه ٻه تي پيرا ائين ٽي چڪو هو. پهريون پيرو جڏهن مون کي پچا ڳاڇا لاءِ وٺي ويا تہ ڏاڍا گرم هٿا، ويندي ايتري قدر جو ڏمڪيون ڏيڻ لڳا. ڊي. ايس. پيءَ ريوالور ڪڍي آفيس جو دروازو بند ڪرائي هوائي فائر ٻہ ڪيا. فائر ڪرڻ کان پوءِ مون ڏانهن ڏنائين تہ آءٌ مرڪي رهيو هوس. هن کي ڏاڍو تعجب ٿيو، جيڪڏهن هن کي خبر هجي ها تہ هڪ غاصب طبقي جي فرد کي ڏسي، هڪ انقلابيءَ جي چپن تي آيري ايندڙ مُرڪ ۾ ڪيترو زهر پريل هوندو آهي، ۽ اها مرڪ انقلابيءَ کان دنيا جي ڪابہ طاقت ڦري نٿي سگهي، تہ پوءِ ڪيس تعجب ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سبب پيدا نہ ٿئي ها. پر حڪمران جي طاقت ئي اهڙي هوندي آهي، جو سڀ ڪجهہ ڏسندي ٻہ محب وطن انقلابيءَ جي جذبن کي ڏسي نہ سگهندي آهي. عين انهيءَ تي ڊي. ايس. پي جي ٽيبل تي رکيل فون جي گهنٽي وڄي. سلام دعا کان پوءِ چيائين، "ها آريسر وينو آهي. ها هتي منهنجي آفيس ۾. بلڪل سائين! اسان انتهائي عزت سان پيش اچي رهيا آهيون. نہ نہ، توهان کي ڪنهن ٻڌايو. مون کي خبر آهي." اهو چئي مون کي لاڪ اپ ڏانهن ڏياري موڪلياٿين.

هڪ ڏينهن صبح واري وقت تي گهرايائين. آءٌ اڃا ويٺس ئي مس تہ 'آفتاب' اخبار جو اسٽاف رپورٽر مسٽر نثار چنو اچي ويو. هن کي ڪو ڪم

هو، پر ڪمر ٽي وڃڻ کان پوءِ به مسٽر چنو ويٺو رهيو، ايستائين جيسين مون کي بنا پڇا ڳاڇا جي واپس لاڪ اپ تي وڃي نه ويا. پوءِ مسٽر چنو به اُٿيو. آءٌ سمجهان ٿو ته مسٽر چني، ڊي. ايس. پي ڪان ريمانڊ جي مُدت بابت پڇيو هوندو. ڊي. ايس. پيءَ مسٽر چني کي غلط ٻڌايو، چو ته ٻئي ڏينهن 'آفتاب' ۾ خبر هئي ته آريسر کي ستن ڏينهن جي رمانڊ تي سڌي لاڪ اپ ۾ رکيو ويو آهي، حالانڪ مون کي چوڏهن ڏينهن جي ريمانڊ تي رکيو ويو هو، جنهن لاءِ مون کي سورهن ڏينهن رهڻو پيو.

ننڍي کنڊ ۾ انگريز سامراج جون پاڙون پَٽڻ لاءِ ڪيتريون ئي هٿياربند ۽ غير هٿياربند تحريڪون شروع ٿيون، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پنهنجا اثر ۽ اُهڃاڻ ڇڏي ويون. انگريزن سان پهريون پرپور ٽڪر بنگال ۾ مرشد آباد جي علي وردي‌ءَ جي خاندان جي آخري جوان همٽ شهزادي، سراج الدوله ڪاڏو، پر مير جعفر جي غداريءَ سبب سراج الدوله شهيد ٿي ويو. سراج الدوله جي شهادت ۽ ان تي تنهن وقت جي هندو شاعرن جي مرثيه نويسي تي اڙدوءَ جي مشهور اديبه قرت العين حيدر اثرائتي نموني روشني وڌي آهي. سراج الدوله جي شهادت وقت عمر پنجويهه ورهيه هئي ۽ اهو واقعو پلاسيءَ جي جنگ وقت 1757ع ۾ ٿيو هو. سراج الدوله جي شهادت کان وٺي شيخ مجيب الرحمان جي شهادت تائين بنگال ۾ ڪڏهن به آزاديءَ ۽ حريت جون تحريڪون ڏڏيون نه ٿيون آهن. حقيقت ۾ بنگال جي سرزمين ناريل سان گڏ گوليون به اُپائيندي آهي. اڳتي هلي انگريزن جي پير اُکيڙڻ لاءِ شهيد تيتو مير، حاجي شريعت الله ۽ بين انيڪ ڪميونسٽ نوجوانن جون قربانيون، ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ جي جهنڊي کي اوچو ڪرڻ لاءِ بنيادي پيڙهه ثابت ٿيون آهن. مون کي هڪ عرب دارالحڪومت جي ريڊيو جو اهو تبصرو اڃا نٿو وسري، جيڪو هن شهيداعظم شهيد مجيب الرحمان جي گرفتاريءَ تي ڪيو هو ته:

"لم تزل دولت الرساس و النار علیٰ بنغال من کلائیو الایحیٰ."

مونکي لفظ پوريءَ ريت ياد ناهن، پر آءٌ سمجهان ٿو ته قريب قريب انهيءَ قسم جا لفظ هوندا، جن جو مطلب آهي ته، "بنگال تي ڪلائيو کان يحيٰ تائين گولي ۽ باهه جي حڪومت ڪڏهن جهڪي نه ٿي آهي."

انگريزن 1799ع ۾ ميسور تي قبضو ڪيو. 1843ع ۾ هڪ خونخوار جنگ جي ذريعي سنڌ مان ميرن جي حڪومت جو هروچن جي لئين تي برندڙ ڏيئو بہ وسامجي ويو. مير شير محمد ڪجهہ وقت مزاحمت جاري رکي، پر آخر ۾ هر طرف کا مايوس ٿي، انگريزن جو وظيفي خوار بنجي ويهي رهيو.

سنڌ کان پوءِ انگريزن 1849ع ۾ پنهنجي حليف پنجابي سک حڪمران جي بہ حڪومت ختمُ ڪري چڏي. سراج الدولہ، ٽيپو سلطان، ۽ مير شير محمد جون انگريزن سان جيڪي جنگيون ٿيون آهن، تن کي اسان وطن جي بچاءَ سان گڏ تخت جي بچاءَ جون جنگيون چئي سگهون ٿا. پر انهيءَ دؤر ۾ روپلي ڪولهيءَ ۽ هوش محمد شهيد کي اسان حُب الوطنيءَ جي عظيم مقصد جا مجاهد ۽ شهيد سڏيون تہ حق بہ جانب آهيون.

حقيقت ۾ آزاديءَ جي باقاعدي جدوجهد ۽ جنگ 1857ع جي جنگ آهي، جنهن ۾ نندي کنڊ جي سڀني ملڪن ٿورو ڪي گهٽو حصو ورتو هو. سنڌ مان دريا خان جکراڻي، دل مراد کوسي ۽ عنايت شاهہ انهيءَ جنگ ۾ سنڌ جو مان مٿي ڪيو. انهيءَ جنگ کي جيڪڏهن نج مارڪسٽ نقطہ نظر سان ڏٺو ويندو تہ يقيناً اها ڪجهہ جاگيردارن جي جنگ نظر ايندي، پر چا اسان اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ لاءِ بہ ساڳيا پيمانا ڪتب آڻيندا سون، جيڪي اڄ استعمال ڪري رهيا آهيون. ظاهر ڳالهہ آهي تہ يورپ ۾ سورهين صديءَ کان نہ صرف سياسي انقلاب جو دؤر شروع ٿي چڪو هو، بلڪ پنڌتي پيل يورپ سورهين صديءَ کان ئي صنعتي دؤر ۾ داخل ٿيڻ شروع ڪيو هو، جيڪو اوٽيهہ صديءَ تائين مڪمل طور صنعت ۾ داخل ٿي چڪو هو. ان جي ابتڙ نندي کنڊ ۾ نہ صرف پراڻو جاگيرداري نظام اوٽيهہ صديءَ ۾ بہ پنهنجي بدترين صورت ۾ موجود هو، پر سياسي ۽ ذهني طرح بہ نج شهنشاهيت پسنديءَ جا تصورات عوام جي ذهنن ۾ راسخ هئا. بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن قرآن يهودين جي هڪ خواهش نقل ڪئي آهي، تہ هنن پنهنجي پيغمبر کي چيو تہ، "رب کان دُعا گهر تہ اهو اسان جي لاءِ ڪو بادشاهہ پيدا ڪري، جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ اسان پنهنجي ملڪ کي حاصل ڪري لاءِ وڙهون." ساڳي حالت نندي کنڊ جي مسلمانن جي

هئي. ان ڪري انهيءَ وقت جي چالو تصورات جي روشنيءَ ۾ 1857ع جي جنگ کي ”آزاديءَ جي جنگ‘ چئي سگهون ٿا.

اها جنگ پنجابين ۽ ڪٽ يو. پي جي نوابن جي غداريءَ سبب ناڪام ٿي وئي، پر عوام جي ذهنن ۾ غيرملڪي سامراج جي خلاف زبردست باهه پڙڪي اُٿي. 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس، هڪ انگريز مسٽر هيوم جي معرفت وجود ۾ آئي. اها ئي جماعت هئي، جنهن اڳتي هلي، مهاتما گانڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ننڍي کنڊ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾، عوام جي دلين جي آواز جي صورت اختيار ڪئي. مهاتما گانڌيءَ جي بيشمار ڪارنامن مان هڪ هي به آهي ته هن جيل جو خوف ڪارڪنن جي ذهنن تان مٽائي ڇڏيو. هن تشدد، جارحانه رويي ۽ اجائي ٽاڻءِ ڦون کان ڪارڪنن کي پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن جو چوڻ هو ته جيل کي هميشه جيل سمجهي ڪاٿجي. جنهن حڪومت کي توهان ختم ڪرڻ چاهيو ٿا، ان کان ڪنهن رعايت جي توقع رکڻ جي معنيٰ اها ٿيندي ته توهان کي انهيءَ حڪومت جي وجود جي مڪمل برائيءَ جو يقين ناهي. سندس چوڻ هو ته، ”انفرادي احتجاج ڪائي حيثيت نه ٿا رکن، جيڪڏهن اجتماعي طرح توهان جي پارٽي ۽ قيادت جو فيصلو قانوني پيڪڙيءَ جو آهي ته پوءِ ان تي جيل اندر توڙي باهر پوريءَ ريت عمل ڪريو. البته انفرادي احتجاج ۽ قانوني پيڪڙيءَ جو حق صرف انهن ماڻهن کي آهي، جيڪي ذهني ۽ روحاني ضابطي جي اعليٰ درجي تي پهتل آهن، پر جيڪڏهن پارٽيءَ طرفان قانوني پيڪڙيءَ جو اهڙو فيصلو ناهي، ته پوءِ قانون تي عمل ڪريو.“

مون لاڪ اپ ۾ ان نصيحت تي پورو عمل ڪيو. ڊيوٽيءَ تي موجود سپاهين کان وٺي حوالدار تائين هرهڪ منهنجي سپاءَ مان خوش هو، تنهنڪري بنا منهنجي درخواست ڪرڻ جي به هاڻي منهنجي دوستن کي مون سان ملڻ لاءِ چڏيندا هئا. جڏهن دوستن کي نه چڏيندا هئا، ته ان وقت جيڪي به دوست ملڻ لاءِ ايندا هئا، سي گهٽو ڪري سگريٽ حوالدار کي ڏئي ويندا هئا، ته جيئن اهو مون کي پهچائي ڏي. انهن سگريٽن ملڻ کان سواءِ مون کي باهر جي ڪابه خبر نه پوندي هئي. پر ٽرپارڪر جي دوستن جي ذهانت ۽ هوشياريءَ جو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان، جن باهر

جي خبر اندر مون تائين پهچائڻ لاءِ عجيب طريقا اختيار ڪيا هئا. هو جنيون ۽ اخبارن جون ڪٽنگون سگريٽن جي پاڪيٽن ۾ وڇي ويلس يا ڪيپسٽن جي مٿان لڳل پني ڪنهن طريقي سان وري مضبوطيءَ سان چنبڑائي چڏيندا هئا. حوالدار جي خيال موجب پاڪيٽ سيل هوندو ۽ منجهس سگريٽن کان سواءِ ڪابه شيءَ هئڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ڪڏهن ڪو هندو دوست ملڻ ايندو هو ۽ پنهنجو نالو نه ٻڌائڻ چاهيندو هو ته اهو ماچيس جي تيلين واري پڙيءَ جي هيٺان پنهنجو نالو يا احوال لکي سگريٽ ۽ ماچيس موڪلي ڏيندو هو. آءٌ انهن پيغامن جو ايترو ته هيراڪ بنجي ويو هوس، جو هر ٻاهران ملندڙ پاڪيٽ کي آڏو اُبتو ڪري ڪولينڊو هوس. پر ظاهر ڳالهه آهي ته اهو ڪم صرف ٿري ئي ڪري سگهن ٿا، نه ڪي هرڪو. ٿر، جنهن لطيف جي شاعريءَ کي نه صرف نوان موضوع ڏنا، پرڪيترا لفظ ۽ ڪيتريون تشبيهون ۽ ڪيتريون خيال جي پرواز جون بلنديون پڻ ڏنيون. اُهي لفظ، اهي تشبيهون، اهي خيالن جون بلنديون، ٿر ۾ ائين پکڙيون پيون آهن، جيئن وُني کان پوءِ ڏٺ جا سلا. پر انهن کي ميڙي سهيڙي، چلي چانگي، 'مارئي'، 'ڏول مارو'، 'راڻي ۽ سارنگ' جو روپ ڏيڻ، لطيف جو ئي ڪمال هو! جنهن پٽن جي بي جان واريءَ کي زندگيءَ سان پرپور ناچ ڪرڻ جي قابل بنايو. اهو جهڙي تهڙي لغتي شاعر جو ڪم ناهي. اڄ به ٿر ۽ ٿرين کي ڪنهن لطيف جي ضرورت آهي، جيڪو انهن جي ذهانت مان مفيد ڪم وٺي سگهي.

o o o

رات جو سُتو پيو هوس ته ڪنهن سڏ ڪيو. سڏ ٻُڌڻ جي باوجود آءٌ ڪونه اُٺيس. سڏ ڪندڙ کي ڪوليءَ جي دروازي تي حوالدار وڏيڪ ٻيهڻ ڪونه ڏنو. آءٌ سمجهي ڪونه سگهيس ته سڏ ڪندڙ ڪير هو. صبح جو خبر پئي ته سڏ ڪندڙ راجا هو. راجا رحيم يار کهاوڙ، جنهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سالياني ڪنوينشن ۾ اسان جي بهترين ۽ پياري ساٿيءَ اختر ڪاڪيپوتي کي گولي هنئي هئي. ان کان پوءِ جيڪو ڪجهه وهيو واپريو، سو ظاهر آهي. اسان ٻئي هن وقت جيل ۾ هئاسون، هو منهنجي دوست جو ذري گهٽ قاتل هو. چا مون کي هن سان ڳالهائڻ

گهرجي. هروپرو ائين ٻه نه هو، جو آءُ اڪيلو رهي ڪنهن جي ڳالهائڻ لاءِ واجهائي رهيو هوس. ڪنهن سان ڳالهائڻ کان بهتر آهي ته خاموش رهجي. وڏين محفلن ۾ ٻه آءُ جتي ڳالهائڻ ضروري نه هوندو آهي، اتي خاموش رهندو آهيان. هن ٻه ٽي سڏ ڪيا. مون کي هڪڙي جاءِ تي پڙهيل هڪ جملو ياد آيو ته، "آءُ پنهنجي پيءُ جي قاتل کي معاف ڪري سگهان ٿو، پر وطن جي غدار کي نه." اهو جملو ٻه ڏهڪي نه پئي آيو، پر منهنجي ذهن ۾ سنڌيءَ جو پهاڪو هُرڻ لڳو ته، "طوفان ۾ ماڻهو ۽ مرون هڪ ٽي ويندا آهن." مون راجا سان ڳالهايو، چو ته اسان ٻئي ڇٽا هڪ طوفان جي گهيري ۾ هئاسون.

نهروءَ لکيو آهي ته، "نيني تال جيل ۾ مون کي سپ ڪان وڌي جيڪا تڪليف درپيش هئي، سا هيءَ ته آءُ ڪنهن ٻه عورت جي ڳالهءَ جي موسيقي ۽ ٻار جي روئڻ جي جلترنگ جو آواز ٻُڌي ڪونه سگهندو هوس."

سڄي لاڪ اپ حيدرآباد ۾ مون کي جڏهن ڇوڏهن ڏينهن جي رماند تي اڪيلو بند ڪيو ويو، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ مون کي اهڙي ڪابه تڪليف درپيش ڪانه آئي، چو ته لاڪ اپ جي ڪوليءَ جي اوپر واري دريءَ مان نه صرف سج جا ڪرڻا ڪنهن ايندڙ صبح جو پيغام ڪٽي ايندا هئا، پر انهيءَ ڪاڪيءَ دريءَ مان آءُ پر واري گهر ۾ ٻارڻ جو روئڻ، عورتن جو ڳالهائڻ ۽ ڪڏهن دل جي گهرائين مان نڪتل ڪا جهاڻ جهورينڊڙ جهونگار ٻه ٻُڌي وندو هوس. سج جا ڪرڻا جيڪي اونداهي ۽ ظلمت جي شڪست جو آواز ۽ پڙاڏو آهن؛ ٻار جو روئڻ، جيڪو ڪائنات جي تسلسل ۽ انسانيت جي شاندار مستقبل جي علامت آهي؛ ۽ عورت جي ڳالهائڻ جي خوشبودار موسيقي، جيڪا ڪائنات جي خوبصورتيءَ ۽ نت نئين تخليق جو اهجاڻ آهي. وقت جا حاڪم مون کان اهي شيون ڦري نه سگهيا.

o o o

چا ائين ٻه ٿيندو آهي ته ڪو شاعر، ڪو فلاسفر ۽ ڪو مفڪر، ڪي فلسفياڻيون ۽ سياسي اڳڪٿيون ڪري ۽ اڳتي هلي، انهن اڳڪٿين جو مصداق سندس ئي ذات بنجي. چڱائين لاءِ مون پڙهيو آهي ته ڪن ڏاهن ۽ دانشورن کي ڪُن ٻُڌايا، سي سندن ئي ذات ۾ موجود هئا. پر برائين ۽

اوگڻن لاءِ مون اهو ڪتي به نه پڙهيو آهي، پر آءُ سمجهان ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن فلسفيائين اڳڪٿين ۽ نڪته سنجين جو مرڪز ۽ مصداق، فلسفي جي پنهنجي ئي ذات وڃي بنجي ٿي، جو ته گهڻو وقت اڳ سنڌ جي فلسفي شاعر شيخ ايار لکيو هو ته:

"تاريخ وٽ هيءَ ڳالهه وڏي ناهي ته اڄ جو محب وطن سياڻي غدار ٿئي." گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ پڙهڻ ۽ ڏسڻ کان پوءِ مون کي شاعراڻي نڪته سنجين تي به ايمان آڻڻو ٿو پوي. مان سوچيان ٿو، شايد ايار جون، پٽائيءَ کي جاڳائڻ، جهول جهلڻ ۽ پوءِ ان جي اوٽ ۾ وڙهڻ واريون ڳالهيون سڀ سچ پچ صحيح ثابت ٿين ۽ پوءِ... اڳ ۾ به ٻڌو اٿم ته شاعري پيغمبريءَ جو حصو آهي ۽ پيغمبرن کي پنهنجي آئڊه حالتن جي خبر پوڻ ئي گهرجي.

o o o

ايار پنهنجي ڊائريءَ ۾ هڪ اسپيني شاعر لورڪا ۽ ٻن روسي شاعرن ارمنتوف ۽ ماياڪووسڪيءَ جون اڳڪٿيون نقل ڪندي لکيو آهي ته، "شاعر زندگي جي رفتار جو جذباتي سونهون هوندو آهي ۽ پنهنجي مبهم انداز ۾ تاريخ جا اهم موڙ سياستدان کان اڳ ڏسي سگهندو آهي." پنهنجي نظريي جي ثبوت ۾ لورڪا ۽ ارمنتوف جي پنهنجي موت جي باري ۾ اڳڪٿيون ۽ ماياڪووسڪيءَ جي روسي انقلاب جي باري ۾ پيشنگوئي نقل ڪئي اٿس. آءُ سمجهان ٿو ته هر شاعر ته نه، پر ڪي ڪي شاعر واقعي سياستدان کان وڌيڪ دوربين ٿين ٿا. پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي، لطيف جون به سٽون آهن:

"معلم ماگهه نه اڳئين، فرنگي منجهه ڦريا،
ملاح تنهن جي مڪڙيءَ، اڇي چور چڙهيا."

انهن بن سٽن ۾ اهو ڪجهه آهي، جنهن کي ڏسي لطيف جو روح رڙي اٿيو. هن ننڍي ڪنڊ ۾ انگريزن، فرينچن ۽ ڊچن جي چرپر کي ڏسي، ننڍي ڪنڊ جي اڳتي هلي بيهندڙ سياست ۽ تاريخي ڦيرين گهيرين کي حقيقي روپ ۾ ڏسي، اڳ ۾ ئي سنڌ تي ست سمنڊ پار کان ايندڙ چورن جي چڙهڻ جو اونو ظاهر ڪري ڇڏيو. پر ملاح کي مڪڙي کان وڌيڪ وڪر جو فڪر هو. ڇا، لطيف جي انهيءَ دوربينيءَ جو مثال، ان وقت جي پيشه ور

سياستدانن ۽ حڪمرانن ۾ ملي سگهيو ٿي؟ باقي هر شاعر، نہ لطيف آهي، نہ لورڪا، نہ ارمنتوف آهي ۽ نہ وري مايا ڪووسڪي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت، ان جي اڳتي هلي ٻيهندڙ حالت جي باري ۾ ڪنهن شاعر نہ، پر هڪ سياستدان اڳڪٿي ڪئي هئي.

پاڪستان جي قومن جي نڙين ۾ گهُٽيل قوم پرستيءَ جي نعرن کي انهيءَ سياستدان سڀ کان اڳ ٻُڌو ۽ انهن نعرن جي حسين ۽ دلڪش موسيقيءَ مان پيدا ٿيندڙ ستن رنگن واري سانجهيءَ ۾ هن پنهنجي دوربين اکين سان ڏسي ورتي هئي. انهيءَ سياستدان جو نالو 'ابوالڪلام آزاد' هو.

جڏهن هن لکيو ته، ماڻهن مجذوب جي بڪواس سمجهي. جڏهن سيڪڇهہ ائين ٿيو، جيئن هن چيو هو، تڏهن ماڻهن سندس ڪتاب وري پڙهڻ چاهيو ۽ حڪومت سندس ڪتاب ضبط ڪري چڏيو. پر ڇا، ڪتاب کي ضبط ڪرڻ سان اهي حالتون ۽ تقدير جا موڙ ٽري سگهن ٿا، جيڪي حالتن جو منطقي نتيجو هوندا آهن. جذباتي سونهون پاڻ ۾ غير واضح ۽ سندس اهڃاڻ ۾ غير واضح. شايد انهيءَ ڪري دنيا پنهنجا اڳواڻ شاعر نہ، پر سياستدان ئي چونديا آهن. موجوده دؤر ۾ هن دنيا کي پيغمبريءَ جي حصيدارن جي نہ، پر لوهي لڳن واري انسانن جي ضرورت آهي.

o o o

لاڪ اپ جي ڪوليءَ ۾ ويٺي ذهن جي پردي تي ڪائي تصوير بار بار اُپريو ٿي اچي. ڪجهہ سال اڳ غير ارادي طور ڪا تصوير دل جي ديول ۾ ٽنگجي وئي آهي. زندگيءَ جي واٽ منهنجي لاءِ هميشہ زهر پريل رهي آهي. اهڙيءَ واٽ تي هلندي، انسان کي پنهنجي وجود کان سواءِ ڪابہ ڳالهہ ياد نہ رهڻ گهرجي. پر ڪافي ڪوشش جي باوجود انهيءَ تصوير کان پنهنجي من مندر کي آءٌ خالي نہ ڪرائي سگهيو آهيان. هاڻ ته ائين سمجهڻ لڳو آهيان ته انهيءَ تصوير جي ياد جي صليب هميشہ منهنجي ڪُلهن تي رهندي. هڪڙي ڳالهہ ضرور آهي ته اها ياد، ايڏا منهنجي لاءِ زهر جي ڏُڪ بجاءِ ڏرتتيءَ ۾ چانوري مثل پئي رهي آهي.

اڄ به اوچتو ڏنڊ مان ظاهر ٿيندڙ ٽڪريءَ وانگر اها من موهڻي تصوير، ذهن جي پردي تي ظاهر ٿي آئي آهي- ۽ آءٌ وقتي طرح ان جي وحشي

هرڪيءَ جهڙين اکڙين ۾ ماڪ ڦڙن جي ڳولا ۾ مصروف ٿي وڃان ٿو. ها... اُهي ماڪ ڦڙا، جيڪي مون صرف هڪ پيرو ڪنهن جي اکين ۾ ڏٺا هئا، جنهن جي خبر نه مون کي هئي، نه وري انهن نگاهن کي.

o o o

قمر راڄپر آيو هو. هٿن ۾ هٿ ڪڙيون ڪونه هئس، چوته ڪيس بي ڪلاس مليل آهي. آءٌ ڪوليءَ ۾ اڪيلو هوس. قمر کي رات سڄي لاڪ اپ ۾ ترسائي، صبح جو پوليس تاريخ تي وٺي وڃڻ واري هئي. مسئلو قمر جي سمهڻ جو هو. مون کيس چيو ته هتي هن ڪوليءَ ۾ اڄ رات گُذار ته ڪچهري ڪريون: جيتوڻيڪ مون سان گڏ ٻيو قيدي رهائڻ جي اجازت ڪانهي، پوءِ به حوالدار راضي ٿي ويو. پر قمر چيو ته آءٌ بي ڪلاس جو قيدي آهيان. مون کي ڪٽ بسترو ٻاهر ڪليل ميدان ۾ ڪيپي. معاملو وڏي ويو. ڊي. ايس. پيءَ کي فون ڪري کيس صورتحال کان واقف ڪيو ويو. هن حڪم ڏنو ته هن کي نه ڪٽ بسترو ڏيو ۽ نه وري آريسر سان گڏ ترسايو. ڪمبل ڪڍي ڏيوس ۽ ڪنهن کوليءَ ۾ بند ڪريوس. مجبوراً قمر کي اهڙي کوليءَ ۾ بند ٽيٽو پيو، جيڪا انتهائي گندي هئي. مون کي چوڻ لڳو ته، جيڪو 'اڌ چڏي، سڄي ڏانهن ڏوڙي تنهن کان اڌ به وڃي.' مون عرض ڪيو ته: "مهاتما گانڌيءَ جو چوڻ آهي ته 'جيل کي جيل سمجهي پوڳيو.'"

o o o

هڪ ڏينهن ڊي. ايس. پيءَ جي آفيس ۾ گهڙيس ته ٻن نوجوان آفيسرن تي نظر پئي. مون کي وٺي ايندڙ همراهه آهستي ڪن ۾ چيو انٽيليجنس وارا آهن. ٻئي خوبصورت نوجوان هئا. هڪڙي جي عمر انداز مطابق پنجويهه ورهيه کن هئي، ۽ ٻيو ويهارو ورهين جو مس ٿي نظر آيو. وڏي کي مُڇون رکيل هيون ۽ ننڍي جي ڏاڙهيْ مُڇ چَٽ. منهنجي اندر داخل ٿيڻ تي ڊي. ايس. پيءَ مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جوچيو. آءٌ ڪرسيءَ تي ويٺس ئي مس ته ڊي. ايس. پيءَ منهنجو تعارف ڪرايو ته، "هيءَ آهي عبدالواحد آريسر."

هنن پهرين منهنجي قد ڪاٺ کي ڏنو ۽ پوءِ پنهنجين ٻانهن جي ڏونرن کي وٺي سڄي ڏسڻ لڳا. بلڪ انهيءَ ريت جيئن ڪاسائي ٻڪريءَ کي

ڏسي پوءِ ڪات کي ڏسندو آهي، ته آيا هن ڪات ۾ ٻڪريءَ کُهڻ جي طاقت آهي يا نه. نيٺ وڏي، مُڇون وٽيندي چيو ته، "مسٽر آريسر! آپ تو هماري توقع کي خلاف بهت هي ڪمزور هين." مون وراڻيو، "ها.... مُنهنجو جسم بنگالين وانگر ڪمزور نظر ايندو آهي."

"تو ڪيا آپ کا دل طاقتور هي؟"

"مون کي خبر ڪانهي. البت آءٌ جان بچائڻ لاءِ بوٽ ڇڏي پگو ڪڍهن ڪونه آهيان."

شايد هو منهنجي طنز کي سمجهي ويو، تنهنڪري هن وڌيڪ ڪوبه سوال ڪونه ڪيو. البت ننڍڙو ڳيرو يڪ ٽڪ مون ڏانهن گهورڻ لڳو. مون انهن بي مروت ۽ قوم فروش اڪين کان نفرت ڪري مُنهن ڦيرڻ جو ارادو ڪيو. پر پوءِ جلدي پاڻ سنپاليم ته متان هي 'لونڊو' انهيءَ غلط فهميءَ ۾ پئجي وڃي ته سندس سرمگين نگاهن جو تاب آءٌ نه ٿو سهي سگهان، انهيءَ ڪري مُنهن ڦيرپو اٿم. سو ڇا ڪيم، جو هن ڏانهن چتائي ڏسي ٿورو مُرڪي اک پڇم. هن لڄي ٿي ڪٽي هيٺ نهارڻ شروع ڪيو ۽ وري مون ڏانهن ڪونه ڏنائين. اها حرڪت مون انهيءَ ڪري ڪئي، جو تڪي جو چورو مسلسل گهوري مون کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. انهيءَ سڄي تماشي ۾ ڊي. ايس. پي غير جانبدار ٿيو ويٺو هو.

o o o

هڪ رات خادم لاکير سان گڏ شمس صديقي مون سان ملڻ لاءِ آيو. مون سان ڳالهائيندي، هن چيو ته، "آريسر! تنهنجي ساڳي مُرڪ اڃا تائين باقي آهي."

مون حيران ٿيندي پڇيو ته، "آخر منهنجي کڙي شيءِ هو ڪٿ ۾ ڪامياب ٿيا آهن؟ تي سگهي ٿو ته ڪنهن دؤر ۾ هو مون کان آخري شيءِ ڦري وڃن ۾ ڪامياب ٿي وڃن، پرمنهنجي مُرڪ مون کان ڦُري نه ٿا سگهن، اها مُرڪ مون کي ورثي ۾ ملي آهي؛ انهيءَ انسان کان جنهن جي آخري وقت ۾ سندس سخت چهري تي زندگيءَ سان پرپور مُرڪ هئي. مون کي خبر ناهي ته آءٌ هميشه مُرڪندو رهندو آهيان، پر ايترو احساس ضرور اٿم ته مون کي ڪي ماڻهو آهن، جن کي ڏسندي يا جن جو تصور ايندي

ضرور مرڪندو آهيان. پوءِ ڪڏهن اها مرڪ محبت جي زبان بنجي ويندي آهي ۽ ڪڏهن نفرت جون ڇيڻون. ڇا اها ڪڏهن شيطاني مُرڪ جي صورت ۾ اختيار ڪري ونندي آهي؟ جماعت اسلاميءَ وارن جو چوڻ آهي ته عبدالواحد آريسر جي چهري تي هميشه شيطاني مرڪ رهندي آهي."

o o o

لاڪ اپ ۾ مون کي هڪ ڏينهن هڪ حيرت ناڪ خبر ملي. ڪافي وقت کان اسان ڪجهه دوست روپوش هئاسون. حڪومت اسان جي گرفتاريءَ لاءِ انعام رکيو هو. انعام صرف ايٽريءَ حد تائين هو ته جيڪو به آفيسر اسان مان ڪنهن هڪ کي گرفتار ڪندو، تنهن جو عهدو وڌايو ويندو. انهن ساڻين مان هڪ اڳ ۾ گرفتار ٿي چڪو هو ۽ ان کي گرفتار ڪندڙ جو عهدو انعام طور وڌايو ويو هو. جڏهن آءٌ گرفتار ٿيس ته مون کي گرفتار ڪندڙ آفيسر کي انعام ڪونه مليو. نتيجي طور پوليس وارن هڪ پمفليٽ ڪڍيو، جنهن جو عنوان هو، "سنڌي پوليس سان ٻه اکيائي." انهيءَ پمفليٽ ۾ هنن ڏيکاريو هو ته جيئن ته فلاڻي ورڪر کي گرفتار ڪندڙ آفيسر پناهگير هو، تنهن ڪري کيس انعام ڏنو ويو ۽ عبدالواحد آريسر کي گرفتار ڪندڙ جيئن ته سنڌي آفيسر هو، تنهنڪري کيس انعام کان محروم ڪيو ويو آهي. حالانڪ انعام بنهي جي گرفتاريءَ تي رکيل هو.

مون کي جڏهن اها خبر ڪنهن مخصوص ذريعي سان ملي ته ان وقت خوشي ٻه ٽي ۽ ڏڪ پئي. خوشي انهيءَ ڳالهه جي ته سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجي حق تلفيءَ جو احساس ته پيدا ٿيو، پوءِ ڪٽي اهو احساس اسان جي برباديءَ ۾ حصو وٺڻ جي ڪري ئي پيدا ٿيو آهي.

اسان جي ڪوشش رهي آهي ته پاڻ ايترو سَهون، جنهن مان سنڌ جي عوام کي ڪجهه ملي. اسان جو ته مقصد ئي پاڻ ماري ٻين کي جيارڻ رهيو آهي. پنهنجو گهر ويران ڪري ٻين جي چمن جي تعمير ڪرڻ؛ پاڻ روئي ٻين جي چهرن تي مرڪ آڻڻ، پاڻ اونداهين جا مسافر بڻجي ٻين لاءِ روشنيءَ جا ڪِرڻا پيدا ڪرڻ، اهو ته سدائين اسان پئي چاهيو آهي. جيڪڏهن اسان جو خون سنڌي قوم جي چمن ۾ ميندیءَ جي رنگ جي خوشبوءِ پري ته اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي اسان لاءِ!

ڏک اهو ٿيم ته اهي ملڪ، جتي هڪ طرف بکين ۽ اُگهاڙن جون قطارون هجن، ٻئي طرف ڪجهه نقال ۽ عيش پسند خوشحال، جتي هڪ طرف غلامن جا انبوهه هجن ۽ ٻئي پاسي آقائن جا 'جي حضوري' ڪجهه وطن فروش هجن، جتي هڪ طرف بک، بيروزگاري، زندگيءَ جي سهوليتن کان محرومن جون ٻيوسيءَ ۽ لاچاريءَ واريون چيخون پوري ملڪ ۾ گونجنديون هجن ۽ ٻئي طرف لاپرواهيءَ ۽ خودغرضيءَ سان پرپور مصنوعي ٺهڪ هجن؛ ۽ جتي آزاديءَ ۽ انصاف، خوشحالي ۽ خوشي، عزت ۽ زندگيءَ لاءِ لڙندي، تڙپندي، مرندي ۽ جهُرندي ڪيترائي نسل ڏاڍن ۽ ظالمن جي ظلم جي ڏاڳهه تي قربان ٿي ويا هجن. اتي هڪ مخصوص ٽولي ۾ خاص ذهنيت جنم ونندي آهي، جنهن جو ڪم هوندو آهي آقا کي وڌ ۾ وڌ خوش ڪري پنهنجي بيغيرتيءَ ۾ واڌ ڪري ڪوڙي ۽ ڪوم فروشيءَ واري عزت حاصل ڪرڻ. انهيءَ قوم جو پوليس وارو آقا جي اشاري تي پيءُ کي هٿڪڙيون هڻندو آهي. ان قوم جو ڪهاڙيڪار وزيرن جي اشارن تي وطن جي غلاميءَ کي مضبوط بنائڻ واريون ڪهاڙيون لکندو آهي، جن ۾ مايوسي ۽ نااميدي هوندي آهي. ان قوم جو جج، اقتدار جي اشاري کي الهام سمجهي، ماڻ جي سينڊ ڪوڙڻ جي فتويٰ ڏيندو آهي. اهڙي ذهنيت، ڏارئين اقتدار کي مضبوط بنائڻ ۽ ان ساڻ چهٽي رهڻ ۾ ئي پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي عزت ۽ پلائي سمجهندي آهي، غير ملڪي آقائن جي ڏنل سرٽيفڪيٽن کي پنهنجي اوطاقن ۾ سينگاري رکندي آهي. اهڙي حالت اڄ هتي به موجود آهي ۽ وڌي رهي آهي.

o o o

ڇا ڪندڙ آفيسر جو ٺهڪ پوري ڪمري ۾ ائين پڙاڏو ڪري ويو، جيئن ڪَري سان پريل ڏبو فرش تي ڪرڻ سان آواز ڪندو آهي. آءٌ هن جي ٺهڪ جو مطلب نه سمجهندي، حيرت سان سندس مُنهن ۾ تڪڻ لڳس. پوءِ جڏهن هن جي بي سري ٺهڪ جو مطلب سمجهيس، ان وقت پاڻ کي بُلندين تان هيٺ ڪرندو محسوس ڪيم، دماغ کي پنواتي اچي وئي ۽ دل اٿاهه تاريڪين ۾ لُڙهندي وئي. ٽيو هيئن جو اڄ هڪڙو نئون آفيسر مون کان ڇا ڪرڻ لاءِ آيو هو. هو جيڪي ڪجهه ڇڄي رهيو هو، سو ٽيپ به ڪندو پئي ويو. سوالن جوابن هلندي هن مون کان پڇيو هو ته،

"عمر گهٽي اٽئي؟"

"اسڪولي سرٽيفڪيٽ موجب ستاويهه سال."

"شادي ڪئي اٽئي؟"

"نه!"

"ڇو؟"

"جڏهن واندڪائي ۽ موقعو هو، ان وقت مون شادي لاءِ سوچيو ئي ڪونه هو، ۽ جڏهن شادي جو سوچيم ان وقت حالتن جي رفتار ايڏي ته تيز ٿي وئي، جو مون کي مٿي کنهڻ جي به فرصت ڪانه هئي."

"دل ته چاهيندي هوندئي ته جڏهن سارو ڏينهن ڊُڪ ڏوڙ ڪري جسم ۽ ذهن کي محنت جي زخمن سان چُور ڪري رات جي ڪاٿي تي موٽين، ان وقت کي ريشمي آگريون وارن ۾ آهستي آهستي گهُمن ۽ ڪنهن جون ڪنور جي ڪٽورن جهڙيون اکيون محبت جي مينهن سان جسم جي ٽڪاوٽ ڏوئي ڇڏين؟" آفيسر چيو.

"توهان سرڪاري نوڪري ڇڏي 'جوائن جماڻ پبليڪيشن' ۾ پرتي ٿي، جنسي ادبب بنجي تمام سٺو ڪمائي سگهو ٿا." منهنجي انهيءَ طنز کي نظر انداز ڪندي هو چوڻ لڳو ته،

"بهرحال مسٽر آريسر! منهنجي سامهون تون ڪٽي ڪيترا به مصنوعي غلاف پنهنجي شخصيت تي وجهين، پر اها حقيقت آهي ته هر نوجوان جي اها خواهش هوندي آهي، جيڪا مون ٻڌائي، يقيناً تنهنجي به اها ئي خواهش هوندي، انهيءَ خواهش کي سامهون رکندي آءٌ توکان پڇڻ چاهيان ٿو، ته جيڪڏهن حڪومت توتان سڀ ڪيس واپس وٺي، توکي ايترو ڪجهه ڏئي، جنهن سان تون گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا ارمان پورا ڪري سگهين، ته اهڙيءَ حالت ۾ تنهنجي سوچ چا هوندي، ۽ اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته ان سڀ جي عيوض ۾ سرڪار جي ننڍڙي خواهش هوندي ته تون جيئي سڌ جي سرگرمين کي ڇڏي ڏي."

"ان حالت ۾ آءٌ جيئي سڌ جي سرگرمين کي ڇڏڻ جو سوچي به ڪونه سگهندس ۽ اهڙي آڇ سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانه رهندي."

"اهڙيءَ سوچ وارا توهان وٽ ڪيترا ماڻهو هوندا؟"

"اسان جو هر دوست، هر ڪارڪن ۽ هر ورڪر انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ مضبوط سوچ جو مالڪ آهي. هنن جو ڪردار ايترو تہ مٿاهون آهي، جو سرڪار کي اهڙي آڇ جي همت ئي ڪانہ ٿي ٿئي؟"

منهنجي انهيءَ چوڻ تي آفيسر وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ مون پاڻ کي ان ٽهڪ جي آوازن ۾ ٻڏندي محسوس ڪيو.

o o o

منهنجي ڪوليءَ جي پرسان هڪ سنڌي عورت بند ٿيل آهي. مٿس الزام آهي تہ هن پنهنجي مڙس سان گڏجي هڪ نوجوان چوڪريءَ کي اغوا ڪيو آهي. ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ سندس مڙس کي لاڪ اپ مان ڪڍي سڪر جيل وڃي ويا ۽ عورت سڌي لاڪ اپ ۾ پوريل رهي. خبر ناهي تہ هنن ٻنهي کي هڪ ئي وقت لاڪ اپ مان چو ڪونہ ڪڍيو ويو آهي. آءٌ ان عورت تي سوچيندو رهندو هوس. آخر هڪ ڏينهن حوالدار کان پڇيم، جنهن چيو تہ، "هن عورت ڪورٽ ۾ بيان ڏنو آهي تہ لاڪ اپ ۾ مون سان ريپ ڪيو ويو آهي. هاڻي هن جو اسپتال ۾ معائنو ٿيندو. تنهن کان پوءِ اهو سرٽيفڪيٽ عدالت ۾ پيش ٿيندو، تڏهن وڃي هن جو ڪو فيصلو ٿيندو، تيسين لاڪ اپ ۾ رهندي."

"وري بہ لاڪ اپ ۾؟"

"ٻيو وري ڪٿي؟"

"پر تون هتي جو انچارج آهين. آخر تنهنجي موجودگيءَ ۾ اهڙو ڪم ڇو ٿيو؟ توهان کي شرم اچڻ گهرجي. هي مسڪين مائهو توهان جي خيال ۾ هميشہ ائين رهندا. هڪ ڏينهن انهن جو هٿ انهن حاڪمن جي ڳچيءَ ۾ هوندو، جن انتظاميا کي ايڏو چڑواڳ ڇڏيو آهي، جو هو عوام جي عزت سان کيڏندي ٿي رهي."

o o o

لاڪ اپ ۾ هڪڙو پوليس جو اي. ايس. آءِ اچي پوريائون، هن هڪڙي ملزم کي هن شرط تي مارڪيٽ ٽاڻي تان چڏي ڏنو تہ هو ڪيس هڪ سؤ روپيا، هوٽل جي ڊبل بيڊ روم جو ڪرايو ۽ رات کي رنگين بنائڻ لاءِ هڪ عورت جو بندوبست ڪري ڏيندو.

ملزم واعدي مطابق خاص هوٽل ۾ سپ ڪم انجام مطابق پورا ڪري اي. ايس. آءِ کي اُتي گهرايو. انهيءَ عوام جي محافظ روم ۾ پهچي شباب سان شراب ملائڻ شروع ئي مس ڪيو هو ته اينٽي ڪرپشن وارا پهچي ويا، جن کي ملزم اڳ ۾ ئي ٻُڌائي چڏيو هو. نتيجي طور صوبيدار صاحب لاڪ اپ ۾ بند هو. صوبيدار جو نالو جليل هو. بنهرن جو گرمي، گهُٽ، ٻُوست ۽ ڏپ جي ڪري همراهه کي دل جو دورو پئجي ويو. دوري پوڻ کان اڳ ۾ ته ڏاڍو پئي رُنو، پر پوءِ اوچتو ٿهڪو ڪري، ڪِري پيو.

اها حالت ڏسي، مون سوچيو ته، "جيڪڏهن اسان جي قوم جي وڏيرن کي جيل ۾ بي ڪلاسن بجاءِ اٺ ڪلاڪ صرف ستي لاڪ اپ ۾ پوريو وڃي ته قوم گهٽي ڏڇي کان چُٽي پوي. پر لعنت آهي انگريز تي، جيڪو جيل ۾ به طبقاتي تفاوت رکي ويو."

o o o

لوٽن واريون ڇهه عورتون گرفتار ٿي لاڪ اپ تي آيون، جيئن ته لاڪ اپ ۾ وڌيڪ عورتن جي گنجائش ڪانه هئي، تنهنڪري هنن عورتن کي ميدان ۾ ويهاريو ويو. رات جا اٺ ڪن ٽي چڪا هئا، ته اُهي عورتون آنديون ويون هيون. مٿان سايا ڏهه ٽيڻ تي هئا. اڃا تائين هو ميدان ۾ پوليس وارن جي ڪٽن جي پرسان پَٽ تي ويٺيون هيون ۽ ڪجهه ليٽيون پيون هيون. انهيءَ وقت حوالدار مون وٽ آيو ۽ چيائين ته، "سگريٽ جو پاڪيٽ ڏئي ته. هنن عورتن کي پياريان، ويچارين وٽ ٻيڙي ناهي. آخر انسانيت به ڪا شيءِ ٽيندي آهي." مون هن کي پاڪيٽ ڏنو، هو ڪٽي ويو ۽ وڃي پوڙهي عورت سان ڪجهه سُس پُس ڪرڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ پهري تي بيٺل گارد آيو، ۽ اچي دروازي تي بيهي رهيو. مون کيس سگريٽ ڏنو. هن سگريٽ دُکائي چيو ته، "عبدالواحد ڳالهه هيءَ آهي ته اسان جو پورو عملو توکان ڏاڍو متاثر ٿيو آهي. تو جهڙا ماڻهو تمام گهٽ اسان جي لاڪ اپ ۾ آيا آهن. اسان توکي ڪڏهن نه وساريندا سين. اسان کان جيترو پُڄي سگهي ٿو. توسان تعاون ڪريون ٿا ۽ اسان جي خواهش آهي ته اسان وس پُڄندي وڌ ۾ وڌ تنهنجي خدمت ڪريون." آءٌ ان جي ڳالهائڻ مان غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويس ته شايد آءٌ آزاد ڪيو پيو وڃان، انهيءَ ڪري هو

اها گالهه پيو ڪري. پر يڪدم منهنجي غلط فهمي دور ٿي وئي، جڏهن هن چيو ته، "تون نوجوان آهين ۽ جواني ۾ شادي يا....." مون کي ڪاوڙ اچي وئي "يا" جي اکر تي. 'آخر هتي هي سڀ درندا عورت کي زال يا سريت جي نظر سان ئي ڇو ٿا ڏسن. عورت جو مرد سان ٻيو رشتو ئي نه ٿو ٿي سگهي ڇا؟ هو اهو ڇو ٿا سوچين ته هر مرد يا نوجوان بس هر وقت جسم جي خواهش جي جار ۾ ئي قائل رهي ٿو.' پر اهو سڀ ڪجهه مون هن کي چيو ڪونه، صرف سوچيو ۽ ڪاوڙ کي پي ويس.

هو چئي رهيو هو، "انهيءَ ڪري هو جيڪي عورتون آهن، تن مان سڀ کان ننڍي تنهنجيءَ ڪولي ۾ موڪليون ٿا. ٻاهرين لائيٽ وسائي ٿا ڇڏيون. سندس وڏي راضي ٿي وئي آهي، تو وٽ پئسا آهن، تن مان ٽيهه روپيا ڏي. ويهه روپيا اسان ٻاڻ وٽ رکنداسين، پنج روپيا پوڙهيءَ کي ۽ پنج روپيا چوريءَ کي."

مون چيو، "ڇا اهي عورتون هتي پيشو ڪرائڻ ايندیون آهن؟ ۽ هي لاڪ اپ آهي يا ڇڪلو؟"

"نه نه، هن چيو ته اسان کين اڄ رات ٻاهر ترسايو. ظاهر گالهه آهي ته اهو ڪم غير قانوني آهي، پر پئسا ونڻ سان اسان ڪجهه رعايتون ڏيندا آهيون. پئسا هنن وٽ ڪونه هئا. اسان پئسن جي حاصلات جو طريقو ٻڌايو، جنهن تي هو هڪدم راضي ٿي ويون آهن."

منهنجي ذهن ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌي عورت وارو واقعو ڦري وڃي ٿو. منهنجو دماغ ٿهڪڻ لڳي ٿو. ذهن ۾ انسان جي بيوسيءَ تي ڇيڻيون پرڻ لڳن ٿيون. آءٌ پوليس واري کي چڙب ڏيڻ جي بجاءِ چوان ٿو، "ساري، آءٌ غريب آهيان."

o o o

گُونان هڪ دوست آيو. چوڻ لڳو، "تنهنجو پاءُ چور ۾ مليو هو. تنهنجي باري ۾ صرف ايترو پچيائين ته، 'جيئرو آهي نه؟'"

مون چيو، "ها."

ان تي چيائين، "پوءِ پرواهه ناهي، جيل ۾ وڃڻ مڙسن لاءِ عيب ڪونهي. ڪيترا ماڻهو خسيس گالهين تان جيل ۾ ويندا آهن، پر اسان کي

خبر آهي تہ عبدالواحد هڪ عظيم مقصد لاءِ جيل ۾ ويو آهي، تنهنڪري اسان کي نہ ڏک آهي ۽ نہ شرمندگي."

منهنجي پورهيت پاءُ جي اها ڳالهہ ٻڌي، منهنجي دل انتهائي طاقت محسوس ڪرڻ لڳي. منهنجي اکين ۾ سنڌ جي روشن آئيندي جي جوت جلي پئي. منهنجو پاءُ مون کان ننڍو آهي. منهنجي باهر رهڻ ۽ سياست ۾ شامل رهڻ ڪري مائٽن جي پرگهور جي پوري ذميواري مٿس رهي آهي. هن نهايت جفاڪشيءَ ۽ محنت سان انهيءَ ذميواري کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ننڍيءَ عمر ۾ ئي هو هڪ وڏيري وٽ سرڙيو هاري ٻنجي ويو ۽ اڃا تائين هاري آهي. اڻ پڙهيل ۽ سنڌ جي انتهائي پسمانده حصي سان تعلق رکڻ ڪري هن ۾ سياسي شعور جي پيدا ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿي ٿيو. پر هيءَ حيرتناڪ ڳالهہ آهي تہ سياسي هلچل ۾ هن کي مون کان اڳ ۾ جيل ياترا ڪرڻي پئي. منسٽر زيديءَ واري اغوا جي سلسلي ۾، عوامي حڪومت منهنجي انتهائي شريف ۽ سادي والد ۽ منهنجن ٻنهي ننڍن ڀائرن کي ٽن مهينن لاءِ گرفتار ڪرايو. انهيءَ جيل ۾ هنن جنهن همت ۽ بهاديريءَ جو ثبوت ڏنو هو، تنهن سنڌ جي عوام جي تاريخي همت تي منهنجي ويساهہ کي پڪو ڪري ڇڏيو. اهي ٽيئي مهينا آءٌ روپوش هوس ۽ ٻيا گهر جا ٽيئي مرد پاڻي جيل ۾ هئا. پويان گهر ۾ صرف والده، ڀاڃائي ۽ هڪڙي ننڍڙي ٻيڻ هيون. نہ آءٌ ان پوزيشن ۾ هوس، جو گهر جون مالي گهرجون پوريون ڪري سگهان ۽ نہ وري پارٽيءَ کي ايترو فڪر هو، پر ان هوندي بہ منهنجي ارادي ۾ نہ لوڏو آيو ۽ نہ ئي منهنجي والد ۽ ڀائرن ئي منهنجي نشاندهي ڪئي. منهنجي والده ۽ ننڍڙي معصوم ڏڏيءَ جهڙي خوبصورت ٻيڻ زيني ويچاري بالڪڙي بڪ ۾ ويلا ڪاتيندیون هيون. انهيءَ جيل منهنجي ڀائرن ۾ نہ رڳو همت ۽ بهادري پيدا ڪئي، پر ان سان گڏ منجهن ڪجهہ سياسي شعور بہ پيدا ڪيو.

دوست جي واتان پاءُ جي ڳالهہ ٻڌي، مون کي امان ياد آئي، جنهن جي نظر ۾ آءٌ اڃا ٻار آهيان. ۽ جڏهن ڳوٺ ۾ ويندو هوس تہ مون کي هنج ۾ سمهاري لولي ڏيندي هئي. سنڌ ۾ جڏهن سياسي گرفتاريون ٿيندیون هيون، تڏهن امان ڪونہ ڪو ماٺهو ضرور موڪليندي هئي، جيئن اهو

منهنجي خبر وٽي اچي ته آءٌ ٻچيو آهيان يا نه. خبر ناهي هن گرفتاريءَ جو ڏاڍي مٺس ڇا وهيو واپريو هوندو! مون کي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ ۽ شايد واحد پيار مائٽ جو ئي مليو آهي. سال ٻن کان سندس صحت، واريءَ جي پٽ وانگر ڪِرڻ لڳي هئي، تنهنڪري سندس اصرار هو ته آءٌ جلدي شادي ڪريان. مون به سوچيو ته آءٌ سندس ڪابه خواهش پوري ڪري نه سگهيو آهيان، سو سندس اها خواهش ضرور پوري ڪريان. پر حالتن اهڙي هنڌ تي پهچائي ڇڏيو، جو آءٌ به ڏينهن به گهر ۾ رهي نٿي سگهيس، ان ڪري هن وقت تائين سندس اها ننڍڙي خواهش به پوري نه ٿي سگهي آهي. اڄ خبر ناهي ته سندس ڇا حال آهي؟ سڀ کان وڌيڪ جيڪا ڳڻتي منهنجي باري ۾ ڪيس لڳل آهي، تنهن سندس صحت تي ڪهڙ اثر وڌو هوندو؟ ڇا پنهنجي مائٽ کان سواءِ آءٌ ڪنهن بيءَ اک جو به تارو آهيان ۽ ٻيون به ڪي آسروند اکڙيون منهنجي راهه تڪيندیون هونديون؟ ان باري ۾ آءٌ ڪجهه چئي نٿو سگهان. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ مون کي پنهنجي گرفتاريءَ جو هن ڪري افسوس آهي، جو آءٌ پنهنجي گهر وارن لاءِ به ڏاڍي جو ڪارڻ ٿي ٻيو آهيان.

o o o

ڪالهه آخري ڀيرا ڳاڇا ٿي. ان سان گڏ ستي ٽاٽي جي ايس. ايڇ. او ٻڌايو ته منهنجو رماند چوڏهن ڏينهن جو آهي، جيڪو پنجويهين تاريخ تي ختم ٿي ويندو. لاڪ اپ ۾ اچڻ کان پوءِ پهريون پيرو رماند جي مُدت جي باري ۾ خبر پئي، نه ته آءٌ ۽ سڀ ساٿي بي خبر هئاسون ته ڪيترن ڏينهن جو رماند آهي. اها ڳالهه سوچيندي، مون کي تحريڪ جي هڪ ٻنهه ڪمزور پهلوءَ جو احساس ٿيو: اسان عوام ۾ بهترين آرگنائيزيشن پيدا نه ڪري سگهيا آهيون. ان ڳالهه کان انڪار ڪرڻ خودفريبيءَ جي برابر آهي. پرپارٽين ۾ هڪ ڳالهه هوندي آهي- سرڪاري محڪمن ۾ پارٽي خلاف هلندڙ منصوبن جي واقفيت- ان لاءِ گورنمينٽ جي مختلف محڪمن ۾ پارٽيءَ سان وابسته ماڻهو رکيا ويندا آهن، جيڪي ميونسپالٽيءَ کان وٽي سيڪريٽريٽ تائين موجود هوندا آهن، ويندي انٽيليجينس ۾ به پارٽين سان وابسته ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود هوندا آهن ۽ اها ڳالهه

انتهائي اهم آهي. الجزائر جي "جميلہ بوپاشا" جي باري ۾ مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ اها الجزائر ۾ فرانسيسي انٽيليجنس جي ڊائريڪٽر جنرل جي ڌيءَ هئي. خود ڊائريڪٽر جميلہ جي سرگرمين مان پوريءَ ريت واقف هو. آخري پيرو گوريلن متعلق اهم ڪاغذات فائيل مان ڪڍي پڇي وڃڻ جو موقعو خود ڊائريڪٽر جنرل کيس موجود ڪري ڏنو هو.

چيڪوسلواڪيا تي هٽلر جي قبضي خلاف چيڪ قوم پرستن جي خفيہ تنظيم جي سربراهي، چيڪوسلواڪيا جي محڪمہ سراغ رسانيءَ جي سربراهہ جنرل موراواڪ ڪئي. هيءُ اهو ماڻهو هو، جنهن ان ڳجهي معاهدي کي ظاهر ڪيو، جنهن تحت هٽلر چيڪوسلواڪيا کي جنگ ۾ شريڪ ڪيو هو. پر اڄ ان عظيم ۽ لافاني انسان جي باري ۾ تمام گهٽ مواد ملي ٿو، چو تہ بدقسمتيءَ سان هو شايد ڪميونسٽ نہ هو.

پر اسان جي حالت اِها آهي، جو مقامي پوليس ۽ مقامي عدالت مان اسان کي هڪڙي ماڻهوءَ جي رماندِ جي مُدت جي خبر نہ ٿي پئجي سگهي. هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ذهني ۽ نظرياتي طرح سنڌ ۽ ان جي تاريخي پس منظر ۾ ان جي شاندار ۽ روشن مستقبل جي تعمير لاءِ اسان وسيلن جي اٿاٽ جي باوجود ڪافي اڳتي وڌي آيا آهيون. اسان سنڌ جي حقن جي حاصلات جو آواز سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ پهچايو آهي. سنڌ ۽ سنڌيت جي لطيف جذبي کي ديس واسين جي دلين ۾ منتقل ڪرڻ ۾ اسان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اسان هن ملڪ ۾ پنهنجو ڪيس بهترين دليلن سان پيش ڪيو آهي، جو پاڪستان جو ڪوبہ دانشور انهن دليلن جو ٽوڙ ڪري نہ ٿو سگهي. اسان سنڌ جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن انوکي گيت جي گونج پيدا ڪئي آهي، جنهن ۾ مادر وطن جي تاريخي تسلسل ۽ هن ڌرتيءَ ڏيهہ جون صدين جون صدائون بڏڻ ۾ اچي سگهن ٿيون؛ پر ان جي مقابلي ۾ انهي پوري مواد کي، انهيءَ ساري بيداريءَ کي، انهيءَ لطيف جذبي ۽ تاريخي صدا کي هڪ تعمير، هڪ ڪاروان ۽ هڪ قومي نغمي جي صورت ڏئي نہ سگهيا آهيون. سنڌ جي عوام جي لافاني طاقت ۽ غيرتمنديءَ کي فولادي گولو بنائي، دشمن جي قلعي تي اُڇلائڻ جو ڪم انجام نہ ڏئي سگهيا آهيون. سنڌ جي قومي تحريڪ سان همدردي

رکندڙ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ مسلسل ۽ لڳاتار لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو پيدا نه ڪري سگهيا آهيون. هن وقت انسان جو سڀ کان وڏو ۽ اهم فرض آهي، سنڌ ۾ بهترين خيال ۽ سڃائيءَ جي جذبي سان پرپور ذهين آرگنائيزيشن ۽ تنظيم هلائڻ.

دوستن کي انهيءَ ڳالهه تي سوچڻ گهرجي ته هيءَ ڪهڙي تنظيم آهي، هيءَ ڪهڙي تحريڪ آهي، جنهن کي اها به خبر نه ٿي پئجي سگهي ته ان جو ورڪر ۽ ميمبر ڪهڙي ٽاڻي ۾ پيو آهي ۽ گهٽ ڏينهن جو ريماند اٿس، سندس حالت ڪيئن ٿي گذري؟

پارٽين کي خصوصي طرح سرڪاري محڪمن ۾ هڪ وسيع قسم جو چار وچائڻ گهرجي، جنهن جا ماڻهو ذري پرزي جون خبرون عوام کي پهچائيندا رهن؛ بي صورت ۾ ڪابه تحريڪ اڳتي وڌي ڪانه سگهندي.

سياڻي مون کي هتان ڪڍي ويندا. ڪيڏانهن، سو چئي نه ٿو سگهان. اڃوکي پوري ڏينهن ۾ ڪوبه ساٿي ملڻ ڪونه آيو. مون کي پنهنجي منزل معلوم آهي، پر سرڪار جي منشا ڪهڙي آهي، سا منهنجي سامهون واضح نه ٿي سگهي آهي. گرفتاريءَ وقت اڳ جي هلندڙ افواهن مطابق مون پاڻ کي هر قسم جي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ذهني طرح تيار ڪري ڇڏيو هو، ان لاءِ ڪنهن به پريشانيءَ يا گهبراهٽ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ڪجهه ڏينهن اڳ ناز سنائي ۽ قمر جويو آيا هئا. انهن جڏهن مختلف سوال پڇيا، تڏهن کين بڌايم ته شيخ مجيب الرحمان چيو هو ته، 'اسان کي چگائيءَ جي اميد آهي ۽ برائيءَ کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو اٿئون.' ساڳيو جواب منهنجو به آهي. منهنجي گرفتاريءَ وقت شاگردن جيڪو احتجاجي بائيڪاٽ ڪيو هو، سو شاگردن جي باهمي اختلافن جي نذر ٿي ويو، ۽ هو گورنمينٽ کان مطالبو ميرائڻ کان سواءِ بائيڪاٽ جو فيصلو ختم ڪري ويا. ان مان سرڪار کي فائدو پهتو ۽ شاگردن کي نقصان. شاگردن متعلق گورنمينٽ تازي ورتو ته هنن ۾ وڏيڪ تحريڪ جي نه طاقت ۽ نه وري اتحاد آهي. تنهنڪري آئيندي سندن ڪنهن به گوڙ ٿي ڏيان ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي.

26 اپريل 1976ع (سينٽرل جيل ڪراچي)

رات ڏڳهي ٽيندي پئي وڃي. منهنجي چوڌاري قيدين جو جهنگل پکڙيو پيو آهي. هي سڀ ڪچا قيدي آهن، جيڪي اخلاقي ڏوهن ۾ قيد ٿيا آهن. جيل جي سناٽي کي ڪنهن وقت چوڪيدارن جا اُهي ٽڪاءَ ٽوڙين ٿا، جيڪي هو وقت بڏائڻ لاءِ هڻن ٿا. رات جو جاڳندڙ ڪراچي به هن وقت ساڻي ٽي بهي پئي آهي. وارڊ نمبر 16، ڪراچي جيل ۾ بند وارڊ ڪان پوءِ بدنام ترين وارڊ آهي، جنهن ۾ آءٌ جاڳي رهيو آهيان. سڄي ڏينهن جا ٽڪل قيدي نند ۾ الوٽ آهن. چوندا آهن ته نند ڦاسيءَ تي به اڇي ويندي آهي. هنن قيدين کي ڏسي مون کي ميٺو پيو ته واقعي نند ڦاسيءَ جي تختي تي به اڇي سگهي ٽي. پر مون کي نند چو نٿي اڇي؟ مولانا 'آزاد' لکيو آهي ته، 'جڏهن ڪائنات سمهندي آهي، تڏهن مان جاڳندو آهيان.' گهٽ ۾ گهٽ اڄ جي رات آءٌ به مولانا وانگر آهيان.

اڄ صبح جو جڏهن سڀي لاڪ اپ مان ڪڍيو هٽائون، ان وقت خبر پيم ته ڪراچيءَ وڏي پيا وڃن. ريل ڪار ۾ ڪجهه اهڙا چهرا به نظر آيا، جيڪي هونئن ته هٽ ڇُمندا هئا، پر منهنجي هٽن ۾ هٽڪڙيون ۽ مٿان پوليس ڏسي سلام ڪرڻ کان به لهرائي ويا. ان وقت منهنجيءَ دل ۾ سنڌي قوم جي بي مروتيءَ جي سوچ ئي پيدا نه ٿي، ڇو ته مون کي خبر آهي ته هن قوم کي صدين کان ايترو ته ماريو، هيسايو، ڇڇريو ۽ ڇيپاٽيو ويو آهي، جو پيڙهين کان هن جي ذهن ۾ هڪ قسم جو هراس پيدا ٿي پيو آهي. سنڌ جي غريب پررهيت عوام کي هيسائڻ، دٻائڻ، ڇڇرڻ ۽ ڇيپاٽڻ ۾ ڏاڍين سان گڏ پنهنجن به پربور خصو ورتو آهي. هتي وڏيري، وڏيري جي طاقت کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي پير، پير کي مارائڻ لاءِ سَندرا ڏَڌا آهن. هتي مير، مير کي مليامیٽ ڪرڻ ۾ ڏاڍين جي چاپلوسي ڪئي آهي. هتي هاريءَ، هاري کي ڪچلڻ ۾ طاقتور جو مطلب پورو ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي اندر هڪ قسم جي احساسِ ڪمتريءَ جو قومي مرض پيدا ٿي پيو آهي، جيڪو زندگيءَ جي قدرن جي عمارت کي اُڏوهيءَ وانگر کائي رهيو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌ جو ماڻهو پوليس کي ڏسي هراسجي ويندو آهي، ۽ به چار پوليس وارا پوري ڳوٺ جي ماڻهن جي

عزت لاهڻ ۾ ڪابه هَٻڪ محسوس نه ڪندا آهن. ان ساريءَ ماجرا ۾ ڏوهه منهنجي سون ورني ڏرتيءَ جي معصوم ۽ مظلوم عوام جو ناهي، ڏوهه منهنجو آهي. ڏوهه هر انهيءَ باشعور ماڻهو جو آهي، جنهن هن سماج ۾ عوام کي متحرڪ ڪرڻ جي فيض کان گوتاٽي ڪئي آهي. دوستن جي توجهه نه ڏيڻ تي منهنجون نگاهون هنن جي دل جي گهراين ۾ لهي ويون. اِها دل، جيڪا پلر جهڙي پاڪ آهي، سا زخمن سان چُور هئي. واپسيءَ ۾ منهنجون نگاهون انهن ڏٺن مان ٽمندڙ رت سان پرجي ويون.

انهن سوچن ۽ ويچارن ۾ ڇڻن ڪلاڪن جو سفر ختم ڪري، سڌي ڪورٽ ۾ ٽربيونل جي دروازي تي پهچي وياسون. آءٌ پنهي هٿن ۾ هٿڪڑيون پائي ۽ ڪپڙن جي هڙ پيرن جي وچ ۾ رکي، دروازي تي بيٺو رهيس. صوبيدار اندر هليو ويو، جتي هن کي چالان پيش ڪرڻو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ٽربيونل جي جاءِ مان عزيز پنگوار ٻاهر نڪتو. هن مون ڏانهن ڏٺو ئي ڪونه. مون کيس سڏ ڪيو ته هن موٽي اچي هٿ ملايو، پر وڌيڪ خبرچار ڪرڻ کان سواءِ هليو ويو. سندس اهڙي رويي تي پهريون ڀيرو منهنجي دل ڏک سان پرجي وئي. سوچيم: 'چا هي اهو عزيز آهي، جنهن جون فوٽن سان تعريفون لکيم، جنهن کي سنڌ جو هيرو ڪري پيش ڪيم.' دماغ جواب ڏنو ته، 'اهو عزيز ختم ٿي ويو. انهيءَ عزيز جي حوصلن ۽ ولولن کي پٽي شاهيءَ جي سُري کائي کوکلو ڪري ڇڏيو.'

ايتري ۾ مبشر قيصراڻي وڪيل آيو، جنهن بن وڪالت نامن تي صحيح ورتي. ٻيو ڪوبه دوست نه آيو هو. مبشر قيصراڻي ڪراچيءَ ۾ ٻيوس قومي قيدين لاءِ مدد جو هٿ آهي. نه معلوم هن غيور قوم پرست ڪيترن قومي ڪارڪنن جا ڪيس لڙيا آهن ۽ ڪيترن کي آزاد ڪرايو آهي. قيصراڻيءَ کي ڏسي منهنجو ذهن چوٿين مارچ جي هيري ۽ پنهنجي پياري دوست يوسف لغاريءَ ڏانهن ويو. مون سوچيو، ڪاش ڪيس خبر هجي ها ته هو ضرور اچي ها. پر آءٌ سواءِ افسوس ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه سوچي نه سگهيس. مون کي چالان کان واندو ڪري اچي عدالتي لاڪ اپ ۾ بند ڪيائون. اتي هائي مون کي خبر پئي ته مون کي سينٽرل جيل ڪراچيءَ

ہر رکيو پيو وڃي. قيصراڻيءَ کي چيم تہ، "تون منهنجو تبادلو سکر ڪراءِ." پر هن چيو تہ، "انهيءَ معاملي ہر آءٌ مجبور آهيان."

عدالتي لاڪ اپ ہر ڪجهہ نوجوان پيا بہ هئا، جن ہر هڪڙو ڪڏڙو هو، جنهن کي قيدي ء پوليس وارا تنگ ڪري رهيا هئا. لاڪ اپ ہر بدبوءِ، گند ء چرس جي ڏپ سان دماغ ٽي ڦاٽو. آهستي آهستي لاڪ اپ جي ڪولي پرجي وئي.

مٿان شام جا پنج اچي ٽيا. نيٺ اسان کي لاڪ اپ مان ڪڍي اچي جيل جي لاريءَ ہر هنياٿون. لاري ڇاڪاڻ سڃاتل رستن تان ڊوڙندي رهي. لاريءَ ہر ايترا تہ ماڻهو پريل هئا، جو هڪ ٻئي جي مٿان سُتيا پيا هئا. ان سان گڏ چرس جي بہ ڏپ لڳي پئي هئي. مون صبح کان وٺي ڇانهہ بہ ڪانہ پيتي هئي، مانيُ تہ رهي پنهنجي جاءِ تي. لاريءَ مان لاهي اسان کي ماڙيءَ ہر اچي ويهاريائون. اتي هٿڪڙيون کولي سڀني جي تلاشي شروع ڪيائون. تلاشي ونندڙ پوليس وارو جڏهن مون وٽ پهتو، تڏهن سامان جي تلاشيءَ سان گڏ ڪيسن جي تلاشيءَ دوران منهنجي ڪيسي مان پئسا بہ نڪتا. اُتي هن مون کي هڪڙي چمات وهائي ڪڍي. جيئن تہ آءٌ جيل ہر پهريون دفعو آيو هوس، تنهنڪري جهڙتي وغيره جي قانونُ کان بي خبر هوس، سو چمات ڪائڻ جي باوجود بہ خاموش رهيس. آخر آتان واندو ڪري مون کي آفيس ہر هڪڙي ڪلارڪ وٽ وٺي ويا تہ هن کي ڪيڏانهن موڪليون. ڪلارڪ ٻناهگير هو، تنهن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ آءٌ سنڌي سياسي ورڪر آهيان، تڏهن هن مون کي سورهين نمبر ہر موڪلي چڏيو. سورهين نمبر ہر پهچڻ کان پوءِ نہ ماني ملي ء نہ وري پي ڪا شيءِ. آخر هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائيندي هڪڙي همراهہ تي وڃي نظر پئي، جيڪو ٽر جو هندو پئي نظر آيو. سو آءٌ رڙهي وڃي سندس پرسان ويٺس، تہ جيئن خبرون چارون ڪريون. خبر پئي تہ همراهہ مينگهواڙ آهي ء ڪپري جو ويڻل. ڪوڪرا پار تان باربر ڪراس ڪرڻ جي ڏوهہ ہر پڪڙيو ويو آهي. هن هنڌ تائين پهچندي پوليس ماري ماري سندس چوڌاڻي لاهي چڏيا هئا. سخت بيمار هو. سندس نالو مورڙو هو. وٽس سگريٽ يا بيڙي بہ ڪانہ هُئي. مون کيس هڪڙو پاڪيٽ سگريٽن جو ڏنو. پرسان ٻيو هڪ نوجوان

چوڪرو هو، سو جتوئي هوءِ لاڙڪاڻي جو ويٽل. اين. جي. وي هاءِ اسڪول جو شاگرد، هن کي ڪنهن چوڪري سان زوري ڪرڻ جي الزام ۾ پڪڙي آيا هئا. ٽيون سنڌي همراهه حاجي جماڻي قاتلاڻي حملي جي الزام ۾ پڪڙيل هو. اصلي سکر شهر جو ويٽل هو، ۽ هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهيو پئي. ڏاڍو چالاڪ ۽ حرفتي هو. سندس چوڻ هو ته آءٌ شيخ ايياز وٽ ڪافي وقت منشي ٿي رهيو آهيان. انهن ماڻهن سان ملي هڪ قسم جي پنهنجائپ محسوس ڪيم ۽ جيڪا ڏاريائپ جي جيي ساري ڏينهن کان وڪوڙي وئي هئي، تنهن کان جند ڇُٽي. ڪجهه پاڻي پاڻي پيئڻ کان پوءِ بک اچي ورايو. ڪپڙن جي هڙ ۾ بسڪوٽن جا ٻه پُڙا هئا، تن مان هڪڙو کولي اسان چارئي ڇٽا کائڻ ويناسين ئي مس ته کوليءَ جي پٽيل رڙ ڪئي، "سڀ قطار ۾ ٻيهو، اري بدمعاشو! سيدهي کيون نهين بيٺهتي." جهُرندي مرندي سڀ قيدي بن بن جي تولیءَ ۾ قطار ڪري ويهي رهيا. هو سڀني کي ڪُٽي ٻاهر ويٽل جمعدار کي چوڻ لڳو، "نوي هوگئي هين." جمعدار چيو، "ٺيڪ." اهڙيءَ ريت سينٽرل جيلجي پهرين رات شروع ٿي.

27 اپريل 1976ع

ساري رات جاڳڻ کان پوءِ، صبح بانگ ويلي اک لڳي ئي مس ته پَتيلن گارين جي دَسن سان سيني کي اُتاري، بيرڪ مان ٻاهر ڪڍيو. نه هٿ مُنهن ڏوئڻ لاءِ پاڻي ۽ نه وري هنگڻ جي جاءِ. بس، جيئن ۽ جهڙي نموني اُٽياسون ته تن سيني کي مال وانگر ڪاهي وڃي ميدان ۾ ويهاريو ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙي ننڍڙي لولي ۽ رڙڙ جي پليٽ ۾ چانهه جي نالي جوشاندو ڏنو ويو، جنهن کي 'چانهه' چوڻ دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ ٿيندو. مون کي ڪلهه کان بک هئي، سو انهيءَ کاڌي کي نعمت سمجهي کائي ويس. ڪجهه وقت کان پوءِ سيني جي هٿن ۾ ٻُهارا ڏئي ٻُهاري ڪڍڻ ۽ وڏو ڪلرائو ميدان صاف ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو ۽ سيني کان جوتا لهرايا ويا. سيني پنهنجي سامان جون هڙون پُنن تي ٻڌيون، جيئن پنان ڪپڙو وڪڙڻ وقت ڪندا آهن. مرن ٻه سامان پُنن سان ٻڌو، جو ته وارد ۾ چوري ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. پوءِ آءٌ ٻه ٻُهاري ڪڍڻ جي ڏنڈي سان

لڳي ويس. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ اوچتو محسوس ٿيو تہ اکين اڳيان اوندهہ اچي رهي آهي. جنگهن مان طاقت نڪرندي پئي وڃي ۽ دماغ ٻنواٽيون کائي رهيو آهي. پر هتي ساهي کٽڻ جو مطلب هو مڪراني پٽيلن جون گاريون ۽ ٽُڏا کائڻ، جنهن کان بچڻ لاءِ آءٌ ٻُهاري ڪيندو رهيس تہ اوچتو ائين محسوس ٿيو تہ آءٌ ڪِري رهيو آهيان. پوءِ ان وقت خبر پئي جڏهن پٽيل ٽُڏا هٽي چڪي رهيو هو تہ "اُٿهو! سالا اودهر باهر چرس ٻيچتا هي، ادهر مڪر ڪرتا هي." ايڏا اها حالت هلي پئي تہ مٿان هڪ جمعدار آيو، جنهن چيو تہ ڪلهوڪن نون آيل قيدين کي ملاحظي لاءِ سپرنٽينڈنٽ صاحب گهرايو آهي. ملاحظو هن ريت ٿيندو آهي تہ سپرنٽينڈنٽ صاحب اچي ڪرسيءَ تي ويهندو آهي ۽ هرڪ هڪ نئين آيل قيدي کي سڏبو ويندو آهي. سندس وارنٽ ڏسي ڪجهہ پڇندو آهي تہ ڪهڙو ڪم ڄاڻين ٿو، ڇا ڪندو هُئين وغيرہ وغيرہ. سپرنٽينڈنٽ جي اڳ ڪان اڳ ڈاڪٽر ايندو آهي، جيڪو قيديءَ جو قد ۽ وزن ڏسي جسم تي نشان وغيرہ لکندو آهي. مون کي جڏهن سپرنٽينڈنٽ جي اڳيان آندو ويو، ان وقت منهنجي حالت انتهائي خراب هئي. ڪپڑا مٽيءَ سان پريل، ڏاڙهي وڌيل، جسم ڳهر سان ٽمٽار.

سپرنٽينڈنٽ مون کان پڇيو تہ، "ڇا ہہ آيو آهين؟"

"بي. پي. آر ہہ!"

"ڇا ڪندو هُئين؟"

"صحافي آهيان، ان سان گڏ سياسي ورڪر پڻ."

"ايڇا؟"

"ڪهڙيءَ جماعت سان تعلق رکين ٿو؟"

"جيئي سنڌ محاذ سان."

"اوهہ!"

"منهنجو عرض آهي."

"چئو."

"آءٌ سياسي قيدي آهيان. مون کي سورهين وارد ہہ اخلاقي قيدين سان گڏ رکيو ويو آهي. مون کان مشقت ٿي ورتي وڃي. مون کي اخلاقي قيدين جي بجاءِ سياسي قيدين سان گڏ رکيو وڃي."

"تون کو نواب جو پُٽ آهين ڇا، جو توکي مٿي تي ويهاريان؟ هل، هل! اڙي جمعدار هن کي ونيو وڃ."

سپرنٽينڊنٽ سنڌي شفقت ميمڻ هو، جنهن جي لاءِ ٻڌو هو ته حيدرآباد جيل ۾ جڏهن ايا انڊر ٽريننگ هو ته يوسف ٺاريءَ وارن کي شراب وغيرد ۾ آڻي ڏيندو هو، پر وڏي آفيسر ٿيڻ سان جيڪا تبديلي سندس ذهنيت ۾ آئي آهي، تنهن جو ثبوت سندس رويي ۾ گفتگوءَ مان چڱيءَ طرح ملي سگهي ٿو. اهي سنڌي آفيسر جيڪي ڪرسيءَ تي پهچن ٿا، سي حاڪمن کان وڌيڪ حاڪمن جا وفادار ثابت ٿين ٿا. هنن جي ذهن ۾ ڪميٽپ، خودغرضيءَ، قوم ڪشيءَ ۽ وطن فروشيءَ جا جيوڙا ايترو ته وڌي وڃن ٿا، جو هنن جي فرعوني دماغن ۾ پٿر دلين لاءِ قوم، وطن ۽ انسانيت جا سمورا جذبا ختم ٿيو وڃن. هنن کي اها به پروڙ نه ٿي رهي ته هو جن عهدن، ڪرسين ۽ مرتبن تي پهتا آهن، سي کين کي مفت ڪونه مليا آهن، ۽ نه وري خيرات طور اهي عهدا تقسيم ٿيا آهن. انهن عهدن، جاين ۽ نوڪرين لاءِ بيشمار نوجوانن، مردن، عورتن ۽ پوڙهن قربانيون ڏنيون آهن ۽ اڄ به جيڪي نوجوان مرد ۽ عورتون، بار ۽ بُڌا مشڪل حالتن جي باوجود، وطن جي حقن جي حاصلات جي جنگ جوتي ميدان ۾ وڙهي رهيا آهن، سي پنهنجيءَ ذات لاءِ نه، پر پوريءَ قوم لاءِ وڙهن ٿا.

شفقت جهڙن فرعونن کي سمجهڻ گهرجي، ته هو حاڪمن جي وفاداريءَ ۾ حد کان وڌي، نه صرف پنهنجو پر پنهنجي ايندڙ نسل جو مستقبل تاريڪ ڪري رهيا آهن.

28 اپريل 1976ع

سپرنٽينڊنٽ سان ڪالهوڪي گفتگوءَ وقت جيل جي عملي مان هڪڙو جيلر انڊر ٽريننگ هو، جنهن مون کي سڃاتو ٿي؛ پر ان وقت آءٌ ڪيس سڃاڻي ڪونه سگهيس. جڏهن سپرنٽينڊنٽ هليو ويو، تڏهن انهيءَ جيلر ڪلارڪ کي چئي، مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. جڏهن آءٌ هن سان مليس، تڏهن مون کيس سڃاتو ته هو سحر امداد جو پاڻ مجاهد بلوچ هو، ۽ اسان جي صرف هڪ پيري ميرپورخاص ۾ ملاقات هئي. هن نئين انسان

هڪڙي مقدمہ سان گڏ مون کي جيل جي ڊاڪٽر وٽ موڪليو ۽ ڊاڪٽر کي هدايت ڪيائين هن ماڻهوءَ کي نہ صرف دوا ڏئي، پر ان سان گڏ مڪمل آرام لاءِ بن ڏينهن جي موڪل بہ لکي. ڊاڪٽر مون کي اي. پي. سي.جون ڪجهہ پُڙيون ڏنيون ۽ موڪل بہ لکيائين. پر سائين، مڪراني پٽيل ڊاڪٽر جي موڪل کي مڃي ئي نہ پيو. آخر جيلر صاحب هڪ پکي قيديءَ کي گهرائي، سورهين نمبر جي انچارج کي هدايت ڪئي تہ هن ماڻهوءَ کي مڪمل آرام سان رکيو وڃي. اُن جي باوجود بہ هنن مون کي بيرڪ ۾ سمهڻ ڪونہ ڏنو ۽ ڪم وارن قيدين سان گڏ گهمائيندا رهيا، پر ڪم ڪونہ ورتائون. رات جو ڪجهہ ماني بہ چگي ملي ۽ سمهڻ جي جاءِ بہ ناهوکي هٿ آئي.

اڄ صبح جو وري ساڳي ڪار البتہ هڪڙي ٻي بيعزتي ٿي. آءٌ بن ڏينهن کان ڪاکوس ڪونہ ويو هوس، تنهنڪري پگل لوٽو هٿ ۾ ڪٽي پاڻي ڪٽڻ جي انتظار ۾ بينو هوس تہ مڪراني پٽيل جي نظر مون تي پئجي وئي. نظر پوڻ شرط هن مرونءَ وانگر لُوهہ ڪئي ۽ مون کي ڏِڪا ڏيندو باهر ميدان ۾ وٺي آيو. انهن ڏِڪن ۾ سگريٽ، ماچيس، هٿ وارو لوٽو ٽيئي نہ معلوم ڪٿي ڪريا. آءٌ سهڪندو اچي قطار ۾ ويهي رهيس. سورهين نمبر وارد جي ڪَچن قيدين کان ڏهن ڏينهن تائين سارو ڏينهن ڪم ورتو ويندو آهي. چار چار ڪلاڪ پاڻي ڪونہ ملندو اٿن. پيرين اُگهاڙا سارو ڏينهن ڪنڀهندا گڏهن وانگر ڪم ڪندا رهندا آهن. ٿورا هيڏانهن هوڏانهن ٽپا ناهن تہ مقدمن ۽ پٽيلن جي لت، موچڑي، ڏڪين ۽ گار جو وسڪارو ٽيو ناهي. صبح جو سوير اُهي ڪچا قيدي قطار ۾ جوڙي جوڙي ٽي ويهندا آهن. انهن قطارن ۾ ڪين چانهہ جي نالي تي ڳڙ جو "جوشاندو" ۽ "ڪڙهي" جي مانيءَ جهڙو (ٿر جي بوڙي جو آن، جنهن جون مانيون ڪاريون ٽيندیون آهن،) ڪارو لولو ڏنو ويندو آهي. انهيءَ شاندار ناشتي مان واندا ٽيندا ئي مس تہ جيل جي هر وارد جو ڪونہ ڪو مقدم اچي ويندو. نئين جيل جو مقدم چوندو، "مون کي ويهہ ماڻهو ڪپن." باغيچي جو مقدم چوندو، "مون کي پندرهن ماڻهو ڪپن." ڇڪر جو مقدم چوندو، "مون کي ٽيهہ ماڻهو ڪپن." اهڙيءَ ريت انهن ڪچن

قيدين کي خرڪارن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. ڏهن ڏينهن کان پوءِ وڃي ڪچن قيدين کي سورهين نمبر مان ڪڍي چڪر ۾ رکندا آهن، جتي ڪم ۾ ايتري گهٽتائي ڪندا آهن، جو صبح شام چار ڪلاڪ ڪم وڌندا آهن. پاڻي وغيره جي ڪجهه وڌيڪ سهوليت ڏني ويندي اٿن. اڄا آءٌ سورهين نمبر ۾ هوس ۽ قطار ۾ ويٺو هوس. دل ۾ سوچيم پئي ته سيني پئي چيو ته لاڪ اپ کان جيل ۾ وڌيڪ آساني آهي، پر هتي ته شيخن کي واهه جو پيٽ مليو آهي. اڄ منهنجو نمبر نئين جيل ۾ ٻُهاري ڏيڻ وارن ۾ اچي ويو. مون کي جيئن ئي اٽاريائون، مون پر ۾ بيٺل جمعدار کي ڊاڪٽر واري پرچي ڪڍي ڏيکاري. هن چيو: چگو تون وڃي نئين جيل ۾ آرام ڪر. آءٌ نئين جيل ۾ سُتو ئي مس هوس ته مقدم وٺڻ آيو ته توکي صوبيدار سڏي پيو. جڏهن آءٌ صوبيدار وٽ پهتس ته هن مون کي چيو: سامان ڪٽي اڇ، توکي سياسي قيدين سان گڏ رهائڻ جو حڪم مليو آهي. آءٌ سامان ڪٽي آيس. هڪ مقدم مون کي وٺي اچي ٻاويهين نمبر بيرڪ ۾ ڇڏيو، جتي ڊاڪٽر اعزاز نذير سان گڏ ڪيترا ٻيا نعپ جا ڪارڪن. مزور ۽ ڪجهه باربر ڪراس جي ڪيس ۾ ٽريا ٻه رهيا ٻيا هئا، جن کي عام طرح 'ٽري فور جا قيدي' چيو ويندو آهي.

نوٽ: مئي مهيني جي ڊائري گُم ٿي وئي.

پهرين جون 1976ع

اڄ اسان جي وارد ۾ پريد هئي. جيل ۾ پريد هڪ خاص اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سپرنٽينڈنٽ جو رائونڈ. پريد جي ڏينهن سوير ئي قيدي پنهنجا بسترا ٻاهر ڪڍي، قطار ۾ بيهي رهندا آهن. بسترا ٻاهرڪڍڻ جو شرط رڳو اخلاقي قيدين ۽ سي ڪلاس وارن سياسي قيدين سان لاڳو هوندو آهي. اخلاقي قيدي جيڪي اي يا بي ڪلاس ۾ هوندا آهن، انهن ۽ ساڳين ڪلاسن جي سياسي قيدين لاءِ کولين مان پنهنجا بسترا ٻاهر ڪڍڻ ضروري ڪونهي.

اسان جڏهن نمبر ٻاويهين ۽ نمبر ٽيويهين ۾ رهندا هئاسون، ان وقت بسترا وغيره ٻاڻ ڪڍندا هئاسون، پر هن بئرڪ ۾ جيئن ته بي ڪلاس وارا

سياسي قيدي آهن، تن کي پڪا قيدي خدمت لاءِ ملهل آهن، جن کي 'برداشتي' چيو ويندو آهي.

اڄ صبح جو هتي جي برداشتين بسترا کڻڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي ته ڊيوٽيءَ تي موجود پوليس واري انهن کي مار ڏيڻ شروع ڪئي. اها حالت ڏسي، هتي جو پٽاڻ نوجوان مسٽر امان الله ڪاوڙجي پيو ۽ پوليس واري کي ڏاڍيون چڙهون ڏنائين. هتي قيدين کي جانور کان به بدتر حالت ۾ رکيو وڃي ٿو. مٿن هر وقت پوليس واري جي گار ۽ موچڑي جو وسڪارو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن قيديءَ ڪجهه جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته کيس 'بند وارڊ' ۾ موڪليو ويندو آهي. 'بند وارڊ' ۾ قيديءَ جي شلوار مان اڌ ڪپائي ورتو ويندو آهي، کيس پيرن ۾ ڏنڊا ٻيڑي هٽي، چوويهه ڪلاڪ بند رکيو ويندو آهي ۽ رات ڏينهن مقرر وقتن تي مار ڏني ويندي آهي. هتي هيءُ اصول آهي ته هر صورت ۾ قيدي مجرم آهي، ڏوهه هر حالت ۾ ان جو هوندو آهي. پوليس وارو يا اسٽاف جو ماڻهو، هر عيب، هر جرم ۽ هر ڏوهه کان ائين پاڪ هوندو آهي، جيئن ملائڪ.

اسان کي دوست ٻڌائيندا هئا ته عدالتي تحويل ۾ وڃڻ کان پوءِ، قيديءَ تي سختي ۽ مارڪٽ کانه ٿي ٿئي، پر منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو ته جيتري مارڪُٽ ۽ سختي جيل ۾ ٿئي ٿي، ان جو ڏهون حصو به لاڪ اپ ۾ ڪونه ٿي ٿئي. هتي جيل جا عملدار عذاب جا ملائڪ آهن ۽ سپرنٽينڈنٽ- خدا يا تاريخ جي وحشت واري دؤر جو بادشاهه، هر عيب کان پاڪ هوندو هو، موجوده دؤر ۾ صاحبِ اختيار هر عيب کان پاڪ آهي. تاريخ اڃا تائين ڏُٽيل انسان جي تقدس کان پنهنجا صفحا بچائي نه سگهي آهي، ان لاءِ هن کي اڃا گهٽو اڳتي سفر ڪرڻو پوندو، تمام گهٽو!

7 جون 1976ع (پن پٽاڻ قيدين جي گفتگو)

هڪ قيدي: "آءُ هڪ اهڙيءَ قوم سان تعلق رکان ٿو، جنهن جون روايتون پهاڙن وانگر قديم آهن، جنهن جي تاريخ ڪوهه هندوڪش وانگر مسلسل ۽ مربوط آهي. جنهن جي زبان، محبوب جي مُرڪ کان وڌيڪ دلڪش ۽ من موهڻي آهي. مون کي هيءَ به ڄاڻ آهي ته منهنجي قوم هن

وقت سياسي، ثقافتي، معاشي ۽ لساني طرح محڪوم ۽ مغلوب آهي. پنهنجيءَ قوم جي محڪوميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ آءٌ 'قومي خودمختياريءَ' لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهيان. پر منهنجي اها جدوجهد مڪمل آزادي ۽ علحدگيءَ جي رستي ڏانهن نه ٿي وڃي ۽ نه ئي آءٌ ان کي اهڙي طرف موڙڻ چاهيان ٿو، جو ته آءٌ ايمانداريءَ سان سمجهان ٿوته آءٌ هن وفاق کان ڌار ٿي زندهہ ۽ خوشحال رهي ڪونہ سگهندس."

ٻيو قيدي: "آءٌ توهان جي آخري خيال سان متفق ڪونہ آهيان. توهان جو چوڻ آهي ته آءٌ هن وفاق کان ڌار ٿي زنده ۽ خوشحال ڪونہ رهي سگهندس. آءٌ صرف ايترو پُڇڻ جي جرئت ۽ جسارت ڪريان ٿو، ته هن وفاق اڄ کان اڳ توهان کي زندگيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ڪهڙي ضمانت ۽ حفاظت ڏني آهي. هي وفاق، هتي جي قومن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. هن ملڪ جي ناهيندڙن، ڪشميرين سان واعدو ڪيو هو، ته اوهان کي هندوءَ جي ظلم کان نجات ڏياري ويندي، ڇا انهيءَ واعدي جي پورائي ٿي؟ هن وفاق، حيدرآباد دکن جي مسلمانن کي پارت خلاف بغاوت تي اُڀاريو ۽ کين يقين ڏياريو ته اوهان جي حفاظت ڪئي ويندي. ڇا دکن جي مسلمانن جي حفاظت ٿي؟ بنگال جا ست ڪروڙ انسان هن وفاق ۾ شامل ٿيا، ۽ هن وفاق جي حاڪمن جي چوڻ مطابق انهن جي اڪثريت محب وطن پاڪستاني هئي. پوءِ جڏهن انهن محب وطن پاڪستانين تي بقول پاڪستاني سياستدانن جي پارت حملو ڪيو، تڏهن هي وفاق انهن کي ڪهڙو تحفظ ڏئي سگهيو؟ پاڪستاني اخبارن جي چوڻ مطابق سنڌ جي ريگستاني علاقي ۾ هندستاني فوج هڪ سال کان ٻہ وڌيڪ عرصو ظلم ۽ ستم ڪندي رهي، ان وقت هن وفاق انهن ماڻهن جو ڪهڙو بچاءُ ڪيو؟

"آءٌ يقين سان چوان ٿو ته هيءُ وفاق، هتي جي عوام جي جان، مال، عزت، آبروءَ، معاشي ۽ اقتصادي مفادن جو بچاءُ ۽ تحفظ ڪرڻ ۾ قطعي ناڪام ويو آهي ۽ اڳتي اهڙي شاندار قوم جي قديم روايتن، مربوط تاريخ ۽ من موهڻي زبان کي هن وفاق سان وابسته ڪرڻ معنيٰ ان جي خاتمي، تباهي، بربادي‌ءَ ۽ زبون حاليءَ جي دستاويز تي صحيح ڪرڻ."

مون ٻنهي قيدين جي گفتگو ٻُڌي ۽ آخر ۾ صرف مُرڪيس.

8 جون 1976ع

"اي سنڌ! تون زندگيءَ وانگر ازلي ۽ ڪائنات جو عظيم حصو آهين. تون صرف ڏينهن ۽ ڏورا، پهاڙ ۽ پيچرا، بنيون ۽ بارا، درياهه ۽ نديون، چند ۽ تارا نه آهين. تون رڳو چيٽ جي چانڊوڪي ناهين. تون رڳو وڻ ٿوٽ جي مُند جا گلڙا ناهين. پر تون هڪ اهڙي حقيقت آهين، جنهن کي ڪا فنا ڪانهي. تون اها پيروي آهين، جا ازل کان هتي جي ماروءَ جي رڳن ۾ زندگي بنجي ڊوڙي رهي آهي ۽ منهنجي لاءِ ته تون واهوندي جو واءُ ۽ آهين، جنهن مان مون محبوب جي چُگن مان اُٽندڙ ڪائي ڪنواري خوشبوءِ محسوس ڪئي آهي، جنهن منهنجي تن بدن ۾ امرت اوتي ڇڏيو آهي.

"اي سنڌ! تون شاهد آهين ته تنهنجي پيدائش کان وٺي مون ڪيئي مذهب مٽايا آهن، پر توسان لاتل لنوءَ ۾ ڦيرو ڪونہ آندو اٿم. هڪ وقت آءٌ مظاهر فطرت جو پوجاري هوس، ٻئي وقت آءٌ آتش پرست هوس، تئين وقت آءٌ ٻوڌي هوس ۽ چوٿين وقت آءٌ مسلمان هوس. پر ڇا مون هر مذهب جي دعا وارڻ سان گڏ تنهنجي ٻوليءَ ۽ لوليءَ کي وساريو؟

"مون کي اڄ چيو وڃي ٿو ته آءٌ مذهبي قوم جو حصو بنجي وڃان، جيڪڏهن مون کي مذهبي قوم جو حصو ئي بنجڻو آهي، ته آءٌ اهڙي مذهبي قوم جو حصو ڇو نه بنجان، جيڪو مذهب آسمان تان لهڻ بجاءِ ڌرتيءَ مان ڦُٽيين وانگر ڦُٽي نڪتو هجي. پر نه! منهنجو رشتو توسان ايترو ته اونهو آهي، جو مون مذهبي دعائون ته وساري ڇڏيون، پر تنهنجي سيني تي سرجندڙ چارڻن ۽ پٽن جا ڏوهيڙا نه وساريا اٿم."

9 جون 1976ع

اڄ ڪي دوست ٽربيونل ۾ حاضريءَ تي ويا هئا. موٽي اچي هڪ حيرتناڪ خبر ٻڌايائون ته شفقت ميمڻ کي حيدرآباد ۾ بروچن موچڑا هٽي مٿو ڦاڙي ڏند ڀڃي، سُڄائي ڇڏيو آهي.

واقعي جو پس منظر هن ريت آهي ته بلوچ ليبر، خير بخش مريءَ جي ملاقات لاءِ به ماڻهو هوم سيڪريٽريءَ کان اجازت وٺي آيا هئا. مسٽر مري، جڏهن ملاقات لاءِ ماڙيءَ تي ويو، تڏهن اُتي صرف هن سان هڪڙي ماڻهوءَ

کي ملايو ويو. مسٽر مريءَ ان تي احتجاج ڪيو ته سپرنٽينڊنٽ شفقت ميمڻ چيو ته اهو منهنجو انتظامي مسئلو آهي، تون ان ۾ دخل اندازي ڪري نٿو سگهين. مسٽر مريءَ ڪجهه وڌيڪ چوڻ چاهيو ته شفقت پنهنجي ٽرڻپائيءَ واري عادت مطابق ڪيس چڙپ ڏيندي چيو، "شٽ اپ!" ايتري چوڻ تي مري ڪاوڙجي پيو ۽ شفقت جي ڳچيءَ مان وٺي ڪيس ٽونشن جو وسڪارو لائي ڏنائين، چي: "تنهنجو پيءُ پٿو به مون سان انهيءَ لهجي ۾ ڪونه ڳالهائيندو آهي، تون ڪير ٿيندو آهين ٽڪي جا نوڪر!" خير ان وقت ته مسٽر مريءَ جي مار کان ڪن ماڻهن ٽرڙي سپرنٽينڊنٽ کي بچائي ورتو. پئي ڏينهن سپرنٽينڊنٽ صاحب رائونڊ ڪندي وڃي انهيءَ وارد مان نڪتو، جتي بلوچ نوجوان بند آهن. نوجوانن، ميمڻ صاحب کي چيو ته، "صاحب! توکي اسان جي ليڊر سان اهڙي نموني ڳالهائڻ نه گهرجي." ايتري چوڻ تي شفقت صاحب گرم ٿي ويو ۽ بلوچن کي گاريون ڏيڻ لڳو. نوجوانن کيس سوگهو ڪري اهڙو ته پيٽيو، جو سندس مٿو ڦاٽي پيو، ڏند پچي پياءِ آخر ۾ بيهوش ٿي ويو.

اها ڳالهه ٻُڌائي دوستن پڇيو ته، "تنهنجو رايو چا آهي؟" مون چيو ته جڏهن ون يونٽ حڪومت جي پهرين وزيراعليٰ ڈاڪٽر خان صاحب کي لاهور ۾ ڇُرو هڻي ماريو ويو، تڏهن اها خبر وڃي ڪن ماڻهن خان غفار خان کي ٻُڌائي ته تنهنجي پاءُ کي اهڙيءَ ريت ماريو ويو آهي. غفار خان چيو، 'ڇگو ٿيو، قوم جي دشمنن ۽ غدارن جو حشر اهو ئي ٿيڻ گهرجي.' شفقت سنڌيءَ جي حيثيت ۾ منهنجو پاءُ آهي، پر هن سنڌ جي قومي تحريڪ سان جنهن نفرت جو اظهار ڪيو ۽ جيڪا فرعوني روش هليو، ان بنياد تي منهنجو جواب اهو ئي آهي، جيڪو غفار خان جو هو.

○ ○ ○

(خط)

وقت به وڳا رات،

9 جون 1976ع

دوست، پاءُ، مير صاحب!

جيئي سنڌ!

توهان جي گرفتاريءَ جو ٻُڌي، ڏاڍو افسوس ٿيو هوم. هڪڙي تاريخ

تي ڪن دوستن ٻڌايو ته توهان کي ڪلفٽن ٽاڻي ۾ ٽن مهينن جي ٻٽينشن تي رکيو اٿن. انهيءَ خبر پوڻ کان اڳ ۾ اسان کي گمان هو ته توهان کي ڪراچي جيل ۾ رکندا.

اڄ مانڊل شر جا ۽ دوست سکر مان آيا آهن، تن ٻڌايو ته توهان کي سکر جيل جي 'سي' ڪلاس ۾ رکيو اٿن. سکر جي 'سي' ڪلاس جو ٻُڌي ويتر ڏک ٿيو آهي.

انسان پاڻ جنهن حالت ۾ هوندو آهي، تنهن جي ڪيس پوري پروڙ هجي يا نه، پر ٻين ساٿين ۽ دوستن جي تڪليف ۽ مصيبت جو ٻُڌي منهنجي دل جو جهونا ڳڙهه جهُري پوندو آهي ۽ منهنجو دماغ هن ظالماڻي ۽ غاصباڻي نظام جي بدترين شڪل ۽ صورت خلاف ٿهڪڻ لڳندو آهي. هن سنسار ۾ ڪجهه ماڻهو ئي ته اهڙا آهن منهنجي لاءِ، جن کي آءٌ پنهنجو چئي سگهان ٿو. اوهان سان جيڪو رشتو آهي، سو ساڻي، رفيق ۽ دوست کان مٿي آهي. اسان جي وچ ۾ جيڪو تعلق، جيڪو رشتو ۽ جيڪو ڳانڍاپو آهي، تنهن جي صحيح مفهوم ادا ڪرڻ لاءِ شايد دنيا جي زبانن ۾ ڪو لفظ استعمال ئي نه ٿيو آهي. اسان هڪ ٻئي سان ملي نه صرف منزل ۽ ماڳ تي پهچڻ لاءِ هڪ قافلو ترتيب ڏنو آهي، پر ذهني، نفسياتي ۽ روحاني هم آهنگيءَ جو لازوال خزانو حاصل ڪيو آهي. اهڙي هم آهنگي جڏهن وجود ۾ ايندي آهي ته هڪ اهڙو لافاني نغمو ۽ گيت ڪائنات ۾ اُپرڻ لڳندو آهي، جنهن جا سُر نه آسمانن ۾ ٻُڌا ويا ۽ نه وري زمين ئي ڪڏهن انهن جي مٺاس ۽ دل ڪشيءَ کان واقف ئي ٿي آهي.

هڪ پيري شوڪت سنڌيءَ سان گڏهه هولهه ڪندي چرچي طور ڪيس ڇيم ته منهنجيءَ نظر ۾ هن ننڍي ڪنڊ ۾ جيڪو به ماڻهو مولابخش لغاريءَ جو مخالف (دشمن) آهي، سو سنڌ جو سڄڻ ئي نٿو سگهي. ان تي شوڪت صاحب ناراض ٿي پيو هو ته توهان وٽ رڳو دوست نوازي آهي. خير اها گڏهه اٿين اچي وئي، ان سان توهان منهنجي جذبن جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

تازي گڏهه ته پهرين جولاءِ کان منهنجو ڪيس باقاعدي هلندو ۽ افواهه آهن ته هوم ڊپارٽمينٽ مان ٽربيونل کي هدايت پهتي آهي، ته پنجن ماڻهن کي ٽي ٽي سال سزا ڏني وڃي. انهن پنجن مان هڪ ابراهيم منشي ۽ ٻيو آءٌ

آهيان، باقي ٽي ٻيا آهن. اها ڳالهه تصديق ٽيل ناهي، پوءِ به اسان ڏهني طرح بلڪل تيار آهيون. ڪراچيءَ جو سي ڪلاس مڙئي ٺيڪ آهي، جو هتي ايتري گرمي ڪانهي. وڌيڪ آئينده.

ٻيو سڀ خير آهي! سلام سڄي سنگت کي چوندا.

هتان کان محترم منشي صاحب جا سلام تو سان گڏ سڄيءَ سنگت کي عرض آهن:

عبدالواحد آريسر،

سينٽرل جيل ڪراچي، وارڊ تيرهون

o o o

11 جون 1976ع

اڄ وارڊ ۾ مشهور مزدور ليڊر ڊاڪٽر اعزاز نذير آيو. ڊاڪٽر جي اچڻ سان سياسي بحث شروع ٿي ويو، جنهن جو عنوان هو: "پاڪستان ۾ قوم پرست ۽ ڪميونسٽ طاقتن جو مستقبل"، گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ سڀ ڪامريڊ هن نتيجي تي پهتا ته "جيڪڏهن پاڪستان جون سڀ ترقي پسند قوتون متحد نه ٿيون ته هتي به انهن جو حشر اهو ٿيندو، جيڪو انڊونيشيا، چليءَ ۽ بنگلاديش ۾ ٿيو. مسٽر پٽو الڪشن کان پوءِ سمورين رجعت پسند پارٽين کي پاڻ سان ملائيندو ۽ انهيءَ اتحاد جو بنيادي ڪارڻ هو اهو ٻڌائيندو ته ڪميونسٽن ۽ ملڪ دشمن عناصر کي ختم ڪرڻو آهي. اهڙي اتحاد کان پوءِ هو آمريڪي ۽ چيني پٽيرائيءَ جي آڏار تي هڪ وڏو قتلام ڪرائيندو. انهيءَ وڏي قومي حادثي کان بچڻ جي هڪ ئي صورت آهي ته پاڪستان جي ترقي پسند قوتن کي گڏيل پروگرام تي متحد ڪيو وڃي."

ڇا پاڪستان جي هڪمرانن ۾ اجا ايتري سگهه آهي؟ ڇا پاڪستان جي جاگرافيائي ۽ سياسي صورتحال اها ئي آهي، جيڪا چليءَ ۽ انڊونيشيا جي هئي؟ ان تي اسان کي سوچڻو آهي.

o o o

12 جون 1976ع

رات جا ٽي ٽيا آهن. سڀ ساٿي ننڊ ۾ الوٽ آهن. منهنجي اکين کان

ننڊ رُسي وئي آهي. آءٌ دماغ جي گرميءَ کان بستري تي ٽٽکان پيو. منهنجي سامهون دنيا جي ڊڪٽيٽرن جي تاريخي انجام جا صفحا لکيا پيا آهن. ڪٽي مسوليني جو لاش پيو آهي، ۽ ماٿهو مٽائيس ٿُکون پيا اُڇلائين. ڪٽي هٽلر باهه جي ڇپين ۾ وکوڙجي ويو آهي. ڪٽي حجاج بن يوسف برندڙ سگرين سان پنهنجي جسم کي ڏنيائي پيو. ڪٽي فرانڪو چتي کُٽي وانگر پنهنجي جسم تي رانپوٽا پيو پائي. ڪٽي سالازار ۽ توجو عوام جي ٽُڪن ۾ آهن. آءٌ سوچيان ويٺو، چا پٽي جو انجام ٻه ان کان مختلف ٿيندو؟ پٽو پاڪستان جو بزدل ۽ مڪار ڊڪٽيٽر، جنهن نه معلوم ڪيترا مائيءَ جا لال رت ۾ وهنجاريا آهن؛ ڪيترين عورتن جون ٽاٽن ۾ بيعزتيون ڪرايون آهن؛ ڪيترين آسروند اکڙين کان اگڙ آيل چنڊ ڦُري ورتا آهن؛ جنهن نوجوانن تي جيل ۾ هوندي ٻه نوان ڪيس ڪرائي، عدالتن جي تقدس جي مُنهن تي ٿُڪي، ماٿهن کي غير معينہ مدت لاءِ بند رکيو آهي.

اهڙو واقعو هتي اڄ ٿيو. مسٽر امان الله پشتون ليڊر ڪراچي جيل ۾ ايائي سالن کان بند آهي. هن تي الزام آهي تہ هن 'اسلامي سربراهہ ڪانفرنس' کي ختم ڪرائڻ لاءِ هٿيارن سان پرپور هڪ اسڪيم تيار ڪئي هئي. انهيءَ الزام ۾ هو ايائي سالن کان اڪيلو ڪراچي جيل ۾ آهي. ايائي مهينا اڳ ۾ سپريم ڪورٽ هن جي ضمانت منظور ڪئي هئي، پر هيئين عدالت هن جي 'شوئرٽي' قبول ڪرڻ ۾ ايائي مهينا اينگهہ ڪئي. نيٺ ڪالهہ هن جي ضمانت تي آزاديءَ جو آرڊر پهتو هو. ڏاڍو خوشي ٿي، سيني ساٿين کان موڪلائي، سامان کڻي روانو ٿيو. جڏهن ماڙيءَ تي پهتو تہ سپرنٽينڊنٽ ڪيس ٻُڌايو تہ هوم سيڪريٽريءَ جو فرمان آيو آهي، جنهن مطابق بلوچستان حڪومت اوهان کي ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪيو آهي. سپاڻي توهان کي سنڌ پوليس جي تحويل ۾ بلوچستان موڪليو ويندو. هو چا ٿي ڪري سگهيو. اسان اڃا باهر ئي وينا هئاسون تہ موٽي آيو. هن جي دل تي ان وقت جيڪا گذري هوندي، سا تہ گذري هوندي، پر وينل سپني قيدين جي دل ۾ ڏک، ڪاوڙ ۽ نفرت جا شعلا پڙڪڻ لڳا تہ آخر ظلم جي ٻہ حد ٿيندي آهي، توهان هڪڙي انسان کي ايترو تنگ ڪريو ٿا ۽ پوءِ ٻہ اُن کان اها توقع ڪريو ٿا تہ هو ملڪ جي سالميت ۽ بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪري!

آخر هو ملڪ جو بچاءُ ڪنهن لاءِ ڪري؟ ڇا انهن حاڪمن لاءِ، جيڪي حڪمرانيءَ جي هوس ۾ انسانيت تہ رهي پنهنجيءَ جاءِ تي، حيوانيت جون بہ سرحدون پار ڪري ويا آهن؟ ڇا انهن وڏي صوبي جي ماڻهن لاءِ، جن جا نيشن هتي جي مظلوم قومن جي رت سان رڱيل آهن؟ ڇا انهن لاءِ، جن جي اخبارن ۾ چوريءَ جي عشق جي خبر مقامي قومن جي احتجاجي جلوس کان وڌيڪ جاءِ والاري ٿي؟

o o o

16 جون 1976ع

اڄ هڪڙي ماڻهوءَ کي ڦاسي ڏني وئي. دوستن جو خيال هو تہ سپرنٽينڈنٽ کي درخواست ڏئي اجازت ونئي ڦاسيءَ جو منظر ڏسڻ گهرجي. انهن سڀني ماڻهن جو، جيڪي انسانيت ۽ قومي بقا جي جنگ وڙهندڙ آهن، مظلوم ۽ مجبور انسانن کي ظلم جي بگهڙ جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ جي جدوجهد ڪندي جيل ۾ آيا آهن، تن جو خيال هو تہ هڪ انسان کي مرندو ڏسجي. هڪ انسان کي هن بربريت ۽ سفاڪيءَ سان پرپور سماج جي ڪڙي ڪيل ڦاسيءَ تي ٽنگندو ڏسجي. هڪ غيرتمند ۽ بهادر انسان کي هن بدبوءِدار سماج جي پهريدارن ۽ محافظن جي روبرو موت جي وادي‌ءَ ۾ گم ٿيندو ڏسجي. ۽ ڏسجي تہ زندگيءَ جي ڪنوار ڪيئن ٿي موت جي وحشي چنبن ۾ تڙپي پنهنجي آڻ مڃي!

مون سوچيو تہ جيڪڏهن اجازت ملي وئي تہ آءٌ اهو منظر ڏسي ڪونہ سگهندس. آءٌ ڪنهن گيت جي تان کي ٽُٽندي ڏسي نہ سگهندو آهيان؛ آءٌ ڪنهن جي زخمي مُرڪ نہ ڏسي سگهندو آهيان؛ آءٌ خواب جي گلاب جي پنکڙيءَ کي ڪوماڙل ڏسي نہ سگهندو آهيان؛ آءٌ بار جي هٽ ۾ شيشي جو ڀڄڻ برداشت نہ ڪندو آهيان؛ سو هڪ نرم دل ۽ ارادي جي علامت انسان جي زندگيءَ کي ائين اونداهين جي اٿاهہ غارن ۾ گم ٿيندو ڏسي سگهندس؟ جيل جي ماحول منهنجي ذهن کي بار بار جهنجهوڑيو آهي؛ بار بار منهنجي هانوَ ۾ ڏاڙهوءَ جهڙا ڏنڀ پيدا ڪيا آهن؛ منهنجي تصورات جي ڪاڪ محل تي عربن وانگر منجنيق جا گولا وسايا آهن؛ منهنجي جيءَ

جي جھونا ڳڙھ کي جھوريو آھي. جيل ۾ اچڻ شرط انسانيت جي جيڪا بيعزتي ۽ توھين ھتي مون ڏٺي، تنھن منھنجي سرير جي لونءَ لونءَ ۾ ھن مغاشري، ھن ماحول ۽ ھن قانون کان بغاوت جي باھ ٻاري ڇڏي آھي. ھتي قيدي انسان نہ، پر جانور آھي، ڍو آھير ۽ ان کان وڌيڪ تہ شھر جو رولو ڪتو آھي، جنھن کي ھرڪو ايندڙ ويندڙ پٽر ھڻندو آھي. ھتي بہ ساڳيءَ طرح قيدي ۽ کي سپرنٽينڈنٽ بند وارڊ موڪلڻ جا دڙڪا ڏيندو آھي. ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ملاقات ۾ گوٽناٽي ڪندو آھي، صوبيدار گاريون ڏيندو آھي. پوليس وارو ٽڏا ھڻندو آھي ۽ مقدم موچڑا! جيل ۾ اچڻ کان پوءِ قيدي ۽ لاءِ باھرين دنيا بلڪل ختم ٿي ويندي آھي. عدالتون سزا ڏيڻ کان پوءِ واندیون ۽ بيپرواھ ھونديون آھن ۽ ھتي قيدي نڌڻڪو، بيوس ۽ لاچار ھوندو آھي.

ھڪ ڏينھن آءٌ کوليءَ جي باھران ويٺو ھوس. ڪجھ ڪچا قيدي ميدان ۾ ٻُھاري ڏئي رھيا ھئا. ھڪڙو جامڙد پوڙھو بروچ کوليءَ جي پرسان ٻُھاري ڏيندو اچي منھنجي پرسان ٽيو. مون کي ڏيان ڪونہ ڏنو. تنھن ھوندي بہ اوچتو منھنجي نظر پوڙھي تي پئجي وئي. ڏسان تہ ھو مائيءَ جو ڪريل گندو ٿُڪرو ڪٽي ان کي چنبي ٿوڪي صاف ڪري ڪائي رھيو آھي. اھا حالت ڏسي مون کي پنواتي اچي وئي، منھنجي دل ڪنھن بيواھ وانگر بيحال ٿي روئڻ لڳي، منھنجو دماغ ٽچڪڻ لڳو ۽ منھنجي ذھن جا تانڪا ٽُٽي ٻيا.

قيدين کي کاڌو ايترو تہ ناڪافي ڏنو ويندو آھي، جو ھو ڀکيا ئي رھندا آھن. ھڪ دفعي ھڪڙي قيدیءَ ٻڌي کي ڏڪ ھڻي ڪڍيو. جنھن کي ڏڪ لڳو ھو، سو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جو خاص ماڻھو ھو. ھونئن عام طرح اھڙي مجرم کي بند وارڊ ۾ موڪليو ويندو آھي، پر جيئن تہ ھي معاملو ڊپٽي صاحب جي وقار جو ھو، تنھن چا ڪيو، جو مجرم کي مادر زاد اُگھاڙو ڪري، سندس مُنھن تي دانگي ملي، ڳچيءَ ۾ ڪتي وانگر سنگھر وجھي ڪيس پورو جيل گھمارايو. اسان جي وارڊ ۾ بہ وٺي آيا. اھو منظر ڏسي مون ائين محسوس ڪيو تہ وري دنيا جي شيشي جون ڪِرچيون، منھنجي دل ۾ چُڀي ويون آھن.

ھڪ ڏينھن آءٌ تاريخ تي ويس تي، ڪجھ وقت ماڙيءَ ۾ انتظار ڪرڻو

پيو. اهو ڏينهن قيدين جي ملاقات جو ڏينهن هو. جاريءَ کان ٻاهر ماڻهن جو هڪڙو ٻ اندر قيدين تي پوليس وارن جون گاريون ٻ ڏڪا ڏسي، مون سوچيو ته ڇا هن جو علاج سياسي ٻ سماجي انقلاب کان سواءِ ممڪن آهي؟

شيخ مجيب جي شهادت تي تبصرو ڪندي هڪ ڪامريڊ مون کي چيو هو ته، 'جيڪڏهن پاڪستان مان ويندڙ ست هزار فوجين کي مجيب گوليءَ مان ڪيائي ها، ته اهو حادثو ڪونه ٿئي ها.' آءٌ ڏڪي ويو هوس، اُهو ٻُڌي.

o o o

17 جون 1976ع

اڄ وري آءٌ اڪيلو آهيان. اڄ مون کي سوچڻ ٻ پنهنجي سفر جي پيچرن تي نظر وجهڻ جو موقعو مليو آهي. اڄ مون کي اونداهيءَ رات ۾ زخمي پيرن جي ڳولا لاءِ ڏگهي رستي تي پنهنجا رت ڦُڙا ٻ لڙڪن جون لارون ڳڻڻ ٻ پرکڻ لاءِ واندڪائي ملي آهي. اونداهي رات، ڪائنات جي هر شيءِ کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي. مون کي ڪوليءَ پنهنجي پاڪر ۾ ائين ورتو آهي، جيئن راکاس جي چنبن ۾ ڪوئي جيوَ ڦاسي پوي. اڄ آءٌ اڪيلو رهجي ويو آهيان ٻ وقتي طرح اُداس پڻ!

آءٌ جتي به ڪجهه گهڙيون رهندو آهيان، انهيءَ جاءِ، هنڌ ٻ پُونءِ سان مون کي هڪ قسم جو اُنس، تعلق ٻ لڳاءُ پيدا ٿي پوندو آهي. ان تعلق ٽُٽڻ وقت سمجهندو آهيان ته ڇڻ منهنجي روح جي ڪائي رگ ٽُٽي وئي هجي يا منهنجي لاڳاپي جي تند کي ڪنهن ڇريءَ سان ويڍي ڇڏيو هجي. ساڳي حالت منهنجي ماڻهن لاءِ به آهي. جن ماڻهن سان زندگيءَ جون چار گهڙيون گهاريندو آهيان، يا جن جي اندر ۾ جهاتي پائيندو آهيان، جن ماڻهن لاءِ احساس پيدا ٿيندو آهي ته اهي منهنجي زخمن کي ڪجهه سمجهن ٿا، تن سان زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين توڙ نياڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. انهن کان ڌار رهڻ پنهنجي لاءِ ويراڳ پائيندو آهيان. اهڙيءَ حالت ۾ مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڪنهن ڪنور منهنجي دل کي ائين چنبي ۾ نيوڙڻ شروع ڪيو آهي، جيئن تتر جي ڇڻ کي ڪوراڙ بلا نيوڙيندي آهي. پر زندگيءَ جي شاهراهه تي جيڪي به اهڙا ماڻهو مون کي مليا آهن، جن کي ڏسندي ائين محسوس ٿئي ته ڇڻ سنگاڻ مصريءَ جي

ڏلي ڪنهن منهنجي اندر ۾ ڳاري ڇڏي آهي، سي مون کي اڌ ۾ ڇڏي ويا آهن، منهنجي هانوَ ۾ زهر اوتي ويا آهن، منهنجي دماغ کي ڪيئي گهاءَ ڏئي ويا آهن. منهنجي اندر ڪيئي چاڪ ڇڪائي ويا آهن. وقت اچڻ تي آءٌ ائين اڪيلو رهجي ويو آهيان، جيئن بيابان ۾ بيٺل وڻ، جنهن جي ڇانوَ ۾ نہ ڪو ويٺڪيل ڪجهہ گهڙيون آرام ڪري ۽ نہ ئي ان کي سائو رکڻ لاءِ ان جي پاڙن کي پاڻيءَ سان سينچي. مون زندگيءَ ۾ ڏاڍا فريب کاڌا آهن. زماني، هر قدم تي منهنجي حوصلي کي پست رکڻ لاءِ پنهنجا سمورا فريب استعمال ڪيا آهن. شايد ازل کان ئي سازگار حالتون مون کان ڪنهن چوريءَ وانگر چال ڏئي ويجي ويون آهن. مون جيڏانهن بہ هٿ وڌايو آهي، تہ نہ صرف اهو خالي موٽيو آهي، پر زخمي بہ ٿي پيو آهي. البت سياست لاءِ آءٌ ڇئي سگهان ٿو تہ انهيءَ ميدان ۾ مون کوبہ فريب نہ کاڌو آهي. آءٌ ڪڏهن بہ ان جي طلسم هوشربا ۾ گم نہ ٿيو آهيان. ان راهہ ۾ هلندي ڪٽي بہ ٽاپو ڪونہ کاڌو اٿم. ڪٽي بہ منهنجو شعور گمراهہ نہ ٿيو آهي. ڪٽي بہ منهجي عقل ۽ وجدان سياسي صحرا ۾ ويٺڪڻ لاءِ مون کي نہ ڏڪيو آهي. فلسفن ۽ نظرين هن عظيم ڌرتيءَ سان منهنجو رشتو نہ ڪٽيو آهي. باقي زندگيءَ جي بين ميدانن ۾ تہ قدم قدم تي آءٌ ٽڙيو آهيان. وک وک تي وهہ جو ڏک پيتو اٿم. ڏهاڙي ڪوئي ڏهاڳ ۽ ڏولاٿو نصيب ٿيو اٿم.

اسڪول ۾ پڙهندو هوس. ننڍڙي عمر، ڪچڙو ذهن، معصوم خواهشون ۽ مقدس جذبا. هڪڙو ڪلاسي هوندو هو. پاڻ ۾ ڏاڍا نهيل هوندا هئاسون. ڏاڙهار ماني بہ ڪونہ کائيندا هئاسون. سانجهي صبح گڏ، پڙهڻ وقت هڪ بينچ تي گڏوگڏ، سمهڻ وقت لڳ لڳ. ڏاڍو هڪ ٻئي کي پائيندا هئاسون، ايتري قدر جو فَقَرُ ونڊ ۽ اسٽيشن تي ماسترن جي ڪم ڪار ۽ اسڪول جي ٻهاري ۾ بہ اسان جو وارو گڏ هوندو هو. پر اوچتو واءُ وريو، هن کي ٽري مائٽن پڙهڻ کان بس ڪرائي، مال سان لڳائي ڇڏيو ۽ آءٌ اڪيلو رهجي ويس.

ڪجهہ وڌو ٿيس ۽ هڪڙو دوست ناهيم. ٻنهي جو قد ڪاٺ، رنگ روپ ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هڪ جهڙيون هونديون هيون. سال بن کان پوءِ اهو بہ هليو ويو ۽ آءٌ بيابان جو وڻ بنجي ويس.

اهي ٻئي ماڻهو مون کي ايڏا ۾ ياد آهن: پوئين محمد رمضان سمي کي جيل مان خط لکيو اٿم. جيتوڻيڪ 1962ع کان پوءِ اسان نه هڪ ٻئي سان مليا آهيون ۽ نه وري کو خط پَٽ لکيو اٿئون. پر جڏهن جيل ۾ آيس تہ زندگيءَ جون مشغوليون ائين چڏايون ويون، جيئن ڪنهن ارڏي انسان کي جلاوطن ڪرڻ ويلي ڪائنس سندس پوڻءِ چڏائي ويندي آهي. ماضيءَ جي زندگيءَ تان دز لاهڻ شروع ڪيم. ذهنَ، حال مان ڦٽجي، ماضيءَ جي وڻ جي ڇانوَ ۾ ڊاهو ڪرڻ چاهيو تہ هڪدم نندپڻ جي اها معصوم چاهنا هينئين ۾ هُري آئي. مون کي پڪ آهي تہ انهن دوستن مون کي وساري چڏيو هوندو، بلڪل ائين جيئن ڪائي ڪنواري ماءُ ٻار جي پيدائش کان پوءِ ان کي وساري چڏي، دل تان لاهي چڏي ۽ ذهن جي ڦرهيءَ تان ميساري چڏي. پر آءٌ اڄ به چئي سگهان ٿو تہ:

اي هم نفسانِ محبت ما، رفقيه ولي نه از دل ما.

مدرسي ۾ پڙهندو هوس. هڪڙي چوڪريءَ سان گڏ گڏاڻ جي خواهش ڪر موڙيا. ان جي مائٽن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين کان ڳالهه پکي ٿي وئي. آءٌ خبر چار ونڻ ويس تہ هڪ ماڻهوءَ مون سان قصو بيان ڪيو. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس، انهيءَ ڪري نہ، تہ ڪو مون کي شاديءَ جو شوق هو، پر جتان شادي ٿي پئي، اها چوڪري نہ معلوم ڪيتري وقت کان منهنجي دل جي ڪينر کي پنهنجي نازڪ آڱرين سان وڃائيندي رهي ٿي ۽ ڪيس ڏسي منهنجي دل ۾ ڪائي ازلي تانگهه جاڳي پوندي هئي. پر ان جي باوجود مون ان کي ڪڏهن به ڪونہ ٻڌايو تہ:

ونين ۾ ٿي ويهه تہ آءٌ .واري ڏکيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهه آءٌ نہ ڏسان کي ٻيو.

جڏهن ان ماڻهوءَ ڳالهه ٻڌائي، تڏهن منهنجي دل جا ڪنور ڪڙي پيا ۽ من جي ڪينر مان مسرت ۽ خوشيءَ جا گيت ڦٽڻ لڳا. نندي هوندي کان ئي طبيعت خودغرضي ۽ مطلب برآوريءَ کان نفرت ڪندي هئي، ان ڪري سوچيم تہ ڪٽي ائين تہ ناهي، جو آءٌ پنهنجي خوشيءَ لاءِ چوڪريءَ جي دل جو ڪاڪ محل ويران ڪري رهيو هجان. ڪٽي پنهنجي زندگيءَ کي گيتن جي خوشبودار پاڻيءَ ۾ وهنجارڻ لاءِ هن جي دل جي ديول ۾ ماتمي

چراغ تہ نہ ٻاري رهيو آهيان. ان ڪري ڇا ڪيم، جو هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو وجهہ وٽي سندس گهر ويس. هوءَ اڪيلي پُنيري ويٺي چولي تي پرت پرڻ سان گڏ ڪو لوڪ گيت جهونگاري رهي هئي. مون بيخبريءَ ۾ هٿ سندس اکين تي رکي چڏيا، هن جي هٿ ۾ سُئي چُپي پئي ۽ هلڪي دانهن نڪري ويس. مون اکين تان هٿ هٽائڻ کان سواءِ ڪيس چيو: "سُجاڻ پلا ڪير آهيان؟"

"اوهہ تون!! خدا جي واسطي چڏ."

مون سندس اکين تان هٿ هٽائي چڏيا. هوءَ پوتي منهن تي ويڑهي ويهي رهي. ڪيس چيم، "چري، آءٌ توسان ڳالهائڻ آيو آهيان ۽ تون مُنهن ويڑهي ويهي رهي آهين."

هن مُنهن تان ڪپڑو هٽائڻ بنا ئي چيو، "ڳالهائڻ لاءِ ٻاڻ ڪي تمام گهڻو وقت ملندو. تون انهيءَ وقت لاءِ راضي آهين؟"

هن منهن تان هڪدم پوتي هٽائي پنهنجا ڳورا، تندرست ۽ نرم هٿ منهنجي هٿن تي رکندي چيو، "مون ڪي تہ تنهنجي لاأباليءَ طبيعت جي ڪري اُلڪو لڳو پيو هو." ائين چوندي ئي سندس اکين ۾ وقتي طرح ڪو شعلو چمڪيو. چهري تي ميندي جو رنگ آيو ۽ گلابي چپن تي مُرڪ جون ريکائون لڪ لڪوٽي کيڏڻ لڳيون.

آءٌ اٽي آيس. وقت اڳتي وڌندو رهيو. ڪن ماڻهن جي مداخلت سبب منهنجي شادي ڪانہ ٿي سگهي. هن جو مڱڻو ٻيءَ جاءِ تي ٿي ويو. هڪ پيرو ڪيس نياپو موڪليم تہ اڪيلائيءَ ۾ مون سان ڪٿي مل. جواب ڏنائين، "آءٌ ٻاڻ ۾ طاقت نہ ٿي سمجهان ۽ نہ وري فائدو."

سندس شادي ٿي وئي، هن وقت ڪيس اولاد آهي. آءٌ نہ ساڻس مليو آهيان، نہ وري هن بہ ڪو اهڙو ويچار ڏيکاريو آهي. دل تان بہ لهي وئي آهي؟ پر ڪڏهن ڪڏهن دل جي اونداهيءَ مان هڪ ڇهرو اُپرندو آهي ۽ ڪائي هلڪي درد جي ياد ڏياري ويندو آهي، ۽ آءٌ ان کي ڏسي بي اختيار چئي ويهندو آهيان:

ڏئي ڏينهن ٽيار، ڪه جاڻان ڪهڙا پرين.

آءٌ سمجهان ٿو تہ ان وقت منهنجي شادي نہ ٿيڻ بہ منهنجي ذهن ۽

موجوده عملي زندگيءَ لاءِ فائديمند ثابت ٿي آهي. جيڪڏهن ان وقت شادي ٿئي ها ته شايد آءُ روزگار ۽ گهريلو پريشانين ۾ جي جهنجهٽ ۾ ايترو وڪوڙجي ۽ ڦاسي پوان ها، جو سندِ جي حقن جي حاصلات لاءِ هلندڙ جنگ جي قافلي ۾ شريڪ ٿي نہ سگهان ها. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ حالت ۾ خوشي ۽ سڪون ملي ها، ۽ تڪليفن کان بچيل رهان ها. پر موجوده حالت جي خوشي ۽ ضمير جو اطمينان ته ڪڏهن به حاصل نہ ٿي سگهي ها. هيءَ زندگي، جنهن ۾ فرد جي سوچ بيشمار انسانن جي سوچن سان ملي هڪ ٿي ٿئي ۽ فرد جو ڏک قوم جي ڏکن جي سمنڊ ۾ قطري وانگر ملي، پنهنجي هستي ختم ڪري ٿو. هيءَ زندگي، جنهن جي تڪليف ۾ راحت آهي؛ جنهن جي ذلت ۾ عزت آهي؛ جنهن جي غم ۾ شاندار مستقبل جي جهلڪ آهي؛ جنهن ۾ جيل جون ديوارون انساني عزم جي آسمان هيٺان پُرنديون جهُرندیون رهن ٿيون؛ سا ڪٿان ملندن. سا ته ڪيترين ڪنول جهڙين اکين کي قربان ڪرڻ کان پوءِ ملندي. ڪيترن ڏاڙهونءَ جي ڪڍ جهڙن ڳاڙهن ۽ ماکيءَ جهڙن منڙن چپن کي تياڳڻ کان پوءِ ملندي.

هتي رهي آءُ محسوس پيو ڪريان ته بادشاهن کي سندن عشرت ڪدن ۾، شهنشاهن کي سندن تختن تي ۽ نوابن کي سندن حويلين ۾ به اها دولت نہ ملندي، جيڪا هڪ وطن پرست انسان کي آزاديءَ جو پنڌ ڪندي تڪليفن جي صورت ۾ ملي ٿي.

خود جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ڪافي اهڙا ماڻهو مليا آهن، جيڪي اڳتي هلي منهنجا سخت مخالف ٿي پيا ۽ سون تي انتهائي واهيات قسم جي نڪته چيني ڪرڻ لڳا. اُن جي باوجود منهنجي دل انهن سان ملڻ، ڪين ڏسڻ ۽ ساڻن ڪچهري ڪرڻ لاءِ هر وقت آتي رهندي آهي.

گرفتاريءَ وقت ڪجهہ وقت لاڪ اپ ۾ رهيو هوس. جڏهن لاڪ اپ مان نڪتس، ان وقت هڪ قسم جو اُنس پيدا ٿي ويو هو، ان لاڪ اپ جي ڪوٺڙيءَ ۽ اُتي جي عملي سان ۽ دل چاهي پئي ته اتي ئي رهائين ته ڇگو. نندي ڪنڊ جي مشهور صحافي، سردار ديوان سنگهہ 'مفتون' هڪڙيءَ جاءِ تي لکيو آهي ته "ڪتي ۽ ٻلي ۽ جي بنيادي عادتن ۾ فرق هيءُ آهي ته ڪُتو مالڪ سان وفادار هوندو آهي ۽ ٻلي گهر سان وفادار هوندي آهي. ڪُتو

جيڏانهن مالڪ ويندو، ان سان گڏ هليو ويندو، پر ٻلي گهر ڪونہ ڇڏيندي، ٻلي مالڪ هليو وڃي."

آءٌ سمجهان ٿو وطن، جاءِ ۽ گهر جي معاملي ۾ منهنجي اندر شايد ٻليءَ واري خاصيت آهي. باقي جن ماڻهن سان ڪي گهڙيون گهاريندو آهيان ۽ پوءِ جڏهن ڏار ٿي ويندو آهيان، ان وقت منهنجيءَ دل جي جيڪا حالت ٿيندي آهي، تنهن کي محسوس ڪري مون کي مثنوي مولانا روم جي نڙ واري ڳالهہ ياد اچي ويندي آهي، جنهن کي شاهہ سائينءَ ہ ڪتب آندو آهي تہ:

وڇيل ٿي وايون ڪري، ڪُنڊ ڪوڪاري.

نڙ جي باري ۾ روميءَ جو چوڻ آهي تہ، "هو دانهون ٿو ڪري، ورلاپ ٿو ڪري، روج راڙو ٿو ڪري، انهيءَ ڪري جو توهان هن کي ٻين ڪانن کان جدا ڪري وڇي آيا آهيو." پر آءٌ اُتي وري ہ شاهہ سائينءَ جي نصيحت تي عمل ڪندو آهيان تہ:

نهائينءَ کان نينهن، سُک منهنجا سُپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

مون ہ جدائيءَ وقت ڪيترن ڳوڙهن کي ٿهڪن ۾ لڪائي ڇڏيو. ڪيترين آهن کي مُرڪ جي چادر اوڍائي لڪائي ڇڏيو؛ ڪيترين سنگين حقيقتن کي لفظن جي رنگينيءَ جي غلاف ۾ ويڙهي ڇڏيو؛ انڪري، ڪي ماڻهو مون کي تنهائي پسند، انتهائي بور ۽ مغرور ہ سمجهندا آهن، پر ڪجهرين ۾ ويهڻ کان پوءِ منهنجي جيڪا حالت ٿيندي آهي؛ تنهن مون کي مجبور ڪيو آهي تہ آءٌ اڪيلائي اختيار ڪريان، گهٽ ڳالهائان ۽ پري رهان.

هڪڙي وقت ڪنهن جاءِ تي ويهندو هوس، اتي ڪجهہ ٻيا ماڻهو ہ ايندا هئا. ڏينهن جو ٻين کان ٽين وڳي تائين ڪجهري ڪندا هئاسون. جيتوڻيڪ اهو ٽائيم ڪچهريءَ جو هرگز ڪونهي، پر پوءِ ہ اسان ويهندا هئاسون، لطيفا ٻڌائيندا ۽ ٻڌندا هئاسون. گهٽو ڪري اسان جي اها ڪچهري ساندهہ ۽ سال هلي، پر اسان جي اُنهيءَ ڪچهريءَ منهنجي من کي اهڙو روگ ڏنو، جو اڄ سوڏو ان کان جان آزاد ڪرائي نہ سگهيو آهيان ۽ دل مان ڪڏهن ڪڏهن دانهن نڪري ويندي آهي تہ:

خوش شبي بايد و فرخنده ماهتابي،
تا بر تو حكايت كنم زهر بابي

ڪراچي جيل ۾ اچي سورهين نمبر واريد ۾ رهيو هوس، اهو واريد 'جيل جو دوزخ' ڪري سڏبو آهي ۽ دل هر وقت چاهيندي هئي ته هتان نڪرجي. پر ساڳئي وقت انهيءَ واريد مان جڏهن تڏهن مُوڙجي ميگهواڙ، حاجي جماڻيءَ ۽ يعقوب جتوئيءَ کي ڇڏڻ ۽ ڌار ٿيڻ لاءِ طبيعت تيار ئي نه پئي ٿي.

28 اپريل تي آءٌ سورهين نمبر واريد مان منتقل ٿي وارڊ نمبر ٻاويهين ۾ پهتس، جتي ڊاڪٽر اعزاز نذير سان گڏ نعپ جا ڪيترا ورڪر، مزدور، ليڊر ۽ ڪجهه ٽري هئا. ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس ساٿين جيڪا منهنجي خدمت ڪئي، جيڪو قرب ۽ پنهنجائپ سان پرپور نمونو اختيار ڪيو، سو آءٌ ڪڏهن به وساري ڪونه سگهندس. جيتوڻيڪ مون ڊاڪٽر وارن سان هميشه شديد قسم جا اختلاف ڪيا آهن ۽ اُهي اختلاف موجود آهن، جن جي ڊاڪٽر صاحب کي خبر هئي. پر ان جي باوجود هنن جي هر ڳالهه انساني محبت ۽ همدرديءَ سان پرپور هئي.

ماسٽر غلام نبي، جيڪو حق ۽ صداقت جي تلاش ۾ اڪيلو هندستان مان نڪتو ۽ سموي زندگي صحرائن ۾ ٻڪندو رهيو، اُن جي خدمت ۽ دوستي، مظفر جون معصوميت سان پرور ڳالهيون ۽ بي داغ سچائي، سيد عبدالجبار جا پختونستان جا نعرا ۽ ماما لالي جون خان بادشاهه ۽ سائين جي. ايم. سيد جي باري ۾ قلندرانه عقيدت منديون، جيئي سمي جا ڏور، ڳجهارتون ۽ ٽوٽڪا، هاشم سمي جي دعا ته "الله سائين جوري (زوري) ڇڏاءِ!" پير صاحب پاڳاري جي حُر حمزي جون ڳالهيون، ۽ چوڌري ظهورالاهي کي يهودالاهي سڏڻ، گل يار جي ليٽ نيشنلزم ۽ سائي فيض الله جو چيني ٽائپ ڪميونزم ۽ مزدور ڪسان پارٽيءَ جي اڪرم ۽ لطيفا، ٽوٽڪا ۽ منطقي دليل ٻاهر ڪٽي تا ملن! انهيءَ جاءِ تي اسان ڏينهن جا ڏينهن تاس راند کنڊي گذاريا. انهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ اسان پهرين مئ جو فنڪشن ملهائي، دنيا جي پورهيت ۽ مظلوم عوام کي خراج تحسين پيش ڪيو. انهيءَ ڪولهيءَ ۾ اسان جيل جي بوريت ۽ خاموشيءَ کي ٽوڙ

لاءِ ساڻين سان شامن ملهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو. مٿان ابراهيم 'منشي' به اچي نڪتو. سندس شعر ٻڌندي ٻڌندي راتيون وهايون ويندیون هيون. سندس پرجوش ۽ سُريلو آواز اُوچا ڪوٽ اورانگهي، فضائن ۾ ويهين صديءَ جي مظلوم سنڌيءَ جو آواز پکڙيندو رهيو هو. چون ٿا ته جڏهن مراد فقير پنهنجي مرشد روحل فقير وٽ آيو هو، تڏهن هڪڙو شعر چيو هئائين:

وَرَ پُسي پدمات جي، ٻن هٽي هالار،
مون هيکاندا يارَ، تہ ڏکيا ڏينهن نہ ساريان!

سو منشيءَ جي شاعريءَ جي وسندڙ وڏڙي مينهن ۾ اسان جيل جون سڀ سختيون وساري ڇڏيون.

28 اپريل کان 28 مئي تائين اسان ٻاويهين بيرڪ ۾ رهياسون. جهڙا گهر جا ڀاتي. ڪڏهن به اسان جي وچ ۾ تلخي يا بدمزگي پيدا ڪانہ ٿي. البتہ هڪڙي ڏينهن حمزو ٿورو ڪاوڙجي پيو هو، سو به پوءِ پرچائڻ سان پرچي ويو. ٿيو هيئن جو هن چوڌري يهودالاهيءَ جي تعريف ڪئي. مون چيو، "چڏ يار! ڪهڙي جي ٿو تعريف ڪرين، ڏارين دلالن جي ٽڪي جي نمائندي جي."

حمزي چيو ته، "چوڌري فش ڪلاس آهي، چو ته پير صاحب جي پالتيءَ جو آهي. اوهان کي پير صاحب سان دشمني آهي، ان ڪري چوڌريءَ کي نٿا مڃيو."

خير اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون هيون، جن ماحول ۾ ڪابہ ڪشيدگي پيدا ڪانہ ڪئي. ڇويهہ ستاويهہ ماڻهو رهندڙ هئاسين. ايترن سارن ماڻهن جي وچ ۾ ناچاڪي ۽ بي اتفاقي پيدا ٿيڻ جو هر وقت امڪان رهيو ٿي، تنهنڪري اختلافن نبيرڻ لاءِ هڪڙي ڪميٽي به تشڪيل ڏني وئي، جنهن جا ميمبر آءٌ، ماسٽر غلام نبي ۽ فيض الله مقرر ٿياسون. اختلافن جي نبيري کان سواءِ ڪميٽيءَ جو هيءُ ڪم هو ته روزانو مجلسُ کي آراسته ۽ خوشگوار بنائڻ لاءِ پروگرام ناهي. ماحول ڏاڍي مزي سان پئي گذاريوسون.

مون کي دوستن 'بي ڪلاس' جي درخواست ڏيڻ جو چيو، پر 'بي ڪلاس' جي صورت ۾ مون کي اها محفل چڏڻي پوي ها، تنهنڪري مون

بي ڪلاس جي درخواست ڪانه ڏني. جڏهن راجا رحيم يار ۽ مانڊل شر سکر جيل مان بدلي ٿي، تيرهين نمبر ۾ آيا، تڏهن هنن جيل سپرنٽينڊنٽ کي درخواست ڏئي، مون کي ۽ منشيءَ کي تيرهين نمبر ۾ گهرائي ورتو. هن پيري مون کي مٿو پوي ٿو ته آءٌ وڏي ڪشمڪش ۾ اچي ويس. هڪ طرف اهي ماڻهو هئا، جن پريشانيءَ، مصيبت، ڏک ۽ تڪليف ۾ مون کي ڏيڏ ڏنو، منهنجي خدمت ڪئي ۽ گهر جي پاتين وانگر منهنجي پرگهور لڏي، ٻئي طرف منهنجي ڏنڙيل ديس ۾ سنڌي قوم جو فرد (منشي) هو. وقت جي حالتن ۽ تاريخي رفتار اسان ٻنهي کي هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيو هو. سنڌ جي فطري گهرجن، اسان کي هڪڙو فرض سونپيو هو. مون کي منشيءَ جو ساٿ ڏيڻو پيو ۽ پنهنجي متل محفل کي ڇڏڻو پيو. اسان جو ساٿ ته ازل کان آهي، ابد تائين اسان جي ساٿ کي سنڌ جي مقدس ڌرتي مضبوط ۽ محڪم ڪيو هو، سو نه ٽُٽو ۽ تمنا اٿم ته نه ٽُٽي:

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم،
قالوبلا قلب سين، تڏهن تت چيوم.
(شاهه)

تيرهين نمبر وارد ۾ مانڊل شر ۽ راجا بي ڪلاس جا قيدي هئا ۽ اسان سي ڪلاس جا. وارد هڪڙو هو، تنهنڪري ڏينهن سارو گڏ وهندا هئاسين ۽ رات جو ڌار. ڪجهه وقت گذرڻ سان پليجي جو هڪڙو ماڻهو اسماعيل سوهو به اچي نڪتو.

اڄ اسماعيل ۽ منشي ٻنهي جو بي ڪلاس ٿي ويو. هوبئي بي ڪلاس ۾ هليا ويا آهن ۽ آءٌ اڪيلو 'سي ڪلاس' ۾ آهيان. دروازو بند آهي. آءٌ اڪيلو ۽ اُداس!!

o o o

18 جون 1976ع

منشيءَ ولڻ جي بي ڪلاس ٿيڻ کان پوءِ دوستن جي مشوري تي مون به بي ڪلاس لاءِ درخواست ڏني، جيڪا ساڳئي ڏينهن تي منظور ٿي وئي. دوستن کان موڪلائي جيل ۾ آيس. جيل ۾ اچڻ کان پوءِ رات ڇڙيون پيرو پکي جي هيڻان کٽ تي سمهڻ نصيب ٿيو. سياسي قيدين لاءِ ننڍي ڪنڊ ۾

ڪلاس وارو سسٽم تمام گهٽو دير سان جاري ٿيو. اڳي هتي اي يا بي ڪلاس صرف اڇيءَ چمڙيءَ وارن کي ملندو هو. هندستان جي تحريڪ آزاديءَ جا وڏا وڏا رهنما ڪافي وقت 'سي ڪلاس' ۾ مشقت ۽ محنت ڪندا رهيا. ڪتابن جي غير موجودگيءَ ۾ يقين سان ته نه، پر حافظي جي آڌار تي آءٌ، سمجهان ٿو ته شايد هڪ بنگالي حريت پسند، جنهن جو نالو 'جتيندر ناٿ گهوش' هو، تنهن هندستاني قيدين کي بهتر ڪلاس ڏيڻ لاءِ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪئي هئي. سندس اها بک هڙتال باهتر ڏينهن هلي ۽ هو انهيءَ بک هڙتال ۾ مري ويو هو. حڪومت سندس مطالبو پورو ڪونہ ڪيو ۽ هو بنگالي آتش فشان عزم ۽ همت جو همالیہ وانگر مضبوط انسان، پنهنجي قول تي پورو رهندي مري ويو. جيل جُون سنگين ديوارون، حڪومت جي انڌي طاقت، عدالت جو قانون ۽ دنيا جي آزادي ۽ جمهوريت نواز بيحس انسان، هن بنگالي بهادر جي موت تي خاموش رهيا، پر هو پنهنجي آهني عزم سان پرپور جواني، ماءُ ۽ پيئرن جون آسون ڪٽي، ديس جي آزاديءَ جي وات ۾ ڪڙيل ستاري جيان روشني پيدا ڪري، هميشه هميشه لاءِ ڪوئي انوکو گيت ٻنجي ويو. ياد رهي ته جتيندر ناٿ جو لاش جڏهن جيل ڪان ٻاهر پٽي نئي ويو، ان وقت جيل جي سپرنٽينڈنٽ ٽوپي لاهي کيس سيليوٽ ڪيو هو ۽ انگريز جي حڪومت سندس موت کان پوءِ ديسي قيدين لاءِ بهتر ڪلاس منظور ڪيا.

جهڙيءَ ريت ان نوجوان جي آزاديءَ جي جدوجهد جو ڦل بہ نااهل ماڻهن کي نصيب ٿيو، اهڙيءَ ريت سندس جدوجهد ۽ قرباني‌ءَ مان سندس حاصل ٿيل اي ۽ بي ڪلاس جو فائدو بہ هن ديس ۾ رشوت خور ڪامورا، قاتل، اسمگلر ۽ چور بازاري ڪٽڙ وٺي رهيا آهن. هن جيل ۾ بہ بي ڪلاس جون سهوليتون سياسي قيدين کان وڌيڪ اخلاقي قيدين کي مليل آهن. هتي سياسي قيدين کان وڌيڪ اخلاقي قيدي بي ڪلاس ۾ آهن.

مون کي خبر ڪانهي ته ڪميونسٽ ملڪن جي جيلن ۾ ڪلاس سسٽم آهي يا نہ، ۽ جيڪڏهن آهي ته ان لاءِ معيار ڪهڙو آهي؟ پر جن ملڪن ۾ سامراجي ملڪن جي ورثي طور جيل ۾ ڪلاس سسٽم هلندو اچي ٿو، اتي بهتر ڪلاس جو معيار بہ انهن جي نقطي نظر مطابق آهي. مثال

طور صاحب جائداد ۽ اهڙو ماڻهو، جيڪو ٽن سون رپين تائين هر سال حڪومت کي ڊل يا انڪم ٽيڪس ڏيندو هجي، انهيءَ قانون موجب پنجاب جو چوڌري، سرحد جو خان، بلوچستان جو سردار ۽ سنڌ جو وڏيرو ڪڏهن به جيل جي سي ڪلاس ۾ وڃي نٿو سگهي ۽ نه وري سرمائيدار سي ڪلاس جو حقدار آهي. بيو معيار آهي انگريزيءَ جو گريجوئيٽ هجڻ. اسان کي ڪهڙن بنيادن تي بي ڪلاس ڏنو ويو آهي، سا مون کي خبر ڪانهي، ڇو ته آءٌ ۽ منشي نه گريجوئيٽ آهيون، نه ڊل يا انڪم ٽيڪس پيارينڊز. ٻڌو اٿم ته موجوده دور ۾ ريگيولر اسٽوڊنٽ کي به بي ڪلاس ڏنو ويندو آهي. اسان اسٽوڊنٽ به نه آهيون. ان کان سواءِ قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي به بهتر ڪلاس ڏنو ويندو آهي. سابق وزيرن، گورنرن ۽ ميمبرن کي سڀي ڪلاس جو لائق سمجهيو وڃي ٿو. خير ڇا به هجي، اسان کي ٽالي ماتر 'بي ڪلاس' ملي ويو آهي.

آءٌ اڃا انهيءَ سڀي ڪلاس مان پوريءَ ريت مزو ونان ئي ونان، تنهن کان اڳ ۾ اڄ صبح هڪڙو مقدم آيو. چئي: "تنهنجي ملاقات آئي آهي." آءٌ حيران ٿيس ته منهنجي ملاقات لاءِ ڪير ايندو؟ آءٌ سورهن ڏينهن لاڪ اپ ۾ بند هوس، ڪيترا ڏسٽا وائسٽا ماڻو موجود هئا، پر ڪوبه ملاقات لاءِ ڪونه آيو. هتي ته ملاقات هوم سيڪريٽريءَ جي اجازت کان سواءِ ٽي نه ٽي سگهي، سا به سي. آءِ. ڊي وارن جي موجودگيءَ ۾؟ آخر اهڙو ڪير ماڻهو هوندو، جيڪو هن حالت ۾ ملاقات لاءِ ايندو؟ جيڪي ملاقات لاءِ اچڻ گهرجن، سي ته لاڪ اپ کان وٺي ڪورٽ ۾ حاضريءَ جي هر تاريخ تي ايندا آهن. آءٌ اهو سوچيندي ماڙيءَ ۾ ويس ته اتي جيل جي ڪرسيءَ جي سامهون هڪڙو ٽلهو، گنجو ۽ بي دولائتو شخص ويٺو هو. ان ڏانهن ته آءٌ سي. آءِ. ڊي. جو انسپيڪٽر آهيان، ڪن ڳالهين جي تصديق ڪرڻ آيو آهيان. مون چيو، "آءٌ حاضر آهيان." هن 'پيغام' رسالي جا ٻه پرچا ڪڍي، منهنجي سامهون رکيا. هڪڙي ۾ منهنجي تقرير هئي، جيڪا شهيد عبدالرزاق سومري جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪئي هئم، جنهن ۾ پٽي تي تنقيد ٽيل هئي ۽ ان ۾ عدالت جي باري ۾ ڪن فلاسفرن جا قول ڏنل هئا.

هن پڇيو، "هيءَ تقرير تنهنجي آهي؟" چيم، "ها!" وري ٻيو پرڇو ڪڍي منهنجو انٽرويو ڏيکاريائين. چئي: "هي ٻه تنهنجو آهي؟"

"ان جي هر لفظ جي ذميواري ڪٽان ٿو، سواءِ هڪڙي لفظ جي- ته مون تشدد تي يقين رکڻ واري سوال جي جواب ۾، "ها" چيو.

مون انٽرويو کولي ڏنو، پوري جو پورو ڳاڙهين ليکن سان پريو پيو هو. ويندي شادي ڪرڻ واري سوال ۽ ان جي جواب تي ٻه ڳاڙهيون ليڪون ڏنل هيون. پناهگير انسپيڪٽر کي چيم ته، "توهان جي نظر ۾ سنڌي ماڻهوءَ جي شاديءَ جي خواهش جو اظهار ٻه جرم آهي."

جيلر جيڪو رجعت پسند سرهندي پير آهي، تنهن مون کي چيو ته، "ڇا آهي؟" جواب ڏنم ته هنن جي ذهنيت جو توهان اندازو لڳايو ته رسالي جي ايڊيٽر مون کان پڇيو هو ته 'ڇا توهان ڪڏهن شادي ڪرڻ لاءِ ٻه سوچيو آهي؟' مون جواب ڏنو هو ته، 'جڏهن ڪنهن ماءُ جي هنج ۾ مرڪندڙ ٻار ڏسندو آهيان، تڏهن مون کي شاديءَ جو خيال ٿيندو آهي.' هنن استادن انهن سوالن جوابن تي ٻه ليکون ڏئي ڇڏيون آهن.

انسپيڪٽر وائڙو ٿي آکڙ لڳو ته، "سائين، ليکون ڏيڻ وارا ٻيا آهن. اسان جي ڪا هن سان دشمني ٿوري ئي آهي."

جڏهن رسالا منهنجي سامهون رکيا ويا، تڏهن هڪڙي گهڙيءَ لاءِ خيال آيم ته انڪار ڪريان ته اها تقريز ۽ انٽرويو منهنجا ناهن، پر پوءِ سوچيم ته انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ جوابداري ڪنهن تي ايندي؟ اهو خيال ايندي ئي ڏکي ويس ۽ فيصلو ڪيم ته ڪيس جي هر سطح تي سڀ شيءِ جو اقرار ڪندس، پوءِ ڪٽي سزا ڇو نه ملي ۽ ڪيتري ئي وڏي ڇو نه ملي. هڪڙو سوال هو ته، "قربان ميمڻ ۽ خالق جوٽيجي کي سڃاڻين؟"

"مون ڪڏهن ٻه اهي ماڻهو ڪونه ڏٺا آهن، نه وري کين سڃاڻان." منهنجو جواب هو.

اهي ڳالهيون هليون ئي پئي ته هڪڙي پوڙهي عورت ۽ ان سان گڏ خوبصورت نوجوان ڇوڪري آفيس ۾ داخل ٿيون. سيني جون نظرون ڇوڪريءَ ڏانهن ڪجي ويون ۽ آءٌ ته ڏسندو ئي رهجي ويس. گهٽو اڳي چيڪوسلواڪيا جي جنگ آزاديءَ جي شهيد، مشهور عالم ۽ چيڪ اديب

'جيولس فيوچڪ' جي دائري ۾ هڪڙيون ٻه ڳالهيون پڙهيو هئم. فيوچڪ لکيو آهي ته، "هن وقت اڌرات آهي. پورو پراڳ شهر ننڊ جي ڳهر ۾ هوندو ۽ ڪو مرد پنهنجي خوبصورت زال جي ڳلابي ڏڻن تي آهستي آهستي هٿ گهمائيندو هوندو....

"مون کي باهر گهمائڻ لاءِ ونيو ويا. آءٌ رستن تي هلندڙ عورتن جي سڊول، خوبصورت ۽ لسين جنگهن ڏسڻ ۾ مصروف ٿي ويس ۽ مون کي پنهنجي حالت ۽ ماحول جي ڪابه سُڌ ڪانه رهي."

ڪتاب موجود ڪونهي، ٿيَ سگهي ٿو، هن جا لفظ ٻيءَ طرح هجن، پر مفهوم اهو ئي آهي، جيڪو لکيم. ٻنهي جاين تي 'ڏڏ' ۽ 'جنگهون' لکيل آهن. اهو ڪتاب گهڻو وقت اڳي سنڌيءَ ۾ "سوري جنين سيج" جي نالي سان ترجمو ٿيو هو. هينئر اڻ لڀ آهي. البته اردو ترجمو "قهانسي کي سائي سن" عام جام ملي ٿو.

جڏهن مون فيوچڪ جون اهي ڳالهيون پڙهيون هيون، تڏهن تعجب ۽ حيرت ٿي هيم ته فيوچڪ ائين چو سوچيو؟ فيوچڪ کي مٿانهون هٿ گهرجي ها وغيرد. پر اڄ سڀ ڪجهه فطري لڳم. اڄ فيوچڪ تي ٽيندڙ حيرت ختم ٿي وئي. اڄ اها ڳالهه ٻه سمجهي ورتم ته نهروءَ چو لکيو آهي ته، "مون کي جيل ۾ سڀ کان وڌيڪ تڪليف هيءَ هوندي هئي، جو آءٌ ڪنهن عورت ۽ پار جو ڳالهائڻ نه ٻُڌي سگهندو هوس." اڄ پروڙ پيم ته فولادي عزم واري هٽلر چو ايوا براٽون جي هنج ۾ خودڪشي ڪئي. معلوم ناهي ته عورت ۾ ڪهڙو جادو آهي. مون وٽ ته عورت اهڙي موسيقي آهي، جيڪا نگاهن سان ٻُڌي سگهجي ٿي.

o o o

19 جون 1976ع

اسان جنهن وارڊ ۾ رهون ٿا، سو 'پوليٽيڪل وارڊ' سڏجي ٿو. هيءَ جيل اندر ٻيو جيل آهي. هن وارڊ کي چوڌاري وڏو ڪوٽ آيل آهي، جنهن جو شاهي لوهي دروازو اندئي پَهر بند رهندو آهي، نه ڪو باهريون قيدي

---

* اهو ڪتاب "قاسيءَ جي چانوَ ۾" عنوان سان ڇپيل آهي.

اسان جي صورت ڏسي سگهندو آهي ۽ نه وري اسان کنهن باهرئين قيديءَ جي شڪل ڏسي سگهندا آهيون. هي وارڊ بند انهيءَ ڪري آهي، جو هيءُ اڳي عورتن جو وارڊ هوندو هو. مصطفيٰ زيديءَ جي مشهور مقدمي جي ملزم عورت شهناز به هن وارڊ ۾ هڪ ڏار ڪوليءَ ۾ رهندي هئي. ان ڪوليءَ ۾ هن وقت بي ڪلاس وارن کي مليل برداشتي رهندا آهن. ڪي جهونا قيدي ڳالهيون ڪن ٿا ته جڏهن شهناز هتي بند هئي، ان وقت جيل سپرنٽينڈنٽ مسٽر منظور پنهور هوندو هو. اهو ساڳيو منظور پنهور، جنهن جي پٽ کي جيل مان آزاد ڪري، سنڌ جي نامياري اديب ناصر مورائيءَ کي ملڻ واريءَ جاءِ تي رکيو ويو هو. منظور پنهور پوءِ سنڌ جي جيلن جو آءِ. جي ٽيو هو ۽ هن وقت بدين جيل مان قيدين کي رشوت وٺي ڇڏڻ جي الزام ۾ گرفتار آهي. منظور پنهور جي هٿ ۾ هر وقت تسبيح رهندي هئي ۽ چار ئي پَهر زبان تي "الله" جي نالي جو ورد رهندو هوس. هن ئي وارڊ ۾ جڏهن ڪئٽرڪ هال ڪراچيءَ واري ڪيس جا قيدي هٿا، تڏهن منظور پنهور کين چيو هو ته، "اوهان جيئي سنڌ وارا هڙئي ڪافر آهيو." انهن ان وقت کيس چيو هو ته، "حرامپائي، بدمعاشي ۽ رشوت جي ڪمائي تون ڪائين ۽ ڪافر اسان آهيون." ان منظور جي باري ۾ قيدي ٻڌائيندا آهن ته روز رات جو شهناز کي هتان ڪڍائي، پنهنجي بنگلي تي وٺي ويندو هو: جتي شهناز جي ڏاڙي ڪڙي ٽيڻ سان گڏ پنهور صاحب به روزگار ڪمائيندو هو. اهڙي طريقي سان اهو ڏندو شهناز جي آزاد ٽيڻ تائين جاري رهيو. جڏهن عورتن جو جيل نارا ۾ نهيو، تڏهن هن وارڊ کي سياسي قيدين لاءِ خاص ڪيو ويو. ڪئٽرڪ هال ڪيس جا سمورا قيدي ابراهيم منشي، محمد خان جتوئي، امداد محمد شاهه، سيٺ تيرٿ داس، غلام حسين رنگريز وغيره هن ئي وارڊ ۾ رهيا هٿا. ٻيا سيئي چُٽي ويا، پر منشي يارهن مهينا بند رهيو. انهن يارهن مهينن ۾ ٻيا به سياسي قيدي، جهڙوڪ: عثمان بلوچ، امان الله خان پٺاڻ، معراج محمد خان، آزاد بن حيدر، طفيل عباس وغيره به اچي منشيءَ سان شامل ٿيا هٿا. انهن سيني جي وٽن ۽ ٻوٽن جي صورت ۾ پوکيل ڪانه ڪا يادگار موجود آهي. سائين جي. ايم. سيد به ڪراچي جيل ۾ رهيو آهي، پر خبرڪانه ٿي پوي ته ڪٽي رهيو هو. هي ٻُڌڻ ۾ آيو آهي ته عورتن

جي وارڊ بنجڻ کان اڳ ۾ تيرهون نمبر وارڊ سياسي قيدين لاءِ استعمال ٿيندو هو. هتي ڪيترائي ٻيرن، نمن ۽ انبن جا وڻا وڻ ٻيلن آهن. هڪڙي وڏي انب جي وڻ لاءِ جيل وارن ٻڌايو ته اهو مشهور ڪميونسٽ ورڪر حسن ناصر جو پوکيل آهي. حسن ناصر ڪافي وقت هن وارڊ ۾ رهيو هو. آءٌ جڏهن هن وارڊ ۾ آيس، ان وقت انبن جي موسم جو جوبن هو، پر حسن ناصر جو پوکيل انب جو وڻ ڦل وغيره کان خالي هو. اڄ ان وڻ هيٺان ٻيهندي سوچيم: 'حسن ناصر ڪيڏو نه عظيم هو، جو دولت، نوابي، جاگير وغيره کي ڇڏي، محنت ڪش عوام لاءِ هن ملڪ ۾ آيو ۽ هتي جيل جي اونداهين کي پنهنجي عزم ۽ عمل جي ذريعي روشنيءَ بخشيندو رهيو، پر هن جي پوکيل وڻ ۾ ڦل ڇو نه آهي؟ ڇا جھڙيءَ ريت هيءُ انب جو وڻ ڦر ڏيڻ بنا بيٺو آهي (جو حسن ناصر کان پوءِ اُن جي پوريءَ ريت سنڀال ڪانه ٿي،) تھڙيءَ ريت سندس نظريي جي پوکيل وڻ ۾ هن ملڪ ۾ ڪو خاص پوٽو ڪونه ڀاريو آهي. ان ڪري، جو اِهو وڻ، اُهي متاع، اهو سامان ۽ اِهو ورثو، نااهل، نالائق ۽ ڪم چور مالهين، چوڪيدارن ۽ وارثن جي هٿ ۾ اچي ويو.

محمد خان جتوئي، جڏهن ڪئٽرڪ هال ڪيس ۾ هتي بند هو، تڏهن هن هڪڙو انب جو وڻ پوکيو هو، جيڪو هن وقت ماٺوءَ جي مني قيد جيترو آهي. ٻن سالن کان پوءِ يقيناً ڦر ڏيندو.

آءٌ وڻ هيٺان اُتي ڪاڪوس ڏاڻهن ويس. ڪاڪوس جي ڇت تي پکيون سرون لڳل آهن. سرن جي ڇڻن تي اوچتي منهنجي نظر پئجي وئي، متن 1865ع جو سن لکيل هو.

سنڌ تي قبضي کان ٻارهن سال پوءِ انگريزن، محب وطن ۽ ويڑهاڪ سنڌين کي قيد ڪرڻ لاءِ هيءَ جيل ٺهرايو هو. منهنجو ذهن سنڌ جي انهن ڏينهن ڏاڻهن موٽي وڃي ٿو، جڏهن انگريز پهرين پهرين سنڌ ۾ مسافر بنجي آيا هئا ۽ ڪچ کان مٿيندي سنڌين جي هڪڙي واهڻ ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ لٽا هئا، جتي ڪنهن پير مرد انهن کي ڏسي چيو هو ته، "خدا، ميرن کي ساڃاهه ڏئي، فرنگين کي گهر ڏيکاريو اٿن، هاڻي خير ڪونهي." مون کي معلوم ناهي ته انهيءَ پوڙهي جو نالو ڇا هو، ذات جو ڪير هو ۽ سندس

رهائش وارو هنڌ ڪٽي آهي؟ پر هن وقت جڏهن هي سٽون لکان پيو، ان وقت منهنجو ذهن، منهنجو دماغ ۽ منهنجي دل پنهنجن سمورن نازڪ احساسن، جذبن ۽ عقيدتمندين سان سندس سياسي بصيرت ۽ عقلمنديءَ جي بلنديءَ اڳيان سجده ريز آهي. خبرَ ناهي تہ ان دؤر جي سنڌ ۾ ڪيترا اهڙا ڏاهپ ۽ ڏيا وارا پريا مڙس هئا، جيڪي هن ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ درٻارن کان پري پنهنجي دانائيءَ جو وکر پيا ورهائيندا هئا. پر نہ انهن کي درٻارن سان دلچسپي هئي ۽ نہ وري درٻارن کي پنهنجي 'جِي حضورين' کان ايتري واندڪائي هئي، جو اِهي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اهڙن چگن ماڻهن کي ميڙي هڪ هنڌ گڏ ڪري، سندن مشوري تي عمل ڪري ملڪ کي بچائين ها.

اڳتي هلندي منهنجي سامهون ميائيءَ جو ميدان آهي، جتي انگريزن ۽ سنڌي فوج ۾ تاريخي ٽڪر ٿيو، رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو. سامراجي ۽ محب وطن قوتون پنهنجي پنهنجي نقطي نظر موجب پنهنجي بقا ۽ توسيع پسنديءَ لاءِ وڙهيون. بندوقن ۽ توبن جي ٽڪائن، تلوارن ۽ نيزن جي چٽڪارن، جانبازن ۽ زخمين جي نعرن، مرندڙن جي دانهن، گهوڙن جي هٽڪارن، رت ۽ متيءَ جي طوفان جي گجگوڙن ۾ سنڌ جي سلچٹي ۽ سدوري فرزند غلام محمد لغاريءَ جا لفظ چيتي جي چينگهاڙ وانگر ايري رهيا آهن:

"اين سر زمين سنده، مادرِ ما بلوچان است."

(هيءَ سرزمين سنڌ، اسان بلوچن جي ماءُ آهي.)

"ماءُ جو حق سيني کان وڌيڪ هوندو آهي. سنڌيو! اڳتي وڌو پنهنجي رت جو آخري قطرو مادر وطن جي بچاءَ لاءِ وهائي چڏيو. ماءُ کي ڌارين جي قبضي ۾ ڏسي جيئرو رهڻ بيغيرتي آهي."

غلام محمد جا اهي لفظ، انگريزي فتوحات جي سلسلي ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهن. منهنجي سامهون 1857ع جي جنگ آزادي ۽ ان کان اڳ جي وڙهندڙن جي حالتن تي مشتمل ڪافي ذخيرو گذريو آهي. 1857ع جا هيرا، مثال طور: جنرل بخت خان، مولانا احمد الله، تانتيا ٽوپي، حافظ رحمت خان، حافظ ضامن شهيد، جهانسيءَ جي راڻي لڪشمي ۽ سندس سپهہ سالار غلام غوث وغيره. مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ جڏهن غلام

غوث انگريزي فوجن تي گولا ڪيڙائي رهيو هو، ان وقت انگريزي فوج هڪ وڏي مندر ۾ پناهه ورتي ۽ غلام غوث مندر ۾ لڪل انگريزن تي گولا وسائڻ بند ڪرائي ڇڏيا. جڏهن راڻيءَ اها حالت ڏٺي ته غلام غوث کان پڇيائين ته، "گوليبازي ڇو بند ڪئي اٿئي؟" غلام غوث جواب ڏنو ته، "دشمن پگهوان جي گهر ۾ پناهه ورتي آهي، تنهنڪري گولا بند ڪرايا اٿم، ته جيئن پگهوان جي گهر کي نقصان نه پهچي." راڻيءَ جواب ڏنو ته، "جيڪو پگهوان جو گهر ديس جي دشمن لاءِ پناهه گاهه ثابت ٿئي، تنهن کي تباهه ڪرڻ تمام ضروري آهي."

پر پنهنجي سرزمين سان جيڪا عقيدت ۽ اهميت غلام محمد لغاريءَ ڏيکاري ۽ ان کي جن لفظن ۾ ادا ڪيو آهي، سا پنهنجو مٿ پاڻ آهي. غلام محمد باهران آيل هو ۽ ميرن جي فوج ۾ هو (منهنجو اندازو اهو آهي، ڇو ته ڪتاب ڪوبه موجود ناهي.) انهيءَ غلام محمد جو نعرو زمان ۽ مڪان جون سرحدون اورانگهي، اڄ سنڌ جي هر باشعور سنڌي ۽ جو نعرو بنجي ويو آهي. مون کي يقين آهي ته تاريخ کنهن جو پورهيو ڪوٺه وڃائيندي آهي، ۽ کي کي لفظ، کي کي نعرا، کي کي جملا، پنهنجي اندر ايڏو اثر ۽ تاثير رکندا آهن، جو انهن جي همه گيريءَ ۽ ابديت کي ڪائي قوت ۽ ڪائي طاقت ميٽي نه ٽي سگهي. اهي هر دؤر ۾ نوان نڪور ۽ هر زماني ۾ تازا ۽ توانا رهندا آهن. اهي هر ايندڙ انقلابيءَ جو نعرو ۽ ڏرتيءَ جي تقدير بنجي ويندا آهن. اهي ڪڏهن آسوءَ جو اوهيرو بنجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن وطن جو بچاءُ ڪندڙ تلوار جو گهاءُ بنجي ويندا آهن. ڪڏهن وطن جي سڪار لاءِ ڪارونهار جو ڪَڪر ٽي ميگهه ملاري لائيندا آهن ته ڪڏهن ڪنوارن چپڙن تي آس ۽ اوسيڙيءَ سان پرپور گيت ٽي پوندا آهن.

غلام محمد لغاريءَ جو نعرو ۽ للڪار به صدين تائين سنڌ جي سيني تي گونجار ڪندا رهندا. اهو مون کي يقين آهي. جيڪڏهن اڄ به ڪو باهران آيل پنهنجي سيني ۾ غلام محمد جي دل رکي ٿو، ته اهو اسان جي عقيدت مندين جو لائق آهي.

هڪ پيرو مون کي هڪڙي پناهگير چوکريءَ چيو هو ته، **"آربسر صاحب! اب تو هم بهي سندهي بن رهے هين. ديکهو هميں اجرک**

ڪي قميص پهڻي هوئي هون،" هون ڪيس چيو هو تہ، "پهرين ڳالهہ تہ منهنجي ملڪ جي ڪابہ پاڳ پري اجرڪ ڪي قميص طور استعمال نہ ڪندي آهي، پر ڪٿي ميان تہ اجرڪ جي قميص پائڻ سنڌيت جي نشاني آهي تہ، پوءِ بہ آءٌ اهو ميڙ لاءِ تيار ڪونہ آهيان، تہ اجرڪ جي قميص پائڻ سان تنهنجي چاتين ۾ اُهو ڪير بہ اچي ويندو، جيڪو ننگر جهڙن نينگرن ڪي نپائي! محترمہ! سنڌيت صرف لباس جو نالو ناهي، پر هڪ مخصوص مزاج ۽ ذهنيت جو نالو آهي، جنهن جو اظهار زندگيءَ جي هر حرڪت ۾ ٿيندو رهي ٿو، ۽ اهو اظهار ائين ٿيندو آهي جيئن غلام محمد جي زبان مان ٿيو هو. هتي ڪنهن ڪي يقين ڏيارڻ لاءِ عمل جي ڪسوٽي ۽ ڪردار جو گهاڙو تيار آهي. سڀ ڪان وڌو سرٽيفڪيٽ ۽ سَنَداها ئي ٿي سگهي ٿي."

پٽر جي سرن تي 1855ع لکيل آهي، جيل نهڙ ڪان ٽيڪ.بارهن سال اڳ ۾ دبيءَ جي ميدان ۾ هوشوَ جو آواز سانوڻ جي گوڙ وانگر اُپريو هو: "مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون!" **هوشو، مير صوبدار جو غلام هو. صوبدار،** سنڌ تي انگريزن جي قبضي جي پوريءَ سازش ۾ شريڪ هو ۽ هن ئي پگ جي لالچ ۾ انگريزن جو ساٿ ڏئي، سنڌ سان غداري ڪئي هئي. پر هوشوءَ آقا جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ مادر وطن سنڌ جي تاريخي دانهن ۽ پڪار جو ساٿ ڏنو. هوشوءَ انهيءَ نقشي ۾ پنهنجي رت سان رنگ پرڻ چاهيو، جنهن ۾ مها راجا سهيرس ڪان وٽي موندر چاندئي ۽ جهونجهار شوري تائين سنڌ جا سورهيہ رت سان رنگ پريندا آيا. هوشو، انهيءَ دراوڙ جو هيو روپ هو، جيڪو آرين جا ٻاڻ ڪائي سنڌ جي ڪناري تي آخري پيرو بہ پنهنجي سرزمين ڪي چُمڻ ڪان رهي ڪين سگهيو هو. ها، هوشو غلام هو. هن ڪي خبر هئي تہ سنڌ ٻچڻ جي صورت ۾ هو حاڪم ڪونہ ٿيندو، پر اهي نااهل مير حڪمران ٿيندا، جن پنهنجي جهالت، تعصب ۽ تنگ نظريءَ سبب سنڌ ڪي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو آهي. ننڍي ڪنڊ تي انگريزن جي حملن ڪي منهن ڏيندڙن يا انهن ڪي ڏڙي ڪيندڙن جي ڪردار جو جائزو وٺي ڏسو، اُن بعد ئي هوشوءَ جي ڪردار ڪي صحيح روپ ۾ سڃاڻي ۽ پرکي سگهبو.

1757ع ۾ بنگال جو جوان همت شهزادو سراج الدولہ، لارڊ ڪلائيو

سان ٽڪرايو ۽ پنجويهن سالن جي عمر ۾ شهيد ٿي ويو. هو مرشد آباد جي نواب علي وردي‌ءَ جي خاندان جو فرد ۽ حڪمران هو. هن سان پنهنجي فوج، لشڪر، خزاني ۽ عوام جي مدد ۽ پٺيرائي هئي. هن کي يقين هو ته، 'جيڪڏهن جنگ ۾ منهنجي سوڀ ٿي ته ملڪ جو مالڪ ۽ رياست جو والي آءٌ ٿيندس. صندل جو تخت ۽ سونو تاج منهنجي ئي عزت ۽ وقار جو باعث بڻبا. هي بنگال جي سون ورتي ڌرتي، هي بنگال جا نانگ وانگر ور وکڙ ڪائيندڙ درياهه، هي چانديءَ وانگر چمڪندڙ بنگال جون ڏينڊون، ۽ هي سون اُپائيندڙ کيت، منهنجا ئي رهندا. منهنجي محفل ۾ کيترائي ٽهه ٽول، بهه بهه بول ۽ کيئي رنگ رتول هوندا. مون ان پوءِ منهنجو ايندڙ نسل حڪمران ٿيندو، جنهن ماڻهوءَ کي ايتريون اُميدون ۽ آسرا هجن، تنهن جو دشمن سان وڙهڻ سياويڪ آهي.

1799ع ۾ سرنگا پٽم ۾ "ٽيپو" سلطان پنهنجي حڪومت ۽ سلطنت بچائڻ لاءِ وڙهيو. هن ڪڏهن مرهٽن کي مدد لاءِ پڪاريو، ڪڏهن نظامِ دکن کي ويلزلي‌ءَ جي خلاف سڏيائين، ڪڏهن ترڪي‌ءَ ڏانهن اسلام ۽ مسلماني‌ءَ جي نالي ۾ سفير موڪليائين ته ميسور جي رياست بچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪرايو، ويندي نيپولين بوناپارٽ کي به هندستان تي چڙهائي‌ءَ ڪرڻ جو لکيائين. مطلب ڪهڙو به هجيس، پر جئي سگهجي ٿو ته حڪومت بچائڻ، تخت تاج سلامت رکڻ، اقتدار کي محفوظ بنائڻ لاءِ جيڪي وس ۾ هوس، تنهن کان ڪين گهٽايائين. هن ائين ضرور چيو ته، "شينهن جي هڪڙي ڏينهن جي زندگي گدڙ جي سؤ سال جي زندگي‌ءَ کان بهتر آهي" پر ائين ڪونه چيائين ته پنهنجي حياتي‌ءَ جي آخر دم تائين ميسورجي تاريخي سرزمين کي ڏارين جي حوالي ٿيڻ نه ڏيندس.

چيو وڃي ٿو ته سيد احمد شهيد جي تحريڪ، انگريزن کي ڪيڏ لاءِ باقاعدي هڪ منظم رڃا هئي، پر اُن جي پٺيان به پنهنجي اسلامي ۽ شرعي حڪومت قائم ڪري خليفي ٿيڻ جي خواهش ضرور ڪارفرما هئي. هن کي نواب امير خان وغيره جي مدد کان سواءِ پنهنجي پيري‌ءَ مريدي‌ءَ جو سهارو ونڊو پيو. هن هر جڳهه تان ماڻهن کي پيري‌ءَ مريدي‌ءَ واري سلسلي ۾ ڳنڍي هلايو. ان جي باوجود جڏهن 1833ع ۾ هو هزارا ۾ زخمي ٿي

ڪري پيو، تڏهن سندس مريدن مان ڪوبه هندستاني، پنجابي يا پٺاڻ پاڻي پيارڻ وارو موجود ڪونه هو، سڀ پڄي ويا. صرف شڪارپور جو هڪڙو سنڌي هو، جنهن جون ٻئي ٽنگون ڪٽيل هيون، ان جي باوجود، پاڻيءَ جون ڪَليون پري سيد صاحب تائين پهچائيندو رهيو. جيل ۾ ڪتاب موجود نه هئڻ ڪري، مون کي انهيءَ سنڌي جو نالو ياد ڪونه رهيو آهي.

پر هوشوءَ کي خبر هئي ته تخت ۽ تاج ڪونه ملندو، حڪومت ۽ بادشاهي ۾ين جو حصو ٿيندي، آءٌ وري به ميرن جو غلام رهندس، منهنجو ڪم وري به ميرن جي خدمت ۽ چاڪري ئي رهندو: اُن جي باوجود بنا لشڪر ۽ خزاني جي، بنا لالچ ۽ لوڀ جي هو وڙهيو، رڙهيو ۽ شهيد ٿي ويو. هن جو اهو نعرو به ڪونه هو ته آءٌ ميرن جو وفادار آهيان، ميرن جو ساٿ ڪونه ڇڏيندس. آءٌ بهادر آهيان. بهادر ميدان ڇڏي ڪونه ڀڄندا آهن. آءٌ پنهنجيءَ زندگيءَ کي شينهن سان پيٽي ڇڏيان: پر هن جو نعرو هو ته مادر وطن سنڌ ڪونه ڏيندس. ميرَ مرن يا جيئن، پر سنڌ جي آزاديءَ جو جهنڊو ضرور بُلند ۽ مضبوط رهي. اهو نعرو هٿندي هو شام ويلي ڏهي جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو. هن جي ٻنهي هٿن ۾ هن ڌرتيءَ جي مٽي هئي. هن نمي ڌرتيءَ کي چُميو ڪونه، ته متان دشمن سمجهي ته آءٌ ڪِري پيو آهيان. هوشوءَ جي شهادت سان گڏ سنڌ جي آزاديءَ جو جهنڊو سرنگون ٿي ويو.

توکان پوءِ مياڻي مَتي، آزاديءَ جي گل ٿي بَتي،
سَت وڃايو سَتِي جَتي، مارو وينا مارون کائي!
جيئي جيئي شاهه پٽائي!
(محمد خان مجيدي)

پر سنڌ جي ماڻهن، آءٌ سمجهان ٿو ته اها جنگ جاري رکي آهي. انهن ٿي جانبازن ۽ دليرن کي بند ڪرڻ ۽ کين ڦاسيون ڏيڻ لاءِ انگريزن هيءُ جَيل ٺهرايو هو. خبر ناهي ته هتي ڪيترن سمن ۽ سومرن، جوکين ۽ نومڑين، شورن ۽ دلن، ٻَهرن ۽ چانڊين، آزاد سنڌ جا خواب ڏٺندي، جيل جون هيبتناڪ راتيون ڪاٽيون هونديون. ها، ڪڏهن هتي سنڌ جا اهي ڪانگريسي به رهيا هوندا، جن وطن جي آزاديءَ لاءِ تلوار بجاءِ چرخي جي تند جو سهارو ورتو هو. 1865ع کان وٺي هن جيل ۾ سنڌين کي بغاوت ۽

انقلاب کان روڪڻ لاءِ بند ڪيو ويندو رهيو آهي، ۽ اُهي اڄ به موجود آهن، خبر ناهي اهو سلسلو ڪڏهن ختم ٿيندو.

25 جون 1976ع

ڪجهه ڏينهن کان بي خوابيءَ جي شڪايت زور وٺي وئي آهي. سارو ڏينهن ننڊ کانه ايندي اٿم، ۽ نه پوري رات جو وريءَ طرح سمهي سگهندو آهيان. رات ساري جاڳندي گذاريم. ڪوليءَ جا ساٿي ابراهيم منشيءَ سميت گهري ننڊ ۾ پئجي ويا هئا. دل چاهيو ته ڪجهه لکان. ان ارادي تي به عمل ڪري نه سگهيس ته متان بتيءَ ٻرڻ سبب، ساٿين جي ننڊ ۾ خلل پوي. پاسا وراڻيندي، ذهن، سوچ جي صحرا ۾ پٽڪڻ لڳو. زندگيءَ جا گذريل واقعا ۽ تجربا، هنگاما ۽ هور، هڪ هڪ ٿي سامهون اچي بيٺا. ڪي اڻ چٽيون صورتون ۽ واضح مهانڊا، سوچن جي سلسلن ۾ اٽڪڻ ۽ اڙڻ لڳا. ڪي ماڪيءَ جهڙا ماڻهو، جيڪي زهر ثابت ٿيا: ڪيئي فولادي انسان جيڪي ميڻ بنجي ويا ۽ ڪيئي ڏونگر جهڙا ڳرا ماڻهو پن وانگر هلڪا ثابت ٿيا؛ سي سڀ منهنجي سوچن جي زنجير ۾ ائين اٽڪيا پيا هئا، جيئن ٿوهر جي ٽاريءَ ۾ ڪنڊا.

جنهن ڏينهن گرفتار هيو هوس، ان ڏينهن کان دل ۾ جلدي آزاد ٿيڻ جي ڪائي تمنا کانه رکي هئم. هتي اچڻ کان پوءِ البت وڌيڪ يقين ٿي ويو ته ويجهڙائيءَ ۾ جيل جيّ آهني ديوارن ۽ فولادي درن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪوبه امڪان ڪونهي. شايد ڪجهه وقت کان پوءِ منهنجي جسم تي سول ڪپڙن بجاءِ جيل جي دريس اچي وڃي. ڪيتري وقت لاءِ، سو ڇئي نه ٿو سگهان. البت اهو سوچيان ٿو ته جڏهن ٻاهر نڪرندس، تڏهن به سنڌ جو ماحول ساڳيو ئي هوندو. تڏهن به سنڌ ائين سنگهرن ۾ سوڙهي هوندي. تڏهن به سنڌ جي ميدانن ۽ ماڻرين ۾ هاريءَ جو سينڌور کان سهڻو رتُ وڏيري ۽ پير جي مدد سان وهندو هوندو يا سنڌ جو نقشو ئي بدليل هوندو ۽ آءٌ بنگالي انقلابيءَ وانگر جڏهن ٻاهر نڪرندس ته زمانو بدلجي ويو هوندو. آءٌ پنهنجي وطن جي رستن ۽ راهن تان گذرندس ته ڏاريو ڏاريو ۽ اجنبي لڳندس. ڪائي به صورت ٿي سگهي ٿي ۽ هيءَ به ممڪن آهي ته مون

کي وري پنهنجي ديس جي پلاريءَ ۽ پليري پونءِ ڏسڻ جو موقعو ئي نه ملي. مون کي سنڌ جي ٻنين ۽ هارن ۽ چانڊوڪين کي چُمڻ جو وجهه ئي نه ملي ۽ آءٌ شايد اهڙن پيارن ماڻهن کي ڪڏهن ڏسي نه سگهان، جن کي هڪ پيري ڏسڻ سان منهنجي دل جي دنيا ۾ ڪنول کِڙي پيا آهن.

سوچيندي، مون کي ياد اچي ٿو بنگالي نوجوان، جيڪو ٽي. بي ۽ جو مريض آهي. هو ڪلڪتي جي آرٽ گئلريءَ ۾ ٻيٽو جنگ آزاديءَ جي سورمن جون تصويرون ڏسي رهيو آهي. هو ويهه سال قيد ڪاٽي جيل مان آزاد ٿيو آهي. پرڏيهي حڪمرانن هن کي وطن جي آزاديءَ جو نعرو هڻڻ جي ڏوهه ۾ قيد ڪيو هو ۽ آزاديءَ وقت ملڪي وزير داخلا، آزاديءَ جي جشنن ۾ گُم ٿي، اهڙن گمنام سپاهين کي وساري چڪيو هو. ڪنهن عام معافيءَ جي اعلان ۾ هو چُٽو هو. ملڪ ورهائجي ويو هو. سندس جنم پومي ٻئي ملڪ ۾ اچي وئي هئي. سندس پوڙهي ماءُ، جهور پيءُ ۽ نندڙي ٻيٽ جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه هيس ته ڪٿي آهن. ڪلڪتي جي شاهي رستي تي هو ائين وڃي رهيو هو، جيئن اسپتال مان ڪنهن لاوارث جو لاش! ها، آزاديءَ جي جنگ ۾ ائين به ٿيندو آهي، وطن جي ويڑهاند اهڙا ڪرشما به ڏيکاريندي آهي!

اڳتي هلندي مون کي ياد اچي ٿو سنڌ جي شاعر شيخ اياز جو هڪڙو جملو. گهٽو ڪري 1975ع جو ڪو ئي مهينو هو، آءٌ ساريبنا هوٽل وٽان اچي نڪتيس، دروازي تي شيخ اياز ٻيٺو هو. ها شيخ اياز! پنهنجي لکڻيءَ مطابق بنگال جي اردو شاعر نذرالسلام کان وڌيڪ مضبوط. مون کيس جهُڪي هٿ ڏنو. هن مون ڏانهن ڏنو. اسان اڳي ڪڏهن مليا نه هئاسين. مون واقفيت ڪرائيندي چيو، "سائين، عبدالواحد آريسر." هن نهايت فراخدليءَ سان مون کي گلي لڳايو. مون کيس "پرهه جو پيغام" جي هڪ ڪاپي ڏني. اياز مُرڪندي چيو، "مون پئسن سان ورتي آهي. پُٽ! تو به مون واري صليب کُلهي تي کنئي آهي؟ ڏاڍو ڏکيو پنڌ آهي. پڄي وڃ!" مون کي ياد آهي ته وراڻيو هوم: "شيخ صاحب! آءٌ لينن جو پوئلڳ نه، پر جي. ايم. سيد جو پيروڪار آهيان." اياز چيو هو ته، "ها. واقعي سيد ۽ لينن ۾ فرق آهي. لينن جيڪي ڪجهه لکيو سو روس مان پڄي وڃي باهر

لکيو هئائين، پر جي. ايم. سيد هن ملڪ ۾ رهي، سنڌوديش "چو ۽ چا لاءِ" جهڙو ڪتاب لکي ٿو. جڏهن ته هي دؤر نازي جرمنيءَ واري دؤر جهڙو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ ليکڪ شارٽ استوريءَ تي پنهنجو نالو نہ لکي سگهندو هو."

اسان هوٽل ۾ ڪافي وقت ڪچهري ڪئي. مون سنڌ جي شاعر جي گفتگوءَ مان اندازو لڳايو ته هو موجوده دؤر ۾ انتهائي دٻل هو ۽ پنهنجي ڪلهي تان صليب لاهي اُڇلائي ڦٽي ڪئي هئائين. هن مون کي چيو ته، 'هن دؤر ۾ سرڪار وٽ اهڙا بہ اوزار آهن، جن جي ذريعي ماڻهوءَ کي نامرد بنايو وڃي ٿو.' آءٌ سنڌس سادگيءَ غير معمولي تمنائن تي ڪلي ويٺو هوس. چيمر: "شيخ صاحب! ان سان ڪهڙو فرق پوندو؟" اُتندي وقت چيو هوم ته، "شيخ صاحب! اها صليب پاڻ وٽ رکو."

آءٌ نہ ايڏو وڏو ماڻهو آهيان جو ڪائي صليب تيار ڪري سگهان ۽ نہ وري ڪٽي ان جي نمائش ڪري سگهان. آءٌ سنڌ جي انهن لکها انسانن مان هڪ آهيان، جيڪي روز پنهنجي سوچن جي ڪُنين ۾ ڪڙهندا رهن ٿا. صليب تيار ڪرڻ، ڪٽڻ ۽ وري اُڇلائڻ واقعي ڪنهن شاعر جو ڪم آهي، جنهن سنڌ کي جيڪي ڪجهہ ڏنو، ان کان وڌيڪ وصول ڪيو. شايد سرزمين سنڌ انتهائي غيرتمند آهي، جيڪا ڪنهن جو بہ قرض پاڻ تي باقي رکڻ گوارا نہ ٿي ڪري. سنڌ اياز کي شهرت ڏني، دولت ڏني، شاعري ڏني ۽ آخر ۾ وائيس چانسلري ڏني. مون سنڌ کي ڪجهہ بہ ڪونہ ڏنو آهي، چوتہ آءٌ شاعر ناهيان، چو ته آءٌ اديب ناهيان، چوتہ آءٌ صليب گهڙڻ وارو وڏيو ناهيان. آءٌ سنڌ کان ڪابہ تمنا ڪونہ ٿو رکان. مون کي سنڌ ايترو ڪجهہ ڏنو آهي، جيڪو منهنجيءَ زندگيءَ جي ميرانجهڙي شام ۾ ڏياريءَ جو ڏيئو بنجي ويندو. سنڌ جي ماڻهن جيترو ڪجهہ مون کي ڏنو آهي، اُهي قيمتي ڳَلَ، آءٌ پنهنجي ڪفن جي ٽانڪن ۾ سبي، شايد قبر ۾ آرام جي ننڊ سمهي سگهندس. سنڌ انتهائي غيرتمند آهي، هوءَ ڪنهن جو بہ قرض پاڻ تي رهڻ سهي نہ سگهندي، سي ڪجهہ موٽائيندي رهندي ۽ موٽائيندي رهي آهي!

26 جون 1976ع

اڄ صبح جو ابراهيم مُنشي، حسن ناصر واري انب جي وڻ جي هيٺان ويهي، ڪو شعر لکي رهيو هو. آءٌ ۽ راجا، وارد جي سامهون وڏي نم جي هيٺان ويهي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيندڙ اليڪشن تي تبصرو ڪري رهيا هئاسون. مون راجا کي چيو، "سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽي اڄ پوري سنڌ جي نوجوان جي دلين ۽ نگاهن جو مرڪز هوندي. اڄ موٽرن، جيپن ۽ بسن ۾ سنڌي نوجوان اليڪشن جو عهدو ماڻڻ لاءِ شهر مان پناهگير چوڪرن ۽ چوڪرين کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ ڪٽي ايندا هوندا. سنڌي ماڻهن تہ نہ، پر سنڌ جي هڪ مخصوص طبقي، عهدا ماڻڻ خاطر هميشہ ڏارين جي دلالي ۽ ناز برداري ڪري، سنڌ کي ڏڇي ۾ وڌو آهي. اڄ سنڌ يونيورسٽي پناهگير چوڪرين جي پڙڪيدار لباسن جي ڪري مينا بازار لڳي پئي هوندي ۽ عهدن جا ٻُکيا سنڌي نوجوان انهن جي اڳيان ٻُڌيان ائين نُوس نُوس ڪندا وتندا، جيئن قلوپطرا جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جا حڪمران ۽ درباري پنهنجا تخت ۽ تاج گهورييندا وتندا هئا. سنڌ يونيورسٽي، جنهن لاءِ سنڌ جي هڪڙي رجعت پسند شاعر، سردار علي شاهہ چيو هو:

"اي سنڌ يونيورسٽي، اي بهارِ بي خزان!"

اُن سنڌ يونيورسٽيءَ کي سنڌ جي ترقي پسند شاعر خزانِ بي بهار بنائي ڇڏيو آهي.

راجا چيو، "يار! عجيب مصيبت آهي، جو بن سالن کان مون کي يونيورسٽيءَ جي چوند وڙهڻ تہ نہ ٿي ڏنو وڃي، پر يونيورسٽيءَ جي اليڪشن ڏسڻ ۾ نٿي ڏني وڃي." ڪيس چيم، "راجا، آءٌ جيتوڻيڪ يونيورسٽيءَ سان واسطو نہ ٿو رکان، پوءِ ۾ اڄ منهنجي دل يونيورسٽيءَ ۾ هجڻ لاءِ ٽڪي رهي آهي. آءٌ چاهيان ٿو تہ يونيورسٽيءَ ۾ اڄ پنهنجن ساٿين سان هجان، جيڪي پنهنجن مفاد پرستن، حڪومت جي بازن ۽ پناهگيرن جي تہ- طرفي گهيري اندر، پگهر ۾ شم، پنڊ پياڙا، يونيورسٽيءَ جي عظيم روايتن کي باقي رکڻ لاءِ ائين ڊوڙي رهيا هوندا، جيئن دريا خان جي فوج جا رهيل سپاهي نٽي جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪري رهيا

هئا. منهنجي من جو پنڇي، انهن پگهر ۾ شل ساٿين ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي سچي سپوت مولابخش لغاريءَ کي ڳولي رهيو آهي. ها، مولابخش کي آءٌ اڄ يونيورسٽيءَ ۾ ڳوليان ٿو، پر هو مون کان ٿورو پرپرو ٽن مهينن لاءِ لاڪ اپ جي بدبودار ڪوليءَ ۾ بند آهي. خبر ناهي اڄ سندس سوچ ۽ لوچ ڇا هوندي؟ سندس اندر جا اُڌما ڪيئن هوندا؟ سندس ڪمزورجسم ۾ لکل فولادي دل جي حالت ڇا هوندي؟ "اي مولابخش! توسان منهنجو ناتو ازلي ۽ ابدي آهي. ٽي سگهي ٿو ته وقت جو وهڪرو اڳتي هلي اسان کي ڌار ڌار رستن ۽ راهن تي اُڇلائي ڇڏي، پر منهنجي من جي متيءَ ۾ جنهنجي خلوص جو سلو ڪڍهن به نه سڙندو. منهنجو توسان اهڙو ئي ناتو آهي، جهڙو مومن مليرائيءَ جو جي. ايم. سيد سان، جنهن جي حبّ ۽ اُڪير سيد جي سياست سان ڪوبه واسطو نه ٿي رکي. منهنجي به ساڳي حالت رهندي."

آءٌ ايترو ئي سوچيان ٿو ته منشي برداشتيءَ کي موڪلي ٿو ته عبدالواحد کي سڏي اڇ. آءٌ منشيءَ وٽس ويس. هو ڪو شعر لکي رهيو هو، جنهن ۾ ڪيس سنڌ جي بقا لاءِ وڙهجندڙ جنگين جي ٽن چئن تاريخي ميدانن جا نالا گهربا هئا، جن ۾ دبي ۽ ميائي هو لکي چڪو هو، باقي ڪيس به نالا ٻيا ڪپندا هئا. مون ڪيس ٽلٽي ۽ ڪرڙي ٻُڌايا. آءٌ اهي نالا ته ٻڌائي ويٺس، پر انهن نالن منهنجي دل جي ديري ۾ باهه لڳائي ڇڏي. ڇا سنڌ ۾ جنگين جا اهي ئي ميدان آهن؟ ڇا منهنجي ڌرتيءَ جي ڪوندرن جو ريٽو رت صرف انهن ئي جاين تي وڙهيو آهي؟ ڇا منهنجي سنڌ جي شان کي برقرار رکندڙ جهنڊي جي ڇانوَ ۾ صرف اتي ئي وطن پرستيءَ جا اُپ ڌاريندڙ نعرا بلند ٿيا هئا؟ نه، نه. منهنجي سون ورتي ڌرتيءَ جو انچ انچ ميدان جنگ بنيو آهي. منهنجي ديس جي ڌُلارن هن زمين جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي پنهنجي لال لهوءَ سان مشعلون جلايون آهن. هن پوڻءِ جي هر ٻٽ ۽ پڙي جي هنج ۾ سنڌ جا شهيد آخري مقابلي جي فيصلي جي انتظار ۾ بي چين آهن. هن ملڪ جي ڦضا جي ذري ذري ۾ منهنجي ديس جي ڪُل انسانن جي رت جي خوشبوءِ سمايل آهي. هن زمين جي قدم قدم تي قربانيون ڏنيون ويون آهن. منهنجي هيءَ حَسين سرزمين، پوري جي پوري ميدان جنگ بڻي رهي آهي.

منهنجي ملڪ جي ماڻهن جا مولهيا، هر ويلي رت هاڻا رهيا آهن. رڳو ڪرڙي ۽ ٽلٽي ناهن، اروڙ ۽ عمرڪوٽ ۾ آهن؛ رڳو ڏهي ۽ ميائي ناهن، ديول بندر ۽ شاهہ بندر ۾ آهن؛ رڳو ٺٽو ۽ روپا ناهن، خاصائي شورا ۽ انڙپور ۾ آهن؛ رڳو سکر ۽ ٻکر ناهن، سن ۽ سيوهڻ ۾ آهن. ها، سن، جتي ڳاڻيچن سرزمين سنڌ جو ٻچاءُ ڪندي، مدد خان جي ڪٽڪ هٿان پنهنجا راڄ ڪُهايا هئا. سن، جتي مهدي جونپوريءَ جون ٻيڙيون ٻوڙايون ويون هيون. سن، جتان باغي نسل ڪڍهن ۾ ختم نہ ٿيو آهي. سن، جتي اڄ ۾ منهنجي ڌرتيءَ جو لافاني انسان، سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ وڙهي رهيو آهي. خاصائي شورا، جتي دائود شوري ۽ اسماعيل شوري مغلن تي راتاها هنيا هئا ۽ جنگ جي باهہ ٻڙڪائي هئي. لکي، جتي ٻيرن ۽ دل ذات جي ماڻهن، مغل سامراجيت کي ٿوٽا ڇپايا هئا. چانڊڪا، جتي سميجن ۽ لاکيرن، حاڪمن جي قانونن کي لتن سان اُڏائي ڇڏيو هو. ٻکر، جتي ڏاريجن، ارغون ڪتن جي هٿان چاليهن سردارن جي جٿي جي صورت ۾ شهادت قبولي هئي. ڏهرڪي ۽ اُباڙو، جتي ماڇين وڏي بهادريءَ سان سنڌ وطن لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪيا هئا. انڙپور، جتي جاني بيگ جي سنڌياڻي گهر واري تلوار هٿ ۾ ڪٽي شينهن وانگر خان خانان تي ڪڙڪي هئي. ٺٽي ۽ ڪراچيءَ جي پهاڙن ۾ جوڪين، نومڙين ۽ نوهڙين جون حُب وطن سان ٽمٽار هڪلون، اڄ ۾ تصور جي ڪنن سان ٻُڌي سگهجن ٿيون. عمرڪوٽ جي واريءَ سين پٽن ۾ اڄ ۾ سوڍن جي گهوڙن جون ٽاپون گونجي رهيون آهن. ٺين ڪوٽ ڪان ڪارونجهر جي ڪور تائين منهنجي ملڪ جي ماروئڙن پنجن مهينن تائين انگريز سامراجيت جي مڪار رنديءَ جي جسم تان مصنوعي پردا ڦاڙي، ڪيس اُگهاڙو ڪيو هو. ننگر پارڪر، جتي ڪولهين جي ڪاٽن جو سرڦاٽ، اڄ ۾ آزاديءَ جي اُڪير کي تيز بنائي رهيو آهي. ڪير ڪوڙو ۽ دغاباز چوي ٿو ته منهنجي قوم "نان مارشل" آهي! منهنجي ڌرتيءَ جي ديس واسين پنهنجي وجود کي آزاد ۽ آباد رکڻ لاءِ هر دؤر ۾ رت جو ريج ڏنو آهي. سنڌ جي ذري ذري کي ميدان جنگ بنايو آهي. هوءَ مڪر ۽ خيرات جي وسيلي نہ، پر شهيدن جي هست ۽ بهادريءَ سان زنده رهي آهي. ۽ پنهنجو وجود باقي رکيو اٿس. منهنجي قوم پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان

ائين پيار ڪيو آهي، جيئن زخمي هرڻي بک مرندڙ ٻچڙن تي آخري نظر وجهڻ وقت پورو پيار اکڙين ۾ ميڙي گڏ ڪندي آهي.

28 جون 1976ع

اڄ شام، اسان جي وارد جي ڊيوٽيءَ واري صوبدار ٻڌايو تہ سپرنٽينڊنٽ جيل مرزا بيگ کي زوريءَ رٽائر ڪري، ان جي جاءِ تي اوڪاش شيخ کي نئون سپرنٽينڊنٽ جيل مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو صاحب هن ڪان اڳ لانڍي جيل ۾ سپرنٽينڊنٽ هو. جيل مان ڪجهہ ڏينهن اڳ پنج قيدي اسپتال جي هڪ ڪوليءَ جو پراڻو سڙيل دروازو ٽوڙي، ٻاهرين جي ٽيلين مان رسو ناهي، ڪراچي جيل جي اُپ سان ملندڙ ديوار ٽپي پڄي ويا هئا. حڪومت سنڌ انهيءَ ڏوهہ ۾ مرزا صاحب کي رٽائر ڪري ڇڏيو هو. مرزا صاحب ان ڪان اڳ سکر جيل ۾ هو. جڏهن هن جيل جي اڳوڻي فرعون دماغ ءِ انگريز بيوروڪريسيءَ جي روحاني اولاد شفقت ميمڻ کي حيدرآباد مان بدلي ڪيو ويو، تڏهن ان جي جاءِ تي مرزا صاحب کي سکر مان بدلي ڪري هتي رکيو ويو هو. قيدين جي پڇڙ ڪان پئي ڏينهن سموري جيل جي جهڙتي ورتي ويئي. اُن سلسلي ۾ مرزا صاحب اسان جي وارد ۾ آيو هو. تلاشي ٻلاشيءَ ڪان بيپرواهہ، هو ايندي شرط هڪ ڪت تي بيپرواهہ ٿي اسان جي وچ ۾ ليٽي پيو هو. بلڪل ائين جيئن ڪو سالن جو جلاوطن پُٽ پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ اچي ڪِرندو آهي. آءُ سندس پرسان ويٺو هوس. مون سندس چهري ڏانهن ڏٺو. مون کي ائين لڳو جڙ هي لاوارث انسان پيرين اگهاڙو سالن جا سال اهڙي رستي تي سفر ڪندو رهيو آهي، جنهن تي ڏامر جي بجاءِ پگهل شيشي جو فرش وڇايل هجي؛ جنهن نہ صرف سندس پير زخمي ڪري ڇڏيا هجن، پر سندس دل ۾ بہ ڪيترا گهاءُ ڪري ڇڏيا هجن. سندس جسم جو سَنڌ سَنڌ ٽٽي ڇڏيو هجي، سندس روح جي پکيڙي کي گهائل هرڻيءَ جيان ڪري وڌو هجي. هو اسان وٽ ويٺو رهيو ءِ اسان جون ڳالهيون ٻُڌندو رهيو.

اسان جون ڳالهيون ٻُڌندي ٻُڌندي سندس اکيون ٻُوڇجي ويون. بلڪل ائين جيئن لوريءَ ني ننڍڙي ٻار کي آٿت اچي ويندي آهي، يا ڪنهن

مهربان نرس جي زندگي بخش هٿ جي ڇاءَ سان مريض جي روح ۾ قرار جون ڪونپلون ڦٽي پونديون آهن.

هتي اچڻ کان پوءِ مون مرزا صاحب کي ٽي پيرا ڏنو آهي ۽ هر پيري محسوس ڪيم ته هڪ اهڙي انسان سان مليو آهيان، جنهن جي دل ۾ وطن پرست قيديءَ کي ڏسي فخر ۽ همدرديءَ جا ملڪيل جذبا هڪ ٻئي سان ائين ملي ويا آهن، جيئن جوانيءَ جي سرمستيءَ جي جذبن سان پرپور چار چپ هڪ ٻئي سان ملي ويندا آهن، جن کي آرزوءَ جي اُڃ پوري ٿيڻ کان سواءِ ڌار ڪرڻ ممڪن ئي نه هجي. مرزا صاحب جي دل ۾ وطن پرست، آزادي پسند ۽ قوم پرور قيديءَ کي ڏسي وڌ ۾ پوندا هجن، ته منهنجي ڏرتيءَ جي انسانن تان زيرپون ۽ زنجيرون، ڏانوڻ ۽ پئد اڃا نه لٽا آهن- ۽ وقت جي ستم ظريفي ڏسو، جو انهن جي نگراني منهنجي حوالي آهي ۽ فخر ۾ ٿيندو هجي ته منهنجي سنڌ جي ڪُک سَنڌ نه ٿي آهي، ان ڪري اُن جي ڪک مان اڃ ۾ اهڙا انسان جنم وٺندا رهن ٿا، جيڪي شهيد سنڌ الهه بخش سومرئي جو جهنڊو کنيو اچن ٿا. چيو پٽي ويو ته مرزا صاحب شڪارپور جو ويڙل هو. شڪارپور، جنهن جي سون ورنين شامن ۾ سامي‌ءَ جا سلوڪ، محبوب جي خمارين اکڙين وانگر لڳندا آهن. شڪارپور، جنهن جي سانجهين کي منهنجي ڏرتيءَ جي آمر انسان الهه بخش جو خون، وڏيڪ سرهو ۽ سگهارو بنائيندو آهي. شڪارپور، جنهن سنڌيءَ شاعريءَ کي هرٽيءَ جي چال سيکارينڊڙ ڪيئل داس 'فاني' ڏنو. شڪارپور، جنهن سنڌي ادب ۽ شعر جي ڪنوار جي گج ۾ تشبيهن جا هيرا مڙهينڊڙ نياز همايوني ڏنو. شڪارپور، جنهن آزاديءَ جي آڻ ٽڪ پانڌيڙو محمد صالح 'عاجز' ڏنو، جنهن جي جسم تي سنڌ ۾ سپ کان پهرين "ڊفينس آف انڊيا رولز" جي تلوار ڪڙڪي. شڪارپور اسان کي سنڌ جي آزاديءَ جي تاريخ جو بي بها هيرو ڇينمل ڏنو. جنهن چيو هو ته، 'جيڪڏهن ميڙ مون کي اجازت ڏين ته هڪ رات ۾ سنڌو درياٰ ٽپي، انگريزن جي بکر واري چانوٽي تباهه ڪري، سنڌ مان سندن پير اکيڙي چڏيان.' پوءِ جڏهن سنڌ تي انگريزن قبضو ڪري ورتو، تڏهن ڇينمل مادر وطن جي آزادي لاءِ ڪابل کان راس ڪماريءَ تائين سانوڻ جي بادل وانگر اُڏامندو رهيو.

شڪارپور، جنھن اسان کي شيخ ايياز جي سگھاري شاعري ڏني. انھيءَ شڪارپور، اسان کي ڪراچيءَ جي دونھاڻيل ماحول ۾ مرزا افضل بيگ بہ ڏنو. آءٌ جڏھن بيرڪ نمبر ٻاويھ ۾ رھندو ھوس، تڏھن پھريون پيرو مرزا صاحب اتي رائونڈ تي آيو ھو. ھن ڪلندي اسان سيني سان ھٿ ملايو ۽ سيني کان سنڌيءَ ۾ خيريت پڇي. ڪراچيءَ ۾ پھريون پيرو جيل جي سپ کان وڏي آفيسر قيدين سان ھٿ ملايو ھو ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالھايو ھو. وڃڻ وقت ڈاڪٽر اعزاز نذير کي چيو ھئائين تہ، "ڈاڪٽر صاحب، ھاڻي تہ باھر نڪرو." ڈاڪٽر صاحب جواب ڏنو ھو تہ، "سائين، اوھان سان گڏ نڪرنداسون." ٻيو پيرو واري نمبر تيرھين ۾ اسان وٽ آيو ھو ۽ ڪافي وقت وينو ڪچھري ڪندو رھيو ھو. ٽيون ۽ آخري پيرو قيدين پڇڻ کان پئي ڏينھن آيو ھو ۽ اسان کي خبر ڪانہ ھئي تہ جيل ۾ اسان آخري پيرو ملي رھيا آھيون. اُن ڏينھن کان انڪوائري شروع ٿي ۽ اڄ مرزا صاحب جي رٽائر ٿيڻ جي خبر پُڌيسون. مون کي ھيءَ خبر پڏي ڪوبہ عجب ڪونہ ٿيو ھو، چاڪاڻ تہ ھي ملڪ آھي، جتي ڪي. ڊي. اي جي پٽيوالي جي انڪوائريءَ ۾ پنج سال لڳندا آھن، ۽ سنڌي آفيسر کي ائين جلدي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو آھي، جيئن سستي گراھڪ کي طوائف ڪوٺي مان ڪڍي ڇڏيندي آھي. ھي ملڪ آھي، جتي جون عدالتون ڏاڏي جي سزا پوٽي کي ٻڌائيندیون آھن ۽ سنڌي ماڻھوءَ جي حق کي ائين ھڙپ ڪيو ويندو آھي، جيئن پليگ جي بيماري انساني جانين کي ھڙپ ڪندي آھي. ھتي سنڌي ماڻھوءَ کي قانون پنھنجي گرفت ۾ ائين جھلي وڃندو آھي. جيئن چقمق لوھ کي ۽ ان کي آزاد ڪرڻ وقت ھتي جي حاڪمن کي ايتري ئي تڪليف ٿيندي آھي، جيتري نوخيز دوشيزہ کي پھرئين ڀار جنسي وقت ٿيندي آھي. ھا، ھي ملڪ آھي، جتي ملڪ ٽوڙيندڙن جي اولاد کي عياشي ۽ سنڌي ملازم جي اولاد جي مستقبل کي اماس وانگر تاريڪ بنايو ويندو آھي. آخر تہ مرزا صاحب بہ سنڌي ھو. ان بدبخت قوم جو فرزند، جنھن تي حڪومت ڪندڙ وزير پنجن ھزارن ۾ ميڊيڪل جون سيٽن غير سنڌي ماڻھن کي وڪڻندا آھن. ھا، ھي دستور آھي. ھتي تہ وڪيل کي وائيس چانسلر بنايو وڃي ٿو ۽ ماسٽر کي سپرنٽينڈنٽ جيل!

مرزا افضل بيگ هليو ويو، جيل مان نڪري ويو، پر آءٌ ۽ ڊاڪٽر اڃا اُتي آهيون. نہ اسان جو رهڻ پنهنجي مرضيءَ سان ۽ نہ وري مرزا صاحب جو نڪرڻ سندس مرضيءَ سان هو. شايد مرزا جلدي انهيءَ ڪري نڪري ويو، جيئن اسان ساڻس ڪيل واعدي مطابق جلدي نڪرون. هڪ پاسي اهو خيال ۽ ٻئي پاسي اهو بہ ويچار تہ شايد قيدي ڇڏايا ئي ان ڪري ويا، جيئن سابق ماسٽر سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ سپرنٽينڈنٽ ٿئي. جيڪڏهن ڊاڪٽر ملي تہ آءٌ ڪيس چوان: مرزا صاحب هليو ويو، تون بہ پنهنجو واعدو پورو ڪر.

5 جولاءِ 1976ع

ڪافي ڏينهن کان پوءِ، اڄ ڊائري لکڻ لاءِ ويٺو آهيان. ڊائري لکڻ جي سلسلي ۾ منهنجي عادت جيل ۾ همیشه هيءَ رهي آهي تہ جيتريون سلپون لکندو آهيان، سي ابراهيم منشيءَ جي تاريخ تي ڪيس ڏئي ڇڏيندو آهيان، ۽ هو ڪورٽ ۾ آيل گهربل ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. ان ڪري نہ صفحن جي ترتيب قائم رهي ٿي ۽ نہ وري اڳين تاريخ ئي ياد رهندي اٿم. اهو صرف ان ڪري ڪندو آهيان، جو جيل ۾ هر وقت تلاشيءَ جو ڪُتڪو لڳو رهندو آهي، ۽ هر وقت عملدارن جي نظرن کان چوڪس رهڻو پوي ٿو ۽ هر قسم جو خوف مسلط رهندو آهي.

مون بادشاهہ خان جي سوانح حيات ۾ ڪٿي پڙهيو آهي، تہ بادشاهہ خان لکيو آهي تہ جيل ۾ صرف هڪ پيرو مون کي عملدارن جو خوف ٿيو، جڏهن مون کي خبر پئي تہ تلاشي ٿيڻ واري آهي ۽ ان وقت مون کا شيءِ جيل جي قانون مطابق غير قانوني پاڻ وٽ رکي هئي. ان ڏينهن کان پوءِ جيل ۾ مون پاڻ وٽ اهڙي شيءِ رکي ئي ڪانہ، جيڪا مون کي جيل جي آفيسرن جي اختيارن جو خوف ڏياري ۽ مون ۾ بزدلي پيدا ڪري، پوءِ اها ڪٽي وڃي ئي سهي.

جيتوڻيڪ سياسي قيدين جي حيثيت ۾ اسان لاءِ بہ رستا مقرر ۽ متعين آهن: هڪڙو رستو اهو، جيڪو مهاتما گانڌيءَ ۽ ان جي رفيق ڪار غفار خان جو رهيو آهي، جنهن جي نندڙي جهلڪ آءٌ مٿي بيان ڪري آيو آهيان

ء ٻيو رستو آهي ڪميونسٽ قيدين جو، جيڪي جيل ۾ هر قسم جو غير قانوني ڪم ڪندا آهن. ويندي ڪو ننڍڙو ٻار به جرمن پهريدارن کان لڪائي جيل ۾ رکڻ جي جرئت ڪن ٿا. اهڙي هڪڙي ڪاروائيءَ جي سرگذشت مشهور ناول "گل ءِ جهولو" ۾ بيان ٿيل آهي.

جيتوڻيڪ منهنجي ذهني تربيت جي تقاضا آهي ته آءٌ اهو رستو اختيار ڪريان، جيڪو گانڌيءَ ۽ غفار جو ٻڌايل آهي، پر هتي صرف لکڻ جي حد تائين آءٌ ڪميونسٽ طريقي ڪار تي عمل ڪريان ٿو، ۽ ان لاءِ نه، جو مون تي هڪ قسم جو خوف طاري رهي ٿو.

ڪيترا قيدي، جن ۾ سياسي قيدي به شامل آهن، ڪاڌي پيتي جي معاملي ۾ غلط طريقا استعمال ڪندا آهن. عام طرح جيل ۾ قيدين کي نشي پيتي جي هر اها شيءِ ملندي آهي، جنهن جي ڪري ڪيترن نوجوانن کي عدالتي سزائون ڏنيون ويندیون آهن. جيل ۾ عورت کان سواءِ هر شيءِ ملي سگهي ٿي. ايتري قدر جو هڪ پيري حڪيم بلوچ ته گهوٽيل پنگ به اندر کڻي آيو هو، جيڪا تيرهين وارد جي سپني قيدين ڏاڍي شوق سان پيتي، جن ۾ آءٌ به شامل هوس. 'سنڌي عوامي تحريڪ' جو اسماعيل سوهو ٿ ڪو پيڙهياتو چرس جو موالي آهي، ان کي جيل ۾ وري منشي ابراهيم ۽ راجا رحيم يار جهڙا گڙنگ موالي ويا، تنهن ته هٿي ذري گهٽ سڄي وارد کي چرسي بنائي وڌو. ويندي ايتري حد تائين جو مون کي به عارضي طور پنهنجي شاگرديءَ ۾ ونې ڇڏيائون. زندگيءَ ۾ مون کي ڪڏهن ڪنهن نشي کان شديد ۾ شديد نفرت آهي ته اهو چرس ئي آهي، پر جيل ۾ اهو نشو به استعمال ڪرڻو پيو. جيتونيڪ هڪ ڏينهن کان پوءِ پاڻ کي سنپالي ورتم، پر بهرحال قسم کڻڻ جهڙو نه رهيس. نشي جي معاملي ۾ هڪ سگريٽ ئي اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي سرمئي دونهين جي چلن ۽ پيچن جي اڳيان مون پاڻ کي ائين سمجهيو آهي، جيئن ڪو عاشق محبوب جي وارن جي ورن وڪڙن جي سامهون پاڻ کي بيوس سمجهندو آهي، نه ته ٻيو ڪوبه نشو منهنجي قوت ارادي ۽ کي ٽوڙي نه سگهيو آهي، منهنجي دماغي فيصلن جي ديوار ۾ شگاف وجهي نه سگهيو آهي، ۽ منهنجي دل جي پکيءَ کي پنهنجي دام ۾ هميشه لاءِ قاسائي، مجبور ۽

بيوس نہ بنائي سگهيو آهي: پوءِ اهو ڪٽي حُسن جو نشو چو نہ هجي. ان سرگزشت مان اسان کي ان ڳالهہ تي ڏيان ڏيڻ گهرجي تہ جيل جو مقصد ڇا آهي. آيا ان جو مقصد قيدين جي اصلاح آهي يا سزا ءِ عذاب؟

هن جيل ۾ رهي مون جيڪو تجربو ماڻيو آهي، انهيءَ بنياد تي آءٌ چئي سگهان ٿو تہ جيل 'انسان جي سيرت ءِ ڪردار' کي بگاڙڻ جو سڀ کان وڏو ذريعو آهن. جيل هڪ اهڙو ڪوس گهر آهي، جتي انساني اخلاق ءِ ڪردار رات ڏينهن ڪُسندا رهن ٿا. جيل اهڙو ٽياس آهن، جنهن تي انساني عزت، غيرت ءِ وقار روزانو ڦاسي چڙهندا رهن ٿا. هتان بااخلاق انسان بداخلاق ٿي نڪرن ٿا. هتي ملڪ ءِ قوم جي بهترين انفرادي قوت ءِ صلاحيت جي صحت کي تباهہ، برباد ءِ ويران ڪري، هڪ مسلسل ءِ مستقل بيمارين سان پرپور فوج تيار ڪئي وڃي ٿي، جيڪا پوري سماج ءِ معاشري لاءِ وبال جان بنجي پوي ٿي.

آءٌ موضوع کان هٽي ويو آهيان، ان جا ڪيترائي سبب آهن. آءٌ جڏهن بہ هتي قيدين جي قسمت تي ڏنبا وسندي ڏسندو آهيان، ان وقت مون کي اُهي آمريڪي غلام يَاد ايندا آهن، جيڪي يورپي قومن جي تجارتي جهازن کي هٿ سان هلائي ٽڪجي پوندا هئا، تہ ان وقت مٿن يوروپي جلادن جا درا وسڻ شروع ٿيندا هئا. ڪٿي مون پڙهيو آهي تہ جڏهن گهانا ۾ 'نڪروما' اقتدار ۾ آيو، تڏهن هن انهيءَ جهازي محلات کي سرڪاري دفتر بنايو، جنهن ۾ ڪڏهن گهانائي غلامن کي يورپ نيئ لاءِ رسن ۾ جڪڙي هفتن جا هفتا اُجلايو ويندو هو. نڪروما پوري ملڪ ۾ پڙهو گهمايو تہ روزانو عوام اچي ان جاءِ ۾ آزاديءَ جا جشن ملهائي، جنهن ۾ سندن ابن ڏاڏن کي غلاميءَ جي حالت ۾ واڙيو ويندو هو.

آءٌ بہ هن جيل ۾ ڪنهن نڪروما جو تصور ڪندو آهيان، جيڪو هن مظلوم مخلوق کي نجات ڏياري. جڏهن تاريخن تي نيئ وقت قيدين کي پيرين اگهاڙو جوڙيءَ جوڙيءَ ۾ قطارن ۾ ويهاري، سپاهي ءِ مقدم کين ٽُڏا هڻي اُٿارينداآهن، تڏهن مون کي بغداد، بصري ءِ عراق ۾ عجمي قيدين ءِ غلامن جون قطارون ياد ايندیون آهن، جن جي وڪري لاءِ واڪ لڳندا هئا.

آءٌ جڏهن جيل ۾ ليڊرن ءِ سياسي ورڪرن کي چرس جا سُوٽا هڻندي

ڏسندو آهيان، تڏهن ان قوم جي مستقبل تي منهنجي روح مان ريهه نڪري ويندي آهي، جنهن جي نمائندگي اهي ليڊر ۽ ورڪر ڪري رهيا آهن. اُهي حالتون ڏسي پسي ۽ انهن ۾ رهي، جيڪڏهن ڊائريءَ جو موضوع منهنجي گرفت مان نڪري وڃي تہ ان ۾ قصور وار به نہ چئبس.

ڪٽي پڙهيو هوم تہ جيل ۾ مولانا 'آزاد'، هڪ وڏي سياسي قيديءَ کي سندس مخصوص چانهه جي دعوت ڪئي. ٻئي ڇٽا چانهه پي رهيا هئا تہ پري کان جيل سپرنٽينڊنٽ کي ايندي ڏٺائون. ٻنهي قيدين جو هڪڙي جاءِ تي گڏجڻ قانوني ڏوهه هو، ان ڪري مولانا آزاد کي پنهنجي مخصوص ٻينيازي ۽ لاپرواهي ڇڏي، ڪوليءَ مان ٻاهر نڪري، سپرنٽينڊنٽ جو استقبال ڪرڻو پيو. سپرنٽينڊنٽ صاحب مولانا طرفان ايڏو انداز ملندي خوشيءَ ۾ پرجي، اُتان ئي واپس هليو ويو. اهڙيءَ طرح ٻنهي ليڊرن جي غير قانوني ڪم جو پرم رهجي آيو.

اهو انگريزن جو دؤر هو ۽ حاڪم قوم جو آفيسر غلام ڏرتيءَ جي قيديءَ طرفان پنهنجو استقبال ڏسي، خوش ٿيو هو، جيتوڻيڪ ان کان اڳ ۾ هو ان قيديءَ جي ڳالهائڻ لاءِ به انتظار ڪندو هو. اسان وٽ هتي دستور ڪجهه نرالو آهي. هتي سپرنٽينڊنٽ تہ ٿيو پنهنجي جاءِ تي، پر معمولي جيلر سان گفتگو ڪرڻ ۽ اُن سان هٿ ملائڻ جي شرف تان قيدين ۾ ڊوڙ ٿيندي آهي. جيڪي ملڪ ۽ قومون ڪافي وقت غلام رهنديون آهن، انهن جي فردن ۾ غلامانہ ذهنيت ۽ احساس ڪمتري پيدا ٿي پوندي آهي. هڪ غلام، هڪ اڇوت ۽ هڪ ڪمزور ماڻهو پنهنجي عزت، اهميت ۽ حيثيت کي وساري ڇڏي ٿو. هن وٽ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ يا ان سان گڏ ماني کائڻ وڏي ۾ وڏو اعزاز ۽ مانَ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو غلام قومن وٽ اهو ماڻهو عزت لائق هوندو آهي، جنهن جو تعلق، رابطو ۽ لاڳاپو ڪنهن وڏي آفيسر، سيٺ، وڏيري، چوڌريءَ، خان ۽ سَر سان هوندو آهي. (پوءِ اهو لاڳاپو ڪٽي پڙوٽ جي حد تائين ڇو نہ هجي!) غلام قومن جا غلام ذهنيت وارا ماڻهو ڪوشش ڪري حاڪمن وٽان اهڙا لقب ۽ خطاب حاصل ڪندا آهن، جن مان سندن وڏائي (پنهنجي غلام قوم جي نظر ۾) ظاهر ٿيندي هجي. سنڌ جا وڏيرا، انگريزن جي دؤر ۾ انگريز آفيسرن جي

دروازن تي ملاقات لاءِ قطارون ڪريو بيٺا هوندا هئا. جيڪو وڏيرو، انگريز جي آفيس مان باهر نڪرندو هو، سو پنهنجي ڪيسي مان سُڪل ميوو ڪڍي (جيڪو هو اڳيئي ڪيسي ۾ وجهي صاحب سان ملڻ ويندو هو،) کائيندو ايندو هو. چئي: صاحب ته ماني کارائڻ لاءِ ڏاڍا مٽا هنيا، پر مون کي تڪڙ هئي، تنهنڪري سندس دعوت کائڻ کان انڪار ڪيم. پر بيلي صاحب به ڪو بنهه اڻ چڏ هو. تنهن ايندي ايندي ڪيسي ۾ سُڪل ميوو وجهي چڏيو. بس يار مڙس آهي ڏول، تنهن جي سُڪل ميوي کان مون به انڪار ڪونه ڪيو.

اهو مرض صرف وڏيرن ۾ ڪونه هو، پر هيٺيان ۽ مظلوم طبقا ته آقائن جي غلامن سان هٿ ملائڻ، انهن جي ڪپڙي کي ڇُهڻ يا کين جُتي پارائڻ به پنهنجي لاءِ وڏي خوش نصيبي سمجهندا هئا ۽ سمجهن ٿا. ٻيو ته نهيو، پر جيڪي ماڻهو عزت ۽ وقار لاءِ لڙي رهيا هجن، تن طرفان جيڪڏهن اهڙي ڪريل ذهنيت جو مظاهرو ٿيندو رهي ته اها ڳالهه انتهائي دکدائڪ ۽ افسوسناڪ آهي. اسان وٽ هتي ائين ٿيندو رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اسان هتي ڪوبه چگو چونڊي نه سگهيا آهيون، جيڪو اسان جي ضرورتن جي باري ۾ جيل وارن سان ڳالهائي. جيئي سنڌ جي ساٿين پاڻ ۾ صلاح ڪري "منشيءَ" کي چگو چونڊيو، پر جڏهن جيلر آيو. تڏهن سوهو صاحب منشيءَ کان به اڳ ۾ پهچي ويو. منشي چوي اٿو ته سوهو چوي گهوباتو. منشي چوي ته بابا اسان کافي ڏينهن کان سامان لکايو آهي، جيڪو اڃا سودو نه مليو آهي، ته سوهو چوي ته سائين اسان کي والي بال وٺي ڏيو. اهڙا ڪيترائي واقعا روزانو ٿيندا رهندا آهن، پر جيئن ته مون 26 جون کان اڄ ڏينهن تائين ڊائري نه لکي آهي، تنهنڪري اُهي رهجي ويا آهن. 26 جون کان ڊائري نه لکڻ جو سبب هي آهي، جو ان ڏينهن وائيس چانسلر ۽ ان جي حوارين جي عتاب جا ڏنگيل جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا اٺ دوست سوا مهينو لاڪ اپ ۾ سڙي هٿ پهتا آهن. انهن ۾ منهنجو پيارو دوست ۽ سنڌ جي عشق ۾ فنا ٿيل ساٿي مولابخش لغاري به آهي. جتي مولابخش لغاري، حبيب الله ناريجي، عزيز پنهور، هيرانند، رحمت الله هيسباڻي، نواز چنڊ ۽ لکومل جي ڪچهري گڏ ٿئي، اُتي آءٌ لکڻ

جهڙو ڏوهه ڪريان ته نيابت مان نڪري وڃان، ان ڪري اهو پورو عرصو لکڻ ۽ پڙهڻ بند رهيو. ڪافي وقت جي ڪوشش کان پو. ۽ ڪتاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوس، ته پڙهندس، پر اهو پڙهڻ ۽ ڪچهريءَ جي نظر ٿي ويو آهي. هڪڙو ڪتاب مشهور آمريڪي تعليمي ماهر ۽ فلاسفر جان ڊيويءَ جو "آزادي ۽ تهذيب" آهي. پروفيسر ڊيويءَ جي حيثيت آمريڪا ۾ اهڙي ئي آهي، جهڙي سنڌ ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي، يا هندوستان ۾ راڌا ڪرشن (سياسي عهدي کان قطع نظر) جي.

مشهور روسي اديب مئڪسم گورڪي (سن ياد نه آهي)، جڏهن آمريڪي ڪميونسٽن کان پارٽيءَ جي صدر لاءِ آمريڪا پنهنجي زال سان گڏ ويو هو ۽ آمريڪي ڪميونسٽن انتهائي مڪاريءَ ۽ منافقت کان ڪم ونندي، گورڪيءَ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو، ان وقت پروفيسر ڊيوي آمريڪا ۾ واحد ماڻهو هو، جنهن روسي اديب جو نه صرف آڏرياءُ ڪيو، پر پاڻ وٽ ترسائڻ سان گڏ ڪافي مدد پڻ ڪئي هئائين. مون گهڻو اڳ جگ مشهور آمريڪي دانشور ۽ صحافي ميڪس ايسٽ مين جي ڪتاب "رفقاءِ عظيم" (اردو ترجمي) ۾ پروفيسرڙ جان ڊيويءَ جي باري ۾ پڙهيو هوم، اُن وقت ان سندس ڪنهن ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. هڪ دوست جي معرفت سندس ڪتاب ته مليو آهي، پر پڙهڻ جو موقعو ڪونه ٿو ملي. پيو ڪتاب پيپلز پارٽيءَ جي هاڻوڪي سيڪريٽري جنرل مبشر حسن جو ڪٽي آيو آهيان. ان کان سواءِ ڪميونسٽ اديب سبط حسن جو "موسيٰ سي مارڪس تڪ" به مليو اٿم. جيل اختياريءَ وارن جي علم ۽ عقل جو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، ته هنن "موسيٰ کان مارڪس تائين" ڪتاب تي ڪوبه اعتراض نه ڪيو ۽ ائين سمجهيائون ته اهو پيغمبرن جي قصن ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. بلڪل ائين جيئن اسان وٽ قصص الانبيا وغيره. نه وري منهنجي ڪتاب "صدين جون صدائون" تي اعتراض واريو، پر "شاهراهه انقلاب" تي اعتراض ڪيائون، جو ته انهيءَ ڪتاب جي نالي ۾ "انقلاب" جو لفظ لکيل هو. مون کين چيو ته بابا هن ۾ پٽي صاحب واري انقلاب جو تفصيل ڏنل آهي، ڇڏيو ته پڙهي من مٿس ايمان آڻيون. منهنجي سمجهاڻيءَ تي مطمئن ٿي هنن ڪتاب ڇڏيو.

"انقلاب" جي اکر کان جيل انتظاميا جو چرڪ، اسان کي حاڪم ڌرين ۽ سندن نوڪرشاهيءَ جي ذهنيت جي خبر ڏئي ٿو، ته اُهي طبقا، ڌريون ۽ انهن جي نوڪرشاهي، انقلاب جي لفظ کان ڪيڏو خوفزده آهن. اهو لفظ جيڪو پنهنجي مختصر اکرن ۾ جتي مظلوم قومن، طبقن ۽ انسانن جي آزاديءَ ۽ خوشيءَ جو اڻ ڪُٽ ۽ لازوال خزانو رکي ٿو، اتي ظالمن ۽ غاصبن جي موت ۽ تباهيءَ جو پيغام پڻ. انقلاب جو لفظ انهيءَ دوشيزه وانگر آهي، جنهن جي هڪ هٿ ۾ ماکيءَ جو پيالو ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار آهي. ماکيءَ جو پيالو آهي انسانيت جي گهٽائيءَ لاءِ، صدين کان ستايل مظلوم ماڻهن لاءِ، جبر ۽ ڏمر جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ طبقن لاءِ، غلامي ۽ مجبوريءَ جي آڙاهه ۾ سڙندڙ قومن لاءِ. ۽ تلوار آهي، انهن بدمعاش قاتلن ۽ رت پياڪ رهزنن لاءِ، جن پنهنجي مفادن جي نگراني ۽ حفاظت لاءِ هر وقت ۽ هر دؤر ۾ جاوا ڪيا آهن. اها تلوار دنيا جي هر خطي ۾ ايترو ته وڌي چڪي آهي، ايتري ته تيز ۽ تکي ٿي چڪي آهي، جو رت پياڪ رهزنن جو هاڻي وڌيڪ وقت لاءِ ان جي وار کان بچڻ ناممڪن آهي. مون ان تلوار جا گهاءَ ڏٺا آهن. روس ۾ ان جو وهڪرو ڏٺو آهي؛ چين ۾ ان جي چمڪ ڏٺي آهي؛ ويٽنام ۾ ان جو جوهر ڏٺو آهي؛ بنگلاديش ۾ ان جا ڪارناما ڏٺا آهن؛ الجزائر ۾ ان جي ڌار ڏٺي آهي؛ الڪرامه ۾ ان جو وار ڏٺو اٿم؛ ڪانگو، مڊغاسڪر، گهانا، گني بسائو، موزمبيق ۽ انگولا ۾ ان جا جلوا ڏٺا آهن؛ ڪيوبا، ڪمبوڊيا ۽ ڪوريا ۾ ان جي تباهي ڏٺي آهي. ايترو ڪجهه ڏسڻ جي باوجود ان جون ڪارگذاريون منهنجي مادر وطن ۽ هن سون ورنيءَ ڌرتيءَ تي ڏسڻ جو تمنائي آهيان، آسروند آهيان. آءٌ منهنجي وطن ۾ به ان دوشيزه کي ائين ڊوڙندو ڏسڻ ٿو چاهيان، جيئن ڪائي جابلو چوڪري چيلڙن پٺيان ڊوڙندي آهي. ها، آءٌ ان دوشيزه کي هتي ڏسڻ ٿو چاهيان، جنهن جي هڪ هٿ ۾ ننگر جهڙن نينگرن لاءِ ماکيءَ جي بدران کير جو وٽو هجي ۽ ٻئي هٿ ۾ وطن جي بچاءَ لاءِ تلوار يا استين گن!

6 جولاءِ 1976ع

اڄ پاڪستان ۾ مزدور تحريڪ تي بحث ٿي رهيو آهي، ڪن دوستن

جو چوڻ هو ته پاڪستان ۾ مزدور تحريڪ تمام اڳتي وڌي آهي ۽ انقلاب لاءِ رستو ڪافي صاف ٿي چڪو آهي. پاڪستان جي مزدور، جمهوريت جي بحاليءَ ۽ انساني حقن جي حاصلات لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن. شعوري طرح مزدور تنظيم ۽ تحريڪ جو معيار وڌيو آهي وغيره.

مون عرض ڪيو ته "اهو صرف هڪڙي گهڙيءَ لاءِ صحيح سمجهندي، آءٌ صرف ايترو عرض ڪندس ته پاڪستان جي مزدور تحريڪ هڪ انقلابي تحريڪ به آهي يا نه ۽ آيا پاڪستان جي مزدور جو ڪردار واقعي انقلابي عمل سان هم آهنگ به رهيو آهي؟ سوشلزم جي استاد "لينن" جو چوڻ آهي ته، "ڪنهن تحريڪ جي انقلابي هجڻ جي پرک ۽ ڪسوٽي، سندس عمل جا اندروني اثرات گهٽ ۽ بيروني اثرات وڌيڪ آهن."

ان باري ۾ هو چوي ٿو ته، "اسان کي ڏسڻو هيءُ آهي ته ڪا تحريڪ بين الاقوامي سطح تي عالمي سامراج جي شڪست جي عمل کي تيز بنائڻ لاءِ ڪيترو ڪردار ادا ڪري ٿي يا بنهه ڪوبه ڪردار ادا نٿي ڪري. هر اهڙي تحريڪ جيڪا عالمي سطح تي سامراج کي ڪوبه لوڏو ۽ ڏوڏو نٿي ڏئي، بلڪ سامراجي ڪاروائن تي خاموش تماشائي بنجي ڏسندي رهي ٿي، اهڙي تحريڪ انتهائي رجعت پسند آهي، عوام دشمن آهي، انقلاب جي مخالف آهي. پوءِ ڪٽي اها پنهنجي ملڪ ۾ پورهيت راج لاءِ ڪيترو ئي پاڻ چو نه پتوڙيندي رهي."

"انهيءَ معيار تي اسان ڏسون ٿا ته پاڪستان جي مزدور تحريڪ نه صرف سامراجي عمل تي خاموش رهي آهي، پر عالمي سطح تي سامراجي ڪاروائن کان بي خبر پڻ. پاڪستان ۾ حڪومت ۽ سول سروس پاڪستان جي ستاويهن سالن ۾ مسلسل سامراجي ڪاروائن ۾ مصروف رهي آهي. هن پاڪستان جي قومن جي خودمختياريءَ کي ختم ڪيو؛ قومن جي زبانن کي نقصان پهچايو ته پاڪستان جا مزدور خاموش رهيا. سامراجيت جي ديوَ اوپر بنگال ۾ ٽيهه لک انسانن کي قتل ڪرائي، مختصر عرصي ۾ گهٽي قتلام جو رڪارڊ قائم ڪيو، پر پاڪستان جا مزور ڏسندا رهيا. زبان جي مسئلي تي هتي جو سامراجي پناهگير نوڪرشاهيءَ جي شهه تي اُگهاڙو وحشي بنجي، سنڌ جي عوام جي رت سان راند ڪندو

رهيو ته پاڪستان جا مزور ظالمن جا حمائتي بنجي نعرا هڻندا رهيا. بلوچستان ۾ فوجي ڪاروائيءَ تي پاڪستان جا مزور خاموش رهيا. اهي مزور جيڪي ڏيڍ روپيو پگهار ۾ واڌ آڻڻ لاءِ ٽيهه ٽيهه خون ڪرائي سگهن ٿا، سي هتي قومن جي وجود تي منڊيڙو لڳڻ وقت تماشو ڏسندا رهيا. انهن کي آءٌ، ان بنياد تي انقلابي مڃڻ لاءِ تيار ڪونه آهيان ته هو صرف پهرين مئي تي 'انٽرنيشنل' ڳائين ٿا؛ يا هنن جي بونس وڌائڻ جي احتجاجي بينرن تي "دنيا جا مزورو، هڪ ٿي وڃو،" جا نعرا لکيل آهن. هتي جو مزور ٽريڊ يونين ازم جي چڪر ۾ سرمائيدار جو آلہ ڪار بنجي ويو آهي. هتي جو مزور هاريءَ جي مقابلي ۾ رعايت يافته طبقو آهي ۽ هاريءَ جي قرلٽ ۾ سرمائيدار جو بلڪل اهڙيءَ ريت پاڳي پائيوار آهي، جيئن هندستان ۽ آئرلينڊ جي غلاميءَ ۾ برطانيا جي لاردِ سان گڏاتي جو مزور پاڳي پائيوار آهي.

"هتي هڪڙو سوال سنڌ ۾ چيني گروپ جي ڪردار متعلق سامهون اچي ٿو. هن ڳالهہ سان هو به متفق آهي ته هن ملڪ ۾ هڪ خاص حصي جي حيثيت هڪ مستقل مفاد جي آهي. ان مڃڻ جي باوجود جڏهن ان خاص حصي بلوچستان ۾ ڪاروائي ڪرائي ۽ بنگلاديش ۾ نسل ڪشيءَ جو ارتڪاب ڪيو، ان وقت انهيءَ گروپ بلوچستان جي جنگ کي سردارن جي اقتدار جي جنگ قرار ڏئي، ان جي مخالفت ۾ ايڊيٽوريل لکيا ۽ بنگال جي باري ۾ هن حد تائين وڌي ويو ته اتي باهرين مداخلت انقلاب جي راهہ روڪي ڇڏي. جيتوڻيڪ پٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هن گروپ مغربي اخبارن مان ترجمو ڪيل هڪ ڪتاب ڇپرايو. اسان هڪڙي منٽ لاءِ مڃون ٿا ته بلوچستان ۾ سردارن جي جنگ آهي؛ پر سوال هي آهي ته اهي سردار وڙهن ڪنهن سان ٿا؟ ان طاقت سان جنهن جي سامراجي ذهنيت ۾ ڪنهن کي شڪ ڪونهي. جڏهن امير حبيب الله ۽ ان جا پوئلڳ انگريزي سامراج سان پنهنجو شخصي اقتدار بچائڻ لاءِ وڙهي رهيا هئا، ان وقت ڪامريڊ لينن لکيو ته، "اُهي ڪميونسٽ، جيڪي انهيءَ معرڪي ۾ انگريز سامراجيت جي مذمت نٿا ڪن، سي ڪميونسٽن جي صف ۾ ڪارين رڍن (Black Sheep) وانگر آهن."

"آءٌ يقين سان چوان ٿو ته حبيب الله خان جي سرداري ۽ شاهيءَ جي

مقابلي ۾ گل خان نصير ۽ عطاءُ الله مينگل جي سرداري کائي اهميت ۽ حيثيت نٿي رکي. هاڻي سمجهدار ماڻهن کي فيصلو ڪرڻ گهرجي ته جيڪو ماڻهو سنڌ ۾ 'هاري هاري' جي ڪچي پيو هٽي، ۽ پر ۾ ٽيندڙ سامراجي ڪاروائيءَ جو مقابلو ڪندڙن جي مذمت ٿو ڪري، ان کي اسان لينن ازم جي بنياد تي ڪهڙيءَ ريت انقلابي سمجهي سگهون ٿا. ساڳي روش عظيم چيني رهنما مائوزيتنگ جي آهي. هو بنگلاديش کي ان وقت تائين تسليم نه ٿو ڪري، جيستائين اُن ۾ آمريڪي اثرن کي وڌندي نٿو ڏسي. هو چليءَ جي فاشي حڪومت کي تسليم ٿو ڪري، هو اسپين جي بدترين ڊڪٽيٽر جي جنازي لاءِ گلن جي چادر ٿو موڪلي، جنهن ڊڪٽيٽر کي ختم ڪرڻ لاءِ اسپين جي جمهوريت جي جدوجهد ۾ پوري دنيا جي انسانيت دوست، جمهوريت پسند ۽ ڪميونسٽ رضاڪارن هزارن جي تعداد ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪيون هيون. اسان وٽ مصيبت هيءَ آهي ته هتي مائوسٹ اُهي آهن، جن کي ڪو اصول ڪونهي، ۽ هتي روسي لابيءَ جا حامي ۽ همدرد اُهي آهن، جن کي پنهنجي ڌرتي ۽ قوم نه آهي. هنن کي بهرحال ڪو مشغلو گهرجي، ۽ اهو آهي 'سوشلزم جو فيشن ايبل نعرو'.

مون اندازو لڳايو آهي ته هتي ٽنهي مظلوم قومن جي اتحاد ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ، ٻئي نام نهاد ڪميونسٹ ڌڑا آهن. اهي جاگيرداريءَ جي پراڻي، فرسوده ۽ مدي خارج نعري جي آڙ ۾ پناهگير سرمائيدار کي اُپاري رهيا آهن ۽ سنڌي مائوسٹ 'هاري هاري' جي هنبوشيءَ ۾ پورو."

7 جولاءِ 1976ع

خادم لاکير جي شاندار مهاڳ سان چپيل منهنجي تقريرن جوڪتاب "صدين جون صدائون"، ٽين تاريخ تي ابراهيم منشيءَ کڻي آيو. اڄ مون به ڏٺو. ڪتاب ڏسڻ شرط مون کي ڪنهن تنقيد نگار جو مقولو ياد آيو، جنهن چيو آهي ته، "ڪنهن به ڪتاب جو مصنف اُن مزور وانگر آهي، جيڪو جهنگل صاف ڪري رستو ناهي ٿو ۽ تنقيد نگار ان سپروائيزر وانگر آهي، جيڪو اُن رستي کي چيڪ ڪري ٽريفڪ هلڻ جي اجازت ڏئي ٿو."

بيءَ جاءِ تي پڙهيو هوم ته، "هڪ مصنف کي ڪتاب لکڻ کان پوءِ

ايڏي ئي خوشي ٿئي ٿي، جيڏي هڪ سپهه سالار کي ملڪ فتح ڪرڻ سان. جڏهن ڪتاب ڇپجي تيار ٿي وڃي ٿو، اُن وقت مصنف کي ايڏو اطمينان حاصل ٿئي ٿو، جيڏو پوڙهي پيءُ کي جوان ڏيءَ کي پرڻائڻ کان پوءِ حاصل ٿيندو آهي."

هن ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ آءٌ سپهه سالار، مزورءِ جوان ڏيءَ کي پرڻائڻ وارن مرحلن مان گذري آيو آهيان. (ماڻهن جي نظر ۾) هاڻي سنڌ جي عوام جو ڪم آهي ته هو اُن رستي تي هلڻ جي پنهنجي پاڻ کي اجازت ڏئي ٿو يا نه؟ ڇو ته منهنجي مزوري، فتوحات ۽ جوان ڏيءَ جي ڏاج ڇڪاس ڪرڻ جو حق صرف سنڌ جي عوام کي آهي. اُن عوام کي، جنهن جي صدين جي تاريخي صدائن کي لفظن جو روپ ڏئي، هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي. منهنجي سوچ، منهنجي سمجهه، منهنجي صلاحيت ۽ منهنجي محنت رڳو سنڌ جي عوام جي ملڪيت آهي. مون پنهنجي ذهني سفر جو سرمايو ۽ لفظن جو رنگ، انهيءَ عوام جي جدوجهد ۽ جاکوڙ مان حاصل ڪيو آهي.

هڪڙي ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ته هن ڪتاب جي لکائي، ڇپائي ۽ تياريءَ ۾ مون کان وڌيڪ "خادم لاکير" جي صلاحيتن کي دخل آهي. مون صرف اسٽيج تي تقريرون ڪيون، هن ڪن کي ٽيپ ڪيو، ڪن جا نوٽس ورتا ۽ ڪجهه منهنجي حافظي جي بنياد تي مون کان ٻيهر لکرايون. سنڌ جو عوام جيڪڏهن ڪتاب پسند ٿو ڪري ته اُن ۾ خادم جو ڪمال آهي ۽ جيڪڏهن رد ٿو ڪري ته ان ۾ منهنجي بيدلي ۽ ڪوتاهي آهي.

8 جولاءِ 1976ع

اڄ جي تاريخ تي شام جو ستين وڳي مون کي گرفتار ٿئي ٽيون مهينو پورو ٿيو. ڪافي اڳ مون کي هڪڙي دوست جيل مان خط لکيو هو ته جيل جا ابتدائي ڏينهن آزاد ٿيڻ جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ گذرندا آهن ۽ اهو هر قيديءَ سان لاڳو آهي. آءٌ جڏهن گرفتار ٿيو هوس، ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مون کي آزاديءَ جو انتظار ۽ اوسيئڙو هڪڙي ڏينهن لاءِ به ڪونه ٿيو. لاڪ اپ وقت جيل ۾ وڃڻ جو انتظار ۽ اوسيئڙو هو ۽ جيل ۾

اڄڪاڻ پوءِ صرف تاريخ تي وڃڻ جو انتظار ٿيندو آهي، ڇو تہ تاريخ تي ڪي اهڙا مهانڊا ڏسڻ جو موقعو ملندو آهي، جن کي ڏسي ماڳ ۽ منزل ڏاڻهن وڌڻ جي چاهنا سرس ٿيندي آهي، ۽ دل ڏرتيءَ جي پيار ۽ پاپوهہ سان پالوٽجي ويندي آهي، ورنہ هن ملڪ ۾ رهي مون جيڪو ڪجهہ ڇيو ۽ لکيو آهي، تنهن کي سامهون رکي، آءٌ پان ڇڻي سگهان ٿو تہ اتفاقي حادثي کان سواءِ منهنجو آزاد ٿيڻ ممڪن ئي ڪونهي. ان ڪري اوسيئڙي ۽ انتظار مان ڪوبہ فائدو ڪونهي. هن ملڪ ۾ جنهن طريقي سان حڪومت ڪئي پئي وڃي، اُن مان ڪنهن بہ سياسي قيديءَ جو حڪومت جي خواهش ۽ خوشيءَ کان سواءِ آزاد ٿيڻ ممڪن ئي ڪونهي. عدالت ڪٽي ضمانت منظور بہ ڪري ڇڏي، پر جيل اختياريءَ وارا، هوم سيڪريٽريءَ کي فون ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن کي بہ آزاد نہ ڪندا آهن. جيڪڏهن هوم سيڪريٽري بہ ڏينهن ڪنهن قيديءَ کي غير قانوني جيل ۾ رکڻ جو ڇڻي، سنڊ جي ڪنهن ٻئي ٽاڻي تان ٻيو ڪيس تيارڪرائڻ جو چوي ٿو تہ جيل اختياري اُن وقت تائين قيديءَ کي آزاد نہ ڪندي، جيستائين واسطيدار ٽاڻي جي پوليس ماڙيءَ جي دروازي تي نہ ٽي پهچي. اهو حال حبيب الله ناريجي جو ٽيو آهي. هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ جي نتيجي ۾ حڪومت سنڊ، ناريجي جو ڪيس واپس ورتو آهي، پر جيل مان ڪيس آزاد نہ ڪيو ويو آهي، جيتوٽيڪ ڪائنس آزاديءَ جي حڪم نامي تي صحيح بہ ورتي ويئي آهي.

اُن سڀ ڪجهہ هوندي بہ آزاد ٿيڻ جي موضوع تي گفتگو ٿيندي رهندي آهي ۽ اُن معاملي ۾ ڏاڍا دلچسپ لطيفا ٿيندا آهن. ڪالهہ نئين آردينينس جي روشنيءَ ۾ سياسي قيدين جي آزاديءَ تي ويڻي ڳالهايوسين. مختلف نقطي نظر پيش ٿيندا رهيا، تہ اوچتو نئين آيل دوست، رحمت الله هيسباڻيءَ ڇيو تہ، "بابا آزاد ٿيڻ جو ڪوبہ ويجهڙائيءَ ۾ امڪان ڪونهي. جوٽس.... (هر ڳالهہ تي گار ڏيڻ جي عادت اٿس)، جڏهن نڪرنداسين تڏهن سائنس ايتري تہ ترقي ڪري ويئي هوندي، جو اسان کي طرف بہ سجاڻ ڏکيا ٿي پوندا، ماڻهو هلندڙ گهرن ۾ رهندا هوندا، اسين ٻاهر نڪري ڊبل ڊيڪر ۾ بنا پاڙي چڙهنداسين. (جيتوٽيڪ اسان کي خبر ڪانہ پوندي تہ ڊبل ڊيڪر ڪيڏانهن ٿي وڃي،) اندر وڃڻ سان اسان ٿي

لڻين جو وسڪارو ٿي ويندو تہ حراميو! توهان ڪنهن جي گهر ۾ موڪل بنا گهڙي آيا آهيو. نڪرو ٻاهر! ابا، هاڻ اسان کي ڪيئن خبر پوي تہ بس ڪهڙي ءَ گهر ڪهڙو، ان ڪري باقي عمر ڪراچي جيل جي طواف ڪندي گذاري چڏيندا سون. وهيو واپريو چا وساري چڏيندا سون."

مون چيو، "اهو سڀ ڪجهہ ٺيڪ، پر چا ايتري وقت تائين هن ننڍي ڪنڊ جو هي جنرل فرانڪو خود موجود هوندو، جنهن جي دامن تي جمهوريت ءَ شهري آزادين جي قتل جوخون لڳل آهي؟ چا ان وقت تائين هي مانڊيءَ جو منڊ باقي هوندو، جنهن قومن جي حقن کي غضب ڪرڻ سان گڏ انساني ذهن ءَ ضمير تي چپيءَ جو زهر ملايو آهي؟ چا ان وقت تائين اها ڇُري باقي رهندي، جنهن نہ صرف ڏرتيءَ جي سيني تي چهڪ ڏنا آهن، پر ڏرتيءَ جي فرزندن جي لاڳاپن جي وچ ۾ خوني لڪير ڪڍي آهي؟"

رحمت الله چوڻ لڳو، "واقعي يار ٺيڪ ٿو چوين، اِهي سڀ ڪو نہ هوندا، چو تہ قيامت جلد اچڻ واري آهي. قرآن شريف ۾ پندرهين صدي جو ذڪر ئي نہ آهي، نڪو گرهوڙيءَ جي پيشنگوئيءَ ۾ ڪو پندرهين صديءَ جو ذڪر آهي. جلدي خر جنجال (خردجال) پيدا ٿيڻ وارو آهي. اُهو اچي جيل جا دروازو ڪولينڈو، ۽ اهو اعلان ڪندو تہ، "اي ڏکويل انسانو! توهان منهنجي طرف آهيو يا مهديءَ جي طرف؟" اسان جيل جا سڙيل چونداسون: "اي آقائي سيدي! اسان تنهنجي طرف آهيون. تنهنجا مريد بلڪ خليفا ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. مهرباني ڪري اسان جي هتان جان ڇڏاءِ! مهدي الائجي ڪڏهن ايندو، تيسين هيءَ جيل جي دال جوش.... اسان جا ڏاڙا ئي ڪڍي چڏيندي. هو هڪدم اسان کي ڪڍي ويندو. اوهان کي خبر آهي تہ مهدي ءَ خرجنجال جو اصلي جهڳڙو مريدن وڏائڻ تي هوندو، جيئن پاڳاري ءَ مخدوم جو جهڳڙو مريدن وڏائڻ تي آهي، پر پيلي! هڪڙي ڳالهہ آهي، خرجنجال پٽي وانگر ماڻهن وٽ پهچندو جلدي، چو تہ جوان هوندو ۽ مهدي، جيڪو سَون سالن کان غار ۾ لڪو ويٺو آهي، سو مولانا مشوريءَ جهڙو هلڻ ۾ جڏو هوندو."

مون چيو، "مسٽر هيسباڻي صاحب! تنهنجي ڳالهہ سورهن جا ٻيهہ آنا

صحيح ۽ سچي. جلدي سيدي خردجال پهچڻ وارو آهي، پر اسان ان کي سڃاڻنداسون ڪيئن؟"

"واهہ! اها بہ ڪا ڏکي ڳالهہ آهي. هن جي شڪل ۽ قد ڪاٺ هوبهو ڪنهن عرب رياست جي سلطان جهڙو هوندو ۽ ان سان گڏ سندس پيارو ڪوتو هوندو. اهي ٻئي شيون ائين لازمي آهن، جيئن شيخ ايياز لاءِ غلام رباني لازم آهي." هيسباڻي جون اهڙيون ڳالهيون، جن تي مولابخش لغاريءَ جا ترنم سان ٻڌا ٽهڪ ڏاڍو لطف ڏيندا آهن. هيسباڻيءَ تي ڪجهہ ڏينهن کان مذهب جو ڏاڍو غلبو ٿيندو پيو وڃي. هتي اسان سان گڏ جسارت جي ايڊيٽر مسٽر صلاح الدين سميت ڪجهہ جماعت اسلاميءَ جا ماڻهو آهن، جيڪي جماعت سان نماز پڙهندا آهن. هڪ ڏينهن هيسباڻي انهن وٽ وڃي چوڻ لڳو، تہ 'نماز تمام سُٺو ڪم آهي. آءٌ مڃان ٿو، منهنجي دل بہ چاهي ٿي تہ نماز پڙهان، پر يار جيڪڏهن هتي نماز پڙهيم تہ ساڻي چوندا تہ آءٌ ڊڄي ويو آهيان، تنهنڪري نماز پڙهڻ شروع ڪئي اٿم، سو ان ڪري آءٌ نماز هتي ڪونہ پڙهندس.' جماعت اسلاميءَ وارن هن تي الائجي ڪهڙي نصيحت ڪئي، جنهن جو اثر هيسباڻيءَ تي هي ٿيو، جو موٽي اچي اسان کي چوڻ لڳو تہ: 'يارو! ڳالهہ ٻُڌو. آءٌ پهرين مسلمان ۽ پوءِ قوم پرست آهيان. اوهان سڀ ڪافر آهيو. آءٌ آزاد ٿيڻ شرط هڪ رات يونيورسٽيءَ ۾ ترسي سڏو هليو ويندس مرشد قلندر شهباز جي زيارت تي، 'حق قلندر!' ڏاتان ٽي گهر ويندس ۽ وڃي امڙ جي پيرن تي هٿ رکندس. آءٌ قلندر جو وڏو مريد آهيان."

مون چيو، "هيسباڻي فرض ڪر تہ قلندر توکي سنڌي قوم پرست تحريڪ کان نڪري وڃڻ جو چوي تہ تون چا ڪندين؟"

"آءٌ قلندر کي مڃائڻ لاءِ ساڻس بحث ڪري ڪيس قائل بنائيندس. قلندر جهڙو بهادر مڙس مون کي اهڙي بهادريءَ واري تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيندو. بهادرن وٽ بهادرن جو قدر هوندو آهي. ڀاڻي تو واري جنرل فرانسي (فرانڪو) جهڙن بزدل ماڻهن کي ڪهڙو قدر هيسباڻيءَ جهڙن جوانن جو."

مولابخش پڇيو تہ، "تون اهو ڪيئن ٿو چوين تہ قلندر بهادر مڙس آهي؟"

هيسباٽيءَ جو جواب هو: "منهنجو هڪڙو دوست هو بگٽي (هاءِ پيارا بگٽي، زماني جا رنگ ڏس! تون نوابشاهہ ۾ جيل ۾ ءِ آءٌ ڪراچي جيل ۾،) چوندو هو، تہ قلندر پنهنجي دور جو سپ ڪان وڏو جوڏو ءِ بهادر هو. هن جي وقت ۾ جهڙس ٻيو ڪو ٽونشيباز هو ئي ڪونہ. جيڪڏهن اڄ هجي ها تہ محمد علي ڪلي جي بجاءِ ٽونشيبازيءَ جو عالمي چيمپئين هجي ها. خير، سو جڏهن سخي شهباز سيوهڻ ۾ آيو هو، تڏهن اتي هندو دادن جو ڏاڏو زور هوندو هو. هن مرد مجاهد هٿي سيني جا لاهہ ڪڍي اسلام جو جهنڊو بلند ڪري ڏيکاريو. مون کي پنهنجي پياري دوست بگٽيءَ جي ڳالهہ تي پورو پکو اعتبار آهي."

جيتوڻيڪ اها گفتگو سراسر پوڳ ءِ مسخري پئي محسوس ٿي، پر اُن مان اسان هڪ قيديءَ جي ذهني واردات کي ڪافي حد تائين سمجهي سگهون ٿا. جيل ۾ قيدي اهڙن سهارن ءِ بي معنيٰ نالن ءِ فرضي داستانن جي سهارن تي زندگي گذاريندا آهن.

جيل ۾ اچڻ کان پوءِ مون کي صحيح معنيٰ ۾ مشهور مصري ليڊر سعيد زاغلول پاشا جي هنن لفظن جي گهرائيءَ جو پتو پيو آهي تہ، "آزاديءَ کان محرومي، خود زندگيءَ کان محرومي آهي."

آءٌ پاڻ کي فولادي انسان سمجهڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا هوس، پر جڏهن جيل جي ديوار جي پرسان رکشي جي هارن جو آواز ٻُڌندو آهيان، رات جو ٽي. وي اسٽيشن جي برندڙ بتي تي نظر پوندي آهي، ۽ صبح ويلي ڪکرن کي اتر ءِ اوپر ويندي ڏسندو آهيان، تڏهن دل چاهيندي آهي تہ هوند آءٌ شاعر هجان ها ۽ ڪوئي 'ميگهہ دوت' لکي سگهان ها. منهنجي دل هونئن بہ جهُڙاٽيل موسم ۾ جهجهي پوندي آهي. جهُڙاٽيل موسم يا اُپ ۾ تتر ڪرڙي نظر ايندي اٿم تہ دل ۾ اُداسين جا اوهيرا ڦٽي پوندا آهن. خبر ناهي ڇو؟ سمجهان ٿو ڪنهن جنم ۾ مون جهڙاٽيل موسم ۾ آزاديءَ جو ڪوئي گيت وساريو هو، يا اُجايل هرٽيءَ جي اکين جهڙبون کي اکيون منهنجي نگاهن کان هميشہ لاءِ دور ٽي ويون هيون ۽ آءٌ جنم جنم کان انهن ٻنهي شين جي ڳولا ۾ ڪاهوڙي ٻڌجي رُلندو ۽ پٽڪندو رهيو آهيان. جبل جهاڳيندو رهيو آهيان، سمنڊن جي سير ۾ ٽُهيون هڻندو رهيو آهيان. جڏهن

ٻہ اهڙي موسم ايندي آهي. تڏهن منهنجي لاشعور ۾ ويڙهِ اهو جنم جنم جو جوڳي اُٿي پٽڪ شروع ڪندو آهي.

اڄ پورو ڏينهن موسم جهڙاٽيل رهي. ۽ آءٌ دوستن جي هجوم ۽ ٿهڪن جي وچ ۾ هوندي ٻہ نہ معلوم ڪٿي هوس، صبح جو چانهہ پي اچي پلنگ تي ليٽيس. پرسان منشيءَ جو پلنگ آهي. هو ٻہ ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ هو. ڪيس چيم، "منشي! آءٌ اڄ ڏاڍو اداس آهيان. اڄ دل چاهي ٿي تہ شهرن جي دونهاٽيل زندگيءَ کان پڇي وڃي انهن پٽن تي ليٽڙاٽيون پايان ۽ پٽن جي چوٽين تي بيهي ٻڪرين جي ڏڻ سان گڏ هلندي، پنهنجي بي سُري آواز ۾ لطيف جو سُر سارنگ ڳايان، جن پٽن جي چوٽين تي منهنجو نندپڻ گذريو آهي."

منشيءَ چيو، "اهڙا دورا ڪڏهن ڪڏهن مون تي ٻہ پوندا آهن. وقتي آءٌ ٻہ تصوراتي دنيا ۾ پهچي ويندو آهيان، پر سگهو ئي منهنجي خيال جو ڪاڪ محل حقيقتن جي سنگين ديوار سان ٽڪرائجي پاش پاش ٿي ويندو آهي. هي جيل آهي، هتي صرف سوچي ئي تہ سگهجي ٿو."

مون جواب ڏنو، "اهو چوڻ آءٌ سمجهان ٿو. واقعي ٺيڪ هو، هتي سوچي ئي تہ سگهجي ٿو. پر ان تي پنهنجي مرضيءَ سان عمل نٿو ڪري سگهجي. هر اهڙو معاشرو، جنهن ۾ انسانن جي وڏي اڪثريت کي پنهنجي سوچ تي عمل ڪرڻ جي روڪ هجي، اهڙو معاشرو جيل آهي، ۽ اِها اڪثريت غلام آهي، قيدي آهي ۽ قيدخاني ۾ بند آهي، جيئن اسان."

هن وقت منشي پنهنجي پلنگ تي نوٽ بُڪ کوليو ڪجهہ جهونگاري ويٺو پنهنجي شاعري. پر واري کوليءَ مان مولابخش لغاريءَ جي آواز ۾ نياز همايونيءَ جي نظم 'جيئي سنڌ، جيئي شال' ڳائڻ جو آواز پيو اچي ۽ آءٌ هي سٽون لکي رهيو آهيان. فضا جهڙاٽيل آهي.

9 جولاءِ 1976ع

هتي جيل ۾ جيڪي سياسي قيدي رهن ٿا، انهن ۾ جماعت اسلاميءَ وارن کان سواءِ باقي گهٽو ڪري سڀ پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندا آهن ۽ رات ڏينهن انهن جا سٽ سال اڳ چيل قول ۽ مقولا دهرائيندا آهن. منهنجي

خيال ۾ اُنهن سيني ڪميونسٽ مفڪرن مان لينن وڌيڪ آسان ۽ سُلجهيل آهي. هن جا دليل سادا، پر پنهنجي حالتن مطابق وزني ۽ مضبوط هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي، جو ورڪرن ۾ مون وانگر ٿوري علم وارن لاءِ لينن کي سمجهڻ انتهائي آسان آهي. لينن جي تحريرن ۾ بين ڪميونسٽ مفڪرن وانگر اجائي ڏيگهہ ڪانهي، تنهنڪري هرهڪ ڪميونسٽ کي لينن جا تمام گهٽا مقولا طوطي وانگر رٽيل ۽ ياد هوندا آهن ۽ هو موقعي بي موقعي انهن کي ورجائيندا رهندا آهن.

لينن گهٽو اڳي چيو هو تہ، 'دنيا جا مزدورو ۽ مظلومو هڪ ٿي وڃو ، حقيقت ۾ لينن جو اهو نعرو بلڪل وقتائتو ۽ سوشلسٽ سماج جي تعمير لاءِ اهم هٿيار ثابت ٿيو.

مارڪس سرمائيداري جي شڪست جي سلسلي ۾ صنعتي ملڪن کي اوليت ڏني هئي، هن جي خيال ۾ انهن ملڪن ۾ سرمايي جو ارتڪاز مزدور ۽ سمائيدار جي وچ ۾ تضاد کي اهڙي مرحلي تي پهچائيندو، جتان کان سرمائيداري نظام جي شڪست شروع ٿي ويندي. ان باري ۾ هن اولهہ يورپ جي ملڪن ۾ سوشلزم جي سپ کان اڳ ۾ سوپ جي پيشنگوئي ڪئي هئي. شايد هن جي نظر ۾ بينڪن ذريعي سوشلزم جي رستي روڪڻ جو تصور ڪونہ هو، نہ تہ شايد هو اهڙي پيشنگوئي نہ ڪري ها. اهو ئي رستو هو، جنهن تي عمل ڪندي يورپ ۽ آمريڪا سوشلزم کي روڪيندا آيا آهن. لينن ان ڳالهہ کي تاڙي ورتو هو. هن ڏٺو ٿي تہ ڪهڙيءَ ريت سامراجي ملڪ بينڪن مان ڪچو مال اُٿي، پنهنجي ملڪ ۾ صنعت جو ڄار وڇائي مزدورن کي لالچي بنائي رهيا آهن، ۽ ڪهڙيءَ ريت تيار مال جي نيڪالي ۽ لاءِ بينڪي سرشتو سرمائيداري نظام کي گهوٽالي کان بچايو بيٺو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ روس ۾ انقلاب اچڻ جو وڏو سبب هيءُ هو تہ اُتي هڪ قومي حڪومت قائم هئي، پر ان کي ڪابہ قابل ذڪر بينڪ ڪانہ هئي، جنهن جي وسيلي هو ڪچي مال جي درآمد ۽ تيار مال جي برآمد جو انتظام ڪري سگهي. نتيجي طور مارڪس جي چوڻ مطابق روس جو سرمائيدار بحران جو شڪار ٿي ويو. پهرين جنگ عظيم ۾ روس عالمي سامراج سان معاهدا ڪري ڪجهہ بينڪون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي هئي، پر روس جي ڪميونسٽن فوري طور ان سامراجي جنگ جي مخالفت ڪئي، ڇو ته کين خبر هئي ته جيڪڏهن ان جنگ ۾ روس کي ڪجهه ٻاهريون منڊيون مليون ته روس جو سرمائيدار برطانيا جي سرمائيدار جي نقش قدم تي هلي، ملڪ ۾ سوشلسٽ سرشتي لاءِ ٻڌايل بند ٻڌي ڇڏيندو.

آڻ مسلسل غور ۽ سوچ ويچار ڪرڻ سان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته ڪنهن به ملڪ ۾ سوشلسٽ سماج جي تعمير ۽ ترقيءَ جي جدوجهد لاءِ ان ملڪ لاءِ به شيون تمام ضروري آهن: هڪ ته اهو ملڪ پاڻ آزاد هجي ۽ ٻيو ته ان کي ڪي يا ڪابه بينڪ نه هجي. جيڪڏهن ڪنهن آزاد ملڪ لاءِ ٻاهرين دنيا ۾ بينڪون موجود آهن، ته اهڙي ملڪ ۾ سوشلزم جون تحريڪون 'ٽريڊ يونين ازم' جي غير انقلابي رستي تي لڳي، اوقات ڪار جي ڪمي، اجرتن ۾ واڌ ۽ بونس جي چڪر ۾ ڦاسي پونديون آهن. پنهنجي مقصد لاءِ انتهائي غير انقلابي طريقا ۽ رستا اختيار ڪن ٿيون، جنهن سان سوشلسٽ سماج جي منزل ڏينهون ڏينهن پري ٿي وڃي ٿي. اٽلي، فرانس، مغربي جرمني، برطانيا، اسپين وغيره جا مثال ان جي ثابتي آهن.

هڪڙو ملڪ، جيڪو پاڻ غلام آهي، ان ملڪ ۾ نج طبقاتي بنيادن تي تحريڪ به نه رڳو ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿي، نه رڳو آزاديءَ جي منزل کي دور ڪندي رهي ٿي، پر فوري طرح سوشلزم جي صحيح طريقي ڪار ۾ رڪاوٽ بنجي ٿي. ان ڪري قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي اهڙي قسم جي هڪ طرفي ڇڪتاڻ ڪان پاڪ رکڻ انتهائي ضروري ٿيو پوي. ڪجهه وقت ڪان هڪ نئون نعرو ايجاد ٿيو آهي، ته 'شارٽ ڪٽ' رستي وسيلي سوشلزم کي آندو وڃي، يعني هڪ ئي وقت قومي سرمائيدار، وڏيري، جاگيردار ۽ ٻاهرئين غاصب خلاف جنگ جوٽي وڃي. انهيءَ نعري تي ويٽنام جي ڪميونسٽ فلاسافر "لي دوئان" گهڻو زور ڏنو آهي: پر آڻ نٽو سمجهان ته "لي دوئان" ويٽنام جي موجوده انقلاب کي "شارٽ ڪٽ رستي" وسيلي آيل انقلاب سمجهندو هوندو، ڇو ته شارٽ ڪٽ رستي جي تبليغ جي باوجود ويٽنام جو عوام هڪ سؤ ورهيه ٻاهه ۽ رت جي درياهه ۾ ٻڏندو رهيو آهي. ان ڪري شارٽ ڪٽ وارو نظريو خود ويٽنام ۾ به ناڪام ويو آهي، ڇو ته سؤ سال جي عرصي کي ڪوبه عقلمند ماڻهو شارٽ

ڪٺ وسيلي طئي ٿيل زستو نہ سمجهندو. لي دوڻان جا نقلي پيروڪار هتي وري هڪڙو ٻيو ڊونگ رچائيندا آهن، تہ ملڪ جي غلاميءَ جو ڪارڻ ئي اندريون بورجوازي ٻنيو آهي، ان ڪري ٻاهرين دشمن سان ويڙهه ڪان اڳ ۾ اندرئين دشمن کي ختم ڪرڻ ضروري ٿيو پوي، چو تہ اِهو ئي سماج جي بيشمار بيمارين ءَ مصيبتن جو ڪارڻ آهي. اهي ماڻهو فريب ڏئي حقيقتن کان ڇاڪاڻ واڪاڻ مُنهن موڙين ٿا. مارڪسزم جو بنيادي اصول آهي تہ پوري سماج ءَ ان جي جوڙجڪ تي اندرين حالتن سان گڏ ٻاهريون ماحول ءَ حالتون اثرانداز ٿي سوچن کي جنم ڏين ٿيون. اُن نقطي نظر موجب ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جو ٻاهرين حملي آورن ءَ فاتحن جي يلغارن کان متاثر ٿيڻ ءَ ان جي عادتن ءَ حڪمن کي قبول ڪرڻ فطري ءَ سڀاويڪ آهي. اُن لاءِ ڇڻي سگهجي ٿو تہ ملڪي باشندن جي مصيبتن جو وڏو ڪارڻ ٻاهرين جي حڪومت آهي. ٻي ڳالهہ تہ ملڪي بورجوا ڪنهن بہ صورت ۾ ڪوبہ چاهيندو تہ ٻاهريون حملي آور اچي سندس ملڪ تي قبضو ڪري، چو تہ ٻاهرئين قبضي جي صورت ۾ وڏي ۾ وڏو نقصان مقامي مالدار کي ئي پهچندو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو غير ملڪي حملي آورن جو مقابلو تاريخ جي دؤر ۾ مٿين طبقن پٽي ڪيو آهي، انهن طبقن ۾ جاگيردار، سرمائيدار ءَ انهن ڏرين سان واڳيل ءَ سلهاڙيل، مولوي، عالم، قاضي، پير ءَ وڏيرا شامل آهن. عربن کان وٺي انگريزن تائين، سنڌ جي تاريخ اُن ڳالهہ جو واضح ثبوت آهي. هندستان ۾ انگريزن خلاف 1857ع جي جنگ آزادي، سکن خلاف جنگ هزارا ءَ جنگ پشاور ۾ گهٽو ڪري مٿيان طبقا يا انهن جا عقيدت مند شريڪ ٿيا آهن. هي سڀ چوڻ جو مطلب هي آهي تہ اِها ڳالهہ بنيادي طرح غلط آهي تہ رڳو مٿيان طبقا ڪنهن ملڪ جي غلاميءَ جو سبب بنيا آهن؛ البتہ مٿيان طبقا پنهنجين نالائقين ءَ غلطين ڪري ٻاهرين جي فتح کي لاشعوري طرح آسان بنائيندا آهن. بحث ڊگهو ٿيندو ٻيو رڄي. اڄ جي دائريءَ ۾ اِهوتمهيدي طرح اچي ويو آهي، ورنہ اصلي ڳالهہ هيءَ هئي تہ هن وقت پاڪستان ۾ بن قسمن جي انقلابن جا پيروڪار ات ڏينهن پروپيگنڊا ۾ مصروف عمل آهن. انهيءَ ڳالهہ جي ڪين رات

ڏينهن ڏاڍي ڳڻتي رهي ٿي ۽ جتي به ويهندا آهن، اُتي 'ناڙي اِها تنوار، ته مُند مڙيئي مينهن جي.'

هنن جي نظر ۾ انقلاب بن قسمن جو ٿيندو آهي: هڪ 'عوامي جمهوري انقلاب' ۽ ٻيو 'قومي جمهوري انقلاب'. ٻنهي انقلابن جا پوئلڳ يا مجتائو هڪٻئي کي رجعت پسند ۽ عوام دشمن سمجهندا آهن. عوامي جمهوري انقلاب ٿورن لفظن ۾ ان انقلاب کي چوندا آهن، جنهن ۾ "هڪ قومي سرمائيدار يا جاگيردار حڪومت خلاف اهڙي جدوجهد ذريعي اقتدار تي قبضو ڪري، جنهن ۾ هيٺيان ۽ مظلوم طبقا شامل هجن." قومي جمهوري انقلاب، اهڙي انقلاب کي چوندا آهن، جنهن ۾ "سامراج جا خلاف جدوجهد ۾ اهڙا سڀ طبقا شامل هجن، جيڪي سامراج جي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ دشمن هجن." ٻنهي نظرين ۾ ملڪي اقتدار تي عوام دوست طاقت جو قبضو شامل آهي.

پاڪستان ۾ چيني پاليسيءَ جا حامي ڪميونسٽ "عوامي جمهوري انقلاب" جا علمبردار آهن. هنن جي نظر ۾ پاڪستان ۾ هر مسئلي جو حل 'عوامي جمهوري انقلاب' آهي ۽ لينن وادي لوڪن جو آکڙ آهي ته پاڪستان ۾ ڪيترائي اهڙا مسئلا آهن، جن جي حل ٿيڻ کان سواءِ هتي پورهيت ماڻهوءَ جي راڄ قائم ٿيڻ ۾ بيشمار رنڊڪون ۽ رڪاوٽون پيدا ٿيون آهن ۽ ٿيندیون رهنديون.

اڄ انهيءَ بحث انتهائي سخت صورت اختيار ڪئي. مون کي به پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ چيو ويو، مون عرض ڪيو ته آءٌ ٻنهي قسم جي انقلابي عملن جو قائل آهيان، پر هر هڪ لاءِ انهيءَ ملڪ جي معروضي حالتن جو جائزو ۽ مطالعو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. جيڪو ملڪ آزاد ۽ خودمختيار آهي، پر ان جي معيشت تي ڪجهه سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو قبضو هجي ته اهڙي ملڪ ۾ آءٌ 'عوامي جمهوري انقلاب' لاءِ جدوجهد ڪندس، ۽ جيڪو ملڪ يا ته ڌارين جي سڌي قبضي ۾ يا ان جي چاڙتن جي تسلط هيٺ هجي، اتي آءٌ يقيناً 'قومي جمهوري انقلاب' لاءِ جدوجهد ڪندس. ان کي ئي قومي چوٽڪاري جي صحيح واٽ سمجهندس.

ملڪ ۾ مظلوم قومن جي خودمختياريءَ جو مسئلو، قومي جمهوري

انقلاب کان سواءِ حل ٿي نٿو سگھي. منھنجي نظر ۾ اھي ماڻھو انتھائي ڪوڙا ۽ مڪار آھن، جيڪي چون ٿا تہ قوميت جو مسئلو سوشلسٽ سماج جي اڏاوت کان سواءِ نبري نٿو سگھي، ان ڪري اڳ ۾ سوشلسٽ سماج قائم ڪريو، پوءِ قوميت جو مسئلو پاڻيھي طئي ٿي ويندو. جيئن جماعت اسلامي ايندڙ ڪمپني جو چوڻ آھي، تہ اڳ ۾ اسلامي نظام قائم ڪريو، پوءِ چپٽي وڃائيندي سڀ پريشانيون ختم ٿي ويندیون. ھي ڪوڙا ڪامريڊ اھو چو ٿا چون تہ سوشلزم کان سواءِ، قوميت جو مسئلو حل ٿي ئي نہ سگھندو. ان ڪري، جو ھي اندر ۾ اسلامي، سوچ ۾ ليگي، رڳو اصطلاحن جي استعمال ۾ ئي ڪميونسٹ آھن.

پوري دنيا ۾ قومون سامراج جي گرفت مان نڪرنديون پيون وڃن. آفريڪا جي چاليھن ملڪن ۾ انھن قومن جي تشڪيل ۽ آزادي ڪھڙي سوشلسٹ سماج جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ٿي آھي؟ ڏکڻ ايشيا ۾ نيپال، برما، سيلون، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪھڙي سوشلزم اچي قومن کي نجات ڏياري آھي ۽ قومن جو مسئلو حل ڪيو آھي؟ ھي ڪوڙا پنھنجي سڀني دعوائن جي باوجود پاڪستان کي ھڪ قدرتي رياست سمجھن ٿا، ان جي جنم جي پس منظر ۽ مقصد کي سمجھندي، پڙھندي ۽ سڃاڻندي بہ، ھو ان ۾ ڪابہ قيرقار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آھن. سندن سوچ جي سمجھ لاءِ آءٌ بہ واقعا لکان ٿو!

(1) اسان جي ھتي اچڻ وقت ھڪ ٻئاڻ نوجوان امان الله خان ادائي سالن کان تيرھين نمبر وارڊ ۾ قيد ھو. ھن سان گڏ معراج محمد خان، طفيل عباس ۽ ٻيا ڪراچيءَ جا سڀ ڪميونسٹ رھي ويا ھئا. امان الله مون کي ٻڌايو تہ ھڪ ڀيري بحث ٻڌي ھليو تہ پنجاب، جنگ آزاديءَ دوران ڪھڙا ھيرا پيدا ڪيا؟ مون چيو تہ پڳٽ سنگھہ. اُن تي طفيل عباس ڪاوڙجي ڀيو ۽ چيائين تہ: يار! ڪمال آھي توکي صرف پڳٽ سنگھہ نظر آيو، مسلمان ھيرا بہ تہ ڪافي پيدا ٿيا آھن. امان الله جو چوڻ ھو تہ ھڪ ڪميونسٹ جي واتان ھندڪي، مسلمانڪيءَ جو فرق ٻُڌي، مون کي ھنن جي ذھنيت جو پتو پئجي ويو.

(2) اسان وٽ ھن وقت ھڪ ڪوڙو ڪميونسٹ ۽ مزدور ليڈر، مسعود

مَلڪ تن مهينن لاءِ نظر بند آهي. اسان کيس 'ڪارو مَلڪ' ڪري سڏيندا آهيون، ڇو ته هڪڙو ٻيو مَلڪ حبيب الله اڳوٽو فوجي به آهي، ان کي 'ڳاڙهو مَلڪ' ڪري سڏيندا آهيون. سو اسان واري ڪاري مَلڪ ٻُڌايو ته اڄي آءٌ سکر جيل ۾ هوس، اتي زاهد مخدوم به ڪن هندو قيدين سان گڏ رهندو هو. مون سپرنٽينڈنٽ کي درخواست ڏني ته زاهد جيئن ته مسلمان آهي، ان ڪري هندن کان ڌار ڪري مون سان گڏ رکو. ڪاري ملڪ جي اها ڳالهه ٻُڌي اسان جي مولابخش لغاريءَ چيو ته "لعنت اٿئي!"

13 جولاءِ 1976ع

جيل جو بوريت وارو ماحول، جتي انساني ڪردار جون انيڪ خوبيون ۽ خاميون پرکڻ ۽ پروڙڻ جو موقعو ڏئي ٿو، اُتي هڪ بنهه غير اهم پر بنيادي ڳالهه جي پڻ نقاب ڪشائي ڪري ٿو. اِها ڳالهه آهي ڪاڏي جي هيچ. جيل ۾ خاص ڪري اي ۽ بي ڪلاس جي قيدين جي ڪاڏي جي مسئلي تي چڪتاڻ ڏسي حيرت ٿيندي آهي ته هي ماڻهو جيڪي زندگيءَ جو مقصد ئي ڪاڏي کي تصور ڪن ٿا، تن جون هي لامحدود ضرورتون ۽ گهُرجون ڪهڙي نموني سان پوريون ٿيندڙيون هونديون. اڄي مُلن جي باري ۾ مشهور هو ته، 'مُلان ته پَٽ، گهوڙا ته پَٽ. هي ڪَشيا ته رَسيا، هو رَسيا ته چَٽ.' منڇنجو جڏهن بي ڪلاس منظور ٿيو ته ان کان پوءِ هتي سي ڪلاس وارن قيدين جو تعداد وڌندو ٿي ويو، ويندي جيئي سنڌ جي دوستن جي اچڻ سان وڌيڪ ٻين قيدين جو هيڏانهن اچڻ بند ٿي ويو. هتي اسان ڪافي ساڻي بي ڪلاس وارا آهيون ۽ هر بهتر ڪلاس واري هڪ ماڻهوءَ کي ايترو ڪاڏو ملندو آهي، جو مون جهڙا ڪمزور چار ماڻهو ڏؤ سان کائي سگهن. اُن حساب سان اسان کان ٽيڙ تي وڌيڪ سي ڪلاس جا قيدي اچن، تڏهن به راشن ۾ ڪوٽ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. حالت هيءَ ٿي جو جيئي سنڌ جي دوستن جي اچڻ کان پوءِ راشن جي هر شيءِ ۾ ڪوٽ، هر شيءِ اڻ پوري ۽ ناقص. جيڪڏهن چانهه اچي ته کنڊ نه آهي، دال ۾ گيهه گهٽ، مرچ آهن ته لوڻ ڪونهي، بيضو آهي ته ڊبل روٽي ويئي. سپ قيدي اچي پريشان ٿيا ته ماجرا چا آهي؟ نيٺ حبيب الله ناريجي (جيڪو ڪاڏي جي معاملي ۾ هيڪي

جي حد کي پهتل آهي) چيو ته اسان سان گڏ رهندڙ ڪن قيدين جي صلاح سان برداشتي راشن ٻاهر جهونن قيدين کي وڪڻي ڇڏين ٿا.

اسان اصل کان وڻي پنهنجي دنيا ۾ پورا، ڪاغذ ۽ قلم اسان کي مليو ته ڇڻ دنيا جي ڪا وڏي دولت ملي ويئي. صبح ۽ شام ويلي چانهه جو هڪ ڪوپ اسان کي مليو ته ڇڻ دنيا جو سمورو عيش ملي ويو. آءٌ ته صبح جي وقت نيرن ۾ پنهنجي حصي جو بيضو به استعمال ڪونه ڪندو آهيان، جو يوناني حڪيمن خاص ڪري سيدنا عاجز جي روڪ ڪيل آهي ته بيضي ڪائڻ سان گردي ۾ پٿري وڏي ٿي ۽ آءٌ ڪافي وقت کان گردي جي پٿريءَ جو مريض آهيان، سو اسان ته شروع کان ئي ڪاڏي جي مسئلي تي ڏيان ڪونه ڏنو هو. پر هاڻي مون عرض ڪيو ته راشن جي مسئلي تي توهان پوريءَ ريت ڏيان ڏيو، چو ته سپيئي قيدي اُن باري ۾ پريشان آهن. ابراهيم منشيءَ سيني کي گڏي هڪ ننڍڙي مٽنگ ۾ نهراءِ پيش ڪيو ته راشن جو انتظام بلڪل درهم برهم ٿي ويو آهي. ان ڪري منهنجي صلاح آهي ته راشن جي اڳئين انچارج عوامي تحريڪ جه اسماعيل سوهي (جنهن کي حبيب الله اسماعيل سڏيندو اهي) کي هلائي ان جي جاءِ تي جيئي سنڌ جي شاگردن مولا بخش لغاري ۽ عزيز پنهور، حبيب الله ناريجي، هيرانند ۽ ساجن ڏاهريءَ کي راشن جو انچارج بنائجي ٿو. سنڌ جي آئيندي اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ ٻئي پارٽيون پاڻ کي حقدار ثابت ڪرڻ ۽ پنهنجي اهليت، قابليت ۽ صلاحيت جو مظاهرو ڪرڻ جون تمنائي آهن. هڪ پارٽيءَ جي اهم ڪارڪن جي انتظامي صلاحيت کي اسان ڏنو آهي، هاڻي ٻي پارٽيءَ کي موقعو ڏجي ٿو. اها اسان وٽ اهي صلاحيتون ثابت ڪري ته هوءَ حڪومت، ملڪ ۽ ديش جو انتظام هلائي سگهي ٿي؟

مولابخش لغاريءَ پنهنجي مخصوص انتظامي سوچ کان ڪم وٺندي، جنرل ٻمڪي (حبيب الله ناريجي) کي ڪاڏي جو انچارج بنائي، ان کي به مددگار ڏنا. عزيز پنهور کي پاٽيءَ جو انچارج بنائي به مددگار ان کي ڏنائين. هيري کي چانهه جو انچارج بنائي، پاڻ ان جو مددگار بڻيو. ساجن ڏاهريءَ جي حوالي اهو ڪم ٿيو ته هو ڪمرن جي صفائيءَ جي نظرداري ڪندو. هڪڙي ئي ڏينهن ۾ پوري انتظام جي نوعيت ئي بدلجي ويئي.

مون کي مڃڻو پوي ٿو تہ جن شاگردن کي آءٌ بہ ڪڏهن ڪڏهن سست سمجهڻ جي غلطي ڪندو هوس، تن جفاڪشيءَ، خبرداريءَ ۽ خدمت گذاريءَ سان منهنجا تہ ڪپاٽ ئي کولي ڇڏيا. اڳي هرهڪ جي برداشتين لاءِ رڙ هوندي هئي تہ پاڻي، چانهہ ڏي. پر هن وقت حالت هيءَ ٿي، جو هرڪو بستري تان اُٿيئي ڪونہ تہ سندس هٿ پير ٻيڙ ٿي جو ڪوپ ڏنو پيو وڃي. هر ڪنهن قيديءَ جي اڳيان ٻوڙ جي پليٽ، ماني ۽ چانور رکجي پيا وڃن. اهو سڀ ڪم يونيورسٽيءَ جا تن آسان شاگرد پنهنجن هٿن سان پيا ڪن. ساڻين گيهہ، ڪنڊ، مرچ، مصالحي، دال، چانورن کي پنهنجي نظر هيٺ رکائڻ شروع ڪيو ۽ ٻوڙ رڌڻ لاءِ پنهنجي هٿ سان سامان ڏيڻ جو رواج جالو ڪيو.

مولابخش لغاريءَ جهڙو ماڻهو بيرو ٻڌيو، ساڻين کي ضرورت جي هر شيءِ پيش ڪري رهيو هجي. عزيز پنهور پاڻيءَ جي دروازي کلڻ کان ونڊي هر قيديءَ جي وهنجڻ تائين هر قيديءَ جي ڏمن وٽ موجود هوڪا ڏيندو رهي تہ ستن منٽن کان مٿي ڪنهن کي بہ وهنجڻ لاءِ وقت نہ ڏنو ويندو. جيئن تہ پاڻي جي ڪوٽ آهي، ان ڪري جيڪو صبح جو وهنجي، اهو شام جو نہ وهنجي. نمازيءَ لاءِ اها رعايت آهي تہ صبح جي وقت وهنجڻ جي باوجود ٻن پهرن جو ننڍ وقت جيڪڏهن مٿس شيطان سوار ٿي ويو هجي، تہ ان کي شام جي وقت وهنجڻ جي اجازت آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ شيطان هميشہ جماعت اسلاميءَ وارن تي سواري ڪندو هو.

هيرو، شام واري چانهہ لاءِ ميدان ۾ باقاعدي هوٽل ڪڍي ويهندو هو. ٽيبلن ۽ ڪرسين جي قطار تي هر قيديءَ کي تہ ٽي ڪوپ چانهہ جا ملڻ شروع ٿيندا هئا. هيري کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي مون چيو، "هيرا! توکي انهيءَ حالت ۾ ڏسي، مون کي اهي ڏينهن ياد تا اچن، جڏهن سنڌ جا انسان هڪ ٻئي کان ڌار نہ ٿيا هئا. ۽ هالاڻيءَ جي ميلي ۾ ڪو ديوان اچي هوٽل کوليندو هو، ۽ هندو مسلمان سڀ ان جي ناهيل چانهہ شوق سان پيئندا هئا. ڪاش اهي ڏينهن موٽ کائن. ڪاش اهو نظريو سچو ثابت ٿئي تہ تاريخ پنهنجو پاڻ ڏهرائيندي رهندي آهي."

ساجن ڌاهري پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪمرن کي چمڪائڻ لڳو. اها

حالت ڏسي منهنجي پرائي دوست زاهد پريس جي مالڪ چيو ته، "يار لڙڪي بهت باصلاحيت نڪلي." ڪيس چيم، "زاهد صاحب ڏسي چڏيو، متان اوهان جي ذهن ۾ غلط فهمي هجي ته هي نئون نسل انتظامي صلاحيتن کان ڪورو آهي. شاگردن نه صرف انتظام کي ٺيڪ ڪيو آهي، پر راشن جي گم ٿيڻ جو به سراغ هٿ ڪيو اٿن. ٿيندو هيئن هو جو سامان اڇڻ شرط اسان جو هڪ ساڻي ۽ ٻيو ڪارو ملڪ هڪ هڪ ٽرماس چانهه جو جدا ڪري پنهنجن ڪپڙن ۾ بند ڪري چڏيندا هئا ۽ چانهه جي کير مان به هڪ هڪ ٽرماس ڌار ڪري ڪافي ٺاهڻ لاءِ رکي چڏيندا هئا. ڊبل روٽين ۾ بيضا، گيهه ۽ ڪنڊ وجهرائي، پنهنجي لاءِ ڌار پڊنگ ٺهرائيندا هئا. نه رڳو ايترو، پر مخصوص برداشتين جي هٿان ڪو صاحب گيهه وڪڻائي چرس گهرائيندو هو، چو ته هو پيڙهياتو چرس جو موالي هو ۽ جيل ۾ اهڙي طريقي کان سواءِ چرس جو ملڻ ناممڪن هو.

اڄ صبح جو ناريجي ان برداشتيءَ کي وارڊ مان باهر ڪڍرائي چڏيو، جنهن تي هو صاحب ڪاوڙجي پيو ته آءٌ پنهنجو راشن ڌار ڪندس. هو صاحب اڃا ڏمڪي ڏئي روانو ئي مس ٿيو ته مٿان ڪارو ملڪ اچي ڪڙڪيو ته، "آپ ڪون هوتي هين انتظام چلاني والي؟ هم نهين مانتي." مون چيو ته "اهو ائين آهي جيئن عوامي ليگ جي ڪاميابيءَ تي نصرالله خان چيو هو ته، "هم نهين مانتي." پر منهنجي اُن چوڻ تي مولابخش ۽ عزيز ڪٽي مطمئن ٿيڻ وارا هئا، تن چيو، "هم اس سرزمين کي مالڪ هين. هم آپ سي پوچهتي هين ڪه تم ڪون هوتي هو هماري فطري حق کو چيلينج ڪرني والي." ڌار ٿيندڙ همراهه جي روش ڏسي منشيءَ مون کي چيو ته پاڻ ٻئي جيل جي زندگي ڪاٽڻ جي لائق ئي ڪونه آهيون. اوهان کي ته باهر وانگر جيل اندر به نام نهاد انقلابي نڳيو وڃن. چورن، انقلابين جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکيو آهي. هاڻي عوام جو اصلي درد جاڳي پيو اٿن. مون چيو، "منشي! هڪڙو لطيفو آهي، جيتوڻيڪ نيم مهذب آهي، پوءِ به آءٌ ٻڌائيندس. هڪڙو همراهه ڪنهن حجام جي دڪان تي ويو ته منهنجي نڪ مان وار ڪڍ. حجام وار ۾ نچڪڙو وجهي سَٽ ڏني ته همراهه کان هيڻان آواز نڪري ويو. همراهه شرم پرجائڻ لاءِ حجام تي ڪاوڙجندي

چيو تہ نون حرامي آهين، توکي وار سڃاڻڻ جو تجربو نہ آهي، تو اهڙي وار ۾ نچڪڻو وڏو آهي، جنهن جي پاڙ .... ۾ ڪُتل هئي." سو پاڻ وارن نوجوانن ۾ پرمارن جي نڪ جي اهڙي وار ۾ نچڪڻو وڏو آهي، جنهن جي پاڙ پاتال ۾ ڪُتل آهي، تنهنڪري انهن جو ڪاوڙجڻ ڪا اڻ ٽيٽي ڳالهہ ڪانهي، باقي پورو وارد شاگردن جي انتظام ڪان ڏاڍو مطمئن آهي. آءٌ سچ پچ ڏرتيءَ جي هنن نوجوانن جي اهڙي جذبي ۽ صلاحيت ڪان ايترا ڏينهن بي خبر هوس. ايترا ڏينهن آءٌ سمجهندو هوس تہ اهي پنهنجي وطن لاءِ قيد ڪاٽي ڇاڏن. اهي دشمن جي بي انداز طاقت جي سامهون سرفروشيءَ ۽ دليريءَ سان بيهي سگهن، اهي دشمن جي چالن ۽ طريقن تي چوڪسيءَ واري نظر رکي سگهن، اهي مادر وطن سنڌ سان سر جو سودو ڪري ڇاڏن، پر شايد خدمت خلق ۽ ايثار جي جوهر ڪان خالي هجن. پر جيل ۾ جتي مون کي مها ڪامريڊن ۽ نامنهاد عوام دوستن جي ڪاڏي جي لالچ، هوس ۽ هيچ ڏيکاري، اتي مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي انتظامي صلاحيت ۽ خدمت خلق جي جذبن جو درشن ڪرڻ جو موقعو ب ڏنو.

مولابخش جي بيشمار خوبين سان گڏ بيرو بڻجي ماڻهن کي ماني کارائڻ جي خصلت مون کي جيل ئي ڏيکاري. هيري جهڙو ماڻهو بسترن تي قيدين کي چانهہ ب پهچائيندو، اها خبر تہ مون کي چارديواري ۾ معلوم ٿي. عزيز نہ صرف اليڪشن جي ورڪ ڪري سگهي ٿو، پر پاڻيءَ جي حفاظت ب ائين ڪري، جيئن سنڌي ماڻهو بنيءَ ۽ونيءَ جي حفاظت ڪن. سو پتو مون کي هتي پيو آهي.

o o o

ماژین ماریس کینکي

جهروکن جهوريو هنيو، ڪوئين آءُ ڪُنياس،
مارُن منجهه مُياس، نہ تہ ماڻين ماريس ڪينڪي!
- شاهہ

اڻپنا

بنگلاديش جي آزاديءَ جي علمبردار،
سونار بنگلا جي عظيم سپوت، شهيد،
شيخ مجيب الرحمان جي نالي!

- آڻيسر

هيءُ گهاءُ ڏس جبين تي، هو خون ڏس سنگين تي،
تڪبير جا هي هُوڪرا، هُو لاش ڏس زمين تي،
ڪَسين ۾ جُرَ جي جاءِ تي خون آ وهي هليو،
گلابُ هن زمين جو ڪو هت ڪريو، ڪو هُت ٽنگيو!

(حليم باغي)

تاريڪ دؤر جي روشن ڪهاڻي

هي منهنجو ڪتاب 'ماڑين ماريس ڪينڪي' ضياءَ دؤر ۾ جيل اندر منهنجي ڏهني روشنائين جو سفر آهي. هن ڪتاب جا ٻه حصا هئا، جن مان هڪڙو جيل اندر مون تي گذرندڙ ڪيفيتن جي داستان جو ٻيو حصو جيل کان محترم جناب پروفيسر عالماڻيءَ جي مهرباني سان اسپتال منتقل ٿيڻ کان پوءِ اسپتال اندر محسوس ٿيندڙ ٻڙهيون ويندڙ شين جو عڪس هو.

مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جيل اندر مون جيڪو ٻه مواد لکيو، اُهو گُم ٿي ويو ۽ اسپتال اندر جيڪي لکيم سو ئي "ماڑين ماريس ڪينڪي" جي نالي سان ڇپيو هو. هاڻ محترم علي نواز گهانگهرو هن ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن ڇپائي رهيو آهي. ان کان ٻه وڌيڪ مواد جيل اندر لکيل ڪتاب ۾ هُئو، جيڪو محترم رسول بخش ٽيبي جي هٿان گُم ٿي ويو. مثال طور هن ڪتاب ۾ مون کي ڦٽڪا لڳڻ جو ذڪر نه آهي، جيڪو هُن حصي ۾ هو. مون کي 11 فيبروري 1981ع تي ڏهه ڦٽڪا هنيا ويا، جيڪي ايڏا ته زوردار هئا جو ستين ڦٽڪي تي ڦٽڪو ٽُٽي پيو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي ٻيو آڻڻو پيو. ان جي باوجود ٻه ڪٽڪيءَ تان لهڻ کان پوءِ مون اسٽريچر تي اسپتال وڃڻ کان انڪار ڪيو. آرمي ميجر جي سامهون آءٌ زور سان پير هٽندو اسپتال ڏانهن روانو ٿيس ۽ مون کي اسپتال ۾ معمولي ملهم پٽي کان پوءِ پنهنجي وارڊ ۾ وڃي آيا. جتي آءٌ اونڌو ستو هيس، چو ته سنئين سمهڻ جي گنجائش نه هئي. ان وقت منهنجو ادبي همدرد رسول بخش پليجو مون سان ملڻ آيو ۽ مون کان پُڇڻ لڳو ته، "ڦٽڪن لڳڻ وقت ڇا محسوس ڪيئي." ڪيس بڌائيم ته، "ڏاڍي تڪليف ٿي، پر دانهن ان ڪري نه ڪيم، جو اُن وقت مون کيْ نهرو ياد اچي ويو. جنهن لکيو آهي ته، 'سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ وقت لکنوءَ ۾ جلوس جي اڳواڻي مون پئي ڪئي ۽ گهوڙي سوار پوليس لٺيون وسائڻ شروع ڪيون ۽ هڪڙي لٺ

منهنجي مٿي ۾ ايڏو زور سان لڳي، جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. دل چاهيوته پوليس جي لئين کان پڇي وڃان، پر سوچيم ته، 'نهرو جي تون اڄ پڳئين ته هندستان جو مستقبل صديون پوئتي هليو ويندو.' اها ڳالهه مون به ذهن ۾ رکندي رڙ نه ڪيئي ته آريسر تو اڄ ڏڪ تي دانهن ڪئي، ته اها سنڌ جي سمورن سياسي قيدين جي دامن تي ڪارو داغ بنجي ويندي" - ۽ هر حال ۾ مون کي پنهنجي سنڌ جي سياست جي عظمت برقرار رکڻي هئي، ان ڪري سپ سور پي ويس.

هن ڪتاب ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي هڪڙي خوبصورت ۽ پياري ورڪر سڪندراعظم مگسيءَ جو به ذڪر هو، جيڪو اسان جي قومي تاريخدان عبدالله مگسيءَ جو ننڍو پاءُ هو، جنهن کي ٽارچر سيل مان جيل ڏانهن آندو ويو هو، هو ايڏو ته خوبصورت هو جڏ ته چاچري جي صبح ۾ روهيڙي جو گل. هن روئيندي مون کي ٻڌايو ته: "سائين! پيو ته ڏهيو منهنجي ويهڪ جي جاءِ تي سگريٽ جي ڏٻڙ سان لکيو ويو آهي، ته 'لو سنڌوديش.'

سڪندراعظم مگسي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جيل مان آزاد ٿيو هو ۽ پوءِ گم ٿي ويو يا آپگهات ڪري چڏيائين يا وري ايجنسين مارائي چڏيو. بهرحال، هفتيوار گڏجاڻيءَ تي پليجو صاحب مون وٽ آيو ته مون کيس اها وارتا ٻڌائي ۽ پليجي صاحب مون کي چيو ته: "مون سان هڪڙو معاهدو ڪيو، جنهن ۾ هي هُئو ته پاڻ اُن جو انتقام ان طرح وٺنداسين، جو انهن ايذاءُ ڏيندڙن جي به ساڳين جاين تي...." ۽ مون کي افسوس آهي ته اسين ان تي عمل نه ڪري سگهياسين.

اُن حصي ۾ مانيٽي اوني جي آپگهات جو به ذڪر آهي. مانيٽو ٽر واسي هجڻ جي حيثيت سان منهنجو ويجهو هو. وڏي ڳالهه ته جڏهن هو ميربورخاص ۾ شاگرد هو، ان وقت هُن جي شاعري پيغام رسالي ۾ مون ڇپي هئي. مانيٽي تي مون تفصيلي لکيو هو، ان مان مون کي اجا به هڪڙو جملو ياد آهي ته: مانيٽا پاڻ ٽري ايڏا ڪمزور نه آهيون، جو هڪ چوڪريءَ جي مُرڪ رُسڻ سان آپگهات ڪري چڏيون. پاڻ ته اُن راڻي جا وارث آهيون، جنهن جي رُسڻ تي مومل چڪيا چڙهيندي آهي.

مون 1978ع ۾ شادي ڪئي هئي ۽ آءُ سهاڳ ماڻي نه سگهيس، جو 1978ع ۾ آءُ زندان جي حوالي ٿيس. اُهي سڀ ڪيفيتون مون پنهنجي اُن ڪتاب ۾ لکيو هيون ۽ پٽائي جون هي سٽون سندن عنوان هوندیون هيون:

تارا، تر، تروڪڙيون، مٿن ڦُلڙيون،
ڪوءِ سي راڻڙيون، جي پرهان ريءَ پيون!
(شاهه)

ان ڪانسواءِ هڪڙو مزاحيه واقعو به منجهس هيو، ته صمد ڪانڊڙو، جيڪو سنڌ يونيورسٽي جساف جو صدر رهيو هو، تنهن کي رحمت الله هيسباڻي ٻئي وارد مان چئي موڪلي ته: پيارا ورزش ڪندو ڪر، جو ته مضبوط جسم ۾ مضبوط ذهن رهي ٿو. صمد مون کي اها چئي پڙهائي چيو: ته جواب ڪهڙو لکان. مون چيو ته لک پيارا! پڙهڻ جي ڪوشش ڪر. پڙهڻ سان ئي مضبوط ذهن ٿيندا آهن. جيڪڏهن مضبوط جسمن سان مضبوط ذهن ٿهن ها، ته هندستان جو ليڊر مهاتما گانڊي نه، گاما پهلوان هجي ها." ان کان پوءِ وري رحمت الله ڪڏهن به ان کي چئي نه لکي. هتي هڪڙي تاريخي حقيقت ٻڌائيندو هلان ته ذوالفقار علي ٽٻي جون ٽي خواهشون هيون:

– نيوز ويڪ جي ٽائيٽل تي منهنجو فوٽو اچي.
– ڪراچي هاءِ ڪورٽ جي بار کي خطاب ڪريان.
– سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي آرٽس ڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ مخاطب ٿيان.

– ۽ هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته ان جون ٽئي خواهشون پوريون نه ٿيون ۽ جڏهن هو اقتدار تان لٿو تڏهن هن چيو، چوڌري.... ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ خطاب ڪري سگهي ٿو ته آءُ به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ خطاب ڪري سگهان ٿو. انهيءَ وقت صمد ڪانڊڙي، جساف سنڌ يونيورسٽي جي صدر جي حيثيت ۾ بيان ڏنو هو ته: "پٽا صاحب! تو چيو هو ته جيڪو ياڪا جي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويندو، آءُ ان جون ٽنگون ڀڃي ڇڏيندس ۽ اها تنهنجي تاريخي ۽ سياسي اقتدار واري حوس جي غلطي هئي، ۽ آءُ توکي چتاءُ ٿو ڏيان ته جيڪڏهن تون سنڌ يونيورسٽيءَ

آئين، ته جساف تنهنجون تنگون توڙي چڏيندي،" - ۽ نتيجي طور پٽو يونيورسٽيءَ نه آيو. بهرحال هن جون اِهي ٽيئي خواهشون پوريون نه ٿيون. جيڪي ماڻهو پنهنجي قومن سان رشتا ٽوڙيندا آهن، تن جو اهڙو ئي حشر ٿيندو آهي. بهرحال، جيڪڏهن منهنجي ڪتاب جو اهو حصي ڪٽي به ڪنهن وٽ هجي ته ظاهر ڪري ته آءٌ ٿورائتو رهندس.

عبدالواحد آريسر

15 اپريل 2003ع

هاسي سر جي وات ۾ گلاب جا ٻوٽا!

مون پنهنجيءَ مختصر ڄمار ۾ ادب، تاريخ، سياست ۽ ٻين موضوعن تي انيڪ ڪتاب پڙهيا آهن، پر مون کي سڀ کان وڌيڪ آتم ڪٿائين ۽ جيل ۾ سرجيل ادب، خاص ڪري جيل- يادگيرين متاثر ڪيو آهي. شايد ان ڪري به، جو انهن لکڻين ۾ اڪثر ليکڪن پنهنجي زندگيءَ جي سمورين ڪارگذارين، مشاهدن، تجربن ۽ تجزين مان حاصل ٿيل نتيجن کي ڪنهن حد تائين سچائيءَ سان بيان ڪيو آهي. ممڪن آهي ته سڀني سؤ سيڪڙو سچ ڪٿي نه به لکيو هجي، پر جهڙيءَ طرح تاريخ جي ڪتابن جو حُليو، حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ واري جذبي هيٺ مؤرخن بگاڙيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ آتم- ڪٿائن ۽ جيل ڊائرين يا جيل- يادگيرين ۾ اها ڳالهه نظر نه ايندي. آءٌ سمجهان ٿو ته دنيا جي ادب جو هڪ وڏو حصو، ان قسم جي ادب تي مشتمل رهيو آهي: خاص ڪري جيلن، انڊار پورن، ٽارچر سيلن، تشددي ڪئمپن ۽ سوريءَ جي پاڻ ۾ سرجيل ادب، پوءِ اهو شاعريءَ، جيل ڊائريءَ، خطن، تاثرن يا زندگيءَ جي يادگيرين، واقعن يا سياسي مواد جي صورت ۾ موجود آهي، پڙهندڙن جي ذهن کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي.

اها به حقيقت آهي ته دنيا جو بهترين ۽ شاهڪار ادب جيلن ۾ ئي تخليق ٿيو آهي. ناظم حڪمت، نذرالسلام، شيخ ايار ۽ ٻين جي شاعري؛ ابوالڪلام آزاد، گانڌيءَ، روسو، نهرو، جيولس فيوچڪ، چي گويرا، جينمل پرسرام، سائين جي. ايم. سيد، شيخ ايار، رشيد پٽي، سورش ڪاشميريءَ، عبدالواحد آريسر ۽ ٻين جون جيل ڊائريون، جيل جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب يا جيلن ۽ نظربندين ۾ لکيل سياسي ۽ ادبي تصنيفون، دنيا جي شاهڪار ادب ۾ جاءِ والارين ٿيون. انهن تصنيفن جو مطالعو، انساني من ۾ جتي زندگيءَ ۽ آزاديءَ جو چاهه پيدا ڪري ٿو، اُتي انسانيت ۽ انساني قدرن ۾ پختو ويساهه به پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنجي ٿو.

سنڌ جي نوجوان تاريخدان، دانشور، اديب ۽ سياستدان عبدالواحد آريسر به جيل ۾ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، جهڙوڪ: "جي. ايم. سيد"، "ٿي نہ محبت مات"، "ترم ياترا"، "رچ جهڙيون راتيون ڏونگر جهڙا ڏينهن" وغيره. انهن ۾ "ترم ياترا" سندس جيل يادگيرين تي مشتمل ڪتاب آهي، جيڪو 1976ع ۾ جيل دوران هن لکيو ۽ 1985ع ڌاري ڇپجي، مقبوليت ماڻي چڪو آهي. هيءُ ڪتاب "ماڙين ماريس ڪينڪي" پڻ سندس جيل ڊائري آهي، جيڪا هن 81-1980ع ۾ ضياشاهيءَ جي قيد ۾ تصنيف ڪئي آهي. "ترم ياترا" ۾ آريسر صاحب تاريخ وار ڊائري لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي من جا احساس بيان ڪيا آهن، پر "ماڙين ماريس ڪينڪي" روزنامچي نما ڊائري نہ آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ جيل ۽ جيل ۾ بيمار ٿيڻ دوران اسپتال ۾ پوليس جي پهري هيٺ پيش آيل ڪيترن واقعن جو ذڪر آهي، پر انهن تي ڪا تاريخ نہ آهي ۽ نہ ئي انهي ترتيبوار لکيا ويا آهن. ڪوبہ واقعو، ڪابہ ياد، ڪوبہ احساس، جڏهن سندس من ڇاهيو آهي، هن پنهنجي سگهاري قلم سان لکي ورتو آهي. "ماڙين ماريس ڪينڪي"، آريسر صاحب جي ادب، سياست، انساني نفسيات، سنڌي سماج، سنڌ، سنڌي ڪنڌ ۽ دنيا جي سياسي واقعن، ذاتي من پيڙائن، احساسن ۽ قومي خيالن بابت گهري مشاهدي، مطالعي ۽ تجربن تي مشتمل تصنيف آهي، جيڪا سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ وڏو درجو حاصل ڪري سگهي ٿي.

عبدالواحد آريسر، سنڌ جي نوجوان ۽ ارڏي شاعر حليم باغيءَ جي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ، "سندس شاعريءَ کي پڙهي محسوس ٿيندو آهي، تہ امرڪوٽ جي راهن ۾ نازبوءِ جا ٻوٽا ڦُٽي پيا آهن." پر آءٌ عبدالواحد آريسر جي هر لکڻي ۽ خاص ڪري هن جيل ڊائريءَ کي پڙهي محسوس ڪريان ٿو تہ "هاسي سر جي وات تي گلاب جا ٻوٽا ڦُٽي پيا آهن."

ذڪر "هاسي سر" جو ٿيڻو آهي، تہ ڏهن سنڌ جي تاريخ ۾ ٽُڙي هڻي، ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. هاسو سوديو، سنڌ جي محب وطن حاڪم، دودي سومري جو پڳ مٽ يار هو. جنهن رات هاسي سوديي جي شادي هئي ۽ هو هندو روايتن موجب ڪنوار سان پلؤ ٻڌڻ ويڏيءَ جا ٿيرا ڏئي رهيو هو تہ ڪيس ڪنهن رڙ ڪري چيو: "هاسا! تنهنجي

دوست دودي تي دهليءَ جو حاڪم فوجون ونيِ ڪاهي آيو آهي، ۽ تون هتي سڀاڳ رات ماڻڻ جون تياريون پيو ڪرين؟" هاسو سوڍو سنڌ جو سچو پُٽ ۽ دودي جو دلي دوست هو. هن ستن ڏينرن پورن ڪرڻ کان اڳ ڪنوار سان ٻڌل پلوَن کي تلوار سان ڪٽي، ونيءَ، مالهان کي مِٺي ڏئي چيو: "پياري! جيئرو موٽيس تہ ملنداسون، نہ تہ گهوري حان سنڌ ۽ دودي تان." ۽ تاريخن ۾ اچي ٿو تہ هاسو سوڍو، دودي سومري سان گڏ سنڌ تان گهورجي ويو هو.

"هاسي سر" ان سورهيہ سوڍي جي نالي پٺيان ٽرپارڪر ضلعي جي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. ماضيءَ ۾ اتان هاسي سوڍي جنم ونيِ، سنڌ جي آزاديءَ جي تحفظ لاءِ ڏارين هاڪارن سان جنگ ڪئي هئي ۽ اڄ جي هاسي سوڍي 'عبدالواحد آريسر' جي جنم ڀومي بہ ساڳي ڏرتي آهي ۽ هاسي سوڍي وارو ساڳيو جهنڊو عبدالواحد آريسر جي هٿ ۾ آهي ۽ هو پنهنجي قومي رهبر سائين جي. ايم. سيد سان گڏ وقت جي خلجين سان سنڌ جي آجپي جي جُڏ جوٽيو بيٺو آهي. ڪلهہ بہ دودي ۽ هاسي سوڍي سنڌ جي لج بچائي هئي، ۽ اڄ بہ دودو (جي. ايم. سيد) ۽ هاسو سوڍو (آريسر) آرڻ ۾ بيهي للڪاري رهيا آهن تہ سنڌ جي سِينڌ ميري ٿيڻ نہ ڏينداسون:

ڪڏهن سنڌ جي سِينڌ ميري نہ ٿئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نہ مُرجهائجن! -(ايار)

عبدالواحد آريسر جتي سياسي ميدان جو شهسوار آهي، اُتي سندس ادبي تخليقن ۽ تاريخي تصنيفن، سنڌ جي دستاريند عالمن، اديبن ۽ مؤرخن کان چرڪ پرائي چڏيا آهن. آريسر جي لکيل ڪتابن مان "وريا واهرو" ۾ شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي نئين رخ کان روشني وڌل آهي. "سر ۾ سانجهيءَ ويرَ" ۾ سنڌ جي مغل دؤر جي تاريخ ۽ قومي هيرن جي خوبصورت انداز ۾ چندچاڻ ڪيل آهي. "ٿي نہ محبت مات" آريسر صاحب صاحب جو عالماڻہ "عدالتي بيان" آهي، (جيڪو ڪورٽ هن کان نہ ورتو) ننهن جي دنيا جي مشهور سياسي اڳواڻن ابوالڪلام آزاد، فيدل ڪاسترو، خان غفار خان ۽ نيلسن منديلا جي بيان وانگر وڏي اهميت آهي. پر جيئن تہ عبدالواحد آريسر، چوٽين دنيا يعني غلام دنيا جو هڪ پورهيت گهر ۾ پيدا ٿيل سياستدان آهي، اُن ڪري سندس ڇپيل ڪورٽ بيان کي اُها شهرت

ملي نه سگهي آهي، پر اُن جو ترجمو ڪيو وڃي ته مون کي پڪ آهي ته هيءُ بيان دنيا ۾ وڏي حيثيت ماڻي سگهي ٿو. "جي. ايم. سيد"، "قومي تحريڪ" ۽ "پٽو ۽ مجيب" ڪتاب هن جي سياسي سوچ ۽ بصيرت جا ٽي شاهڪار ڪتاب آهن. پهرئين ڪتاب ۾ هن پنهنجي قومي رهبر جي فڪر، نظرين ۽ جدوجهد جي جنهن انداز ۾ تشريح ڪئي آهي، اُن کي سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "پيغام لطيف" سان پيٽي سگهجي ٿو. "پيغام لطيف" ۾ پهريون پيرو سائين جي. ايم. سيد، شاهه لطيف جو اصلي، عوامي ۽ سنڌي چهرو ۽ پيغام سنڌي ماڻهن آڏو پيش ڪيو هو. ساڳيءَ طرح سائين جي. ايم. سيد جي جدوجهد کي سمجهڻ لاءِ آريسر جو ڪتاب "جي. ايم. سيد" پڙهڻ هر سنڌيءَ لاءِ لازمي آهي. "قومي تحريڪ" ۾ آريسر صاحب قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو تجزيو، جنهن نموني ڪيو آهي، اهڙوتجزيو هن کان اڳ گهٽ پيش ڪيو ويو آهي. "پٽو ۽ مجيب" ڪتاب ۾ ننڍي کنڊ جي ٻنهي اهم سياستدانن جي جدوجهد ۽ زندگين جي پيٽ ڪيل آهي. هنن ٽنهي ڪتابن جو مطالعو، ان ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪري ٿو ته، **'سنڌ ننڍي کنڊ جو اُهو خطو آهي، جتان سياسي انقلابن جي شروعات ڪتابن جي ذريعي ٿي آهي ۽ اُن جو سهرو سائين جي. ايم. سيد جي سر تي آهي.'** اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ واري سياست ۾ ڪتابن ۽ ادبي تحريڪن جو وڏو ڪردار رهيو آهي ۽ هن وقت سنڌ ۾ هلندڙ قومي آڇپي توڙي طبقاتي نجات واريون تحريڪون جا سمورا اڳواڻ خوش قسمتيءَ سان اديب ۽ دانشور آهن. سنڌ جي قومي تحريڪ جي سروان، سائين جي. ايم. سيد ۽ اُن جي سڃي پيروڪار عبدالواحد آريسر، شايد ٻين سمورن سياستدانن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سندن تحريڪ جا ڪارڪن نظرياتي طرح ٻين کان وڌيڪ پختا آهن. اها جدا ڳالهه آهي ته اڄا عملي طرح ڪين وڌيڪ جدوجهد جي ضرورت آهي.

عبدالواحد آريسر جي جيل- يادگيرين تي مشتمل هيءُ ڪتاب "ماڻيم ماريس ڪينڪي"، منهنجي خيال ۾ سندس لکڻين جو ٿوهه جوڻ ظاهر ڪري رهيو آهي. جنهن تخليقي سگهه ۽ سونهن سان هيءَ ڀائري لکيل

آهي، جيڪا ڀائري گهٽ، آريسر جي سياسي بصيرت، سياسي ۽ ادبي واقعات نگاري ۽ من- پيڙائن جو تخليقي روپ لڳي ٿي. آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ وڏو غوغاءُ پيدا ڪندي. آريسر "ماڙين ماريس ڪينڪي" ۾ پنهنجي ادبي مطالعي ۽ قومي ۽ سياسي نڪتي نظر توڙي انساني من- پيڙائن ۽ ڪيفيتن جو ڪليل اظهار ڪيو آهي ۽ پاڻ کي سائين جي. ايم. سيد وانگر 'ڪليل ڪتاب' طور پيش ڪيو آهي.

"ماڙين ماريس ڪينڪي" ۾ ضياءَ شاهيءَ (فوجي آمريت) خلاف جيڪا نفرت، ڏڪار ۽ ٻُڌان آريسر جي لکڻيءَ ۾ نظر اچي ٿي، اُها شايد ئي ڪنهن پاڪستاني اديب ۽ سياستدان جي تصنيف ۾ موجود هجي. نذير عباسيءَ تي لکيل تاثر "هيءُ لاش ڪنهن جو آهي؟" تي فوجي اداري خلاف لکيل تاثر ثابت ڪن ٿا ته فوجيَ اداري سان اُن کان وڌيڪ نفرت جو اظهار شايد ئي ممڪن آهي. مثال طور هي ڪجهه جملا پڙهي ڏسو:

"اهو لاش، هر انهيءَ باضمير اديب، شاعر، دانشور ۽ سياسي ڪارڪن جو آهي، جنهن جي روح فوجي جنتا جي ٽشو پيپرن جهڙن فرمانن مطابق سجدا ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، ۽ جنهن جا سجدا صرف پنهنجي مادر وطن جي عوام جي خوشحاليءَ ۽ خوشيءَ لاءِ وقف رهيا آهن."

"توهان جي وردين تي انساني رت جا ڦُڙا لڳل آهن ۽ اوهان جا ٻلا انساني گوشت جا ٽُڪر آهن.... توهان جي ذات بيغرتي آهي. توهان جي قوم پاڙي جا قاتل آهي ۽ توهان جو نسل تاريخ جي لعنت جو مجسم ڦٽڪار آهي.... توهان جو ڏنڊو، بندوق جي نالي جي زور تي عوامي اقتدار تي قبضو ڪرڻ آهي. توهان جو شوق انسانيت جي عظيم معمارن کي قتل ڪرڻ آهي ۽ توهان جو مقصد عالمي سطح تي پنهنجي سامراجي آقائن جا بوٽ چٽڻ آهي."

آريسر، سنڌ ۽ پاڪستان جو اُهو پهريون سياستدان آهي، جنهن ضياءَ دؤر ۾ ڏهه ڪوڙا ڪاڌا، ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته ضياءَ شاهيءَ سڀ کان وڌيڪ ڪوڙا جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي ئي هنيا هئا. آريسر کان سواءِ ٻين قومپرست ڪارڪنن ۾ رسول بخش ٽيپو، ڊاڪٽر دودو مهيري، حفيظ قريشي (جونيئر) ۽ بيا ڪيترا شامل آهن، جن ڪوڙا ڪاڌا، پر نه حڪمرانن آڏو جهڪيا ۽ نه وڪيا، سندن حوصلي ۽ سچائيءَ جي ڪري اڄ سنڌ جي قومي تحريڪ، پنهنجي منطقي منزل ڏانهن گامزن آهي.

جيتريقدر منهنجو اندازو آهي تہ آريسر اُهو پهريون سياستدان آهي، جنهن سڀ کان اڳ سنڌ جي قومپرست ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي، جنهن بابت هن تفصيل سان پنهنجيءَ هن ڊائريءَ ۾ لکيو آهي، ۽ ان لکت تي هن 1984ع ۾ عمل ۾ ڪري ڏيکاريو، جڏهن هن سنڌي عوامي تحريڪ، سنڌ نيشنل ڪانگريس ۽ سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽيءَ سان گڏجي "سنڌ قومي محاذ" کي تشڪيل ڏنو ۽ "سنڌ جي آجپي" بابت هڪ متفقہ دستاويز تيار ڪرايون، پر پوءِ ڪجهہ غلط فهميون ۽ ڪجهہ غلط پروپيگنڊا اُن اتحاد کي قائم رکي نہ سگهيون. ان بعد 20 مئي 1988ع تي سائين جي. ايم. سيد جي رهبريءَ ۾ جيڪو "سنڌ قومي اتحاد" قائم ٿيو، اُن جي تشڪيل ۾ بہ عبدالواحد آريسر جو اهم ڪردار رهيو آهي. اهڙيءَ طرح سندس ڪوششون سنڌي ماڻهن کي سنڌ جي آجپي لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي ڏس ۾ جس جوڳيون رهيون آهن.

آريسر صاحب، سائين جي. ايم. سيد جو سچو پوئلگ ۽ سندس فڪر جو صحيح شارح رهيو آهي. سائين جي. ايم. سيد، مهاتما گانڌيءَ جي عدم تشدد واري فلسفي جو حامي رهيو آهي، ۽ سموري دنيا اها حقيقت تسليم ڪري چڪي آهي، تہ 'جنگ' ۽ 'تشدد' ذريعي دنيا جا اختلاف ۽ جهيڑا ختم نہ ٿا ٿي سگهن، پر 'امن' اڄ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي ۽ امن، 'عدم تشدد' وسيلي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. اڄ دنيا ساڌو صفت گانڌي جيءَ جي عدم تشدد واري فلسفي جي اهميت کي شدت سان محسوس ڪري رهي آهي، "گانڌي ازم ۽ اهنسا جي اهميت" تي آريسر صاحب، هن ڊائريءَ ۾ جنهن مدلل ۽ مفصل انداز ۾ روشني وڌي آهي، اُڃ نہ ٿو سمجهان تہ ان کان بهتر "عدم تشدد" جي تشريح ڪنهن ڪئي هوندي. ان لاءِ "ماڻين ماريس ڪينگي" جو مطالعو پڙهندڙ پاڻ کن، آڳ سندن وچ ۾ رکاوٽ بنجڻ نہ ٿو چاهيان.

بولي، آريسر جي گولي آهي پر هن ڊائريءَ ۾ هن جنهن سگهہ ۽ سونهن واري بولي کي آندي آهي، منهنجي نظر ۾ اها آريسر جي بوليءَ جي ٿوهہ جوڻ جي علامت آهي ۽ مون کي پڪ آهي تہ آريسر جي بوليءَ جو اهو جوڻ هميشہ قائم رهندو.

– تاج جويو

□ رات جو اُتيس، دل چاهيو تہ جامشوري جي رات پوري طريقي سان ڏسان. ڪو وقت هو جڏهن پهريون پيرو مون ڪليليءَ جي ڪپ تي ٻيهي، حيدرآباد جي منگهن کي آخري پاڪر پائيندڙ، لهندڙ سج جي لالاڻ اکين ۾ قيد ڪرڻ چاهي هئي. نتيجي طور ڪليليءَ جي ڪپ تي ٻيهي، حيدرآباد جا منگهر ۽ چمندڙ لهندڙ سج جي لالاڻ تہ آءٌ پنهنجي اکين ۾ قيد ڪري نہ سگهيس، پر پاڻ اُن حيدرآباد جي الفت جي اسيرن ۾ شامل ٿي ويس ۽ حيدرآباد جي عشق جا ڏانوڻ مون کي هميشہ لاءِ ونگي ويهي رهيا.

اڄ رات 27 آگسٽ جي رات آهي ۽ ڪلهہ 26 آگسٽ هئي. 26 آگسٽ- جڏهن هڪ سال اڳي، آءٌ پنهنجيءَ پوڻءِ جي چانڊوڪين کي چُمي، جيڏ ٻيڙو ٽيو هوس. اڄ هڪ سال کان پوءِ 27 آگسٽ جي رات ادائي وڃي منهنجي اک کُلي. آءٌ اسپتال جي بستري تان اُتيس ۽ اسپتال جي ٻت کي لڳل جارين مان ٻاهر چنڊ کي ڏسڻ لڳس. مون کي چنڊ، بيمار محبوب جي زخمي مُرڪ وانگر بيجان ۽ پيلو لڳو. آءٌ سمجهان ٿو، اياز ڪٽي لکيو آهي:

"اڙي چنڊا اڙي چنڊا پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس انگ، سندس رنگ، اڻين آهہ، جيئين تون!"

جيڪڏهن ايازجي پرينءَ جو انگ ۽ رنگ چنڊ جهڙو آهي، تہ پڪ ڪيس يرقان جي بيماري آهي. جيسين تائين منهنجو مطالعو آهي تہ لطيف، چنڊ کي پرينءَ جي پير جي پدم برابر بہ نہ سمجهيو آهي، ۽ سندس ساريءَ جمار جي جلوي کي دوست جي هڪ دَم جي ديدار برابر بہ نہ سمجهيو آهي. هاڻي خبر نہ آهي تہ حُسن جي باري ۾ حقيقت پسند ڪير آهي، ايازيا لطيف؟- ۽ هن رات جي پوئين پهر ۾ مون کي چنڊ جو چهرو، مرندڙ بيمار جي چهري جهڙو لڳو. خبر ناهي چو؟

o o o

- "اسان جي شاعري، رت جا درياهہ اُکري رهي آهي. اڄ اها صرف

هٿيارن جي ڳالهه ڪري ٿي، ته جيئن اها ڪڏهن گلن جي ڳالهه ڪري سگهي. اسان جا سورما، جڏهن ميدان جنگ ۾ ويندا آهن، ته ماڻهو نظم سپاهين جي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، ۽ اسان انهن ڪيسن جي تحفظ لاءِ دعا گهرندا آهيون ته اڄ جيڪڏهن اسان اهي نظم بچائي ورتا ته ڇا انسان کي بچائي ورتو."

- ويٽنامي شاعر، چي لين دن

o o o

- منهنجي ڌرتيءَ جي پٽڪي- پڌ ماڻهوءَ کي تاريخ جي هر دؤر ۾ ايترو ته ڏاڍايو ويو آهي، جو هو وقت جي هن نازڪ موڙ تي فرزندانِ زمين جي هر انسان جي بي دردانه قتل تي پنهنجا ٻئي هٿ پٽڪي ۾ وجهي، گهر جي ڪُنڊ ۾ ويهي رهي ٿو. اهڙي وقت ۾، اي وقت جا بي روح مؤرخ! هن ڳالهه کي نه وسارجاءِ ته منهنجي ڌرتيءَ جي مائرن جي مقدس هنجن مان ٻارڙا نڪري، "وطن بچايو!" جا نعرا هٽندا، ميدان ۾ ڪاهي آيا آهن. انهن جي پُٽن تي جلادن جا ڪوڙا، جسمن تي دڪندڙ سگريٽن جا داغ ۽ رانن تي لوهي سيخن جا ڏنب، اهڙو چمن پيدا ڪري رهيا آهن، جنهن کي دشمن جي سُوئرن اُجاڑي ڇڏيو آهي. اسان جو شاعر ۽ اديب، پائوبر هاڻن جسمن ۽ چهرن تي خاڪن لکڻ کان واندو ناهي. اهڙي وقت ۾ آءٌ اها دعا ٿو گهران ته: "اي وقت جا ديوتا! تون مائرن جون اُهي هنجون سلامت رکجان، جن مان هرهڪ، هڪ اهڙي عيسيٰ کي اڳتي وڌائي ٿي، جيڪو نه صرف ٻاروٽڻ ۾ ڳالهائي ٿو، پر پٽر ۽ گولي هٽندڙ هٿ جي سامهون پنهنجو سينو ساهي بيهي ٿو. اي وقت جا ديوتا! تون اهي ڪوڙڻ جا داغ، گولين جا سوراخ، سگريٽن جا داغ ۽ لوهي سيخن جا ڏنب، برقرار رکجان، جيئن اُنهن جي ذريعي اسان 'نئين سنڈ' جي شفق ۾ لالاڻ ۽ اُپرندڙ سج جي راسين کي گلابي رنگ پري سگهون، ۽ اونداهين راتين ۾ چانڊاڻا ۽ مانڊاڻا آباد ڪري سگهون.

"اي وقت جا ديوتا! تون انهن مائرن جي هنجن کي سلامت رکجانِ. اهي اسان جا ڪعبا ۽ سجده گاهون آهن، جن ۾ اينڊڙ سنڈ جا ارڙا قلم سجدا ڪندا. هي اهي گود آهن، جن پنهنجا ننڍڙا عيسيٰ ڪڍي، سنڈ جي ساک سلامت رکي آهي. ويٽنامي شاعر، انهن سپاهين جي ڪيسن جي

سلامتيءَ جي دعا گهري هئي، جن ۾ ويٺنامي شاعري پيل هئي ته جيئن انهيءَ شاعريءَ جي سلامتيءَ ذريعي هو مستقبل جي انسان کي سلامت ڏسي سگهي. پر منهنجي ملڪ ۾ جتي ڪنهن وڏي شاعر جو شعر ڏهن روپين ۾ حاڪمن وٽ وڪامي ٿو، اتي آءٌ انهن قلمن جي سلامتيءَ جي دعا نه ٿو گهران، پر آءٌ انهن هنجن جي سلامتيءَ جي دعا گهران ٿو، جن مان خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري جا جيئرا جاڳندا بيت جنم ونڻي نڪرن ٿا."

o o o

– علي بابا آيو ۽ ٻڌايائين ته، "آءٌ سنڌ نيوز کي انٽرويو ڏئي رهيو آهيان، جنهن جا سوال- جواب به پاڻ پيو ترتيب ڏيان. ان انٽرويوءَ ۾ مون هڪ سوال پاڻ کان پڇيو آهي ته تنهنجو پسنديده سياستدان ڪهڙو آهي؟

جواب: سنجي گانڌي مرحوم!

سوال: سنجي گانڌيءَ جي اوچتي پرلوڪ پڌارجڻ سان ننڍي کنڊ جي سياست تي ڪهڙو اثر پوندو؟

جواب: سنجي جي شهادت کان پوءِ اندرا جا، روايتي ايشيائي عورت جي مامتا جا جذبا سنڌوءَ جي لهرن وانگر اُٿلي پيا هوندا ۽ هاڻي هوءَ عالمي امن جي باري ۾ جواهر لال نهروءَ جي سياستدان ڌيءُ جي بدران مرحوم سنجي جي ماءُ ٿي سوچيندي ۽ ڪيس هن وقت صحيح خبر پئي هوندي، ته جنگ جو ديوتا جڏهن هڪ ماءُ جي جهولي خالي ڪندو آهي، تڏهن سندس حالت چا ٿيندي آهي؟ مختصر ته هاڻي اندرا، عالمي امن بابت سياستدان جي بدران هڪ ماءُ جي حيثيت ۾ سوچيندي."

علي بابا جو جواب ٻُڌي سوچيم، اهڙو فڪري جملو سارتر به شايد سوچي نه سگهي ها- ۽ ان کان بنهه گهٽ معيار وارو جملو جيڪڏهن ڪو يورپي دانشور چوي ها ته عالمي اخبارن جو موضوع بنجي وڃي ها، پر علي بابا سنڌي آهي ۽ سنڌ جو رهاڪو آهي!

o o o

– جيڪڏهن دولهه دريا خان انگريزي پڙهيل هجي ها ته؟ پنهنجي سوانح عمري لکي ها يا سنڌ نيوز ۾ ڪالم نگاري ڪري ها، يا مدد علي سنڌيءَ جهڙيون بي سروپا ڪهاڻيون لکي ها!

– اي دوست! توکي جيتوئيڪ مايا جو موهہ چڪي، مون کان پريُ گهلي ويو آهي، آءٌ شايد تنهنجي لاءِ ان گناهہ جي بار وانگر ٿي ويو آهيان، جنهن کي ڪابہ جوانڙي پنهنجي وجود تان ميسارڻ لاءِ باڻ روم جو رُخ ڪندي آهي. پر مون کي پنهنجو پاڻ تي اعتماد آهي تہ تنهنجي ذهن ۽ ضمير تي منهنجي پيار ۽ خلوص جا چٽيل لفظ، پڪاسو جي مصوريءَ وانگر ڪڏهن بہ ميٽجي ۽ ميسارجي نہ سگهندا. منهنجو هيءَ بہ ايمان آهي تہ روح جا رشتا ڪڏهن سڙي ڦلهيار نہ ٿيندا آهن، ان کري، زندگيءَ جي ڪهن موڙ تي منهنجي روح جا رشتا تنهنجي تن لاءِ زنجيرون بنجي، توکي چڪي مون وٽ وٺي ايندا. روح جا رشتا صرف ان وقت ئي ٽُٽندا، جڏهن هن وشال ڪائنات ۾ نہ تون هوندين ۽ نہ مان! پر هڪ سائنس جي شاگرد جي حيثيت ۾ تون اهو سمجهي سگهين ٿو تہ مادو فنا نہ ٿيندو آهي. نہ ڀاءُ نہ! مادو فنا نہ ٿيندو آهي، صرف صورتون ۽ شڪليون تبديل ڪندو رهندو آهي. ٽي سگهي ٿو تہ هن پرٿوي ۽ آڪاش جي وايو منڊل ۾ اسان وري بہ ڪنهن جڳ ۾ مايا جي موهہ کان آزاد ٿي، پکيئڙن جي صورت ۾ ملون، ۽ ان وقت ڪاش! تنهنجي ذهن ۽ ضمير تان پراڻيون يادون نہ ڌنيون هجن! –
(صرف ان جي سمجهہ لاءِ)

o o o

– جڏهن بہ ڪو فاتح ڌرتيءَ جي ڪنهن ٽڪري تي پير رکندو آهي، ان وقت سڀ کان پهرين ان ڌرتيءَ جون لائبريريون ڏکي ويندیون آهن، پر جڏهن بہ ڪو شاعر، اديب ۽ دانشور ڪنهن ڌرتيءَ تي پير رکندو آهي تہ ان ڌرتيءَ جون لائبريريون وسيع ٿي ويندیون آهن. – هنگرين شاعر، هاريلا

o o o

– پنجاب جي جيلن ۾ اڄ تائين قيدين کي نالن جي بدران کين مليل نمبر تي سڏيو ويندو آهي، ۽ اهو نمبر هر قيديءَ جي قميص جي پٺيءَ تي ڇاپيو ويندو آهي.

o o o

– اڄ امرتا پريتم جي ڪتاب "رسيدي ٽڪٽ" پڙهندي خبر پيم تہ روس ۾ بہ قيدين کي نمبر سان سڏيو ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ميڪسم

گورڪيءَ کي زار جي جيل ۾ 9-689 نمبر مليل هو. ان وقت دنيا کي شايد ئي خبر هجي ته هيءُ اهو شخص آهي، جنهن جي نالي جي شهرت، عظمت ۽ بلنديءَ کي ڪمپيوٽر به ڪنٽرول ڪري نه سگهندو.

o o o

– هن انتهائي حقارت سان مون ڏانهن ڏسندي چيو: "آخر تون آهين ڪير؟ تنهنجي حيثيت ڇا آهي؟ تون هڪ ٽرياٽي پيرون چوندينڈ ماءُ جو پُٽ آهين. پهرين پنهنجي حيثيت بيان ڪر!"

جواب ڏنم: "آءٌ سنڌي آهيان ۽ سنڌ جي ان ٽڪري سان واسطو رکندڙ آهيان، جنهن کي تمام ٿورو فاتحن جي گهوڙن جي سُنبن لتاڙيو آهي. آءٌ اهو ٽر آهيان، جنهن مان ڪڏهن ٿوهرن آس نه پلي آهي. آءٌ مارئيءَ جي لوئيءَ جي اها ليڙ آهيان، جنهن کي عمر جو هٽ ڪڏهن به رسي نه سگهيو. آءٌ اهو جهانگين جو جهوپو آهيان، جيڪو ماڙين سان مٽايو نه ويو آهيان. آءٌ اها ڪٽي آهيان، جنهن منجهه رهندي، مارئيءَ، "ماروڇام مليز جو" ڪٽيو هو. آءٌ انهن رت ڙڻ جو رابيل آهيان، جيڪي مهاراجا سهيرس جي نڙگهٽ مان سنڌ جي مٽيءَ تي ڪريا هئا. آءٌ اهو اروڙ جو دروازو آهيان، جيڪو سنڌ جي سلامتيءَ جو ضامن بنيو رهيو. آءٌ دريا خان جي حُبّ الوطنيءَ جي سڌ جو پڙاڏو آهيان. آءٌ مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ پيڙيل هڏين جو گودو آهيان. آءٌ نٽي جي مُرڪ آهيان. آءٌ گهوڙن جي پُڇن ۾ بڌي گهلي ماريل انهن سنڌياڻين جي اکين جا اُلا آهيان، جيڪي بغداد جي گهٽي ۾ وڪيون ويون هيون. آءٌ انهن سنڌي گوريلن جي گهوڙن جي سُنبن جو آواز آهيان، جيڪي هڪ صديءَ تائين مغل سامراج جي لشڪر تي توبن جي گولن وانگر ڪرندا رهيا. آءٌ روپلي ڪولهيءَ جو روحاني اولاد آهيان. مون هوشوءَ جي لفظن کي پنهنجو ايمان بنايو آهي. آءٌ غلام محمد لغاريءَ جي هنن لفظن کي گيتا، قرآن ۽ انجيل سمجهان ٿو ته:

"این سرزمین سنده مادرِ ما بلوچان است."

(هيءَ سنڌ جي ڌرتي اسان بروچن جي ماءُ آهي.)

منهنجي خواهش آهي ته منهنجي جنازي تي 'ياسين' پڙهڻ بدران شهيد سنڌ الهه بخش جي اها تقرير پڙهي وڃي، جيڪا هن دهليءَ جي 'آزاد

مسلم ڪانفرنس ۾ ڪئي هئي. مون جي. ايم. سيد تي ان وقت ايمان آند هو، جڏهن منهنجو وار وار مذهبي ڪٽرپڻي ۾ ٻُڏو پيو هو. مطلب ته آءٌ اهو سامي آهيان، جنهن چاچري تي مدد خان جي حملي کان اڳ، چاچري جي تباهيءَ بابت رڙيون ڪيون هيون.

o o o

- بي بلبل! جيڪڏهن تنهنجيءَ نڙيءَ مان گيت ختم ٿي وڃن، ته منهنجن دلي جذبن مان گيت ناهجانءِ، جن جذبن کي آءٌ ڪوبہ روپ ڏئي نہ سگهيو آهيان! - نامعلوم

o o o

- اسان ماڻهو جيل جي ماحول ۾ انساني مُرڪ لاءِ ايڏو سِڪي ويندا آهيون، جو ان ماحول کان ٻاهر اسان کي ڪو ماڻهو ٿورڙي بہ مُرڪ جي روشني ڏيندو آهي ته اسان زندگيءَ جي سينيِ گهراين ۽ سچاين سان ان تي نچاور ٿيڻ لڳندا آهيون. جڏهن ڪو ماڻهو مُرڪندو آهي ته ان وقت مون کي پرهہ ڦٽڻ جو احساس ٿيندو آهي، ۽ جڏهن ننڍڙو ٻار مُرڪندو آهي ته ڪائنات جي مستقبل جي باري ۾ اونداهي دؤر جون سموريون ۽ سڀ طرفيون ڏندڪٿائون وکرنديون نظر ايندينون آهن. آءٌ سمجهان ٿو ته جوهري جنگ کي صرف دوشيزه جو ڳورهو ۽ ٻار جي مُرڪ ئي روڪي سگهن ٿا.

o o o

- ڪنهن وقت مون اهڙا چهرا تلاش پئي ڪيا، جن جي چپن تي مُرڪ ائين ريلا ڪري وهندي هجي، جيئن ننڍڙي ٻار جي راڦن مان ماءُ جي ٿڃ ريلا ڪري نڪرندي آهي. پر آءٌ چريو هوس، مون کي خبر نہ هئي ته هن ڏرتيءَ تي انسان جي چهري تان آخري پيرو مرڪ تڏهن غائب ٿي، جڏهن پٽائيءَ جي جيئري جاڳندين آڱرين ۾ تنبوري جي تارُن کي ڇهڻ جي طاقت نہ رهي، ۽ ان کان پوءِ سندڙ جو ماڻهو هميشہ روئندو رهيو آهي. ايتري قدر جو اڄ هن جي اکين مان ڳوڙهن جو پاڻي بہ سُڪي ويو آهي ۽ هو روئي بہ نہ ٿو سگهي. هن جي ڳل تي اهو ڳوڙهو بہ نظر نہ ٿو اچي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت زندگيءَ جي حرارت هجي ۽ ايٽم جي تباهي پڻ. اهو ڳوڙهو اهڙو ته گرم هجي، جو ڪنهن ان ڇُهيل جسم تي ڪِرڻ سان ان جون لؤندڑيون بہ

گرم ٿي وڃن. اڄ ته سنڌ جي ماڻهوءَ جي چهري تي ڪاوڙ جي بجاءِ ڏک رهجي ويو آهي. سنڌ سڄي ڏکويل چهرا!

o o o

– تنهنجي وارن جي
بدليل ربن ڏسي سمجهيم،
تون رات ديوتيءَ تان غير حاضر هُئينءَ،
ءِ تنهنجي چال ڏسي سوچيم،
تو رات ڪٿي گذاري!

o o o

– اڄ دنيا جي اُسرندڙ ملڪن جا اڳواڻ ڪوشش پيا ڪن ته ڪين عالمي اداري ۾ باوقار حيثيت ملي، يعني اقوام متحده ۾ پنجن وڏين طاقتن جي وڏيرپ ختم ٿئي. عين ان وقت منهنجي ملڪ جو وڏيرو ءِ ڪي سياستدان ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ڪين حد جي ٽاڻي جو ننڍو صوبيدار پگل بينچ يا مير علي مراد جي دؤر جي ٽُٽل ڪرسيءَ تي ويهاري ته جيئن مانَ ءِ شان سان موٽي وڃي هارين نارين تي رعب رکان!

o o o

– جيڪڏهن اوهان کي غريب جي طاقت جو اندازو نه آهي ته ان کوڙ کان پُڇو، جنهن زمين کي چيري انسان کي مهذب بنايو. جيڪڏهن توهان کي اميرن جي زوال تي يقين نه آهي ته تباهہ ٿيل کنڊرن کان پڇو، اهي توهان کي جواب ڏيندا. ڪيتريءَ مدت کان اسان جي پرسان بيٺل جهوپڙا اڃا موجود آهن، پر اسان کنڊر بنجي ويا آهيون. جهوپڙيءَ ۾ پرندڙ ڏيئو اڃا موجود آهي، پر اسان ۾ پرندڙ فانوسن جي ٽڪرن جو نشان ئي نه آهي.

o o o

– جڏهن 1876ع ۾ يوگوسلايائي عوام، ترڪ سامراج خلاف آزاديءَ جي جدوجهد شروع ڪئي ته ترڪ سامراج عوام کي قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. ان وقت طبق نالي ڳوٺ جي هڪ چرچ ۾ ٻن هزارن ءِ عورتن پناهہ وڃي ورتي. ترڪن انهيءَ چرچ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. ان وقت انهن هارن ءِ عورتن، هٿن جي ٽُنهن سان هڪ ڪوهہ ڪوٽي پاڻي حاصل

ڪيو. اهو اڃا اتي موجود آهي ۽ انساني جدوجهد جي عظيم علامت ۽ قومي يادگار طور محفوظ ڪيو ويو آهي. پر افسوس ترڪ مسلمانن انهن ٻن هزارن عورتن ۽ ٻارن مان ڪنهن هڪ کي به زنده نه ڇڏيو.

- امرتا پريتم جي ڪتاب "رسيدي ٽڪٽ" تان ورتل.

o o o

- گهٽو وقت اڳي جڏهن مون سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ سان گڏ سنڌي جديد شاعري پڙهڻ شروع ڪئي هئي، ان وقت مون دوستن کي چيو هو ته هڪ ئي شيءِ آهي، جنهن ۾ اسان خود ڪفيل آهيون، ۽ پين ملڪن کي برآمد ڪري سگهون ٿا، اها آهي شاعري! اسان جي قديم يا جديد شاعري، مڪمل ترقي پسند آهي ۽ ان ۾ انساني آزاديءَ، مساوات. امن ۽ عالمي پائيچاري جو پرپور پيغام موجود آهي. ان معنيٰ ۾ اسان جو قديم ترين شاعراڻو ورثو انتهائي شاندار ۽ ترقي پسند آهي. ان ڪري قديم جي اها معنيٰ هرگز نه آهي ته جيڪا شيءِ قديم آهي، سا لازمي طرح رجعت پسند آهي. البت هن دؤر ۾ اسان جي ڪجهه سنڌي شاعرن جي شاعري پڙهندي مون کي ذري گهٽ اُلٽي اچي ويندي آهي. هن دؤر ۾ ڪو سٺو سنڌي شعر پڙهڻ لاءِ طبيعت ايڏي ماندي آهي، جهڙي چاندوڪي رات ۾ ڪارن وارن جي ڇانوَ ۾ ڪنهن چانديءَ جهڙي چهري تي چُمي ڏيڻ لاءِ طبيعت ۾ تانگهه هوندي آهي. اسان جي شاعريءَ جو عظيم ۽ شاندار ورثو 1972ع تائين آهي. 1972ع کان پوءِ (1980ع تائين) اسان وٽ ڪيترن شاعرن پنهنجي شعر کي ٽي. وي ۽ ريڊيو جي معيار ۽ معاوضي مطابق لکڻ شروع ڪيو آهي، ۽ اهو لاڙو خير ناهي سنڌيءَ شاعريءَ جو ڪهڙو حشر ڪندو؟ 1972ع کان پوءِ (1980ع تائين) اسان وٽ صرف چار طاقتور شاعريءَ جا آواز پيدا ٿيا آهن: ادل سومرو، اياز گل، مختيار ملڪ ۽ حليم باغي. پهريان ٽي شاعر چپچي ويا آهن، باقي باغي اڃا ڪنهن رسالي ۾ چپيو ڪونه آهي.

o o o

- امر جليل، فن ۽ فنڪار جو طبقاتي تجزيو ڪندي لکيو آهي ته، "ٺڪور جيئن ته وڏو سرمائيدار هو، ان ڪري ڪيس پنهنجي فن کي شهرت

ڏيڻ جو موقعو ملي ويو ۽ هن يورپ جا سير ڪري، پنهنجو فن اتي متعارف ڪرايو. ان ڪري ڪيس نوبل پرائيز مليو، ورنہ چيٽرجي، بنگال جو وڏو فنڪار ۽ ڪهاڻيڪار هو."

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ فن ۽ فڪر جي طبقاتي حيثيت ضرور اثر انداز ٿيندي آهي، جنهن جو مثال اسان وٽ سنڌ ۾ ڪيترن ڀيرن، مخدومن ۽ سيدن جو شاعر جي حيثيت سان تعارف آهي. پر هروپرو ٽئگور کي نوبل پرائيز سندس طبقاتي حيثيت ڪونہ ڏياريو هو. جيسين تائين منهنجو مطالعو آهي تہ ٽئگور جي ڪتاب "**گيتا نجلي**" جي مقابلي ۾ خليل جبران جو ڪتاب "پيغمبر" آيو هو. "**پيغمبر**" نثر ۾ هو ۽ "گيتانجلي" نظم جو ڪتاب هو. وڏي ڇڙپيٽيءَ ۽ ڏي وٺ کان پوءِ ڪاميٽيءَ، ٽئگور جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو. هونئن انهيءَ لاءِ ٽئگور پنهنجو ڪوبہ اثر رسوخ استعمال نہ ڪيو هو، نہ ئي ڪيس اهڙي ڪا ضرورت ئي هئي. ٽئگور تي نوبل پرائيز جي حصول لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جو الزام ائين آهي، جيئن ڪو لطيف تي الزام هڻي تہ هو علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان عربي سبق تيار ڪرڻ واري شعبي جي چارج امر جليل کان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

هونئن بہ عالمي شهرت ۽ فني مقبوليت، رڳو عهدي، دولت، شڪل صورت ۽ سرڪاري اثر رسوخ جي ڪري حاصل ٿي ها تہ ميونخ ۾ ٿيل "ڊراما فيسٽيول" جي عالمي مقابلي ۾ علي بابا جي ڊرامي کي ٽيون نمبر نہ ملي ها. ڇو تہ هن وٽ نہ پورو پاڙو هوندو آهي، نہ پيسو. ويندي سنڌ مسڪينيءَ جو حال اهو آهي، جو وٽس هڪ پيرو ڪنهن ڊرامي لکڻ لاءِ پينْ ۾ نب ڪانہ هئي، ۽ هو نياز همايونيءَ کان منهنجي موجودگيءَ ۾ ڊزن ڪن نب ڪٽي ويو هو. هروپرو پين جو نب نہ هجڻ، ڪنهن کي عالمي شهرت کان روڪي نہ ٿو سگهي. علي بابا جي وار وار مان تخليق جا سرچشما ڦُٽي نڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن .اڳتي هلي ڇا ثابت ٿئي، پر اڄ عالمي ادب ۾ ڪرشن چندر کان منشي پريم چند اردو ادب جي حوالي سان وڏيڪ عالمي شهرت يافتہ آهي، جيتوڻيڪ هو پرائمري ماستر هو.

o o o

– 1926ع ۾ ٽئگور رومانيا ويو. اتي هڪ ڏينڊ جي ڪناري تي هن 6 نومبر تي هڪ وڻ پوکيو ۽ هڪ نظم لکيائين ته:

"مان جڏهن هن سرزمين تي نه هوندس، ان وقت به منهنجو هي وڻ توهان جي بهار کي نوان گوڻيچ ڏيندو ۽ واٿهڻن کي چوندو ته هڪ شاعر هن سرزمين کي پيار ڪيو هو!" (رسيدي ٽڪٽ تان ورتل)

o o o

– هوءَ جڏهن به مون کي انجيڪشن هڻڻ ايندي هئي ته سندس ڳورا پلڪ جهڪيل هوندا هئا، سندس چپڙن جي ڪنارن تي مُرڪ جي باک ڦٽندي رهندي هئي ۽ زبان جي چوٽي ٻاهر نڪتل هوندي هئس. هوءَ ڪافي وقت انهيءَ ڪيفيت ۾ منهنجي مٿان جهُڪي رهندي هئي. هڪ ڏينهن اوچتو پُڇي ويني، "توهان کي ٻار ٻچا آهن." ورائيم ته، "اولاد ته ڪونهي، پر زال ضرور اٿم." پڇيائين، "پڇڻ چو نه ايندي آهي؟" مون اصلي سبب لڪائي چيو، "هوءَ گهر کان ٻاهر نه نڪرندي آهي." پڇيائين، "چو؟" ورندي ڏنم، "اسان جون روايتون اهڙيون آهن." چيائين، "تو اهڙين روايتن واري چوڪريءَ سان شادي چو ڪئي، جيڪا روايتن جي زنجيرن ۾ ايتري جڪڙيل هجي، جو بيماريءَ جي بستري تي بيمار مڙس کان پُڇڻ لاءِ به نه اچي سگهي!" چيم، "بي بي توکي ڪهڙي خبر ته وچوڙو ۽ فراق ڇا ٿيندو آهي؟ توکي ڪهڙي خبر ته مهينن تائين اکڻ جي چانئٽ تي اکين جي چاهٽ جا ڇاٽا رجائڻ ۾ ڪيڏي لذت هوندي آهي، جيڪا جسم جي ڪشش کان گهٽو مٽي ڪٽي ويندي آهي. اهو ان ڪري، جو تو لطيف جو سُر سامونڊي نه پڙهيو آهي. تو ڪڏهن سمنڊ جي ڪناري ڏياريءَ جا ڏيئا نه هاريا آهن. تو ڪڏهن اڪا نه وڏا آهن. تو ڪڏهن ٻيڙيءَ جي ونجهه کي پاڪر وجهي رُنو نه آهي ۽ تو ڪڏهن سامهون ايندڙ سياري ۾، اڌارا آڻي آونگ نه چاڙهيا آهن. تو ڪڏهن اتر لڳڻ تي پرينءَ جي اچڻ جي آس نه ڪئي آهي. تو ڪاڏ جي موٽڻ لاءِ سهسين سڪائون نه ڪيون آهن. تو سرن جي چوٽين تي، سنڌي پٽڪي جي طرن جهڙا گل ناهن ڏنا. تو ڪُهيل لوهيڙن جي سونهن تي سوچيو ئي ناهي."

ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ مون کي مهربان نرس جي بجاءِ خميني‌ءَ وانگر روڊ لڳندي آهي.

o o o

- رات سويل اڪ ڪُلي پئي، تقريباً ڇٽين وڳي. سوچيم، مولانا آزاد جي سنت تازي ڪريان. ان ڪري اُٽيس، ڏندڻ ڪري ۽ غسل مان واندو ٿي آيس. ديوٽي ڏيندڙ پوليس واري کي غائب ڏٺم. خيال هوم ته پوليس واري کي چوان ته سليماني چانهه جو ڪوپ ناهي ڏئي ته ويهي ڪجهه لکان. انهيءَ خيال سان دروازو کوليم ته سامهون نرس مرڪندي آئي ۽ ايندي شرط چوڻ لڳي، "توبه اتني گهري نيند سوتي هو، صرف اپني لکني کي وقت جاگتي هو، باقي ڪمري سي باهر ڪڇ بهي هوتا رهي آپ کو ڪُڇ معلوم نهين!" چيم، "ڪمري جي باهران ته نهيو، پر پوري دنيا ۾ جيکي ڪجهه ٿيندو رهي ٿو، ان جي به ٿوري خبر پوندي رهي ٿي." "اچا! تو ڪيا هوا هي اس وارڊ مين؟" وارڊ ۾ چا ٿيندو آهي، سو سوچي مان صرف مرڪيس. نرس ٽهڪ ڏيندي چيو ته، "خدا کي قسم جو آپ سوچ رهي هين، اس کي علاوه ڪُڇ هوا هي." آءٌ حيران ٿي کيس ڏسڻ لڳس. "ايک عورت جو سنڊ کي ديهات سي آئي ٿي، مر گئي." هن ڏاڍي سڪون سان مُرڪندي چيو. آءٌ ڏڪي ويس. الائجي ڇو، مون هميشه هن ڪائنات کي عورت جي روپ ۾ ڏٺو آهي، ۽ جڏهن به ڪا عورت مرندي آهي، تڏهن آءٌ ائين سمجهندو آهيان، جڙ ڪائنات جي واڌاري جي رفتار رڪجي ويندي ۽ زندگيءَ جو عمل، جيڪو عورت سان وابسته هو، سو هڪدم بيهي ويندو. منهنجي خيال ۾، ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ قديم سنڌين جو نظريو حقيقتن کي وڌيڪ ويجهو هو يا نه، پر ان ۾ عورت جي خلقٽهار واري حيثيت تسليم ڪئي وئي هئي. چيو وڃي ٿو ته موهن جي دڙي وارن ڪائنات کي اُگهاڙي عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو هو، جيکا پلٽي ماريو ويٺي آهي ۽ سندس ٻئي نظرون پنهنجي خاص عضوي تي جميل آهن، جتان ڪڪ جو هڪ سلو نڪري، وڏي رهيو آهي. عورت اجون اکيون خماريل آهن ۽ سندس مک تي اطمينان واري ابدي مُرڪ چانيل اهي. چيو ويو آهي ته سنڌين جي نظر ۾ اها ڪائنات آهي. ان ڪري جڏهن مون هن عورت جي مرڻ جي خبر ٻڌي ته ائين سمجهيم ته تخليق جو ٻوٽو سُڪي ويو ۽ ڪائنات جي واڌ رڪجي ويندي.

آءٌ دوست محمد (سپاهيءَ) کي سليماني چانهہ جو چئي، واپس اچي لکڻ ويٺس تہ روم جو دروازو ٽکاءُ سان کليو. مون ڊائريءَ تان نظرون هٽائي ڏنو تہ دروازي ۾ ساڳي نرس ٻني کيسن ۾ هٿ وجهي، انتهائي دلکش انداز ۾ مرکي رهي هئي. نرس کي مرکندو ڏسي، آءٌ ٻہ مرکي پيس تہ هن چيو، "دروازو زور سان کولڻ لاءِ معافي ٿي ونان." آءٌ ان طرح دوازي کولڻ جو مطلب نہ سمجهي ٻہ چئي ويٺس تہ، "نہ، ڪا ڳالهہ نہ آهي. دروازي زور سان کلڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ مون اهو سمجهيو تہ ڪائنات پنهنجيءَ پوريءَ رفتار سان اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ ٻاهر زندگي سنڌوءَ جي رفتار سان جاري آهي." نرس، منهنجي ڳالهہ نہ سمجهندي، هڪ انداز سان مُرڪندي ٻاهر نڪري وئي. مون کي پنهنجا لفظ ائين ضايع ٿيندا ڏسي، ابوالڪلام آزاد ياد آيو، جنهن چيو هو تہ، "آءٌ اهڙي دؤر ۾ پيدا ڪيو ويو آهيان، جنهن دؤر جو ماڻهو نہ آهيان!"

o o o

- "اڄ تيرهين صديءَ جي هڪ گرجا گهر کي ڏسي رهي هيس، جيڪا هڪ پهاڙ جي چوٽي ڪٽي، چلي ناهي وئي آهي. مٿاهين ٿلهي کان هڪ ننڍي ڏاڪڻ پٽرن جي هڪ غار ۾ وئي ٿي. غار ۾ هڪ ڇڪ محسوس ٿي. هيڪندي ڪنهن کان پڇيم، "ڇا، مان ان غار ۾ وڃي سگهان ٿي؟" اها جڳهہ جهڙوڪر زبردستيءَ مون کي ڇڪي رهي هئي. پر پوءِ مون خود ئي هيڪي سوچيو، "شايد نہ!" ان ڪري، جو ڏٺم تہ ماڻهو انهيءَ ٿلهي کي چُمي رهيا آهن. سو سوچيم، شايد چمڻ واريءَ جاءِ تي پير رکي اڳتي وڃي نہ ٿي سگهيس، جو مون کي جواب مليو، "انهيءَ غار ۾ هڪ طاق رکيل آهي، جتي ڏيئو ٻاري، اسان جا اديب، ڌارين حملي آورن کان لڪي، وقت جي تاريخ لکندا هئا."

- امرتا پريتم جي آرمينيا "رسيدي ٽڪٽ" تان ورتل)

o o o

- چيو وڃي ٿو تہ، 'اسان آزاد آهيون، اسان جدوجهد ڪري آزادي ورتي آهي. نتيجي طور عوام آزاديءَ مان فائدو حاصل ڪري رهيو آهي.'
اهڙيون دعوائون سڀ ڪوڙيون آهن، ٻتاکون آهن ۽ فريب ڪاريون

آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ اڄ هن ملڪ تي انگريز جو روحاني اولاد حڪومت ڪري رهيو آهي. هندستان ۾ اهو طبقو حڪمران آهي، جنهن جيل، لٹيون ۽ گوليون کاڌيون. ان جي برعڪس اسان وٽ اهو طبقو شروع کان وٹي حڪومت ڪندو رهيو آهي، جنهن عوام تي انگريزن جي چوڻ تي گوليون هلايون. انگريزن جي وفاداريءَ ۾ نہ صرف هتي جي حريت پسند عوام کي قتل ڪيو ويو، پر انهيءَ ٽولي پنهنجين ڏاڙهين سان سامراج لاءِ رستا صاف ڪرايا، ۽ پنهنجي زالن جي ساڙهين ۽ انبر ويئرن سان غير ملڪي آقائن جي بوٹن کي پالش ڪرڻ پنهنجو شان سمجهيو هو. انگريزي سپاهيءَ کي بچائڻ لاءِ ديسي آفيسر، چانور انگريزي سپاهيءَ کي ڏيندو هو ۽ پاڻ رڳو پيج تي گذارو ڪندو هو. جڏهن 1829ع ۾ انگريزي فوج، شاهہ شجاع کي تخت وٹي ڏيڻ لاءِ افغانستان ڏانهن رواني ٹي تہ ان وقت بهاول پور مان فوج کي مَٹو هو. جنهن جو اطلاع نواب صاحب کي اڳواٹ ڏنو ويو. نواب صاحب، پنهنجي رياست جي وڏڙن کي حڪم ڏنو، تہ جتان جتان انگريز فوج مَٹي، ان رستي کي ڏاڙهين سان اهڙيءَ ريت ٻُهاريو وڃي، جيئن ان تي ڪوبہ ڪن ڪچرو نہ رهي. ان سان گڏ اهو حڪم بہ ڏنائين تہ ملڪ ۾ ڳائي، ٻاکري ۽ ريڍي مال سان گڏ ڪُڪڙ ۽ پکي جيڪي هجن، سي اڇي انگريزن جي مهمانيءَ لاءِ موجود ڪريو. نتيجي طور رياست ۾ ڪنهن بہ غريب ماڻهوءَ وٹ صحتمند جانورنہ بچيو. انهيءَ مدد جي آڌار تي انگريزن سنڌ ۽ بلوچستان فتح ڪيا. افسوس اهو اٹم تہ هوشو ۽ روپلي جي غيرتمند رت تي انهيءَ غدار نواب جي پوٹي جا بوٹ آهن، يعني نواب جو پوٹو، سنڌ جو، هوشو ۽ روپلي جي ديس جو گورنر آهي، ۽ اسان جي زخمي، مجبور ۽ بيوس حب الوطنيءَ تي ٹهڪ ڏئي رهيو آهي.

o o o

– انسان جي عظمت کي ڏسي، چئي سگهجي ٹو تہ انسان پنهنجي ڪائنات جا خدا آهن. انسان، انسانيت جي ويرين لاءِ موت جي گجگوڙ آهي. انسان ڪنهن نئين دنيا جو خالق آهي. انسان ڪنهن نئين صبح جو پيغمبر آهي. انسان ڪنهن نئينءَ پرهہ جو پيدا ڪندڙ آهي. انسان ڪنهن

ازل ۽ ابد جو اهو لافاني گيت آهي، جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ ڇُرندڙ جيوَ جي اندر ايندڙ انسان جو شعور ٿوڪيندڙ اسرافيل لڳندو آهي.

o o o

- منهنجي گهر تي ڪوبہ سيڄاڻپ نمبر ناهي. پوريءَ سنڌ ۾ اهڙا هزارين گهر آهن، جن جي دروازن تي ڪوبہ سيڄاڻپ نمبر ناهي، ۽ نہ انهن گهرن ڏانهن ويندڙ رستن جا ڪي نالا ۽ نشان آهن.

بي نمبر گهر ۽ بي نام رستا سڀ منهنجا پنهنجا آهن. انهن سيني گهرن ۽ رستن تي نمبر ۽ نالا هئا، پر هن ڌرتيءَ جي تاريخ جي ڳوڙهن سڀ مٽائي ڇڏيا. هن ملڪ ڪي سنڌوءَ جي ٻوڏن ايترو مرجهايل نہ بنايو آهي، جيترو تاريخ جي ڳوڙهن!

آءٌ جڏهن امڙ ڪان موڪلائيندو آهيان، تڏهن سندس اکين ۾ آيل ڳوڙها مون کي سنڌ جي تاريخ جا ڳوڙها ياسندا آهن ۽ پوءِ جڏهن مان سندس سفيد سينڌ ڏانهن ڏسندو آهيان تہ ان ۾ مون کي سورج جا سمورا ڪرڻا جرڪندا نظر ايندا آهن. الائجي ڇو؟... - (مرڪزي خيال "رسيدي ٽڪٽ" تان ورتل)

o o o

- بابا آءٌ سڄي عمر سنڌ جي سلامتيءَ لاءِ وڙهندو رهيو آهيان، ڇو تہ منهنجي ٻهرين نظر تنهنجي پٽڪي تي پيئي هئي- ۽ پوءِ جڏهن منهنجي شعور انفراديت جون سرحدون لتاڙي اجتماعيت جي سدا بهار ڪيتن ۾ قدم رکيو، ان وقت هن ڌرتيءَ جي هر انسان جو پٽڪو مون کي تنهنجو پٽڪو نظر آيو هو. پر خبر ناهي ڇو، مون کي اهو پَٽڪو ڪجهہ ميرو نظر آيو؟ ان ڏينهن مون لطيف جي هن بيت جي معنيٰ سمجهي ورتي تہ:

سونهن وڃايم سومرا، ميرو مُنهن ٽيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهہ حُسن ري.

اُن ڇاڻاٽ مون نہ صرف ان تنهنجي پٽڪي جي سلامتيءَ لاءِ وڙهڻ شروع ڪيو، پر ان تان مَرُ جا تهہ لاهڻ جي بہ ڪوشش ڪيم، ڇو تہ اُها مَرُ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ مون کي ڪجهہ اوپري لڳي هئي. پوءِ سمجهيم تہ اها مَرُ غلاميءَ ۽ غربت جي آهي، جيڪا هوشوءَ جي

شهادت کان پوءِ هر سنڌيءَ جي پٽڪي کي لڳي چڪي آهي، ۽ جيڪا هر حالت ۾ لاهڻي آهي سيني پٽڪن تان!

o o o

– آءٌ جڏهن به جيلن جي ڏکڻي سفر ۾ ٽڪجي پوندو آهيان ۽ تڪليفن جي اُس منهنجي جسم کي ساڙڻ لڳندي آهي، تڏهن تنهنجي محبت ۽ شفقت، آسوءَ جا اوهيرا بنجي، اُپ کي آسائتو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اُس جي گرميءَ کي ستارن جي ڇانوري ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجي من ۾ جڏهن به خيالن جون اونداهيون بسيرو ڪري، ان کي اوجهڙ ۽ اوتڙ لاءِ وٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، ان وقت تنهنجي سينڌ جا اڇا وار ڏٺي جي لاٽن وانگر اُپري، اونداهيءَ کي ٽڙي ڪيندا آهن، ۽ آءٌ پنهنجيءَ منزل جي سنئين رستي تي اڳتي وڌڻ شروع ڪندو آهيان. پر ان وقت ۾ منهنجو هٿ، تنهنجي هٿ ۾ هوندو آهي ۽ نگاهون تنهنجيءَ سينڌ جي ڏياڻين تي؛ ڇو ته هيڏي ساري سنسار ۾ تون ئي آهين، جنهن جي آسري تي آءٌ اڳتي وڌي سگهان ٿو، ڇو ته تون سنڌ جو ٻيو روپ آهين!

o o o

– عابد مظهر آيو، ڪتاب "رڇنا" ڪٽي.

مٽان لکيل هو:

"علي بابا ۽ عابد مظهر طرفان عبدالواحد آريسر لاءِ ننڍڙو تحفو."

نذرالسلام کي جڏهن ڪلڪتي جي شهرين گلدستو پيش ڪندي چيو هو ته، "اسان هيءُ حقير تحفو ڏئي رهيا آهيون." ان وقت نذرل چيو هو ته، "تحفي کي نه، پر ڏينڌڙ هٿ کي ڏئو ويندو آهي. ان ڪري آءٌ وصيت ٿو ڪريان ته جڏهن منهنجي زندگيءَ جو سج اونداهين جي غفائن ۾ گُم ٿي وڃي، تڏهن انهن گلن جي خوشبوءِ کي منهنجي ڪفن جي ٽانڪن ۾ سمي ڇڏجو، جيئن خوشبوءِ جو هيراڪ منهنجو ذهن، مٽن مٽيءَ ۾ پُوساڻجي نه وڃي."

آءٌ به علي بابا ۽ عابد مظهر جي تحفي لاءِ ائين ئي چوندس. عابد منهنجو دوست آهي، ۽ علي بابا، سنڌ جو اهو اڪيلو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن سنڌي سماج کي صحيح ريت سمجهيو آهي.

o o o

- اسپتال جي بستري تي سُتل هوس تہ ڪجهہ دوست آيا، جن ملڪ جي اندروني صورتحال ۽ عالمي سياست تي ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڳالهيون هلنديون، حيدرآباد ريڊيي تان عابده پروين جي آواز ۾ خوش خير محمد فقير جو ڪلام "نت ناز سکيو آهين، نوان نوان!" شروع ٿيو. اسپتال جي ڪنيءَ ۾ت واري ماحول ۾ عابده پروين جي آواز ۾ خوش خير محمد جا لفظ ائين سرهاڻ پکيڙڻ لڳا، جيئن ڪائي چنبيليءَ ول جهڙي ڇڳ، سيج کي سرهو ڪري ڇڏيندي آهي. مون هٿ جي اشاري سان سياسي گفتگو روڪائي، دماغ جون دريون عابده جي آواز جي سرهاڻ جهٽڻ لاءِ کولي ڇڏيون. ان آواز منهنجي دماغ تي حُسن جي بُوند وسائي ڇڏي ۽ منهنجون اکيون ٻُوٽجي ويون. اوچتو اکيون تڏهن کليون، جڏهن جلال چانديي جي چپڙين ڏري گهٽ منهنجي ننڍڙي، نازڪ ۽ نفيس جپاني ريڊيي جي اسپيڪر کي توڙي ٽي ڇڏيو. ريڊيو بند ڪري دوستن ڏانهن ڏٺم، سندن مهاڏن تي ڪروڌ جون ريکائون هيون، ان ڪري جو مون سندن محبوب موضوع سياست کان ٻاهر نڪري، وقتي طرح پاڻ کي عابده پروين جي آواز جي پاڪرن ۾ اُجلائي ڇڏيو هو. کين ڏکويل ڏسي چيم تہ، "هيءَ خوبصورت يا تلخ، پر آهي حقيقت، تہ اسان سياستدان کان وڌيڪ صوفي آهيون. سنڌ جا بهترين محب وطن سياسي ڪارڪن، تاريخ جي هر دؤر ۾ سياستدان کان وڌيڪ بهتر صوفي هٿا، ۽ سنڌ جا ڪيترا بهترين سياستدان هميشه غدار رهيا هٿا، جو تہ اُهي صوفي نہ هٿا. ڪنهن ويٺامي شاعر چيو هو تہ، "اسان هميشه پنهنجي شاعريءَ جي سلامتيءَ جي دعا گهرندا آهيون، جيئن ان شاعريءَ وسيلي اسان انسان ذات کي امن ۽ سلامتيءَ ۾ رکي ۽ ڏسي سگهون." ساڳيءَ طرح اسان پنهنجي شاعريءَ کي آواز جي فرشتي جو روپ ڏيندڙ فنڪارن سان محبت ڪندا آهيون، جيئن ان شاعريءَ جي فرشتي ذريعي اسان پنهنجي مادر وطن سنڌ، ان جي ماڻهن ۽ لوئيءَ ۽ لڄ سان لافاني محبت ڪري سگهون، ان کي باقي رکي سگهون ۽ وڌائي سگهون!

o o o

- سُڪل چپ، ڪاتل ڪپڙا، ڪنڊريل ڏاڑهي، پيشانيءَ تي ناقابل

برداشت پيڙا جا پيرا، لگ لڙاٽيل، قد سنئون، بت پريل، اکين ۾ گوڙيءَ جي مندر ۾ پيل برف جي هيرن وانگر چمڪ، پر ان سان گڏ سندس نگاهن ۾ ڪي صدين جون صدائون، ليئا پائي رهيون هيون. سڪل ٿوٽ ڪل، ڪل هڏن کان جدا ٿيل، هٿ ۾ لٺ، هو مون کي غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبري جي دروازي تي مليو. مون کي ڏسندي، مون تي هراسيل نگاهن سان نظر وجهي، ڪنهن طرف لُوهه پائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر منهنجي آواز "چاچا سائين! ترسجو،" تي بيهي رهيو. آءٌ ويس. مون ۾ چتائي ڏسي چوڻ لڳو، "شڪل منهنجي لاءِ اوپري آهي، پر ٻڇڙا! تنهنجو آواز منهنجي لاءِ ڄاڻل سڃاتل پيو لڳي. آءٌ سمجهان ٿو، اهو آواز هن سرزمين تي ڪنهن دؤر ۾ مون ٻڌو آهي، ۽ اهو مون کي پنهنجي وجود جو ڪو پاڇولو نظر پيو اچي يا ڪا صدين جي ٽُٽل صدا، جيڪا زماني جي لاهين چاڑهين جي ڪري، پنهنجو ميناڻ ۽ اثر وڃائي ويٺي آهي- بلڪل ان چوڪريءَ وانگر جيڪا سر بازار ننگي وڪامجي چڪي هجي، پر پنهنجي سَرير ۽ سَٽ جي زخمن کي رَٽ ۽ پوڻ جي ڪَڙين سان ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. آءٌ پانيان ٿو، تنهنجو هيءُ ٻُڪڻ ان صدا کي ڪوئي آواز ۽ ساز ڏئي سگهي. پر اهو آواز ۽ ساز صدين جي امانت آئي، انَ جي حفاظت ڪجانءِ! پر پوءِ مون واري حالت ٿيندئي." ٻڌيم، "سائين! توهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان پيا اچو؟ ۽ هي اوهان جي نگاهن ۾ بيقراري ۽ هراس ڇا جو آهي؟" جواب ڏنائين، "آءٌ سچ آهيان. مون ڏاهر جي رت ڦڙن مان جنم ورتو. ٻڌائيءَ جي شاعريءَ جي ٽڄ پي وڏو ٿيس. نارو پڳٽ جي آواز جي ڪُلهن تي چڙهي مون راند ڪئي. مون کي ڪنور پڳٽ سان گڏ ڪَهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اتان مون کي الهه بخش جي جهنڊي سان گڏ اونڌو لٽڪايو ويو. مون سنڌوءَ جي ڪناري هڪ ننڍڙي وستيءَ ۾ پنهنجو ديرو جمايو. اڄ رني ڪوٽ کان ٿيندو، نيرن جو قلعو ڏسڻ آيس. اتي ٻڌائيءَ جي ڪوڙن پوئلڳن مون کي متهنجي قلم جا پٿر هنيا. اديبن پنهنجي قلم جي سموري مَس منهنجي چهري تي مَلڻ جي ڪوشش ڪئي. دانشورن پنهنجيءَ سَکڻي سوچ جي تيرن سان منهنجي مُهانڊي کي زخمي ڪرڻ چاهيو. شاعرن، پنهنجي دوکيبازيءَ جي لفاظيءَ جي زنجيرن ۾ جَکڙڻ

چاهيو. عورتن مون کي سينٽ جي شيشي سمجهي پنهنجي جسم جي ڪپڑن تي لڳائڻ چاهيو، جيئن سندن اگهوتريءَ ۾ اضافو ٿئي. اخبارن جي ايڊيٽرن منهنجي شڪل پوندي جهڙي ٺاهڻ چاهي. آءٌ تنهنجو شهر ڇڏي پڳس ته جيئن سڌ جي هن هاڪاري حاڪم غلام شاهه ۽ محبتي مائهو، حيدربخش وٽ ڪجهه وقت ويهي، سنڌين کي پنهنجو وجود ڏيکاريندو رهان. پر مان سمجهان ٿو ته هاڻي مون کي حيدر چوڪ تي هميشه لاءِ ڦاسي ڏئي ڇڏيندا ۽ مون کي ڪوبه ڪونه سڃاڻندو. ان ڪري ڇڙڦ دل ٿي چاهيم ته هتان هليو وڃان، وڃي ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي بانهن ۾ بانهون وجهي گهمان. پر ڊپ ٿو ٿئيم ته ڏاهر جو رت، جيڪو منهنجي روپ ۾ آهي، سو هتان نڪرڻ وقت وري هارجي نه وڃي، بابلا!"

o o o

- اڄ هڪڙي ڊاڪٽر چيو، "آءٌ سمجهان ٿو، سنڌ ۾ فلسفو موٽي اچي رهيو آهي." چيم، "ها، گهٽ ۾ گهٽ، داخليت جي شڪار سنڌي ڪهاڻي ۽ شاعري پڙهڻ کان پوءِ آءٌ سمجهان ٿو ته فلسفي سنڌ ۾ موٽ ڪاڏي آهي." هن پڇيو، "چو؟" چيم، "ان ڪري، جو هڪ مشرقي ڏاهي چيو آهي ته، "'فلسفو شڪ ۽ بي اطمينانيءَ جو دروازو کوليندو آهي، پر ان کي بند ڪري نه سگهندو آهي.' هن دؤر ۾ سائنسي کوجنا، سيني رازن تان ائين پردو کڻي ڇڏيو آهي، جيئن ڪنوار جي چهري تان گهونگهٽ هٽائبو آهي. اهڙي دؤر ۾ انسان جو اديب، پنهنجو وجود ۽ قومي وجود، شڪن جي تهن ۾ ويڙهيندو، اڻڄاڻ ٽيڻ جو ثبوت ڏيڻ ۾ پهنجي قابليت سمجهي رهيو آهي؛ سندس فن ۽ فڪر لفظ جي بيجان تاڃي پيٽي کان سواءِ ڪجهه نه رهيو آهي؛ ان مان سمجهيو اٿم ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ عربن جي زوال واري دؤر جو فلسفو موٽي رهيو آهي."

o o o

- جيل جي زندگيءَ جي ڪا هڪ گهڙي به منهنجي لاءِ اهڙي نه گذري آهي، جو پاڻ کي توکان ڌار سمجهيم. هر شام اُتر جي هوا، تنهنجي جسم ۽ وارن جي خوشبوءِ کڻي ايندي آهي ۽ موٽ ۾ هوا جو اهو ڪبوتر، منهنجي وڇوڙي جي ڳوڙهن سان پنهنجا پَر پُسائي تو ڏانهن روانو ٿيندو

آهي. هوا جي جهوٽن ۾ مون کي نه صرف تنهنجي وارن جي عنبرين خوشبوءِ ايندي آهي، پر ان ۾ تنهنجو اُداس چهرو به ڏسي وٺندو آهيان، جنهن چهري تي ڪنهن آس ۽ اوسيئڑي جي مُرڪ هوندي آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته منهنجي ڳوڙهن سان پُسايل پَرن جي ڪبوتر جي نرمائش ۽ ڪوملتا مان تون منهنجي دل جي حالت جو اندازو لڳائي سگهندين هوندين!! اڄ ڏينهن تائين ڪنهن جي به محبت فرض جي جنگ ۾ شڪست تسليم ڪرڻ لاءِ سوچڻ تي مائل به ڪري نه سگهي آهي، پر ها! تنهنجي محبت منهنجي ارادن جي ڪاڪ محل ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڏاروجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي، اومنهنجي پياري!

o o o

– جڏهن وقت ۽ تاريخ جو سنجوڳ ٿيو،
ان سنجوڳ کي صديون گذريون.
صدين پڇاڻان
جڳن جي بي پناهه پيڙا کان پوءِ
تاريخ جي ڪُک
وقت جي پُٽ کي جنم ڏنو.
اُهو اڪيلو پُٽ تون هُئين!
منهنجو ايمان آهي،
دشمن جي گولي
تنهنجي يقين جي سيني ۾ سوراخ ڪري نه سگهندي.
اي منهنجا دوست!
ديس جي انبوهه ۾ اڻ ڄاتل وانگر ماريل
اي منهنجا پيارا!!
مون توکي هميشه سمجهيو هو،
دل کان ويجهو،
۽ ماڻهن جي نظر ۾ هُئين،
پٽائيءَ جو ڪيڏارو!

o o o

– هر جو تاريڪ راهون مين ماري گئي
تيري هونٽون ڪي چاهت مين
دار ڪي خشڪ ٽهني پر واري گئي!
– فيض)

نذير عباسي ماريو ويو. هن ڏرتيءَ جو هڪ اهڙو نوجوان، جيڪو ماءُ جي ٽڇ وانگر سادو ۽ خالص هو. جنهن جي طبيعت امن جي ڪبوتر جهڙي نرم هئي، ان کي فوجي بوٽن چيپاٽي چڏيو. افسوس رڳو اهو آهر ته نذير جي ساهه جي قيمت سنڌ جي اندر ايتري به اهميت نه رکي، جيتري شيرين جي مغربي زهر آلود جسم جي.

نذير عباسي منهنجو دوست هو، منهنجو پاءُ هو، جيل جو ساٿي هو، پر بهادر شخصيت جو مالڪ هو. نذير عباسيءَ کي ڏسي چئي سگهبو هو ته هڪ انقلابي نظريو، جنهن قسم جي مثالي شخصيت تعمير ڪندو آهي، سا نذير جهڙي ئي هوندي آهي. هو چاچي هوچي منهه جهڙو سادو هوندو هو. بک ۽ ڏک هن وٽ ڪابه حيثيت نه رکندا هئا. هو پورو هڪ سال جيل ۾ مون سان گڏ رهيو هو. انهيءَ عرصي دوران مون هن کي ڪڏهن به ڪاوڙيل نه ڏٺو. هميشه لطيف جي ڪاهوڙين وانگر غربت ۾ گذاريندو هو. ڪراچيءَ جا ڪميونسٽ سندس ڪابه پرگهور نه لهندا هئا. ايتري قدر جو هڪ سال ۾ هن کي هڪ هوائي چپل به وٺي نه ڏنائون، پر هو کين پارٽيءَ نظريي جي عظيم مفاد خاطر ڪجهه به نه چوندو هو، جيتوڻيڪ پناهگير ڪميونسٽ هر شنوائيءَ تي سامان جون بوريون پري ڪٽي ايندا هئا. پناهگير ڪميونسٽ لڏي ۾ نذير عباسيءَ جهڙا سلجهيا نينگر ائين محسوس ٿيندا هئا، جيئن ڪنگن جي وچ ۾ هنج. شايد ٿورن دوستن کي خبر هجي ته نذير هڪ سٺو طنز نگار ليکڪ به هو، جيتوڻيڪ ان لاءِ هن پنهنجو نالو ڪڏهن به استعمال نه ڪيو. اڄ منهنجو دوست تمام پري هليو ويو آهي، انتهائي بيوسيءَ واريءَ حالت ۾. نذير جي موت جو ٻُڌي مون جهڙي اهنسائيءَ جي دل ۾ به هٿيار کڻڻ جو جذبو وقتي طرح پيدا ٿيو آهي.

o o o

– اسپتال جي سرد خاني ۾ هي چچريل، چيپاٽيل ۽ رتوڇاڻ لاش پيو

ٿي. جنهن جي چهري تي لانگ بوٽن جي ڪوڪن جا نشان آهن؛ جنهن جي چاتيءَ تي چُرن جا گهاءُ آهن؛ جنهن جو عضوو عضوو چٽيل، چيپاٽيل ۽ وڏيل آهي. ان لاش جي انهي حالت ۽ ڪيفيت کان پوءِ به سنگينون ٽنبيل رائفلون اُڀيون آهن ۽ اسپتال جي دروازي تي پوري ڪمپنيءَ جو پَهرو آهي.

ها، پر پوءِ به ان لاش جي چهري تي نفرت، عظمت، تقدس ۽ معصوميت جون ريکائون اُپري، اوناهيءَ ۾ روشنيءَ جا ڪِرڻا پکيڙي رهيون آهن. اهو لاش اڪيلو آهي، مٽس ڪوبه معصوم، 'بابا' چئي ڳوڙها ڳاڙڻ وارو ناهي؛ ڪوبه جوپن ڪوڙهن سان ان لاش جي حرارت کي ٽڏاڻ پهچائڻ وارو ناهي. سردخاني ۾ پيل ان لاش جي گرمي ۽ تپاڻ، ڪولڊ اسٽوريج جي ديوارن کي رجائي رهي آهي. نيٺ اهو لاش ڪنهن جو آهي، جيڪو هيڏي وڏي شهر ۾ ائين اڪيلو بيوسيءَ واريءَ حالت ۾ ڪنهن جو انتظار ڪري رهيو آهي؛ ڪا صدا ڪري رهيو آهي؟ جنهن جي چپن تي موت کان پوءِ به هڪ اهڙي للڪار آهي، جنهن جو تسلسل ڪنهن فرد جي موت سان ٽُٽندو نه آهي ۽ نه ئي ٽُٽڻو آهي. جنهن جي رت هاڻين اکين ۾ اهڙي جوت جلي رهي آهي، جنهن جي جيت به امر ٿيندي آهي ۽ جنهن جو موت به مات نه کائيندو آهي. جنهن جي بيجان جسم ۾ اها حشمت ۽ هيبت آهي، جو ڏانهنس اُڀيون ٽيل سنگينون ڪنهن ايندڙ سمي جي خوف کان ڏڪي رهيون آهن: جيڪو سمو، انهن سنگينن جي مالڪن ڏانهن سنڌوءَ جي وهڪري وانگر وڃي رهيو آهي؛ ڪٽڪ جي سلي وانگر وڏي رهيو آهي؛ همالايا جي ڪِرندڙ چپ وانگر تيزيءَ سان ڊوڙندو پيو اچي. جيڪو طوفان بڻجي، وڄ جي روپ ۾ گجگوڙ ڪندو اچي رهيو آهي. سڄ جي سونهري رت تي سوار ٿي، سانن جا ڪنڌ مروڙيندو، بادشاهن کي گهٽين ۾ گهليندو، اميرن جا اوجهه ڪيندو ۽ مذهبي مهندارن جا سينا لتاڙيندو، وحشت، جنون، قهر ۽ ڪاوڪاٽ ڪندو اچي رهيو آهي. هن جي هانهن ۾ ديوتائن جا بَل آهن؛ اکين ۾ باهه جا شعلا آهن، زبان ۾ تلوار جي تيزي آهي. اهڙي وقت جي ويجهڙائيءَ کان سنگينون ڏڪي رهيون آهن؛ اعزازي بلا ڪري رهيا آهن؛ وردين ڪهه جي پُرزن وانگر اُڏامي رهيون آهن- ۽ ڪُٺهه وناهيءَ ۾ اهو وقت، باترتيب ۽ منظم عوام جي ڪُلهن تي سوار

آهي؛ جن جي هٿن ۾ ڪڏهن نه وساميندڙ مشعلون آهن، ۽ اهي مشعلون امر اگنيءَ جون آهن. انهيءَ امر اگنيءَ جي شعلن ۾ هڙ امڙو لاش، هڪ نئين مشعل جو، نئين جهنڊي جو ۽ نئين نعري جو اضافو ڪندو ويندو آهي. پر اهو لاش ڪنهن جو آهي؛ جنهن تي بيئل پهريدار به ڏنل آهن، ته سنگينون به ڏکي رهيون آهن ۽ وردين به ڪپهه جي پوئين وانگر اُڏاميديون نظر اچن ٿيون؟

اهو لاش، دنيا جو قديم ترين، مشهور ترين ۽ گمنام ترين لاش آهي. ها. اهو لاش يسوع مسح جو آهي، جيڪو صليب تي لٽڪيل آهي. اهو لاش حڪيم مانيءَ جو آهي، جنهن جي فڪر ۽ فن کي وقت جي اقتدار جي طوائف ان جي محافظ پڙوي، پنهنجي جسمن لاءِ ٽيزاب پئي سمجهيو؛ نتيجي طور هن کي جيئري ساڙيو ويو هو. اهو لاش سينيڪا جو آهي، جنهن کي روم جي نيرو خودڪشيءَ تي مجبور ڪيو هو. اهو لاش شاهه عنايت جو آهي، جنهن کي قرآن جي ڪالي تي ڪُٽو ويو هو؛ ۽ اهو لاش، هيمون ڪالائيءَ ۽ جيولس فيوچڪ جو لاش آهي. اهو لاش هر انهيءَ باضمير اديب، شاعر، دانشور ۽ سياسي ڪارڪن جو آهي، جنهن جي روح، فوجي جنتا جي تشو پيپرن جهڙن فرمانن مطابق سجدن ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، ۽ جن جا سجدا صرف پنهنجي مادر وطن جي عوام جي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ وقف رهيا آهن. جيڪڏهن تون ۽ مان، هو ۽ هي، باضمير آهيون ته اهو لاش اسان سڀني جو آهي. اي! اهي انسانو، جيڪي نرم بسترن تي عياشيءَ سان سُتا پيا آهيو، سوچيو! ڪٽي اهو لاش توهان جي پُٽ، پوٽي، ڏوهٽي يا نياڻي جو ته ناهي؟ اهو لاش پوريءَ دنيا جي حريت ۽ آزادي پسند نوجوانن جو لاش آهي. انهيءَ لاش جي روپ ۾ مون کي احمد لاسي، ميرداد خان، پڳٽ سنگهه، دت، چي گويرا ۽ قادر صديقي نظر اچي رهيا آهن. ها! هيءُ لاش هر انهيءَ سنڌيءَ جو آهي، جنهن جي ذهن ۽ ضمير جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ذرو به غيرت جو باقي آهي. ها، هيءُ لاش تنهنجو به آهي ته منهنجو به آهي. هيءُ لاش ڏاهر جو به ٽي سگهي ٿو ۽ هر وڙهندڙ منهنجي پاءُ جو به ٽي سگهي ٿو. ها! اهو لاش اڄ ڪهڪ ڏئي رهيو آهي؛ تنهنجيءَ منهنجيءَ بيغيرتيءَ، بزدليءَ، بيحيائيءَ ۽ دلال پائيءَ تي! اُهو ڪهڪ ڏئي رهيو آهي انهن سنگينن جي ٽُنڊ جي آواز تي! اُهو ڪهڪ ڏئي

رهيو آهي عوام جي هٿن ۾ ڪنيل امر اگنيءَ جي مشعلن جي روشنيءَ تي! اهو ٿهڪ ڏئي رهيو آهي، پِچيل ڪپهه جي ذرن وانگر اُڏامندڙ وردين جي چيٿڙن تي! اهو ٿهڪ ڏئي رهيو آهي، پنهنجي دائمي ءِ ابدي فتح جي يقين تي، عوام جي آزاديءَ جي ايمان تي! ظلم جي زنجيرن جي پگهرڻ واري ويساهه ءِ پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي هر ٻُک، ڏک ءِ مصيبت کان آزاديءَ واري وشواس تي هو ٿهڪ ڏئي رهيو آهي!

اي سنڌي انسانو! انهيءَ لاش جي روپ ۾ اوهان سڀ ڏٺگيا پيا آهيو. مردو ءِ عورتو! وڏيرڙ ءِ هاريو! ڊاڪٽرڙ ءِ مريضو! تمام بي شمار بندوقون اوهان جي سينن ڏانهن سڌيون ٽيل آهن ءِ ڪنهن به وقت توهان جا لاش به ائين لٽڪيل نظر ايندا. اهو اوهان کي ڪراچيءَ، اسپتال جي سرد خاني ۾ پيل لاش وڏي واڪي ٻُڌائي رهيو آهي. اهو لاش، سنڌ جي هڪ ڪميونسٽ حريت پسند جو آهي، جنهن جو نالو نذير عباسي آهي. شايد! توهان نه سڃاڻندا هجو، چو ته توهان يا مير علي مراد کي سڃاڻندا آهيو يا چارلس نيپيئر کي!

o o o

– مرحوم پُٽي جي دؤر ۾ بروچن ءِ پٺاڻن تي سازش ڪيس هلائڻ لاءِ حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ خاص طرح عدالت ترتيب ڏيڻ سان گڏ اي ءِ بي ڪلاس جا اسپيشل روم ٺهرايا ويا هئا. خاص ڪري اي ڪلاس کي گيسٽ هائوس وانگر سينگاريو ويو هو، جنهن ۾ ايتريقدر ڊيڪوريشن جو انتظام ڪيو ويو هو، جو باٿ رومن ۾ ڪموڊ، رادون ءِ پنکا به لڳايا ويا هئا. باقي رهائشي ڪمرن کي گرم ءِ سرد رکڻ لاءِ اعليٰ بندوبست ڪيو ويو هو. انهيءَ اي ڪلاس ۾ صرف چار ليڊر– ولي خان، سردار خير بخش مري، عطاءُ الله مينگل ءِ غوث بخش بزنجو رهندا هئا. بزنجي صاحب پنهنجيءَ بلوچ قوميپرستيءَ جي جوش ۾ برداشتي به بروچ رکايا، جيڪي مختلف اخلاقي ڏوهن ۾ سزائون ڪاٽي رهيا هئا.

هڪ ڀيري مسٽر بزنجي، بروچ برداشتيءَ کان پاڻي گهُريو. بروچ برداشتي ڪمود مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيو. بزنجو پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ ونندي سخت گرم ٿي ويو ءِ پڇيائين، "پاڻي ڪٿان آندو اٿئي؟" بروچ

برداشتيءَ انتهائي معصوم ۽ سادگيءَ سان جواب ڏنو تہ، "سائين! اڇي مٽيءَ مان، جيڪا پٽي صاحب خاص اوهان لاءِ نهرائي آهي."

بزنجي لاءِ قيدين ٻڌايو تہ اکيلو ڇٽو ستاويهہ مانيون ۽ ٻہ ڪُڪڙيون، جن ۾ اڌ سير ساوا مرچ پيل هوندا هئا. ڪائي ويندو هو، ۽ ماني ٻہ هميشہ اکيلو ڪائيندو هو. سپني کان گهٽ ڪاڏو مينگل ڪائيندو هو، ۽ اخلاقي طرح، قيدي سردار مريءَ کان متاثر هوندا هئا. جيتوڻيڪ مري صاحب ڪنهن ٻہ قيديءَ سان هٿ نہ ملائيندو هو. ولي خان تہ عام قيديءَ وانگر هيٺين قيدين سان چرچا ۽ گهپا ٻہ ڪندو هو. ان ڪري ولي خان، سياستدان پهرين هو ۽ خان پوءِ- باقي سردار پهرين سردار هئا، سياستدان پوءِ.

o o o

- جيلر منهنجو وارنٽ ڏسي چيو، "تون ملڪ دشمن آهين." آءٌ گودام تان کٽو کڻي، سماج دشمنن جي سمنڊ ۾ گُم ٿي ويس. سنڊي چهرا، وڏا شهپر، ڳاڙهيون اکيون، ويڪل مٿا، موهن جي دڙي جي نُل جيڏا قد، قيدي ڪپڙن ۾ ماکوڙين وانگر هلي رهيا هئا. اهي سڀ "سماج دشمن" هئا، قاتل هئا، رهزن هئا، ڏاڙيل هئا، چور هئا. اهو سيڪجهہ سندن فيصلن جي ڪاغذن تي لکيل هو، مهرن ۽ صحيحن سان! هو مون کي وکوڙي ويا. ڪنهن کٽن جو بسترو ناهيو، ڪنهن ان تي گليءَ واري چادر وڇائي، ڪو ڪپڙو تيل ۾ ٻوڙي، سگريءَ ۾ وجهي سليماني چانهہ ناهڻ لڳو. سڀ ٻلهار پئي ويا. خبرون چارون ٿين، ان کان اڳ ۾ جيوڻ ۽ دريا خان صفا حاڪماڻي نموني مون کي وهنجڻ جو حڪم ڏنو. بيرڪ مان ٻاهر نڪتس تہ سرور مليو. چي: "آريسر توهان آهيو؟" چيم، "ها! پر توکي ڪيئن خبر پئي؟" چي، "ميان! اسين جنمي قيدي آهيون. اسان ماڙيءَ ۾ قيديءَ جي داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ خبر وٺندا آهيون تہ ڪهڙو قيدي آيو آهي. تون ماڙيءَ ۾ داخل ٿيڻ تہ مون بي. ڪلاس واريءَ ۾ نظر محمد جوٽيجي (جيڪو پنجن ڏينهن لاءِ اندر هو،) وارن کي تنهنجو ٻڌايو، تہ دودي مهيريءَ کان سواءِ سڀ گاريون پيا ڏين." مون چيو، "سرور! ماٺهو گار ڪهڙي وقت ڏيندو آهي؟" جواب ڏنائين، "جڏهن پاڙيو ٿيندو آهي يا هيڻان ڪرندو آهي! تون هنن کي ڏسڻ جهڙو نظر نہ ٿو اچين." چيم،

"خير، منهنجا سلام ڏجوس!" ائين چئي، آءُ هودي‌ءَ تان وهنجي اچي "سماج دشمن سنڌين" ۾ ويٺس. وٽي ۾ سليماني چانهه ۽ پرسان پولو سگريٽ جو پاڪيٽ رکي، سماج دشمن سنڌي، منهنجي چوڌاري ڦري وينا خبرون چارون ونڊ. "سائين! واقعيت ڪرائڻ جي ضرورت ڪانهي. اسان هتي پڑهائي ڪلاس کوليو آهي. رات جو ٻيرڪ جا سپ ڏيڊي گڏجي ڪتاب پڑهندا آهيون، پر اهي ڪوڙين ڪهاڻين وارا نه هوندا آهن. اصلي صفا سچا، اڇو هڙا ڪتاب هوندا آهن." جهٽ ڏئي ميرل وهاڻي هيٺان ڪتاب ڪڍي، منهنجي سامهون پيش ڪيو. "سنڌ دوست" رسالو، ٽائيٽل تي عبدالواحد آريسر جو فوٽو- "پر يار! هڪ ڳالهه ته ٻُڌ، ٻيا جيڪي سياسي قيدي ايندا آهن، تن کي ڏار رکندا آهن، پر جينئس سائين‌ءَ جي پارٽي‌ءَ وارن کي هميشه اسان جهڙن ڏوهاري قيدين سان رکندا آهن. مثال طور اڳي الهه بچايو مرڙاس ۽ ٻيا جيئي سنڌ وارا به هتي رهي ويا آهن. اهو ڇو؟" - "اهو ان ڪري جو سرڪار سگهوري شايد سنڌ جي عوام سان اسان جو لاڳاپو ٽوڙڻ نه ٿي چاهي. ٻاهر به اسان سنڌي ماڻهن سان گڏ هوندا آهيون ۽ اندر به اوهان سان گڏ. باقي جيل جي ڪاغذن ۾ اوهان 'سماج دشمن' لکيل آهيو ۽ اسان 'ملڪ دشمن.' ڪم ذري گهٽ ٻنهي ڌرين جو هڪجهڙو ڏيکاريو اٿن. سماج، ملڪ کان سواءِ ڪهي نه سگهندو آهي ۽ جنهن ملڪ ۾ ڪوبه سماجي سرشتو نه هجي، ان ملڪ جي ماڻهن کي ڪابه ضرورت نه رهندي آهي. پر يار! هڪ ڳالهه ڏسي مون کي حيرت ٿي آهي ۽ مون کي منهنجي هڪ دوست رسول بخش پليجي جي ڳالهه ٻنهه غلط نظر ٿي اچي...." منهنجي ائين چوڻ تي اُني ويڻل ٻن ٽن ڇٽن پليجي کي پٽي گار ڏني ته، "اسان سان ڳچي ڪري، پئسا اپيل جي نالي تي ونيو، نه اپيل ڪيائين ۽ نه وري پئسا واپس ڪيائين. اهڙي ماڻهوءَ کي تون وري پنهنجو دوست ٿو سڏين؟ هو ته بنهه بلهزير آهي!- پر اها ڳالهه ته ٻُڌاءِ! جيڪا توکي پليجي چئي هئي ۽ جيڪا اڄ توکي غلط معلوم ٿي آهي." چيم، "پليجي صاحب چيو هو ته: قومپرستي ڪابه شيءِ ڪانهي. هڪ سنڌي سماج دشمن، غير سنڌي سماج دشمن سان گڏجي، سنڌي‌ءَ کي لُٽيندو آهي ۽ هڪ سنڌي‌ءَ جي حيثيت ۾ ڪنهن سياسي يا قومي ڪارڪن

جي جيل جي رهزنن وٽ ڪابه حيثيت نه آهي." سپ چوڻ لڳا، "سائين! ڪوڙ ٿو ڪري. اوهان ته خير هر دؤر جي حڪومت سان وڙهندا رهيا آهيو، پر پي. پي وارن اسان جون سزائون چوڏنهن سالن مان وڌائي پنجويهه سال ڪيون، پوءِ به اسان هتي جيل ۾ سندن مٿان سر گهوريا. اوهان جو ڪو هتي نالو ته وٺي ڏسي ته پيٽسان کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيون." مون چيو، "اهو ته مون به سوچيو آهي. آءٌ 1976ع ۾ قيدي بنجي، ڪراچي جيل ۾ ويو هوس نه جيل جي 'ڪاراتين وارڊ' ۾ مون کي اتي جي غير سنڌي قيدين، لنن، مُڪن ۽ ٽڻن سان هٽي سُجائي رکيو هو. چي، **'سالا سندهي سياسي قيدي هے.'** پر اڄ جڏهن آءٌ هتي آيس ۽ اوهان منهنجو جيڪو آدرپاءُ ڪيو، ان مان ثابت آهي ته لساني ۽ وطني رشتو بنهه اُتانهون آهي." - "اڳي تون گرفتار ٿيو آهين؟" - "ها" - "ڏوهه؟" - "ملڪ دشمني! ڪهڙو ملڪ ۽ ڪهڙي دشمني، سا اڃا ڪانه ٻڌائي اٿن. سنڌ جا حاڪم، هر دؤر ۾ انهن ماڻهن کي گرفتار ڪندا آيا آهن، جيڪي سيني کان وڌيڪ محب وطن، ڌرتي- دوست ۽ قومي خادم رهيا آهن. شاهه عنايت کي انهيءَ ڪري وطن دشمنيءَ جي الزام ۾ ڪُهايو ويو، جو هو پنهنجي دؤر جو سڀ کان سچو انسان هو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي، شاهه لطيف کي انهيءَ ڪري مارائڻ جي ڪوشش ڪئي، جو لطيف هر دؤر جي هر سنڌيءَ کان وڌو شاعر هو. اوهان سوچيو ته ميان نورمحمد جيڪڏهن لطيف کي مارائڻ واري سازش ۾ ڪامياب ٿئي ها ته ممڪن هو، لطيف، منصور ۽ سرمد ته بنجي وڃي ها، پر انسان ذات اهڙيءَ شاعريءَ ۽ اهڙي فڪر کان خالي ٿي وڃي ها، جيڪا ازل کان ابد تائين لطيف کان سواءِ ڪوبه پڙهيو پٽ، پير ۽ پيغمبر تخليق نه ڪري سگهيو آهي. وقت جي حاڪمن، خيدربخش جتوئيءَ کي جيلن ۾ پيڙائون ڏئي، انهيءَ ڪري مرٽينگ حالت کي پهچايو، جو هن عوام سان عشق ڪيو هو. هُن توهان، اسان ۽ سموريءَ سنڌي قوم جي عظيم رهنما، سائين جي. ايم. سيد کي ويهن سالن کان ان ڪري قيد ڪيو آهي، جو هن سنڌ دوستيءَ جو قسم کڻي، ان کي توڙ تائين نباڻڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي. مون کي به ان ڪري ملڪ دشمن سڏين ٿا، جو آءٌ سنڌي عوام سان پيار ڪريان ٿو."

o o o

- جيل ۾ اڇڻ کان پوءِ ڪجھ ڏينھن لکڻ جي طاقت بلڪل ختم ٿي وئي ھئي. فيض احمد فيض، ھڪڙي جاءِ تي چيو ھو تہ:

مقام فيض کوئي نگاہ مين جچا ھي نھين،
جو کوئے دار سے نکلے تو سوئے دار چلے.

آءٌ ہ 26 آگسٽ 1979ع جي رات، پنھنجي گھر واريءَ جي وارن جي خوشبوءِ دار چانوَ ۾ ننڊ ڪري اُٿيو ھوس تہ پوليس مون کي گرفتار ڪرڻ آئي ھئي.

آءٌ جڏھن ٻہ ڳوٺ ويندو آھيان تہ سموري سياست، سمورو علم، پورو فلسفو ۽ ادب، ھاسي سر استيشن کان پوئتي موڪائي، ھڪ نج ڳوناڙو- جنھن جي زبان ني لطيف جون لاتيڙن ھوندیون آھن يا وري ساوڻ فقير جا بيت- بنجي ويندو آھيان، ۽ انھن ڪجھ ڏينھن ۾ آءٌ صرف ٻہ شيون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آھيان! ھڪ فطرت جو حُسن ۽ ٻي ننڊ! ۽ قدرت اھي ٻئي شيون، مون کي صرف منھنجي ننڍڙي ڳونڍي ۾ ئي ڏينديِ آھي، پوءِ جڏھن مان موٽندو آھيان: نون، تازن ۽ توانن خيالن سان پريور ٿي موٽندو آھيان، تہ اھي آءٌ تقرير ۽ تحرير وسيلي ظاھر ڪندو آھيان.

ھن پيري جيل ۾ ڪافي عرصو رھڻو پيو آھي. ابتدائي ڪجھ مھينا لکڻ ساٺ ڏنو، پوءِ بيماريون، پرينءَ جي گوندرن جي ول جيئن وکوڙي ويون، ۽ خيالن جي تسلسل جو ڏھکرو ختم ٿي ويو. ھتي اسپتال ۾ اڇڻ کان پوءِ بہ ڪجھ ڏينھن اھا ڪيفيت رھي. جيتوڻيڪ، جيڪا شيءِ جيل ۾ ڏسڻ لاءِ اکيون سڪي ويندیون آھن، سا ھن ماحول ۾ پنھنجيءَ مصنوعي مُرڪ سان بي انداز موجود آھي، پر پوءِ بہ طبيعت لکڻ تي آماده نہ ٿي. ڪجھ ڏينھن ٿيا آھن، پر واري روم ۾ ھڪ عورت آئي آھي، جنھن وٽ ننڍڙو ٻار آھي. اھو ٻار صبح جو چئين وڳي روز روئندو آھي ۽ منھنجي ذھن ۾ لکڻ لاءِ خيال ڪر موڙي اُٿندا آھن. ٻار جو اھو روئڻ منھنجي خيال ۾ ڪنھن بہ وڏي غم ۽ خوشيءَ کان خالي ھوندو آھي؛ اھو اسر جو آواز ۽ وھائو تاري اُپرڻ جي علامت آھي. نھروءَ ھميشہ لکيو آھي تہ، "مون کي جيل ۾ ٻار جو روئڻ ۽ عورت جو ڳالھائڻ نہ ٻُڌڻ ڪري تکليف ٿيندي آھي." نھروءَ کي جيڪڏھن اھا تکليف نہ ھجي ھا تہ ھو شايد ان کان

وڏيڪ سنو ۽ شاندار لکي وڃي ها، جيڪي لکيو اٿس: ۽ ان کان وڏيڪ سُنو عالمي سياست ۾ تدبر جو ثبوت ڏئي ها، جيڪي ڏنو اٿس. منهنجي من جي مٽيءَ ۾ ٻار جي روئڻ، سوچن جا ڪيئي ڏاڙهونءَ- گل پيدا ڪري چڏيا آهن. ڪوشش ڪري، هتي وڏيڪ وقت رهي، انهن کي قلمي صورت ۾ محفوظ ڪندس.

o o o

- اڄ علڻ خان آيو. چي: 'سائين جي. ايم. سيد چيو آهي ته آريسر کي اسپتال ۾ عيد ڪير پهچائيندو؟' هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته اسان ثقافتي طرح مسلمان آهيون، پر انهيءَ سان گڏوگڏ هن نندي ڪنڊ جي دروازي تي رهندڙ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ به منهنجي لاءِ جهڙي عيد مقدس آهي، ان کان هزارين ڀيرا وڏيڪ سانوڻ- ٽيڄ مقدس آهي. عيد جو ڏينهن اسان جي دلين ۽ دماغن کي خوف ۽ لالچ جي دونهن سان ڀري چڏيندو آهي، ۽ سانوڻ- ٽيڄ اسان جي ڪنوارين جي چُنين کي فضا ۾ ائين اُڏائيندي آهي، جيئن آزاديءَ جو جهنڊو ٽڙڪندو آهي، ۽ ان ڏينهن اسان جا روح بي پناهه مسرت ۽ محبت سان سرشار ٿي ويندا آهن. اسان جي جنگ صرف اقتصادي ناهي، پر ثقافتي ۽ روحاني به آهي. اسان صرف سنهرا سنگ ۽ چنڊ جهڙو ٽڪيءَ جو ٻُڙو موتائڻ نه ٿا چاهيون، پر اسان ان سان گڏ سانوڻ- ٽيڄ به موتائڻ چاهيون ٿا، ان کان سواءِ ڪنهن غلام قوم جي قيدي فرد جي ڪهڙي قيد؟

جا عمرا تو مل عيد، سا اسان سُوءِ ورتي سومرا!
وئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارُو ملڪ ملير جا!

- شاهه

ان جي باوجود، سائينءَ جا لفظ ئي مون لاءِ عيد آهن.

o o o

- اڄ عيد آهي. هيءَ منهنجي پي عيد آهي، جيڪا جيل ۾ گذري رهي آهي.

صبح جو نرس مون کي خوبصورت گلاب جو گل ڏنو. چاهيم ته اهو گل ڪٽي ان خوبصورت نرس جي وارن ۾ هڻي چڏيان. پر پوءِ بستري تي

نظر وڌم، اتي امرتا پريتم جي آپ بيتيءَ جو ڪتاب "رسيدي ٽڪيٽ" ڪليو رکيو هو. مون اهو گل ڪٽي، نرس جي وارن ۾ هٽڻ بدران امرتا پريتم جي ڪتاب ۾ رکي چڏيو. ۽ ان وقت سوچيم تہ هزارين ميل پري ويهي هڪ ضمير جي قيديءَ جي حيثيت ۾، اهو گلاب پنجاب جي هڪ وچڑيل ڏيءُ جي وارن ۾ هنيو اٿم. ان سوچ سان گڏ منهنجو روح سقراط کان ڪانت تائين جي فلسفي جي ڪوڙاڻ کي امرت سمجهي پيو ويو.

o o o

.- اي امرتا! تنهنجي ديس ۾ پوپٽي ۽ سُندري بہ رهن ٿيون. جيتوڻيڪ جواهر لال نهروءَ جي جمهوريت، سندن جسمن ۽ چهرن کي تازو توانو رکيو آهي، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سندن روح جو گلاب مُرجهايل آهي: چوتہ هتي اهي اهڙيون تصويرون چڏي ويون آهن، جن ۾ سندن روحن جي گلاب جا رنگ رچيل آهن. جيتوڻيڪ اندرا، پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي تصويرن کي ساڙهيءَ جي پلئہ سان صاف ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سندري ۽ پوپٽيءَ جا روح، جڏهن پٽ ڏٽيءَ جي روضي جي ڏر پنهنجي ساڙهين سان صاف ڪندا، تڏهن سندس من جي مٽيءَ مان نڙندا ڪيئي گلاب ۽ اُپري ايندي کا نئين سنڌ!

o o o

- سن تہ پورو ياد نہ اٿم. لاطيني آمريڪا جو هڪڙو ننڍڙو ملڪ ڪيوبا، مغربي سامراجيت شاهيءَ کان جان چڏائي آزاد ٿيو هو. ان ملڪ جو نالو اڄ هر ڪنهن جي زبان تي آهي ۽ خصوصاً سندس موجوده ليڊر جو اهو شاهڪار بيان، عالمي شهرت حاصل ڪري ويو، جنهن ۾ هن چيو آهي تہ 'تاريخ مون کي بيڊوهي ثابت ڪندي.' ڪاسترو شروع کان وٺي انقلاب جي ڪاميابيءَ تائين سخت اينٽي ڪميونسٽ، سچو محب وطن ۽ قومپرست هو. هو جتي مغربي سامراجيت کي لتاڙيندو هو، اتي ڪميونسٽن جون بہ چنچريون لاهي چڏيندو هو، پر پوءِ آمريڪا جي ناڪابنديءَ ڪيس اڄ ڪميونسٽ بلاڪ سان وابستہ ڪري چڏيو آهي ۽ روس، لاطيني آمريڪا جي هن مرد مجاهد جي ملڪ جي سموري ڪنڊ خريد ڪري، 'ڪيوبن انقلاب' کي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان

جو نتيجو اهو نڪتو ته اڄ ڪيوبا جا سپاهي، روس جي اشاري تي يمن، اٿوپيا ۽ انگولا وغيره ۾ وڙهي رهيا آهن، پر پرواري ملڪ بوليويا جي باري ۾ اڳتي نه ٿا وڌن، جنهن بوليويا ۾ فوجي انقلابن پٺيان انقلاب پيا اچن ۽ جنهن سرزمين تي انقلاب آڻڻ لاءِ چي گويرا جهڙي عظيم انسان پنهنجو رتو رت هاريو هو. بوليويا جي باري ۾ ڪيوبا جي خاموشيءَ جو سبب غالباً آمريڪا جو خوف آهي.

انهيءَ ڪيوبا جو ليڊر فيڊل ڪاسترو، جڏهن پهريون پيرو اقوام متحده ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ ويو ته مڪمل انقلابي فوجي وردي (جيڪا سائي رنگ جي هئي) پائي ويو هو. جڏهن هو انهيءَ حالت ۾ اتي پهتو ته سندس اها پوشاڪ ۽ حُليو ڏسي، آفريڪا ۽ ايشيا جي پٺتي پيل ملڪن ڪنهن به حيرت ۽ عجب جو اظهار نه ڪيو، پر فينن لکيو آهي ته هنن کي عجب ان ڳالهه تي ٿيو ته ڪاسترو، ٽينڪ تي چڙهي آيو. اين. او جي هال ۾ چو نه پهتو.

مون کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن هن ڏتڙيل ڏيهه جو نمائندو، سُٽڻ، قميص، پٽڪي ۽ اجرڪ سان ضرور يو. اين. او ۾ پهچندو، تڏهن سندس ان ڊريس تي ايشيا ۽ آفريڪا جو ڪوبه ملڪ حيرت نه ڏيکاريندو، البت حيرت رڳو هن ڳالهه تي ڪندو ته هي سنڌي پاڻ سان ڳاڙهي ڳن واري بگي ڪهاڙي چو نه کڻي آيو. ڪاش! اهو ڏينهن جلدي اچي.

o o o

15 آگسٽ 1980ع

- جڏهن کان سياسي شعور آيو اٿم، ان وقت کان وٺي جيل کان ٻاهر هوندو آهيان ته معمول هوندو اٿم ته صبح جو سوير اُٿي، هندستان جي لال قلعي جي ديوار تان نشر ٿيندڙ هندستاني وزيراعظم جي تقرير براه راست آل انڊيا ريڊيو تان ٻڌندو آهيان. جيتوڻيڪ خواهش اها هوندي اٿم ته ساڳئي طريقي سان هتي به رني ڪوٽ يا حيدرآباد جي قلعي جي نصيل تان سنئين سڌي نشر ٿيندڙ تقرير ٻُڌان. پر هتي جو حاڪم ٽولو هر دؤر ۾ عوام کان ايترو ته دٻل هوندو آهي، جو سنئون سڌو عوام سان مخاطب ٿيڻ بدران پنهنجون ڪوڙيون ڳالهيون، پنهنجي دفتر مان رڪارڊ ڪرائيندو آهي، جي عوام جي ڪنن ۾ ائين زور سان ٺوڪيون ويندیون آهن، جيئن ڪو

اناڙي، هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽر، مريض جي نبض ۾ ڊرپ هڻندو آهي. جيتوڻيڪ مريض کي اهڙي قسم جي ڪنهن به ڊرپ جي ضرورت نه هوندي آهي.

لال قلعي جي ديوار تان ٽيندڙ تقريرن جي سلسلي ۾ مون شاستري، اندرا، ديسائي ۽ چرن سنگھ جون تقريرون پڙيون آهن. پر هن وقت ملڪ اندر ۽ آسي پاسي جيڪي حالتون آهن، تن جي پيش نظر مون کي اميد هئي ته مادام گانڌي کا انتهائي پرجوش ۽ بمباري ڪندڙ تقرير ڪندي، پر ائين نه هو. هن انتهائي ڏيرج ۽ وقار سان هندستان جي گهرو مسئلن ۽ ٻاهرين طاقتن سان دوستيءَ جو ذڪر ڪندي چيو ته، "پارت صرف ڪنهن زمين جو نالو ناهي، پر ٻڌيءَ هڪ عظيم تاريخي ۽ جاگرافي ۽ قديم تمدن ۽ سڀيتا جو نالو آهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪٿان کا امداد ملندي ته ضرور قبول ڪندو، پر هو ڪن پاڙيسري ملڪن وانگر آمريڪا يا روس جو پُڇ- لٽڪائو ٿي نه رهندو. چو ته مون کي خبر آهي ته پارت جيڪڏهن ڪريو ته ان کي دنيا جي ڪابه عالمي طاقت اُتاري نه ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن پارت اُٿيو ته ان کي ڪوبه ڪيرائي نه سگهندو. ان باري ۾ جيڪڏن ڪنهن کي اوڏر تي ورتل هٿيارن تي فخر آهي، ته اهو دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. پارت، آزادي بيشمار قربانين کان پوءِ حاصل ڪئي آهي. هيءُ ملڪ خيرات ۾ ڪونه مليو آهي."

مادام گانڌي اهو ته چيو ته، "اڄ توهان آندولن پنهان آندولن شروع ڪيا آهن ۽ توهان کي ٻڌايو پيو وڃي ته آزاد پارت توهان کي ڪجهه ڪونه ڏنو آهي. اهو چوڻ وقت توهان شايد وساري ٿا ڇڏيو ته 15 آگسٽ 1947ع کان اڳ انگريز، توهان جي وڏي کان وڏي ماڻهوءَ کي گاڏيءَ مان ڏکو ڏئي ڪيرائي ڇڏيندا هئا. پر اڄ انهيءَ يوڙپ جي ريلوي نظام کي درست ڪرڻ لاءِ پارتي ماهرن جي ضرورت پوندي آهي."

مون کي اندرا جي تقرير ۾ اهي خاص ڳالهيون نظر آيون. جيتوڻيڪ سندس تقرير جو آغاز به ڏاڍو رقت آميز هن جملي سان هو ته، "آزاديءَ جي ڏينهن، آءٌ اڄ ڏاڍي ڏکويل آهيان، ان ڪري نه، جو منهنجو ڪو ويجهو عزيز مون کان وڇڙي ويو آهي، پر ان ڪري ته اڄ منهنجي ديس جي گهٽين ۾ ديس واسين جو رت، مذهبي جنون ۾ وهايو پيو وڃي."

آزاد هند لاءِ جتي هندستان جي هندن قربانيون ڏنيون آهن، اتي مسلمانن به ڏنيون آهن. 1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾ ٻئي مذهبي فرقا شامل هئا ۽ ان کان پوءِ هلندڙ مختلف تحريڪن ۾ هندستان جي عوام گڏجي قربانيون ڏنيون آهن. هنن گڏجي رت وهايو آهي. ملي ڳوڙها ڳاڙيا آهن. سپ ويچا وساري، زندگيءَ جي شاهراهہ تي پيار جا گيت تخليق ڪيا ۽ ڳايا آهن، هنن گڏجي، گنگا ۽ جمنا جي ڪناري هڪ ٿي، پريت جا پيچ اڙايا آهن. هنن گڏجي سينن تي گوليون کاڌيون آهن، گڏجي ڪانگريس جو جهنڊو بلند ڪيو آهي. گڏجي هڪ ٻئي کي گل پارايا ۽ راکيون ٻڌيون آهن! انهيءَ ايڪتا ۽ اتحاد واري ملڪ ۾ اختلاف ۽ انتشار، انگريز سرڪار ۽ مسلم ليگ جي ناعاقبت انديش ليڈرن پيدا ڪري، انگريزن جي لڳايل باهہ کي وڌيڪ ڀڙڪايو؛ ۽ ايتريءَ حد تائين وڌي ويا، جو اهي هندستان ۾ انگريزي بادشاهت جي دائمي موجودگيءَ جي دعا گهرڻ ۾ به ڪو شرم محسوس نہ ڪندا هئا. پر ان جو اهو مطلب ناهي تہ سڀ مسلمان ڪي انگريزن جا چاڙٽا هئا.

تازو دارالعلوم ديوبند جي سؤ سالہ تقريبن جو افتتاح ڪندي، مسز گانڌيءَ چيو تہ، "ايشيا جي هن خطي ۾ صرف به ادارا حقيقي ۽ صحيح سامراج دشمن ۽ آزاديءَ جا متوالا هئا، جي هئا: "انڊين نيشنل ڪانگريس" ۽ "دارالعلوم ديوبند"۔ ۽ اها به حقيقت آهي تہ جڏهن گانڌي ۽ نهرو خاندان، انگريز دشمنيءَ جي حقيقي مفهوم کان آشنا نہ هئا، ان وقت ديوبند جو مولانا محمودالحسن ۽ مهاراشٽر جو تلڪ مهراج، انگريز سامراج کي ڪيئ لاءِ مختلف اسڪيمون تيار ڪري رهيا هئا ۽ قيد و بند ڏانهن ڌوڙي رهيا هئا. محمودالحسن کي مالٽا جلاوطن ڪيو ويو ۽ تلڪ کي هڪ مضمون لکڻ جي ڏوهہ ۾ ست سال سخت پورهئي سان سزا ڏني وئي. انهن ٻنهي مذهبي بزرگن وٽ انگريزن کي ڪيئ لاءِ هٿياربند جنگ جو تصور موجود هو. هيءُ اهو دؤر هو، جڏهن انگريزن، پهرين مهاياري لڙائيءَ ۾ مدد ڪرڻ جي عيوض گانڌيجيءَ کي 'قيصر هند' جو لقب ڏنو هو. ڪانگريس جي قيادت ۾ به مولانا آزاد پهريون ليڈر هو، جنهن غالباً 1920ع ۾ انگريزن جي هڪ عدالت ۾ اعلان ڪيو هو تہ، "مون 1912ع کان

هندستان جي عوام کي آزادي يا موت جي دعوت ڏيڻ سان گڏ انگريزن کي به ٻئي چيو آهي، ته درست ٿيو يا مڃجي وڃو! پر اوهان (انگريزن) جي درست ٿيڻ جو کوبه امکان ڪونهي، ان ڪري هن سرزمين تان اوهان جو مڃجڻ ئي بهتر آهي. ها، مون کي خبر آهي ته اڄ آءٌ هتي هڪ باغيءَ جي حيثيت ۾ بيٺو آهيان، پر آزاديءَ جي جنگ، پهرين بغاوت ۽ پوءِ حب الوطنيءَ جي مقدس جنگ سمجهي ويندي آهي. مون کي يقين آهي ته جيڪا حڪومت اڄ مون کي غدار قرار ڏئي رهي آهي، سا سياڻي هڪ محب وطن فاتح جي حيثيت ۾ منهنجو استقبال ڪندي." - ۽ پوءِ جڏهن احمد نگر جي قلعي مان آزاد ٿيو، ان وقت انگريز جنگ کٽي ويو هو. جرمني، جپان ۽ اتلي شڪست کائي ويا هئا. ان وقت آزاد چيو هو، "هاڻي اسان جو قدم انگريز جي ڪچيءَ تي آهي ۽ اسان جنهن وقت چاهيون، آزاديءَ جي پروانن تي صحيح ڪرائي سگهون ٿا." ماڻهن چيو ته، "سائين! چريا ته ڪونه ٿيا آهيو، اڄ انگريز فاتح آهي." مولانا جواب ڏنو، "اوهان کي خبر هئڻ گهرجي ته جنگ ۾ مفتوح کان وڌيڪ فاتح جي چيلهه ڇڄي پوندي آهي. يونان جي تباهي، سڪندر جي تڪڑين فتحن جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي هئي. انگريز هن جنگ ۾ سوپارو ٿي، پنهنجي قبضي ڪيل علاقي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت ۽ لياقت وڃائي ويٺو آهي. حقيقي معنيٰ ۾ هن وقت فاتح هندستان جو عوام آهي، ۽ آءٌ ڏسي رهيو آهيان ته آزاديءَ جا قافلا هند جي عوام جي دروازن تي دستڪ ڏئي رهيا آهن؛ ۽ اسان کي کپي ته سندن شاندار استقبال ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌون!" ۽ پوءِ جڏهن هندستان آزاد ٿيو، تڏهن هن انهيءَ ميدان ۾ تقرير ڪئي، جتي اڄ سندس ابدي آرام گاهه آهي. انهيءَ تقرير ۾ هن هندستان جي مسلمانن کي مخاطب ٿيندي چيو ته، "هو ڏسو! لال قلعي جي برجن تي آزاديءَ جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو آهي. هيءَ اهو جهنڊو آهي، جنهن کي ڏسي انگريز ۽ ان جا دلال ڪڏهن مسخرن وارا ٽهڪ ڏيندا هئا. پر اڄ تاريخ هڪ قوم جي پيدائشي حق ۾ پاسو ورايو آهي؛ ۽ تاريخ، دير يا سوير هميشه ڪنهن قوم جي پيدائشي حق ۾ پاسو بدلائيندي آهي. جڏهن به تاريخ ڪنهن قوم جي پيدائشي حق ۾ پاسو بدلائي، ان وقت غاصب ۽ ظالم طاقت کان سواءِ ٻئي

ڪنهن کي ۽ تاريخ جي انهيءَ انقلاب کان ڊڄڻ نہ گهرجي." ـــ ۽ پوءِ مسلمانن کي مخاطب ٿيندي چيائين، "هي شاهجهان جي مسجد جا منارا جهُڪي ڪِري اوهان کان سوال ٿا ڪن تہ هيءَ هجرت جي پاڪ نالي تي فرار ۽ پاڇ جي زندگي، توهان ڪنهن کان سکي آهي؟ اڄا گهڻو وقت نہ گذريو آهي، جو توهان جي قافلن، جمنا جي ڪنارن تي وضو ڪيو هو، ۽ اڄ انهن جا جاءِ نشين توهان آهيو، جو توهان کي هتي رهندي ڊپ ٿو ٿئي! توهان سمجهو ٿا تہ هندستان جي تاريخ مڪمل ٿي چڪي آهي، حالانڪ ائين نہ آهي. هندستان جي تاريخ جو هڪ صفحو خالي آهي، جيڪو اوهان کي ئي پرٽو آهي، پر بهترين هندستاني ٿي ۽ بهترين انسان ٿي."

هڪ پيري مولانا آزاد چيو تہ، "الله جا سمورا فرشتا آسمان تان لهي، منهنجي ساڃي ۽ ڪاڪي پاسي بيهي، قسم کڻي اعلان ڪن تہ هندستان آزاد ٿيندو، پر هندو مسلم ايڪتا کان سواءِ، تہ پنهنجي يقين ۽ علم تي اعتماد ڪندي، فرشتن جي قسم تي اعتبار نہ ڪندس."

هڪ پيري جڏهن ڪيس چيو ويو تہ انگريز چاهين ٿا تہ هندستان کي ترت آزادي ملي سگهي ٿي، پر انهيءَ شرط سان تہ هندستان کي هندو مسلم بن رياستن ۾ ورهايو وڃي. ان تي مولانا صاحب فرمايو تہ، "آءٌ فرقي پرستيءَ جي بنياد تي عظيم هندستان جي آزاديءَ ۾ جلد بازي نہ ٿو چاهيان، ڇو تہ هندستان جي آزاديءَ ۾ دير سان هندستان جو نقصان آهي، ۽ فرقي پرستيءَ جي بنياد تي آزاديءَ سان انسانيت جو عظيم نقصان ٿيندو. آءٌ هندستان جو وقتي نقصان تہ برداشت ڪري سگهان ٿو، پر انسانيت جو نقصان ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ تيار نہ ٿيندس."

هڪ انگريز لکيو آهي تہ، "لارڊ مائونٽ بيٽن 15 آگسٽ 1947ع تي هندستان جي ورهاڱي جي منظوريءَ جو اعلان ڪيو. پورو هندستان، رنگ، روشنيءَ ۽ خوشبوءِ جي ساگر ۾ چوليون هڻڻ لڳو. جناح ۽ نهرو، آل انڊيا ريڊيو تان پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ جو اعلان ڪري رهيا هئا، پر ڪين خبر نہ هئي تہ هو ڪهڙي ڀيانڪ مستقبل لاءِ مسرت پريو اعلان ڪري رهيا آهن. انهن خوشين ۽ مسرتن، رنگن، روشنين ۽ خوشبوئن جي دنيا ۾ صرف هڪ ماڻهو هو، جيڪو پرٽوي راج رود جي هڪ بنگلي ۾ روئي رهيو

هو. ها، ان آزاديءَ تي روئي رهيو هو، جنهن آزاديءَ لاءِ هن يارهن سال قيد ڪاٽيو هو ۽ پنهنجي قلم کان تلوار جو ڪم ورتو هو؛ ۽ جنهن دنيا جي عدالتن جي تاريخ ۾ پهرئين انسان جي حيثيت ۾ آزاديءَ لاءِ پنهنجي واسطي ڦاسيءَ ۽ گوليءَ جو مطالبو عدالت ۾ ڪيو هو. اُهو انسان، مليل آزاديءَ تي روئي رهيو هو. اهو ماڻهو هو ابوالڪلام آزاد، جنهن کي خبر هئي ته هي فرقي پرستيءَ جي بنياد تي ورهايل انسان اڳتي هلي ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسندو."

اڄ واقعي هندستان آزاد آهي ۽ دنيا جو ڇهون نمبر ائٽمي ملڪ بنجي ويو آهي، پر ان جي آزادي، سڪٽن نعرن ۽ مطالبن سان نه ملي آهي. ان جي آزاديءَ ۾ رت آهي؛ ڦاسيءَ جا ڦندا آهن؛ قيدخانن جون ٽِڪٽِڪيون آهن؛ باهين جا شعلا آهن؛ جليانوالا باغ آهي؛ پڳٽ سنگهه جي ارٿيءَ جي رک آهي، جٽتندر ناٿ بوس جي عظيم ۽ تاريخي بک هڙتال آهي؛ هيمون ڪالاڻيءَ جا ڦاسيءَ جي تختي تان 'جيئي هند' جا نعرا آهن؛ ميرٺ سازش ڪيس جي بهادر انسانن جون للڪارون آهن؛ لافاني بنگالين جي دهشت پسندي آهي؛ علماءِ ديوبند جون جانبازيون ۽ جلاوطنيون آهن؛ مڪيءَ جي حُرن جي بندوقن جون نه گسندڙ گوليون آهن؛ شهيد سنڌالهه بخش سومري جو ريٽو رت آهي؛ اروڙا جو جوڳياٽو ويس آهي؛ آزاد هند جي نيتاجي سباش بابوءَ جي اڳواڻيءَ ۾ تاريخي لانگ مارچ آهي؛ پريم چند جو قلم آهي؛ ٽڪور جي شاعري آهي؛ موتي لال ۽ سي. آر. داس جون دماغي ڪاوشون آهن؛ احرارين جي ان ڪلاڪن تائين خطابت جون شعلہ نوايون آهن؛ لُٽيل عصمتون آهن ۽ ويڙيل عضوا آهن؛ ايشيا جي سڄ کان وڌي دماغ مهاتما گانڌيءَ جي چرخي جي تند آهي؛ ۽ سڄ، سرحد جي غيور پٺاڻن جو قصہ خواني بازار ۾ اُبڙڪا ڏئي وهندڙ رت آهي؛ تاج محمود امروٽيءَ جون بي نظير تحريرون ۽ جوش جهاد آهي؛ جان محمد جوٽيجي جو جوش هجرت آهي؛ ۽ ميجر جنرل شاهنواز جو اهو همت ۽ جرئت سان پربور انگريزي فوجي عدالت اڳيان بيان آهي، جنهن ۾ هن چيو هو ته "مون آزاد هند فوج ۾ پنهنجي قومي ۽ وطني فوجن جي پُڪار تي لبيڪ چئي شموليت اختيار ڪئي هئي ۽ جيڪڏهن آءٌ انهيءَ تاريخي سڏ جو جواب نه ڏيان ها ته

هندستان جي تاريخ ۾ وطن جو غدار ۽ ڏوهاري سڏيو ويڃان ها. مون کي انهيءَ سزا جي پرواهه ۽ افسوس ناهي، جيڪا هيءَ ٽريبونل مون کي ڏينڊو، پر مون کي افسوس انهيءَ عمر جو آهي، جيڪا مون غير ملڪي آقائن جي فوجي خدمت ۾ گذاري آهي." انهيءَ بيان وقت جواهر لال نهرو، ڪاري ڪوٽ ۾ وڪيل واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺو، پنهنجي ڏرتيءَ جي فرزند جي جرئت تي مُرڪي رهيو هو.

اهو ئي دؤر هو، جڏهن جواهر لال نهروءَ، ڪشمير ۾ عوام کي خطاب ڪندي چيو هو ته، "آزاد هند فوج کو چوڙ دو!" ۽ عوام جي هجوم، ان نعري ۾ اضافو ڪيو ته، "لال قلعہ توڙ دو، آزاد هند فوج چوڙ دو!" نهروءَ هڪدم عوام کي مخاطب ٿيندي چيو ته، "لال قلعي جي ٽوڙڻ وارو نعرو نہ هٿو، چو ته لال قلعو يارت ماتا جي ثقافتي تسلسل جي ڪڙي آهي. انهيءَ قلعي تي آزاد هندستان جو جهنڊو جهولندو ۽ هندستان جي حُسن پرست بادشاهہ جي هن حَسين يادگار ۾ اسان آزاد هندستان جي حڪومت ڪنداسون." واقعي آزادي کان پوءِ، نهرو، انهيءَ عظيم قلعي جي ديوارن تان سورهن سال پارتي عوام جي معرفت پوري انسانيت کي امن ۽ انسانيت جو خطاب ڪندو رهيو. جواهر لال جي شخصيت لاءِ هندستان جي وزارت عظميٰ اعزاز نہ هو، پر نهروءَ جو وجود، هندستان جي وزارت عظميٰ ۽ لال قلعي جي تاريخي فصيل لاءِ اعزاز هو. نهرو نہ صرف سياستدان هو، پر ادب ۽ آرٽ جو بہ عاشق هو؛ سُر ۽ سنگيت جو ديوانو هو؛ تاريخ ۽ ثقافت جو امين هو؛ ۽ هن هندستان جي هر پراڻي شيءِ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. پر هتي اسان وٽ هر پراڻي شيءِ کي ڍانو وجي ٿو، چو ته انگريز جي روحاني اولاد اقبال چيو آهي ته، "توهان کي جيڪو پراڻو نشان نظر اچي، ان کي ڍاهي ڇڏيو، مٽائي ڇڏيو!" اهو ئي سبب آهي، جو حيدرآباد جي عظيم تاريخي قلعي کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهو قلعو، جنهن اسان جي آزاد سنڌ جا شاندار دؤر ڏٺا، جنهن جي فصيلن تي آزاد سنڌ جو جهنڊو آپ تائين جهولندو هو ۽ جنهن قلعي جي دروازي وٽ انگريز بوٽ لاهي اندر داخل ٿيندا هئا. افسوس، انهيءَ قلعي کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي؛ چو ته ان جي تعمير ۾ هن مادر وطن جي فرزندن

جو رت ۽ ڳهر شامل آهي. جنهن جي عزت اڄ جي حاڪمن وٽ گٽر جي پاڻيءَ جيتري به ناهي. مون کان اڄ ڪنهن پڇيو ته، "تون غلام شاهه جي مقبري اندر ويو آهين؟" جواب ڏنم، "نا" پڇيائين، "ڇو؟" ورائيم، "ان ڪري جو هن حالت ۾ غلام شاهه جي دربار ۾ ويندي شرم ٿو اچيم ۽ ڊپ ٿو ٿئي ته ڪٽي غلام شاهه پنهنجي قبر مان اُٿي، منهنجي گريبان مان جهلي نه پڇي ته مهنجي مرشد لطيف جي سنڌ جو هيءُ حال ڪيو اٿئي ته آءٌ ڪهڙو جواب ڏيندس!"

پر مون کي پڪ آهي ته اڄ جو ڪوبه هندستاني نوجوان اشوڪ اعظم جي ڪنهن ڪتبي تي ويندي شرمندو ٿيڻ بدران فخر کان ڳاڻ اوچو ڪري ويندو. اڄ ڪوبه مرهٹو، شيواجيءَ جي سماڌيءَ تي مُرڪندو ويندو. اڄ جو ڪوبه راجستاني، راڻي پرتاب سنگهه جي گهوڙي جي قدمن جي نشانن جي مٽيءَ کي تلڪ طور لڳائيندو. اڄ جو ڪوبه بنگالي؛ سي. آر. داس جي حضور ۾ شرم کان ڪنڌ جهڪائي نه ويندو. پر آءٌ شرم ۽ پنهنجي نالائقيءَ کڙي دريا خان جي مزار تي وڃڻ جي همت ساري نه سگهيو آهيان. مخدوم بلاول جي آخري آرام گاهه تي پنهنجي نااهليءَ سبب وڃي نه سگهيو آهيان، ڇو ته مخدوم صاحب جي گهاٽي ۾ ٽڪاٽ ڪندڙ هڏين جي آواز کي برداشت ڪرڻ جي مون ۾ سگهه ناهي. آءٌ روپا تي وڃي نه سگهيو آهيان، ڇو ته اُتي ننگر جو خون ۽ ڪوئل جون نگاهون، مون کان کي سوال پُڇنديون؛ جن جي جواب جي مون ۾ اخلاقي جرئت ناهي. آءٌ پالوا تي به نه ويو آهيان، ڇو ته اُتي واريءَ جي دڙن هيٺ دبيل مارئيءَ جي ليڙون ليڙون لوئي شايد مون تي لعنت وجهي، جو آءٌ ان لوئيءَ جي حفاظت نه ڪري سگهيو آهيان. آءٌ ڪارونجهر تي به نه ويو آهيان، ڇو ته اُتي روپلي جي مٽي تي برندڙ باهه ۽ ٿهڪندڙ تيل کي اڄ ڏينهن تائين آءٌ ختم ڪري نه سگهيو آهيان. آءٌ رني ڪوٽ به نٿ ويو آهيان، ڇو ته آءٌ پنهنجي جهوپڙي ۽ جهنگ به نه سنياڻي سگهيو آهيان. آءٌ ڪٽڪ جو هڪ سونو سنگ به سنياڻي نه سگهيو آهيان. مون ڪيڇ جي هر هڪ گل ڪي ٻين جي حوالي ٿيندي ڏسي، ڪجهه نه ڪيو آهي، اتي آءٌ رني ڪوٽ کي ڪيئن بچائڻ جي ارادي سان وڃي سگهان ٿو. البت مون وٽ صرف ڳوڙها هئا، جيڪي موهن جي دڙي جي تباهيءَ کان وٽي مون ايڏيءَ ته بيدرديءَ ۽ گهٽائيءَ سان وهايا

آهن، جو هاڻي تہ منهنجي اکين ۾ ڳوڙهو رهيو ئي ناهي، جيڪو آءُ انهن مقدس آستانن تي وهايان- تہ پوءِ چا، سدائين اسان اُباڻڪا ۽ وياڪل، شرمسار ۽ بي همت رهنداسون؟ اسان ڪڏهن بہ عوامي هجومن سان گڏ ڪنهن شهيد سنڌ جي قبر جو طواف نہ ڪري سگهنداسون؟ اسان ۾ ڪنهن بہ وقت پٽائيءَ جا بيت اها سگهہ پيدا ڪري نہ سگهندا، جو رگو انهن جي جهونگار سان، شاهي تختن ۾ زلزلا ۽ لوڏا اچن؟ چا اسان ڪڏهن بہ شعلا وسائيندڙ اکيون ڪٽي مخدوم صاحب جي دربار ۾ حاضر ٿي نہ سگهنداسون؟ چا سدائين ائين رهندو تہ دريا خان جي سامهون شرم کان اسان جا ڪنڌ جهڪيل رهندا؟ چا هيءَ ڳالهہ اسان جي مقدر ۾ لکيل آهي تہ اسان ڪڏهن بہ روپا ۾ سوپ جا ريبارا بنجي وڃي نہ سگهنداسون؟ چا اسان اروڙ جي ڪنڊيءَ تي صدين کان تاريخ جي لنگر هنيل جهاز کي پنهنجي تاريخ جي سفر تي روانو ڪري سگهنداسون ۽ دراوڙ جي اُجهاڻل ڏئي کي ٻاري نہ سگهنداسون؟ نہ، نہ! سنڌ جي ڪک اجا سنڌ نہ ٿي آهي. سنڌ جي هنج ۾ اجا بہ ننگر جهڙا نينگر نپجي ايندا. هن واريءَ جي ذري ذري مان ماتر پوميءَ جا ماڻڪ پيدا ٿيندا، جيڪي نوڪرين تي نہ پر 'جوءِ ۽ جوءِ تي مرندا،' جيڪي پنهنجي بهترين رومالن سان صاحبن جا بوٽ صاف ڪرڻ بجاءِ سنڌي ماڻهن جي چهرن تان رت گاڏڙ پگهر اُگهندا- ۽ منهنجي ٻهراڙيءَ جو عوام ڪوڙ ۽ ڪهاڙيءَ وارو، لوڙهہ لٺ وارو، ڏاڻي ۽ هٿوڑي وارو، پنهنجي روح ۾ صدين جي سانديل نفرت، غصي ۽ دهشت سان اُٿي نروار ٿيندو؛ پوءِ هن ديس جا دولهہ، ڳاڙها ڳيرو ۽ ڪارونجهر جي ياقوتيءَ رنگ جهڙا ڪارا ڪولهي نڪري ايندا، ان وقت منهنجو ڪنڌ جهڪيل نہ هوندو، منهنجي اکين ۾ ندامت جا ڳوڙها نہ هوندا. آءٌ غلام شاهہ جي مقبري ۾ داخل ٿيندي، شرم محسوس ڪونہ ڪندس، چو تہ آءٌ پنهنجو پاڻ سڃاڻي چڪو هوندس ۽ پاڻ کي صاف ۽ شفاف ڪري چڏيندس.

o o o

- هن سال پندرهين آگسٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ خير خوبيءَ سان گذري ويئي، ۽ انهيءَ مانار ۾ نذير عباسيءَ جو رت بہ ڪا ولوڙ پيدا نہ ڪري سگهيو. گذريل سال، پندرهين آگسٽ ائين گذري هئي، جو

يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جو آبٽوريم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل سنڌين سان پريل هو. زندگي، پنهنجي رنگينيءَ، رعنائيءَ، دليريءَ ۽ عظمت سان هال ۾ چوليون هڻي رهي هئي. اهڙي ماحول ۾ مون شيخ مجيب الرحمان کي پنهنجي جوان جذبن ۽ ڳوڙهن جي گرمائش سان خراج ادا ڪيو هو؛ ۽ انهيءَ خراج جي قيمت، مون کي هڪ سال کان وڌيڪ عرصو جيل ۾ گهارڻ جي صورت ۾ ملي آهي. شاعر هميشه پنهنجي محبوب کي چوندا آهن ته تنهنجي ياد منهنجي لاءِ عذاب جو گهاٽو ۽ زهر جي ڏُڪ مثل لڳي آهي ۽ منهنجي ساعت توکان سواءِ سال ٿي پئي آهي. ممڪن آهي ته اهو سچ هجي، ڇو ته مون نه رڳو عشق نه ڪيو آهي، پر ڪنهن جي وڇوڙي ۾ تازين آهُن پرڻ جي تمنا به ڪانه ڪئي اٿم. پر شاعرن کي ياد رکڻ گهرجي ته عشق اهو جيڪو گهاٽي ۾ پيڙائي؛ عشق اهو جيڪو دهليءَ جي چاندني چوڪ ۾ تلوار جو ڪاڄ بنائي؛ عشق اهو جيڪو جيٽري ڪل لهرائي، ۽ عشق اهو جيڪو محبوب جي ساراهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سال کان وڌيڪ جيل جي هوا کارائي. مون ان کان سواءِ ڪوبه ڏوهه نه ڪيو آهي، ته مون پنهنجي محبوب جي قد و قامت جي ڳالهه ڪئي آهي؛ مون پنهنجي معشوق جي چال ۽ ڍال، گفتار و رفتار، نهار ۽ مُرڪ جي ساراهه ڪئي آهي. مون ان جي بهادريءَ ۽ دليريءَ جا گيت سرِ عام برسر ممبر ڳايا آهن، ڇو ته سندس انهن ادائن نه چڙو مون کي پر ڪروڙين انسانن کي سندس عاشق بنائي ڇڏيو هو. مون کي ڇيو ويو آهي ته تو مجيب- ڏينهن جي صدارت ڪئي هئي؟ ڇيم، "ها!" جيتوٽيڪ صدارت شيخ صاحب جي تصوير کان ڪرائي ويئي هئي. "ڇو؟" - ان ڪري جو هو منهنجو محبوب هو، ۽ ايشيا ۾ جيڏي مقبوليت زندگيءَ ۾ مجيب حاصل ڪئي، گاڏيءَ کان سواءِ ڪوبه نه ڪري سگهيو. زندگي ۾ مجيب ۽ موت بعد ناصر جي شهرت ٻي مثال هئي.

o o o

- 15 آگسٽ جي رات جو هو پوئون پَهر،
سمورو باکا ننڊ جي ڳهر ۾ مدهوش هو.

پر شايد ان وقت ڪوئي بيتاب جوڙو هڪٻئي جي پاکرن ۾ سمائجڻ

لاءِ ڪندو هجي زور آزمائي.
ءِ ڪوئي سٽيءَ گل جهڙو ٻارڙو پنهنجي ماتا جي ڇاتيءَ جي گلاب کي
هجي چنبڙندو،
ءِ ڪو وانجهي، پوڙهي گنگا ۾ ڪوئي آزاديءَ جو ڳائيندو هجي گيت!
رات ويئي ٿي لڙندي ءِ سندس ڪاراڻ ائين آڇاڻ ۾ تبديل ٿي رهي هئي،
جيئن ڪنهن ڪنواري پوڙهيءَ جي سينڌ ۾ اڇا وار ٿيندا آهن ظاهر!
صبح جو سوجهرو ڇڻ ڏاڪا جي در ءِ ديوار کي چُمڻ وارو هو،
اسان هو سمجهيو ته رات ويندي پُڄي،
برهمڻ- پترا جي گهري پاٽيءَ ۾-
پندرهين آگسٽ، جڏهن برطانوي سامراج
هن ننڍي کنڊ مان پنهنجا ٽپڙ هٽا هميشه لاءِ ٻڌا،
پر وڇڻ وقت ان جي جسم تي بنگالين جا لڳايل لاتعداد زخم هئا،
جن مان ويو پئي رت ڳڙندو.
رات جو پويون پهر هو ءِ جلدي هو سورج نڪرڻ وارو،
جنهن جي ڪرڻ سان ڪُومل جسم کان وٽي پوٽيءَ- گل تائين هٿا
وهنجڻ وارا.
اهڙي سمي تون هُئين گهريءَ نند ۾،
ءِ شايد توتي هو آزاديءَ جو نشو ڪجهه وڌيڪ چڙهيل.
اهڙي سُندر سمي ۾ بين الاقوامي قاتلن جو قافلو،
ٽينڪن سان هٿياربند ٿي تنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو.
ٿوريءَ دير کان پوءِ اهو گهر جتي آزاديءَ جا نعرا گونجندا هئا،
جتي تاڙين جي موسيقي وڄندي هئي، ءِ
جتي چوڙين جي چٽڪار سان بنگال جو جادو ڪر موڙي اُٽندو هو،
اُتي هو بارود جو دونهون، گولين جا ٽڪاءَ ءِ ٻارڻ جون آهُون!
تنهنجو مقدس لاش سيني تي چهه گولين کائي دروازي تي پيو هو،
چو ته زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي
پُٽ ڏئي پڇڻ تو نه هو سگهيو!

o o o

- توهان اونداهين جا پوڄاري آهيو. توهان جي چهرن تي انسانيت جي رت جي ڳاڙهاڻ آهي. توهان پوريءَ انسان ذات جا قاتل آهيو. توهان جي وردين تي انساني رت جا ڦڙا لڳل آهن ۽ اوهان جا ٻلا انساني گوشت جا ٽُڪرا آهن. پوري دنيا ۾ توهان جي هڪ ئي ذات، هڪ ئي قوم ۽ هڪ ئي نسل آهي. توهان جي ذات بيغرتي آهي. توهان جي قوم پاڙي جا قاتل آهي ۽ توهان جو نسل تاريخ جي لعنت جو مجسم ٿنڪار آهي. توهان جو هڪ ئي ڏنڊو آهي، توهان جو هڪ ئي شوق آهي ۽ توهان جي هڪ ئي دلچسپي آهي. توهان جو ڏنڊو، بندوق جي ناليءَ جي زور تي عوامي اقتدار تي قبضو ڪرڻ آهي. توهان جو شوق انسانيت جي عظيم معمارن کي قتل ڪرڻ آهي ۽ توهان جو مقصد عالمي سطح تي پنهنجي سامراجي آقائن جا بوٽ چٽڻ آهي. توهان جي دل اُماس جهڙي اونداهي آهي. توهان جي وردين تي مجيب جي معصوم ٻارن جو رت لڳل آهي. توهان جي بندوقن تي بنگلا بندوءَ جي باهہ وانگر گرم خون جا چنبا آهن. توهان جي ڪرسيءَ تي لومبا جي سامراج دشمن لهوءَ جا چنبا لڳل آهن. توهان جي پيشانين تي چي گويرا جي ريٽي رت جون ريکائون آهن. توهان جي جسمن کي آليندي جي رت وکوڙي چڏيو آهي. توهان سوئرن جي اها عالمي چانگ آهيو، جنهن پوريءَ انسانيت جي جمهوري کيت کي لتاڙي ويران ڪري چڏيو آهي. توهان جي دماغن ۾ خونخوار بگهڙن جو پيڇو آهي. توهان پوري انسانيت جي بزدل ترين مخلوق آهيو. توهان هن ڪائنات جا ڪمزور ترين انسان جي صورت ۾ هاٿي آهيو، جيڪي بندوقن جي ٽيڪ کان سواءِ هلي نہ ٿا سگهو. توهان اُهي گيدي آهيو، جو هڪ معصوم ٻار جي نعري کان ڊڄي، لکي ان ٻار جي نعري جو مقابلو گوليءَ سان ٿا ڪريو. توهان اهي ڪائنر آهيو، جو جڪڙيل قيديءَ جي سامهون بندوقن جي گهيري کان سواءِ ويهي نہ ٿا سگهو. توهان اهي آهيو، جيڪي سزا لکندي وقت پنهنجي پيانڪ مستقبل کان ڏکو ٿا.

توهان فنا جا مسافر آهيو. انسان روشنين جا راهي، پرهہ جا پيغمبر ۽ عالمي امن جا ريپارا آهيون. انسان هن دنيا جا بهادر ترين انسان آهيون، جو موت وقت بہ انسان جي محبت مات نہ ٿيندي آهي. انسان انهيءَ سهاڳ جي

مامتا جي جذبن وانگر آهيون، جيڪي فطرت جي قانونن ۾ ازلي ۽ ابدي آهن. اسان پنهنجي قلم سان لوحِ قلم تي نئين انسان جو شاندار، روشن ۽ پرامن مستقبل لکندڙ فرشتا آهيون. اسان صبح صادق جا فرزند، سارين جي سنگن جي خوشبوءِ ۽ ڪنوارن جذبن جي گرمائش آهيون. اسان اهو محبت جو شعلو آهيون، جيڪو پٿر جي پهرينءَ چٽنگ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن نہ وساڻو آهي. اسان جي پيشانين تي معصومن جي ابدي مُرڪ ۽ اکين ۾ چاهت جي چُمين جي حفاظت جا ڪوٽ آهن. اسان هر دؤر ۾ ڪُنا ويا آهيون ۽ وري وري انسانيت جي سينڊ سنوارڻ لاءِ جيئرا ٿيندا آيا آهيون. اسان ئي آهيون، جن گيتن ۾ گونجار پيدا ڪئي؛ موسيقي ۾ سوز پيدا ڪيو؛ شاعريءَ کي سونل (1) جي ڪوملتا ۽ شهباز جي طاقت ڏني. اسان انسان ذات جي انهيءَ رت کي پنهنجن ڳوڙهن سان صاف ڪيو آهي، جيڪو توهان جي وحشيانہ گولين وهايو هو. اسان ايڏا عظيم آهيون، جو ڪائنات جي پيدائش کان اڄ ڏينهن تائين انسانيت توهان تي پٿر ۽ اسان تي گل وسايا آهن؛ پوءِ بہ اسان جي عظمت کي پورو خراج ادا نہ ڪري سگهي آهي. توهان انساني جسمن تي حڪومت ڪئي آهي ۽ اسان خوبصورت ۽ مقدس دلين ۾ پنهنجا مندر جوڙيا آهن. آءٌ جڏهن تاريخ جي انهيءَ اٽڪت سفر تي نظر وجهندو آهيان، جنهن ۾ انسانيت اسان کي خراج ادا ڪندي، اسان جي عظمت جي مينارن تي نہ پهچي سگهُي آهي؛ تڏهن سمجهندو آهيان، اسان پنهنجي ڪائنات جا خدا ۽ اوهان شيطان آهيو. جڏهن بہ اونداهين راتين ۾ اوهان ٻارڻن جي چپن مان سندن مائرن جي ڇاتين جا گل ڇڏايا آهن، تڏهن اسان سانتا ڪلاز (2) وانگر انهن ٻارڻن جي واتن ۾ ايندڙ دؤر جا سرها گل وجهندا آهيون. اسان خالي هٿين اوهان جي سامهون بيهي، پنهنجي نگاهن جي سموريءَ محبت جي ميناج ۽ نفرت جي سموري ڪوڙاڻ سان اوهان جي نگاهن ۾ ڏسندا آهيون، تڏهن توهان ان ڏرتيءَ ڏانهن ڏسندا آهيو، جيڪا اوهان رت هاڻي ڪري ڇڏي آهي؛ جو

(1) سونل، ٿر جو خوبصورت جيت آهي، جيڪو نليس ۽ ملائر ٿيندو آهي، اهو ڪنهن ٽريءَ کي هٽ ايندو آهي تہ ان جي، سهرا ڳائي، شادي ڪرائيندا آهن.

(2) ڪرسمس جو مقدس فرشتو، جيڪو عيسائين جي روايت موجب ڪرسمس جي موقعي تي ٻارڻن جي مُنهن ۾ زندگيءَ، خوشبوءِ ۽ سونهن جا گل وجهندو آهي.

تہ، نہ توهان انهيءَ ابدي محبت کان واقف آهيو ۽ نہ وري محبت وارين اکين ۾ جيڪا نفرت اوهان لاءِ پيدا ٿيندي آهي، تنهن کي سهي سگهڻ جي توهان ۾ طاقت آهي؛ ڇو تہ توهان ڪوڙي نفرت جا ديوَ آهيو ۽ اوهان جو وجود هلندڙ ڪُرندڙ ڪوڙ آهي.

o o o

– منهنجيءَ سرزمين جي روايت رهي آهي تہ هن ڌوميءَ جي موت کان مات نہ کائيندڙ جهُونجهار، پنهنجي پگهہ بچائڻ لاءِ سسي ڪپائي ڇڏي آهي، پر پگهہ ڪِرڻ نہ ڏني آهي. منهنجي ملڪ جي مارئيءَ جي پوتي اسان وٽ ڪعبي جي غلاف کان وڌيڪ مقدس پئي رهي آهي. پوتيءَ ۽ پگهہ جي سلامتيءَ لاءِ منهنجي ملڪ جا ماڻهو، هڪ هڪ ڏينهن ۾ ويهن هزارن جي تعداد ۾ شهيد پئي ٿيندا رهيا آهن. مون هميشه پنهنجي وطن جي ڪٽڪ جي اڌ پڪل سنگن جهڙن شهپرن وارن کي پگهہ بچائڻ لاءِ پئي همٿايو آهي. پر توکي خبر آهي تہ منهنجي ملڪ جي بختاور جي مٽي تان پوتي لٽي تہ هوءَ ائين سمجهندي آهي، جڏ ڪنهن سندس لڄ سان هٿ چراند ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو مون پوتي ۽ پگهہ تي پنهنجي تمام لفظي ميناڪاري صرف ڪئي آهي.

"يلا تو ڪڏهن اها پگهہ ۽ پوتي زوريءَ لاهڻ جي باري ۾ سوچيو آهي؟" منهنجي دوست مون کان پڇيو.

ورائيم، "ها! ان صورت ۾ جڏهن مون کي پنهنجي آزاد ملڪ جي جهنڊي ناهڻ لاءِ ڪوبہ ڪپڙو نہ ملي، تہ ان صورت ۾ آءٌ پنهنجي زال جي مٽي تان زوريءَ پوتي لاهي ۽ پنهنجي ٻيءُ جي پگهہ ۽ پگهہ کان جيڪڏهن ڪا شيءِ وڌيڪ مقدس آهي تہ اهو قومي جهنڊو آهي. رسول الله پهريون اسلامي جهنڊو، بيبي عائشه جي چُني ڦاڙي ناهيو هو. جڏهن انڊونيشيا آزاد ٿيو، ان وقت ان جي قومي جهنڊي لاءِ ڪوبہ ڪپڙو نہ هو تہ سوئيڪارنو پنهنجي زال فاطمه دتي جي پوتي ڦاڙي، ان مان آزاد انڊونيشيا جو پهريون قومي جهنڊو تيار ڪيو هو. ڪيڏيون باعظمت آهن اُهي پوتيون، جن جي ٽُڪرن مان آزاديءَ جا جهنڊا تيار ٿيا! ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪي قومون

ڪهڙيءَ بيوسيءَ ۾ آزادي حاصل ڪنديون آهن، جو وٽن قومي جهنڊي لاءِ ڪپڙو به نه هوندو آهي!

o o o

- 18 آگسٽ 1980ع جي رات جو هڪ ٽيو آهي. منهنجي اکين مان ننڊ ائين پَرَ ڪري اُڏامي ويئي آهي، جيئن اڌ رات جو سهڻي جي سَرير مان سُستي سَٽ ڏئي نڪري ويندي هئي، ۽ هوءَ پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ سنڌوءَ جي سانوڻيءَ وارين موجن ۾ ڪاهي پوندي هئي. سندس جذبي جي جوانيءَ ۽ عمر جي اُمنگ اڇيان، سانوڻيءَ جي سنڌوءَ جون لهرون شڪست ڪائي ساڻيون ٽي پونديون هيون. مون کي اڄ پنهنجن پيارن کان وڇڙئي سال ٽي ويو آهي. منهنجي سَرير جي سَنڌ سَنڌ مان ننڊ جو پکيڙو پَرَ ڪري اُڏامي ويو آهي. آسن ۽ اُميدن جا ديپ جلائي، مون هڪ سال جو سفر پورو ڪيو آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪيترا ڀيرا مون کي بدن جي بُک نه معلوم ڪيترو لُڇايو پچايو آهي؛ ۽ نه معلوم ڪيترين راتين آءٌ ڪامديوَ جي اگنيءَ ۾ سڙندو رک ٿيندو، وري فارسيءَ جي روايتي پکيءَ وانگر جيئرو ٿيندو رهيو آهيان؛ نه معلوم ڪيترين راتيون مون ڪنهن مومل جي مُرڪ جي سوجهري لاءِ بانگ تائين تيل- ڦليل جا ڏيئا ٻاريا آهن ۽ بستري جي چادر ٻاهه جي ڇيڻن وانگر منهنجي جسم کي وکوڙيندي رهي آهي! پر پوءِ به آءٌ انهن راتين مان ڪنهن ابدي تانگهه جي ڇڪ تي سلامت نڪرندو آيو آهيان. ان وچ ۾ مون کي بيپناهه دشمنيون مليون ۽ بي انت همدرديون پڻ. اڻ ڳڻيون يادگيريون آيون ۽ بي انت بي پرواهه بيوفايون به پلئه پيون. سي به انهن شخصن کان، جن توڙ نيائڻ جا وعدا ۽ وچن ڪيا هئا. پر اهي سڀ آءٌ سَهندو رهيس. ڇو ته سَهڻ جي سُٽي، منهنجيءَ امڙ جي ڪير ۾ پيل هئي. اي امڙ، ڪاش! تنهنجي ڪير ۾ رڳي ماکيءَ جي ميناڻ ۽ ٿر جي واريءَ جي نرميءَ جي بجاءِ ڪجهه ٿوهه- ول جي ڪوڙاڻ ۽ ڪجهه تلوار جي ڌار جي تيزي به هجي ها، ته آءٌ قلمڪار جي بدران ڪجهه ٻيو ٿي پوان ها. سامورا ماشيل، بن بالله، قادر صديقي نه ٿي سهي، پر پرچو وديارٿي، عينشي وديشي ۽ شيرو نهڙي ئي ٿي پوان ها! شايد تنهنجيءَ ٽڇ ۾ اهڙي شيءِ مليل نه هئي، ان ڪري آءٌ بيوسيءَ واريءَ حالت ۾ خليفي

نبي بخش جي سوچن جي گلن کي بوٽن هيٺان چيپاٽيندو ڏسي، ماڻ ڪريو، بنديخاني جي بستري تي ويٺو آهيان. رات جي هن پوئين پهر ۾ مون کي نہ بدن جي ٻک آهي، نہ وري تن جي تونس آهي ۽ نہ مومل جي مُرڪ ماڻڻ جو اُمنگ آهي. اڄ مون ۾ هڪ نئون انسان ڪَر موڙي اُٿيو آهي يا ڪو نئون پکي پرڙا سوئي رهيو آهي. اڄ منهنجو روح ايترو اُداس ۽ اُجايل آهي، جو دل ٿي چاهي ٿہ موکيءَ جا سمورا مَٽ خالي ڪري اندر ۾ اوتي چڏيان، ۽ پوءِ انهن کي ڀچي پورا ڪري سندن نِڪريون بہ چٽي ۽ چوسي چڏيان، ٿہ جيئن منهنجي لونءَ لونءَ منجهاران بغاوت جون ڇيپون ابر جي اوهيرن وانگر اُپرن ۽ آءٌ رتن سنگهہ سويو بنجي، ڪاريءَ گهوڙيءَ جي اُگهاڙيءَ پُنيءَ تي چڙهي سنڌ جي ٻيلن، جبلن، واهن ۽ وستين ۾ ڪوئي ازلي آواز اُپاريندو، اڳتي وڌندو رهان؛ ان وقت تائين، جڏهن منهنجيءَ لونءَ لونءَ جون ڇيپون ڪا آگ لڳائي چڏين، اهڙي آگ، جيڪا لطيف جي شاعريءَ وانگر روزانو تيز ٿيندي وڃي. مان سمجهان ٿو هن دؤر جي سنڌ کي اهڙيءَ آگ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ هن ڌرتيءَ جي صدين جي ستايل پيڙا جي ساز جي سرهاڻ هجي، امراڻي جي مارڳ تي رکيل مروئي (نازبوءِ) جي مهڪ هجي، لطيف جي تصوف جو ڇراٽو هجي ۽ فينن جي تحرير جي وحشت انگيزي هجي- ۽ اهو اتحاد رني ڪوٽ وانگر مضبوط ۽ اڌول هجي. جيڪڏهن آءٌ مري ويس ۽ هن ڌرتيءَ جي اها ئي حالت رهي ته آءٌ قبر ۾ بہ لُڇندو ڦٽڪندو رهندس ۽ منهنجي روح جي بيقراري، اُتي بہ امراڻي جي مارڳ تي روپيل مروئي جي سرهاڻ لاءِ سڪندي رهندي، ان وقت تائين جڏهن هن ماتر پوميءَ جو انسان، ڪاسترو سان گڏ اجرڪ ويڙهي، اقوام متحده ۾ نہ ويهندو.

o o o

جيل جي هڪ يادگار عيد

- جن قومي ڪارڪنن تي ملڪ دشمنيءَ جا الزام لڳل هوندا آهن، سي زندگيءَ جو گهڻو عرصو روپوشيءَ يا جيل ۾ گذاريندا آهن. روپوشيءَ ۽ جيل ٻئي سندن صحت کي تباهہ ۽ خيالن کي پختو ڪندا آهن. جيل مان قومي ڪارڪن، ذهني طرح وڌيڪ بالغ نظر ۽ اعصابي طرح ڪمزور ٿي

نڪرندو آهي. انهيءَ اعصابي ڪمزوريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هن کي آرام ۽ خوشحال زندگيءَ جي ضرورت پوندي آهي. انگريزي جيل قانونن موجب جيل ۾ قيديءَ سان اهڙي هلت هلي ويندو آهي، جو هن مان حياتيءَ جو اُمنگ بلڪل نڪري ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيل قانون مطابق قيديءَ کي هر اها شيءِ پاڻ وٽ جيل ۾ رکڻ سخت ڏوهه هوندي آهي، جنهن سان هو آپگهات ڪري سگهي. مثال طور: شيوَ جو بليڊ رکڻ جيل قانون ۾ عام قيديءَ لاءِ سخت ڏوهه آهي، ڇو ته بليڊ مان خودڪشيءَ جو انديشو هوندو آهي. جيتوڻيڪ بليڊ جي ذريعي شيوَ ڪري، قيدي پنهنجيءَ شخصيت ۾ نکار پيدا ڪري، پاڻ ۾ جيئڻ جي وڌيڪ سگهه ۽ قوت ساري سگهي ٿو ۽ آئيندي زندگيءَ لاءِ پنهنجي اکين جي گوشن ۾ ڪيئي اڻ لکا سپنا اُڻي سگهي ٿو. پر انگريزي جيل- قانون (جنهن کي سندس روحاني اولاد برقرار رکيو آهي،) جو مطلب صرف هيءُ آهي ته قيديءَ کي اهڙيءَ حالت ۾ رکيو وڃي، جو هو نه جيئرن گڏ هجي نه مُئن سان. ان ڪري سندس سپنن اُڻڻ جي طاقت ئي ختم ٿي ويندي آهي. منجهانئس زندگيءَ جا اُمنگ ۽ ترنگ موڪلائي ويندا آهن. هو جيڪڏهن ڳائيندا آهن ته سندن آواز ڪنهن مستقبل جي يقين کان خالي ئي نظر ايندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ سالن ۾ ڪڏهن هڪ ڀيرو تارن جي سونهن ڀري رات ائين نظر ايندي آهي، جيئن پرينءَ جي موتين ڀريل مانگ- ۽ اهي ڏينهن واقعي وڏا خوشقسمتيءَ جا هوندا آهن، جڏهن پرينءَ جي پيشانيءَ جيئن ڀلائيءَ جا ڀير ڪري، پاڻ پسائي، اهو فضل فرمائيندو آهي. جيل جي ڪولين ۾ اسان جهڙي غريب قيديءَ لاءِ، ڇهين وڳي شام بند ٿيندڙ قيدين لاءِ، ڏکڻ گهلي، گلي گلي گيت ٿي وڃي، جنهن ۾ ڀيا ملڻ جو هڪاءُ هجي؛ يا اُتر اوتَ ڏئي ۽ گهر ڏاڪاڻي اُڏارا آڻي آونگ چاڙهي، سيارن جو سرڙاٽ هجي ۽ ان قيديءَ جي ونيءَ کان هين جا وَرَ پسي سيڪارا اُپرن؛ ٻئي ڳالهيون هڪجهڙيون هونديون آهن. انهن خشڪ ۽ بي نُور راتين جي پيشانيءَ تي وقتي مسرت- تلڪُ اسان صرف ڏڻ وارن تي لڳائي سگهندا آهيون.

خوش قسمتيءَ سان جيڪڏهن اهڙن ڏينهن تي آءٌ ۽ منهنجو دوست پليجو گڏ هڪ جيل ۾ هوندا آهيون، ته پروگرام کي چار چنڊ لڳي ويندا

اهن- چو ته پليجي کي ذري مان آفتاب بنائڻ جو هنر ايندو آهي ۽ آءٌ جيل ۾ هڪ اهڙو شخص هوندو آهيان، جنهن جي موجودگيءَ سبب سيني پارٽين، گروپن، گروهن ۽ ڏرين جا ماڻهو هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيندا آهن. انهيءَ ۾ منهنجو ڪمال نه آهي، پر ٽر جي ٽڏيءَ مٽيءَ جي هِير جي هڪاءُ منهنجي طبيعت کي اهڙو بنائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي پروگرام ناهڻ ۾ ڏاڍي آساني ٿيندي آهي ۽ ڪنهن به ڏُر کي ناراض ٿيڻ جو موقعو گهٽ ملندو آهي. هونئن اها حقيقت آهي ته سنڌين تي مڙهيل صدين جي غلاميءَ، منجهائنئن سياسي شعور کڏي ڇڏيو آهي. اسان کي نه سياسي اختلاف کرڻ اينَدو آهي، نه سياسي اتحاد. اسان سياسي اختلافن ۽ اتحادن ۾ حدبندين ۽ سَنڌا سيڑها قائم ڪري سگهندا ئي نه آهيون. اسان اختلاف ۾ ايندا آهيون ته ڪارو ڪاريءَ واري نوبت تي پهچي ويندا آهيون، ۽ پنهنجو سياسي مخالفن کي ايذاءَ رساني ذريعي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون- مطلب ته اختلاف ۾ ايترو اڳتي نڪري ويندا آهيون، جو پوئتي موٽي اچڻ اسان لاءِ محال ٿي پوندو آهي- ۽ اهڙيءَ طرح، سنڌي قوم جنهن، ڪنهن دؤر ۾ ايڪتا ۽ بَڌيءَ جا روح پرور نظارا ڏنا هئا ۽ قومي اتحاد جي چولين وانگر چُلي هئي، ان کي وري اهو دؤر ڏسڻ نصيب نه ٿيو آهي- ۽ وري جيڪڏهن اسان کنهن سان اتحاد ڪندا آهيون ته اهو اتحاد سياسي حڪمت عمليءَ بدران عاشق ۽ معشوق وارو اتحاد نظر ايندو آهي، جنهن جي نه ڪا حد هوندي آهي، نه وري سَنڌو سيڑهو. نتيجي طور جڏهن تاريخ جون سنگين حقيقتون اهڙن رومانٽڪ اتحادن سان ٽڪرائيبون آهن، تڏهن عاشق يا معشوق مان ڪنهن هڪ کي آپگهات ڪرڻو پوندو آهي. پر جيئن ته اسان جي سنڌي عوام کي مير فتح عليءَ جي سنڌ فتح ڪرڻ سان ئي سنڌي سياست کان پوريءَ ريت بيدخل ڪري ڇڏيو ويو آهي، ان ڪري هن وقت سڀ کان وڏي ۽ سخت ضرورت آهي، ته سنڌي عوام جي گهر ۾ سياست موٽائي وڃي، ان جي سمورن گُرن، گُٽن، پر پيچن، ورن وکڙن ۽ اڻانگن رستن سميت.

انهن سيني خامين هوندي، عيد جي پروگرام کي ڪامياب بنائڻو هو. جيل همراهن سان پرجي ويا هئا. سيني سياسي واردن ۾ سياسي قيدي

سٽيا پيا هئا. مارشل لا سخت ٿيندي پئي وئي. ماڻهو چوندا آهن ته آزادي، مسرت جا بي پناهه خزانا ڪٽي ايندي آهي ۽ ڪنهن قوم کي بوجھ ۽ وزن کان ايڏو ته هلڪو ڪري ڇڏيندي آهي، جو هوا جي ڪُلهي تي چڙهي، فضائن ۾ شفق جي سرخيءَ کي چمي ڏيندي آهي. پر هيءَ ڪهڙي آزادي هئي، جيڪا عيد جي رات اسان کي پنهنجي زالن جي چپن چُمڻ جي آزاديءَ کان هميشه محروم ڪندي آهي. مون کي خبر ناهي ته سنڌ جي سياسي قيدين، پنهنجي زندگيءَ جون ڪيتريون عيدون جيل کان ٻاهر گذاريون آهن، ورنه عيد جي موقعي تي سنڌي سياسي قيدي هميشه جيل ۾ ئي هوندا آهن.

اي وقت جا حڪمران ٽولؤ! اوهان اسان جون ٻنيون کسيون؛ اوهان اسان جا پَد داٻا؛ اوهان اسان جي تاريخ جي معصوم چهري تي مشرق وسطيٰ جي لٽيرن جي وحشانيت ۽ شيطانيت جا تهه چاڙهي ڇڏيا؛ توهان اسان جي ڌرتيءَ ۾ نه صرف اقتصادي، تاريخي ۽ جاگرافيائي تبديلي ڪئي، پر اسان جي ثقافت کي 'سون ٻائيءَ'، مان ڦيرائي 'ميلوڊي شو' ڪٽي بنايو آهي. اي سفاڪو ۽ قاتلو! توهان نه صرف سنڌي عوام سان جيل خانا پريا؛ نه صرف انهن جي سنگين ديوارن جي پٺيان سندن جوان جمان جذبن کي دفن ڪيو؛ پر توهان اسان جي انهن نوجوانن کي فوجي بوٽن هيٺان چيٻاٽي ڇڏيو، جن اڃا زندگيءَ جون بهارون ئي نه ڏٺيون هيون، جن زندگيءَ جي گونچن کي پوريءَ ريت ٽڙندي نه ڏٺو هو. اي عالمي غنڊه گرديءَ جا داداگيرؤ! توهان خوشيءَ جي ڏڻ وارن کي نه صرف اهليت کان پري هٽائي ڇڏيو، پر انهن کي رت هاڻو ڪري ڇڏيو آهي. اي انسان ذات جا دشمنؤ! توهان ته عيد جي راتين ۾ اسان کي چانڊوڪيءَ جي هڪ چميءَ کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي. نه معلوم ڪيتري عرصي کان اسان جي چپن ۾ ايتريون چُميون صرف عيدن جون تڙپي رهيون آهن، جيترا اقبال جي پيشانيءَ ۾ قضا ٽيل سجدا به نه تڙپيا هوندا.

پر اي وحشيؤ! لٽيرؤ! اي انسانيت جي چهري تي ساري ڪائنات جي گڏ ٽيل لعنت جي مجسمہ صورتؤ! هو ٻُڌو، دور مشرق ۾ روهيڙي جي وڻ تي وينل اڪليو پکي، اپرندڙ سج جي اکين ۾ اکيون وجهي، اسان جي دائمي

فتح ۽ توهان جي دائمي شڪست جو اعلان ڪري رهيو آهي. منهنجي ڏرتي هڪ ڏينهن وري سانوڻ وارا ساٺ ڪندي، موهن جي ڏڙي جي نڇٽيءَ جي روپ ۾ ميدان ۾ لهندي ۽ ان وقت ڪنهن اُجايل چپ تي چميءَ جي تانگهه نه رهندي. اهو ڏؤر اوهان لاءِ چتي ڪتي وانگر ڦٽن ڇٽڻ جو ڏؤر هوندو. اُن وقت منهنجي هڪ هٿ ۾ ڪارونجهر جي ڪور تي رهندڙ ڪنهن ڪولهيءَ جو سڳهو مُرڪندڙ بارُ هوندو ۽ ٻئي هٿ تي امن جو ڪبوتر ۽ گلي ۾ انسانيت جي دائمي مسرت ۽ محبت جي نظم جو تعويذ. هن وقت توهان پلي اسان جون عيدون برادون روڪيو؛ اسان جون چانڊوڪيون ۽ چيٽ داغدار ڪريو؛ اسان کي ڪيتن ۽ ڪلٽين جي ڪيڪار کان محروم ڪري ڇڏيو، پر ياد رکو! اي فنا جا مسافرؤ! توهان جي سيني تي ۽ سِر تي عوام جو پٿر نڪاءُ ڪرڻ وارو آهي.

زندگي، هڪ مور جي هوندي آهي، جيڪو اڪيلو ٻه پنهنجي پرن جي زور تي پاڻ سان گڏ گلستان کڻي هلندو آهي، جيڪو صحرا ۾ ٻه نخلستان پيدا ڪندو آهي ۽ ان جي ابتڙ ڪانون جي ولر جي زندگي، ڪائنات کي بدصورت بنائي ڇڏيندي آهي ۽ ماڻهن جي نفرت جو نشانو بنجي ويندي آهي. توهان اهي ڪانو آهيو، جيڪي ولر ۾ هوندي ٻه عوامي نفرت جو شڪار آهيو ۽ ڪنهن بار جي هٿ ۾ پٿر ڏسندا آهيو تہ اوهان جي جسمن ۾ ڏڪڻي طاري ٿي ويندي آهي، ۽ پڇڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهه نظر نہ ايندي اٿو! اسان مور آهيون، رُڃن ۽ سُڃن ۾ ٻه پنهنجي فڪر جي چمن سان سورج مکي پيدا ڪري ڇڏيندا آهيون. ان ڪري هن پيري ٻه اوهان اسان تي آزادين جا در بند ڪري ڇڏيا. اسان کي ڪائنات جي رنگينين کان محروم ڪري ڇڏيو پر اسان جيل جي سنگين ديوارن کي ٻه گلستان جو روپ ڏئي ڇڏيو.

حج واري عيد کان هڪڙو ڏينهن اڳ ۾ رسول بخش پليجي جي ڇني مون وٽ پهتي تہ: "هن سال عيد لاءِ هيءَ رٽ آهي تہ سڀني واردن جي ماني گڏ ڪري ڪنهن هڪ وارد ۾ ڪائجي، ۽ پوءِ سڀئي سياسي قيدي گڏجي ڪچهريءَ جا ڪي پروگرام ترتيب ڏيون. مون اهڙيون ڇنيون ساڳئي وقت ابوبڪر زرداريءَ ۽ محمد خان سومري وارن کي ٻه لکيون آهن" مون پنهنجي پياري دوست حبيب الله کابوري، قمر پٽي، سميع مگريي، ۽

ساغر سميجي سان صلاح ڪري، پليجي صاحب کي جواب لکيو تہ، "اسان مڪمل طور انهيءَ رٽ سان شامل راءِ آهيون ۽ اسان جي خواهش آهي تہ اها گڏجاڻي اوهان جي عوامي وارد ۾ رکي وڃي." آءٌ اهو جواب لکي واندو ٿي مس ٿيو هوس تہ جمعدار اچي ٻُڌايو تہ، "ساغر سميجو آزاد ٿي ويو آهي، ان ڪري جلدي سامان ٻڌي جيل مان ٻاهر نڪري." ساغر جي آزاديءَ جي بي پناهہ خوشي بہ ٿي تہ ڏک بہ، چو تہ اسان جي جيل جي ساٿين ۾ ساغر سُنو ڳائيندڙ هو. هن جي وڃڻ سان عيد جي محفل ۾ وڏي خامي پئجي وئي. ساغر ٿري لوڪ گيتن سان گڏ اياز جو اهو شعر خاص انداز ۾ ڳائيندو هو، تہ اسان تي هڪ خاص قسم جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو:

عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن، آيو جهول پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

نهنا نيٺ پريءَ جا ائين ڇڻ، رڻ ۾ رات ٿري!
ڪوئي ڪيئن ڪري!

ان پوئينءَ سٽ تي تہ قتل جي ڪيس ۾ ملوث پوڙهو انجنيئر جبار آرائين بہ مست ٿي ويندو هو، ۽ جڏهن ڪڏهن ساغر کي چوندو هو تہ، "ساغر بهائي! وه سنائو، جس مين صحرا مين رات پڑتي کا ذکر هي." بهرحال ساغر تيرهن مهينا جيل ۾ رهڻ کان پوءِ آزاد ٿي ويو ۽ اسان عيد جي پروگرام کي ترتيب ڏيڻ ۾ مشغول ٿي وياسين.

عيد جي رات ڪيترين يادن، ڏکن ۽ وڇوڙن جي وهلورن ۾ گذرندي رهي. ڪڏهن ٻنل نيٺ ٿي ياد آيا تہ ڪڏهن مُرڪندڙ مهانڊا، ڪڏهن جوان جسمن مان اپرندڙ پگهر جي شيمپئن جهڙي خُوشبوءِ جون يادگيريون ٿي آيون، جيڪي ٻہر ڇي ڦلڙين وانگر دماغ جي سيج کي سرهو ڪندیون رهيون، تہ ڪڏهن اڪيلائيءَ جا وڇون سَنڊ سَنڊ کي ڏنگيندا رهيا. اها رات اسان ڪيئن ڪاٽي، ان جي خبر خادم لاکير ۽ اسماعيل ادیجي کي کهڙي؟

سڃڻ تو کي خبر کهڙي تہ منهنجي رات ڪيئن گذاري!

صبح جو وهنجي، ڪپڑا مٽائي عيدگاهہ تي پهتاسين. اڳي هميشه اسان کي عيد عام قيدين سان پڑهڻ جي اجازت هوندي هئي، **پر هن پيري**

سياسي قيدين جي گهٽائيءَ سبب اسان کي عام قيدين کان ڌار عيد پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو. ۽ عيد نماز لاءِ اها جاءِ مقرر ٿي، جيڪا پهرين 'پنڊي سازش ڪيس' جي قيدين تي مقدمي هلائڻ لاءِ ڪورٽ ناهي وئي هئي؛ جنهن ڪيس ۾ فوجين سان گڏ سجاد ظهير، فيض احمد فيض ۽ ڪي بيا ڪميونسٽ هئا. انهيءَ عرصي دوران فيض جي لاثاني شاعري تخليق ٿي ۽ ڪئپٽن ظفر الله پوشنيءَ، پنهنجو مشهور ڪتاب 'زندگي زندان دلي کا نام هيي' لکيو، جنهن ۾ رحيم هنگوري جي حياتيءَ جو مختصر احوال ۽ سندس فرار جو پورو داستان بيان ڪيل آهي. مون کي خبر ناهي ته رحيم هنگورو ٻاهر ڏاڙهيءَ کي ميندي هٽندو هو يا نه، پر پوشنيءَ جي ڪتاب مان خبر پئي ٿي ته هن قاسي گهاٽ جي کوليءَ ۾ ڏاڙهيءَ کي ميندي هٽڻ شروع ڪئي هئي.

هيءَ اها ئي ڪورٽ هئي، جتي ولي خان، عطاءُ الله مينگل ۽ سندس ساٿين تي بغاوت جو مقدمو هلايو ويو هو ۽ هر شنوائيءَ تي ثبوت طور ايف. ايس. ايف (فيڊرل سڪيورٽي فورس) وارن جون ٽرڪون هٿيارن سان لڏجي، ميدان ۾ اچي بيهنديون هيون- ۽ شايد هيءُ اهو ئي ميدان هجي، جتي منهنجي ديس جي عظيم ۽ لافاني انسان ۽ هن خطي ۾ انگريز سامراج خلاف پهرين عظيم الشان گوريلا جنگ جو آغاز ڪندڙ سورمي شهيد صبغت الله شاهه تي ڪيس هلائي، ڪيس قاسيءَ تي لٽڪايو ويو هو. جتي اڄ اسان عيد نماز پڙهي رهيا هئاسين، اتي شايد ڪڏهن هن ماتر پومي سنڌ جي نرن ۽ نارين، ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻيءَ ۽ دادا جيرامداس جئي اڳواڻيءَ ۾ هوليون ۽ ڏياريون ملهايون ويون هجن. اڄ انهيءَ ميدان ۾ سنڌ ڌرتيءَ جا اهي انسان گڏ هئا، جن ڪڏهن به حُسن کان سواءِ ڪنهن کي مٿو نه ٽيڪيو هوندو.

قرآن ۾ آهي ته، "واتخذ وا من مقام ابراهيم مصلا-" انهيءَ آيت تي ڳالهائيندي مون هڪ پيرو چيو هو ته تاريخ ڪنهن جو به پورهيو نه وڃائيندي آهي. اڄ کان هزارين سال اڳ هڪ بيابان سرزمين ۾ ابراهيم عليه السلام کي حڪم ٿيو هو ته اتي خدا جي مخلوق جي آبادي ۽ آسائش لاءِ هڪ گهر نهراءِ! اسلامي روايتن ۾ آهي ته ابراهيم عه هڪڙيءَ جاءِ تي بيهي، ان گهر جي اڏاوت لاءِ اوساري ڪري رهيو هو ۽ سندس سُلڇڻو پٽ

اسماعيل ع کيس پٽر ڪٽي ڏيندو پئي ويو. خدا کي ابرهيم ع جي اها محنت ايڏي ته پسند آئي، جو ڪعبي ڏانهن ايندڙ هر انسان کي حڪم ڪيو ويو ته، "انهيءَ جاءِ تي سجدو ڪريو، جتي ابراهيم ع پير رکيا هئا."

مون تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته عظيم انسان، محمد رسول ﷺ به ابراهيم جي پيرن واريءَ جاءِ تي مٿو ٽيڪي رهيو آهي. مون ڏٺو ته آمريڪا ۾ سامراج جي وجود لاءِ باهه جو مچ مچائيندڙ ريف جو مجاهد عبدالڪريم، ابراهيم جي پيرن واري جاءِ تي پنهنجو سر ٽيڪي رهيو آهي. مون ڏٺو ته انهيءَ جاءِ تي هندستان ۾ انگريزي سامراج خلاف آزاديءَ جو پهريون مجاهد شيخ الهند محمودالحسن ۽ حسين احمد مدني، پنهنجون پيشانيون رڳڑي رهيا آهن. مون ڏٺو ته فرينچ سامراج کي ٽوڙا چپاڙيندڙ بن بالله، پنهنجي ملڪ جي جنگ آزاديءَ جي فاتح جي صورت ۾، پنهنجو مٿو ابراهيم جي پيرن واري جاءِ تي جهڪايو؛ ۽ سامراج جي وجود خلاف اهرامِ مصر وانگر مضبوط ۽ بلند شخصيت، جمال ناصر به انهن قدمن تي پنهنجو ڪنڌ جهڪايو آهي، ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي انسانن جي آزاديءَ لاءِ سوچي رهيو آهي.

اسان به اڄ هن ميدان ۾ شايد انهن تاريخي قدمن تي مٿو نمائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئاسون، جن تاريخ جي اونداهي دؤر ۾ انهيءَ ميدان کي روشنيءَ جو مينار بنائي ڇڏيو هو. مون چوڌاري ڏٺو، سنڌ جو سمورو دماغ ۽ سموري قوت، انهيءَ ميدان ۾ گڏ هئي: جنهن ۾ رسول بش پليجي جهڙو ناستڪ جوڳي، مون (عبدالواحد آريسر) جهڙو صوفي لاکوني، حبيب الله ڪابوري جهڙو ديس جو دراوڙ، ۽ فاضل راهو ــ جيڪو پري کان "هُن" (Hun) قبيلن جو سردار لڳندو آهي ــ موجود هو. اسان سپيئي ڪورٽ جي ميدان ۾ جمع هئاسين نماز پڙهڻ لاءِ نه، پر انهن عظيم انسانن جي قدمن جي نشانن تي سجدو ڪرڻ لاءِ، جيڪي هن ٿي جيل ۾ پنهنجي عزم ۽ حوصلي جا قنديل روشن ڪري ويا هئا. مون سوچيو، ڪاش! منهنجي حصي ۾ زمين جو اُهو ٽڪرو اچي، جتي يا ته سيد صبغت الله شاهه شهيد جي قدمن جا نشان هجن يا جيلي سپاهيملائيءَ جي انهيءَ مقدس سئنڊل جو پاڇو پيو هجي، جيڪو سئنڊل هن سنڌ حڪومت جي هوم سيڪريٽريءَ

مسٽر گزدر کي ڏيکاريندي چيو هو تہ، "تون سنڌ جي هڪ باغيرت ۽ محب وطن نياڻيءَ کان معافي ونرائڻ آيو آهين، تہ اي گزدر صاحب! ٻُڌي ڇڏ، آءٌ تہ چا، پرانگريزن جي برپا ڪيل هن ٽوڊي حڪومت کان منهنجو هيءُ سُڪل سئنڊل بہ معافي نہ گهرندو." انهيءَ تاريخي جملي کي ياد ڪندي، مرحوم محمد امين کوسو، همیشہ سائين جي. ايم. سيد کي خط ۾ لکندو هو تہ، "قسم آهي مون کي جيڻي سپاهيملاٽيءَ جي سُڪل سئنڊل جو، تہ منهنجي ڏهرڪيءَ جا واڻيا، اوهان جي نسلي مسلمانن کان وڌيڪ بااصول، امانت دار ۽ ديانتدار آهن."

انهن سوچن ۾ مون نمازين جي مختصر ٽولي تي نظر وڌي تہ ان ۾ مون کي شاهہ محمد شاهہ نظر نہ آيو ۽ نہ وري ديدار بلوچ، سوچيم: شايد شاهہ محمد شاهہ کي تاريخ جي قافلي جي هنن عظيم انسانن جي قدمن تي سيس نمائي، هن مٽيءَ کي ماٿي لائڻ جي توفيق ناهي؛ ۽ ديدار، اڃا بستري ۾ سُتو، نياڻيءَ ۽ ڏهي جي ميدان مان چلگرين جي پاڻ کي ياد ڏيندو هوندو. پر ڪاش! ڪيس ڪجهہ سويل پري سار ٿئي ها تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڊامر وارن رستن کي اڌ رات جو سجدا ڪندڙ ديدار چلگريءَ جي پيشاني، هنن تاريخي قدمن تي سجدا ڪري پنهنجي لاءِ ابدي روشني حاصل ڪري ها.

آءٌ انهن ئي سوچن ۾ گم هئس، تہ نہ معلوم ڪهڙي وقت مولوي صاحب نماز ختم ڪري دعا گهري رهيو هو. عين ان وقت ڇڏهن مولوي صاحب چيو تہ، "يا خدا! ابوبڪر جي صدقي هن ملڪ ۾ اسلامي نظام نافذ ڪر!" تہ ابوبڪر زرداري عيدگاهہ ۾ داخل ٿيو، ۽ اسان جيءَ جماعت ۾ ويٺل هڪ شيعي، ابوبڪر جو نالو ٻڌندي چيو، "..... لعنت بيشمار!" اهي لفظ ٻُڌي، ابوبڪر زرداريءَ جي مُنهن جو پنو ئي لهي ويو، چو تہ هن سمجهيو تہ اهو لعنت جو وسڪارو مٿس ٿيو آهي. اهو ان ڪري، جو ڪيس اهڙو تلخ تجربو هڪ پيرو اڳي بہ ٿي چڪو هو. ٿيو هيئن جو هُو نواب شاهہ طرف پنهنجو ڪن ماڻڻ وڃ مهمان ٿي ويو، جيڪي رنين آهرين سپ شيعا هئا. ڇڏهن هن نئين آيل پڙهيل لکيل زرداريءَ سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ زردارين جو زاڄ اچي گڏ ٿيو، ان وقت خوش خير عافيت کان پوءِ زردارين پڇيو تہ، "پنهنجي هن پاءُ جو نالو چا آهي؟" تہ هڪڙي جٽي کين ٻڌايو تہ،

"هيءُ پنهنجو پاءُ ماڻهو ته پلو آهي، پر آءٌ سندس نالو زبان تي آڻڻ نٿو چاهيان." نيٺ گهٽي اصرار ۽ زور کان پوءِ مهمان بابت ٻڌايائين ته، "پنهنجي پاءُ جو نالو ابوبکر آهي." پوءِ ته سائين پوريءَ ڪچهريءَ مان لعنت لعنت جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا. هلندي هلندي اها ڳالهه وڃي اندر ويڑهن ۾ پهتي. اُتي مايون ۽ ٻار به لعنت لعنت جي ورد وظيفي ۾ مصروف ٿي ويا. ماحول ۾ لعنت جي گونجار اهڙي پيدا ٿي، جهڙي مولانا مشوريءَ جي اچڻ تي ذڪر جي تنوار شروع ٿي ويندي آهي. بهرحال ابوبکر کي اها مهماني ڏاڍي مهانگي پئي هئي، ۽ ساڳيءَ طرح اڄ عيدگاهه ۾ سندس استقبال به شاندار ٿيو هو.

انهيءَ سڃيءَ ماجرا مان واندي ٿيڻ کان پوءِ سوال پيدا ٿيو ته هاڻي ڪٿي هلجي. جيتوڻيڪ بن پهرن جي مانيءَ جو انتظام پليجي واري عوامي وارد ۾ ٿيل هو، پر مانيءَ ۾ اڃا دير هئي، ان ڪري سڃيءَ سنگت جي صلاح بيني ته اي ڪلاس واري وارد ۾ هلجي، جتي لياقت جتوئي، قربان شاهه، ديدار بلوچ ۽ شاهه محمد شاهه ترسيل هئا. مون کي معلوم نه آهي ته دوست رسول بخش پليجي، مون جهڙي مسڪين جي وارد کي چڏي، وڏيراشاهيءَ جي اي ڪلاس کي ڪهڙيءَ لاءِ منتخب ڪيئن ڪيو؟ ان باري ۾ مائُو ۽ لي دوئان جي ڪا تحريري حڪمت عملي، منهنجيءَ نظر مان نه گذري آهي. پوءِ به اسان کي پليجي جي رِٽ کي عملي جامو پارائڻو پيو، ڇو ته سندس چوڻ آهي ته سنڌ صدين کان دلوراءِ جي نگري، ان ڪري پئي رهي آهي، جو سنڌي عوامَ، پليجي يا سندس وڏن جي حڪمت عمليءَ ڏانهن گهٽ ڏيان پئي ڏنو آهي - جيتوڻيڪ سندس وڏن ۾ اهڙا 'محب وطن' به گذريا آهن، جن مغلن وٽ دلالپون ڪري سنڌين جي قبيلن جا قبيلا پئي ڪُهايا آهن. مثال طور: مغلن جي ابتدائي دؤر ۾ بابو پليجي، ڏوڪي سان ٻهرن جي قبيلي کي پاڻ وٽ ترسائي، راتو واهه وڃي مغلن کي جاڻ ڪئي ۽ مغلن جو ڪٽڪ ٻنيرکي جو اچي ٻهرن تي ڪڙڪيو. آسر ويل ٻهرن جون اکيون اڃا ڳريءَ ڳهر ۾ هيون، ته مغلن ٻهرن جو جڙ ٻچو ناس ڪري چڏيو. ٻهرن جو پلاند وري شورن ۽ دلن، پليجن کان ڪيو. اڳتي هلي مغلن جي دؤر زوال وقت ميان نورمحمد پليجي، مغلن سان

گڏجي، سنڌ جي لافاني ۽ لاثاني انسانَ، شاهه عنايت الله صوفيءَ جهوڪ واري سان جيڪي پال پلايا، ان جي شاهدي اڄ به جهوڪ جي مٽي ڏيندي، جنهن کي جيڪڏهن نپوڙيو وڃي تہ منجهانئس هن وقت به ڪربلا جي سرزمين کان وڌيڪ شهيدن جو خونُ اُبڙڪا ڏئي باهر نڪرندو، ۽ سڃيءَ سنڌ ۾ ڪيئي مشعلون جلي پونديون، جن جي چوڌين تي تيل بدران رت مَليل هوندو. پليجو ذاتي طرح منهنجو دوست آهي، ڪڇريءَ جو ڪوڏيو ۽ مجلس جو مور، پر الائجي ڇو ڪيس ڏسي، جوش ملیح آبادیءَ جو هيءُ شعر ياد اچي ويندو آهي تہ:

تو اور ابنِ مریم کا پیرو؟
تیري کُهنیوں سے ٹپکتا ہے لہو،
اشرارکو زیبا نہیں یہ شورشیں،
کل یزید و شمر تھے، آج بنتے ہیں حُسین!

اهو سڀ ڪجهه سوچيندي، اسان اي ڪلاس وارڊ ۾ پهچي وياسين، جتي سڀ کان پهرين شاهه محمد شاهه، پنهنجي مخصوص انداز سان ڪلندي، اچي مون کي پاڪر پاتو ۽ شاديءَ جي مبارڪ ڏنائين؛ جيتوڻيڪ منهنجي شاديءَ کي ڏيڍ سال ٿي چڪو هو.

ڪجهه دير اوپاريون لهواريون ڪرڻ کان پوءِ پليجي چيو تہ، "اسان خوش نصيب آهيون، جو هيترا گڏ ٿيا آهيون ۽ اها وڌيڪ خوش نصيبي آهي، جو آريسر جهڙو داناءُ ۽ دانشور اسان ۾ موجود آهي: چو نہ هن موقعي جو فائدو وني، ڪانئس ڪجهه ٻُڌون ۽ ملڪي حالتن تي سندس قيمتي خيال معلوم ڪريون." پليجي جي انهيءَ چوڻ تي عرض ڪيم تہ، "سائين! وڏن هوندي ننڍن تي ميار ناهي، بهتر آهي تہ توهان ئي ڪجهه ٻڌايو؛ ۽ منهنجو خيال آهي تہ انهيءَ ڳالهه چورڻ مان توهان جو مقصد ئي اهو هوندو تہ محفل ۾ موجود ماڻهو توهان کان ڪجهه ٻُڌڻ جي فرمائش ڪن!" منهنجي انهيءَ چوڻ تي محفل ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ طئي ٿيو تہ پهرين راڳ جي محفل هلي ۽ ان کان پوءِ اي ڪلاس جي ٽائننگ هال ۾ ملڪي سياست تي ويچار- ڏاراڻون ظاهر ڪجن. انهيءَ فيصلي ٿيڻ کان پوءِ منو مهيريءَ کي عرض ڪيو ويو تہ ڪو شعر ٻُڌائي.

مٺو مهيريءَ شعر شروع ڪيو، "لاڙڪاڻو ٽيو ويڳاڻو!" شعر پُٽي صاحب تي ٺهيل هو، پر تخيل تمام محدود هو. پُٽو پنهنجي خامين ۽ خوبين سميت اهڙو ماڻهو نه هو، جنهن جي موت تي صرف لاڙڪاڻو ويڳاڻو ٽيو هجي. پر هن جي غليظ زندگيءَ جي پيٽ ۾ سندس موت ايڏو ته عظيم هو، جو اُن تي نه صرف لاڙڪاڻو ويڳاڻو ٽيو هو، پر ٻُڌاپست جي گودين جو ذرو ذرو ويڳاڻو ٽي ويو هو. اجنتا ۽ ايلورا جي غارن ۾ فنڪارن جي شهپارن جي اکين ۾ گوڙها ۽ جسم ۾ لرزش پيدا ٿي ويئي هئي. مدغاسڪر جا پنجاهه هزار شهيد ۽ الجزائر جا ڏهه لک شهيدانِ وطن به پنهنجين قبرن ۾ بازوڪا تلاش ڪرڻ لڳا هوندا: ۽ پگت سنگهه جي سماڌيءَ ۾ زلزلو اچي ويو هوندو ته، "منهنجي پنجاب ۾ مون کان پوءِ به ائين ئي ٿي رهيو آهي، جيئن مون کان اڳ ۾ ٿيندو رهندو هو." مون کي يقين آهي ته ان ڏينهن رگو لاڙڪاڻو ويڳاڻو نه ٽيو هوندو، پر امرتا پريتم جي سيني گيتن ۽ راجندر سنگهه بيديءَ جي سمورين تخليقن خوني ڪفن پاتو هوندو.

پر انهيءَ محدود خيال تي به اسان جي محفل ۾ ويٺل ڪنهن همراهه، غالباً حبيب الله ناريجي يا ديدار بلوچ، پٽي تي مرثيو پڙهڻ ڪري، مٺو مهيريءَ کي چيو ته، "لعنت هجيئي!" اهي لفظ جينوئيڪ پيپلز پارٽيءَ جي دوستن لاءِ نهايت اڳرا هئا، پر پيپلز پارٽيءَ وارا پنهنجي روايتي بزدليءَ يا روايتي رواداريءَ جي ڪري، پُٽي جي موت تي ئي ماڻ ڪري وينا هئا، سي اهڙي گُٽي لفظ تي ڪٿي ٿا ڪُڇن! اُن جي باوجود ڪن ڇهرن تي ناگواريءَ جا تاثرات اُپري آيا، جن ۾ منهنجو پياروِ يار، علي ڏنو شاهه سرفهرست هو. پر پوءِ پنهنجي سائين جو رويو ڏسي، ماڻ ڪري ويهي رهيو.

ان کان پوءِ سميع مگريي، استاد بخاريءَ جي مشهور لولي ٻڌائي. ڪن ماڻهن کي سميع جو آواز ۽ گائڻ جو انداز ته ڪونه وٺيو، پر سندس زخمي مرڪ ۽ ابدي آجايل اکين جي اُداسائيءَ، محمد خان سومري پارن اهلِ دل ماڻهن تي ڪيفيت ۽ وجد طاري ڪري وڌو. گائڻ وڄائڻ جي محفل ۾ هاڻي لاڙ جو اٽڪ، ارڏو ۽ پورهيتن جو پرين شير خان لنڊ گائي رهيو هو:

نه تڙ تي تماچي، نه گندريءَ گذارا،
آسارا آسارا، ڪينجهر جا ڪنارا.

جڏهن هن مصرع تي پهتو:

اڄا رُڄ مان رڙ، اچي ٽي، اچي ٽي،
متان ايئن سمجهين، مُئا مور سارا.

- ته شير خان جي پرخلوص شخصيت، پرسوز آواز ۽ اياز جي شعر کي پُڌندي، منهنجي اکين جون ڪُنڊون آليون ٿي ويون. مون چوڌاري ڏٺو، اُهي مور ڳولڻ لاءِ بهار ڏوڙايم، جيڪي اڃاسارا مُئا نه هئا. منهنجي نظر صرف حبيب الله ڪابوري ۽ شير خان تي اچي بيهي رهي. جيتوڻيڪ رنگ برنگي لباسن ۽ وڏن قدن وارن جي کوٽ ڪانه هئي، پرسيني جو اندر مون کي ائين کوکلو نظر آيو، جيئن ڪاٽ- ڪُٽي جو ٽُڪيل ڪنهن وڏي آسري لئي جو ٽُڙ.

هاڻي وارو هو غازي صلاح الدين جو، جنهن کي رحمت الله هيسباڻي ڳچيءَ ۾ پاڪر وجهيو ويٺو هو. غازيءَ، اياز جو هيءُ شعر ٻڌايو:

رات آئي وئي، تون نه آئين ڪهي،
ماڪ ۾ مينڊرا، ڪاڪ رُندي رهي.

جڏهن هن شعر تي پهتو:

مينهن موتي ويا، ڏينهن اُپري لٽا،
تون نه آئين پرين، وهُ لڳي ٽي وهي؛

ته، نه معلوم ڇو آءٌ شعر جي لفظن جي جادوءَ ۾ منجي ويس. جيتوڻيڪ اياز جو وجود، ان دؤر ۾ سنڌ جي باشعور ماڻهن وٽ ڏڪار ۽ نفرت جي مجسم جي حيثيت اختيار ڪري ويو هو، پر پوءِ به سندس شاعري اڃا بهارن جا ڳاڙها ڳپ هئي، رڻ ۾ پوکيل رابيل جي سرهاڻ هئي، ۽ سندس لفظ اونداهين ۾ ڏيئڙا ڏيئڙا هئا.

شاعريءَ جي ان محفل کان پوءِ ڊائننگ هال ۾ تقريرن جو سلسلو شروع ٿيو، ۽ پليجي صاحب جي تجويز تي اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض ابوبڪر زرداريءَ سنياليا. انهيءَ نشست ۾ حبيب الله ناريجي، شير خان لنڊ، قاسم پٹر، قربان علي شاهه، محمد خان سومري، قاضي محمد بخش ڏامراهه، مون ۽ رسول بخش پليجي تقريرون ڪيون. اسان جو پيارو دوست اعجاز خواجو به هن محفل ۾ موجود هو، پر تقريرن ۾ حصو ڪونه ورتائين.

اعجاز خواجي جيل ۾ لکڻ ۽ شروع ڪيو هو، سندس لکڻي نئين هوندي ۽ پراثر هئي. سيني مختصر تقريرون ڪيون. مون پنهنجيءَ تقرير ۾ صرف اهو چيو ته، سنڌي انتهائي تيزيءَ سان ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن، ان ڪري انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ پيپلز پارٽيءَ سميت سيني پارٽين کي گڏجي منهن ڏيڻ گهرجي، قربان علي شاهه پنهنجي پارليامينٽري انداز ۾ ملڪ جو بهترين عالمانه جائزو پيش ڪيو. ڪانئس پوءِ حبيب الله ناريجي پنهنجي مخصوص انداز ۾ تقرير ڪري، سيني کي ذري گهٽ چيڙائي ڇڏيو. آخر ۾ پليجي صاحب ڏيڍ ڪلاڪ تائين پنهنجي وڪيلائي لفظي جادوگريءَ ذريعي سيني سنڌي جماعتن کي لتاڙيو ۽ خاص ڪري سائين جي. ايم. سيد تي سخت تنقيد ڪئي ته، "هو ٽيٽيهن سالن جي ضدي سياست ذريعي ڪجهه حاصل ڪري نه سگهيو آهي. انهيءَ سياست جو آڻ ۾ ڪافي وقت تائين شڪار رهيس. پر اڄ جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته آيا سنڌي اڪيلا موجوده نظام مان جان ڇڏائي سگهن ٿا، ته منهنجو جواب آهي: 'نه!' جيڪڏهن پڇيو وڃي ته بلوچ ۽ سنڌي گڏجي جان ڇڏائي سگهن ٿا، ان وقت ۾ منهنجو جواب هوندو: 'نه!' جيڪڏهن پڇيو وڃي ته سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ گڏجي، هن نظام جو خاتمو ڪري سگهندا، ته آڻ جواب ڏينداس 'هرگز نه!' ها، جيڪڏهن پنجاب جو مظلوم عوام، مٽين ٽنهي ڌرين سان ساڻ ڏيندو ته يقيني طور هن نظام جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو مون پنجاب جي مظلوم طبقن سان اتحاد ڪيو آهي، ۽ اها ئي صحيح حڪمت عملي آهي. آخر سيد، سنڌ جي عوام تي قومي (يعني ملڪ گير) سياست ڇو حرام ڪئي آهي؟ اسان پنهنجيءَ هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان حرام ۽ حلال سياست جا سڏا ٺوڙيا آهن. اسان کي اهو ڊپ ڏنو وڃي ٿو ته هتي جيڪڏهن طبقاتي جدوجهد شروع ڪئي وئي ته خانه جنگي ٿي پوندي. اهو بنهه غلط آهي، ڇو ته هن دؤر ۾ قومي ۽ طبقاتي جنگ جو امام ويٺنام آهي، جتي هڪ ئي وقت قومي ۽ طبقاتي ويڑهه وڙهي ويئي، پر اتي ڪابه خانه جنگي ڪانه ٿي؛ ۽ اڄ ويٺنام، آزاديءَ جي شاندار سوپ جو امام آهي."

پليجي جي انهيءَ تقرير کان پوءِ پهرين محفل ختم ٿي ۽ اسان جو قافلو

اسپيشل وارڊ ۾ ماني کائڻ لاءِ روانو ٿيو. واٽ ۾ ويندي مون چيو ته، "اها ابوبڪر زرداريءَ جي خرامپائي آهي، جنهن ڄاڻي واڻي پليجي کي آخر ۾ وارو ڏنو، جيئن هُو اسان سيني کي لتاڙي ۽ اسان کيس کوبه جواب ڏئي نه سگهون." منهنجيءَ ان ڳالهه جي تائيد قاسم پٽر، شير خان لنڊ، اعجاز خواجي ۽ اسماعيل سوهي ڪئي. نيٺ فيصلو ٿيو ته مانيءَ کان پوءِ هي نشست آريسر وارن جي وارڊ ۾ ٿيندي، جتي پليجي جي تنقيد هيٺ آيل دوستن کي جواب جو موقعو ڏنو ويندو ۽ پليجي کي آخر جي بدران وچ ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويندو. اهو فيصلو ڪري هرڪو ٽولو پنهنجي پنهنجي وارڊ ڏانهن روانو ٿيو.

شام جا ٽي ٽيا، اسان جي وارڊ جو ڊائننگ هال سينگارجي ويو. هتي مون کي اهو تسليم ڪرڻ ۾ کوبه شرم محسوس نه ٿو ٿئي ته وارڊ جي اندروني انتظام ۾ منهنجو کوبه هٿ نه هو. اها ساري محنت قمر پٽيءَ، بين قيدين کان ڪرائي هئي. قمر پٽي ڪنهن وقت اڳي به مون سان گڏ سنڌ جي هڪ سخت ترين جيل ۾ انتهائي بيمار رهندو هو، جتي مون سندس ماءُ بنجي خدمت ڪئي هئي ۽ رسول بخش پليجي ۽ مولابخش لغاريءَ نرسن جا فرائض پورا پئي ڪيا. پر اڳتي هلي اهو قمر پٽي، اقتدار ۽ شهرت جي شوقينن جي پڙڪائڻ تي منهنجي خلاف ٿي بيٺو ۽ ايجا تائين آهي. ساغر سميجي ان جو تجزيو اهو ڪيو هو ته، "تون (آريسر) ٽريو آهين، ان ڪري توکي حقارت جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو." ساغر کي چيو هئم ته، "مارئيءَ جي ڪردار ۾ لطيف اسان جو مُنهن مٺاهون ڪري ويو آهي، هيءَ صورت ۾ ديوري ناري ۽ نئين ڪوٽ کان اڳتي وارا ماڻهو، اسان کي ائين ڪائي وڃن ها، جيئن پنجابي، سنڌي ڪمند جو ٻيل ڳُڙ ڪائي ويندا آهن."

وڏي ڊائننگ هال ۾ هنڌ بسترا وڇائجي ويا. وهاڻا لڳي ويا، رادون هريون، سئي گٽس جي جُلهن تي مختلف شيون تيار ٿيڻ لڳيون ۽ غازي بورچي ڪم کي جنبي ويو. هوڏانهن تقريرن جو سلسلو شروع ٿيو ۽ سڀ کان اول ٽائيم ڏنو ويو جناب قاسم پٽر کي. قاضي محمد بخش ڏامراهه

چوندو آهي تہ لاڙ جي جنهن بہ ماڻهوءَ کي چيو ويندو آهي تہ، "تقرير ڪر،" تہ اهو لازمي طرح هيءُ بيت پڙهندو تہ:

ڪپرا گاروڙين سين، وڏو وڏءِ ويرِ،
نانگا نہ ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پيرِ،
هي تنين جو ڏيرِ، جن جهونا ڳڙهم جلائيوا
(شاهہ)

قاضي چوندو آهي تہ اهو بيت ٻُڌڻ کان پوءِ آءٌ سمجهندو آهيان تہ لطيف سموريءَ زندگيءَ ۾ اهو هڪڙو ئي بيت چيو هو. سو بہ آخري وقت تي لاڙ جي ماڻهن جي ڪنن ۾ چئي ويو هوندو. باقي ٽرين لاءِ هيڏي 'مارئي' ڳائي چڏي ائس، پر حرام ڪو ٽري، تقرير ۾ شاهہ جو بيت پڙهي. خبر ناهي شاهہ کي پڙهڻ پاراتو سمجهن ٿا يا ڏکار جي علامت! خير پٽر انهن ماڻهن مان نہ آهي، جيڪي 'ڪپرا گاروڙين سين' واري بيت کان تقرير شروع ڪندا هجن. هو هڪ سئي مارڪسواديءَ وانگر مرڪندو بہ رهندو آهي ۽ ڳالهائيندو بہ ويندو آهي. پنهنجي مخصوص انداز ۾ هن جي تنقيد جو نشانو خاص طور پليجو بنيل هو. مون ڏٺو پئي تہ پٽر جي گفتگوءَ هلندي، پليجو ائين وَٽ ۽ ور وڪڙ ڪائي رهيو هو، جيئن ڏکيل نانگ ور وڪڙ ڪائيندو آهي. پٽر جو سمورو زور انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ، "سنڌي ماڻهن کي پاڻ ۾ نهڙ گهرجي." پٽر کان پوءِ قاضي ڏامراهہ، پنهنجي مخصوص استائيل ۾ "جيئي سنڌ" وارن تي چوهہ چنڊڻ شروع ڪيا. مون کي علي ڏني شاهہ کن ۾ چيو تہ، "اسان پ پ وارا جهڙو ڪيپ ڪٽي آيا آهيون. رهيل صرف توهان (جيئي سنڌ وارا) آهيو، جن تي چوهہ چنڊڻ، فرض، واجب ۽ سنت سيڪجهہ آهي." ڪيس وراٽي ڏنم تہ، "پاڙيو مڙس پنهنجيءَ زال سان پُڄي نہ سگهندو آهي تہ پاڙي جي رن زال کي گاريون ڏيندو آهي، سو تنهنجيءَ پارٽيءَ وارن جو حال بہ اهو ئي آهي."

قاضي صاحب کان پوءِ شير خان لنڊ، فاصل راهوءَ ۽ اسلم پرويز بہ تقريرون ڪيون. نيٺ وارو آيو شاهہ محمد شاهہ جو، جنهن تقرير ۾ اجائي ديگهہ بہ ڪئي پئي تہ چڪر بہ لڳايائين پئي. سندس تقرير هلندي، مون کانئس پڇيو تہ، "تو وٽ مسئلي جو حل ڇا آهي؟ سو ٻڌاءِ! اسان کي خبر

آهي ته بنگالي هڪ هزار ميل پري هئا، پر جپاني ويتنام سان گڏ وينا هئا. ان ڪري اهي پراڻيون گنل ۽ بار بار پڙهيل بنگال جون سرگذشتون نه ٻڌايو، مسئلي جو حل ٻڌايو." ان تي هڪدم وراڻيائين ته، "بزنجي صاحب جي قيادت ۾ سنڌي بلوچ اتحاد!"

خير، شاهه صاحب جو وارو پورو ٿيو ۽ ڪنهن وقت عوامي تحريڪ جي 'شينهن مقرر' جي نالي سان مشهور اسماعيل سوهو اٿيو. حقيقت ۾ اسماعيل تقرير نه ڪندو آهي، پر اعلانِ جنگ پيو ڪندو آهي. پر هن پيري پنهنجي روايتي تقرير بازيءَ کان هٿي، شاهه محمد شاهه جا چوڏا لاهڻ لڳو ته، "تون پي. اين. پي جو نائب صدر آهين، استيج تي نچين ٻيئو. بنگال بنگال ۽ بروچ بروچ جي رٽ لايو ويئو آهين؟ دنيا جي ڪنهن بي تاريخ يا تحريڪ تي پڙهيو اٿئي يا نه؟ هڪڙي ڳالهه ياد رکو، اسان جو سنڌ ۾ ايمان آهي. اسان سنڌ جي مفادن خاطر پنجابي، پٺاڻ ته نهيو، پر آمريڪي سرڪار سان به ڳالهائڻ ۽ گفتگو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر ان لاءِ شرط آهي ته اسان ڪنهن واضح مقصد ۽ نظريي تحت ڪنهن سان اتحاد ڪريون، محض بروچ وڏيرن يا پنجابي چوڌرين جا پُڄ- لٽڪائو نه ٿيون. هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته اسان جي ترقي پسند دوستن وٽ سيٺ دائود پٺاڻ ۽ يوسف مستي خان ته انقلابي آهن، پر قربان علي شاهه ۽ علي ڏنو شاهه انقلابي ناهن، چو ته اهي بنگلن کي ڇڏي، اسان سان گڏ جيل ۾ ويٺا آهن."

انهن تقريرن هلندي، وچ ۾ مداخلتون به ٿيندڙيون رهيون، ڪاوڙون به چندڇنديون رهيون. مثال طور: حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته پٽر جي تقرير ۾ پليجي بار بار مداخلت ڪئي. شاهه جي تقرير ۾ هڪ پيرو مون مداخلت ڪئي ۽ شير خان جي تقرير ۾ پليجي صاحب جي گروپ وارن مداخلت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. قاضي محمد بخش ڏامراهه جي تقرير ۾ حبيب الله ناريجي بار بار اڌنگي طريقي سان مداخلت ڪئي ۽ اهڙو ڪنو ڳالهايائين، جو منهنجا ۽ ڪابوري جا ڪنڌ شرم ۾ جهڪي ويا. جيتوڻيڪ اسان ڪيس روڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هن هڪ پيرو ڳالهائڻ شروع ڪيو ته جڻ ٽيپ رڪارڊر چالو ٿيو، جنهن کي نه پاڻ

سمجهندو آهي ۽ نه وري ٻيا. حقيقت ۾ ڪي ماڻهو بيفائدي گهٽي ڳالهائڻ ڪي قابليت جو معراج سمجهندا آهن.

عالمي تاريخ ۾ ڪي شخصيتون حيرت انگيز گذريون آهن، جن ڪي ڳالهائڻ تي قهر جي قدرت حاصل هوندي هئي. ڏندڪٿائن ۾ پڙهيو اٿئون ته موهن دڙي جي دؤر جا دراوڙ عالم، پنهنجن لفظن جي زور تي درياءَ جا رُخ موڙي ڇڏيندا هئا. هندستان جي اڳوٽي پرڏيهي وزير سردار سورن سنگهه لاءِ مشهور آهي ته هو هڪ ئي نشست ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي، ويٺي بغير ڪنهن ٽڪاوٽ جي ست ڪلاڪ ڪنهن به عالمي مسئلي تي مسلسل ڳالهائي ويندو آهي. فيدل ڪاسترو لاءِ مشهور آهي ته سندس تقرير ڏهه ڏهه ڪلاڪ هلندي آهي. انهيءَ وچ ۾ جلسي گاهه جا ماڻهو پنهنجي محبوبائن سان گڏ ساموندي ڪنارن جو سير ڪري، وري اچي فيدل ڪاسترو جي فنِ خطابت مان لذت ياب ٿيندا آهن. موجوده مصري صدر انور سادات لاءِ مفتي محمود ٻڌايو ته ٻيٺي ٻيٺي نَوَ ڪلاڪ بهترين عربي خطابت جا آبشار وهائيندو رهندو آهي. مفتي صاحب چيو ته آءٌ ويهي ويهي ٽڪجي پيس، پر انور سادات تقرير ڪندي ڪونه ٽڪو. اسان جي ننڍي ڪنڊ جو سيد عطاءُ الله شاهه بخاري روزانو اٽ ڪلاڪ رات جو خطاب ڪندو هو ۽ پنهنجي جادو بياني سان ستارن کي منڊي ڇڏيندو هو. پٽو، مجيب ۽ هٽلر به طويل تقرير ڪندڙ ليڊرن مان هئا. پر اُنهن جي تقرير ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو مواد ضرور هوندو هو. هٽلر چوندو هو ته، "مون کي منهنجي پنهنجي تقرير جي هڪ هڪ پئرا ايڏو نشو ڏيندي آهي، جو شيمپئن جي بوتل به ايڏو نشو ڪنهن تي طاري ڪري نه ٿي سگهي. قديم يونان، روم ۽ عرب ۾ خطابت کي هڪ اعليٰ ۽ معزز مقام حاصل هو. قديم رومين جي طرز تي هٽلر به دراماٽي انداز جون طويل تقريرون ڪندو هو ۽ تقريرن کان اڳ آدم قد آئيني جي سامهون بيهي مشق به ڪندو هو. اقوام متحده جي اداري ۾ طويل ترين تقريرن پاڪستاني مندوب، سر ظفرالله ڪئي هئي. سينٽي تقريرن ۾ ڪنهن حد تائين مواد موجود هوندو هو، پر حبيب الله ڳالهائڻ شروع ٿيو ته الله ڏئي ۽ بندو سهي، نه مواد، نه لفظن جي خوبصورتي. خير جينن ٽيئن ڪري هن کي مات ڪرايو ويو ۽ هاڻي مون کي خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مون چيو:

"جيل جا ساٿيو! گذريل نون سالن کان اسين گاهي ماهي جيل عيدن سان آباد ڪندا رهيا آهيون. جڏهن به ڪنهن هڪ جيل ۾ ڪچ جيترا ساٿي گڏ ٿيندا آهيون، تڏهن منهنجي پياري دوست پليجي کي پنهنجي خطابت جا جوهر ڏيکارڻ لاءِ ههڙيون گڏجاڻيون ضرور ڪونائٽيون پوندیون آهن. آءٌ پنهنجيءَ فطري رواداريءَ ڪري هنن گڏجاڻين ۾ محض تفريح لاءِ شريڪ پيو ٿيندو آهيان، نه ته گذريل نون سالن جو تجربو مون کي بڌائي ٿو ته جيل جون تجويزون، رٿون، منصوبا ۽ پڌرناما، آزاد ٽيڪ وقت اسان جيل ۾ ائين چڏي ويندا آهيون، جيئن پڪو قيدي آزاد ٽيڪ وقت جيل جا ڪپڙا گودام ۾ جمع ڪرائيندو آهي. باهر نڪرڻ کان پوءِ اسان وري هڪٻئي لاءِ يونيتا ۽ ايف. اين. ايل. اي بنجي ويندا آهيون. جيتوٽيڪ منهنجي به خواهش هئي ته آءٌ هنن ساٿين جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي لفاظيءَ سان ٿر بر کي باهر لڳايان، چو ته منهنجي سامهون تقرير ڪرڻ وقت لفظ ائين ٻيڻا هوندا آهن، جيئن مينهن وٺي کان پوءِ ٿر جي ٽڏيءَ واريءَ تي ڏُٽ جا سلا- ۽ منهنجي اوائلي ذهني تربيت، اهڙن انسانن جي فڪري چانوري ۾ ٿي آهي، جيڪي پنهنجي خوبصورت لفظن سان انساني ذهنن جو ائين شڪار ڪندا آهن، جيئن قلوپطرا نگاهن سان شهزادن جو شڪار ڪندي هئي. اهي انسان جڏهن ڳالهائيندا هئا ته سندن لفظن جي قوت هماليا کي ڳهاري چڏيندي هئي. جڏهن تقرير ڪندا هئا ته سندن لفظن جي سونهن کي جهولين ۾ پرڻ لاءِ فضائن مان ستارا لهي ايندا هئا ۽ سندن تقريرن جي نغمگيءَ تي تاج محل جا منارا جهُڪي ايندا هئا ۽ لال قلعي جون شاندار فصيلون سندن تقريرن جي عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪنديون هيون. پر هتي آءٌ پنهنجن لفظن جي ذريعي توهان جي ذهنن جو شڪار نه ڪندس، چو ته توهان جا ذهن اڳيئي زخمي آهن ۽ توهان جي اکين جي پنبڻين تي ڳوڙها ائين منتظر آهن، جيئن مسافريءَ تان موٽندڙ وٽجارو، گهر جي در ڪُلهه جو منتظر هجي. ان ڪري آءٌ صرف چند ڳالهيون اوهان کي بُڌائڻ چاهيان ٿو ۽ اوهان کي انهن ٽي ويچارڻ جي دعوت ڏيان ٿو:

(1) "آيا، اوهان سنڌ کي تاريخي، جاگرافيائي، اقتصادي ۽ ثقافتي طرح هڪ ملڪ تسليم ڪريو ٿا، يا جهڙيءَ طرح انگريزن ان جي ملڪي

حيثيت ختم ڪري، هڪ ننڍڙي صوبي جو درجو ڏنو هو، تنهن کي اوهان حقيقت پسند سياستدان جي حيثيت ۾ قبول ڪري ورتو آهي. آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخي لغت ۾ هر انهيءَ حقيقت پسند سياستدان کي بزدل ۽ مَجُو سڏيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي ديس جي خصوصيتن تان ڏهني طرح دست بردار ٿي ويندو آهي.

(2) "جيڪڏهن توهان جي نظرن ۾ سنڌ ملڪ آهي ته آيا اهو آزاد آهي يا غلام؟ منهنجو خيال آهي ته آءٌ هتي ٿوري غلاميءَ جي وضاحت ڪريان: ڪو فرد غلام ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن هن جي انساني حيثيت تبديل ٿي وڪري جي جنس ٿي ويندي آهي ۽ هن جي وڪري تي واڪ لڳندا آهن. ڪا قوم غلام ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن ان جي ڪنهن به طبقي کي پنهنجيءَ مرضيءَ جو نظام قائم ڪرڻ جي اجازت ئي نه ملي. مثال طور سنڌ اسيمبلي، جيڪا وڏيرن تي مشتمل هوندي آهي، سا جيڪڏهن گهٽائيءَ سان بوليءَ وارو بل پيش ڪري، پاس ڪرائي ته ڪا بالائي طاقت، وڏيري طبقي جي متفق فيصلي کي رد ڪري ڇڏي. جڏهن ڪنهن قوم لاءِ ڏور ڏيهہ مان نظام تيار ۽ منظور ٿي ايندو هجي، جيئن هندستان لاءِ نظام برطانيا مان تيار ٿي ايندو هو، ته اهڙيءَ صورت ۾ اها قوم مڪمل غلام هوندي- ۽ ملڪ غلام ان صورت ۾ ٿيندا آهن، جڏهن انهن جي عالمي سرحدن جو احترام ختم ٿي وڃي ۽ ان ملڪ ۾ غير ملڪي ماڻهن کي داخل ٿيڻ لاءِ ڪنهن به پرواني جي ضرورت نه هجي، ۽ نه وري ان ملڪ ۾ غير ملڪي فوجن جي داخلا لاءِ ڪنهن اجازت جي ضرورت پوي. انهيءَ چنڊچاڻ جي روشنيءَ ۾ اوهان سنڌ کي ڏسي سگهو ٿا ته آيا غلام آهي يا آزاد؟

(3) "سنڌ جي انهيءَ حالت جو هن وقت ذميوار ڪير آهي، بشرطيڪ سنڌ کي توهان جڪڙيل قوم جو جڪڙيل ملڪ سمجهندا هجو. هن جڪڙيل ملڪ جي بدقسمتي هڪڙي هيءَ به آهي ته هن ملڪ جي آبادي جي توازن کي انتهائي بيدرديءَ ۽ بيرحميءَ سان تمام تڪڙو بگاڙيو ويو ۽ هر سال پنجاب ۽ سرحد کان ايندڙ گاڏيون ڏهہ لک بالغ هار سنڌ ۾ اچي ڇڏيون ٿيون، جن جي پُٺن تي حُقو ۽ ڪٽو، مٿي تي بسترو ۽ هٿ ۾ زمين جي الاٽمينٽ جو ڪاغذ هوندو آهي.

(4) "پنهنجيءَ غلام قوم جي چوٽڪاري جي باري ۾ بداعتمادي ۽ بي اعتباري، جيڪا منهنجي دوست رسول بخش پليجي ڏيکاري آهي، سا انقلاب ۽ آزاديءَ جي تاريخ ۾ انوکو مثال آهي، ۽ اهڙا لفظ ته انگريزي عروج جي دؤر ۾ سر سيد احمد خان ئي چئي سگهيو ٿي، باقي ٻيو ڪوبه نه! آءٌ پنهنجي انقلابي دوست کان پڇندس ته هُو صاحب صرف اسان کي ايترو ٻُڌائي ته جڏهن چين تي جپان حملو ڪيو هو، ان وقت جپاني توسيع پسنديءَ کي روڪڻ لاءِ عظيم مائوءَ جي چيني ڪميونسٽ پارٽي، پنهنجي ملڪ جي وڏيرن سان اتحاد ڪرڻ بدران جپان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان، هڪ نعري، هڪ جهنڊي ۽ هڪ منشور تحت اتحاد چو نه ڪيو؟ چاچا هوچي منهه، انقلاب، آزاديءَ ۽ بين الاقواميت لاءِ ويٽنام جي ٻوڌين کي چڏي، فرانس جي ڪميونسٽ پارٽين سان منشوري اتحاد چو نه ڪيو، يا اڳتي هلي آمريڪي ڪميونسٽن کي چو نه پنهجيءَ پارٽيءَ ۾ ڪنيائين؟ آفريڪا ۾ فينن، ڪيبرال، سامورا ماشيل ۽ بين پنهنجي ملڪ جي سردارن سان ناهه ڪرڻ جي بدران پرتگال جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ اتحاد چو نه ڪيو؟

اها هڪ معمولي ڳالهه آهي، جنهن کي تاريخ جو طالب علم چگيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو. ان ۾ ڪابه عربي فارسي نه آهي ۽ هن ملڪ جو ٻچو ٻچو سمجهي ٿو ته اڄ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد سان پنجاب جي اها هلت ۽ روش آهي، جيڪا ڪنهن وقت انگريزن جي هندستان سان هئي.

آءٌ هتي هڪ دلچسپ مثال ڊاڪٽر اينيٽ بيسنٽ جو ڏيندس. منهنجي سياسي رهبر سائين جي. ايم. سيد، پنهنجي جگ مشهور ڪتاب "جديد سياست جا نورتن" ۾ ان جو ذڪر انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ڪيو آهي. اها مائي انفرادي طرح سان ڪانگريس ۾ شامل ٿي هئي. جيسين ڪانگريس اعتدال پسند پاليسيءَ تي هلندي رهي ته ان انگريز مائيءَ جون همدرديون ڪانگريس سان رهيون، پر جڏهن ڪانگريس وديشي (پرڏيهي) شين جي بائيڪاٽ ۽ انگريزن سان عدم تعاون جو پروگرام شروع ڪيو ته جناح صاحب، غلام محمد پرڳڙي ۽ اينيٽ بيسنٽ، ڪانگريس کان جدا ٿي ويا. چوڻ ۾ اچي ٿو ته غلام محمد پرڳڙيءَ ۽ جناح کي ڪانگريس مان

ڪيڏ واري اها مائي هئي، جنهن اڳتي هلي 'هوم رول ليگ' ناهي هئي. هن جي شروع ڪان اها راءِ هئي ته هندستان اندروني خودمختياري ته حاصل ڪري، پر ان تان انگريزي تسلط صفا ختم نه ٿئي؛ نيٺ به هوءَ انگريز هئي ۽ منجهس يورپي برادريءَ جا جراثيم ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود هئا. هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مدد لاءِ ڪجهه ڪميونسٽ برطانيا مان درآمد ڪيا ويا هئا، تن هتي پهچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم ڪرڻ بدران ڪانگريس ۽ گانڌيءَ کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون.

"انهن حالتن ۾ اسان دعوت ڏا ڏيون ته اچو! سڌ ڪي انهيءَ حالت مان ڪيڏ لا سنڌ پ پ سميت سڀ جماعتون متحد ٿيون. باقي پنجاب جي مظلومن جي مدد سان حق حاصل ڪرڻ واري ڳالهه، جيڪڏهن جماعت اسلاميءَ جو ڪو ماڻهو ڪري ها ته مون کي عجب نه ٿئي ها. پر پليجي جي واتان اهڙي ڳالهه ٻڌي مون کي بي اختيار چوٽو ٿو پوي ته، "اي ميرا ڪيڏو نه سادو آهين، جو اُن عطار جي لونڊي کان دوا ونڻ آيو آهين، جنهن جي ڪري بيمار ٿيو آهين.") - اردو شعر جو ترجمو

(4) "ها، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جو قومي تشخص برقرار رکندي، اتحاد ٿي سگهي ٿو، پر سماجي ۽ شعوري سطح ۾ ناهمواريءَ جي ڪري اهڙا اتحاد اڪثر ڪري هلي نه سگهندا آهن. باقي مظلوم قومون، اتحاد ڪنهن مڪمل فارمولي نه هڻڻ ڪري به هڪٻئي جي هر طرح مدد ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪندیون رهن ٿيون. رسول بخش پليجي صاحب کي خبر آهي ته هڪ وقت ۾ ڪمبوڊيا، ويٽنام ۽ لائوس جون فوجون گڏيل ڪمان هيٺ آمريڪي سامراج خلاف وڙهنديون رهيون آهن، پر ٽنهي قومن جي سماجي، سياسي ۽ تنظيمي صلاحيت ۾ فرق هجڻ ڪري، جلد ئي اها متحد فوج ٽوڙڻي پئي. ساڳي حالت بلوچ- سنڌي اتحاد جي باري ۾ به ٿي سگهي ٿي. بلوچ عوام گولي واري ويڙهه ۾ گهٽو اڳتي وڌيل آهي. پر قومي شعور ۽ قومي ادب جي باري ۾ انتهائي مفلس آهي. اتي بزنجو، شيروف مري ۽ عطاءَ الله مينگل ته آهن، پر جي. ايم. سيد، رسول بخش پليجو ۽ قاسم پٽر ڪونهن. ان ڪري بلوچ جڏهن به اُٿيا ته قبائلي بنيادن تي ۽ سنڌي جڏهن به اُٿيا آهن ته هڪ قوم جي صورت ۾.

(5) "منهنجي دوست چيو آهي ته هن صديءَ ۾ ويٽنام آزاديءَ جو مثالي مورچو آهي، ۽ اُتي قومي ۽ طبقاتي جنگ هڪ ئي وقت وڙهي وئي، جنهن انهيءَ وڏيرڪي پروپيگنڈا کي ختم ڪري ڇڏيو ته قومي جنگ سان گڏ طبقاتي جنگ خطرناڪ خانه جنگيءَ کي جنم ڏيندي آهي. آءٌ اڃ باري ۾ پنهنجي پياري دوست کي عرض ڪندس ته ضروري ناهي ته ويٽنام هن صديءَ جو اڪيلو شاندار مورچو هجي. ان باري ۾ سڀ توهان سان ڪٽي شامل راءِ هجن، پر ڪن جي نظر ۾ هن صديءَ جو شاندار مورچو الجزائر آهي، جنهن کي ويٽنام وانگر روس ۽ چين جهڙن ديوَ قامت ملڪن جي فوجي، اقتصادي ۽ اخلاقي مدد حاصل نه هئي. ٻين جي نظر ۾ اهو مورچو موزمبيق آهي؛ ۽ ٽين جي نظر ۾ اهو مورچو گني آهي. ان کان سواءِ اهو به غلط آهي ته ويٽنام ۾ قومي ۽ طبقاتي لڙائي گڏ لڙڻ سان ڪا خانه جنگي نه ٿي آهي، هڪ سؤ سالن تائين ويٽنام جي عوام کي نه رڳو چپان، فرانس ۽ آمريڪا خوني غسل ڏنو، پر ان ۾ ويٽنام جي اندروني خانه جنگيءَ جو به دخل هو؛ ۽ ان ويٽنام کي به ٽُڪر ڪري ڇڏيو هو ۽ هوچي منهه پنهنجي زندگيءَ ۾ ويٽنام جي اتحاد جي جهنڊي کي ڦڙڪندو ڏسي نه سگهيو. ان کان سواءِ ويٽنامين سان صرف فرينچ، چپاني ۽ آمريڪي نه ٿي وڙهيا، پر ويٽنامي به وڙهيا ٿي. جنرلي ٽيُو، جنگشاهيءَ جو پليجو نه هو ۽ ان جا فوجي ڪي انڙ آباد جا آريسر ڪونه هئا، پر ويٽنامي هئا؛ ۽ ويٽنام کي خانه جنگيءَ جي باهه ۾ أڇلائڻ ۾ انهن اهم ڪردار ادا ڪيو هو. اهو لي دوئان جو طبقاتي لاڙو ئي هو، جنهن روس، چين ۽ آمريڪا کي ويٽنام جي سرزمين ۾ مداخلت جو آکاڙو بنائڻ جو وجهه ڏنو. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن ويٽنام ۾ الجزائر جي طرز تي جنگ وڙهي وڃي ها ته ويٽنام ڪڏهوڪو آزاد ٿي چڪو هجي ها.

"آءٌ آخر ۾ دوستن کي گذارش ڪندس ته غلط بياني کان پاسو ڪن. پنهنجي غلطين کي حڪمت عملين جو نالو نه ڏين، جيئن لي دوئان ڪيو آهي. دنيا ۾ صرف لي دوئان نه آهي. دنيا ۾ ايملڪار ڪبرال به آهي. دنيا ۾ رڳو جنرل گياپ نه آهي، پر بومدين به آهي، سامورا ماشيل به آهي، بن بالله

بہ آهي، ڪاسترو بہ آهي ۽ مجيب الرحمان بہ آهي. ڪنهن هڪ کي هن صديءَ جي جنگِ آزاديءَ جو ٻيڪو نہ ڏيو. آخر ۾ آءٌ هي لفظ چوندس تہ:

آجيون ٽيندیون ساريون قومون،
گوريون توڙي ڪاريون قومون،
ٽڪيون ماندیون، هاريون قومون،
جن ۾ دودا ديس- فدائي، جيئي جيئي شاهہ پٽائي!

- محمد خان مجيدي

ٻئي ڏينهن جيل ۾ رهندي، ٻاهر ڪم ڪرڻ جي ڪنهن فارمولي تي ڪم ڪرڻو هو. پر پليجي صاحب جي اٺ هٽي بيهڻ سبب اهو ڪم نہ ٿي سگهيو. پهرين تہ اهو شرط رکيائين تہ جيڪڏهن پٽر ۽ شير خان کي گڏجاڻيءَ ۾ ويهاربو ويو تہ هُو نہ ويهندو، چو تہ پٽر ۽ شير خان جي تنظيمي حيثيت نہ آهي. اهو نياپو شاهہ محمد شاهہ ڪٽي آيو. انهيءَ نياپي تان قدرتي طرح مون کي مٿيان لڳي، سو چوائي موڪليم تہ، "پوءِ تون پي. اين. پي ۽ پ پ پ جي وڏيرن سان ويهي ناهہ ڪر، آءٌ وڃان ٿو هليو." ٿوريءَ دير کان پوءِ شاهہ محمد شاهہ موٽي آيو ۽ اچي چيائين تہ پليجو چوي ٿو تہ، "پوءِ آءٌ بہ پاڪستان عوامي تحريڪ جي بن نمائندن، سنڌي شاگردن تحريڪ جي بن نمائندن، سنڌي هاري تحريڪ جي بن نمائندن ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جي بن نمائندن سان گڏجي ميٽنگ ۾ ايندس." مون چيو، "مون کي انهيءَ تي ڪوبہ اعتراض ناهي، ٿي سگهي تہ سنڌي عوامي تحريڪ جي بن خواتين نمائندن کي بہ گهرائي سگهي ٿو؛ ۽ اسان پنهنجي انهن مائرن جي عزت ۽ مانُ سڳيئن مائرن جهڙو ڪنداسون." اهو جواب ڏئي آءٌ اُٿي وڃي پنهنجي وارد ۾ سُمهي رهيس. ڪلاڪ کان پوءِ محمد خان سومري جو برداشتي آيو ۽ اچي هڪ چٺي ڏنائين، جنهن ۾ لکيل هو تہ:

"محترم آريسر صاحب!

جناب پليجي جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جيئي سنڌ طرفان حبيب الله ناريجو ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو تہ آءٌ ڪونہ ايندس. مهرباني ڪري انهيءَ صورتحال ۾ جلدي جواب ڏيندا."

ناريجي جو واقعي رويو غلط رهيو هو، جنهن جو اسان کي بہ احساس

هو. پر پليجي جي شرطن مٿان شرط وجهڻ سبب مون فوري طرح لکي موڪليو ته، "ناريجي کان سواءِ آءٌ بہ ڪونہ ايندس. توهان پنهنجي ڪاروائي هلائڻ لاءِ آزاد آهيو." نتيجي طور محمد خان سومري، وچ ۾ اچي معاملي کي ختم ڪرائي ڇڏيو. اڳتي هلي مون کي خبر پئي ته پليجي اهو مشهور ڪرايو هو ته، "شير خان، پٽر ءِ آريسر منهنجي قتل جي اسڪيم ناهي هئي، جنهن ۾ حبيب الله ناريجي کي ڪرائي جي قاتل جي حيثيت ۾ استعمال ڪرڻ جي رٽ هئي. ان ڪري مون مختلف رڪاوٽون وجهي، سندن شيطاني اسڪيمن کي ناڪام بنائي ڇڏيو." خبر ناهي جيئي سنڌ وارن کي سنڌ جا سياسي ڪارڪن چو ايڏو دهشت پسند سمجهندا آهن!

o o o

– مون پنهنجي دوست پليجي کان پڇيو، "توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو ماڻهو سهڻو لڳندو آهي؟" جواب ڏنائين، "اُها خوبصورت جوان عورت، جيڪا شين سان محبت ڪرڻ بجاءِ ماڻهوءَ سان بي پناهہ محبت ڪري، هن جي محبت جو مرڪز صرف ماڻهو هجي." پڇيم، "اهڙي محبت ملي اٿئي؟" جواب انڪار ۾ ڏنائين. ڪيس چيم، "ان لاءِ عورت جي ذهن ۾ وڏي تبديليءَ جي ضرورت آهي. اُها هيءَ ته ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ته ڪار ڪيڏي بہ سهڻي هجي، پر ان ۾ اها صلاحيت ئي ناهي ته مالڪياڻيءَ جي ڳل تان ڳوڙها اُگهي سگهي يا سندس گلابي چپن مان ڦُٽي نڪرندڙ ڇُميءَ کي امرت ڌارا جو ڏک سمجهي پي وڃي، يا سندس گرم جسم کي پاڪرن ۾ پيڪوڙي، ڪرن جي بلندين تائين کڻي وڃي، يا سندس گلي مان اُپرندڙ مصري شاهہ جي ڪافيءَ تي مست ٿي داد ڏئي سگهي. بنگلو ڪيڏو بہ سهڻو هجي، پر سندس پيشانيءَ تي لٽڪندڙ چنيليءَ ول جهڙين ڇڪن کي ڇُهي سگهي، يا سندس گلابي ڳچيءَ ۾ پانهون وجهي جهولي سگهي، يا سندس نڳاهن جي خمار کي پنهنجي اکين جي پيالن ۾ اوتي سگهي؛ اها ان ۾ صلاحيت ئي ناهي. شيون ڪيڏيون بہ خوبصورت هجن، پر عورت جي اڪيلائي ۽ اُداسائي دور ڪري نہ ٿيون سگهن. انهيءَ عورت جي ازلي اڪيلائيءَ ۽ اُداسائيءَ جو دارون صرف مرد آهي، پوءِ ڪٽي ڪارو ڪوجهو يا لولو لنگڙو هجي."

منهنجي ايتري چوڻ تي جيل جي ڪوليءَ ۾ مون سان گڏ وينل پليجي چيو ته، "توکي ڪهڙو ماٺهو وٺندو آهي؟" وراڻيم، "مرڪندڙ" نه پهه جواب ڏنائين ته، "صدين جي پيڙا ماڻهن جي چپن تان مُرڪ غائب ڪري ڇڏي آهي. ماڻهن کان مُرڪڻ وسري ويو آهي. اُن هوندي به جيڪڏهن ڪو مُرڪي ٿو ته اها مُرڪ مصنوعي هوندي آهي، بلڪل ايئر هوسٽيس ۽ نرس جي مُرڪ جهڙي." چيم، "ڪي ڪي ماٺهو هوندا آهن، جڏهن اُنهن جي چپڙن تي مُرڪ ايندي آهي ته ڪائنات جهومي اُٿندي آهي، ۽ ان مرڪ ۾ ذري جيتري به بناوٽ نه هوندي آهي." پڇيائين، "اهي ڪهڙا ماٺهو آهن ۽ ڪٿي آهن؟" جواب ڏنم، "هر جڳهه تي آهن ۽ اهي آهن سال ڏيڍ جا ننڍڙا ٻارَ! جن لاءِ ٽڪگور چيو هو ته هر ٻار جي پيدائش اهو ٻُڌائي ٿي ته خدا ڪائنات مان نااميد نه ٿيو آهي."

o o o

- هڪ ڪڇريءَ ۾ پليجي کي چيم، "تون مون تي پروسو ڪري سگهين ٿو، جيتوڻيڪ مون کي خبر آهي ته تون ماڻهن تي اعتماد تمام گهٽ ڪندو آهين، پر آءٌ هميشه هر ماڻهوءَ تي اعتماد ڪندو آهيان، جيسين تائين اُن جي بي اعتمادي ثابت نه ٿئي. انسان تي منهنجي ان غير مشروط ايمانَ، مون کي زندگيءَ جي اڙانگي، اوکي ۽ پُر پيچ سفر طئي ڪرڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪئي آهي. ڪنهن ماڻهوءَ وٽان ڪنهن وقت اعتماد جي آڇت مون کي هڦتن تائين انساني طاقت جي معراج جي منزل ماڻائيندي رهندي آهي، ۽ انسان ۾ منهنجو اعتماد روز پکو ۽ پختو ٿيندو ويندو آهي. جيتوڻيڪ مون ٺوڪرون به ڏاڍيون کاڌيون آهن. منهنجي اعتماد جي کينهوڙي کي بار بار ٽُڙيو ويو آهي. پوءِ به آءٌ سمجهان ٿو ته جنهن ڏينهن منهنجو انسان تان مڪمل اعتماد ختم ٿيو، ان ڏينهن آءٌ پُري ريزا ريزا ٿي ويندس ۽ منهنجو وجود ڪاغذ جي ٽُڪرن وانگر هوائن ۾ اُڏامندو، ماڻهن جي پيرن ۾ ڪرندو ۽ ماڻهو ان کي لتاڙي اڇُتي وڌي ويندا."

جواب ڏنائين، "توکي ڪنهن غلط ٻُڌايو آهي ته آءٌ اعتماد نه ڪندو آهيان. منهنجي نظر ۾ اهو انسان دنيا جو بدترين انسان آهي، جيڪو اعتماد جي دولت کان محروم هجي. اهڙو ماڻهو دل ۽ دماغ جو مفلس ٿيندو آهي،

جيڪو نه دوستي نيائي سگهندو آهي ۽ نه دشمني ڪري سگهندو آهي؛ نه اختلاف ڪري سگهندو آهي ۽ نه وري اعتماد. جنهن جي نفرت به بيفاعدي ته محبت به ٻسي هوندي آهي. آڻ اعتماد جي دولت سان مالامال آهيان، منهنجي نفرت طوفان بنجي ويندي آهي ته محبت سانوڻ ۾ گهٽائون. مون ۾ اختلاف ڪرڻ جي بي پناهه صلاحيت آهي، ۽ آڻ ان اختلاف کي به پنهنجو سرمايو سمجهندو آهيان. ان سان گڏ آڻ اتحادي سياست جو پيغمبر آهيان. جهڙيءَ طرح پيغمبر پيٽ سان پٿر ٻڌي به تبليغ ترڪ نه ڪندو آهي ائين آڻ به ٽوڪا کائي، اعتماد نه ٽوڙيندو آهيان.

o o o

اڄ جي دنيا ۾ جهڙيءَ طرح مارڪسزم مشهور ۽ مقبول ٿي وئي آهي، ايتري مقبوليت ۽ شهرت سان ته شايد نه، پر دنيا جي گهٽي حصي جي انسانن کي گانڌي ازم، پنهنجي گهيري ۾ وٺي چڪو آهي. اڄ روس ۾ مارڪسي نقطي نظر تي لکجندڙ ڪتابن ۽ بوڪ ليٽن ۾ گانڌي ازم جو ذڪر، وڏي اهتمام سان ٿي رهيو آهي. اڄ زمبابوي جو رابرٽ موگابي چوي ٿو ته، "دنيا ۾ آڻ هڪڙي ئي شخصيت کان متاثر ٿيو آهيان. سا آهي مهاتما گانڌيءَ جي لافاني شخصيت." هن وقت لبيا جو اڌ چريو پيارو ليڊر، ڪرنل قذافي به پنهنجي تقريرن ۾ بار بار گانڌيءَ کي حوالي طور استعمال ڪندو آهي؛ ۽ قاهرا ريڊيو ته رات ڏينهن "غاندي" (گانڌيءَ) جي رٽ لايو ويٺو هوندو آهي. گانڌيءَ کان ڪميونسٽ به متاثر آهن ته غير ڪميونسٽ به. هٿياربند جدوجهد ۾ ايمان رکندڙ به گانڌي ازم جا قائل آهن. ته پرامن جدوجهد جا داعي، غفار خان ۽ جي. ايم. سيد به گانڌيءَ جا عقيدتمند آهن. گانڌيءَ کان اديب به متاثر آهن ته سياسي دانشور به. ڪجهه وقت اڳ، ڪجهه چڙواڳ ڪميونسٽ گانڌيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا، سي به هن مهلڪ ائٽمي دؤر ۾ گانڌيءَ جي فهم ۽ فراست، انسانيت ۽ امن پسند پاليسيءَ کي ساراهي رهيا آهن. گانڌي 1943ع ۾ چيو هو ته، "سمورا مهلڪ هٿيار چڏي، دشمن جو مقابلو ذهني ۽ روحاني قوت سان ڪريو." گانڌيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي، انگريز وائسراءِ بيهوش ٿيندي ٿيندي بچيو هو. پر اڄ يورو يورپ ۽ آمريڪا مهلڪ هٿيارن جي بار هيٺان دٻجي ويو آهي -

مغربي انسان ائين سمجهڻ تي مجبور آهي تہ، 'آءٌ اڄ هڪ اهڙي پهاڙ تي ويٺو آهيان، جيڪو آتش فشان آهي ۽ ڪنهن بہ وقت ڦاٽي سگهي ٿو -' ۽ پوءِ جڏهن اهو آتش فشان ڦاٽو تہ دنيا جو نہ حُسن باقي رهندو، نہ ثقافت ۽ آرٽ؛ نہ موسيقي باقي رهندي ۽ نہ سُريلا آواز؛ نہ ڳوريون ڏگهيون آڱريون رهنديون ۽ نہ ڪُونج جهڙيون ڳچيون. اهڙي وقت، دنيا ۾ هر انسان گانڊي ازم ڏانهن دوڙي رهيو آهي، تہ جيئن دنيا جي سونهن، سوپيا، حُسن، آرٽ، گيت، موسيقيءَ، شاعريءَ ۽ ثقافت کي بچائي سگهجي. ڳورين ڏگهين آڱرين کي ڍائل تي گهمندو ڏسي سگهجي. ڪنوارين جي ڪنن جون پاڙيون ڳاڙهيون رکي سگهجن ۽ معصوم ٻار جي چهري تي مُرڪ جي روشني برقرار رکي سگهجي- ۽ اڄ جو انسان، جيڪو بقول تاجل بيوس: 'صرف پيٽ تي ڪلمو پڙهي ٿو،' سو پيٽ تي ڪلمي پڙهڻ لاءِ زنده رهڻ يا پيٽ کي باقي رکڻ لاءِ بہ گانڊي ازم ڏانهن دوڙي رهيو آهي.

ڪلهہ بن پهرن جو مون کي پنهنجي پياري دوست رفيق پنهور، گانڊيءَ جي تصوير وارو لاکيٽ ڏنو. انهيءَ لاکيٽ پائڻ شرط منهنجو ذهن گانڊي ازم ڏانهن انسان جي دوڙ ۽ دلچسپيءَ ڏانهن وڌي ويو. اهو لاکيٽ پائڻ کان پوءِ مون ائين سمجهيو تہ اڄ منهنجي گلي ۾ امن جو اهڙو لافاني گيت آهي، جنهن جي لئہ هماليا کان بلند ۽ سمنڊ کان گهري آهي؛ ۽ اُن امن جي گيت کي ڪڏهن بہ فنا نہ آهي. اهو ڪڏهن مسيح جي روپ ۾، ڪڏهن ابوذر غفاريءَ جي صورت ۾، ڪڏهن ٽالسٽاءِ جي شڪل ۾ ۽ ڪڏهن باقاعدي گانڊي ازم جي صورت ۾ وڃندو پئي رهيو آهي- ۽ اڄ اهو دنيا جو سڀ کان پسنديده، مقبول ۽ مشهور امن جو گيت آهي. اهو وقت بنهہ جلدي اچي رهيو آهي، جڏهن ڪارخاني ۽ ڪڏيءَ ۾، کيت ۽ ڪري ۾، سمنڊن ۽ درياڻن ۾، فضائن ۽ خلائن ۾ صرف انهيءَ گيت جي گونجار هوندي، جنهن جي مست ڪندڙ ڌُن تي نوجوان مرد ۽ عورتون، خوبصورت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مست ٿي، انسانيت جي شاندار مستقبل لاءِ رقص ڪندا، پوري انسانيت رقص ڪندي، تاج جا مُنارا رقص ڪندا، ستارا رقص ڪندا ۽ چند ڏرتيءَ جي ڏوڙ چُمڻ لاءِ لُهي ايندو تہ، "اي ڏرتي! مون ۾ جبرئيل تہ آهي، پر تون اها خوش نصيب آهين، جنهن کي گانڊي مليو آهي!"

o o o

- هائي سوال هي آهي تہ، **"گانڌي ازم ڇا آهي؟"**

گانڌي ازم، ڪنهن ڏکئي، پيچيدي ۽ مُنجهيل مسئلي جو نالو ناهي، پر اُهو هڪ سادو سودو، ايشيائي عوام جي مزاج جهڙو صاف فلسفو آهي. گانڌيءَ جي فلسفي کي هتي ڪجهہ حصن ۾ ورهائي بيان ڪجي ٿو:

آزاديءَ متعلق سندس نظريو، جنهن کي عام طرح **"عدم تشدد"** يا **"اهنسا"** سڏيو ويندو آهي، ان کي جديد سياسي دنيا ۾ عملي جامو پارائيندڙ مهاتما گانڌي آهي. جيتوڻيڪ گانڌيءَ جو چوڻ آهي تہ هن اهو نظريو، حضرت عيسيٰ عہ جي پهاڙي وعظ ۽ حضرت محمد ﷺ جي مڪي واريءَ جدوجهد مان حاصل ڪيو آهي.

عدم تشدد جو مطلب هيءُ آهي تہ توهان هٿياربند طاقت کي پنهنجي اخلاقي ۽ سياسي حڪمت عمليءَ سان شڪست ڏيو. عام طرح سمجهيو ويندو آهي تہ گانڌي ازم بزدليءَ جو ٻيو نالو آهي. پر حقيقت ائين نہ آهي. مهاتما جو چوڻ آهي تہ، "مون کي جيڪڏهن بزدليءَ ۽ تشدد پسنديءَ مان چونڊ جو حق ڏنو وڃي تہ آءٌ پڪ سان تشدد پسند ڪندس." سندس خيال ۾ اهنسا، بهادريءَ ۽ روحاني طاقت جو اهو لازوال خزانو آهي، جنهن سان بي هٿيار عوام زبردست هٿيارن کي شڪست ڏئي سگهي ٿو. هن تپسيا جي مختلف طريقن سان اها طاقت حاصل ڪئي، جنهن خوف ۽ بزدليءَ جو ذرو بہ سندس جسم ۾ نہ ڇڏيو هو؛ ۽ اها ئي اخلاقي قوت هئي، جنهن سندس مڪ تي ابدي مُرڪ ڇانئي ڇڏي؛ ۽ هيءُ ساڌو صفت، اڌ اُگهاڙو انسان، هٽلر کي شڪست ڏيندڙ برطانوي سامراج کي هندستان مان ڪاميابيءَ سان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

چيو وڃي ٿو تہ دنيا ۾ صرف بہ مذهبي ماڻهو اهڙا آهن، جن کي عوام جي بي پناهہ اخلاقي قوت ۽ حمايت حاصل ٿي سگهي: جن مان هڪڙو خميني ۽ ٻيو گانڌي آهي. پر بنهي جي اخلاقي قوت ۾ اهو فرق آهي تہ ڪاميابيءَ کان پوءِ خميني، ننڍڙيءَ عدالت جي فيصلن ۾ مداخلت ڪندو رهي ٿو، ۽ گانڌي، آزاديءَ کان پوءِ پاڻ کي اقتدار کان هڪدم الڳ ڪري ڇڏيو ۽ ڪڏهن بہ سرڪاري ڪاروبار ۾ مداخلت نہ ڪيائين، سواءِ فرقيوارانہ فسادن جي موقعي تي 'مرن برت' (مرڻ گهڙيءَ تائين روزو) رکڻ جي.

دنيا ۾ ٿي اهڙا ليڊر ٿي گذريا آهن، جن جي استقبالَ، انساني تاريخ کي نوان رنگ، ڍنگ ۽ جلوا ڏيکاريا. پهريون صدر سوئيڪارنو، جڏهن سامراجين جي قيد مان آزاد ٿي آيو، اُن وقت پندرهن لک ماڻهن سندس شاندار آجيان ڪئي هئي. ٻيو شيخ مجيب الرحمان، جڏهن پاڪستاني جيل مان آزاد ٿي ٻاڪا پهتو تہ ويهن لکن انسانن سندن آجيان ڪئي، ۽ ٽيون خميني، جڏهن جلاوطني ختم ڪري ايران واپس موٽيو تہ لکين ماڻهن سندس آجيان ڪئي هئي. پر مهاتما گانڌي، انهن ٿنهي ماڻهن کان عوام ۾ وڌيڪ مقبول هو. پر هن ڪڏهن بہ استقبال جو اهڙو مظاهرو نہ ڪرايو ۽ نہ وري هو نمائش جو شوقين ٿي هو. دنيا، گهٽي ۾ گهٽو ناصر، نوممبا ۽ گانڌيءَ جي موت تي رُني آهي. پر گانڌيءَ جي موت تي دنيا جي ماتم ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هيءُ ساڏو صفت سياسي رهنما ڪيترو مقبول هو. هُو هميشہ ريل جي ٽرڊ ڪلاس گاڏي ۾ سفر ڪندو هو. پنگي ڪالونيءَ ۾ رهندو هو ۽ قميص نہ پائيندو هو. سندس چوڻ هو تہ جڏهن چاليهہ ڪروڙ هندستانين کي پورو لٽو ملندو، اُن وقت آءٌ قميص پائيندس. گانڌيءَ جي ڪم جو هميشہ مرڪز ٻهراڙيون رهنديون هيون. هن کي هندستان جي ڳوٺن سان عشق هو. سندس چوڻ هو تہ وڏين صنعتن جو شهرن ۾ ميڙ، هندستاني عوام جي ايڪتا ۽ پائيچاري لاءِ نقصانڪار آهي. ان ڪري هُو صنعتن کي هلڪين مشينن ۽ گهرو هنرن تائين رکڻ جو حامي هو. سندس جمهوريت جو تصور بہ عجيب هو. هو هندستان جي موجوده جمهوري سرشتي جي جاءِ تي 'پٽنچات سسٽم' جو مڃتائو هو.

انهيءَ سلسلي ۾ هن هندستاني ڳوٺن جو سروي ڪرايو هو. اُهو سروي، هڪ ڪتاب "مهاتما ۽ ڳوٺ" ۾ شايع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ هندستاني ڳوٺن جو تعداد ۽ سندس جمهوري سرشتي جو تت ڏنل آهي. مون کي افسوس آهي جو قيد جي حالت ۾ مون کي اهو ڪتاب دستياب ٿي نہ سگهيو. ٻيءَ صورت ۾ آءٌ سندس "ڳوٺاڻي جمهوريت" تي لکي سگهان ها. البت ايترو ياد اٿم تہ هندستاني ڳوٺن جو تعداد ساڌا ست لک ڏيکاريل آهي ۽ حڪومت جو سرشتو، انهن ڳوٺاڻين پٽنچاتن کان شروع ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

گانڌيءَ کان اڳ "نان ڪوآپريشن" يا عدم تعاون ۽ سول نافرماني، صرف نظرياتي ڳالهيون هيون، جيڪي ڪتابن ۾ موجود هيون؛ ۽ پنهنجي ڪن ڪتابن ۾ تالستاءِ اهڙا اشارا ڏنا آهن. پر اُنهن ڳالهين کي ڪروڙين ماڻهن جي دلين ۾ نقش ڪري، عملي ميدان ۾ انتهائي همت سان آزمائڻ جو سهرو گانڌيءَ جي سر تي سونهي ٿو.

گانڌيءَ هڪ مؤثر هٿيار، جابر قوتن خلاف بک هڙتال جو ايجاد ڪيو، جنهن کي اڄ جي دنيا جا سمورا قومپرست ۽ ڪميونسٽ ليڊر، آزاد توڙي قيدي، انتهائي دليريءَ سان آزمائي رهيا آهن. انهيءَ هٿيار کي قيدين، اسرائيل، ڏکڻ آفريڪا ۽ پاڪستان جهڙن انتهائي آمر ملڪن ۾ استعمال ڪري گانڌي ازم جي ڪاميابيءَ تي تاريخ جي سچائيءَ جي مُهر هڻي چڏي آهي: ايتريقدر جو پاڪستان جا منهاج برنا ۽ رسول بخش پليجي جهڙا، گانڌيءَ جا ڪٽر دشمن به ان کي استعمال ڪري رهيا آهن.

گانڌي ازم هر قسم جي سرحدي جنگ توڙي اندروني جنگ جو سخت دشمن ۽ امن جو پيغامبر آهي. گانڌي پهريون ماڻهو هو، جنهن لارڊ ويول کي چيو هو ته، "سمورا مهلڪ هٿيار سمنڊن جي حوالي ڪري چڏيو." هن دنيا کي رت پياڪ بگهڙ جي نه، پر امن جي پکيڙي جي ضرورت آهي، جيڪو دنيا جي فضائن ۾ مٽيون بوليون ۽ لاتيون لٽوندو وتي؛ پر ڪنهن به ڪُنڊ ۾، ڪوبه ڦهري ڪانُ ۽ ڪابه اڻ گس گولي نه هجي، جيڪا محبوب جي وارن جهڙن سندس پَرڙن کي زخمي ڪري چڏي، ۽ اُنهن مان ڪوملتا جي بدران رت جا اُڀڙڪا نڪرن ۽ فضا رتوچاڻ ٿي وڃي.

حقيقت ۾ گانڌيءَ جنهن وقت امن ۽ شانتيءَ جي ڳالهه ڪئي، ان وقت هن هڪ چالاڪ ۽ مدبر سياستدان جي حيثيت ۾ نه، پر انسان جي هڪ شفيق پيءُ جي حيثيت ۾ ڪئي هئي؛ چو ته هڪ پيءُ کي ئي حقيقي خبر هوندي آهي ته سندس سامهون جڏهن پُٽس جي سيني مان رت لينديون ڪري وهندو آهي، اُن وقت ان جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي آهي. اُن پيءُ کي ئي پورو احساس هوندو آهي، جنهن جي ورهين جي ارمانن ۽ آسُن کان پوءِ پرٽايل ڏيءُ جي سينڊ مان سُهاڳ جو سنڊور نڪري، ان جي جاءِ تي مٽيءَ ٻُڪ پوندا آهن، ۽ جڏهن سندس هٿن کي زور سان فرش تي

هنيو ويندو آهي ۽ ان جي ڪرائين ۾ پيل سُهاڳ جي نشاني چوڙيون ٽُٽي پوندیون آهن ۽ ويچاريءَ جو مستقبل هميشه لاءِ اونداهو ٿي ويندو آهي. ان پوڙهي ماڻهوءَ کي ئي احساس ٿيندو آهي، جنهن جي پُٽن، پوٽن ۽ انسانيت جي ڀارڙن جي پشم جهڙن ڳلن تان مُرڪ جون ريکائون ڳوڙهن جي قطارن ۾ بدلجي، سندن مقدر بنجي ويندیون آهن. اهڙي وقت، انسان ذات جي ڀارڙن جي درد کي صرف گانڌيءَ جهڙي انسان جي پاڪ ۽ پوتر دل ئي سمجهي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو گانڌيءَ وٽ هٿيار جي زبان ۾ گفتگو ڪرڻ دنيا جي سڀ کان وڏي لعنت آهي. هن ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو به ان کري قبول ڪيو هو، جو آزاديءَ ۾ دير ٿيڻ جي صورت ۾ فرقي پرستيءَ جي بندوقن جا مُنهن نه صرف انگريزنخلاف ڪُلي پون ها، پر اُهي بندوقون خود پارٽ ورش جي عظيم سپيتا جي شاندار تصوير ۾ اهڙي باهه لڳائي ڇڏين ها، جيڪا نه صرف اجنتا ۽ ايلورا کي ساڙي ها، پر قرآن ۽ گيتا، رامائڻ ۽ مهابارت، شڪنتلا ۽ ميگهه دوت، ويدن ۽ ترجمان القرآن کي به ساڙي ڇڏي ها. اها باهه عائشه جي برقعي ۽ سيتا جي ساڙهيءَ کي به جلائي رک ڪري ڇڏي ها.

ان کان سواءِ گانڌي ازم نالو آهي، غلاميءَ ۽ آقائيت جي مڪمل خاتمي جو؛ ذات، رنگ، نسل ۽ پيشي جي لحاظ کان انساني ننڍ وڏائيءَ ۽ حقارت جي ديوارن کيرائڻ جو. انهيءَ ڪم لاءِ هن (گانڌيءَ) اُتم جاتيءَ جو هندو هوندي، هڪ پنگي ڪالونيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي؛ جتي هُو هر آٿوگراف ونندڙ عقيدتمند کان ڏهه روپيا ونندو هو، ته جيئن انهن پئسن مان ان بستيءَ جي اونداهين گهٽين کي نه رڳو بجليءَ سان پر علم، سوچ ۽ سونهن سان مُنور ڪري سگهي.

گانڌيجيءَ کي خبر هئي ته انساني جسم ۾ هر قوت جو هڪ مخصوص خزانو آهي، جيڪو حد کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ سان ضايع ٿيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو هن عمر جي هڪ خاص حد کان پوءِ پاڻ تي جنسي فعل جي مڪمل بندش وجهي ڇڏي هئي. هُو نه صرف انهيءَ قوت جي زيان جو مخالف هو، پر ان سان گڏ سندس عقيدو هو ته گهٽي ڳالهائڻ سان انساني دماغي قوتون به زيان ٿين ٿيون. ان ڪري هو هفتي ۾ هڪ ڏينهن "ڳالهائڻ

جو روزو" رکندو هو. ان ڏينهن هو ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو هو، پوءِ ڪٽي ملاقاتين ۾ جواهر لال نهرو ۽ ابوالڪلام ڇو نه هجن. جن بنهي جي باري ۾ سندس چوڻ هو ته، "نهروءَ کان آءٌ سياست سکندو آهيان ۽ ابوالڪلام، ايشيا جو سڀ کان وڏو تاريخدان آهي، جنهن کان آءٌ تاريخ پڙهندو آهيان." اهڙن ماڻهن سان به هو نه ڳالهائيندو هو. ان جي باوجود روزي واري ڏينهن به ملاقاتين ۽ زيارت ڪندڙن جو ميلو لڳو پيو هوندو هو، جيڪي مختلف سوال پڇندا هئا. گانڌي انهيءَ معاملي ۾ به هندستان جي غريبيءَ کي سامهون ڪي، سوالن جا جوابَ سليٽ تي لکي ڏيندو هو، جيئن هندستان جهڙي غريب ۽ غلام ملڪ جو ڪاغذ ضايع نه ٿئي.

انهن ڳالهين هوندي به هو آمر هجڻ جي بجاءِ وڏو جمهوريت پسند هو. جيڪي ماڻهو هن هندستان جي قيادت لاءِ پيدا ڪيا ۽ اُپاريا، سي پنهنجيءَ جاءِ تي علم، عمل، سياست، تاريخ ۽ ثقافت جا همالايا هئا. راجندر پرشاد، راج گوپال آچاريا، آچاريا ڪرپالاڻي، جواهر لال نهرو، سردار ولپ پائي پٽيل، ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر ذاڪرحسين، فخرالدين علي احمد ۽ ٻيا هزارين مدبر ۽ مفڪر، جن جهڙا ڪوبه ليڊر پيدا نه ڪري سگهيو آهي- جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي ته اڄ هندستان جي جمهوريت کي لوڏو به نه آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته گانڌيءَ جهڙي ساڏو صفت انسانَ، امن ۽ انسانيت جي پرچار لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ بدران سياست جي پُرخار وادين ۾ ڇو قدم رکيو؛ جنهن جي نتيجي ۾ هن کي زندگيءَ جا بهترين ڏينهن ۽ راتيون جيل جي اونداهين ڪوٺين جي حوالي ڪرڻيون پيون، جتي هن کان اُهو قلم به ڦُريو ويندو هو، جنهن جي نب مان امن ۽ انسانيت جي لافاني گيت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نڪري ئي نه ٿي سگهيو؛ ۽ جنهن جي زندگيءَ جو مقصد ئي هو ديسي شين جي واهپي کي فروغ ڏيڻ! ته ان لاءِ هڪ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته دنيا ۾ بن قسمن جا ماڻهو هر دؤر ۾ موجود رهيا آهن: هڪڙا مصلح ۽ ٻيا انقلابي. مصلح پنهنجي وقت جا بهترين انسان، بهترين قربان ٿيندڙ ۽ بهترين شهادت پائيندڙ ته ٿي سگهيا ٿي، پر انهن انساني سماج ۾ ڪا وڏي ۽ همه گير تبديلي پيدا نه ڪئي؛ ۽ هنن جيڪي چند پوئلڳ پيدا ڪيا، سي انساني سوسائٽيءَ کان پڇي، مايا

جي موهه کان چوٽڪارو حاصل ڪري، وڃي پهاڙن ۾ بسيرو ڪرڻ لڳا. حالانڪ هن بدنصيب دنيا کي اهڙن جوڳين جي ضرورت نه هئي، جيڪي انسانن کان پڃي وڃي جهنگلن ۾ بن واس وٺن؛ پر هن دنيا کي اهڙن ماڻهن جي ضرورت هئي، جيڪي مايا جي مهاساگر ۾ رهندي به ڪائنات ۾ ڪوئي سڌارو آڻين؛ انسانيت جي چهري تان صدين جي دڪ جي پيڙا جي دَز کي صاف ڪن ۽ ٻارڻ جي ڳلن تان پنهنجي اکين جي پلڪن سان ڳوڙها صاف ڪن؛ ڪنيائن جي سِينڊ کي زندگيءَ، اميد، آرزوءَ ۽ اُمنگ جي سُرهاڻ سان واسي ڇڏين؛ ڪِريلن کي اُتارين، سُتلن کي جاڳائين، سرڪشن جي ڪنڌن کي جهُڪائين ۽ مظلومن کي سنئين ڳالهه هلڻ جو سبق سيکارين؛ بک، بيماري، ڏک، ڏولائي، دوکي ۽ دولاب جي خلاف مسلسل جدوجهد ڪن. اهڙن ماڻهن کي انساني تاريخ ۾ "انقلابي" سڏيو ويندو آهي؛ ۽ گانڌيءَ "انقلاب جو رستو" اختيار ڪيو، جو ته هن ڌرتيءَ تي ويجهڙائيءَ ۾ رڳو ٽالستاءِ، اصلاح جي ذريعي ڪا ڪاميابي ته حاصل نه ڪري سگهيو، پر سندس موت به بيوسيءَ واري حالت ۾ ٿيو. هيءَ غلط آهي ته انقلاب صرف بندوق جي نالڻيءَ سان ايندو آهي. ها انقلاب بندوق جي نالڻيءَ سان به ايندو آهي، پر اهو نوجي انقلاب هوندو آهي. اهو انقلاب جنرل سوهارتو جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب جنرل ضياءُ الرحمان جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب جنرل نيون جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب جعفر نميريءَ جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب جنرل ضياءُ الحق جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب ايدي امين جو انقلاب هوندو آهي؛ اهو انقلاب شومبي حو انقلاب هوندو آهي؛ ۽ اهو انقلاب جنرل دِگروال جو انقلاب هوندو آهي. اهڙن انقلابن کي انقلاب چوڻ ائين آهي، جيئن طوائف کي سيتا سڏيو وڃي. باقي، ها ڪٿي صحيح انقلاب لاءِ بندوق استعمال ضرور ٿيندي آهي، پر اصلي انقلاب چرخي جي تند ۽ بهترين قلم مان جنم وٺندو آهي. ان ڪري ئي گانڌيءَ انقلابي رستو اختيار ڪيو.

هڪ ٻئي سوال تي لکڻ کان پوءِ، آءٌ گانڌيءَ جو ذڪر ختم ڪندس، چوته هتي ڪنهن هڪ شخص تي مضمون نگاري ڪرڻ منهنجو مقصد نه آهي. اهو سوال هيءَ آهي ته پوري ايشيا جي آزاديءَ لاءِ گانڌيءَ عدم تشدد

جو رستو چو اختيار ڪيو؛ ۽ ان رستي کي هن عقيدي جي حد تائين چو قبول ڪيو؟ ان باري ۾ جيتريقدر مون سمجهيو آهي، اهو هي ته تلوار ۽ بندوق (هٿيار) سان هند واسي، سڪندر يوناني‌ءَ کان وٺي لارڊ ڪلائيو تائين مقابلو ڪندا آيا. هُو يونانين سان وڙهيا ۽ شڪست کاڌائون؛ هُو ايرانين سان وڙهيا، هارايائون؛ هُو عربن سان وڙهيا، رت ۾ لٿڙجي ويا؛ هو غزنويين سان مُنهن مقابل ٿيا ته سوپ وڃائي وينا؛ هو غورين، خلجين، لوڌين، مغلن ۽ انگريزن سان تلوار بازيءَ، بين لفظن ۾ هٿياربند جدوجهد ذريعي لڙيا، پر ڪڏهن به ديرپا سوپ حاصل ڪري نه سگهيا، پلا، برصغير جي زمين جو ڪهڙو حصو آهي، جتي هن خطي جي واسين جو رت نه وهيو هجي، ان جي باوجود هندستان پنهنجي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو ڳٽ نه ڪڍي سگهيو- ۽ اهو ڳٽ، هن ساڏو صفت سياسي رهنما، اهنسا (عدم تشدد) جي ذريعي پٽي، چيهون چيهون ڪري چڏيو.

اسان جا اڄ جا ڪي دوست چوندا آهن ته هندستان جي آزاديءَ ۾ اهنسا جي ڪردار کان وڌيڪ دهشت پسندن ۽ پستول بازن جو ڪردار رهيو آهي. جيتوڻيڪ آءٌ رواداريءَ ۾ اها ڳالهه ڪنهن حد تائين مڃيندو رهيو آهيان، ته پڳٽ سنگهه، دت ۽ سباش بابوءَ جي ئي ڪوشش سان هندستان آزاد ٿيو. پر هي ورق لکندي، آءٌ هندستان جي آزاديءَ ۾ بندوق جي ڪردار کي مڪمل رد ٿو ڪريان؛ چو ته هندستان جي طويل تاريخ مون کي ٻُڌائي ٿي ته پڳٽ سنگهه ۽ سندس ساٿي ته آگرين تي ڳٽڻ جيترا هئا، پر غوريءَ جي حملي وقت مهاراجا پرٿوي راج چوهاڻ وٽ ته هاٿين سان تيار بيشمار لشڪر هو، پوءِ به هو هندستان کي بچائي نه سگهيو. غزنويءَ جي حملي وقت سڄي هندستان جي هٿياربند سينا گڏجي به هندستان کي غلاميءَ کان بچائي نه سگهي. اڄ ڪتاب لکيا ويا آهن "چتگانگ جا گوريلا". آءٌ انهن حريت پسند انسانن جي جدوجهد ۽ جذبي کي سلام ٿو ڪريان، پر هندستان ۾ لارڊ ڪلائيو جي پيش قدميءَ کي سراج الدولہ جي جواني، همت، شجاعت ۽ لشڪر روڪي نه سگهيو. ته هندستان کي ڳاڻ ڳٽيا گوريلا ڪيئن ٿي آزاد ڪرائي سگهيا. ميسور جو شينهن پنهنجيءَ پوريءَ گجگوڙ سان لارڊ ويلزليءَ کي روڪي نه سگهيو.

ممڪن آهي تہ اهي جنگيون، دوبدو لڙايون هيون، ان ڪري هندستانين شڪست ڪاڌي. پر هندستان جي آزاديءَ واريءَ جنگ ۾ گوريلا جنگ وڙهي وئي هئي. ان سلسلي ۾ معلوم هجي تہ يورپ جي باري ۾ تہ نہ، پر ايشيا جي باري ۾ گوريلا جنگ جي تاريخ تمام طويل آهي. مغلن کي ڪيڏ لاءِ جتي دوبدو لڙايون وڙهيون ويون، اُتي گوريلا جنگيون بہ وڙهيون ويون. راڻي پرتاب سنگهہ ۽ شيوا جيءَ جون گوريلا جنگيون، برصغير ۾ حب الوطنيءَ جون بيمثال جنگيون هيون ۽ هٿيارن جي کوٽ بہ نہ هئي، پر ان جي باوجود هندستان هڪ ڊگهي عرصي کان گانڌيءَ جو منتظر هو.

گانڌيءَ کان اڳ صرف ڪجهہ هندستاني عورتن جا نالا ميدان جنگ ۾ نظر اچن ٿا، پر مهاتما جي تحريڪ ۾ حصو ونڊڻ عورتن جي صرف نالن جي لسٽ تيار ڪئي وڃي تہ ان جا ڪيئي جلد تيار ٿي ويندا. گانڌيءَ کان اڳ هندستاني عورت جو ڪمال رڳو انهيءَ ڳالهہ ۾ هو تہ هوءَ مڙس جي لاش سان گڏ سڙي وڃي، پر گانڌيءَ هندستاني عورت کي ديش جي آزاديءَ خاطر پوتيءَ کي جهنڊي بنائڻ ۽ رضاڪارانہ گرفتار ٿيڻ جو سبق ڏنو. سڄي عوام جي دلين مان ڊپ ڪيڏ لاءِ رضاڪارانہ گرفتاريون پيش ڪرڻ بہ گانڌي ازم جو هڪ حصو آهي، جنهن کي اڄ پوريءَ دنيا ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي.

اڄ مون کي افسوس رڳو هيءُ آهي تہ امن جو هيءُ پرستار، جنوري 1948ع ۾ هڪ سنگدل جي گوليءَ جو نشانو بنجي ويو. نہ رڳو پاڻ ساري عمر تشدد جي خلاف پرچار ڪندو رهيو، ۽ نيٺ تشدد جو شڪار ٿي ويو، پر سندس بہ پوئلڳ مارٽر لوٿر ڪنگ جونيئر ۽ ڪمال جنبلات بہ گولين جو شڪار ٿيا- ۽ سڀ کان وڏو افسوس هيءُ آهي تہ جيڪو شخص (يعني مهاتما گانڌي) عطاءُ الله شاهہ بخاريءَ سان محبت ڪرڻ جي باوجود ان ڪري ناراض هوندو هو، جو شاهہ صاحب وٽ تشدد جو نشان ڪاڙو هوندو هو؛ اڄ انهيءَ گانڌيءَ جي ديش ۾ ائتمي ڏماڪا ٿي رهيا آهن! **جڏهن پهربون پيرو مون ٻڌو تہ هندستان جوهري ڏماڪو ڪيو آهي، تہ آءٌ ڏڪي ويس ۽ سمجهيم تہ اهو ڏماڪو راجستان جي رڻ پٽ ۾ نہ، پر راج گهاٽ ۾ مهاتما گاڌيءَ جي سماڌيءَ تي ڪيو ويو آهي؛ جنهن هن لافاني انسان جي پوري**

تعليم، پوري جاکوڙ، پوري جفاڪشيءَ ۽ تپسيا کي مليامينٽ ڪري ڇڏيو آهي. اڄ هندستان ائٽمي طاقت آهي ۽ گانڌيءَ جي چرخي جي جاءِ ٽينڪ ۽ جيٽ جهاز ورتي آهي. اُن وقت نه معلوم مهاتما جي آتما مان ڪهڙيون آهُون نڪرنديون هونديون! هُو جيڪڏهن اڄ زنده ٿي، هندستان جي حالت ڏسي ها ته يقينن آپگهات ڪري ها. گانڌي امن ۽ انسانيت جو ٻيو نالو آهي.

o o o

– آءٌ دنيا ۾ فوجي اداري جو سخت مخالف آهيان. اهو ان ڪري نه، ته ڇو پاڪستان ۾ فوج جي اڪثريت ڪنهن هڪ صوبي يا هڪ قوم سان تعلق رکي ٿي. فوج ڪٿي سنڌ يا بلوچستان سان به واسطو رکي، آءٌ پوءِ به ان اداري جو مخالف آهيان؛ جيتوڻيڪ ان جو سربراهه مهنجي پياري دوست شاهه بيگ چانديي جو پاءُ ٿي چو نه هجي. آءٌ فوجي اداري جو ان ڪري به مخالف ناهيان، ته ڪو انهيءَ اداري بار بار پاڪستان جي عوام جي جمهوري جدوجهد تي ڇاپا هنيا آهن. پر آءٌ، انهيءَ اداري جو ان ڪري به مخالف آهيان، جو ان پوريءَ انسانيت جو قتلام ڪيو آهي. فوجين جي ڏندن ۾ انساني گوشت جون ٽڙون اٽڪيل آهن. هيءُ هڪ اهڙو ادارو آهي، جنهن انسانيت جو ايترو قتلام ڪيو آهي، جو شايد خدا ايتري تخليق به نه ڪئي هجي. بن عالمي جنگين کان سواءِ ٽينءَ دنيا ۾ هن اداري جيڪي جرم ڪيا آهن، تن جي بنياد تي هن اداري جي خلاف عالمي سطح تي مهم هلائي، ان کي بلڪل ختم ڪيو وڃي، ۽ ان جي شروعات آمريڪا ۽ روس کان ٿئي. هيءُ ادارو نه رڳو ان ڪري قابلِ ملامت آهي، جو هيءُ مجيب، عدنان مندريس، لومبا، سوئيڪارنو ۽ پُٽي جو قاتل آهي، پر دنيا ۾ بک، بيروزگاريءَ، غربت ۽ افلاس جو ذميوار هيءُ اڪيلو ادارو آهي. دنيا جو گهٽي ۾ گهٽو پئسو هن اداري تي خرچ ٿئي ٿو. مولانا ابوالڪلام آزاد، هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ فوجي اداري کي هندستان مان بلڪل ختم ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي، سندس چوڻ هو ته، "انهيءَ فوج کان سواءِ هندستان جو عوام آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو، ته انهيءَ انگريزن جي تربيت يافته فوج کان سواءِ ملڪ جي آزاديءَ جي حفاظت به ڪري سگهي ٿو. هندستان جي عظمت سامراج جي تربيت يافته فوج جي ڪري نه، پر

عظيم هندستان جي عظيم ءِ لافاني عوام جي ڪري آهي. هن وقت فوجي آفيسرن جي وردين تي جيڪي نشان نظر اچن ٿا، سي هندستاني عوام کي دٻائڻ ءِ محڪوم رکڻ جي عيوض انگريزن کين ڏنا آهن. اسان انهيءَ فوج کي ختم ڪري، پوريءَ دنيا ۾ عدم تشدد جو شاندار مثال قائم ڪنداسون." مولانا لکيو آهي ته، "مون کي افسوس سان چوڻ ٿي مجبور ٿيڻو ٿو پوي ته منهنجيءَ انهيءَ تجويز جي تائيد گانڌيجيءَ جي خاص چيلي راجيندر پرشاد به ڪانه ڪئي." مون کي پوريءَ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ نفرت فوجي اداري سان آهي.

o o o

– مون کي تشدد جي لفظ کان نفرت آهي. اُهو لفظ بُڌندي، منهنجا وار ڪانڌارجي ويندا آهن ءِ ان وقت مون کي بادشاهي دؤر جو سمورو تشدد ياد ايندو آهي، جيڪو احمد بن حنبل تي ڪيو ويو؛ جيڪو برمڪي خاندان تي ڪيو ويو؛ جيڪو بغداد، بصري ۽ ڪوفي جي بازارن ۾ ايراني ۽ هانهين تي ڪيو ويندو هو، جن جون چيخون ايڏيون ته بلند هونديون، جو هوند رنيڪوٽ جي ديوار ۾ ڌار وجهي چڏين. مون کي اهو تشدد ياد ايندو آهي، جيڪو اوپر يورپ جي ڳيرو نوجوانن تي ترڪ حڪمران ڪندا هئا ۽ مون کي اهو تشدد ياد ايندو آهي، جيڪو اڇوتن تي برهمڻ ڪندا هئا. آءٌ اهو تشدد وساري نه سگهندو آهيان، جيڪو سنڌ جي راجڪمارين سان دمشق جي حرم سرائن ۾ روا رکيو ويو هو. آءٌ ان تشدد کي به ذهن تان وساري نه سگهندو آهيان، جيڪو محمد شاهه تغلق، عالمن جون ڪلون لهرائڻ جي صورت ۾ ظاهر ڪندو هو. آءٌ اڪبراعظم جي انهيءَ تشدد تي لعنت وجهندو رهندو آهيان، جيڪو هن انارڪليءَ کي جيئري ديوار ۾ لنبائڻ جي روپ ۾ ڪري ڏيکاريو. آءٌ 1857ع جي سن واري انگريزن جي دهشتگرديءَ کي دنيا جي گندگيءَ جو ڍير ٿو سمجهان، جنهن ۾ هنن محب وطن مسلمانن، هندن ۽ سکن جي ڏاڙهين ۾ پيشاب ڪرايا ۽ پنجاب جي لازوال ليکڪ ۽ خطيب آغا شورش جي مُنهن تي ڪَرفتيءَ جا توبرا ٻڌا. تشدد هميشه حاڪم، محڪوم تي ڪندو آهي. ڏاڍو هيٺي تي ڪندو آهي. تشدد، ماستر شاگرد تي، مرد عورت تي، پوليس وارو ملزم تي ڪندو آهي.

هيٺو پهرين رحم جي گهُر ڪندو آهي، پوءِ مطالبو ڪندو آهي، ۽ جڏهن اهي دراوزا بند ٿيندا آهن، تڏهن کاڙيءَ ۾ ڳڻ ۽ بندوق ۽ گولي وجهي، سَندرو ٻڌندو آهي. انهيءَ جوابي عمل کي تشدد سڏڻ لغت جو غلط استعمال آهي. مظلوم ۽ محڪوم جو جوابي عمل، پُرامن سياست جي ناڪاميءَ کان پوءِ هٿياربند سياست جو آغاز آهي. انهيءَ عمل کي تشدد پسنديءَ جو نالو سامراجين ۽ ڏاڍن ڏنو آهي. ان ڪري مون هميشہ تشدد جي مخالفت ڪئي آهي، چوتہ اهو دنيا جو ذليل ترين فعل آهي.

o o o

- ڪي ڪي ماڻهو شخصيتون ناهيندا آهن، تہ ڪي ڪي شخصيتون تاريخ ناهيندیون آهن؛ تاريخ جي سرڪش گهوڙي جي واڳ موڙيندیون آهن؛ ۽ تاريخ سازيءَ جي ان عمل ۾ نہ رڳو پنهنجي ملڪ جي لکين ڪروڙين ڪِريل، پُنتي پيل، ڏٽڙيل، ڇڇريل ۽ ڇيپاٽيل عوام کي بيدار ۽ متحرڪ ڪري شريڪ ڪنديون آهن، پر پوريءَ دنيا جي انسانن کي تاريخ جي وهڪري جي رُخ بدلائڻ ۾ پنهنجو هم خيال ۽ همنوا بنائي ڇڏيندیون آهن.

منهنجي پنهنجي خيال ۾، تاريخ سازيءَ جي عمل کان شخصيت سازيءَ جو عمل ڏاڍو ڏکيو، پيچيدو ۽ منجهائيندڙ هوندو آهي. برصغير تي نظر وجهڻ سان اسان کي معلوم ٿيندو تہ مهاتما گانڌيءَ کي شخصيتن ناهڻ، گهڙڻ ۽ چلي تيار ڪري تاريخ سازيءَ جي عمل ۾ آئي بيهارڻ جي لامحدود ۽ غير فاني قوت هئي. جديد تاريخ ۾ شايد ئي ڪنهن ماڻهوءَ ايتريون عظيم ۽ لافاني شخصيتون تعمير ڪيون هجن، جيتريون مهاتما گانڌيءَ ڪيون. شخصيت جي تخليق جي درد کي صرف ماءُ سمجهي سگهي ٿي ۽ پيو اُن پار کي تاريخ ساز عمل ۾ قيادت ڪرڻ جي اهل بنائڻ وارو ماڻهو ئي سمجهي سگهي ٿو. ٽئين ڪنهن کي ان عمل جي پوريءَ ريت خبر پڻجي نہ سگهندي آهي.

گانڌيءَ، برصغير ۾ جن شخصيتن کي تعمير ۽ تشڪيل ڪيو، تن مان جواهر لال نهروءَ جي شخصيت سرفهرست آهي. گانڌيجي اڻين شخصيتن کي ناهڻ ۽ ترتيب ڏيڻ کان پوءِ عملي ميدان ۾ کين آزاد ڇڏي ڏيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو "اندرون ايشيا" جي مصنف، ڪانگريس

تي تبصرو ڪندي لکيو هو تہ، "جواهرلال نهرو ڪانگريس جي دِل، ابوالڪلام آزاد ڪانگريس جو دماغ ۽ سردار پٽيل ڪانگريس جي زبان آهي." ڪاش! جان گنبٽر اُن ۾ ايترو اضافو ڪري چڏي ها تہ مهاتما گانڌي ڪانگريس جو هميشه بيدار رهندڙ ۽ متحرڪ روح آهي، جنهن کان سواءِ ڪانگريس بيجان بوتو بنجي وڃي ها.

شخصيتن جي تعمير جو جيستائين تعلق آهي تہ پوريءَ دنيا ۾ مهاتما جو ڪو مٽُ ۽ ثاني نہ آهي. جيتوڻيڪ مرحوم مائوزيتنگ، ڪي عظيم شخصيتون تخليق ڪيون، پر پوءِ اڳتي هلي اُهي شخصيتون ڪيس خود ڌاهٽيون پيون؛ ۽ ڪن ڪيس ڌاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ايا تائين ڪوششون ڪنديون پيون اچن. مائوزيتنگ جي تيار ڪيل شخصيتن مان مرحوم چو. اين. لاءِ جي شخصيت سڀني کان وڌيڪ بااثر ۽ قدآور هئي، جنهن کي مائوءَ آخري وقت تائين برقرار رکيو؛ پر چو. اين. لاءِ عالمي سياست ۾ مائوزيتنگ لاءِ خواريءَ ۽ رسوائيءَ کان سواءِ ڪجهہ حاصل ڪري نہ سگهيو. جنرل فرانڪو جو موت هجي يا چلي۽ ۾ فوجي تولي جو قبضو؛ پاڪستان ۾ فوجي آمريت هجي يا بنگالين جي جدوجهد آزادي؛ چو. اين. لاءِ چين جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ هر جڳهہ مائوءَ لاءِ خواريءَ ۽ بيزاريءَ جو سامان مهيا ڪيو. اُن جي ابتڙ گانڌيءَ جي جسماني بوتي کي جيتوڻيڪ گودسي جي گوليءَ هميشه لاءِ ختم ڪري چڏيو؛ پر اُها گولي بہ مهاتما جي مُهانڊي تان اُها ابدي مُرڪ کسي نہ سگهي، جيڪا مُرڪ ماڻُ جي چپن تي ٻارَ جمڻ کان پوءِ پيدا ٿيندي آهي يا هڪ چترڪار جي سرير مان خوبصورت چتر ناهڻ کان پوءِ ڦُٽي نڪرندي آهي. گانڌيءَ نہ صرف سموري هندستان جي عوام کي غير ملڪي آقا سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ آندو، پر ان سان گڏ هن جواهر لال نهروءَ جي عوامي شخصيت بہ تعمير ڪئي ۽ هڪ اميرزادي کي عيش عشرت جي دنيا مان ڪڍي، هندستان جي وسيع ۽ عريض ملڪ جي ڪروڙين عوام جي وچ ۾ ديش-سيوڪ جي روپ ۾ آڻي بيهاريو.

هن وقت گهربل ڪتابن جي اٺهوند ۽ ڪوٺ سبب اُهڙ چئي نہ ٿو سگهان، پر سمجهان ٿو تہ ڪنهن وقت ڪانگريس جي ميمبر ٿيڻ لاءِ گهٽ

ڇ ڳهت ميٽرڪ پاس هئڻ ضروري هو. اُن شرط جي موجودگيءَ ڇ ڪانگريس هندستاني عوام جي نمائنده جماعت نه، پر هندستاني يورپ وٽ وڪالت ڪندڙن جي ڪلب هئي، جيڪا هر سال ڪي خاص نمراءُ پاس ڪري، وري ٻئي سال لاءِ ملتوي ٿي ويندي هئي ۽ وري ٻئي سال بہ ساڳي ڪار. جڏهن گانڌيجي آفريڪا مان موٽيو تہ هن شهرن ڪي چڏي، ٻهراڙين جي هارين ۽ پُنتي پيل طبقن ڇ ڪم ڪرڻ سان گڏ امبرن جي ڪلبن ڇ وڃي، ڪن خاص شخصيتن تي ڪم شروع ڪيو ۽ شخصيتون ٺاهڻ شروع ڪيون. ان سلسلي ڇ هن نهروءَ تي بہ ڪم ڪيو. نهروءَ ڪي جيتوڻيڪ ڪافي سياسي پس منظر هو ۽ سندس پِتا جي ڪانگريس جي مکيہ اڳواڻن ڇ شمار ٿيندو هو؛ پر هُو پنهنجو اميراڻو ناڻ چڏي، عوام سان ملي هڪ ٿي نہ سگهيو هو ۽ صرف ڪاغذي ڪاروائين تائين محدود هو. جيڪڏهن جواهر لال نهروءَ تي گانڌيءَ جي نظر نہ پوي ها تہ هو بہ پٽس وانگر ڪاغذي ڪاروائين جو ماهر ۽ سُنو قانوندان ثابت ٿئي ها. پر مهاتما جي تربيت ڪيس مڪمل عوامي شخصيت بنائي چڏيو ۽ هڪ ذري ڳهت راجڪمارُ ميدان ڇ نڪري، عوام سان گڏ لنيون ڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. انهيءَ سلسلي ڇ نهروءَ لکيو آهي تہ، "سائيمن ڪميشن جي بائيڪاٽ واريءَ تحريڪ ڇ هڪ جٿي جي آڏ قيادت ڪري رهيو هوس تہ پوليس لنين جو وسڪارو لائي ڏنو ۽ هڪ لٺ منهنجي مٿي ڇ اچي ڪَڙڪو ڪيو. مٿي مان رت نينڊيون ڪري وهڻ لڳو ۽ مون سمجهيو تہ آڏ بيهوش ٿي بينل جاءِ تان پوئتي ڪري رهيو آهيان، اُن وقت مون کي مهاتما جا لفظ ياد آيا تہ، 'هن تحريڪ ڇ اڳتي ئي وڌڻو آهي، پوئتي هٽڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.' نهروءَ لکيو آهي تہ، "اُن وقت مون سوچيو تہ جيڪڏهن آڏ پوئتي پگس تہ هندستان جو مستقبل صديون پوئتي هليو ويندو. سو مون پنهنجي پوري قوت صرف ڪري، اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيا ۽ چار قدم اڳتي وڃي ڪريس."

لوڻ واري تحريڪ شروع ڪرڻ بابت مُنڊ ڇ نهروءَ کي سخت اختلاف هو. سندس خيال هو تہ اهڙيءَ معمولي تحريڪ مان ڪجهہ ورڻو ناهي، پر جڏهن اُن تحريڪ جي ذريعي ٽيهہ هزار مرد ۽ عورتون جيل ڇ ڪُڏندا، ڪلندا هليا ويا ۽ بديشي سرڪار ڇ ٽرٿلو مچي ويو؛ تڏهن نهروءَ چيو تہ، "پوڙهي

کي واقعي معمولي واقعن مان تحريکون پيدا ڪرڻ جو ڍنگ اچي ٿو. جيتوڻيڪ اسان منڊ ۾ سندس مخالفت ڪندا هئاسون، چو ته اسان جهڙن مادہ پرستن کي عقلي دليل جي ضرورت هوندي هئي ۽ مهاتما دليل ڏيڻ بدران چوندو هو ته اهو سندس دل يا روح جو آواز آهي."

ڪانگريس ۾ صرف چند ماڻهو هئا، جيڪي مهاتما جي روح جي آواز کي ڪنهن اوتار جو آواز سمجهي، سندس پوئلڳي ڪندا هئا، جن ۾ راجيندر پرشاد، پٽيل ۽ غفار خان سرفهرست هئا. پر نهرو، آزاد، آصف علي ۽ ٻيا ڪائنس هميشہ دليل طلب ڪندا هئا. پر پوءِ جڏهن مهاتما جي دل جو آواز گهربل نتيجا ڪيڏو هو ته عقل پرستن کي بہ قائل ٿيڻو پوندو هو. نهروءَ، ڪانگريس ۾ نمايان مقام حاصل ڪرڻ شرط جماعت کي وچولي طبقي مان ڪيڏي عوامي جماعت بنائڻ جو فيصلو ڪيو؛ ۽ برصغير جي تاريخ ۾ نهروءَ جو اهو شاندارڪارنامو آهي ته هن ڪانگريس کي عوامي جماعت بنائڻ لاءِ ٻيل گاڏين، ۽ سائيڪلن تي ميلن جا ميل مسافري ڪئي ۽ شُوَ اهڙين جاين تي پهتو، جتي هن دؤر ۾ اندرا ۽ پٽو بہ نہ پهچي سگهيا. مون کي مولوي محمد خان نوحائيءَ ٻڌايو ته هن پاڻ ديوبند جي گهٽين ۾ نهروءَ کي سائيڪل تي سواري ڪندي، عوام سان ملندي ڏٺو.

مون لطيف جي باري ۾ ڪٿي لکيو آهي ته، "لطيف کان اڳ شاعري اهڙي ناچڻي هئي، جيڪا صرف درٻارن ۾ ناچ ڪري، پنهنجي جسم جو داد وصول ڪندي هئي. آهو لطيف هو، جنهن هن کي چوٽيءَ کان چڪي، درٻارن جي ناچڻيءَ مان ٻاهرائي، صحرائي دوشيزہ بنائي ڇڏيو ته جيئن ڏنار پنهوار بہ اُن جي حُسن جو واس وٺي سگهن ۽ سندس سنگيت مان پنهنجي روح جي آڇ آڇائي سگهن." ساڳيءَ طرح نهروءَ بہ ڪانگريس- ڪنيا کي وڪيلن جي آفيسن مان ڪڍي، خيبر کان راس ڪماريءَ تائين اُن جي سونهن ۽ سوڀيا جو درشن عوام کي ڪرايو. ڪانگريس جي انهيءَ روپ کي ڏسي، برصغير جو عوام انهيءَ ڪنواريءَ- ڪنيا تي موهت ٿي پيو ۽ ڪانگريس هر هندواسيءَ جي دل جو آواز بنجي وئي. اُن سان گڏ هندستان جو عوام نهروءَ تي بہ اڪثر چڪن ٿي پيو، جنهن آزاديءَ جي لال ڪنوار جو کين بغير ڪنهن موڙي جي درشن ڪرايو. ها، صرف بنا موڙي جي

درشن هو، پر ان ڪنوار (آزاديءَ) کي ڇُهڻ لاءِ موڙي طور ڪيترين قربانيون ڏيڻيون پيون هيون؛ ۽ انهن سڀني قربانين ۾ نهرو عوام سان گڏ شريڪ هو. هڪ پيري نهروءَ کان ڪنهن پڇيو ته، "ڪهڙو سبب آهي جو هندستان جو مذهبي عوام، تو جهڙي ناستڪ جوڳيءَ سان بي پناهه محبت ڪري ٿو؟" نهروءَ جواب ڏنو ته، "ان ڪري، جو آءٌ ناستڪ هوندي، هندستان جي عوام سان محبت ڪريان ٿو." ها، واقعي سچ آهي ته هزارن سالن جو پيڙيل، ستايل، ڇڄريل ۽ ڇيهائيل عوام، جيڪو شاهي هاٿين جي پيرن هيٺان لتاڙبو رهيو هو؛ جنهن غزنويءَ کان وٺي ڪلائيو تائين ڪنهن سفاڪ حاڪم جي ڇهري تي مُرڪ نه ڏٺي هجي؛ جنهن ڪڏهن ڪنهن ليڊر کان محبت جا ٻه ٻول نه ٻُڌا هجن؛ جتي عوام جي ڳالهه جي جواب ۾ گولي ۽ ٽهڪ عيوض ڏاڍيءَ جو ڏنڈو هجي؛ اتي عوام کي سڀ کان پهرين محبت جي بن مٺن ٻولن جي ضرورت پوندي آهي. هڪ ڏکويل ماڻهوءَ کي مٺ سون ڏيئ بدران توهان خلوص جي مُرڪ سان پريور محبت ڏيو ته هو اٿين سمجهندو ته انهيءَ محبت کيس دائمي طور خريد ڪري ڇڏيو آهي. جن ملڪن جا حاڪم پنهنجي عوام سان ڏنڊي جي زبان ۾ گفتگو ڪندا هجن، اُتي جي عوام جي دلين ۾ سندن حاڪمن ۽ ليڊرن خلاف نفرت جا منارا، مصر جي اهرامن کان وڌيڪ مضبوط ۽ بڳها هوندا آهن. ٽين دنيا جا اڪثر مسلمان ليڊر (ناصر کي ڇڏي) پنهنجي عوام سان ائين مخاطب ٿيندا آهن، جيئن مفتوح قوم جي فردن سان فاتح مخاطب ٿيندو آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته اهي ليڊر اهي هوندا آهن؛ جن کي اقتدار غير ملڪي سازشن وسيلي ملندو آهي ۽ کين عوام جي طاقت تي پروسو نه هوندو آهي ۽ نه ئي انهن کي اهو تاريخي ۽ سماجي شعور هوندو آهي ته هن دور ۾ بادشاهن جا تاج ۽ تخت عوام جي قدمن جي ٺوکرن ۾ آهن. انهن حاڪمن کي صرف فوج ۽ پوليس جي طاقت تي پروسو هوندو آهي ۽ انهن ادارن جي سهاري تي ئي هو حڪومت ڪندا آهن؛ حالانڪ انهن ئي ادارن جهڙو پاڙي ادارو ٻيو ڪوبه هوندو آهي. نهروءَ کي انهيءَ معاملي ۾ به پنهنجي عوام جي اخلاقي قوت تي بيپناهه پروسو هوندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هيءُ هڪ عجيب تاريخي انڪشاف آهي ته جڏهن انگريز وڃي رهيو هو،

ان وقت هندستان ۽ پاڪستان جون فوجون ايڏيون منظم ۽ مضبوط نه هيون. ان ڪري، پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان، لارڊ مائونٽ بيٽن کي درخواست ڪئي ته جيسين تائين اسان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙا ٿيون، ان وقت تائين پاڪستان جي دفاع لاءِ انگريزي فوج رکي وڃي ته جيئن هندستان اسان تي حملو ڪري، اسان کي ختم نه ڪري." مائونٽ بيٽن جواب ڏنو ته، "اهو انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي ٿو، جڏهن هندستان جو وزيراعظم شري جواهر لال نهرو به هندستان ۾ انگريزي فوج رکڻ تي راضي ٿئي." انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن نهروءَ کان راءِ طلب ڪئي وئي ته سندس جواب هيءُ هو ته، "مون زندگيءَ جا قيمتيءَ سال جيلن جي حوالي هن نيت سان ڪيا هئا ته جيئن انگريزي فوج هتان نڪري وڃي. هاڻي جڏهن هندستان آزاد ٿي چڪو آهي، ان صورت ۾ آءٌ هر ان جڳهه کي پنهنجي هٿن سان باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس، جنهن ۾ ڪو گورو فوجي آفيسر يا سپاهي ترسيل هوندو." انهيءَ جواب کان پوءِ پاڪستان جي تجويز رد ڪئي وئي.

پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي سامهون اخلاقي جرئت جو ثبوت نهروءَ، مائونٽ بيٽن کي هندستان جو گورنر جنرل مقرر ڪري ڏنو. سندس چوڻ هو ته، "اسان جون سموريون زندگيون، احتجاجن ۾ گذريون آهن. حڪومتن کي مفلوج بنائڻ جا اسان وٽ بيپناهه تجربا آهن، پر حڪومتون ڪيئن هلائجن، ان جو اسان کي ڪوبه تجربو نه آهي. ان ڪري في الحال تون گورنر جنرل جي عهدي تي هتي ڪم ڪر." ماونٽ بيٽن لکيو آهي ته، "مون جواب ڏنو ته، 'ان صورت ۾ مون کي اها اجازت هوندي ته آءٌ ڪنهن وقت عوام جي سامهون اها ڳالهه ظاهر ڪريان ته هندستان جو هيرو حڪومت هلائڻ جي معاملي ۾ پنهنجي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪري چڪو آهي.' نهروءَ جواب ڏنو ته، "توکي اجازت آهي. مون کي انهيءَ ڳالهه جي پرواهه ناهي." اسان جا ڪجهه هٿي جا مؤرخ اهو اعتراض ڪندا آهن ته هندستان وارن پنهنجو پهريون گورنر جنرل هڪڙو انگريز مقرر ڪيو، جنهن جي خلاف هو هميشه لڙندا رهيا. اهي ساڳيا دانشور اها ڳالهه وساري ڇڏيندا آهن ته پاڪستان جي فوج جو پهريون ڪمانڊر انچيف هڪ انگريز

هو، جنرل گريسي، ويلزليءَ جو جاءِ نشين، نيپيئر جو پوئلڳ ۽ ڪلائيو جو هم نسل. اهي انگريز سپهه سالار هئا، جن سراج الدوله، ٽيپو سلطان ۽ جنرل هوش محمد شهيد جي خون سان پنهنجا لانگ بوٽ رڱيا هئا- ۽ گريسيءَ کي پاڪستان جي حڪمرانن اهو فوجي عهدو ڏنو، جنهن جي ذريعي هو پاڪستان کي نئين سر برطانيا جي ڪالوني بنائي پئي سگهيو. جڏهن ته هندستانين لارڊ مائونٽ بيٽن کي سياسي عهدو ڏنو هو ۽ اهي هندستاني هئا. جن لارڊ ويول ۽ بين انگريز ماهرن کي سياسي ميدان ۾ شڪست ڏني هئي. (تفصيل لاءِ ڏنو وڃي رئيس احمد جعفريءَ جو ڪتاب "آزاديءِ هند.")

نهروءَ جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو واقعو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو:

جيستائين هندستان جو آئين نه ٺهيو هو، ان وقت تائين جواهر لال نهرو، هندستان جو وزيراعظم ۽ پهرين لارڊ مائونٽ بيٽن ۽ پوءِ راج گوپال آچاريا، هندستان جا گورنر جنرل مقرر ٿيا. 1949ع ۾ هندستان جو سيڪيولر ۽ جمهوري آئين ٺهيو. آئين ٺهڻ کان پوءِ جواهر لال نهرو پنهنجيءَ نشست تان اُٿيو ۽ آئين جي ڪاپي ڪٽي هرهڪ ميمبر وٽ وڃي، ان کان انهيءَ آئين تي صحيحون وٺڻ لڳو. حقيقت ۾ هندستان جي وزيراعظم طرفان جنگ آزاديءَ جي مجاهدن لاءِ اهو وڏو اعزاز هو، جو نهرو خود وٽن وڃي هندستان جي مقدس دستاويز تي صحيحون وٺندو رهيو، نهرو جڏهن مولانا ابوالڪلام آزاد وٽ پهتو ته مولانا صاحب آئين تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو. حقيقت ۾ نهرو، مولانا صاحب جي ناراضگيءَ جو سبب سمجهي چڪو هو؛ پر پوءِ به آزاد ڪيس ڇيو ته، "آخر توهان آزاد هندستان جي مقدس آئين کي ايترو سستو ڇو سمجهيو آهي، جو ان کي مختلف ماڻهن وٽ روليندا وتو. اسان ڏيڍ صديءَ جي هيءُ جنگ انهيءَ لاءِ لڙي آهي ته اُها شيءِ حاصل ڪريون ۽ اڄ جڏهن اها حاصل ٿي آهي ته توهان پنهنجي روايتي ڊپلوميسيءَ ذريعي ان جي تقدس کي پائمال ڪري رهيا آهيو. آءٌ ان وقت تائين صحيح نه ڪندس، جيستائين آئين جو مسودو پنهنجيءَ اصلي جاءِ تي نه رکيو ويندو." بهرحال آئين تي مولانا ان وقت صحيح ڪئي، جڏهن اهو پنهنجيءَ اصلي جاءِ تي پهتو. هڪ ٻيو واقعو ٻه

بيان ڪندو هلان. جواهر لال نهروءَ جي گهڙ واري ڪملا گڏاري چڪي هئي. ڪيس اندرا کان سواءِ ڪوبه اولاد نه هو. نهرو پنهنجي وقت جو انتهائي خوبصورت انسان هو، سو هندستان جي ڪنهن سيٺ جي سُندر ڌيءُ، نهروءَ تي عاشق ٿي پئي. سيٺ صاحب انهيءَ سلسلي ۾ نهروءَ سان ملي، ڪيس پنهنجي پُتريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ لڳو؛ جنهن ۾ ڪروڙين روپين جي ڏاج ڏيڻ جي به لالچ ڏنائين. نهروءَ سيٺ کي جواب ڏنو ته، "جيڪڏهن اڄ مون اوهان جي ڌيءُ سان شادي ڪئي ته ڪملا جي آتما کي ڪهڙو جواب ڏينداس!" ائين چئي، ان سيٺ جي سُندر ڪنيا سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. جيستائين منهنجي معومات آهي، ان مطابق دنيا جا چار ليڊر هٽا، جن کي پنهنجي زالن سان بي انتها پيار هو؛ جيتوڻيڪ سندن شاديون "محبت جون شاديون" نه هيون: (۱) جواهر لال نهرو؛ (۲) جمال عبدالناصر؛ (۳) شيخ مجيب الرحمان ۽ (۴) ابوالڪلام آزاد، انهن مان مولانا صاحب ۽ شيخ مجيب الرحمان جون شاديون بنهه نندڻيءَ عمر ۾ ٿيون هيون، يعني اٽن نون سالن جي عمر هئي، گهوٽن ۽ ڪنوارن جي.

جواهر لال جي ملڪ جي اندروني حالت جو بيان بنهه ڊگهو ٿي ويو آهي، ان ۾ آخر ۾ ايترو اضافو ڪندس ته نهروءَ کي پنهنجيءَ ڌيءُ سان گڏ پوري انسانيت جي ڀارن سان بي انتها پيار هو. هُو موسيقيءَ ۽ ادب جو به بيحد عاشق هو. جوش مليح آبادي ۽ نياز فتح پوري جڏهن به ساڻس ملڻ ويندا هٽا ته پاڻ دفتر مان نڪري سندن استقبال ڪندو هو، ۽ نياز فتحپوريءَ کي هندستان جو وڏو ادبي اعزاز 'پدم پوشڻ' پڻ ڏيارڻ ۾ هٿائين.

آءٌ سمجهان ٿو ته مون ڊائريءَ جا ڪافي پنا نهروءَ تي سيڙايا آهن، باوجود ان جي نهروءَ جو سياسي وجود اٿپورو رهجي ويندو، جيڪڏهن آزاد هندستان جي پرڏيهي پاليسي مرتب ڪرڻ ۽ غير جانبدار بلاڪ ٺاهڻ ۾ سندس اعلي دماغيءَ ۽ باڪمال ڪردار کي نظر انداز ڪيو ويو.

بي عالمي جنگ هلندي، جيڪي شخصيتون عالمي سطح تي چانيل هيون، تن ۾ ايشيا جون صرف ٻه شخصيتون ڪجهه قدر نمايان هيون: جپان جو وزيراعظم توجو ۽ چين جو ان وقت جو تومپرست ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ. آفريڪا مان ڪابه شخصيت اهڙي ڪانه اپري هئي، جنهن کي

عالمي سياسي ميدان ۾ ڪا اهميت ڏني ويندي هجي. باقي سموريءَ عالمي سياست تي يورپ (پوءِ اهو ڪميونسٽ هجي، سرمائيدار هجي، نازي هجي يا فاشي) ۽ آمريڪا چانيل هئا. ٻي عظيم جنگ، پنهنجين سمورين هلاڪت آفرينين ۽ تباهين سميت اتحادين جي حق ۾ فيصل ٿي. انهيءَ جنگ ۾ هٽلر، مسوليني۽ ۽ توجو جي آمريت جي خلاف پوريءَ دنيا جي جمهوريت پسندن ڪي جمهوري آزاديون بچائڻ لاءِ سڏيو ويو. نهروءَ جهڙي جمهوريت جي عاشق لاءِ جمهوريت جي سڏ ڪان وڌيڪ ڪو دلڪش سڏ هئو ئي ڪونہ. پر هن ان وقت اهو سوچيو تہ واقعي جمهوريت بچڻ ۽ اچڻ گهرجي، پر اها غلام قومن جي غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ اچڻ گهرجي يا صرف اڇي چمڙيءَ واري يورپ کي ڪي بچائڻ لاءِ، پوري انسان ذات کي جنگ جي باهه ۾ اُڇلايو ويندو! انگريزن وعدا وعيد ڪيا، ڪانگريس پڪ وڻڻ چاهي، نتيجي طور آگسٽ 1942ع ڌاري مولانا ابوالڪلام آزاد جي صدارت ۾، ڪانگريس "هندستان خالي ڪريو" نالي مشهور نهراءُ پاس ڪيو. نتيجي طور نهروءَ کي پنهنجي ساٿين سميت گرفتار ٿي، احمد نگر جي قلعي ۾ لڳاتار ٽي سال گهارڻا پيا. اهو دؤر عالمي سياست ۾ روزويلٽ، چرچل، اسٽالن، هٽلر، مسوليني۽، ڊيگال، توجو ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جو دؤر هو. جنگ عظيم ڪن شخصن کي فنا جي غار ۾ اُڇلائي ڇڏيو- مثال طور: توجو، هٽلر، مسوليني ۽ چيانگ ڪائي شيڪ؛ ۽ ڪن شخصيتن کي عالمي سطح تي صفا اُڀاري آئي، ۽ اهي عالمي سياست تي چانٽجي ويون- مثال طور اسٽالن ۽ ڊيگال. اسٽالن پنهنجي سخت گير طبيعت جي ڪري روس ۾ پنهنجو اثر وڃائي ويٺو هو. پر ٻي عالمي جنگ ۾ هٽلر سوشلسٽ فاتح ليڊر جي حيثيت ۾ اُپرڻ، اسٽالن جي مستقبل کي تابناڪ بنائي ويو. هوڏانهن جنرل ڊيگال، لنڊن ۾ فرانس جي جلاوطن حڪومت ناهي، پنهنجيءَ شهرت کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو. ٻي عالمي جنگ انهن ٻنهي ليڊرن کي پنهنجي اقتدار ۽ اختيار سميت برقرار رکيو. ڪي ليڊر جنگ ختم ٿيندي ختم ٿي ويا تہ ڪي الیڪشن ۾ شڪست کائي ويا. ڪي ملڪي وڏيرپ واري مسند تان لهي اڇي پٽ تي پيا، تہ ڪي وري عالمي چوڌريءَ جي روپ ۾ اُپريا. برطانيا ۽ فرانس، پنهنجي اڳوڻي

عظمت برقرار رکي نه سگهيا، ته انهن جي جاءِ آمريڪا ۽ روس اچي والاري. جنگ ۾ جن ملڪن تي سُرخن قبضو ڪيو، اتي هنن اتي جي ڪميونسٽ پارٽين کي اقتدار ڏنو ۽ جن ملڪن کي جرمن قبضي مان سرمائيدارن ڦريو ته اتي هنن مغربي جمهوريت کي نه رڳو برقرار رکيو؛ پر جنگ ۾ شڪست کاڌل ملڪن وٽ جيڪي آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ڪالونيون هيون، سي انهن ساڳين ملڪن کي واپس موٽائي ڏنائون. جنهن جو واضح مثال فرانس آهي، جنهن کي نه صرف ويٽنام حوالي ڪيو ويو، پر الجزائر، گني، جبوتي ۽ مراڪش موٽائي ڏنا ويا. انڊونيشيا کي ڊچن جي جهوليءَ ۾ اُڇلايو ويو. سينگاپور، برما ۽ سيلون انگريزن کي ڏنا ويا. ايشيا جي هڪ وڏي ترقي يافته ملڪ جپان کي غير مسلح ڪيو ويو ۽ هندستان ۾ ڪميونسٽن جي غير مشروط حمايت جي باوجود ان جي غلاميءَ کي برقرار رکيو ويو ۽ آفريڪا ۽ ايشيا ۾ يورپي سامراج جون سموريون ڪالونيون جيئن جو تيئن رکيون ويون- ۽ جيڪا جنگ، جمهوريت ۽ آزاديءَ جي نالي ۾ شروع ڪئي وئي، تنهن جمهوريت ۽ آزاديءَ جو تحفو صرف مغرب کي ڏنو. وري حيرت انگيز ڳالهه هيءَ ته دنيا ۾ پهريون ايٽم بم، ايشيا جي ان خوبصورت شهر تي استعمال ڪيو ويو. حالانڪهجبڪڏهن انصاف جي نظر سان ڏنو وڃي ها ته جنگ جي شروعات به مغرب ۾ ٿي هئي، جنگ جا باني ۽ محرڪ به مغربي ملڪ هئا ۽ گهٽو نقصانڪار ۽ تباهه ڪن جنگ به يورپ ۾ لڙي وئي. جپان ته تمام دير سان جنگ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ هن جي فوجي فتوحات ۽ حملن جو دائرو به ضرف ايشيائي ملڪن تائين محدود هو. هن يورپ ۽ آمريڪا ڏانهن پيشقدمي به شروع نه ڪئي هئي، پر پوءِ به ائٽم بم جي سزا ايشيا جي هڪ خوبصورت ۽ سُندر ملڪ جپان کي ڏني وئي. اُن جا مکيه ڪارڻ صرف ٽي هئا:

(1) ته جپان، ايشيا جو واحد ملڪ هو، جنهن يورپ جي هڪ ملڪ روس کي گهٽو ڪري 05-1904ع ۾ زار شاهيءَ جي دؤر ۾ فوجي شڪست ڏني هئي- ۽ يورپ کي اُن تاريخي شڪست جو بدلو ونڊو هو ۽ اهو بدلو اهڙي ته پيانڪ صورت ۾ ورتو ويو، جو موجوده مهذب مغرب جي وحشانيت ۽ بربريت تي چنگيز ۽ حجاج جا روح به شرمندا ٿيا هوندا.

(2) ته هن هڪ ايشيائي ملڪ هوندي، اها جسارت ڪئي هئي، جو ان آمريڪي قبضي هيٺ آيل هاربر بيٽن تي حملو ڪيو هو، جيڪا ڳالهه مغرور، طاقتور ۽ برتريءَ جي نشي ۾ چُور مغرب ڪيئن ٿي سهي سگهيو.

(3) ته هن نه صرف ويٽنام ۾ برما، سيلون ۽ سينگاپور ۾ مغرب وارن کي ذلت آميز شڪستون ڏنيون، پر هو هندستان کي انگريزن جي قبضي مان ڪڍائڻ لاءِ نيتاجي سباش بابوءَ جي مدد سان اڳتي وڌي رهيو هو.

البت انهن سببن سان "چوٿون سبب" به گڏي سگهجي ٿو. اُهو هيءُ ته گهٽو ڪري سمورو ايشيا مغرب لاءِ پُرامن علاقو هو ۽ هنن جو پورو فوجي ڏيان، يورپ ۽ آفريڪا ۾ هٽلر ۽ مسوليني‌ءَ تي لڳل هو. ايشيا ۾ مغرب جي خلاف جپان محاذ کولي، مغرب جي فوجي طاقت ۽ قوت کي منتشر ٿيڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ اهو ڪم به مغرب وارن جي نگاهه ۾ هڪ ذليل ۽ ڪريل ڪميٽي ايشيائي ملڪ ڪيو هو، جنهن جي مقدر ۾ صرف غلامي لکيل هئي. آڻ هتي جپان جي وڪالت نه ڪري رهيو آهيان، چو ته جپان ان وقت شير شاهه جي شڪري وارو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. پر حيرت مون کي صرف روس جي اسٽالن ۽ مغرب جي ڪميونسٽ پارٽين تي ٿئي ٿي، جن آمريڪا سامراج جي انهيءَ وحشي ائٽمي بمباريءَ تي ڪوبه احتجاج نه ڪيو ۽ نه وري نئين سر ڪالونيون ورهائڻ تي ئي ڪو اعتراض واريو. مون کي خبر ناهي ته آمريڪي ائٽمي بمباريءَ تي ايشيا جي هڪ وڏي ماڻهوءَ مائوزيتنگ احتجاج ڪيو هو يا نه! جڏهن جنگ عظيم ختم ٿي، اُن وقت لينن جي روس، قومن جي خودمختياريءَ واري حقن کي ذري گهٽ وساري ڇڏيو هو.

جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ عالمي سطح تي هندستان جي هن عظيم فرزند، جواهر لال نهروءَ جو ڪردار شروع ٿئي ٿو. هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ ابتدائي ڪجهه سال هن کي سامراج جي تباهه ڪيل ۽ فرقي پرستيءَ جي باهه ۾ وکوڙيل ملڪ کي تعمير ۽ تشڪيل ڏيڻ ۾ لڳي ويا. هن چندر گپت موريا ۽ اشوڪ اعظم جي هندستان جي تصوير ۾ نوان رنگ ۽ روغن پرڻ چاهيا ٿي. هن ايلورا ۽ اجنتا کي وري نئين زندگي ڏيڻ ٿي چاهي. انهيءَ ڪم مان ٿوري گهڻي واندڪائي ملڻ سان هن عالمي سطح ڏانهن پنهنجون

سياسي بصيرت افروز نگاهون ڦيرڻ شروع ڪيون. هن ڏٺو ته هندستان جي آزاديءَ کان پوءِ به آفريڪا ۽ ايشيا ۾ لاتعداد ملڪ اڃا تائين غلاميءَ جي جانڪاهه ۾ پيڙجي رهيا آهن. سندن خيال ۾ انهن ملڪن کي مغرب جا ملڪ آزادي ڏيڻ يا ڏيارڻ ۾ قطعي ناڪام رهيا آهن ۽ هاڻي انهن سياستدانن جي سموري سياست سرد جنگ ۾ تبديل ٿي وئي آهي؛ ان ڪري اُهي سياستدان هاڻي سياسي ميدان ۾ عالمي امن ۽ آزاديءَ واري ڪردار ادا ڪرڻ جي لائق ئي نه رهيا آهن. هن روزويلٽ جي آزادي پسنديءَ، ايٽلي ۽ چرچل جي جمهوريت نوازيءَ ۽ ڪامريڊ اسٽالن جي اشتراڪيت نوازيءَ جا شاندار مظاهرا ٻڌا؛ خوش قسمتيءَ سان ملڪ اندر ڪيس بهترين سياستدانن، عالمن ۽ مدبرن جي بهترين ٽيم ملي وئي هئي، جنهن ڪري هن پنهنجو پورو ڌيان عالمي سياست ڏانهن ڏنو، ۽ پنهنجي شعلہ نوائيءَ ۽ تدبر سان سامراج کي للڪارڻ ۽ قومن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني. نتيجي طور هن جي اسرائيلي صور جي صدا تي آفريڪا ۽ ايشيا جو عوام نوآبادياتي نظام جيءَ ڪنڊرن مان نڪرڻ ولولي ۽ اُمنگ سان ڪَر موڙي اُٿڻ لڳو ۽ غلاميءَ جون زنجيرون ٽُٽڻ لڳيون ۽ اسيرن جا بند ٽُٽڻ لڳا.

1953ع، اهو سال آهي، جڏهن برصغير جي هن لافاني انسان، غلاميءَ ۽ بيڪيت جي ڪُک مان جنم ونڊڻ سياستدانن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، جو ته بي عظيم جنگ کان پوءِ مغرب جا سرمائيدار ناٽو جي ذريعي ۽ ڪميونسٽ وارسا جي عهدنامن وسيلي ايشيا ۽ افريڪا جي آزاد قومن کي پنهنجي پنهنجي گروپن ڏانهن ڇڪڻ لڳا هٿا؛ ۽ انهن آزاد ٿيندڙ ملڪن لاءِ ضروري هو ته آمريڪا يا روس ڏانهن ڏوڙن. اهڙي وقت ۾ هن ڏٺو ته هن وقت مغرب جا سياستدان پنهنجي خودغرضيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي چڪا آهن، ۽ هاڻي جيڪو ڏور اڇي رهيو آهي، سوان نئين انسان جو ڏور آهي، جيڪو بيڪيت جي ڪنڊرن مان نڪتو آهي ۽ جنهن جي ڇٽن مان رت ڳڙي رهيو آهي، سو ئي نئين دنيا جي نئين قيادت ڪندو. انهيءَ سلسلي ۾ نهروءَ هن غلاميءَ مان آزاد ٿيندڙ ملڪن جي بهترين قيادت کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. نهرو، ناصر، نڪروما، ٽيٽو، بن بالله ۽ اهڙا ٻيا ليڊر عالمي دنيا ۾ اُپري آيا، جيڪي بنيادي طرح سامراج دشمن هٿا ۽ آزاديءَ جي تحريڪن

ڪي پريور هٿي ڏيندڙ پئي. اهو سياسي دور، نهروءَ ۽ ناصر جو دور آهي، سوئيڪارنو ۽ ٽيٽو جو دور آهي، نڪروما ۽ چو. اين. لاءِ جو دور آهي؛ جيڪي غير جانبداريءَ جي جهنڊي هيٺ غلاميءَ جي خلاف بهترين فوج ترتيب ڏئي رهيا هئا. غير جانبدار تحريڪ، جواهرلال نهروءَ جو اهو ڪارنامو آهي، جنهن ڪي پاڪستان جو هندستان دشمن وزيراعظم به پنهنجي مضمونن ۾ خراج تحسين ادا ڪري چڪو آهي. غير جانبداري ڪا حق ۽ ناحق، ظلم ۽ مظلوميءَ، غلاميءَ ۽ آزاديءَ جي وچ ۾ نه هئي، پر اها ڪميونسٽ ۽ غير ڪميونسٽ مغرب جي دفاعي معاهدن ۽ سرد جنگ جي پس منظر ۾ هئي؛ جنهن دنيا جي ٻنهه گهٽي گهٽائيءَ ڪي پاڻ سان گڏ ڪري ورتو- ۽ اها حقيقت آهي ته ٻي جنگ عظيم کان پوءِ وارو دؤر عالمي سياست ۾ نهروءَ ۽ ٽيٽو جو دؤر آهي، جنهن دنيا کي اڃا تائين ٽين عالمي جنگ کان بچائي ورتو آهي. اها غير جانبداريءَ جي تحريڪ ئي هئي، جنهن کي پٺهنجي اثر ۾ آڻڻ لاءِ روس کي قومن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو سبق ڏيارڻو ۽ هن پنهنجي پاليسيءَ ۾ قومن جي آزاديءَ کي اولين حيثيت ڏني- ۽ روس جي انهيءَ پاليسيءَ ۾ عظيم موڙ جو عظيم ۽ واحد سبب صرف غيرجانبدار تحريڪ جي سامراج دشمني ۽ آزادي نوازي آهي، جيڪا نهروءَ ۽ ناصر جي وفات کان پوءِ نظرياتي وابستگيءَ سان مشروط ٿي، پنهنجي اصلي حيثيت وڃائي ويٺي آهي. دنيا کي اڄ وري ڪنهن نهروءَ جي ضرورت آهي. دنيا ۾ عالمي امن ۽ پائيچاري وارو هڪ ڪردار پوريءَ دنيا ۾ پٽڪي رهيو آهي ته ڪيس نهروءَ سوئيڪارنو جي روپ ۾ وري ڪو نئون هيرو ملي.

زنده باد غير جانبداري. زنده باد غير جانبداري تحريڪ جي لافاني قيادت! عالمي سطح تي نهروءَ جي نعري کي محمد خان مجيديءَ جي هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

آجيون ٿيندیون ساريون قومون،
گوريون تورڻي ڪاريون قومون،
ٽڪيون ماندیون، هاريون قومون،
سوريون جن سينگاريون، قومون!

o o o

– نہ معلوم ڪيترين جاکوڙن، جفاڪشين ۽ مصيبتن کان پوءِ آءٌ اهڙيءَ جاءِ تي پهتس، جنهن جي فضا جي ذري ذري ۾ تنهنجي معصوم ۽ مقدس جسم جو هڪاءُ آهي؛ ۽ جتي جا سانوڻ مون کي بسنت رُت پاسندا آهن؛ جتي جي شامن جي سُرخيءَ ۾ مون کي تنهنجيءَ لوئيءَ جي لالاڻ ۽ ڳلڙن جي شفق نظر ايندي آهي. گهڻو وقت اڳي آءٌ ڪراچي جيل ۾ هوس. اُتي خبر نہ آهي تہ ڪيئن منهنجي وات مان هي لفظ نڪتا هئا تہ:

تنهنجن ڪارن ڪارن وارن کي، جنهن ۾ ڏٺو سو مست ٿيو!
تنهنجن ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلڙن کي، جنهن ۾ ڏٺو سو مست ٿيو!
تنهنجي سدا بهار جوبن لُٽڻ جي، جنهن لالچ ڪئي، سو ويران ٿيو!
تنهنجي نرمل نگاهن ڏانهن جنهن ۾ ڏٺو، سو حيران ٿيو!
ڪيئي سجدا تنهنجي قدمن تان قربان ڪيم،
جن جي ڪري دنيا کي پاڻ تي مهربان ڪيم!
پر پوءِ ۾ تنهنجي مهرباني‌ءَ لاءِ واجهائيندو رهيس،
۽ تنهنجي بيخبريءَ تي پاڻ کي جهوريندو رهيس!

اڄ مُدتن پڇاڻان تنهنجن قدمن جي روشنيءَ ۾ اونداها رستا لتاڙي، هن پلاريءَ پوڻءِ ۾ پهتس تہ جيئن تنهنجي ڪا هڪ جهلڪ ڏسي، اُن جا رنگ پنهنجي ذهن ۽ روح ۾ رچائي، وري انهن اونداهن رستن ڏانهن موٽي وڃان. پر توکي ڏسڻ تہ نهيو، پر تنهنجيءَ ڪنهن هڪ جهلڪ جو ڪو رنگ ۽ پنهنجيءَ اُداس دل ۾ اوتي نہ سگهيو آهيان. بيخبري مون کي گهيرو ڪري وئي آهي. مون کي خبر ناهي تہ تون ڪٿي آهين؟ پر پوءِ منهنجي چوڌاري هيءَ ڇاتل سُڃاتل ڪارن پنين وارن جي خوشبوءِ ڪنهن جي آهي؟ هيءَ جواني‌ءَ جي پگهر جي بُوءِ ڪنهن جي آهي؛ جنهن جي هڪ جهوٽي سان انسان تہ انسان، پر خالقِ ڪائنات تي ۽ شيمپئن جو نشو چڙهي ويندو آهي. تون نہ ملئين، شايد عمر ۾ آءٌ تنهنجي ڳولا ۽ ڳالهيون ڪندو رهندس. ها، اهو منهنجو مقدر آهي!

o o o

– اڳي ننڍي هوندي اسڪول ۾ هڪ سبق پڙهيو هوسين تہ ايران جو هڪ بادشاهہ هڪ جنگ ۾ قيد ٿي، ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ويو ۽ اُتي بيمار ٿي پيو. سوين ويج ۽ طبيب گهرايا ويا، پر ڪيئن ڪوبہ فرق نہ ڪيو. نيٺ

تنگ ٿي، اتي جي بادشاهه جي شهزاديءَ، قيدي بادشاهه کان پُڇيو ته، "آخر تنهنجيءَ بيماريءَ جو علاج ڪهڙو آهي؟" موت جي بستري تي سُتل بادشاهه جواب ڏنو ته، "ايران جي متيءَ جو ذرو ۽ اُتي جي پاڻيءَ جو ڏڪ، منهنجيءَ بيماريءَ جو واحد علاج آهي." نيٺ علاج جو اهو طريقو آزمايو ويو ۽ قيدي بادشاهه چگو ٿلو ٿي پيو. ايران جي ماڻهن کي پنهنجي عظيم تهذيبي ۽ تمدني سرزمين سان بيپناهه محبت پئي رهي آهي. ايرانين لاءِ هيءَ سرزمين ڪورش ڪبير جي سرزمين؛ زرتشت جي ڪڏهن نه اُجهامندڙ ٻاهه جي سرزمين؛ لالہ و گل جي سرزمين؛ ماني ۽ مزدڪ جي انقلابي فڪر ۽ فلسفي جي سرزمين؛ حافظ جي سدا بهار شاعريءَ جي سرزمين؛ سعديءَ جي زبان دانيءَ ۽ اخلاقي تبليغ جي سرزمين ۽ فردوسيءَ جي شاهڪار رزميہ شاعريءَ جي سرزمين پئي رهي آهي. هن سرزمين جي گود مان نه صرف اناج ۽ ميون جا ذخيرا پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر ان جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جا وڻ ڦُلاربا رهيا. پر هتي جي متيءَ هر موسم ۾ پنهنجي جهوليءَ ۾ باهه جي جيين جهڙن گلن کي پڻ جنم پئي ڏنو آهي. ايران جي عورت جي ڪک مان صرف حُسن ڦُٽندو آهي، اهڙو حُسن، جنهن کي ڪينواس تي چٽڻ لاءِ مصور جا هٿ زخمي ٿي پوندا آهن، پر هو ان حُسن جي هڪ معصوم ۽ هلڪي جهلڪ به پنهنجي قلم ۽ برش جي قيد ۾ آڻي نه سگهندو آهي. حقيقت ۾ ايران، حُسن، شاعريءَ ۽ سنگيت جو ملڪ رهيو آهي، جنهن سان اُتي جي عوام ايئن محبت پئي ڪئي آهي، جيئن ننڍڙو ٻار مامتا سان ڀرپور چاتيءَ سان پيار ڪندو آهي. ايران جي متي ۽ پاڻي، اُتي جي ماڻهوءَ لاءِ زندگي بخش پئي رهيو آهي. پر ايران جي انهيءَ حُسن، شاعريءَ ۽ سنگيت، هر ايرانيءَ جي دل ۾ خودپرستيءَ ۽ لاغرضيءَ جو مادو پيدا ڪيو آهي. جنهن ڪري، ايراني ماڻهن کي ماڻهن سان محبت گهٽ، پر فن ۽ سرزمين سان محبت زياده پئي رهي آهي. نتيجي طور هر ڪنهن ايران کي خوبصورت بنائڻ لاءِ انهن هٿن کي وڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، جيڪي ايران جي خوبصورتيءَ ۾ واڌاري لاءِ پنهنجي دل ۽ جگر زخمي ڪرائيندا رهيا آهن. ايرانين قرة العين طاهره جي حُسنِ جهان سوز لاءِ پنهنجي ديس ۾ ڪابه جڳهه نه ڏني ۽ هن جي شاعريءَ کي باهه

جي شعلن جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيءُ ان ايران جي ڳالهه آهي، جڏهن ايران جي سرزمين تي ايڏا لالہ و گُل جي جاءِ تي ڏاڙهين جو جهنگل نہ اُڀيو هو.

جڏهن ايران ۾ گُلن جي بجاءِ ڏاڙهين جا ٻيلا پيدا ٿيا، ۽ جتي حافظ ۽ سعديءَ جي لافاني غزلن جي جاءِ تي علامائن جي واعظن ڪنن ڪي ڦاڙڻ شروع ڪيو؛ ان وقت اهڙين بن ڏرين جو ٽڪر پيدا ٿيو، جن مان ڪنهن ڪي به ايران جي عوام سان محبت ڪانہ هئي. منهنجو تجربو ٻُڌائي ٿو تہ هڪ علامہ جي دل ۾ انسان سان ايتري محبت به نہ هوندي آهي، جيتري هڪ ڪنجوس جي دل ۾ سخاوت. هڪڙي ڏر ايران ۾ مغرب ۽ مشرق جي ميلاپ سان اهڙو چمن تيار ڪرڻ پئي چاهيو، جنهن ۾ انساني گيتن بجاءِ صرف بي شعور بلبلين جا هزار داستان هجن ۽ پيءَ ڏر انسانن سان گڏ انهيءَ بلبل هزار داستان کي ڪُهي، اُن جي رت سان ڏاڙهيون رڱڻ پئي چاهيون.

هن ڳالهه ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ايران جي بادشاهہ کي ايران جي خوبصورت سرزمين سان بيپناهہ محبت هئي، پر اُتي جي انسانن سان ڪيس ڪابہ دلچسپي نہ هئي؛ ۽ نہ ئي شايد هو اِهو سمجهي سگهيو تہ هڪ انسان مٽڻ مٽڻ ماٹهن کي نظرانداز ڪري صرف سرزمين ۽ ان جي تاريخ سان محبت ڪندو آهي تہ هو پنهنجي سموريءَ حُسن نوازيءَ ۽ حُسن پرستيءَ جي باوجود هٹلر ۽ فرانڪو بنجي ويندو آهي. شهنشاهِ ايران بہ شايد سمجهيو هو تہ آءٌ ايران جي خوبصورت سرزمين سان محبت سبب دوامیت حاصل ڪري وٺندس ۽ مون کي ڪوبہ لوڏو نہ آهي. مون ٻُڌو آهي تہ جنهن وقت بادشاهہ ايران مان روانو ٿيو، ان وقت ساٹس گڏ هڪ ٽيلهي هئي، جنهن ۾ فردوسيءَ ۽ حافظ جي سرزمين جي مٽي هئي؛ جنهن ۾ سعديءَ جي غزل جي خوشبوءِ ۽ قرة العين جي حُسن جي مهڪ هئي. سندس چوڻ هو تہ، "آءٌ مري وڃان تہ منهنجيءَ قبر ۾ ايران جي هيءَ سدا سهڻي مٽي وجهجو." شهنشاه، ايران جي مٽيءَ کي تہ ضرور پاڻ سان کڻي ويو، پر ايران جي سرزمين تي لکين ڪُنل بلبلين جي رَت جون ندين وهندين ڇڏي وڃي رهيو هو. جيتوڻيڪ سندس اکين ۾ گوڙها هٹاءِ ملڪ جي اکين جو ڪجل سندس ڪومل گُلن تي پکڙجي ويو هو، پر اهو سڀ ڪجهہ ايران جي سرزمين کي ڇڏڻ جو دُک هو، نہ عوام کان جدائيءَ جو صدمو.

- ۽ خميني ڄڏهن پندرهن سالن کان پوءِ جهاز مان ايران جي سرزمين کي ڏٺو ته سندس ڏاڙهيءَ ۽ مُڇن ۾ لڪل چپن تي پهريون پيرو مرڪ اچي وئي. اها مُرڪ، آءٌ سمجهان ٿو ته ايران جي سرزمين کي ڏسي پيدا ڪانه ٿي هوندي، چو ته جنهن ماڻهوءَ سالن تائين مُرڪيو نه هجي، ان کي پنهنجيءَ سرزمين سان ۽ عوام سان محبت جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿي سگهي. البت اُها مُرڪ، ايراني عوام جي وهندڙ رت کي ڏسي پيدا ٿي هوندي ته، "ترسو! ايڇا ته ڪجهه ڪونه ٿيو آهي. اصلي ڪوس ته آءٌ پنهنجي مقدس هٿن سان ڪندس ۽ ڄڏهن ايران جي سرزمين تان نغمي کي ختم ڪري، گهرن ۾ بي سُرن مُلن کان بانگن جو شور بلند ڪرائيندس، جن کي ٻُڌي، بار ڀڄي مائرن جي ڇاتين سان لڳي ويندا." آءٌ سمجهان ٿو ته شهنشاهه، خميني‌ءَ کان وڌيڪ مُحب وطن هو، جيڪو ايران کان گهٽو وقت جُدا جيئرو رهي نه سگهيو ۽ مري ويو.

شاهه، وڃڻ وقت ايران جي عوام کي پيغام ڏنو ته، "جاڳندا رهو! ايران جو مستقبل توهان جي جاڳڻ تي دارومدار رکي ٿو. متان ٿوري ننڊ ڪريو ۽ ايران هميشه لاءِ تباهه ٿي وڃي." ويچاري بادشاهه کي ڪهڙي خبر ته ايران جي عوام کي مذهب جو نشو ڪارائي سمهاريو ويو آهي- ۽ جنهن قوم کي مذهب جي ڏائيزيپام کارائي ويندي آهي، ان جي صدين تائين جاڳڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

حقيقت هيءَ آهي ته بادشاهه جي سڀني ظلمن جي باوجود خميني‌ءَ جا پنهنجي مُلن جي فوج ظفر موج سميت بادشاهه سان اختلاف خالص نِجا ۽ ذاتي هئا:

(1) شاهه جيڪ "سفيد انقلاب" جا سڀ کان وڌيڪ اثرات مُلن ۽ مذهبي ماڻهن تي پيا. مثال طور: اُهي سڀ جاگيرون ضبط ڪيون ويون، جيڪي آيت الله حضرات جي مدرسن جي نالي ۾ سندن شاندار ۽ اميراڻيءَ زندگيءَ جون ضامن هيون. ڊاڪٽر ياسين رضويءَ، اُهي سڀ انگ اکر گڏ ڪيا آهن، جن جي ذريعي 'سفيد انقلاب' کي ڪامياب بنائڻ جا اُپاءَ ورتا ويا هئا.

(2) شاهه، عورتن کي تعليم، تجارت ۽ سياست ۾ حصي وٺڻ لاءِ مردن جهڙا موقعا ڏنا. جنهن کي ايران جي عالمن ڪفر سمجهي، گوڙ ڪري فساد برپا ڪرايا.

(3) بادشاهه حلف نامي ۾ 'قرآن' جي لفظ جي بجاءِ صرف 'آسماني ڪتاب' جو لفظ داخل ڪيو، جيئن ان جي ذريعي هندن، پارسين، زردشتين، بهاين، يهودين ۽ عيسائين کي مذهبي هڪجهڙائي حاصل ٿئي. ايراني عالمن، ان ڳالهه کي بهانو بنائي، پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ شروع ڪيو.

(4) ايران جي آئين ۾ اها ڳالهه ڪافي وقت کان داخل ٿيل هئي ته ايران جي پارليامينٽ جي فيصلن جي تصديق يا توثيق، جيستائين گهٽ ۾ گهٽ علمائن جي پنج رڪني ڪميٽي نه ٿي ڪري، تيستائين اهو فيصلو نافذ نه سمجهيو وڃي. مرحوم ڊاڪٽر مصدق به اها ڳالهه آئين مان ڪڍائي نه سگهيو هو. عالمن اڳتي وڌندي اهو مطالبو ڪيو ته جهڙيءَ طرح پارليامينٽ جا ميمبر سرڪار وٽان ڪن رعايتن جا مستحق آهن، سي ساڳيون رعايتون علماءِ ڪرام کي ڏنيون وڃن.

اُهي ڳالهيون ميڙ کان بادشاهه انڪار ڪيو. نتيجي طور خُميني ۽ شاهه جو اُهو تاريخي تصادم شروع ٿيو، جيڪو شهنشاهه جي وفات ۽ آيت الله جي آمريت تي ختم ٿيو. آيت الله کي جيڪي اختيار ڏنا ويا آهن، تن کي ڏسي بادشاهه جي ڪٽر مخالف، سبطِ حسن لکيو ته، "ايترا اختيار ته بادشاهه کي به نه هئا: ۽ هاڻي ايران شخصي آمريت مان بدلجي مذهبي آمريت جي بدترين گود ۾ وڃي ڪِريو آهي، جيڪا ايران کي صديون پوئتي ونهي ويندي." اڄڪلهه ايران تي مُلن جو مڪمل قبضو آهي، جن کي حڪومت هلائڻ جو ڪوبه ڏاڻ نه آهي.

o o o

- "جنهن قيدخاني ۾ پرهه مُرڪندي هجي؛ جتي شام، روزانو رات جي سُرمئي پردي ۾ لڪي ويندي هجي؛ جتي جون راتيون ڪڏهن ستارن جي قنديلن سان جڳمڳائيندیون هجن ته ڪڏهن چند جي چانڊاڻ ۾ وهنجنديون هجن؛ جتي به- پهرو روزانو چمڪندو هجي؛ جتي شام جي لالاڻ ۾ روزانو نِکار ايندو هجي؛ ۽ جتي هر صبح شام پکي چهڪندا هجن، ان کي قيدخاني هجڻ جي باوجود عيش ۽ مسرت جي سامان کان ڪيئن خالي سمجهيو وڃي."

مٿيان لفظ ابوالڪلام آزاد جا آهن، جنهن جيل جو گهٽو عرصو انڊين نيشنل ڪانگريس جي صدر ۽ هندستان جي سڀ کان وڏي عالم، اديب ۽

صحافيءَ واريءَ حيثيت ۾ گذاريو هو، جنهن ستارن جي جڳمڳاهٽ ۾ ڏٺي هئي تہ صبح جو مُرڪڻ ۾ ڏٺو هو. جنهن سانوري شام کي رات جي ڪارن وارن جي ڇانوَ ۾ ننڊ ڪندي ڏٺو هو تہ راتين کي چنڊ جي ڇانڊاڻ ۾ وهنجندي ۾ ڏٺو هو. جنهن صبح جي مُرڪ ءَ ۾ پنهنجي چمڪ ۾ ڏٺي هئي تہ پکين جون لاتيون ۾ ٻڌيون هيون: ان ڪري کيس قيدخاني ۾ ضرور عيش ءِ مسرت جو سامان نظر آيو هوندو. پر جنهن ماڻهوءَ قيدخاني ۾ سالن تائين چنڊ جو چهرو نہ ڏٺو هجي، جنهن ڪڏهن رات جا ڪارا زلف نہ ڏٺا هجن؛ جنهن ستارن جي مُرڪ ءَ لڪ لڪوٽي نہ ڏٺي هجي؛ جتي ڪو وڻ نہ هجي، جتي پکي چهڪن ءَ ڪوئلون لاتيون لٺون؛ جتي شام جي لالاڻ ڏٺي ايترو عرصو گذري ويو هجي، جيترو محبوب جي مهانڊي ڏٺي گذريو هجي؛ جتي پرهہ مُرڪندي نہ پر ڪوڙا وسائيندي ايندي هجي ءَ جتي ۾ پهر ٽاڏن جا ٻُڪ ءَ چَڇ پري کولين ۾ اُچلائيندا هجن؛ جتي صرف گارين جا گيت، ٻيڙين جي موسيقي ءَ ڦٽڪن ڪوڙن جي ڍولڪ وڄندي هجي؛ جتي جي ماڻهن جي چهرن تان زندگيءَ جي اُمنگ موڪلائي وئي هجي، تہ اهڙيءَ جاءِ کي عيش ءِ مسرت چوڻ تہ نهيو، پر ان کي دوزخ سڏڻ ۾ دوزخ جي توهين آهي- ءِ غلام ملڪن جا جيل هميشہ ورڪرن ءَ ڪارڪنن لاءِ ئي ٺهندا آهن.

o o o

- منهنجي دوست ءَ ننڍڙي، سادي سودي ساٿيءَ، عبدالحليم باغيءَ جو شعر آهي تہ:

ڪارونجهر جي ڪور مٿي ڪو سائر پيلو مور نچي،
پورو پورو بادلڙو، بي راهہ مسافر جيان پٽڪي،
سَر ۾ آهي ساهہ پيو، ٽو مينهن وسي، ٽي گوڙ گُجي،
لهندڙ سج جي لامن ۾ ڪاڪ شام هئي، شمشام هئو،
رات جي ڪاري روپ اندر ڪو پرهہ سندو پيغام هئو،
مُنهن- مير مهل جا ماڪ اُڀي، ايءُ رات سَندو انجام هئو.
ڪرٽ ڍنڊ جي جهرٽي ۾ ائين آهہ چپيو جڻ تير گُپيو،
ناسي رنگ جي نئين هلي، گوڙهارو ڪو گل اُڪيو،
ولهار سجو آ واسي پيو، انسان اٿيو، انسان اٿيو!

منهنجو دوست، انتهائي اميد پرست آهي. سندس شاعري پڙهي ائين لڳندو آهي، جڙ امرڪوٽ جي راهن تي نازبوءِ جا ٻوٽا اُپري آيا هجن يا ڪن ڪنوارن هٿن پنهنجي پريتم لاءِ مُراڻي ري راهه ۾ مروو روپيو' هجي، يا امرڪوٽ جي پٿن ۽ ڏهرن ۾ ڪنهن سورهيه سوڍي جي گهوڙي جي تاپ اُپري رهي هجي- امرڪوٽ، جيڪو اسان لاءِ نه صرف مارئيءَ جي آهُن ۽ دانهن جي ڪري مقدس آهي؛ جيڪو نه صرف مدد خان هٿان هاريل ٽاريلن جي رت ڦڙن جي ڪري عزت لائق آهي؛ جيڪو نه صرف راڻي رتن سنگهه جي ڦاسيءَ جي ڏڪڻ جي ڪري چُمڻ لائق آهي؛ سو اڄ حليمِ باغيءَ جي شاعريءَ جي ڪري پوڄا لائق آهي.

آءٌ جڏهن باغيءَ جي شاعري پڙهندو آهيان، تڏهن مون کي امرڪوٽ جا ڪنگرا، فولاد وانگر مضبوط ۽ همالیا وانگر بلند ٿيندا نظر ايندا آهن، پر سنڌ جي سپني دستاربند شاعرن جا پٽڪا ۽ دستارون ڪرنديون نظر ايندیون اٿم؛ سڄيءَ سنڌ ۾ سُرهاڻ پکڙيل پاسبي آهي؛ لهندڙ سڄ جي لامن ۾ وڏيڪ لالاڻ پسندو آهيان؛ امراڻي جا ٽر ۽ بر، ڊٽ ۽ ڊورا، تل ۽ ترايون، واهڻ ۽ وسنديون، زندگيءَ سان پرپور ڪَرَ موڙي اُٽنديون نظر ايندیون آهن ۽ سڄي ولهار ۾ ڪو انوکو واس، ڪو انوکو گيت، ڪائي انوکي صدا، ڪاتي انوکي خوشبوءِ ۽ ڪوئي انوکو تاريخ جو بابُ ڪُلندو نظر ايندو آهي.

پر اي منهنجا دوست! تنهنجي اميد پرستي پنهنجيءَ جاءِ تي. تون شاعر آهين. شاعر کي شايد ايندڙ وقت وڏيڪ صاف ۽ چٽو نظر ايندو هجي، ۽ تون اُن مور، بادل، ناسي نئين، گوراڙهي گلَ ۽ ولهار جي واس کي مجسم صورت ۾ ڏسندو هجين، پر حال ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ آهي. آءٌ هنن حالتن ۾ ڪارونجهر جي ڪورَ جي مور جي چاتيءَ ۾ ڪنهن لانگ بوٽ جا چيرا ڏٺو ڏسان ۽ سمجهندو آهيان ته جڙ تروٽ جي گولين سان زخمي ٽيل روپلو، سائي پيلي مورجي روپ ۾ رڙندو هجي؛ پوري بادلڙي کي بارود جو دونهون وکوڙي ويو هجي؛ ناسي نئين جي پاٽيءَ ۾ انساني رت مليل هجي؛ ولهار جي واس ۾ گوليءَ جي بارود جي بوءِ هجي. اڄ نه صرف امرڪوٽ ۽ پدمات، نه صرف منيءَ ۽ چاڇرو، نه صرف ننگر ۽ ڪارونجهر، نه صرف نئون ڪوٽ ۽ گوڙيءَ جو مندر، نه صرف چور ۽ هاسي سر، پر پورو

مهڑاڻو، پورو ولهار، پورو نيئڙ، پورو ڪاڙ، پورو آڇڙو ٿر ڏنل آهي، هراسيل آهي، مايوس آهي ۽ محروم آهي. منجهانئس زندگي، امنگ ۽ آرزو جهڙوڪر موڪلائي وئي هجي. اڄ ٿر ۾ صرف لانگ بوٽن ۽ چمڙن جو آواز ٻُڌڻ ۾ ٿو اچي، جن جي شور ۾ لاڏا ۽ مورا، راسُوڙا ۽ ٻاڻيون، ڇڻ ۽ گيت، سميجا ۽ ڏاتيئڙا، ڪجليا ۽ برسارا، پنهنجو آواز وڃائي وينا آهن. ڪاڪ ڪڙهي وئي آهي، وڻ پري وڃا آهن، لُڊاڻو لوڻيو ٿي ويو آهي. ڪيترين شمشان پوميون، ڪيترين مولمن کي پنهنجي ڇيڻن ۾ وڻ لاءِ اڳتي وڌي، اُپري ۽ اُلري رهيون آهن. اهڙي ماحول ۾ صرف تنهنجيءَ شاعريءَ جو آواز آهي، جيڪو روحل فقير جا پير ڪٽندو، بلند ٿيندو پيو وڃي؛ ايترو بلند، جنهن جي بلندي ماپڻ لاءِ اڄا ڪو اوزار ئي ايجاد نه ٿيو آهي ۽ نه وري ٿيندو.

دوست! تون شاعري ڪندو رهجانءِ! تون لکندو رهجانءِ! خدا اهي ڏينهن نه آڻي، جو گيت تنهنجي گلي ۾ اٽڪي پون ۽ تنهنجي ڇپن تي مُهرون لڳي وڃن. اسان صرف تنهنجي ذريعي سنڌ کي ٻڌائي سگهنداسون ته سرزمينِ سنڌ جو هيءُ وارياسو رڻ پَٽ نه صرف برسات جي مُند ۽ ڏُٽ جي سلن لاءِ پنهنجون ڇاتيون کولي ڇڏيندو آهي؛ پر جڏهن هن پوميءَ تي ڪو ڏکيو وقت ايندو آهي ته ان جي وِير جي ذهن مان تخليق جا سرچشما ڦُٽي نڪرندا آهن، جيڪي زماني جي قيد کان آزاد ٿي، هر دؤر ۾ ڪنوار جي سينڌ ۾ پيل سيندور وانگر تازا توانا رهندا آهن، ۽ ڪنهن جوڌي جي ڪنن ۾ پيل سونين واليون وانگر انهن جي چمڪ کي ڪائيُ ڪَٽ نه لڳندي آهي. مون سنڌ جي تاريخ ٿوري گهڻي پڙهي آهي. ان ۾ ڪٿي به ڪونه ڏٺو ويو آهي ته مدد خان جي حملي وقت ٻڌي ڪنهن شاعر سنڌ ۾ اُن جي ڪيل قتل ۽ غارتگريءَ جي خلاف عوام کي اُڀاريو هجي؛ پر اهو صرف "پدمات" جو پَٽُ آهي، جتان مراد فقير جو آواز بلند ٿيو هو ته:

"ماري مدد ڪون دور ڪرو، چوڙ وڃي يهودي يزيد، ميان!

منهنجي لاءِ "روحل واءِ" رڳو ان ڪري مقدس نه آهي ته اُتي پدمات آهي؛ نه صرف ان ڪري مقدس آهي، جو اها عمرڪوٽ تي چوڪسي رکيو ويئي آهي؛ نه صرف ان ڪري مقدس آهي جو اُتي "روحل فقير" ڇلو ڪڍيو هو؛ نه رڳو ان ڪري مقدس آهي، جو اتي منهنجن ڪن پيارن يارن

جون مِٹيون مائٹيون آهن؛ نہ صرف ان کري مقدس آهي، جو اُتان جا ڏوجهارا امرڪوٽ جي خالص ماهو کير مهيا ڪندا آهن؛ نہ صرف ان کري مقدس آهي، جو اتان جمن دربدر جو آواز، ساوڻ جي ڪکر جيان اُپري، سموريءَ سنڌ ۾ پکڙي رهيو آهي؛ پر منهنجي لاءِ اُن کري به مقدس آهي، جو اتان، انهيءَ ويران پٽ تان تنهنجيءَ (باغيءَ جي) ارڏيءَ شاعريءَ جا سرچشما ڦُٽي نڪرندا آهن. هيءَ حيرت انگيز گالهه آهي ته جنهن علاقي مان پاڻي ته مشڪل سان نڪرندو هجي، اتي ذات جا ڏيئا ايترا تکڙا ۽ تيز ڪيئن جلندا آهن! تخليق جا سرچشما ڪيئن ڦُٽي نڪرندا آهن! خدا کري اهي تخليق جا سرچشما ڦُٽندا ئي رهن؛ اهي ذات جا ڏيئا جلندا ئي رهن؛ لوڪ گيت اپرندا ئي رهن؛ منهنجي ماروءَ جي اندر جون آهُون، پاڳيءَ جي آواز جو روپ ونندیون ئي رهن؛ ۽ موهن پگت جو آواز، سسئيءَ جي صورت ۾ اپرندو ئي رهي، وڌندو ئي رهي، پهاڙ ۽ پيچرا لتاڙيندو ئي رهي، ۽ پٽر جهڙين دلين کي رجائيندو رهي!

هڪ پيرو مون سوچيو هو ته آءٌ ڪٽي چوان ته: توهان منهنجي مهراڻي ۽ ملير کي صرف واريءَ جون پٽون، رُڄ ۽ رائو نہ سمجهو، چو ته انهيءَ رُڄ ۽ رائي ۾ لوڪ شاعريءَ جا هنڌين ماڳين رابيل ڦُٽل آهن. منهنجي "موهڙ" جي ڦوڳسي جو واس، دلين ۽ دماغن کي موتئي ۽ چنبيليءَ کان وڌيڪ سرهو بنائيندو آهي. منهنجي ديس ڏاڻي، پِيا اچڻ لاءِ امرڪوٽ جي مارڳ تي مروو روپيندي آهي. اهڙو تخيل، سنڌ جي پوريءَ لوڪ شاعريءَ ۾ نہ ملندو. سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ صوفي صادق فقير پهريون پيرو سنڌ واسين کي سنڌ مان انگريزن کي کڏڻ لاءِ هوڪو ڏنو هو ۽ اهو هوڪو اڄا هلندو ٿو رهي، ان جي صدا ٻُڌي نہ آهي. ميائيءَ جي ميدان ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ مير شير محمد جي هڪ درباريءَ، پڇندڙ ميرن تي ٽوڪبازيءَ وارا شعر ناهيا هئا. پر جڏهن ننگرپارڪر ۾ انگريزن خلاف ڪولهين ۽ سومڙن بغاوت ڪئي هئي، ان وقت هڪ مينگهواڙ ڪنهن انگريز آفيسر کي چمر جي چوڻن هيٺان لڪايو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ هو انگريز بچي ويو هو؛ ۽ جڏهن اها گالهه (يعني ان مينگهواڙ جي عداريءَ واري خبر) پارڪر جي عوام کي پهتي، ته هر ٿر واسيءَ ان مينگهواڙ جي

غداريءَ، وطن دشمنيءَ ۽ انگريز نوازيءَ تي ٽُڪ لعنت ڪئي، ۽ ٽري سڳهڙن جي وات مان ان غدار مينگهواڙ جي خلاف ۽ مُحب وطن پارڪرين جي شان ۾، لوڪ شعر ائين وهڻ لڳا هئا، جيئن پريل ڪليءَ جي منهن ڪُلهڻ تي پاڻي وهڻ شروع ڪندو آهي. اهي شعر تون "پراڻي پارڪر" ۽ "تاريخ ريگستان" جي پهرئين پاڳي ۾ ڏسي سگهين ٿو، جيڪي پارڪري بوليءَ ۾ ڇپيل آهن. مون سوچيو آهي ته آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪارونجهر گهمندس ۽ انهيءَ تاريخي واقعي تي ناول لکندس، جنهن ۾ منهنجي ملڪ جي سرفروشن جي ڪارنامن کي ٽانڊاڻن ۽ ماڪ ڦُڙن جي صورت ۾ ڏيکاريو آهي.

o o o

– سنڌ جو وڏيرو نه صرف صدرن، وزيرن، ڪليڪٽرن، ڪمشنرن ۽ ٽاڻي جي صوبيدارن جو هر دؤر ۾ سلامي پئي رهيو آهي؛ پر هن پيري مون کي جيل ۾ خبر پئي ته سنڌ جي وڏيري جي سلاميءَ جو سپ کان وڏو ۽ اهم مرڪز جيل آهي، جتي جيل جي سپاهيءَ کان وٺي سپرنٽينڈنٽ تائين هرهڪ کي وڏيرو خوش ڪندو رهندو آهي، ته جيئن وقت پوڻ تي سندس ماڻهن کي جيل ۾ گهربل سهوليتون ڏياري سگهي ۽ مخالف ڌر جي ماڻهن کي مارُون ڏياري بند وارد ڪرائي سگهي. جيل ۾ جن سنڌ جي وڏيرن جي گهٽي هلندي آهي، انهن مان غلام مصطفيٰ جتوئي، حاجي رحمت الله بهڻ ۽ الله بخش مگسي سرفهرست آهن. اُهي حيدرآباد جي جيل سپرنٽينڈنٽ نورالاهي شيخ کان جيل جو اندروني نظام به تبديل ڪرائي سگهن ٿا. پيو ته نهيو پر فاضل راهوءَ جهڙو ماڻهو به آزاديءَ واري حالت ۾ جيل انتظاميا جون حاضريون پريندو آهي.

انهن وڏيرن ۽ وڏن ماڻهن کي جيل انتظاميا ڏيرندي به ڏو تي آهي. مون کي جيل جي هڪ معتبر انتظامي ماڻهوءَ ٻڌايو ته صرف سيٺ ڪالي خان کان جيل وارن ست هزار روپيا ورتا هئا. جتوئي مينهون ۽ حاجي رحمت الله بهڻ ڏرکون ڪائين جون جيل سپرنٽينڈنٽ ۽ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کي پهچائيندو هو، جو ته سندس پائٽيو جيل ۾ هو، جنهن کي گهربل آسانيون پئي ڏياريائين. جيل ۾ آيل سنڌ جا وڏيرا، سپرنٽينڈنٽ جا اٺ ئي پهر سلامي هوندا هئا.

مون سان حالت هيءَ هئي جو منهنجي وارد ۾ سپ دولتمند ڪرمنل

قيدي رهندا هئا، جن پنهنجي پٽسي جي زور تي جيل جي ٻنهي اعليٰ عملدارن کي خريد ڪري، اها سهوليت ورتي ته کين رات جو ڏهين وڳي بند ڪيو ويندو. جيل ۾ دستور آهي ته قيدي ڏينهن جو پنهنجي وارڊ ۾ کليل هوندا آهن ۽ رات جو کين کولين يا بيرڪن ۾ بند ڪيو ويندو آهي. وڏيرن ۽ سيٺين ته پٽسن جي زور تي بند ٽيڻ جو ٽائيم رات جا ڏهه ڪرائي ڇڏيو، هونئن عام طرح قيدي ڇهين وڳي شام جو بند ٽيندا آهن. اسان جي وارڊ جي حالت هيءَ هئي، ته سپ وڏيرا ۽ ڪرمنل ڏوهن ۾ ڦاٽل سيٺ ته رات جو ڏهين وڳي بند ٽيندا هئا، پر آءٌ ۽ مون جهڙا ٻيا قيدي ڇهين وڳي رات جو بند ٽيندا هئاسون. هڪ پيري.... مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته، "جيڪڏهن توهان چئو ته جيل انتظاميا کي چئي، توهان جي بند ٽيڻ جو وقت بدلرايان." مون سختيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو، چو ته مون سمجهيو ٿي ته جيڪڏهن هن کي هڪ سنڌي سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ مون سان همدردي هجي ها ته پاڻمرادو جيل انتظاميا کي چئي پئي سگهيو، نيٺ مون کان پڇڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي.

.... کي چيم ته، "جيڪا جيل انتظاميا شاگردن کي جيل مان ڪڍي، ايف. آءِ. يو وارن جي حوالي ڪندي رهي ٿي؛ جتي اُنهن ابهم ٻارڙن جي جسمن کي ٽُڪا هٽڻ کان سواءِ سندن جسم جا نازڪ حصا سگريٽن سان ڏنيا وڃن ٿا؛ انهيءَ جيل انتظاميا کان آءٌ ڪابه رعايت گهُرڻ پنهنجي لاءِ بيغيرتي سمجهان ٿو. نه وري توهان منهنجي باري ۾ جيل وارن کي ڪنهن سهوليت لاءِ چئجو." جيل سپرنٽينڈنٽ نورالاهي شيخ ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ نواز، جيڪي عقوبتون ۽ ذلتون، جيئي سنڌ جي ڪارڪنن سان ڪيون آهن، تن جي تفصيل لاءِ هڪ وڏي ڪتاب جي ضرورت آهي. ماڳ ماڻڻ تائين آءٌ زند [illegible] يا نه، پر سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي عرض ته جڏهن به سنڌ پنهنجن [illegible] تي بيهڻ جهڙي ٿئي، اُن وقت نورالاهي شيخ جي اولاد ۽ نواز کي ضرور ياد رکجو! انهن ڪامورن جي دماغن ۾ اها ڳالهه ويٺل آهي ته اپريون ۽ مظلوم قومون سدائين ساڳيءَ حالت ۾ رهنديون، پر تاريخ اُنهن جي سوچن جي چهرن تي موچڑن جو وسڪارو لايو ٻيٺي آهي.

o o o

- پوڙهي چيو: "آهه! اڄ ٻارڻ وانگر آهيان، تمام ويجهڙائيءَ ۾ سڀ ڪاڏيون سڙي ويندڙيون. بلڪل سڙي ويندڙيون. اهڙيءَ ريت آءٌ به جلد سڙي ويندس، صفا سڙي ويندس!"

بلبل جو آواز پوڙهي جي ڪنن ۾ پُرڻ لڳو. نااُميد پوڙهو بيزار ٿي چوڻ لڳو: "خاموش! او شور ڪندڙ جهرڪي مان! جوانيءَ جي ڏينهن جي يادگيري نه ڏيار! انهن ڏينهن جي ياد، جڏهن جسم ۾ قوت ۽ ڦُڙتائي هئي، جڏهن نه اکيون ڏسڻ ڪان ٿڪبيون هيون ۽ نه وري ڪن ٻُڌڻ ڪان! جوانيءَ جي ڏينهن جي يادگيري نه ڏيار! آءٌ هاڻي زنده ۽ پراميد انسان جي جاءِ تي هڏين جي مُٺ آهيان. مون کي گذري ويل وقت وسارڻ ڏي!"

"ماضي بعيد مستقبل آهي. جيڪڏهن مستقبل اونداهو آهي نه ماضيءَ جي ياد سان اُن کي روشن ڪرڻ گهرجي. ماضيءَ جي روح پرور نسيم، حال جي تپش کي ٺڏو ڪري ڇڏيندي. زندگيءَ جو سڄ هر وقت چمڪندڙ آهي. اسان خود ان کي پنهنجي ڳٽتين جي ڪرن سان ڏکي ڇڏيندا آهيون!"

ماضي، حال ۽ مستقبل، ٽيئي پوڙهي جي دماغ ۾ اچي هڪ ٿي ويا، سندس دل ۾ ڪتڪتائي پيدا ٿي ۽ اُمنگن جا سرها گل ٽڙي پيا؛ اُهي گل، جيڪي چاليهن سالن جي عمر ۾ مڪڙين کي ٽوڙي مُرڪيا هئا.

پوڙهي آهستي چيو: "بلبل سچ چيو آهي. زندگيءَ جو سڄ هر وقت روشن آهي. جوانيءَ ۽ بڍاپو هڪ شيءِ جو نالو آهي. ڏاهو انسان، بڍاپي کي جوانيءَ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو، هن شرط سان ته جوانيءَ جي پرجوش پاڻي، پيريءَ جي ٻيڙيءَ ۾ ملايو وڃي. خوشيءَ جي ڏينهن جي ياد ڪان وڌيڪ ڪابه شيءِ نه آهي، ڪابه خوشي ان ڪان وڌيڪ نه آهي." - ابوالڪلام آزاد

o o o

- جنگ ڪان پوءِ دنيا ۾ جيڪي حيرت انگيز تبديليون آيون آهن، انهن مان ڪابه تبديلي ايتري مؤثر ۽ ڏيان لائق نه آهي، جيترو مشرقي عورت جو پورپيءَ ريت مغربي عورت جي روپ ۾ بدلجڻ آهي. هاڻي اسان کي اهي تمام پراسرار قصا وساري ڇڏڻ گهرجن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ مشرقي عورتن ۽ مشرقي حويلين جي داستانن ۾ اسان جي حيرت انگيز دلچسپيءَ جو ذريعو هوندا هئا. هر مغربي سيلاني، جيڪو مشرق گهمڻ ايندو هو، سو

پڻ کي الف ليلىٰ جي شاهراهن ۾ سرگردان محسوس ڪندو هو. هاڻي مشرق جي سيني شين وانگر مشرق جي عورت به ختم ٿي وئي آهي. اهو وقت پري نه آهي، جڏهن انهيءَ مشرقي عورت کي ڳولڻ لاءِ تاريخدانن کي ڪتابن جا سوين ٻنا اٽلائڻا پوندا. – ابوالڪلام آزاد

– قومن جي اجتماعي زندگيءَ جو مرڪزي نقطو عورت آهي. سندس زندگيءَ مان اسان سماج جي اجتماعي زندگيءَ جي حالتن جو اندازو ڪري سگهون ٿا. عورت، انساني سوسائٽيءَ جي نبض آهي. قومي مزاج جو پورو حال، ان نبض تي آڱر رکڻ سان ظاهر ٿي پوندو آهي. عورت، قومن جي عروج ۽ زوال جو آئينو آهي. هوءَ پوريءَ قوم کي پنهنجي پوري وجود ۾ پيش ڪري ٿي. – ابوالڪلام آزاد

– عورت طرفان پنهنجي حُسن تي غرور، سندس طرفان ان ڳالهه جو اقرار هوندو آهي ته وٽس حُسن کان سواءِ ڪابه اهڙي شيءِ نه اهي، جنهن تي هوءَ فخر ڪري سگهي. سهڻي عورت اک لاءِ جنت، دل لاءِ دوزخ ۽ ڪيسي لاءِ بربادي هوندي آهي. جنهن عورت ۾ حُسن کان سواءِ ٻي ڪابه خوبي نه آهي، سا مڪيل مانيءَ وانگر هوندي آهي، جيڪا تازي تازي ۽ گرم ته ڏاڍي مزيدار هوندي آهي، پر ٺرڻ شرط پنهنجي سموري لذت وڃائي ڇڏيندي آهي. مرد کي شاديءَ جي معاملي ۾ اعليٰ حُسن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. چوته حُسن قبضي ۾ اچڻ شرط گهٽجي ويندو آهي، پر ان جون مصيبتون سڄي عمر باقي رهنديون آهن. – ابوالڪلام آزاد

o o o

ماءُ

– انسان، پيءُ کان وڌيڪ ماءُ کان متاثر ٿيندو آهي. سڀ کان پهرين صورت، جنهن کان اسين واقف ٿيون ٿا ۽ جيڪا اسان جي ذهن ۾ نقش ٿئي ٿي، سا اسان جي ماءُ جي ئي صورت هوندي آهي. اسان سڄي زندگي انهيءَ صورت کان متاثر رهندا آهيون. جڏهن اسان حُسن جو تصور ڪندا آهيون، تڏهن اسان جي سامهون پنهنجيءَ پياري امڙ جو مُهانڊو ايندو آهي، جيڪو ننڍپڻ ۾ اسان کي ڪلائيندو هو. ڪڏهن اسان اڇاڻائيءَ ۾ سندس نڪتن کي سونهن جو معيار قرار ڏيندا آهيون. اسان پنهنجيءَ ماءُ جي

طبيعت جا ايڏا تہ سُڄاڻو ٿي ويندا آهيون، جو رڳو سندس نگاهون ڏسي اسان سمجهي ويندا آهيون تہ هوءَ خوش آهي يا ناراض. حالانڪ اسان بنهه بار هوندا آهيون ۽ اسان جو ڪچڙو ذهن، دنيا جي ڪابہ ڳالهہ سمجهڻ جي صلاحيت کان محروم هوندو آهي.

دنيا جي ڪابہ زبانَ، ماءُ جي محبت جي قوت، خوبصورتيءَ ۽ همدرديءَ کي لفظن ۾ بيان نہ ٿي ڪري سگهي. مرد هڪي بيهي رهندو آهي، سندس طاقت جواب ڏئي ويندي آهي، پر ماءُ پنهنجي اولاد جي محبت ۾ ڪڏهن بہ ڪمزور ۽ سُست نہ ٿيندي آهي. ماءُ سدائين محبت ۽ اخلاق جو تارو بنجي، زندگيءَ جي هن رڻ پَٽ ۾ پنهنجي بار جي رهنمائي ڪندي رهندي آهي. انسان سموري زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪا هڪ مُرڪ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو آهي ۽ سدائين ان کي ياد رکندو آهي، تہ اها صرف ماءُ جي پهرين مُرڪ آهي. جيڪاپهريون پيرو سندس بار جي هلڻ چلڻ تي سندس مقدس چهري تي اُپري ايندي آهي. اي وقت جا بادشاهہ! تون ڪڏهن بہ مون کان ماءُ جي اها مُرڪ نہ ڪسجانءِ ۽ نہ وسارڻ جي غفلت ۾ مبتلا ڪجان!

– ابوالڪلام آزاد

o o o

– مان گُلن جو عاشق نہ آهيان، پر انهيءَ سُڪل بج جو گُولائو آهيان، جنهن جو هڪ داڻو پورو باغ پيدا ڪري سگهي.

– ابوالڪلام آزاد

o o o

– دنيا ۾ ڪيترا انقلاب آيا، ڪيترين تبديلين آيون، پر دنيا جي پيشانيءَ تي ڪوبہ گهنج نہ آيو ۽ نہ وري اڇڻ جي اُميد آهي. بادشاهتون مٽجي ويون، نميون ۽ وري ويران ٿي ويون؛ قومون ڪريون ۽ وري اُپريون؛ نوان نوان تمدن نمايا ۽ فنا ٿي ويا؛ سيڪڙهہ ٿيو، پر دنيا جي اطمينان ۽ آرام ۾ ذرو بہ فرق نہ آيو.

– ابوالڪلام آزاد

o o o

– دنيا سدائين جوان رهي آهي. البت ان ڏينهن سندس سينڊ ۾ پوڙهپڻ جي نشاني اڇا وار ظاهر ٿيا، جنهن ڏينهن ڏرتيءَ جي سيني تي پهريون ائٽم بم ڪريو.

– ڪرشن چندر

o o o

- زمين جو ذرو ذرو تيارُ، سج جا ڪرڻا چمڪندڙ، آسمان جون بوندون وسڻ لاءِ تيار، قوتن جو واڌارو، تازگين جو ظهور ۽ محرڪات جو اجتماع هر پاسي موجود آهي. ڪائنات جي ارتقا ۽ واڌاري جا سببَ، وقت جا منتظر ۽ بج چٽڻ جي مرحبا لاءِ نيڻ وڇايو ويٺا آهن. هاريءَ جي قسمت اؤج تي ۽ زمين جي قسمت ڪاميابيءَ جي آسمان جي ڪناري تي چمڪي رهي آهي. هيءُ وقت آهي جو سپائي لُڙڻ جا آرزومند اڄ پوکي وڻن ۽ سپائي جيڪي پوکڻ وارا آهن ۽ پنهنجون زمينون پرڻ وارا آهن، سي اڄ پنهنجي دامن کي ڪجهه بج کان خالي ڪري وڻن. پر انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته هٿ تجربيڪار، ڏاڍا صحيح سالم، هاري محافظ ۽ نگران هجي ته جيئن زمين جي تياري بيڪار نه وڃي ۽ ان کان، سپائي جهڙي خوراڪ جي خواهش ڪئي وڃي ٿي، اهڙي ئي بهتر غذا، آزاديءَ جي زمين جي حوالي ڪئي وڃي.

- ابوالڪلام آزاد

o o o

- اسان لڙائيءَ جي ڏينهن ۾ پنهنجون چالون انتهائي سستيون ڪري ڇڏيندا آهيون، پر جيڪڏهن اُمن جي حالتن ۾ اسان کان انهن جو اڳهه پُڇيو وڃي ته ڏاڍو مهانگو هوندو آهي.

- ابوالڪلام آزاد

o o o

- منهنجو پُٽ جيتوڻيڪ رنگ جو ڳوريو ناهي، پر آءٌ ته پنهنجي ڪاري ڪوجهي پُٽ سان بي انتها پيار ڪندو آهيان. جنهن جي ڇاتي ويڪري، ڪُلها مضبوط ۽ طاقتور آهن- چو ته قومي آزاديءَ جي ويڑهه ۾ ڪاميابيءَ لاءِ حُسن ۽ رنگ جي نه، پر حوصلي ۽ طاقت جي ضرورت هوندي آهي.

- ابوالڪلام آزاد

o o o

- قومن جي خودمختياري ۽ آزادي، انهن جي جدوجهد سان ڳنڍيل آهي ۽ جدوجهد جي طاقت جو دارومدار تحريڪ جي مختلف هٿيارن تي هوندو آهي. ڪنهن قوم کان سندس جدوجهد جا هٿيار ڦُري وڃڻ جي معنيٰ هيءَ آهي ته ان کان آزادي ۽ خودمختياري ڦُري وڃي. ان کان پوءِ ان قوم

وٺ صرف غلاميءَ واري زندگي وڃي رهندي آهي، جنهن کي زندگي چوڻ، زندگيءَ جي لفظ جي سپ کان وڌي توهين آهي. – ابوالڪلام آزاد

o o o

– جيڪڏهن مون کان ڪوئي پڇي ته، "قومن جي زندگيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟" ته مان چوندس: "حوصلي جي بلندي ۽ ارادي جي پختگي."

ناڪامين جا ڏک، مشڪلاتن جون سوچون، خطرن ۽ آفتن جا پَوَ، اهي تمام شيون، انسان جون دشمن آهن، جيڪي ان جي حوصلي ۽ ارادي تي حملو ڪنديون آهن. پر انهيءَ جدوجهد ۾ فتح جو نالو ته زندگي آهي. جيڪي قومون زنده آهن، تن لاءِ مٿين شين مان ڪابه هڪ رڪاوٽ بنبي نه آهي.
– ابوالڪلام آزاد

o o o

مينهن پڃايس مانگڙي، نيٺ تمايس نينهن!
– خليفو نبي بخش 'قاسر'

o o o

يوناني ادب

– هن چيو:
جڏهن درياهه جو پاڻي اُپامي درياهه جون چوٽيون ڍڪي ڇڏي،
جڏهن انسان سمنڊ جي مؤجن تي ڪٽڪ ۽ جَوَ پوکي،
۽ لُٽڻ لڳي،
جڏهن سج جي روشني اونداهي ٿي وڃي،
جڏهن چنڊ ڪِري ٽُڪر ٽُڪر ٿي وڃي،
ته پوءِ اُن وقت منهنجي لاءِ به جائز هوندو ته توکان مُنهن موڙيان،
۽ توکي به حق هوندو ته مون کي وساري ڇڏين،
اي بلقيس! اي منهنجي محبت!

....

– منهنجي ننڍڙي جهوپڙي، جتي اسان جو نرم بسترو رکيو آهي، مون کي پوريءَ ڪائنات کان وڌيڪ پسند آهي. اُها مون کي ان ڪري پسند آهي، جو اسان پنهنجون بهترين راتيون اُن ۾ گذاريون آهن. اسان جو

بسترو وٽن جي پنن ۽ گلن سان ٺهيل آهي. اهو به مون کي ڏاڍو محبوب آهي، چو ته اهو اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ملائي ٿو.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي ڏُکاري ٿي ويندي آهيان. پر جڏهن محبت جي پاسي ۾ هوندي آهيان، تڏهن ته پنهنجي پاڻ کي به وساري چڏيندي آهيان، ۽ مون تي هڪ قسم جي بيهوشي چانئجي ويندي آهي.

....

– يڪاسيءَ خوبصورت بانسري مون کي تحفي ۾ ڏني. هو مون کي بانسري وڄائڻ سيکارڻ لڳو. منهنجيءَ دل ۾ ان وقت ڪو نامعلوم عجيب اثر پيدا ٿي رهيو هو. يڪاسيءَ نرميءَ سان بانسري منهنجي هٿ مان ورتي ۽ ٻنهه ڏيمي سر ۾ هڪ راڳ ٻڌايو. منهنجي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. اسان وٽ چوڻ لاءِ ڪا ڳالهه ڪانه هئي. اسان واري واري سان بانسري وڄائي، دل وندرائيندا رهياسين. اسان صفا بيخودي جي عالم هٿاسين. اوچتو ڏيڏر "ٽر ٽر" ڪرڻ لڳا، اُن وقت اسان چرڪياسين. رات ٿيڻ واري هئي، مون کي ڏاڍي دير ٿي وئي هئي. پوءِ به آءٌ پنهنجيءَ ماءُ کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪنديس ته آءٌ هن وقت تائين پنهنجي ڪا وڃايل شيءِ ڳولي رهي هيس.

....

– جڏهن رات ايندي آهي ۽ اونداهي پکڙجي ويندي آهي، ته پوءِ آءٌ خاموشيءَ سان گهر مان نڪري ويندي آهيان. سرسبز ميدانن ۾ پهچندي آهيان. منهنجو مڙس اُتي بيخبريءَ ۾ ستو پيو هوندو آهي. ڪڏهن آءٌ ڪلاڪن جا ڪلاڪن ٻيٽي ڪيس ڏسندي رهندي آهيان. صفا مات! پر ڪيس پنهنجي ويجهو اڪيلو ڏسي خوش ٿيندي آهيان. پوءِ آءٌ پنهنجو مُنهن، سندس مُنهن جي ويجهو وٺي ويندي آهيان. اُن لاءِ ته سندس ساهن جون چُميون وٺي سگهان. اُن وقت ستارن جي چمڪندڙ نگاهن کان سواءِ اسان کي ڪوئي ناهي ڏسندو. صبح ٿي ويندو آهي. "ايتري جلدي روشني موٽي آئي،" آءٌ دل ۾ چوندي آهيان. ڪهڙيءَ جڳهه روشني نه پهچندي آهي، ڪهڙيءَ غار ۾ روشني نه ٿي پهچي سگهي، ۽ سج جا ڪرڻا ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نه ايندا هجن، مون کي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ جي تلاش آهي - جيئن

اسان جي محبت جو نشو ڪڏهن به ختم نه ٿي سگهي ۽ سدائين لاءِ، سج جا ڪرڻا اسان کي پريشان نه ڪري سگهن.

- يوناني ادب مان چونڊ ٽُڪرا

o o o

قمر! ڪارو نانگ، توکي ڪائي ڪڏهين،
سڄڻ آيا مون گهرين، پريَ موتين مانگ،
وڇوڙو وڙانگ، ڏِنئي ڏکويل ڪي!

- خليفو نبي بخش

....

- مال چراگاهن ۾ پهچي ويو آهي،
وڻ ۽ ٻوٽا ڪلڻ لڳا آهن،
جهرڪيون به آکيرن ماڻ اُڏامي ويون آهن،
هر پکي اُڏامي رهيو آهي،
سڀڪو تنهنجيءَ روشنيءَ ۾ زندگي گذاري رهيو آهي،
اي سجَ بادشاهه!

....

ٻڙيون اچڻ وڃڻ لڳيون، پنهنجا سڙهه هوا ۾ اُڏائيندين،
سڀ رستا تنهنجي نُور سان روشن ٿي ويا،
مڇيون سطح تي اچي ويون،
اي نورِ ازل اُهي تنهنجي لاءِ سجدي ۾ ڪِري پيون،
تنهنجن ڪرڻن مؤجن کي ٽوڙي چڏيو ۽ اُهي سمنڊ جي تري ۾ وڃائجي ويون!

....

تو ئي عورت ماڻ انسان پيدا ڪيو،
تو ئي مرد ۾ زندگيءَ جو بج پوکيو،
ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي زندگي توکان ئي ملي،
اُهو نه روئي ٿو، نه گهبرائي ٿو،
ماءُ جي ڳچيرڙ ۾ سُتو پيو هوندو آهي،
تُنهنجو ٻاجهارو هٿ مٿس رکيل هوندو آهي،

ماءُ جي پيٽ مان نڪرندو آهي ۽ روشني ڏسندو آهي،
تون سندس مُنهن کولي چڊيندو آهين،
نڌڻ هُو ڳالهائيندو آهي،
پوءِ تون ئي سندس ضرورتون پوريون ڪندو آهين،
اي بادشاهن جا بادشاهه!
تنهنجو نالو سڀني کان وڏو آهي،
چو ته تون سورج- ديوتا آهين!

....

ڪُڪڙ جو بيضو،
منجهس ڇچو،
اها تنهنجي ئي قدرت آهي،
زندگيءَ جي گرمي تنهنجي ئي وصف آهي،
تو ئي بيضي ۾ ساهه وڌو،
ڏسو! ڇچو ٻاهر نڪري آيو،
پوريءَ طاقت سان ڳالهائيندو،
خالق جي تعريف ڪري ٿو،
پنهنجن پيرن تي هلڻ لڳي ٿو.

....

تو سڄي جهان ۾ "نيل" پيدا ڪيو،
پنهنجي پسند مطابق اُن کي وهايو،
سڀني منجهانئس زندگي حاصل ڪئي،
اي پروردگار! ڪمزورن جا مددگار!
اي زمين جي هر گهر جا مالڪ!
اي روشن سج! تو ئي سڀني کي پيدا ڪيو،
تون ئي جبلن تي جالارو مينهن وسائين ٿو،
پاڻي موجون هڻندو زمين تي وهي ٿو،
سڀني ملڪن جا ماڻهو، پنهنجيون ٻنيون آباد ڪن ٿا،
اي لازواليت جا مالڪ! تنهنجا ڪارناما ڪهڙا نه شاندار آهن،

سڀ جانور ۽ تنهنجي ئي پاڻيءَ مان ڏَوُ ڪن ٿا.
پر مصر جو نيل پيءَ دنيا کان اڇي ٿو،
تنهنجا ڪِرٽا اُن تي پون ٿا،
ساوڪ جهومڻ لڳي ٿي،
باغ لُڏڻ لڳن ٿا.
تنهنجي روشني زندگي آهي!
تنهنجي ڪري ڪائنات باقي آهي!

(مصري شاعري: ٽي هزار سال اڳاڙي)

نوٽ: هي سڀ حوالا، مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪتاب "نيرنگ خيال" تان ورتل آهن.

o o o

□ سچائيءَ ۽ سُونهن جو آواز، ڪڏهن به تخت ۽ تاج يا ايوان ۽ محل مان نه اُٿيو آهي. تخت ۽ تاج يا ايوان ۽ محل سدائين ڪان سچائيءَ ۽ سونهن جا قاتل رهيا آهن. هي فلڪ بوس عمارتون، جن جي سِرن ۾ ڪائنات جا انارڪلي جيئري پوريل آهي؛ ڪنهن نه ڪنهن 'تان سين' جا جذبا دفن ٿيل آهن ۽ ڪيترن غريبن جا ڳوڙها ۽ آهُون پوريل آهن. اُن جي ابتڙ سچ ۽ سونهن جو آواز، سدائين ڪان غريبن جي جهوپڙين، بکين پيٽن، ڦاٽل ڪپڙن، ويران جهڳين، ويران رڻ پٽن، پهاڙن جي غارن ۽ گمنام جهنگلن مان بُلند ٿيو آهي. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته تاج ۽ تخت يا ايوان ۽ محل، انهيءَ سچ ۽ سونهن کي وڌين وڌين عمارتن ۾ قيد ڪن ۽ صرف سندن ذات لاءِ ڪوڙ جو گهانگهو بنائي چڏين.

ها! ڪڏهن ڪڏهن محل مان به ڪو گيت اُپرندو آهي؛ انساني اکين جا تارا ناچ ڪندا آهن؛ زندگي ڪَر موڙيندي آهي؛ جوبن لناڙبو آهي؛ اُهي جهڳيون ٻانيون ويندیون آهن؛ اُهي جهوپڙيون ويران ڪيون ويندیون آهن؛ اُهي بکيا پيٽ چيريا ويندا آهن؛ اُهي غارون مٽايون ويندیون آهن، جتان ڪنهن سچ جي سوجهري ڦُٽڻ جو امڪان هوندو آهي. هيءُ اهو وقت هوندو آهي، جڏهن ظلم ۽ جبر پنهجي انتها کي پهچي، زوال ڏانهن سفر شروع ڪندو آهي. جهوپڙين، جهڳين، جهنگلن ۽ غارن مان سچ جي صدا طوفان بنجي اُٿندي آهي. ڏڪويل انسانن جو قافلو بي سرو ساماني جي حالت ۾ هڪ وڏي عزم ۽ حوصلي سان محلن جو رُخ ڪندو آهي، جو نه اُهو تاريخ جي ڏڳهيءَ پيڙا جي سفر ۾ پاڻ کي سچائي ونندو آهي. پنهنجيءَ طاقت جي تور تي ڪري چڏيندو آهي ۽ ڪيس خبر پئجي ويندي آهي ته سندس وجود اڻ متجنڙ آهي، ناقابلِ شڪست آهي! جيڪڏهن سمنڊ جون سموريون چوليون گڏجي مٽس پلٽجي پون ۽ هماليا جون سڀ چپون گڏ مٽس ڪري پون، پوءِ به ڪيس فنا نه ٿيون ڪري سگهن. جڏهن ڏرتيءَ جي انسان ۾ اهو شعور پيدا ٿيو، تڏهن هُو خود اٽڪل سمنڊ ۽ لازوال هماليا بنجي ويندو آهي.

o o o

– ملڪن ۾ قومن جي تاريخ ۾ هڪ وقت ايندو آهي، جڏهن انسانن لاءِ زندگيءَ جي خواهش جرم بنجي ويندي آهي ۽ زنده رهڻ کان وڌيڪ ڪوبہ جرم نہ هوندو آهي؛ جڏهن بلند ديوارن ۽ لوهي دروازن جي آبادي وڌي ويندي آهي ۽ لوهر جي سامان جي طلب وڌي ويندي آهي؛ جڏهن وٽن جي تارين ۾ رَسيون لٽڪايون ويندیون آهن ۽ جڏهن ڪائيءَ جا تختا تيار بنايا ويندا آهن تہ جيئن انهن تي آدم جي اولاد کي ٻيهاريو وڃي– اهڙو وقت ايندو آهي ۽ قومي انقلابن جي هڪ قدرتي قانون هيٺ گذري ويندو آهي؛ ۽ پوءِ بربادي‌ءَ ۽ تباهيءَ جو جيڪو ڇڄ زمين ۾ ڇڻيو ويو هو، سو نئين‌ءَ موسم جي شروع ٿيڻ شرط زندگيءَ ۽ حياتيءَ جو سدائين شاداب رهندڙ ڦل پيدا ڪرڻ شروع ڪندو آهي. – ابوالڪلام آزاد

o o o

– تاريخ جي آواز کي ڪوئي بند ڪري نہ ٿو سگهي ۽ اُها جيڪو سبق ڏئي ٿي، اُهو هڪ ئي آهي تہ دنيا ۾ ڪيترين حقيقتون اهڙيون آهن، جن کي انسان سمجهڻ ۽ اُنهن تي يقين رکڻ تي مجبور هوندو آهي. پوءِ بہ اُن جي آواز کي ٻُڌڻ پسند نہ ٿو ڪري. انسان چاهي ٿو تہ انسانن جي زبانن مان نڪتل صدائون نہ، پر واقعن ۽ حادثن جي هجوم مان پيدا ٿيل طاقتون، گجگوڙ ۽ طوفان وانگر ڪيس جهنجهوڙي اُڇلائي ڇڏين. – ابوالڪلام آزاد

o o o

– ڪاش! وقت جا آمر ۽ جابر انساني زبانن مان نڪتل آوازن تي ڏيان ڏين. حقيقت ۾ انساني زبانن جي گهٽائيءَ مان نڪتل آواز تاريخ جو ناقابلِ شڪست آواز هوندو آهي. جيڪڏهن اُن اواز کي دنيا ۾ گهربل اهميت ملي وڃي تہ شايد زمين جي ڪنهن ڇڙي کي طوفان ۽ گجگوڙ بنجڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هوندي آهي. وقت جا حڪمران، جڏهن تاريخ جي آواز کي بند ڪندا آهن، تڏهن تاريخ ڳالهائڻ بند ڪري تلوار ڏانهن هٿ وڌائيندي آهي، ۽ پوءِ انساني رت گندي پاڻيءَ کان بہ سستو ٿي ويندو آهي؛ شاهي ايوانن جي قيمت صرف ماچيس جي هڪ تيلي ۽ گاسليٽ جي هڪ بوتل جيتري ٿي ويندي آهي؛ تاج ۽ تخت، ڦاٽل جوتي جيتري بہ قيمت نہ رکندا آهن.

اي وقت جا فرعون صفت حاڪمو! ماڻهن جي چپن ۾ سوراخ ڪري تالا هڻندؤ ته هر ملڪ انگولا ۽ الجزائر بنجي ويندو.

o o o

– انگريزن جي هندستان تي قبضي ڪرڻ وقت هندستان جي مختلف حصن ۾ ڏار ڏار قوتون ڪم ڪري رهيون هيون، جن جي اختلاف ۽ انتشار مان انگريزن پوريءَ ريت فائدو ورتو ۽ ويا هندستان تي قدم جمائيندا. مثال طور: سراج الدوله، ٽيپو سلطان ۽ مرهٹا. انگريزن مقامي غدارن جي معرفت سراج الدوله ۽ ٽيپو سلطان کي شهيد ڪيو، باقي صرف هڪ طاقت مرهٹن جي بچيل هئي، جيڪا انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو ويٺي هئي. اُنهيءَ طاقت کي ختم ڪري، هندستان تي انگريزن جو مڪمل قبضو ڪرائڻ ۾ شاهه ولي الله جو شعوري يا غير شعوري هٿ هو؛ جنهن پٺاڻ وحشي حملي آور احمد شاهه ابداليءَ کي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ جي دعوت ڏني، پاڻيپت جي ٽين جنگ ۾ مرهٹن جو بيشمار لشڪر ڪُهائي، انگريزي اقتدار لاءِ رستو هموار ڪري ڇڏيو. احمد شاهه ابداليءَ کي مرهٹن سان وڙهڻ لاءِ شاهه ولي الله اهڙي وقت لکيو، جڏهن انگريز بنگال تي مڪمل قبضو ڪري ويا هئا. ان وقت جيڪڏهن شاهه ولي الله وطنيت جي جذبي هيٺ پٺاڻن ۽ روهيلن کي مرهٹن جي اتحاد لاءِ تيار ڪري، بنگال تي حملو ڪرائي ها ته شايد برصغير جي تاريخ مختلف هجي ها. پر شاه ولي الله انگريزن کي ته چيڪ ڇڏي ڏنو، پر مرهٹن کي پنهنجو جاني دشمن سمجهي ختم ڪرايو. اصلي حقيقت هيءَ هئي ته شاهه ولي الله جي نظر ۾ اصلي مسلمان حڪومت صرف دهليءَ جي هئي، باقي مسلمان پرڳٹا ڪنهن جي به قبضي ۾ هجن ۽ اُتي جي رعيت کيڏي به ديندار چو نه هجي، ان جي شاهه ولي الله کي پرواهه ڪانه هئي. بهرحال جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته شاهه ولي الله، احمد شاهه ابداليءَ کي مرهٹن سان وڙهڻ لاءِ اهڙي وقت گهرايو، جڏهن انگريز بنگال تي قبضو ڪري چڪا هئا، ته پوءِ اها شاهه صاحب جي ايڏي وڏي غلطي آهي، جنهن کي برصغير جي تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندي ۽ اسان شاهه صاحب جي انهيءَ قدم جي ڪري شرمسار آهيون.

o o o

- هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي ڪن ليڊرن جي باري ۾ هندستان جي هڪ اڳوڻي وائسراءِ لارڊ ويول، جيڪي ريورٽون مرتب ڪيون هيون، تن جو نائون جلد شايع ٿيو آهي: جنهن ۾ هن هندستان جي چئن وڏن سياستدانن بابت هن ريت پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪيو آهي:

- **گانڌي:** برطانيا جو پراڻو دشمن

- **جواهر لال نهرو:** وڏا وڏا ناقابلِ عمل منصوبا ٺاهيندڙ، جذباتي، سوشلسٽ.

- **ولپ پائي پٽيل:** سخت، ضدي ليڊر، پنهنجي انداز ۾ دلڪش، پر بيرحم، ڪنور، فرقي پرست، سرمائيدارن جي اثر هيٺ، جن مان هڪ جي. ڊي. برلا جي ڪيسي ۾ رهندو هو.

- **ابوالڪلام آزاد:** دل آويز پوڙهو، شريف ماڻهو، عربيءَ جو عظيم اسڪالر، مخلص، محب وطن ۽ پارٽي سياست جي سِڀي کان پُرڪشش شخصيت.

o o o

- الجزائر جي جنگِ آزاديءَ ۾ شهيد ٿيندڙن جي قبرن تي هيءَ عبارت لکيل آهي:

"شهيدو! سُتا رهو. اسان جاڳندڙ، توهان جي مشن کي اڳتي وڌائينداسون. توهان انقلاب ۽ آزاديءَ جي جيڪا شمع روشن ڪئي آهي، تنهن کي سدائين روشن رکنداسون!"

o o o

- "منهنجي پُٽن جي ماءُ، منهنجي باري ۾ پُڇا ڪندي آهي. حالانڪ هن آسمان هيٺان منهنجي خبر سِڀني کان وڌيڪ اُن کي آهي.

تون مون کان فرينچن جي باري ۾ پُڇ!

توکي خبر پوندي ته اُنهن جو موت منهنجيءَ تلوار ۽ نيزي جي اَڻيءَ ۾ آهي.

ٻيا سردار پنهنجي لشڪرن جي پناهه ونندا آهن،

منهنجو لشڪر منهنجي پناهه ونندو آهي،

۽ منهنجا بهادر منهنجي ڪري محفوظ رهندا آهن."

(الجزائر جي جنگ آزاديءَ جي باني امير عبدالقادر جا لفظ)

o o o

- واقعي قومون زنده رهنديون آهن ۽ ملڪ به دائم رهندا آهن. قومون کن سُنن ۽ بُڇڙن ماڻهن کي جنم ڏيندیون رهنديون آهن. ملڪ به پنهنجو جهول پکيڙي مادر وطن جي فرزندن جي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پنهنجا وسيلا اُجلائيندا رهندا آهن. وطن جي سرزمين تي شام لالاڻ پکيڙيندي رهندي آهي. رات ستارن کي مُرڪائيندي رهندي آهي. واهوندا ورندا رهندا آهن. ڪنواري مٽيءَ جي خوشبوءِ، دل ۽ دماغ ۾ سرهاڻ پکيڙيندي رهندي آهي. کيتن ۾ ڪلٽيون ڪيڪاريندیون رهنديون آهن. هوائن جي هُيڪار لڳندي رهندي آهي. ساوڻ سان ڪندا رهندا آهن. مُنهن ۾ موتي سامهون سيارا ايندا رهندا آهن. سمنڊن جون چاتيون چيري جهاز به هلندا آهن. بلند ۽ بالا قلعن تي آزاديءَ جا جهنڊا به ڦڙڪندا آهن. اُنهن سيني جي باوجود ڪي ڪي شخص هوندا آهن، جيڪي پوري ملڪ جو اصلي سرمايو هوندا آهن. سنڊن شخصيت پوري ملڪ جو معنوي سرمايو هوندي آهي، پوريءَ قوم جي اصلي سونهن ۽ سموري سگهه، اُن شخصيت ۾ گڏ ٿي وبندي آهي، ۽ اُها شخصيت اُن قوم جي عظمت جو موهن دڙو ۽ اُن ملڪ جي شانَ جو بلند ترين جهنڊو بنجي ويندي آهي. ملڪ انهيءَ شخصيت جي نالي سان سڃاتا ويندا آهن. قومون اُن شخصيت جي ڪري پرڪيون ۽ پروڙيون ويندیون آهن. تحريڪون اُن شخصيت جي نالي جي ڪري پنهنجي جوپن ۽ جنسار کي مچرائيندیون آهن- ۽ پوءِ جڏهن اُها شخصيت نه رهندي آهي ته انهن عظمتن ۽ عزتن، سونهن ۽ سوڀيا جا مُنارا، وقتي طرح ئي سهي ڍهي اچي پٽ پوندا آهن. گانڌي، مائو، هوچي منهه، سوئيڪارنو، ناصر، نڪروما، لينن ۽ مجيب الرحمان اهڙيون ئي شخصيتون هيون. لطيف سائينءَ به ايڏانهن هلڪو اشارو ڪيو آهي:

"مومل مُٽي کان پوءِ، ڪنگ رڙندا ڪاڪِ تي!"

o o o

- اڄ اسپتال جي وارڊ جو اسسٽنٽ رجسٽرار آيو ۽ چيائين ته، "اسان کي مارشل لا حڪام کان ڊنامو پهتو آهي ته آربسر سان سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات ملاقاتون ٿيندیون رهن ٿيون، سو آئيندي اڌ سسٽم بند ڪريو."

آءٌ حيران ٿيس ته مون کي اسپتال ۾ ٻن مهينن کان مٽي **عرصو ٿيو**

آهي، ان سموري عرصي ۾ مارشل لا انتظاميا هڪڙي ڏينهن لاءِ به اهڙيون هدايتون ڪونہ ڏنيون، پر اڄ هنن اوچتين هدايتن جو مطلب منهنجي خيال ۾ اهو ساڳيو آهي، جنهن جي بنياد تي رسول بخش پليجي کي جيل بدلي ڪيو ويو ۽ جيل ۾ اسان جي تلاشي ورتي وئي هئي؛ جنهن ۾ منهنجا ذاتي خط ۽ ڪن دوستن جون ائڊريسون به کڻايون ويون هيون. مون کي افسوس آهي تہ اهو سمورو ڪم هڪ اهڙو ماڻهو ڪرائي رهيو آهي، جيڪو اسان جي تحريڪ ۾ اعليٰ عهدي تي (ج. س. ا. ف. جو صدر) فائز آهي. مون ڪڏهن اهو سوچيو به ڪونہ هو تہ اسان هيڏي عظيم مقصد هوندي به ايترو ڪِري پوندا سون، جو اسان مان ڪي ماڻهو سرڪار جي باقاعدي دلالي ڪندا. اڄ منهنجي خلاف اهو فيصلو انهيءَ ڪري ڪرايو ويو آهي تہ جيئن آءٌ سندس اقتدار کي لوڏو ڏيڻ لاءِ ڪي مشورا نہ ڏئي سگهان. مون کي اهو به امڪان نظر اچي رهيو آهي تہ اهو ماڻهو، جيڪو منهنجي سامهون سجدا ڪري روئي رهيو هو، سو مون کي مارشل جي ذريعي اسپتال مان ڪڍائي، ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي نہ پهچائي، جتي منهنجيءَ زندگيءَ کي خطرو پيدا ٿي پوي. ڇو تہ انهيءَ اقتدار جي بکئي شخص جي نظر ۾ اسان به ماڻهو سندس واڌاري جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهيون: هڪ آءٌ ۽ پيو مولابخش لغاري. آءٌ اڄ ڏينهن تائين اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو آهيان، تہ ماڻهو عهدن لاءِ ايتري ڪِريل ذهنيت جو مظاهرو ڇو ڪندا آهن. آءٌ هن وقت جيتوڻيڪ جسماني طرح ڏار ڏار بيمارين جو ميڙ بنجي چڪو آهيان ۽ مون کي اسپتال ۾ ڪافي عرصو ٿي ويو آهي، پر منهنجو علاج صفا نہ ٿيو آهي. مون کي ساڳيءَ طرح ٻانهن ۾ سُور آهي ۽ ٻنهي گردن ۾ به تڪليف آهي. اهڙيءَ حالت ۾ واپس جيل وڃڻ منهنجي لاءِ ڪيتري قدر خطرناڪ ٿي سگهي ٿو، سو آءٌ ئي ٿو سمجهان. ان حالت ۾ جيڪڏهن مون کي ڪجهہ ٿي پيو تہ اُن جو جوابدار اسان جي تحريڪ جي هڪ حصي جو اڳواڻ حبيب الله ناريجو هوندو، جنهن مون کي انتهائي ذهني شاڪ رسايا آهن.

o o o

– آءٌ صدين کان لڪيءَ جي چوٽيءَ تي، ڪراچيءَ جي بندر تي، پالوا جي ٻيٽ تي انتظار ۾ بيٺو آهيان. منهنجن نگاهون بدلجندڙ موسمن تي آهن.

اي بادلو! توهان ڪڏهن گرجي پرجي وسندؤ؟ اي ساوڻ! تون ڪڏهن سانول کي سائن سؤڻن سان آڻيندين؟ اي برکا! تون ڪڏهن ايندينءَ؟ جڏهن ڪائي ڪويل ڪنهن نہ جي اهڙيءَ تاريءَ تي ڪُوڪندي، جنهن جي هينان ڪنوارين جي پينگهہ لُڏندي! اي واهندؤ! توهان ڪڏهن ورندؤ ءِ پرينءَ جي پيار جي سُرهاڻ ڪٽي ايندؤ ءِ منهنجي انگ انگ کي سرهاڻ جيئن سُرهو ڪري ڇڏيندؤ؟ اي اسوءَ جا اوهيرؤ! توهان ڪڏهن بلند ٿيندؤ ءِ تَل ترايون، سايون ڏايون ٿيندين؟ اي اُترا! تون ڪڏهن اوت ڏينديں، جو ڪنوارن جسمن مان سُرت جا سيڪارا نڪرندا. اي سڌايون هوائون! توهان ڪڏهن گهلنديون ءِ گلي گليءَ ۾ پيا ملڻ جو هڪاءُ ٿي ويندو؟ اي سيارؤ! توهان ڪڏهن موٽندؤ، جو اسان توهان جي ٽڏين سردين ۾ بُڌن جي مچن جي چوڏاري ڦانگون ڪديں، ويهي سنڌ جي تاريخ جي شاندار دؤرن جون آکاڻيون، لوڪ گيت ءِ ڏور ڏينداسون؟ اي سمنڊ! اسان تہ آکا وجهي وجهي ٽڪجي پيا آهيون، تون ڪڏهن سُرت ۾ ايندين ءِ اسان جا وڇارا ورندا ءِ اسان جون دليون مسرتن سان پرجي ويندیون؟ اي گهنگهور گهٽائون! توهان ڪڏهن ايندؤ، چو جو اوهان جي اچڻ تي شايد اسان کي پنهنجو ملڪ ءِ ماڳ موتي ملي! جتي ڪوبہ خوف ءِ خطرو نہ هجي؛ جتي علم بندوق جي نشاني تي ٻيڙل نہ هجي؛ جتي دولت، علم جي ٻبوسيءَ تي ٽهڪ نہ ڏيندي هجي! اُهو منهنجو ملڪ ءِ ماڳُ شل موتي ملي، شاد ءِ آباد هجي، اڳتي وڌندو رهي، ايتريءَ حد تائين جو دنيا جي سڀني ملڪن لاءِ امن ءِ انسانيت جو ڪعبو ءِ قبلو بنجي وڃي! اي ڪاش! اهڙو ڏينهن جلدي اچي ءِ آءٌ اُن ڏينهن لاءِ صدين کان ٻيٺو آهيان، انتظار ءِ اوسيڙي ۾!

o o o

– دنيا جو ڪوبہ نشو صرف ڏسڻ يا ڇُهڻ سان مدهوشي ءِ خُمار طاري نہ ڪندو آهي، پر پيٽ يا واپرائڻ کان پوءِ ڪيف ءِ سُرور پيدا ڪندو آهي. هڪ جواڻ جماڻ عورت ئي اهڙو ئي نشو آهي. جيڪو ڏسڻ ءِ ڇُهڻ سان مدهوشي ءِ خمار طاري ڪندو آهي، ءِ پيٽ ءِ واپرائڻ کان پوءِ مدهوشي ءِ خُمار لهي ويندو آهي.

o o o

- عورت هڪ اهڙي موسيقي آهي، جيڪا صرف اکين سان ٻُڌي سگهجي ٿي.

o o o

- جواني بجاءِ خود خوبصورتي آهي. عورت جيڪڏهن متيءَ جي ٺهيل هجي، پوءِ به جوانيءَ ۾ انتهائي سُندر ۽ پُرڪشش لڳندي آهي. - ڪرشن چندر

o o o

- تون ايڏي ته خوبصورت ۽ نازڪ آهين، جو جڏهن پير اُڳهاڙا ڪري ڌرتيءَ تي هلين ٿي ته تنهنجن پيرن جي رنگ جا گُوڙها نشان زمين تي چِٽجيو وڃن. - ٽري لوڪ شاعري

o o o

- "رات اوپر طرف کان ڪنوڙ تجلو ڏٺو. سوچيم بنا مُنڊ ۽ بنا ڪنهن چَمر جي چانوَ جيِ جڙي ڪٿان ٿي وراڪا ڏئي؟ پر پوءِ پروڙيم ته اهو تجلو ڪنوڙ جو نه هو، پر تو مُرڪيو هوندو ۽ اهو اُهاڻ تنهنجن ڏندن جي سفيديءَ ۽ چپن جي لالاڻ جي سنگم جو نتيجو هوندو." - ٽري شعر

o o o

- "هن جي چيلهه اهڙي سنهي هئي، جهڙي ڏيئي جي لاتَ- سندس ميتَ، جڏهن هن جي چيلهه ڏانهن ڏٺو، تڏهن ڊپ ٽيس ته جيڪڏهن پاڪر وڌم ته اها چيلهه ڪٽي ٽُٽي نه پوي. - ٽري شعر

o o o

- "تون آڪ جي پن کان سنهي آهين ۽ شيشي وانگر جرڪي رهي آهي، جيڪڏهن تون سچ پچ اُها آهين، جنهن لاءِ آءٌ ڪشالا ڪڍي آيو آهيان، ته پڪ ڄاڻ ته منهنجي هٿ لڳڻ سان مري ويندين!"

- "مورک! منهنجي چيلهه چهبڪ جهڙي آهي، آءٌ ڪومل ڪنيا آهيان، پلا گلن پريل ٽاري ڪا يُونر جي ويهڻ سان ڪڏهن ڀڳي آهي؟"
- ٽري لوڪ شعر

o o o

- آءٌ اسپتال جي گندي واردِ جي بدبودار ماحول ۾ انتهائي بيزار ويٺو هئس. پوليس جي پهري ۽ دوائن جي بوءِ، منهنجي دماغ جي نَسن کي ڦاٽڻ

جي قريب ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن اوچتو سڄو ماحول سرهاڻ سان واسجي ويو؛ ۽ مون ڏٺو فضا ۾ ڪيترا پڙنئر پنپوليا وتن. مون پڪ سان سمجهيو ته تو پنهنجا وار کولي ڇنڊيا هوندا ۽ اُنهن وارن جي جوانيءَ سان پرپور خوشبوءِ نہ صرف ماحول کي واسي ڇڏيو هو، پر آڪاش تان ڪيترا پونئر بہ اها خوشبوءِ جهٽڻ لاءِ هيٺ لهي آيا هئا. ڪاش! تون مون وٽ اچين ها ۽ هڪ پيرو مُرڪين ها ته آءٌ تنهنجيءَ مُرڪ جي ڪير مان ڪا هڪ وَڻي پنهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيان ها ته سڀ سُور لهي وڃن ها ۽ تنهنجن نيڻ- ڪٽورن جي نشي ۾ مدهوش ٿي، آءٌ هر ايذاءَ ۽ عذاب جي پيڙا کان بيپرواهہ ٿي وڃان ها. ڪافي وقت کان سوچيو هوم ته آءٌ تنهنجو راڻو ٿيندس ۽ تون مومل بنجي، منهنجون راهون نِت نهاريندينءَ. پوءِ آءٌ فرهاد بنجي ويس ۽ زندگيءَ جي پهاڙ کي تنهجيءَ حاصلات لاءِ ٽُڪڻ شروع ڪيم. ڪير جي نهر جاري ڪرڻ کان پوءِ ڏٺم ته منهنجن هٿن مان رت پيو ڳڙي ۽ تنهنجن هٿن تي ميندي لڳي پئي آهي.

o o o

- "تون جيئن اڄ منهنجيءَ پوءِ کي ڏسي رهيو آهين، اُها سدائين اهڙي نہ هئي. گهٽا جُگ اڳي هتي جا چانڊاٽا ۽ مانڊاٽا آزاد هئا؛ نہ سونهن تي چاري ويندل هئا، نہ اکڙين جي پيار تي پهرا؛ هتي جا نَر ۽ ناريون آزاد فضائن جا رهواسي هئا. جڏهن وڻ- ٿوڻ جي مُند ايندي هئي، تڏهن هتي جا چارڻ ڪينر ڪلهي ۾ وجهي، جهول ۾ ڏار ڏار وڻن ۽ ٻوٽن جا رنگا رنگي گل پري ڳائيندا، راڄن ۾ نڪرندا هئا. سندن ڪينرن مان راڳ جي باهہ جون ڇيِيون ڇرڪندیون هيون ۽ جهولين مان گلن جي رنگن جو هڳاءُ ايندو هو. اُن ڪري فضا ۾ ڪيئي رنگ رتول ۽ بهہ بهہ بول پُري پوندا هئا ۽ سڄيءَ پوءِ تي انڊلڻ ريکائون پکڙجي پونديون هيون. آءٌ پنهنجي اُها پوءِ وري ڳولي ۽ ناهي راس ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو آهيان."

هن حيران ٿيندي چيو، "پر هتي جيل ۾!"

وراڻيم، "ڏرتين جي سينڌن ۾ سهاڳ لاءِ پوندڙ سيندور سدائين جيل ۾ تيار ٿيندو آهي."

o o o

- ٻون ڪٽي لکيو آهي ته، "قيد انسان جي مرضيءَ جي خاتمي جو نالو آهي." پر اڄ سوچيان ٿو ته جيل نه رڳو انسان جي مرضيءَ جي خاتمي جو نالو آهي، پر معصوم ۽ ڪومل خواهشن جي هَتيا جو نالو آهي؛ گرم گرم پاڪرن ۽ مُنهن- زور جذبن جي ميلاپ کان رکاوٽ جو نالو آهي؛ چيٽ جي چانڊوڪين ۾ چاهت وارين چُمين جي ڦرجڻ جو نالو آهي؛ ۽ منڙيءَ منڙيءَ مُرڪ جي امرت ڏارائن کان محرومي جو نالو پڻ آهي.

o o o

- هن چيو، "توهان ته ڪامريڊ آهيو. توهان کي جيل ۾ اُداس ٿيڻ نه گهرجي!"

ماڻهن جي خيال ۾ قومي ڪارڪن يا ڪميونسٽ ورڪر جڏهن جيل ۾ وڃو ويندو آهي، اُن وقت دل ۽ دماغ باهر ڇڏي پوءِ اندر ويندو آهي، جتي سندس سيني ۾ پٿر ۽ دماغ ۾ رُڪ پرجي ويندو آهي. اها سندن پُل آهي. اسان به انسان آهيون، اسان جي دلين ۾ به درد جا وڻ ٽلاريا آهن. اسان جي دماغن ۾ به سُورن جا سلا انگوريا آهن، اسان جي پنبٽين ۾ به ڳوڙهن جا موتي ٽانڪيل هوندا آهن. اسان جي اندر ۾ به وچوڙي جا ڪيئي گيت ڪَرَ موڙيندا رهندا آهن. اسان جي هانوَ ۾ به ڪن جوان وارن جي هُڪار سانديڻ جا ارمان اُپرندا آهن. اسان جي دلين ۾ به مسرت سان پربور ٿهڪن ۾ شريڪ ٿيڻ جون تمنائون تڙڦنديون آهن. اسان جا جسم به دوزخ جي ڪوري ۾ ڪَتين جي ڪَرَ موڙڻ وقت جلندا آهن. اسان جا ڪن به رات جي طويل تنهاين ۾ ڪي سرها سرهات ٻُڌڻ لاءِ آتا هوندا آهن. اسان جي اندر ۾ به ڪيئي ارمان ۽ اُڏما، ڪيئي خواهشون ۽ چاهتون، ڪيئي محبتون ۽ نفرتون پاسا ورائيندیون آهن- ۽ وچوڙي جا واسينگ، مُندن مٽجڻ تي اسان جي سرير ۾ ڪيئي زهريلا ڏنگ هٽندا آهن. ان سڀ جي باوجود، اسان ميڙ جهڙا ماڻهو، ڪنهن بهتر آئيندي جي آس ۽ اوسيئڙي ۾، اُنهن شين ۽ جذبن کي گهُٽي، جيل گهاريند آهيون. باهر جا بيحس ماڻهو، اهي سڀ شيون ڦرڻ جي باوجود، اسان کي اهو حق به نه ٿا ڏين، ته اسان جيل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ بيهي، پلڪن ۾ اٽڪيل وچوڙي جي موتين کي چاٽيون، تارن پري رات ڏسي ڪو ٽڏو شوڪارو پريون، يا جهڙاٽيل موسم ۾ ڪو خزان جو گيت جهونگاريون! جنهن انسان کي ڪنهن جوان جسم مان

نڪرندڙ پگهر جي بوءِ شئمپئن جي بوتل وانگر مدهوش نه ٿي بڻائي؛ يا جنهن کي اها خبر نه آهي ته ڪائي ڪومل ناري، جڏهن ڦلن پريل تاريءَ وانگر جهومندي به مکڻ چاٽا آڇيندي آهي، تڏهن سندس اکين ۾ ڳاگيءَ يا لال ليار جو رَسُ ڇو پرجي ايندو آهي؛ ته پوءِ اُهو انسان، انسان نه پر روبوٽ آهي. ياد رکو! اسان انسان آهيون، دل ۽ دماغ رکندڙ انسان!

o o o

– پريم جي ڪهاڻي، گونگي جي خواب مثل آهي، جنهن جي اندر ۾ مچ پيا مچندا آهن، پر جئي ڪجهه به نه سگهندو آهي.

"جه منهن مقابل ٽياس، ته سپيئي ويون وسري! – شاهه

o o o

– عام طرح چيو ويندو آهي ته اديبَ ۽ فنڪار دنيا جا حساس ترين انسان ٿيندا آهن. مون به ڪجهه وقت اڳي زردشت جي هڪ قول جي بنياد تي چيو هو ته، "سياست ڪُتن جي ڪئي آهي. سياستدانن جي اڳيان انسانن جا انبوهه ۽ پٽيان لاشن جا ڍير هوندا آهن. سياستدان نفرت جا پيغمبر ۽ اديب محبت جا ريپارا هوندا آهن. سياستدانن جي ڪُنل انسانن جي ڍير ڏانهن مون ڏٺو ته اُتي هڪ اديب پنهنجن ڳوڙهن سان انسانيت جا زخم ڏوئي رهيو هو."

پر هن وقت تائين جي تجربي مون کي ٻڌايو ۽ سيکاريو آهي ته اديب ۽ شاعر دنيا جو ذهين ترين فرد ضرور هوندو آهي، پر رڳو اُهو ئي حساس ترين فرد نه هوندو آهي، جيستائين احساس ۽ درمنديءَ جو تعلق آهي ته اُن معاملي ۾ هڪ انقلابي سياسي ڪارڪن، دنيا جو حساس ترين ۽ دردمند فرد هوندو آهي. اُهو، اُهو فرد هوندو آهي، جيڪو انسانيت جي چهري تان پيڙا ۽ آزار جون ريکائون ختم ڪرڻ لاءِ ٻاٽ اونداهين ۾، بيوسيءَ ۽ بيڪسيءَ واريءَ حالت ۾ ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهي ويندو آهي؛ بندوق جي گوليءَ جي سامهون هليو ويندو آهي؛ ۽ انسان جي شاندار مستقبل جي تعمير لاءِ پنهنجي زندگيءَ جا بهترين ڏينهن ۽ راتيون، زندانن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي.

o o o

- زندگيءَ ۾ انسانُ کي اُصول ناهيندو آهي ۽ اُنهن کي پنهنجيءَ زندگيءَ جو سرمايو سمجهي، اُنهن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي؛ پوءِ ڪٽي اُنهن اُصولن تي هلندي، ڪيس زندگيءَ مان ڪوبہ لاڀ پلئہ نہ پوي. پر اُهو انسان پنهنجي انانيت کي تسڪين ڏيڻ لاءِ پنهنجي اُنهن ٻيجان اُصولن سان چُهٽيو پيو هوندو آهي. ساڳيءَ ريت قومون، تنظيمون ۽ تحريڪون بہ کي اُصول مرتب ڪنديون آهن. زندگيءَ جي دوڙ ۾، جدوجهد جي واٽ ۾ اُهي اصول انهن کي پلي وِڪ وِک تي شڪستن جي اوڙاهن ۾ اُڇلائيندا رهن، پر پوءِ بہ اُهي انهن اصولن سان چنبڙيل ۽ چهٽيل رهڻ کي پنهنجي سوڀ ۽ وڏي جيت سمجهڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا هوندیون آهن؛ پنهجن اصولن ۾ ڪابہ تبديلي يا ترميم ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ هوندیون آهن. اُنهن جو رات ڏينهن نعرو هوندو آهي تہ اسان اُصولن تي ڪابہ سوديبازي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون. حقيقت ۾ اها سندن پُل هوندي آهي. جيڪڏهن پراڻا اصول بيڪار ٿي چڪا آهن ۽ اُهي ڪابہ سوڀ ڏياري نہ سگهيا آهن، تہ اُنهن کي ڇڏي، نوان اصول مرتب ڪري، اُنهن تي هلڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت اُصولن تان ڦرڻ کي غداري سڏيو ويندو آهي، اهڙي طريقي سان مُدي خارج نظرين يا اُصولن سان چُهٽيو رهڻ وڏي نااهلي ۽ نالائقي آهي.

- پر هتي هڪڙي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ اُصولن جي تجديد يا نواڻ جو مطلب آهي پنهنجي مقصد کي بهتر طريقي سان حاصل ڪرڻ جا نوان، تازا ۽ فتح مند طريقا اختيارڪرڻ؛ ۽ موقعي پرستيءَ جو مطلب آهي بي ايماني، غداري ۽ دلالپ. مثال طور عدم تشدد هڪ اُصول يا نظريو آهي، پر هڪ وقت اهڙو اچي ٿو، جو اُهو هٿيار پنهنجو اثر وڃائي ويهي ٿو، تہ اُن جي جاءِ تي فوري طرح اُن جو متبادل اُصول اختيار ڪرڻ گهرجي. يا مثال طور "هٿياربند سياست" هڪ اُصول آهي، پر جيڪڏهن ان سان بيپناهہ قومي ۽ ملڪي نقصان ٿئي ٿو تہ اُن اصول جي بجاءِ ٻيو ڪو اصول اختيار ڪرڻ گهرجي. اڄ جي دؤر ۾ ڪنهن تنظيم، تحريڪ ۽ پارٽيءَ کي ڪنهن هڪ واٽ ۽ دڳ تي هڏي ڇڏڻ، سڀ کان وڏي سياسي پُل آهي. اُن ڪري تنظيم، تحريڪ يا پارٽيءَ لاءِ سڀ رستا کليل هڻڻ گهرجن ۽ اُن ۾ اينري

صلاحيت پيدا ڪرڻ گهرجي، جو اُها پنهنجون راهون تبديل ڪري سگهي ۽ بنهه آسانيءَ سان جدوجهد جون شڪليون ۽ صورتون مٽائي نه صرف پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي، پر انتهائي چستيءَ ۽ ڦرتائيءَ سان پنهنجو مقصد ۽ منزل ماڻي سگهي. اڄ جي سياستدانن جي ناڪاميءَ جو وڏو سبب به اهو آهي ته اُهو پارٽيءَ ۾ اها صلاحيت پيدا ٿيڻ نه ڏيندو آهي، يا پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو آهي، يا خود منجهس اها صلاحيت نه هوندي آهي.

"اصول مقصدن لاءِ هوندا آهن، نه مقصد اُصولن لاءِ. توهان جا مقرر ڪيل اصول جيڪڏهن مقصد ماڻڻ ۾ ناڪام ويا آهن ته انهن کي ڇڏي ڏيو؛ چو ته سدائين عظيم ۽ اعليٰ شيءِ جي پيٽ ۾ گهٽ شيءِ ڇڏي پوندي آهي."

– ابوالڪلام آزاد

– "اسان جي ملڪن ۾ جيترو فصل اصولن جو تيار ٿيندو آهي، اوترو جيڪڏهن ڪٽڪ جو فصل تيار ٿئي ته اسان کي مغرب وٽ اناج لاءِ جهولي جهلڻ جي ڪابه ضرورت نه رهي. ڪاش! اسان جا سياستدان ۽ دانشور اصولن جي پوڪ تي مغز ماري ڪرڻ بجاءِ ڪو ٻنيءَ ٿُڪرو کيڙين."

– امرتا پريتم

o o o

– "توهان ضد جو نالو استقامت نه رکو. استقامت، درياهه جي وهڪري وانگر هوندي آهي، جنهن جو پاڻي ڪڏهن به گندو نه ٿيندو آهي؛ ۽ ضد ڏٻي جي پاڻيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ سينور جمي ويندو آهي. پهريون پاڻي ڪائنات ۾ نوان گل پيدا ڪندو آهي ۽ پويون پاڻي مڇر پيدا ڪندو آهي. ساڳي حالت هڪ انقلابيءَ جي استقامت ۽ مُلي جي ضد جي هوندي آهي. ظاهري طرح ٻئي پنهنجي پنهنجي نظريي تي قائم هوندا آهن؛ پر انقلابي، پنهنجيءَ سوچ ذريعي تخليق جا گوڙ پيدا ڪندو آهي ۽ رجعت پسند، مڇر!"

– مرڪزي خيال گورڪيءَ جي ليک تان ورتل.

o o o

– هيڏي هجوم ۾ هيڏي اڪيلائيءَ جو احساس آهي، جڏهڪ انسان ڪنهن اڻڄاڻ جهنگ مان گذري رهيو آهي، جنهن جو هر وڻ سُڪل ٽوٽ ٻُڌ آهي. هن اڪيلائيءَ جي سمنڊ ۾ دل چاهي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪا

سکڻي "عيد واڌائي" ئي ڪٽان اچي. هر پيري ڪُلندڙ دروازي ڏانهن نيٺ ڪچي وري خالي موٽي اچن ٿا. اُن وقت وارد ۾ هيتري وٽڪار هوندي، اکيون جلڻ لڳن ٿيون، ڇڻ منجهن ڪنهن ڪنور ماڻهوءَ رائي جي لپ پري وجهي چڏي هجي. ڇا اسان جي مقدر ۾ سدائين اها رائي جي لپ لکيل آهي؟ اڄ دل ڏاڍي اُداس آهي ۽ تن ۾ ڪائي تؤنس سمنڊ جيان گهري ٿي وئي آهي. اُها اُداسائي دور ڪرڻ لاءِ ساز ۽ آواز جي دنيا جو سهارو ورتم؛ پر ائين محسوس ڪيم جڻ سيني سنڈي آوازن مان زندگي موڪلائي وئي آهي، ۽ سيني سازن مان روح نڪري ويو آهي؛ ساڳيون ڌُنون، ساڳيا آواز، ساڳيا ساز! جڻ ڪنهن قبرستان ۾ پٽڪيل روح رڙندا هجن. اُپ ۾ ڪُلندڙ ڪڪريون، ڪُنڊ 'لاکي چاچين' جي ڪوهيل ڪنين وانگر لڳي رهيون آهن. خبر ناهي ڇو هن مُند ۾ منهنجيءَ دل ۾ ارمانن جا مچ نہ ٽا مچن؛ منهنجي قلم مان لفظن جي امرت ڌارا ڪانہ ٿي وهي؟ هن اُداسيءَ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ ڇا، هن دنيا ۾ هن هيڏيءَ سازيءَ ڪائنات ۾، هن وشال ڌرتيءَ ۽ آڪاش ۾ اُداسائيءَ ۽ نراسائيءَ جي سموري پيلاڻ، صرف منهنجي پاڳي ۾ آئي آهي؟ دل ٿي چاهي تہ ان ڪيفيت کي بيان ڪريان، پر ڪنهن جي اڳيان؟

o o o

- مون نہ سمجهيو هو تہ زندگيءَ جي اُمنگن پريءَ وهيءَ جي هڪ هلڪي من- ڇڪ زندگيءَ جي هيڏيءَ پيڙا جو ڪارڻ بنجي ويندي. اُها من- ڇڪ دل ۾ اوچتي اُپري ۽ ناسور بنجي وئي. ڪن ماڻهن کي انهيءَ من- ڇڪ مان ڪڏهن ڪڏهن ڪيف ۽ سرور جون پياليون پلئہ پوندیون آهن؛ پر منهنجي حصي ۾ جيڪي ڪجهہ آيو، اُن مان شايد مسرت ۽ محبت جو سمورو رس نڪري چڪو آهي، باقي صرف وياڪلتا جو زهر ئي وڃي بچيو هو.

مون پنهنجي خيال ۾ پنهنجي اُمنگن ۽ آرزوئن جو هڪ چمن تيار ڪيو هو، پر جڏهن اُهو تيار ٿيو، تڏهن ڏٺم تہ سمورا گل پنهنجي سرهاڻ سميت ڪونجن وانگر ڪيڏانهن اُڏامي ويا هئا ۽ منهنجي جهول ۾ ڪنڊن ڪان سواءِ ڪجهہ ڪين بچيو هو. مون پنهنجي قلم وسيلي محبت ۽ رنگينيءَ جي پلر جي پالوٽ ڪئي. ان پلر تي ڪارونجهر ڪان ڪشمور تائين ڪيئي اُجايل سرير اچي گڏ ٿيا هئا. جڏهن مون انهن ڏانهن چتائي ڏني تہ منجهن

اها مستي نہ هئي، جنهن جي ڪارڻ آءٌ ڪارونيار جي ڪکر وانگر وسيو هئس. شايد آءٌ انهن ماڻهن مان آهيان، جن جي هٿن جي ٽمڊرت مان جگ لاءِ ميندي تيار ٿيندي آهي، ۽ ڪيترين سينڌن لاءِ سيندور راس ٿيندو آهي. پر پوءِ به آءٌ وسندو رهندس، انهيءَ نيت سان تہ ان جي ڪائي ٻُوند، ان جي نڙيءَ ۾ پوندي!

o o o

- زندگي! تون ڪيڏي نہ حَسين آهين. تون ايڏي مٺي آهين، جهڙي ٺُوهر جي ماکي! تون ايڏي دلڪش آهين، جهڙو لطيف جو سُر سارنگ! تون اهڙي من موهيندڙ آهين، جهڙو ڪارونجهر جي چوٽيءَ تان ڪِرندڙ جهرڻي جو آواز! تون ايڏي پياري آهين، جڏ ڪير جي برسات! تون سرنهن جو گُل آهين؛ چيٽ جي چانڊوڪي آهين؛ ميگهہ ملهار جي رُت آهين؛ وڻ- ٿوٽ جي سڳنڌ آهين؛ ڪنهن البيلي شاعر جو اڻ چيل گيت آهين؛ پار جي پهرين مُرڪ آهين؛ جواني جو حَسين خواب آهين. تون اها پهرين چُمي آهين، جيڪا ڪنهن اُمنگ پرئي انگ ۾ زندگيءَ سان پيار جا رنگ رتول پري ڇڏيندي آهي. تون ڪائنات جي سونهن ۽ سوپيا آهين. تون ايڏي پياري آهين، جو موت جي بستري تي سڪرات ۾ ڪنهڊندڙ انسان به تنهنجي چپن چُمڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندو آهي. پر تون ان سڀ جي باوجود ايڏي نہ ڍڇٽي آهين، جو موت جي راڪاس کان هردم گهاڙل هرٽيءَ جيئن ڇندي ٽي رهين؛ ۽ موت تنهنجي پٽيان ڦري ڪانُ ڪٽي، ايئن ڊوڙندو ٿو اچي، جيئن ٻاگهيءَ جي پٽيان علاؤالدين جو لشڪر- ۽ نيٺ تون بي ستي ۽ ساڻي ٽي، موت جي ٻاکرن ۾ ڪِري ٽي پوين ۽ موت، تنهنجي حُسن کي کوڙهہ جو داغ بنايو ڇڏي!

o o o

- اڄ عيد رات آهي. عربيءَ ۾ عيد جي معنيٰ آهي: "اُها خوشي، جيڪا بار بار ايندي رهي." پر ڇا اسلام يا هندو مت، عيسائيت يا يهوديت جا سڀ ڏڻ وار سڀ ڇڏهن موٽي اچن ٿا، ڏهن سيني انسانن لاءِ خوشي ڪٽي اچن ٿا؟ منهنجي خيال ۾ اهي ڏڻ وار، انسانيت جي اڪثريت لاءِ غمن جا سنيها ڪٽي ايندا آهن.

اڄ رات، ڪنهن جي هٿن تي مينديءَ جي گلڪاري هوندي، تہ ڪنهن جي نيٽن ۾ نيرن جون نهرون. اڄ ڪنهن جي پيتيءَ ۾ نون ڪپڙن جو نئين فيشن وارو جوڙو هوندو، پر ڪيس اُن جي قيمت تمام ڳري ادا ڪرڻي پئي هوندي، شايد جسم جي وڪري تائين!

قيدين لاءِ عيد بار بار خوشيءَ نہ پر غم جي زهر جا ڏُڪ ڪٽي ايندي آهي. ان ڪري، اهي مقدس ڏڻ وار مجموعي طرح انسان ذات کي ڏک ۽ درد ڏين ٿا، ايذاءَ ۽ عذاب پهچائين ٿا. پوءِ انهن کي خوشيءَ جا موقعا ڇو سڏيو ويو آهي؟ گهٽ ۾ گهٽ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ عيد ڪڏهن بہ خوشيءَ ۽ مسرت جا پيغام ڪٽي نہ آئي آهي. هونئن بہ غلامن جي ڪهڙي عيد، مسڪينن جي ڪهڙي عيد؟ فقيرن، محتاجن ۽ يتيمن جي ڪهڙي عيد؟ اسان مسلمانن جا مقدس ڏينهن تہ پنڌ جو سبق ڏيندا آهن. فطرو ۽ قرباني جون ڪلون گڏ ڪرڻ اُن جا واضح مثال آهن.

o o o

– هن ملڪ جي مختصر تاريخ ۾ هتي جي سياست لڳاتار خوف ۽ دهشت جو شڪار پئي رهندي آئي آهي. اُن خوف ۽ دهشت جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي، جو هتي جا سياستدان ڪڏهن بہ ڪليل طريقي سان پنهنجي نظريي جو اظهار نہ ڪيو آهي. مثال طور هو جيڪڏهن هن ملڪ ۾ سيڪيولر نظام حڪومت جو خواهشمند هوندو تہ اها ڳالهہ سدائين پنهنجيءَ دل ۾ رکندو. پنهنجيءَ پارٽيءَ جي منشور، پروگرام يا تقرير ۾ اُن جو اظهار ڪرڻ بدران مذهبي حڪومت قائم ڪرڻ ۽ قرآن ۽ سُنت جي برخلاف ڪوبہ قانون نافذ نہ ڪرڻ جو ڪُلم ڪلا ۽ وڏي واڪي اعلان ڪندو.

سياستدانن جي ان بزدلانہ روش جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو هتي جي عوام جي صحيح سياسي تربيت ٿي ئي نہ سگهي آهي. هتي جو سياستدان جيڪڏهن پنهنجي صوبي، علائقي يا خطي جي علحدگي يا آزادي چاهيندو تہ ڪليل طرح اُن جو اظهار ڪڏهن بہ نہ ڪندو، تہ متان وقت جي سرڪار ناراض ٿي، ڪيس ڪاٽ ۾ نہ وجهرائي ڇڏي. اها روش حقيقت ۾ پنهنجي عوام کي گمراهہ ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سياستدانن جي خوف ڪنهن حد تائين عوام ۾ پڻ خوف ۽ هراس پيدا

ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن سياستدانن جا پيروڪار ۽ پوئلڳ بند ڪمرن ۾ پنهنجي سُس پس واري سياست ۾ سيڪيولرزم ۽ پنهنجي علائقي جي آزاديءَ تي پربور طريقي سان ڳالهائيندا آهن. پر اُن ڳالهائڻ وقت جيڪڏهن مالڪ مڪان جو نوڪر چانهه ڪٽي آيو ته هڪدم خاموش ٿي ويندا آهن. اهڙن ماڻهن کان جڏهن پُڇبو آهي ته بابا! اهو ته توهان جي پارٽيءَ جي پروگرام ۽ منشور ۾ نه آهي ته هڪدم وراڻيندا ته، "منشور ته رڳو سرڪار کي ڏيکارڻ لاءِ آهي، حقيقت ۾ اسان جي دل ۾ اها ئي ڳالهه آهي، جيڪا هينئر ڪري رهيا آهيون." ان مان اهو سمجهڻ گهرجي ته هتي جي پارٽين جا منشور عوام لاءِ نه، پر صرف حڪومت جي پڙهڻ لاءِ هوندا آهن. اُن ڪري عوام کي انهن منشورن کي پڙهڻ بدران پنهنجن ليڈرن جون دليون ۽ دماغ پڙهڻ گهرجن. پر انهيءَ شرط سان ته اُهي ليڈر پنهنجي شاندار بنگلن مان نڪري، عوام کي اهڙو موقعو ڏين.

دنيا جو هڪ ڪليل اُصول آهي ته پارٽيون ۽ فرد ته انڊر گرائونڈ ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيندا رهيا آهن، پر منشور ۽ پروگرام سدائين ڪليل ۽ ظاهر ظهور هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو ليڈرن کي سالن جا سال جيلن ۾ رهڻو پوندو آهي يا جلاوطنيءَ جي زندگي گذارڻي پوندي آهي. پر هتي جي پاڪستاني سياست جو ڏاڏو آدم ئي نرالو آهي، جو پارٽيون ۽ ليڈر ته ظاهر ظهور ڪم ڪندا آهن ۽ سندن منشور انڊر گرائونڊ هوندا آهن، سي به پنهنجي عوام کان: چو ته سرڪار ته بهرحال پنهنجي بيپناهه ذريعن سان سندن ارادا معلوم ڪري وٺندي آهي. جڏهن انهن نام نهاد انقلابين کي چيو ويندو آهي ته توهان جو طريقي ڪار سموريءَ دنيا جي سمورين انقلابي جماعتن جي تسليم ٿيل طريقي جي خلاف آهي، ته هڪدم وراڻي ڏيندا ته اسان هتي نئون تجربو ڪري رهيا آهيون. بزدلي، مڪاري ۽ عوام سان منافقيءَ جو نالو نئون تجربو هرگز ناهي. اهي پارٽيون ۽ سياستدان سخت، فاش ۽ ناقابل معافي غلطيون ڪري، انهن کي نون تجربن جي خوبصورت غلافن ۾ پردن ۾ ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو بلڪل ائين آهي، جيئن شاديءَ کان اڳ ڪنواري ڇوڪري زنا ڪرائيندڙ پڪڙجي پوي، ۽ پوءِ پنهنجي گناهه کي لڪائڻ لاءِ چوي ته آءٌ اهو تجربو

ڪري رهي هيس ته شاديءَ جي لائق ٿي آهيان يا نه؛ باقي منهنجي نيت صاف آهي ۽ آءٌ پنهنجي ٽيندڙ مڙس سان سورهن آنا وفادار آهيان. سياسي عمل ۾ نيت سان گڏ نتيجي کي ڏنو ويندو آهي، ته چگيءَ نيت سان ڪيل عمل قوم کي شعوري يا مادي سطح تي ڪيترو فائدو پهچايو ۽ ڪيترو نقصان ڏنو. صرف نيت جو خلوص، رڳو مذهب ۾ ڏنو ويندو آهي، نه سياست ۾. چگيءَ نيت سان ڪيل غلط ۽ احمقانه فيصلا ۽ طريقا، تاريخ ۾ ناقابل معافي جُرم بنجي ويندا آهن.

پوري پاڪستان ۾ سائين جي. ايم. سيد مون کي واحد سياستدان نظر آيو آهي، جنهن ڪڏهن به پنهنجي پروگرام ۽ منشور کي وقت جي حڪمرانن جي خوف کان اندر گرائوند نه ڪيو آهي؛ چو ته هن پنهنجي پروگرام ۽ منشور جي باري ۾ پنهنجي عوام کي ڪڏهن به انڌاري رات ۾ پٽڪڻ لاءِ نه ڇڏيو آهي.

1979ع ۾ يحيٰ حڪومت سڀني سياستدانن کي ريڊيي ۽ ٽيليويزن تان تقرير جو موقعو ڏنو، ته اهي پنهنجي پروگرام ۽ منشور جي وضاحت ڪن. ان موقعي تي جي. ايم. سيد واحد سياستدان هو، جنهن چيو هو ته، "آءٌ هن ملڪ ۾ سيڪيولر نظام حڪومت قائم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. آءٌ ملڪ جي دستور کي مذهبي عقيدن جو مجموعو بنائڻ نه ٿو گهران." باقي سمورن سياستدانن چيو ته، "اسان قرآن ۽ سُنت جي خلاف ڪوبه قانون ملڪ ۾ رائج ٿيڻ نه ڏينداسون."

انهيءَ سلسلي ۾ مون مفتي محمود مرحوم کان هڪ ڀيري پڇيو هو ته، "توهان کي يقين آهي ته هن ملڪ ۾ اسلامي نظام حڪومت قائم ٿيندو؟" مفتي صاحب مرحوم مون کي جواب ڏنو ته، "مون کي يقين آهي ته هن ملڪ ۾ اسلامي نظام نه اينڊو." پڇيومانس، "پوءِ هي اسلامي نظام حڪومت جو منشور، پروگرام ۽ تقريرن ۾ ذڪر چو؟" جواب ڏنائين، "ثواب لاءِ!" اُنهيءَ جواب مان مون پروڙيو ته اصلي جواب کان لنوائي ويو آهي. مون کانئس سوال اُن ڪري ڪيو هو، جو مون سندس اُستاد مولانا حسين احمد مدنيءَ جي سوانح حيات ۾ پڙهيو هو ته، "هن دؤر ۾ جيڪو ماڻهو اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، سو احمقن

جي جنت ۾ رهي ٿو. اُن ڪري جماعتن کي يا ته ملڪي سياست ۾ دنياوي قانونن موجب انسانيت جي اجتماعي بهتريءَ لاءِ حصو وٺڻ گهرجي يا مذهبي بنيادن تي صرف مذهبي معاملن جي سڌاري لاءِ رضاڪار ٿي ڪم ڪرڻ گهرجي."

مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مفتي محمود صاحب، پنهنجي عظيم استاد جي نظريي تي صرف ان ڪري عمل نه ڪيو، جو پاڪستان جي سياست ۾ خوف ۽ دهشت واري فضا، منافقيءَ واري عنصر کي ايترو ته داخل ڪري چڏيو هو، جو ڪوبه ان مان دامن بچائي نه سگهيو هو، سواءِ جي. ايم. سيد جي!

اين کار از تو آيد و مردان چُنين کنند!

o o o

- "اي انسانو!

"اوهان جيڪي روز بي موت ماريا ويو ٿا؛

"اوهان جيڪي نئين نموني سان هر نئين ڏينهن ذلت ۽ خواريءَ جي ڪاتيءَ سان ڪُنا، وڍيا ۽ ٽُڪرا ڪيا ويو ٿا؛

"اوهان جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ رهندي به دنل، هراسيل ۽ هيسيل زندگي گذاريو ٿا ۽ اوهان جي اندر جي آهُن کي بوٽن هيٺان لتاڙيو ويو ٿو؛

"اوهان جيڪي هر وقت ڪورٽن، ٽاٽن، آفيسن ۽ اسپتالن مان ڌڪجي، گاريون کائي، ڳوڙها ڳاڙيندا، ڳوٽن ڏانهن موٽو ٿا؛

"اوهان جيڪي پنهنجيءَ ڌرتيءَ، پَڌن ۽ پوٽن تان بيدخل ڪيا ويو ٿا؛

"اوهان جيڪي تعليمي ادارن مان خارج ڪيا ويو ٿا ۽ زنجيرن ۾ جڪڙجي، جيل جي هيبتناڪ ۽ جوانيءَ جي ڏينهن ۽ راتين کي اُڏوهيءَ وانگر کائيندڙ ڪوٺين جي حوالي ٿيو ٿا؛

"اوهان جيڪي هڪ ويلو دِل گهُرئي کاڌي لاءِ سڪندي قبرن ۾ پيڙا ٿيو ٿا، ۽ وري پنيان پنهنجي اولاد کي ورثي ۾ اها سڪ ڏئي ويو ٿا؛

"اوهان جيڪي ڪنهن هڪ محبت ۾ئي ٻول لاءِ واجهائيندي عمريون گذاري چڏيو ٿا، ۽ اُها محبت توهان کي نصيب نه ٿي ٿئي؛

"اوهان جن جي جسمن کي روز نفرتن جا جهولا ساڙيندا رهن ٿا؛

"اوهان جيڪي پنهنجي قلم ذريعي پنهنجيءَ پسند جو ڪوئي گيت لکي نه ٿا سگهو؛ مُدتون گذريون توهان جي قلمن تي لڻين جا پهرا ويهاريا ويا آهن ۽ ڪيترا لطيف جذبا، ڪيترين ڪومل آرزوئون، اوهان جي دماغن ۽ دلين ۾ گهٽجي ويون آهن، دفن ٿي ويون آهن ۽ توهان جون دليون اڃ چيل گيتن، ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جون قبرون بنجي ويون آهن؛

"اوهان جيڪي مادرِ وطن جي هر اوڙ ۾ پگهر جا سيرَ هاري فصل تيار ڪريو ٿا ۽ پوءِ به اوهان جي جسم کي ڪو خوبصورت ڪپڙو ڪڍهن چمي به نه ڏئي سگهيو آهي؛

"اوهان جيڪي هن سرزمين جا بهادر ۽ دلير فرزند آهيو، تن جون پهرين ٽاڻن ۾ پنيپيون ڏاڙهيون ۽ ڪٽڪن جي سنگن جهڙا شهپر پٽيا وڃن ٿا ۽ پوءِ جيلن ۾ اوهان جي هٿن ۾ ٻُهارا ڏئي، پُنگين وارو ڪم ونيو، وک وک تي ذلتن جي زهر جا ڏُڪ پياريا وڃن ٿا، ۽ اوهان ۾ جڏهن پنهنجي فطري ۽ تاريخي ارڏائي گهڙيءَ کن لاءِ موٽي ٿي ته اوهان کي ڪتن وانگر سنگهرن ۾ جڪڙي بند ڪيو ٿو وڃي. اهڙيءَ ريت اوهان جي خوداعتماديءَ، خودیءَ ۽ غيرتمنديءَ کي مُڏيءَ ڇُريءَ سان ختم ڪري، اوهان کي بيحس جانورن ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي؛

"اوهان جيڪي سرڪاري ملازم آهيو، اوهان جي مٿي تي سدائين غير ملڪي آقائن جي خوف جي تلوار لٽڪيل رهندي آهي ۽ اوهان نوڪريءَ کي پنهنجو حق نه، پر چوريءَ جي مال وانگر سمجهي، هر وقت ائين ڏڃندا رهندا آهيو، جيئن هڪ ڪاتڪو چور، چوريءَ جي مال جي موجودگيءَ ۾ ڏڃندو رهندو آهي. پوءِ اوهان انهيءَ نوڪريءَ جي حفاظت لاءِ پنهنجيءَ ڏرتيءَ جي ڇڙن کي آقائن جي اشاري تي سگريٽن سان ڏنيندا آهيو، اُنهن جي جوان اُمنگن کي گولين سان پرڻ بنائيندا آهيو ۽ اُنهن جي سرميناڪ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندڙ گيس اُڇلائيندا آهيو؛

"اوهان جيڪي ڊاڪٽر آهيو، ۽ پنهنجي حيثيت ۽ اهميت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي قومي پائڻ کي ٽُڪا هڻي، سرڪاري اسپتالن مان ڪڍندا آهيو. ڏارين آقائن جي اشاري تي پئسي خاطر قومي ڪارڪنن کي بيماريءَ جي حالت ۾ اسپتال مان ٻاهر اُڇلائڻ تي مجبور ڪيا ويندا آهيو؛

"اوهان جيڪي سنڌ جون نياڻيون.آهيو ۽ محبت جي هڪ سڏ جي جواب يا روح جي ريلي ۾ وقتي وهڪري سبب کاڻين جو ڪاڇ بنجنديون آهيون، اوهان جا جواڻ جماڻ جسم ڪُجهن جو ڪاڇ بنجندا آهن، پر اوهان جي مَن جي آس پوري نہ ٿي سگهندي آهي؛

"اوهان جيڪي سهاڳ رات جا خواب ڏسندي ڏسندي ڪيئي ارمان دل ۾ ڪٽي، سيج سُرهي ڪرڻ بدران قبرن پيڙيون ٿيندیون آهيو؛

"اوهان جيڪي پنهنجن ورن جي وڇوڙي ۾ سرد راتيون لُڇندي لُڇندي گذاريندیون آهيو؛

"اوهان جيڪي پنهنجي قيدي ٻچڙن ۽ پائرن جون هر عيد ۽ براد جي ڏڻ تي واٽون تڪيندي، نيٽن مان نير وهائيندیون آهيو؛

"اوهان جيڪي ٻارڙا آهيو، ۽ پنهنجي اُميدن کي ٻُوٽن هيٺان چيپاٽيندي ڏسي رڙيون ۽ پُڪارون ڪندا آهيو؛

"اُن کان سواءِ- ڪنهن ڏرتيءَ جا سڀ مظلوم انسانؤ! مائرن جا وڇڙيل پٽڙؤ! غلام قوم جا بيوس انسانؤ! راهہ پٽڪيل مسافرو! اچو! پاڻ ۾ گڏجون. اچو! دنيا جي هن گولي تي هڪ نئين صف بندي ناهيون، جنهن کي ڪابہ قوت ٽوڙي نہ سگهي. هن ڪائنات ۾ هڪ نئين جنت تعمير ڪريون، جنهن کي ڪوبہ شيطان اُجاڙي نہ سگهي. هڪ نئين ڪاڪ تعمير ڪريون، جنهن جي ڪائي مومل، ڪنهن بہ سوڍي لاءِ نہ سڪي ۽ ڪوبہ ميندرو، پنهنجيءَ مومل تي شڪ نہ ڪري سگهي. جتي پيار جو ڪاڪ محل، همالیا کان بلند ۽ سمنڊ کان وڏيڪ گهرو هجي.

"ڦريل ۽ ڦٽايل ڏرتيءَ جا مايوس ۽ محروم انسانو! منهنجي من ۾ اوهان سڀني لاءِ بيپناهہ محبت ۽ پيار آهي. مون هڪ گسُ ڳولي لڌو آهي ۽ مون اُن جو مزو چکيو آهي، اُهو آهي ڪنهن قوم، جماعت ۽ تنظيم جي بَڏي، اتحاد ۽ ايڪتا جو مزو! مون کي قسم آهي هن ڏرتيءَ تي رهندڙ ڏرتيءَ جائي هر ماءُ جي ٿڃ جو ۽ آءُ سُنهن ٿو ڪٽان هر سنڌيءَ ماءُ جي بيپناهہ محبت جو! ۽ مون کي ويساهہ آهي هر ڪنواري هٽ جي تقدس جو، جيڪو مون وٽ گيتا، بائيبل ۽ قرآن کان وڏيڪ پوتر ۽ پاڪ آهي، تہ توهان کي قومي اتحاد ۽ قومي بڏيءَ ۾ اُهو مزو، اُهو سرور ۽ اُهو ڪيف ملندو، جيڪو ڪنهن

ڪنواري جسم جي وصال ۾ نہ آهي؛ جيڪو شيمپئن جي پوريءَ بوتل ۾ نہ آهي؛ جيڪو هڪ ارب روپيا خرچ ڪري، سموريءَ دنيا گھُمڻ ۾ نہ آهي. قومي اتحاد ۾ اُها خوشي لکل آهي، جيڪا آمريڪي صدر کي اليڪشن کٽڻ سان حاصل نہ ٿيندي آهي. مون اُنهيءَ وصال جا مزا ڏٺا، چکيا ۽ حاصل ڪيا آهن. اوهان اُن جا نظارا، آفريڪي ڪارن ۾ ڏسي سگھو ٿا! ويٽنامين کان پڇي سگھو ٿا! الجزائري شهيدن جي قبرن کان معلوم ڪري سگھو ٿا! ننڍڙن بنگالين جي گيتن جي گونجارن مان اُن جي لذت معلوم ڪري سگھو ٿا! اوهان جڏهن ٻَڌي ڪري ورتي تہ پوءِ سموريءَ دنيا جون ٿينڪون گڏجي، اوهان جون عمارتون تہ ڍاهي سگھن ٿيون، پر اوهان جي ٻڌيءَ واري جذبي کي ختم نہ ٿيون ڪري سگھن. آءٌ سچ ٿو چوان: مون کي هر ماءُ جي سينڌ جو قسم، آءٌ سچ ٿو چوان!

o o o

– ۽ جهڙڪ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، اصلي هڪ ٻئي کي رتوڇاڻ ڪري وڌو هئائين، ۽ ڪنهن ۽ صورت ۾ هڪٻئي کي چڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. اها صورتحال ڏسي، آءٌ اڳتي وڌيس. ان خيال کان تہ ٻئي پنهنجيءَ ويڑهه ۾ ايڏو تہ مصروف آهن، جو مون کي جاچي نہ سگھندا، ۽ آءٌ آسانيءَ سان کين پکڙي وڃندس. پر آءٌ جيئن ئي کين ويجهو پهتس تہ ٻئي هڪ ٻئي کي چڏي، اُڏامي وڃي پٽ تي ڪُلهو ڪلهي ۾ ڏئي، ويهي مون کي گھوري تکڻ لڳا. جڏ چوندا هجن تہ، "اسان پاڻ ۾ ڪيترو ئي چو نہ وڙهندا هجون، پر ڌارئين جي حملي وقت پنهنجي اندروني ويڑهه وساري، پنهنجي وجود جي بچاءُ جو بندوبست ڪندا آهيون." جهڙڪن جي اها حالت ڏسي، مون کي پنهنجيءَ قوم جي حالت تي روئڻ اچي ويو تہ اُها ڌارين جي حملي وقت ۽ پنهنجيءَ اندروني ڏاڑهيءَ پَٽ ۾ لڳي ٻئي هوندي آهي. صرف منهنجي قوم ايڏي بدقسمت آهي، جو ڌارين جي حملي وقت ۽ پنهنجا ويڇا نہ وساريندي آهي. سنڌ تي جڏهن عربن حملو ڪيو، اُن وقت ۽ سنڌين جا اندروني اختلاف پنهنجي عروج تي رهيا هئا. سنڌ جي ڪيترن گورنرن، مذهبي مهندارن ۽ سردارن، مهاراجا ڏاهر يا سنڌ جي قومي حڪومت جي خلاف عربن جو طرف ورتو ۽ ملڪي دفاع جي اهم رازن کان دشمن کي

واقف ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌ پنهنجي قومي حڪومت کان محروم ٿي وئي. اڳتي هلي جڏهن دهليءَ وارن، سومرن جي عظيم منصفانہ قومي حڪومت تي حملو ڪيو، تڏهن پُٺ ننگر سنڌ لاءِ وڙهي رهيو هو، تہ پيءُ چنيسر سنڌ جي غلاميءَ لاءِ ڏاڙيئن لشڪرجي مهنداري ڪري رهيو هو. پوءِ جڏهن ارغونن سنڌ تي حملو ڪيو تہ سنڌ جا ڪيترا سردار ۽ مذهبي اڳواڻ، ارغونن جي پيشوائيءَ لاءِ تيارين ۾ مصروف هئا. مغلن جي قبضي وقت، سنڌ جو هر گهٽُ ۽ گهيڙ سنڌي عوامَ، مغلن لاءِ موت جي ڪوهن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو؛ ان وقت بہ سنڌ جا ڪي قبيلا، اُنهن حريت پسند قبيلن سان وڙهڻ ۾ مشغول هئا، جيڪي مٽن سان ڪفن بَڌي، مغلن کي سنڌ مان ڪڍڻ لاءِ جنگ ۾ جُتيل هئا. انگريزن جي حملي وقت، سماتن ۽ بلوچن جا اختلاف ۽ خود ميرن جا اختلاف، ايتريءَ حد تائين وڌيل هئا، جو سنڌ جي بن مشهور ميرن، مير صوبدار ۽ مير علي مراد خيرپوريءَ، انگريزن جو پورو ساٿ ڏنو؛ ۽ مير علي مراد، ڪيترن آزادي پسند انسانن کي ختم ڪرائڻ ۾ انگريزن کان بہ اڳيرو ٿي بيٺو. جڏهن ٽرپارڪر ۾ سوڍن ۽ ڪولهين، انگريزن جي خلاف 1857ع واري مشهور جنگ کان پوءِ آزاديءَ جي جدوجهد شروع ڪئي. تڏهن اُن کي دٻائڻ ۽ ختم ڪرائڻ ۾ ماڻڪاڻي ميرن ۽ خاص ڪري مير شير محمد ۽ ڪن بين سوڍن پربور حصو ورتو- ۽ اهڙيءَ ريت هنن محب وطن ماڻهن کي قتل ۽ گرفتار ڪرائي، انگريزن سان وفاداريءَ جو پورو پورو ثبوت ڏنو. اُن کان پوءِ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪرائڻ واري تحريڪ شروع ٿي تہ اُن تحريڪ جي ڪن متعصب هندو دانشورن سان گڏ هڪ موقعي تي معروف سنڌي سياستدان، سر شاهنواز پٽي بہ مخالفت ڪئي ۽ ڪن سائينءَ جي سنوارين تہ انهيءَ نازڪ موقعي تي سنڌ کي پنجاب جي جهوليءَ ۾ اڇلائڻ جون تجويزون ڏنيون. بمبئيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ، شهيد سنڌ الهہ بخش سومري جي قيادت ۾ صحيح معنيٰ ۾ سنڌ اندر هڪ قومي حڪومت قائم ٿي تہ ان کي بہ راشديءَ، کهڙي ۽ سر غلام حسين جهڙن مفاد پرستن هلڻ نہ ڏنو. هڪ موقعي تي مذهبي جوش ۾ اچي، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي حقيقي قومپرست ليڈر الهہ بخش سومري کي مارائڻ جي ڏمڪي

ڏني؛ جنهن تي اڳتي هلي واقعي ڪن ماڻهن عمل ڪري ڏيکاريو. سنڌ ۾ پير سائين پاڳاري صبغت الله شاهه جي منصوبن کي ناڪام بنائڻ ۽ ڪيس شهيد ڪرائڻ ۾ سنڌي سياستدانن اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ حُر تحريڪ، هڪ آزاديءَ جي تحريڪ مان ڦري، ڪٽر فرقي پرست ۽ مذهبي مجنونن جو ٽولو ۽ چڙواڳ گروهه بنجي وئي، جنهن سنڌي ماڻهن کي ئي قتل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اُها تحريڪ آزاديءَ جا پروانا پيدا ڪرڻ بجاءِ بهترين ڏاڙيل پيدا ڪندي رهي. پير صاحب جي شهادت کان پوءِ حُر تحريڪ، سياسي يا سماجي جماعت هجڻ بدران چورن ۽ ڏاڙيلن پيدا ڪرڻ جي فيڪٽري بنجي وئي، ۽ اُها سنڌين ۾ وڌيڪ اختلاف ۽ انتشار جو ڪارڻ بنجي وئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ جي گاديءَ وارو شهر ڪراچي، سنڌ کان ڦُرڻ لاءِ مرڪزي سرڪار منصوبا ناهي رهي هئي، اُن وقت سنڌي سياستدانن جي گهٽائي، پير الاهي بخش پيٽوءَ جي قيادت ۾ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي اُنهيءَ سازش ۾ پنهنجي مڪمل شرڪت سان مصروف هئي. انهيءَ منصوبي ۾ جڏهن ڪجهه سنڌي سياستدان رڪاوٽ بنيا، تہ غدارن جو ٽولو، سائين جي. ايم. سيد کي نظرانداز ڪري، ۽ ڪهڙي کي وڏيءَ وزارت تان ڏِکو ڏئي ڪيرائي، پير الاهي بخش جي قيادت ۾ سنڌ جي اقتدار تي قبضو ڪري، ڪراچي ڏيئي ويهي رهيو.

ون يونٽ ٺهرائڻ ۾ به سنڌي غدارن پنهنجي روايتي اختلافن ۽ ذاتي دشمنين جي ڪري سرڪار کي هٿي ڏني. ون يونٽ ٽوڙائڻ واريءَ تحريڪ ۾ سنڌين وقتي اتحاد جو مظاهرو ڪيو، تہ ان کي مرڪز جو هڪ پڙهايل طوطو ڪڪ پن وانگر وهائي ويو ۽ ون يونٽ جي ٽُٽڻ جي نتيجي ۾ سنڌ اندر ڪنهن به قسم جي قومي درد رکندڙ حڪومت ٺهي نہ سگهي. هن وقت به حالت هيءَ آهي، جو بن ڏرين سان واسطو رکندڙ سنڌي سياسي قيدي هڪ وارد ۾ نہ ٿا رهي سگهن. هڪ طرف حبيب الله ناريجو ڪميونسٽن خلاف سرڪاري شاهد جو پارٽ پيو ادا ڪري تہ ڪي جوان وري جيل انتظاميا جي دلالي ڪري، جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي تنگ پيا ڪرائين.

اسان جي سنڌي قوم جي باشعور ماڻهن جي حالت ايتري ڪِري

چڪي آهي، جو جيڪڏهن هڪ ڏر جي ماڻهوءَ کي ماريو ٿو وڃي، تہ بي ڏر خوشيءَ مان ڪڳيون هڻڻ شروع ٿي ڪري. اسان مان هرهڪ ڏر جي اها ڪوشش آهي تہ سرڪار جي نظر ۾ ڪيئن خوشنودي حاصل ڪريون. ساڳي حالت جام ساقيءَ وارن ڪامريڊن جي آهي. وري اسان مان هرهڪ جي دعويٰ اها آهي تہ اسان سياست جا ابا ڏاڏا ۽ پير پيغمبر آهيون. سموريءَ دنيا جو علمي ذخيرو اسان جي اکين اڳيان آهي، ۽ اُهو علمي ذخيرو اسان صرف پنهنجيءَ قابليت ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهيون.

ٻئي پاسي دنيا جون قومون ڪيترو به پاڻ ۾ وڙهنديون ڇو نہ هجن، پر جڏهن ڪنهن ٻاهرئين دشمن مٿن حملو ڪرڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي آهي تہ اُهي قومون پنهنجا سڀ اندروني ويڇا وساري، ٻاهرئين دشمن جي خلاف متحد ٿي ويون آهن.

اسلامي تاريخ جي ابتدائي دؤر جو واقعو آهي، تہ جڏهن حضرت علي ۽ امير معاويي جون فوجون هڪٻئي سان وڙهي رهيون هيون، عين اُن وقت رومي بادشاهہ هرقل جو خط امير معاويي کي مليو تہ، "آءٌ علي رضہ جي خلاف تنهنجي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو، اُن لاءِ تون هاڻوڪار ۾ جواب ڏي تہ آءٌ فوجون روانيون ڪريان." اهو خط پڙهي، امير معاويي، هرقل کي خط لکيو تہ، "اي رومي ڪُتا! منهنجي ۽ عليءَ جي وچ ۾ بن ٻائرن وارو جهڳڙو آهي، اُن جهڳڙي هلندي جيڪڏهن تو عليءَ تي حملو ڪيو تہ آءٌ عليءَ جي جهنڊي هيٺان بيهي تنهنجو مقابلو ڪندس." امير معاويي جي جواب جي جڏهن رومي دربار جي درٻارين کي خبر پهتي تہ اُهي ڏاڍا حيران ٿيا تہ اهو وري ڪيئن ٿيو. اُن تي هرقل به ڪتا گهرائي ويڙهايا. ويڙهہ هلندي هڪ بگهڙ کي آڻي ڪُتن جي سامهون ڇڏيائين. ڪُتن جڏهن بگهڙ کي ڏٺو تہ پنهنجي ويڙهہ ڇڏي، بگهڙ جي پٺيان لڳا. اُن تي هرقل چيو تہ، "پنهي عربن جي ويڙهہ ائين آهي، جيئن بن هم جنس جانورن جي ويڙهہ، ۽ آءٌ انهن پنهي جانورن لاءِ بگهڙ وانگر آهيان، پنهي ڇو جاني دشمن!"

پي جنگِ عظيم هلندي، جڏهن هٽلر يورپ تي پرپور حملا شروع ڪيا، تڏهن هٽلر جي خلاف روس جو اسٽالن، برطانيا جو چرچل ۽ آمريڪا جو روز ويلٽ هڪ ٿي ويا. انهيءَ عرصي دوران جپان، چين تي حملو ڪيو تہ

چين جو ڪميونسٽ مائوزيتنگ ۽ سرمايي پرست چيانگ ڪائي شيڪ، جپان جي خلاف متحد ٿي ويا هئا؛ چَو ته نظرياتي اختلافن جي باوجود ٻئي محب وطن چيني هئا ۽ هنن عظيم چين کي سلامت رکڻ ٿي چاهيو.

تازو بنگلاديش جي مسئلي تي پروفيسر مظفر سخت نظرياتي اختلاف هوندي به شيخ مجيب الرحمان جي قيادت ۾ آزاديءَ جي جنگ وڙهڻ لاءِ پنهنجن پوئلڳن کي هدايتون جاري ڪيون هيون.

هن وقت جڏهن ايران جي وجود کي خطرو لاحق ٿيو، تڏهن ايران جي اڳوڻي بادشاهه جي پُٽَ، آيت الله خميني ڪي آڇ ڪئي ته مون کي پنهنجيءَ قيادت ۾ مادرِ وطن ايران لاءِ پنهنجي رت جو آخري ڦُڙو وهائڻ جي اجازت ڏني وڃي.

1967ع واري عرب- اسرائيل جنگ کان اڳ اردن ۽ مصر جا اختلاف ڪنهن کان وسريا هوندا. پر جڏهن اردن جي بادشاهه جي محل تي اسرائيلي جهازن بم گولا وسايا ۽ شاهه حسن ڏکندڙ آواز ۾ اهڙو اطلاع جمال عبدالناصر کي ڏنو، ته ناصر کيس جواب ڏياري موڪليو ته، "ياءِ! تون ڪوبه فڪر نه ڪر، اُنهن کي تو تائين پهچڻ لاءِ پهرين منهنجي لاش تان گذرڻو پوندو."

اسان جي گذريل تاريخ جي اختلافن ۽ ذاتي دشمنين، اسان کي ناقابلِ معافي ڇيهو رسايو آهي. هڻڻ ته ائين گهربو هو ته اسان پنهنجي ماضيءَ مان سبق پرائي، هن وقت پاڻ ڪنهن مضبوط اتحاد کي جنم ڏيون ها؛ پر اسان پنهنجي ماضيءَ مان ڪوبه سبق نه ورتو آهي. ان مان به ئي نتيجا نڪري سگهن ٿا ته يا اسان پنهنجيءَ سرزمين ۽ ان جي عوام سان وفادار نه آهيون، يا دنيا جا احمق ترين ۽ انتهائي بيوقوف انسان آهيون. جيڪڏهن نه، ته پوءِ اسان کي هڪدم سنڌ جي عوام جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ، سنڌي تهذيب ۽ زبان جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ هڪ عظيم ۽ ناقابلِ شڪست متحد محاذ ٺاهڻ گهرجي. اهو محاذ شاگرد سطح تي، ادبي ميدان ۾ ۽ سياسي پليٽ فارم تي هڻڻ گهرجي. هڻڻ ته ائين ڪيئي ته اسان ڪنهن هڪ بنيادي مسئلي تي، ڪنهن هڪ حڪمت عملي تحت هڪ ئي پارٽيءَ ۾ گڏجي وڃون. دنيا جون اُهي قومون خوش قسمت هيون، جن جي حقن جي

جدوجهد دوران صرف هڪ ئي پارٽي هئي، جيئن الجزائر، ڪينيا، گني بسائو ۽ موزمبيق. ظاهر ڳالهه آهي ته هتي اسان وٽ في الحال ائين ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اُن ڪري ڪن حدن اندر رهندي هڪ گڏيل محاذ، سڌ جي بنيادي ضرورت آهي. گڏيل ڏهن هارهن سالن جي تاريخ ۽ تجربي اسان کي سيکاريو آهي ته سڌ جي اندر ننڍڙا ننڍڙا ٽولا پنهنجيءَ تمام دانائيءَ، ڏاهپ ۽ طاقت جي دعوائن جي باوجود ڪوبه ڪڙ تيل ڪڍي نه سگهيا آهن. وڌ ۾ وڌ اسان جي ٽولن مان هرهڪ اها دعويٰ ڪندو ته منهنجو ٽولو، گروپ ۽ گروهه ئي سڀني کان وڌيڪ سُٹو آهي. پر اها دعويٰ ڪوبه ڪونه ڪندو ته اسان پنهنجي قوم ۽ عوام کي ڇا ونڊي ڏيڻ ۾ يا ان کي تحرڪ، چرپر ۽ هلچل ۾ آڻڻ ۾ ڪيترا ڪامياب ٿيا آهيون. ظاهر ڳالهه آهي ته تحريڪون، تنظيمون، يا پارٽيون صرف سهڻ يا برداشت ڪرڻ لاءِ وجود ۾ نه ايندیون آهن، اُنهن جي نهڻ جو مڪيه ڪارڻ ئي اهو هوندو آهي ته عوام، جيڪو صدين کان ظلم ۽ ستم سهندو پيو اچي، اُن کي اُنهي سهڻ واري عذاب مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وڃي. اُهي پارٽيون ئي جيڪڏهن صرف سهڻ واريءَ قرباني ۽ کي پنهنجي لاءِ سڀ کان وڏو سرمايو سمجهن ته پوءِ اُنهيءَ سرمائي ۽ قربانين جي عوام وٽ ڪابه ڪوٽ نه هوندي آهي. جيستائين مون سمجهو آهي ته اهڙي اتحاد ۾ ڪن شخصن ۽ گروپن جي ذاتي انانيت وڏي رڪاوٽ آهي. ۽ ٻيو ليڈريءَ جو شوق. اُن ڪري، قومي اتحاد تي سوچيندڙن کي انهن شين تان هٿ کڻڻو پوندو.

o o o

– آءٌ اسپتال ۾ علاج هيٺ هوس ته اُتي ڪجهه دوست مون سان ملڻ آيا. اُهي دوست جيل ۾ هئا ۽ تازو آزاد ٿيا هئا. انهن ٻڌايو ته ڪين جيل مان ڪڍي، آرميءَ جي برگيڊيئر وٽ ونې ويا، جنهن سندن انتهائي بيعزتي ڪئي ۽ ڏمڪيءَ واري انداز ۾ چيائين ته، "آئيندي جيڪڏهن شرارت ڪيو ته اسان جا هٿ توهان جي گريبانن ۾ هوندا."

انهيءَ ڳالهه ٻُڌڻ کان پوءِ گڏيل ٿيهن سالن ۾ اسان جي حاڪمن جا بيان، منهنجي ذهن تي تري آيا. انهيءَ سموري عرصي ۾ اسان جي حڪمرانن جو لهجو، پنهنجي ملڪ جي عوام لاءِ سدائين ڏمڪي آميز پئي

رهيو آهي. پنهنجي ملڪ جي عوام سان اهڙي لهجي ۾ ڳالهائيندا آهن، جهڙي لهجي ۾ هڪ فاتح پنهنجي مفتوح سان ڳالهائيندو آهي. جڏ انهن حاڪمن، هن ملڪ ۾ ان جي عوام کي فتح ڪيو هجي ۽ هن ملڪ جي تعمير يا تشڪيل ۾ هتي جي عوام جو ڪوبه حصو يا ڪردار نه رهيو هجي. هن ملڪ جي اها بدقسمتي رهي آهي ته ناظم الدين کان پوءِ هن ملڪ تي اهڙن ماڻهن حڪومت پئي ڪئي آهي، جن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ تر جيتري به شرڪت نه ڪئي هئي. نه صرف شرڪت نه ڪئي هئي، پر آزاديءَ جي راهه ۾ جدوجهد ڪندڙن کي ڪچلڻ ۾ غير ملڪي طاقت جا بانهن ٻيلي ٿي رهيا آهن. ظاهر ڳالهه آهي ته اهڙا ماڻهو پنهنجي عوام سان اهڙيءَ زبان ۾ گفتگو ڪندا، جهڙي زبان ۾ سندن آقا ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي حاڪمن جي ذهنن ۾ عوام لاءِ ڪوبه احترام جو جذبو موجود نه آهي ۽ هنن پنهنجي عوام کي ايتري انداز ۾ قتل ڪيو آهي، جو پاڙيسري مُلڪ سان لڳل ٽن جنگين ۾ به ڪنهي ملڪن جي مجموعي قتل ٿيل ماڻهن کان اهو تعداد ڏهوڻو وڌيڪ آهي. اسان جا حاڪم جيئن ته غير ملڪي آقائن جي نوڪرشاهيءَ مان اُپري آيل هئا، ان ڪري اهي اچيءَ چمڙيءَ وارن حاڪمن وٽ سدائين عاجز، هيٺا ۽ نماڻا ٿي رهندا پئي آيا آهن. ڇو ته اُهي ذهني ۽ نفسياتي طرح پاڻ کي هميشه انهن جو نوڪر سمجهندا رهيا آهن ۽ وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا آهن ته عوام وٽ ملڪ هلائڻ ۽ ان کي بچائڻ جو ڪوبه ڏاڻ ڪونهي، صرف اسان ئي ملڪ کي بچائي ۽ هلائي سگهون ٿا. پر مصيبت اها آهي جو اهي دعوائون ڪرڻ وقت اُهي اها ڳالهه وساري ڇڏيندا آهن، ته عوام ئي هو، جنهن پنهنجيءَ جدوجهد يا ووٽ ذريعي هيءُ ملڪ حاصل ڪيو هو. ملڪ حاصل ڪرڻ وقت انهيءَ عوام کي ڪنهن به نوڪرشاهيءَ يا فوج جي ڪابه تائيد يا حمايت حاصل ڪانه هئي. اها ته پاڻ مخالف ۽ دشمن صف ۾ سيليوٽ ڪري رهي هئي.

دوستن وڏيڪ ٻُڌايو ته برگيڊيئر ڪين وڏيڪ چيو ته، "اوهان پنجابين جي سنڌ اندر مخالفت ڇو ٿا ڪريو، جڏهن ته هنن سنڌ جي زمينن تي محنت ڪري، انهن کي سرسبز شاداب بنايو آهي!"

تاريخ جي هيءَ ستم ظريفي آهي تہ اسان تي اهڙا ماڻهو حڪومت ڪري رهيا آهن، جن جي ذهانت جي ذخيري ۾ مٿين قسم جي دليلن جي تيرن جي ڪابہ ڪمي ڪانهي. انھن ماڻهن کان جيڪڏهن پڇيو وڃي تہ اوهان جي ڏيءَ يا پيٽ کي ڪو اغوا ڪري، ان کي بهترين ڪپڙا پارائي، ميڪ- اپ ڪرائي، پنهنجي گهر ۾ زوريءَ ويهاري ڇڏي ۽ اوهان جي مطالبي تي جواب ڏئي تہ انهيءَ مائيءَ سڳوريءَ تي مون هيڏي ساري محنت ڪئي آهي، ان ڪري کيس واپس ڪرڻ جو ڪوبہ سوال پيدا نہ ٿو ٿئي- تہ ان وقت توهان جو جواب ڇا هوندو؟ اُنهن دانيانِ فوج کان جيڪڏهن پُڇيو وڃي تہ جنهن علائقي تي اڄ پاڪستان آرمي حڪومت ڪري رهي آهي، اُن ۾ روڊن، پُلين، بندرگاهن، واهن، بيراجن ۽ بجليءَ جو ڄار انگريزن پکيڙيو آهي؛ ۽ انگريز بہ جيڪڏهن جناح صاحب کي اهو دليل ڏئي، نڪري وڃڻ کان انڪارڪن ها تہ اسان محنت ڪري هن علائقي کي آباد ڪيو آهي، اُن ڪري اسان جي نڪري وڃڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي؛ تہ پوءِ فوج جي منطق مطابق جناح جو پاڪستان وارو مطالبو غداري ڪرڻ جي برابر هو. اهو علائقو، جنهن تي اڄ هندستان جو عوام راج ڪري رهيو آهي، ان کي بہ ابتدائي طرح فني ۽ ٽيڪنڪي راهہ تي انگريزن لڳايو هو، تہ پوءِ ڇا ڪانگريس کي آزاديءَ جي مطالبي ڪرڻ يا پنهنجي ملڪ جا وسيلا پنهنجي هٿ ۾ واپس وٺڻ جي گهُر ڪرڻ جو ڪوبہ حق ۽ جواز نہ هو؟

اسان جي حاڪم قوم جي فردن جي دليلبازي، ايڏي تہ ڪريل ۽ واهيات، عقل جي خلاف ۽ علم جي ابتڙ آهي، جو گذريل ايڪائي سؤ سالن ۾ اهڙي قسم جي گندي، غليظ ۽ ڪراهت آميز دليلبازي، ڪنهن مغربي فاتح ۽ جارح استعمال نہ ڪئي آهي. ڪو ماڻهو اسان جي جائداد تي قبضو ڪري، ان کي ڪيترو بہ سينگاري ۽ سنواري، تہ ڇا اُنهيءَ آرائشِ زيبائش جي ڪري، ان جو قبضو ڇڏائڻ جائز ٿي ويندو؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ جنهن بہ ماڻهوءَ ۾ عقل نالي ڪا ٿوڙڙي بہ شيءِ موجود هوندي تہ اهو اهڙي قبضي کي ڪنهن بہ صورت ۾ جائز ڪونہ سمجهندو. مسلمانن جي ذهنيت ايتري تہ ڪِري پئي آهي، جو هو جنهن بہ شيءِ تي زوريءَ يا چوريءَ قبضو ڪري ٿوري بہ محنت ڪن ٿا تہ ان کي پنهنجي لاءِ قرآن جي

ختمي جي منائيءَ وانگر مقدس سمجهڻ لڳن ٿا. ان جي ابتڙ غير ملڪي ڪميونسٽ ۽ عيسائي، پنهنجو پئسو ۽ هٿر خرچ ڪري، پنٽي پيل ملڪن کي ترقي ونائڻ پنهنجو انساني فرض سمجهن ٿا.

o o o

- اڄ پياري سائيءَ، رسول بخش ٽيپي ٻڌايو ته مولابخش ڪوسي ڪيس چيو ته هُو هڪ پيري 'پاڪستان فورم' جي ايڊيٽر، ڊاڪٽر فيروز احمد وٽ ويو ته ان جي مطالعي واريءَ ميز تي عبدالواحد آريسر جو ڪتاب "قومي تحريڪ" رکيو هو. مولابخش جي ويهڻ شرط ڊاڪٽر فيروز ڪائنس پڇيو ته، "هيءُ ڪتاب، سچ پچ عبدالواحد آريسر لکيو آهي؟" هن ڪيس جواب ڏنو ته، "ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو ڪتاب آريسر ئي لکيو آهي." ان تي ڊاڪٽر فيروز وراڻيو ته، "سڄيءَ دنيا ۾ قومي تحريڪ تي باضابطي نموني هن جهڙو ڪوبه ڪتاب نه لکيو ويو آهي، ۽ پنهنجيءَ نوعيت جو دنيا ۾ هيءُ اڪيلو ڪتاب آهي، جنهن ۾ قومي تحريڪ جي مختلف رُخن تي نئين نموني روشني وڌي وئي آهي."

جيڪڏهن اها روايت سچي آهي ته پوءِ آءٌ انتهائي خوش ۽ مطمئن آهيان ته گهٽ ۾ گهٽ منهنجي هڪ سخت نظرياتي مخالف، منهنجيءَ محنت ۽ سوچ جو داد ۽ اعتراف ڪرڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس نه ڪئي- يا ته ان ڪتاب ۾ ايترو واضح سچ آهي، جنهن جي تسليم ڪرڻ تي هڪ مخالف مجبور ٿيو آهي. مون کي پنهنجيءَ ڪم علميءَ ۽ فڪري اٿاٽ جو سدائين اعتراف پئي رهيو آهي. اُنهيءَ اعتراف ۾ انگريزي نه ڄاڻڻ کي وڏو دخل آهي. سورش ڪاشميريءَ ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي ته، "مون کي سموري زندگي، ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ نه پڙهڻ جي ڪري افسوس ۽ حسرت پئي رهي آهي. آءٌ جڏهن به ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڏسندو آهيان ته پنهنجيءَ عمر جا قيمتي سال اجائي وڃڻ جو افسوس ٿيندو اٿم. مون ڪوشش ڪئي آهي ته آءٌ اهو خال پنهنجي مطالعي جي ذريعي پرڻ جي ڪوشش ڪريان، پر انهيءَ سلسلي ۾ به آءٌ خاطر خواهه ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيس. پوءِ به سنڌي ماڻهن جي هڪ باشعور حصي، منهنجيءَ ڪوشش کي قدر سان ڏنو ۽ انهيءَ کي گهربل مانَ ڏنو آهي.

هڪ ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي ته هڪ محفل ۾ سائين جي. ايم. سيد ڇيو ته، "موجوده سنڌي اديبن ۾ مون کي صرف ٽن ماڻهن جي نثر نگاريءَ متاثر ڪيو آهي، جي آهن: محمد ابراهيم جويو، شيخ ايازءِ عبدالواحد آريسر." جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته پوءِ سائين جي. ايم. سيد جي اها راءِ منهنجي لاءِ نوبل پرائيز يا لينن پرائيز کان به وڏو اعزاز آهي، ۽ ان اعزاز تي آءٌ جيڏو فخر ڪريان، سو گهٽ آهي. مون کي پنهنجي تحرير جي باري ۾ انتهائي خوشي ان وقت ٿي، جڏهن عزيزالرحمان ڀگهيي، مون کي ٻڌايو ته، "پٽي صاحب کي تنهنجي تقريرن جي ڪتاب "پرهه جو پيغام" پڙهڻ جو ايڏو شوق ٿيو، جو هن انهيءَ ڪتاب جو راشديءَ جي معرفت مون کان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي پڙهيو هو." ٻيو پيرو ڊاڪٽر فيروز جي راءِ ٻُڌي خوشي ٿي. "قومي تحريڪ" جيڪڏهن واقعي پنهنجي نموني جو منفرد ڪتاب آهي، ته پوءِ آءٌ ڏاڍي ڏک سان چوان ٿو ته ان کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۽ جماعتن طرفان گهربل اهميت نه ملي سگهي آهي. ان جو سبب، سواءِ ادبي رقابت ۽ ساڙ جي ٻيو ڪجهه به نه آهي. اهو ڪتاب، اڄا اڻپورو آهي. آءٌ پٽي صاحب مرحوم جي اقتدار واري زماني ۾ خيرپور جيل ۾ هوس، ان وقت انهيءَ ڪتاب جو آخري حصو "قومي حڪومتن جي ناڪاميءَ جا سبب" لکي، سنڌي ادبي سنگت جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ (جيل اندر) پڙهيو هوم، تڏهن سنڌي زبان جي انتهائي ضدي ۽ سرڪش دانشور، رسول بخش پليجي، ان تي تنقيد ڪندي ڇيو هو ته: "انهيءَ قسم جو تجزيو، سڄي برصغير ۾ ڪنهن به نه ڪيو آهي ۽ ان موضوع تي انهيءَ نموني سان ڪڏهن لکيو ئي نه ويو اهي. جيتوڻيڪ مضمون سان اختلف جي ڪافي گنجائش آهي، پر پوءِ به مون کي خوشي آهي ته سنڌ فڪري طرح پاڪستان جي سمورن صوبن کان اڳتي آهي. موجوده پاڪستان ۾ سنڌ کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هتان سياسي انقلاب جي شروعات ڪتابن جي ذريعي ٿي آهي- ۽ پيرن ۽ ميرن جي پريل سنڌ ۾، جي. ايم. سيد جو اهو ڪارنامو بي مثال آهي ته هن "ڪتابي سياسي انقلاب" جي شروعات ڪري، ان کي اوج ۽ عروج تي پهچايو. انهيءَ ڪارنامي ۾ سيد سان ڪوبه شريڪ نه آهي."

تڏهن مون چيو هو تہ: ڪاش! هي تجويزون، پٽو صاحب ۽ شيخ مجيب الرحمان مرحوم پڙهن ها تہ پوءِ سندن حڪومتون ائين ختم نہ ٿين ها. مون کي ڏاڍي حيرت آهي تہ مائوزيتنگ ۽ گانڌيءَ، لينن ۽ ڪائوتسڪيءَ، فوجي بغاوتن جي سدباب لاءِ ڇو نہ لکيو ۽ سوچيو. انقلابي دانشورن مان "فينن" پهريون ماڻهو آهي، جنهن فوجي بغاوتن تي لکيو، پر اُهو بہ اڻ پورو ۽ تڙيل پکڙيل حالت ۾ آهي. منهنجو لکيل حصو مربوط ۽ منظم آهي، جيتوڻيڪ علمي ۽ فڪري طرح اُن جي سطح ڪٽي ايتري بُلند نہ بہ هجي. اهو ڏک اٿم تہ اهو آخري حصو ڇپجي نہ سگهيو آهي، نہ ئي اُها خبر اٿم تہ اهو ڪٽي ۽ ڪنهن وٽ آهي؟

دنيا جا ماڻهو ڪتاب اُنهيءَ لاءِ لکندا آهن تہ جيئن ڪين شهرت ۽ پئسو ملي، پر مون کي ڪتابن لکڻ جي عيوض سُڄائي ۽ جيل نصيب ٿيو آهي. اُهو اُن ڪري جو آءٌ سيد جو پوئلڳ آهيان ۽ سيد کي بہ دنيا جا بهترين ڪتاب لکڻ جي عيوض ۾ پئسي جو زيان ۽ قيد و بند پلئہ پيا آهن. گويا "بيڪس" جي لفظن ۾:

ڏاج ڏنو مادر مون کي، سُورن جو سامان!
دردن منهنجيءَ دل ۾، گوڙ ڪيو گهمسان!

دل ۾ دردن جي اُنهيءَ گوڙ ۽ گهمسان کي مون قلم وسيلي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مادر طرفان مليل سُورن جو سامان ملڻ ۽ وسڻ لڳو. هاڻي تہ سُورن جو ساٿ آهي، سُڄائيءَ جي سنگت آهي، جيل جون ديوارون آهن، دوستن جي بيپرواهي آهي، دشمنن جون سازشون آهن، ڏاڍو انڌيرو آهي ۽ دُور سويرو آهي. پرينءَ جو پنڌ ڏاڍو پري آهي. زندگي، تلخين جي زهر سان پرجي وئي آهي، نہ ڪوئي هم ذوق ساٿي آهي، نہ همخيال دوست! پوءِ بہ قلم کي وهائيندو رهان ٿو، اُنهيءَ نيت سان تہ تحرير دلين ۾ زنده رهندي آهي.

o o o

- اُپ ۾ ڪکر آهن. آءٌ هاڻي ننڍ مان سجاڳ ٿيو آهيان. ننڍ مان سجاڳ ٿيڻ شرط پنهنجيءَ ڪوليءَ مان ٻاهر نڪتس تہ سارو اُپ ڪکرن سان ڇانيل ڏٺم. آڪاش جي وسعتن ۾ ڪکرن جو ميڙ ڏسي سڀائين

منهنجو مَن اُداس ٿي ويندو آهي. ڪڪر اسان جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ميلاپ ۽ ڪٿي وڇوڙي ۽ دانهن ڪرڻ جو سنيهو ڪٿي ايندا آهن. اسان ٿرين لاءِ ته ڪڪرن جي مُند ڏوراپن، سَڏن ۽ آرزوئن جي علامت هوندي آهي. پر اڄ آڪٽوبر جَي پڄاڻيءَ تي ڪڪر ڏسي، منهنجي دل ڏکوئجي وئي آهي. منهنجي هانوَ ۾ پيڙا جي پچار ٿيڻ لڳي ته هي ڪڪر مينهن جا آهن ۽ واقعي پٽ ڏٽيءَ جي يار وسڻ جا ويس ڪيا آهن، يا هي ڪڪر، اُنهيءَ هولناڪ تباهيءَ جو دونهون آهن، جيڪا عراق جي فردوس نظر وادين ۽ ايران جي جنت نظير ميدانن ۾ مينهن وانگر وسي رهي آهي. ڪجهه ڏينهن کان اسان جي صدر جو لهجو به جنگ جنگ جو ساز ٻيو ڇيڙي. حبرت رُڳو انهيءَ ڳالهه تي آهي ته اڄ جي حڪمرانن لاءِ جنگ ڪرڻ جي ڏمڪي ڏيڻ ايتري آسان ٿي نظر اچي، جيترو ڪنهن ٿرڊ ڪلاس اڙدو فلم ۾ بي سُري هيري محمد عليءَ لاءِ محبت جو مصنوعي ڊائيلاگ ادا ڪرڻ. انهن حڪمرانن کي شايد خبر ناهي ته جنگ چا ٿيندي آهي! جنگ هلاڪت ۽ تباهيءَ جي اها ڏاڻ آهي، جنهن جي وات مان موت، تباهيءَ ۽ بربادييءَ جي باهه ڳڙندي رهي ٿي. جنگ هڪ اهڙي تباهي آهي، جيڪا انسان جي صدين جي جسماني ۽ روحاني پورهئي کي ڪجهه ڏينهن، مهينن ۽ سالن ۾ نيست ونابود ڪري ڇڏيندي آهي. جنگ، ثقافتي، تاريخي، ادبي ۽ مذهبي ميدانن ۾ ايڏي ته اُٿل پٿل پيدا ڪندي آهي، جو صحيح سوچن جا رُخ ۽ رستا تبديل ٿي ويندا آهن. جنگ دوران انساني آبادیون ائين ختم ٿي ويندیون آهن، جيئن ايٽم بم ڪرڻ سان ائٽم بم جي اثر هيٺ آيل شهر جي هزارين انسانن جي دلين ۾ امن جا خواب ۽ پريت جون خواهشون ختم ٿي ويندیون آهن. آءٌ جڏهن ڪنهن حڪمران جي وات مان جنگ ۽ هٿيارن جي گهٽائيءَ جي لباڙ ٻُڌندو آهيان، ان وقت منهنجو روح پوريءَ امن پسند انسانيت کي دعوت ڏيندو آهي، ته اي اهي انسانؤ! جن کي انسانيت جو مستقبل پيارو آهي؛ جن کي ڪنهن معصوم ٻار جي مُرڪ ۾ ڪا دلڪشي محسوس ٿئي ٿي؛ جن کي ڪنهن ڪنواريءَ جي ارمانن جو احترام آهي؛ جن کي ڪنهن سهاڳڻ جي سينڊ ۾ پيل سينڊور، شفق جي سُرخيءَ کان وڌيڪ پائيدار لڳي ٿو؛ سي سڀ اچو!

پنهنجين سمورين طاقتن ۽ توانائين سان، پنهنجن ارادن ۽ حوصلن سان اچو، ۽ اچي جنگ باز ٽولن جون زبانون ڪاڪڙن ڪان چڪي ڪڍو!

اي دمِ مسيح! اڇ! اچي ڏس ته تنهنجيءَ اُمت، تنهنجي امن ۽ پيار جي پيغام کي ڪيئن نه فوجي بوٽن هيٺان لتاڙيو آهي. هُو آڪاش جي وسعتن مان ٽمندڙ رت ڏس، جيڪو امن جُي ڪبوتر جي ڇاتيءَ مان وهي رهيو آهي، ۽ ان تنهنجي امن جي ڪبوتر کي تنهنجيءَ ئي اُمت جي هٿراڏو جانبازن چرا هٽي ڦٽيو آهي!

اي ابن مريم! تون پنهنجن پوئلڳن جي دماغن کي سوچن کان محروم ڪري ڇڏ، جن تنهنجي پياريءَ انسانيت ۽ ڪائنات کي صرف ڇهن سيڪنڊن ۾ پوريءَ ريت تباهه ڪرڻ جو بارود تيار ڪري ورتو آهي! ۽ اهي پوءِ به تنهنجيءَ مقدس تصوير جي سامهون جهُڪن ٿا؛ جن جيءَ ڪَراين مان انسانيت جي تباهيءَ ۽ قتلام جو رت وهي رهيو آهي؛ جن جي دماغن مان ايٽم جون ڇيپيون نڪري، ڪائنات کي ساڙي رهيون آهن!

اي روحِ محمد! هي ڏس تنهنجي نالي ونندڙن جي دلين ۾ هوسَ ۽ هٿن ۾ بندوقون، ڪوڙا ۽ ڦاسين جا رسا آهن. سامهون انسانن جا لاش، زخمي سرير ۽ ٽياسن تي ٽنگيل جسم آهن. تنهنجي پوئلڳ حڪمرانن جي دلين مان درد، پيار، محبت ۽ امن جون خواهشون موڪلائي ويون آهن، ۽ اهي اڄ جلاد آهن؛ تباهيءَ جا راکاس آهن؛ نفرَت جا شيطان آهن؛ امن ۽ انسانيت جا دشمن آهن؛ هنن پنهنجي دماغ جي ڪيني، بغض، حسد، ساڙ ۽ هيڇ جو نالو تنهنجو پيغام رکيو آهي. مون کي يقين آهي ته اهي ڪوڙا آهن ۽ تون پنهنجي پروردگار کان انهن جي هٿن ۽ دماغن مان سَتُ نڪرڻ جي دعا گهُرا!

o o o

– "آءٌ هڪ پيغام توهان تائين پهچائي، توهان جي دلين جي دروازن تي دستڪ ڏئي رهيو آهيان. اهو پيغام عزت جو رستو آهي، خدمت جو رستو آهي. اهڙي خدمت، جيڪا خدا ڪارڻ ڪئي وڃي. اهو ڪانگريس جو نئون تعميري پروگرام آهي. ڪانگريس جو پراڻو تعميري پروگرام ڏاڍو سُنو هو. هوند اُن تي گڏجي ڪم ڪريون ها. اسان چوندا هئاسين ته ملڪي شيون استعمال ڪريو، پر توهان ڏيان نه ڏنو. هاڻي ساموندي رستا

بند ٿي ويا آهن. اُهي جهاز، جيڪي پرڏيهي مال ڪٽي اچي منهنجي ملڪ ۾ پکيڙيندا هئا، سي بُڌي چڪا آهن، اُن ڪري هاڻي وقت آهي ته ٻهراڙيءَ جي شين کي ترقي ڏياري وڃي....

"آءٌ توهان جي دلين کي جهنجهوڙي واضح ڪرڻ ٿو چاهيان ته جنگ جون رت پياڪ لهرون، هندستان جي ساحل سان ٽڪرائجي رهيون آهن. منهنجون نگاهون رت جو اُهو نقشو ڏسي رهيون آهن، ان ڪري اسان غافل نه آهيون. جنگ توهان کي گُلن جي سيج تي سمهڻ جي اجازت ڪانه ڏيندي. اها پنهنجي لهرن ۾ تباهين، بربادين، رتوچاڙ ۽ هلاڪتن جو طوفان آڻيندي آهي." -ابوالڪلام آزاد

o o o

- هڪ سنڌي ڪهاڻيڪار جو هڪ جملو پڙهيم، "سچ صرف اهو ناهي، جيڪو ڪنهن اوچي نعري ۾ چئي ڏجي!"

ها! واقعي سچ صرف اوچي نعري ۾ چوڻ واري ڳالهه، جملي، سٽ يا پٽرا جو نالو نه آهي. پر اي چري سنڌي چوڪري! سچ کي چا چئجي يا ڪجي، جو اهو خود هڪ اوچو نعرو، گونج ۽ للڪار بنجي ويندو آهي. ايڏو اوچو، جو همالیا جون چوٽيون ان جي اڳيان ڪولِ جيڏيون ننڍڙيون بنجي ويندیون آهن. اهڙي گونج، جنهن سان ڪارونجهر جون ڪورون (چوٽيون) ڪري پونديون آهن؛ اهڙي للڪار، جنهن سان نه صرف آڪاش جي چاتي ڦاٽي پوندي آهي، پر وقت جي چارين ۽ ڏاڍن جا ڏِيل پڻ ڏري پوندا آهن. ڪي ڪي لفظ، سٽون ۽ جملا، صرف چپن جي چُڻ پُڻ ۾ يا سٽن پردن ۾ ڪنهن بيبيءَ وانگر لڪائي رکيا آهن، پوءِ به اهي پنهنجيءَ اندروني سگهه ۽ فطري سچائيءَ سبب زمان ۽ مڪان جون سرحدون اورانگهي، انسانيت جو لازوال منشور بنجي ويندا آهن- ۽ دنيا جي سمورن ڏاهن، مصلحت پسندن ۽ ڪائنر قلمڪارن جي سينڌي تاويلن ۽ منطقي هيراڦيرين کي توڙي، ڪنوارن ڇپن تي گيت ۽ سگهارين مچريل زبانن تي سچ، سونهن، امن، انسانيت ۽ انسان ذات جي گڏيل پيڙا جا نعرا بنجي ويندا آهن.

اي هراسيل قوم جا هراسيل اديبؤ! نعرن کان چو ٿا چرڪو؟ انهن نعرن

کان کيترو به چرکو، پر اهي توهان جو مقدر ۽ گچيءَ جون نسون بنجي ويا آهن. توهان انهن کي هضم کرڻ جي کوشش کريو. هن دؤر ۾ ته نه صرف سچ جو اعلان کرڻو آهي، پر ان کي کنهن ريٽي کهنبي جو رنگ ڏئي، کنهن مٽي اُگهاڙيءَ بيوهه جي مٽي کي ڏکڻ لائق بنائڻو آهي. اهڙي دؤر ۾ سچ کي جيکڏهن گجهارتن ۽ سينگار جي بيتن وانگر کهاڻين ۾ استعمال کرڻو اٿوَ ته پوءِ اوهان کي هن پُونءِ جي هر پيچري ۽ رَند جو قسم، ته اهو چپائڻ بند کريو! باهمي تعريف جون انجمنون ناهي، پنهنجن سينگاريل ڪمرن ۾ هڪ ٻئي کي پڙهي ٻُڌايو ۽ هڪ ٻئي جي نيل پالشن ۽ هٽ- ريکائن کي ڏسڻ جو شوق پورو کريو. جنهن دؤر ۾ لفظ جي بدلي کوڙو (ڪتکو) هجي؛ نعري جي عيوض گولي ملي ۽ اڳتي وک وڌائڻ جي عيوض ڦاسيءَ جو ٽياس ٽنگيل هجي؛ اُن وقت نعرو ايترو ئي مشڪل سان جنم وٺي ۽ اُپري سگهي ٿو، جيترو هڪ ماءُ جي ڪُيهرڙ مان ٻار جو نڪرڻ! مشڪل دؤرن ۾ سچ کان وڌيڪ دلکش ۽ سُريلو، وڌيڪ سُندر ۽ من موهيندڙ، وڌيڪ جاندار ۽ آفاقي ڪهڙو گيت يا نغمو ٿي سگهي ٿو؟ جيکڏهن مون کان ڪو اُهو پُڇي ته آءٌ جواب ڏيندس؛ اُهو سچ، جنهن نعري جو روپ ورتو. جيکو سچ، نعري جو روپ نه ٿو وٺي، سو سچ نه آهي!

o o o

- "ٽل تتالو، سامهين واجهولا پهياهم،
مهانڪئ ڪهيئ جئ ڪئ گهر بيٺا رهيا!"
- گجراتي شعر

(ترجمو: ٽر ملڪ تتل هوندو، سامهون لُڪ پٽي لڳندي، جهولو تنهن کان سواءِ جلائيندو، جي منهنجو چوڻ مڃين ته مات ڪري گهر ويٺو رهه!)

- اُنهيءَ ۽ اهڙي ٽر ملڪ ۾ جڏهن ڪنوٽيون ڪِجن ٿيون؛ ڪکر ڪارونهار ڪري اچن ٿا؛ ابر اُمارو ڪري وسن ٿا؛ ڏرتي ساوا ويس ڪري ٿي؛ اُن وقت وَليون وٽن سان ائين ويڙهجي وڃن ٿيون، جيئن پاري پوندڙ رات ۾ سُهاڳٽيون پنهنجن ڪانڌن جي جسمن سان چنبڙي پونديون آهن. اهڙيءَ مُند ۾ تو منهنجو ديس ڏٺو آهي؟ تو اُن جي سندرتا ۽ نرملتا پسي آهي؟ تو شهرن ۾ ويهي ٽافيون ڪاڌيون آهن، پر تنهنجن چپن گولاڑي جو

رس نہ چوسيو آهي! تُنهنجي لولي پاپ جي هريل زبان تي ڪڏهن ڳاگيءَ جي امرت ڏارا جا رت ڦڙا نہ ڪريا آهن! تو مينهن وسندي مورن کي ڪڏهن ٿهوڪندي ۽ پٽن جي چوٽين تي چڙهندي نہ ڏٺو آهي! تُنهنجا چپ ڪڏهن ڦُوهر جي مولهين تي پيل ماڪ ڦڙن کي چُهي نہ سگهيا آهن! تو پٽن ۾ پيل پلر تي اُجايل هرڻن جا ڳاهت نہ ڏٺا آهن! جڏهن ڪرن کي ڪسُ لڳندو آهي؛ سج پڙيءَ ۾ ايندو آهي؛ ٻڪرال ٻهڪا ڪندي آهي ۽ منهنجي ديس جي واري، پنهنجي ڪنواري خُوشبوءِ پکيڙيندي آهي؛ تُون اُهو سيڪجهه ڏسين تہ اي شهري بابُو! تنهنجي اندر جو ڪهاٽيڪار ڪڏهن بہ نہ مري؛ انسان جي اوجل منَ تان تنهنجو ويساهه ڪڏهن بہ ختم نہ ٿئي؛ ۽ توکي ماڻهوءَ جو منُ ڪڏهن بہ ميرو نظر نہ اچي!

o o o

– صبح جو ملٽريءَ جي سرسري سماعت واري ڪورٽ ۾ شنوائي آهي. اُن لاءِ ٽيون ڏينهن چارج شيٽ ڏئي ويا آهن. اُنهيءَ چارج شيٽ جي بچاءُ ۾ مون کي ڪجهه بہ چوڻ جو حق نہ آهي ۽ ڪورٽ ترت فيصلو ڏيندي، جيڪو عام طرح ملزم جي خلاف ئي هوندو آهي؛ عام طرح ملٽري ڪورٽ کي هڪ سال سزا ڏيڻ جو اختيار آهي. آءٌ تہ بنا ڪيس هلائڻ جي چوڏهن مهينا جيل ۾ ڪاٽي چڪو آهيان. انهيءَ حساب سان ڪورٽ کي ملٽريءَ وارن جي قانون تحت مون کي آزاد ڪرڻ گهرجي، پر ائين ڪندا ڪونہ؛ چو تہ هن ملڪ ۾ قانون ناهيندڙ ئي ان تي عمل نہ ڪندا آهن، پر پين کان اُن تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. آءٌ جڏهن پنهنجيءَ سزا جي باري ۾ سوچيان ٿو تہ مون کي پنهنجي متعلق ڪابہ پرواهہ نہ آهي، چو تہ جيل منهنجي لاءِ نئين شيءِ ناهي. تنهن هوندي بہ آءٌ پنهنجن پائرن، پينرن، ماءُ، پيءُ ۽ خاص ڪري زال جي باري ۾ سوچي پريشان ٿي وڃان ٿو. مون 1978ع ۾ شادي ڪئي هئي ۽ 1980ع ۾ جيل هليو ويس. آءٌ ڪيس ڪابہ خوشي، ڪابہ مُسرت ۽ ڪي چند ڏينهن پيار جا ڏئي نہ سگهيو آهيان. هن مون کي بي انتها چاهيو آهي. هڪ پيري چوڻ لڳي: "منهنجي لاءِ سج تُنهنجي ڪري اُپري لهي ٿو."

o o o

- هڪ وقت هو جڏهن آءٌ رومانوي قسم جا ناول پڙهندو هوس. اُن وقت دل ۾ ڏاڍي چاهنا پيدا ٿي هئي ته ڪنهن جديد تعليمي اداري جو شاندار آڊيٽوريم هجي، جنهن ۾ زندگيءَ ۽ سونهن جي اُمنگن سان ڀرپور نينگر ۽ نينگريون هجن ۽ اُتي آءٌ پنهنجيءَ جادو بيانيءَ سان اُن هال کي منڊي چڏيان، ۽ منهنجي لفظ لفظ تي پرجوش نعرا لڳن ۽ تاڙيون وڄن، جن ۾ چوڙين جي چنڪار به شامل هجي- جڏ منهنجا لفظ نه پر ڪائي پهرين چُمي هجن، جيڪا نئين نڪور جسم ۾ ٽرٽلو پيدا ڪري چڏي! اُن وقت اهو سيڪڇهه سوچڻ مهل اهو نه سوچيو هوم ته اها چاهنا اهڙي وقت پوري ٿيندي، جڏهن هٽڪڙين ۽ ڏنڀا پيڙين جا اگهه وڌي ويندا؛ منهنجي ڏرتي، سرنهن جا گل پيدا ڪرڻ بدرا ڪوڙا ۽ ڦٽڪا پيدا ڪندي؛ ۽ جڏهن پيارن ماڻهن کان وڌيڪ جلاد نظر ايندا. منهنجي سوچڻ يا نه سوچڻ سان ڇا ٿو ٿئي! نعرن ۽ تاڙين جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو آيو آهي. چون ٿا هٽلر، خودڪشيءَ کان اڳ 'ايوا برائون' جي هنج ۾ مٿو رکندي چيو هو، "اُهو وقت ڪيڏو نه حَسين هو، جو آءٌ ميونخ ۽ برلن جي جلسي گاهن ۾ تقرير ڪندو هوس، ۽ لکين ماڻهن جا نعرا ۽ تاڙيون مون کي مدهوش ڪري، عرش جي بلندين تي کڻي ويندیون هيون. ان وقت کان به عورت منهجيءَ زندگيءَ ۾ نه آئي هئي، پر ايوا! تون يقين ڪر اهو منهنجيءَ زندگيءَ جو حَسين ترين وقت هو. اڄ جڏهن حُسن جي هنج ۾ آهيان، پوءِ به ڏکويل آهيان!"

o o o

انتساب

سنڌ جي باوقار جسٽس،
ناصر اسلم زاهد جي نالي
انساني عظمتون، پوليس ۽ ڏرتين جون
قيدي ناهن هونديون.
– عبدالواحد آريسر

اسان جيئن جيئي ڪو

اسان جيئن جيئي پلا ڪو جهان ۾،
سدائين نشان تي، سدا امتحان ۾!
- حليم باغي

ڏاڍي دلڪش عذاب ۾ آهين!

مون کي اُن ماڻهوءَ جي ڪتاب تي مھاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو آهي، جيڪو هڪ ڇڳي خاصي عرصي تائين منهنجي تصور جي دنيا تي ڇانيل رهيو آهي. اُهو دؤر آريسر جي سياسي ڪيريئر جي جوبن جو دؤر هيو. (غريب جي جواني ڏاڍي مختصر هوندي آهي.) آءٌ انهيءَ زماني ۾ سندس اثر هيٺ رهيو آهيان، جڏهن آريسر صاحب کي سندس پارٽيءَ گاڏي نه ونڊي ڏني هئي، ۽ هو بسن ۾ سفر ڪندو هو. ڳوناٽين ڪچهرين ۾ چاليهه پنجاهه سِر ڦرين ڪارڪنن جي جٽي جي پيادل اڳواڻي ڪندي، جڏهن هو مُنهن انڌاري ۾ بهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ پهچندو هو، تہ ڪوبہ فائر نہ ٿيندو هو ۽ ڪوبہ نعرو نہ لڳندو هو- (البت تعليمي ادارن ۾ اُن جي ابتڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندا هُيا) ۽ رات جڏهن گهري ٿي ويندي هئي، تہ وايومنڊل سندس تقرير جي سحر ۾ مَنڊجي ويندو هو (۽ سندس تقرير جي اُن خوبصورتيءَ جا معترف، اياز گل کان شيخ اياز تائين اسين سڀ رهيا آهيون.)

ٻئي ڏينهن سج اُپرڻ کان اڳي، اُتي ٽيل ڪچهريءَ جا سارا پار ۽ نشان، 'چوريءَ جي پيرن وانگي' گُم ڪيا ويندا هئا- ۽ اُنهيءَ تقرير جي آڊيو ڪيسٽ، منيءَ کان جيڪب آباد تائين پهچي چڪي هوندي هئي. آءٌ ۽ مظهر لغاري، اڪثر سندس تقريرون اُتاري، جيئي سنڌ اِسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اسٽڊي سرڪلس (Study Circles) تائين پهچائيندا هُياسين. مظهر جي دوستيءَ، اياز جي شاعريءَ ۽ آريسر جي نثر، منهنجي اندر ۾ وينل شاعر کي دِسڪور (Discover) ڪيو. هن ماڻهوءَ 'سنڌوديش' جي تصور کي محبوب جي چُميءَ جهڙو دلڪش ڪري پيش ڪيو. آءٌ اڄ بہ ائين محسوس ٿو ڪريان تہ، 'جيئي سنڌ هلچل' جي عام ڪارڪنن ۾، انقلاب ڏانهن جيڪو رومانوي رويي (Romantic Attitude) جو عنصر ملي ٿو، اُن جي مرتب ٿيڻ ۾ آريسر جي ٻوليءَ جو وڏو دخل رهيو آهي. هتي منهنجو

مقصد اُهو ناهي تہ شين ڏانهن اسان جو ورتاءُ آرٽسٽڪ (Artistic) نہ هجي گهرجي. خود يوٽوپيا (مثالي/ تخيلاتي ماڳ) ماڻهوءَ لاءِ هڪ وڏي وٽ آهي. خيالي توڙي حقيقي، پر ماڻهوءَ کي اها دنيا ڪپي، جيڪا هن جي پنهنجي تخليق ڪيل هجي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي رهڻ لائق ڪا دنيا نہ ٿو ناهي سگهي، تہ هو پُوءِ محسوس ڪندو، ۽ اُن جو ماڻهپو مري ويندو- پر هتي ائين چوڻ بيجا نہ ٿيندو، تہ اسان جي اڳواڻن ۽ اديبن، انهيءَ اڻ ڏٺل ۽ رڳو محسوس ڪيل، اُن گل جهڙي مستقبل جي حصول خاطر ٺوس بنيادن تي جدوجهد ڪرڻ لاءِ سياسي لائحہ عمل جي ترتيب ڏيڻ ۾، ڪا خاطر خواهہ پيش رفت نہ ڪئي آهي ۽ اسان جي سنڌ، خوابن ۽ نعرن جي ڪوهيڙي ۾ ڦُٽلائجي وئي آهي. خوابن جي اُن طلسماتي زماني ۾، اسين روز ميري ڪميران (Rose Mary Comeron) جي ناول "People without Shadows" جي هڪ اُداس فنڪاره "Mercedes Liva" جي ڳاتل هن نظم کي، ڪنهن خوبصورت چوڪريءَ جي ڏٺل چنيءَ وانگي ڪيسي ۾ رکي هلندا هُياسين.:

Where have all the flowers gone?
The young girls have picked them.
Where have all the young girls gone?
The have given themselves to the young men.
Where have all the young men gone?
They have gone to be soldiers.
Where have all the soldiers gone?
To the graveyards every one.
Where have all the graveyards gone?
Turned to flowers every one.
When they will ever learn?
When they will ever learn..

هُو هِن کان اڳي به جيل وڃي چڪو آهي، پر هاڻوڪي ڪَٽا بلڪل نئين آهي. هو پنهنجيءَ وني‌ءَ جي پاڪر مان اُتاري، عذاب- گهر ڏانهن نيو وڃي ٿو، ۽ پنجن مهينن تائين جيئرو باهر نڪرڻ يا نہ نڪرڻ واري سوال جي رڄ ۾ پٽڪندو ٿو رهي، ۽ ڪنهن گهڙيءَ چئي تہ پاڻ، پاڻ کان الڳ ٿي ٻيهي ٿو، ۽ مٽس ٽيندڙ تشدد جو پاڻ تماشائي ٿئي ٿو.... ۽ هڪ اڌڻي تحرير تي signature (صحيح) ڏئي ٿو.

ءِ اهو سڀ کجهه کيڏو ايڏائيندڙ آهي!

گلزار جو نظم 'خودڪشي' ۾ ڪنهن اهڙيءَ ئي ڪيفيت جو ترجمان آهي. نظم جون سٽون کجهه هن ريت هيون:

ڪئي دن جگايا
ڪئي روز پيتا
ڪئي روز ظلم و تشدد سے توڑا
اگلوا لئے نام سب ساٹيون کے
انا توڑ دي انقلابي کي آخر
جب هوش آيا
بهت گڙگڙايا:
"نهين، ڦر ڪبهي خودڪشي کي نه ڪوشش ڪرون گا
ڪه وه ڪر چڪا مين
مجهے مارنے کي ضرورت نهين هے
ڪه يه مر چڪا مين-"

هيءَ ڊائري، هن ملڪ جي آڪاش جي اعمالن جو ڪچو چٺو آهي. انساني آزادين ۽ جمهوري قدرن جي ميڊيائي واويلا جي سامهون، سچ جو هڪ اڇو اُجرو آئيٽو آهي، جنهن ۾ جڳن تائين ڪنهن جابر کي پنهنجو داغدار چهرو ڏسي سگهڻ جي جرئت نه ٿي سگهندي. هيءَ تحرير، هن ملڪ جي حقيقي عوامي قيادت، ۽ عوام جي سياسي شعور ۽ سياسي وابستگيءَ (commitment) تي گذري ويل قيامتن، ۽ اُن ڏانهن روا رکي ويندڙ غير انساني، غير اخلاقي ۽ غير قانوني رَوش جو هڪ بنهه اڻ لکو اولڙو آهي، جنهن ۾ سنڌ جو چهرو چِڪنا چُور ٿي ويل آهي. تاريخ سيل جون هي يادگيريون پڙهڻ سان، ماڻهوءَ جي روح ۾ وحشتن جا خنجر لهڻ لڳن ٿا. هيءُ سڀ کجهه هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي وهيو واپريو آهي، جنهن کي هٿيارن جا نالا ۽ ڪوڙ ٿا اڇن، ۽ جيڪو پنهنجي ردِعمل ۾ ايترو ملائم (polite) آهي، جو پنجن مهينن کان پوءِ ۽ جڏهن سندس اکين تي پَڌل پٽي لهي ٿي، ته وطن جي سونهن کيس موهي وجهي ٿي- ۽ ڪائنس حسنين هيڪل وانگر زڙ نکري ٿي وڃي:

"مارا سنڌ ايڏي خوبصورت آهي!"

آريسر صاحب جي هيءَ ڊائري بيوسيءَ، جُرئت، مايوسيءَ ۽ سڪ جي نَون ۽ اڻ ڇُهيل احساسن جي ورق گرداني آهي. زنجيرن ۾ جَڪڙيل، هڪ بيگناهہ ۽ روشنيءَ جي ڪِرڻي جهڙي ماڻهوءَ جي روح جي اُنهن ڪيفيتن جي ڪهاڻي آهي، جن ۾ هر گهڙيءَ جو پنهنجو گهاءُ آهي. جتي لکن ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ بيساختگيءَ سان ڳالهائي سگهندڙ ۽ انهن جي چپن تي نعرو ٽي گونجندڙ، پر ساڻَئي ماڻهوءَ جي بنهہ اڪيلي ۽ بي يارو مددگار ٽي وڃڻ جي احساس هيٺ، جڏهن پنهنجي پاڻ سان ملاقات ٿئي ٽي، تڏهن هو انساني احساسن (Human feelings) جي نَون جهانن مان گذري ٿو ۽ پنهنجيءَ ئي هستيءَ جا ڪَئين ڪرشما مٽس آشڪار ٿين ٿا. هو عدم ۽ وجود جي بن لهرن وچ ۾ لُڙهڻ لڳي ٿو، ۽ پٽائيءَ جي هڪ ٻئي جي متضاد ڪيفيتن وارن بيتن جي مفهوم ۾ فرار ڳولي ٿو- ۽ هن جي اندر ۾ هڪ وک روشني ڪٽي ٽي، تہ بي وک ٻات! هڪ پَل هو پنهنجي وني‌ءَ جي پاڪرن ۾ ڪوڙجي ٿو، تہ ٻئي پل سندس ڪِڪيءَ اندرا جي معصوميت سندس اکين ۾ شرارت ڪري ٽي، ۽ هُو ڳوڙهو ڳوڙهو ٽي ڳڙي ٿو- ۽ اهڙي ماحول ۾ سندس ئي متان پَهرو ڏيندڙ سپاهي، جڏهن سندس پيشانيءَ تي شفقت جو هٿ رکي ٿو، تہ هن جي دل ۾ محبت جا جلترنگ جڙي ٿا پون: پر جڏهن سندس رهبر کي گارِ ڏجي ٽي، تہ هن جي سموري معصوميت شعلي ۾ تبديل ٿيو پوي، ۽ پنهنجيءَ سموريءَ سگهہ سان انٽيليجنس آفيسر تي وِڇ وانگي ڪڙڪي پوي ٿو، ۽ پر ۾ بينٽل سپاهي سندس هٿڪڙيءَ جي ڏڪ لڳڻ ڪري زخمي ٽي پوي ٿو. جتي هن لاءِ سگريٽ ۽ پهاڙ جيڏو مسئلو ٽي اڳيان اچي ٿو، ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ڪتابن جي اُڇ ڪيس بيچين ڪري وجهي ٽي- ۽ ان سموري عرصي دوران، غلاميءَ ۽ ذلت جي احساس هيٺ پڙڪي اُٺندڙ نفرت ئي اُهو اڪيلو ذريعو وڃي بچي ٿو، جنهن سان هو 'پوءِ ۽ زنده رهڻ' جي خواهش کي justify ڪري ٿو.

پنهنجي پاڻ سان هلندڙ اُن جنگ جي داخلي دباءَ جي باوجود، هو پنهنجي قيد جي خارجي اثرن کان ۽ آجو نہ ٿو رهي، ۽ پنهنجي ساٿي قيدين تي ٽيندڙ تشدد جي پڙ سنئين سڌي عڪاسي ڪري ٿو. اهلڪارن جي سندس ورتل رمانڊ کان ويندي، ميڊيڪل چيڪ اپ ۽ پوءِ ڪوليءَ تائين

پهچڻ، ۽ آزاد ٿيڻ تائين گهڙيءَ گهڙيءَ جي منظر نگاري ڪري ٿو. مٿس ٿيندڙ تشدد سان گڏوگڏ هيءَ قيدين تي ٿيندڙ ظلمن تي پڻ هُن جي لونءَ لونءَ ۾ لهرون اُٿن ٿيون، ۽ هو هر قيديءَ جي درد کي پنهنجو درد پائي ٿو. اُتي جڏهن هڪ قيديءَ کي پيشاب چَٽڻ لاءِ زيربار ڪجي ٿو، يا ٻئي قيديءَ تي اڻ ڏٺل قتل جي ڪيسن جي extra judicial confession لاءِ ٿيندڙ تشدد کي ڏسي ٿو، تہ اُتي موجود ڪولين ۾ واڙيل سياسي قيدين جي هيٺائي ۽ اڪيلائي share ڪري ٿو، يا وري ڪنهن قيديءَ جي چپن تي اچي ويل اوچتي، اڪيلي ۽ گهايل گيت جي لئي ۾ ترڻ لڳي ٿو، تہ سندس روح ۾ هزارين اُميدون انگورجڻ لڳن ٿيون.

هيءَ ڊائري هڪ نديڙو جهروکو آهي، جيڪو اسان کي اُنهن عذاب- گهرن جا مختلف منظر ڏيکاري ٿو، جتي ماڻهن تي زندگي منع ٿي وڃي ٿي- ۽ ائين هيءَ لکت هن دؤر جي هڪ اهم دستاويز جي حيثيت اختيار ڪري ٿي ٻيهي: جنهن مطابق اسان جو ليکڪ، هن هيڏيءَ سڄي وڻ پکڙ جو رڳو مشاهدو ڪندڙ (observer) نہ، پر اُن جو پوڳيندڙ ٿي وڃي ٿو. هن دؤر جو رائيٽر، مرزا غالب وانگر پنهنجي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي وڃڻ جي خبر تي اچي پهچندڙ، ۽ تماشي نہ ٿيڻ جي صورت ۾ مايوس ٿي واپس موٽندڙ نہ، بلڪ مصطفيٰ ارباب جي ان نظم جو ڪردار آهي، جيڪو خود ڦٽڪا لڳڻ ڪري سڏو نہ ٿو سُمهي سگهي.

هن ڊائريءَ ۾، آريسر صاحب جي تارچر سيل کان ٻاهر اچڻ کان پوءِ، مٿس گذري ويل وارتا جو يادگيريءَ جي آڌار تي ذڪر ڪيل آهي. يادن کي تہ هونئن ئي پنهنجو رومانس هوندو آهي، ويتر انهن کي آريسر جي پوليءَ انتهائي خوبصورت بنائي ڇڏيو آهي. ڪٿي ڪٿي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي، جن هو نثر ۾ شاعري ڪندو ويو آهي. گُرو رجنيش چيو هو: "جڏهن ماڻهوءَ جي من ۾ شاعري اُسرڻ لڳندي آهي، تہ اُهو ماڻهو پنهنجي سياءَ ۾ بہ ٽڙندڙ (blooming) ٿي پوندو آهي، ۽ ڪيس سموري ڪائنات جي اُٿت شاعراڻي محسوس ٿيندي آهي."

آريسر صاحب جي هن ڊائريءَ ۾ ڪافي هنڌن تي اهڙيون خوبصورت سٽون ملن ٿيون، جيڪي پڙهندڙ کي 'مُڙي ڏسڻ' واري وات تي اچي بيهارين ٿيون. مثال طور: گرفتاريءَ واري رات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"رات جو يارهين وڳي مون آخري سگريٽ دُکايو، ۽ آسمان ڏانهن ڏٺو: آڪٽوبر جي ڏڻي رات ۾ ستارا ڏاڍي سخاوت سان پنهنجي مُرڪ جي روشني، ڏرتيءَ جي من تي نچاور ڪري رهيا هيا، ۽ ٿر جي واريءَ ستارن جي مُرڪ جهٽڻ لاءِ پنهنجو ڪُشادو من کولي ڇڏيو هو. مون چؤطرف پنهنجي ڪکائين ڳوٺ تي نظر وڌي، ۽ سوچيم تہ: آمريڪين لاءِ دنيا جي شروعات وائيٽ هائوس کان ٿئي ٿي، پر منهنجيءَ پوريءَ ڪائنات جي شروعات منهنجي ڳوٺ، ۽ ڳوٺ ۾ منهنجي گهر جي اڳڻ کان شروع ٿئي ٿي، جنهن اڳڻ تي منهنجي ڏيءُ اندرا ۽ سندس ماءُ، ماضيءَ ۽ حال جي هيجان کان بي پرواهہ ٿي، ٿر جي ڏڏڙيءَ هوا ۾ ننڊ ۾ الوٽ هيون."

ائين هن جي لکڻيءَ جو، واهوندي جي واءَ جهڙو تاثر، ساڻس ٽيل زيادتيءَ جي تلخيءَ تي حاوي پئجي وڃي ٿو، ۽ پڙهندڙ کي هڪ عجيب قسم جو موهيندڙ اُتساهہ ملي ٿو- ۽ ائين محبتن، نفرتن، اڪيلائين ۽ گمنامين جا آبشار ڪرندا رهن ٿا، ۽ پڙهندڙ اُن جي سحر مان توڙ تائين ٻاهر نٿو نڪري.

آريسر صاحب هن 'عذاب نامي' ۾، هن ديس جي سڀني مظلومن جي دانهن کي سمينڊ جي ڪوشش ڪئي آهي. دانهون، جيڪي پولارن ۾ گُم ٿي ويون آهن. دانهون، عزيز آباد، ناظم آباد، پريٽ آباد، بدين ۽ متياريءَ جي گهرن جي معصوم ٻارن جون، ڏنل، هراسيل ۽ منتشر دانهون، جن کي گڏي، آريسر هڪ اهڙي ڪيڏاري کي جنم ڏيڻ چاهي ٿو، جيڪو سنڌ جي هر رهواسيءَ جي اندر جو آواز هجي- ڪاش! سنڌ جا سياسي جرنيل، "تُون ۽ آءٌ"، "ساجي ڏُر ۽ ڪابي ڏُر"، "قومي ۽ طبقاتي" سوالن جي اُٽيل ڇارن مان ٻاهر نڪرن ۽ سنڌ جي درد جي اڳواڻيءَ هيٺ، پنهنجي قافلي کي منظم ڪن، ۽ اسان کي حقيقي انساني آزادين ڏانهن وٺي وڃن؛ جتان اسين مجموعي عالمي ارتقا ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهون ۽ اُتي پنهنجن سمورن مثبت قدرن سان اثر انداز ٿي سگهون.

اقبال رند

ڪوٽ غلام محمد،

22 فيبروري 1998ع

صحرا جو آزاد هرڻ

هي پنجن مهينن ۾ چئن ڏينهن تي پکڙيل مسلسل اونداهي رات جو داستان آهي، جنهن رات ۾ هن دُنيا ۾ اُن جي ماڻهن کي صرف اندر جي اک سان ئي ڏسي سگهيس ٿي. انهيءَ رات دوران جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، سو مڪمل طرح آءٌ هن ڪتاب ۾ بيان نه ڪري سگهيو آهيان. اهو اُن ڪري، جو جنهن وقت آءٌ باهر آيس، اُن وقت منهنجي ذهني ۽ جسماني حالت انتهائي هيٺائيءَ کي پهتل هئي، ۽ قلم هٿ ۾ کڻڻ جي سگهه به نه رهي هئي. ان ڪري مُون هيءُ سڄو داستان، زباني طرح پنهنجي دوست اڪبر لغاريءَ کي ٻُڌايو، ۽ هن اُن کي قلمبند ڪيو. ايڏي وڏي ويهڪ ۽ مسلسل ڳالهائڻ ڪري ٽڪاوٽ غالب پئجي ويندي هئي، جنهنڪري واقعن، ڳالهين ۽ ڪيفيتن بيان ڪرڻ ۾ ڪوبه ربط ۽ تسلسل برقرار نه رهي سگهندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب ۾ منهنجيءَ بوليءَ وارو رَس ۽ چَسُ مڪمل طرح موجود نه آهي، تنهنڪري پڙهندڙن کي جيڪڏهن اها ڪوٽ محسوس ٿئي ته منهنجيءَ اُن حالت کي نظر ۾ رکيو وڃي.

هن داستان جي شروعات هڪڙي عجيب اتفاق سان ٿي، جو نئين ڪوٽ جي پرسان ڳوٺ هيدو شريف ۾ اسان جي دوست بشير بيوس اوڻي، جشن لطيف ڪوٺايو هو. اُن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آءٌ نئين ڪوٽ پهتس ته منهنجي ملاقات، سنڌ جي عوامي شاعر بلاول اوڻي سان ٿي، جنهن چيو ته، "جشن لطيف ۾ ته وڃين پيو، پر آءٌ ٻُڌائي ٿو ڇڏيان۽، ته سنڌ جو وڏو وزير سيد مظفر حسين شاهه اوهان جي تعلقي جو آهي، ۽ سڀ کان پهرين اوهان کي گرفتار ڪرائيندو." - ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ واقعي، آءٌ عمرڪوٽ تعلقي جي رهاڪو، سائين جي. ايم. سيد جي دوست، سيد غلام حيدر شاهه جي پُٽ، سنڌ جي وڏي وزير مظفر حسين شاهه جي حڪمرانيءَ ۾ گرفتار ٿيس. مظفر حسين شاهه، اليڪشن کان اڳ ۾ مون

وٺ آيو هو ۽ چيو هئائين تہ: "توهان کي خبر آهي تہ منهنجي خاندان جا سائين جي. ايم. سيد سان ڪهڙا واسطا رهيا آهن؟ اُهي ايتريقدر تہ گهرا هئا، جو سائين جي. ايم. سيد، جناح صاحب سان جن معاملن تي اختلاف ڪيو هو، تن مان هڪڙو منهنجي والد جي ٽڪيٽ جو مسئلو بہ هو." مون ڪلندي ڪيس چيو تہ: "ها سائين، مون کي خبر آهي، پر انهيءَ اختلاف جي نتيجي ۾ سائين جي. ايم. سيد اڄ تائين جيل ۾ آهي. آءٌ بہ توهان کي ووٽ ڪرائيندس، پوءِ شايد منهنجو حشر بہ ساڳيو ٿئي."

مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهڙيون بيساخته ڳالهيون، جيڪي اڳتي هلي سچ ثابت ٿين ٿيون، سي ڪهڙي قوت انسان کان ڳالهرائي ٿي! جڏهن تہ مظفر حسين شاهہ جي موجودگيءَ ۾ مون اهو سوچيو ئي ڪونہ هو، تہ مون سان ڪا اها ويڙن ٿيندي.

خان غفار خان هڪ پيري ٻُڌايو تہ مون زندگيءَ جو گهٽو حصو دشمنن جي جيلن ۾ گذاريو، پر جيڪو عرصو مون ون يونٽ واري دؤر ۾ جيل اندر گذاريو، سو انتهائي سخت هو، چو تہ ان وقت مغربي پاڪستان جو وڏو وزير منهنجو پاءُ هو. اهڙيءَ طرح مون بہ جيلن ۾ ڪافي عرصو سياسي مخالفن جي حڪومتن ۾ گذاريو آهي، پر جيڪا سختي، منهنجي ڪُوٽائيءَ سيد مظفر حسين شاهہ جي دؤر ۾ مون سان ٿي، سا اڳي ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي. حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ شاهہ صاحب جو صلاحڪار، منهنجو پراڻو سياسي رفيق سيد شاهہ محمد شاهہ هو. ان مان محسوس ٿئي ٿو تہ اقتدار اهڙو انڌو ديوَ آهي، جيڪو رفاقتن جون راهون لتاڙي، پنهنجا پيچرا ٺاهيندو آهي، ۽ پنهنجي اقتدار جي بک مٽائڻ لاءِ پنهنجن ئي پوڄارين کي کائيندو آهي!

تارچر سيل جي هن مسلسل اونداهيءَ رات ۾ جڏهن اها بہ خبر نہ هوندي هئي، تہ باهر چا وهي واپري پيو، اُن وقت انسان کي اهو سڀ ڪجهہ سهڻ جي سگهہ، هڪڙي ئي شيءِ بخشي سگهي ٿي: اُها آهي باعزت ۽ باوقار زندگيءَ سان پيار- زندگي اهڙي طريقي سان گذارجي، جو فرد کان وٺي اجتماع جي وچ ۾ ماڻهو اوچي ڳاٽ سان ڳالهائي سگهي. معافيون وٺي بہ ماڻهو جيئرو رهي سگهي ٿو، اعتراف جرم ڪري بہ ماڻهو حياتيءَ جي ڏوريءَ کي ڏگهو ڪري سگهي ٿو، ۽ آيجنٽ بنجي بہ ماڻهو

زندگيءَ جي ڏينهن ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو: پر اهڙي زندگي، اهو ڪينسر جو روگ آهي، جو هر ڏينهن، ماڻهوءَ جي ذهن ۽ ضمير کي اندران ئي اندران کوريندو رهندو آهي- ۽ جڏهن اهڙو ماڻهو. خاص ڪري سياسي ڪارڪن، مجمعن ۾ بهادريءَ واريون ڳالهيون ڪندو آهي، تہ اُن وقت مون کي محسوس ٿيندو آهي، تہ جڻ ڪا هڪ طوائف، عصمت جي عظمت تي ليڪچر ڏئي رهي آهي، ۽ هو پاڻ بہ شايد ائين ئي محسوس ڪندو هجي!

انهيءَ ئي اونداهيءَ رات (ٽارچر سيل) ۾ رهندي، مون تي عجيب انڪشاف ٿيا. اي. زيڊ. او (الذوالفقار آرگنائيزيشن) وارن مون کي چيو تہ، "اسان سڀ ڪجهہ ٻُڌائي ڇڏيو آهي، چو تہ 'ڊاڪٽر صاحب' (مرتضي پُٹي جو مخفي نالو 'ڊاڪٽر صاحب' هو.) جو اسان کي چوڻ هو تہ ڪل بچائڻ کان ايجنسين وٽ اعتراف ڪجو، پر ڪورٽن ۾ ڦري وڃجو." مون کين چيو تہ ايجنسين وارن کي تہ معلومات ٿي کپي، ڪورٽن تائين وڃڻ جو تہ هنن جو ڪوبہ ارادو ڪونهي- ۽ اها معلومات اوهان ڏئي ٿا چڏيو، تہ پوءِ ڪل بچائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ان مان رڳو توهان جي حيثيت جي هنن کي خبر پوي ٿي، پر توهان جا دوست بہ هنن جي نظرن ۾ اچن ٿا- ۽ اهو ڪهڙو انقلابي اُستاد آهي، جيڪو شاگردن کي ضمير بچائڻ جي بدران ڪل بچائڻ جي تلقين ڪري ٿو! جڏهن تہ دنيا جي انقلابين تہ پنهنجي ڪارڪنن کي اها هدايت ڪئي آهي تہ: 'ساهہ وڃي، پر ويساهہ نہ وڃي'- ۽ مون کين ٻُڌايو تہ ڪيوبا جي انقلاب دوران، هڪ چوڪريءَ وٽ سندس پاڻ جي اک ڪوري ڪڍي آندي وئي، ۽ ڪيس چيو ويو تہ، "اسان تنهنجي پاڻ جو هيءُ حشر ڪيو آهي، جيڪڏهن تون انقلاب جا راز تہ ٻُڌائيندينءَ، تہ توسان بہ اهو ئي حشر ڪيو ويندو." تہ هن جواب ڏنو تہ، "جڏهن منهنجي پاڻ پنهنجي روشني ختم ڪري، انقلاب جي روشنيءَ کي اُجهامڻ نہ ڏنو آهي، تہ آءٌ پنهنجي پاڻ جي محبت کي انقلاب جي محبت تان قربان ٿي ڪريان."

ها. آدرشن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ديس جي ڏرتين تان جلاوطني، وطن جي مٽيءَ تان بيدخلي، چانڊوڪين جي چاهتن ۽ پنهنجي پيارين محبتن کي بہ قربان ڪرڻو پوندو آهي، تہ جيئن ديس تي اهڙو واهوندو وري، جو

محبتون دائمي بنجي وڃن، چانڊوڪين جي روشني جهيڙي نه ٿئي ۽ زندگي، بهارن جا ڳاڙها گپ بنجي وڃي- ۽ ڪوئي نوجوان ڳالهائڻ وقت، بندنجي اعترافن جي بار هيٺان جهڪيل ۽ شرمندو نه هجي.

پيو انڪشاف مون تي تارچرسيل مان باهر نڪرڻ کان پوءِ اهو ٿيو، ته سنڌ جي هڪڙي خوبصورت تقرير ڪندڙ ليڊر پنهنجو اعتراف نامو پنجويهه صفحن تي لکي ڏنو ته، "اسان واقعي دشمن ملڪ جي ايجنسيءَ سان لاڳاپيل هياسون، ۽ ان جي ڪنهن اعليٰ آفيسر کي اسان هتي جون حساس جايون ڏيکاريون هيون." هُن اهو به چيو ته: "آءٌ پنهنجي اُن عمل تي شرمسار آهيان ۽ آئيندي اهڙي حرڪت نه ڪندس." باوجود ان اعتراف نامي جي، هن کي آزاد نه ڪيو ويو. تڏهن هو اهو چوڻ لڳو ته: "بابا! آءٌ جي. ايڇ. ڪيو جو قيدي آهيان ۽ مون کي چڏڻ ڪنهن سِول حڪومت جي وس ۾ نه آهي."

- ۽ پوءِ اهو ليڊر جڏهن سول حڪومت جي دؤر ۾ آزاد ٿيو، تڏهن چوڻ لڳو ته، "اسان دؤرن جا قيدي آهيون. هڪڙي حڪومت جي دؤر ۾ قيد ٿيندا آهيون، ۽ ٻيءَ حڪومت جي دؤر ۾ آزاد ٿيندا آهيون."

اُن جي ٻئي ساٿيءَ، باهر اچڻ کان پوءِ اهو چيو هو ته، "آءٌ سياست تان رٽائر ٿو ڪريان، چو ته ايجنسين وٽان موتي اڇي سياست صرف اهو ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جيڪو يا ته فولادي عزم جو مالڪ هجي، يا ايجنسين جي چوڻ تي سياست ڪري. آءٌ نه فولادي عزم وارو آهيان، ۽ نه ئي ايجنسين جي چوڻ تي سياست ڪري سگهان ٿو." سنڌس انهيءَ بيان تي ان وقت جي سنڌي صحافت جي هڪ نه وسرندڙ ڪردار، فقير محمد لاشاريءَ لکيو هو ته، "شعور ڪڏهن رٽائر نه ٿيندو آهي،" ۽ اُن ۾ هن منهنجو حوالو ڏنو هو، پر ان باندي ليڊر جو حوالو نه ڏنو هو.

هتي بنيادي سوال اهو ٿو اُٿي ته آخرڪار سنڌ جو شعور، جيڪو مهاراجا ڏاهر کان سائين جي. ايم. سيد تائين، جسم جي ڪيڇ ۽ ڪورجڻ جي باوجود شڪست قبول نه ڪندو آيو آهي، انهيءَ شعور کي ايترو هيٺو ۽ ذلت واري زندگيءَ سان پيار ڪندڙ، ڪهڙيءَ مٽيءَ بنايو آهي؟ ڇا زندگيءَ سان پيار واري فلسفي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته اهو زندگيءَ سان

پيار نه اهي. زندگيءَ سان پيار اهو ئي آهي ته اسين زنده رهڻ چاهيون ٿا، ان لاءِ ته پنهنجي قوم جي ڀارن جي چپن تي مُرڪ برقرار رکون. پنهنجيءَ سرزمين جي تقدس کي پائمال ڪرڻ لاءِ ايندڙ قومن جون تنگون ڇڪي ڇڏيون. پنهنجي ڪنوارين جي اُرهن جي پاڪيزگي اڄن برقرار رکون، جيئن مسلمانِ قرآن جي ورقن، ۽ هندو گيتا جي اشلوڪن جي پاڪيزگي قائم رکندا آهن. ڌرتيءَ جي چانبوڪي ميرانجهڙي نه ٿئي؛ مور جي نڙيءَ ۾ گيت اٽڪي نه پون؛ تاڙن جي تنوارن کي کائي روڪ ٽوڪ نه هجي، ۽ آسمان جي ماڻهوءَ جو مانُ اڄن مٿانهون هجي، جيئن حيدر بخش جتوئي- جي شهيد جو موڙ مٿانهون هوندو هو- ۽ هي زندگي اها آهي، جيڪا چارلس نيپيئر کان وٺي جهانگير ڪرامت تائين سمورن طاقتورن جا بوٽ صاف ڪندي، نائونمل کان وٺي اڄ تائينءَ جا ڪجهه ليڊر گذارينداَ آيا آهن. زندگيءَ سان اهڙو پيار کائي حيثيت نٿو رکي. انهيءَ زندگيءَ تي موت وحشيانه تهڪ ڏيندو آهي. اهڙا ماڻهو، جسماني طرح زنده ۽ ذهني طرح مرده هوندا آهن. بهادر جو موت، هڪ پيري ٿيندو آهي، ۽ بُزدلَ، حاڪمن جي اڳيان پنهنجي عزت سميت بار بار مرندو آهي.

ٻيو سبب ڇا اها حڪمت عملي آهي، ته جيئن ٽيئن ڪري آزاد ٿيون، ۽ پوءِ صفون درست ڪري ٻيهر وڙهون؟ جيڪڏهن اهو سبب آهي ته اُهو منظم سياسي ادارن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ واري عرصي جو بدترين سبب آهي. ۽ خصوصاً ننڍي کنڊ جي روايتن جي بلڪل ابتڙ ۽ انهن کي مليامينٽ ڪندڙ آهي. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا موجود آهن، جن ۾ قيدي معافي ناما وٺي نڪتا، ۽ مٽن سنڊن گهر وارن به ايڏي لعنت ملامت ڪئي، جو اُهي شرم وچان آپگهات ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

افسوس اهو آهي ته سنڌ جي عام ماڻهوءَ ته ڇهيو، پر اهلِ قلم صحافين ۽ دانشورن ۾ به اهو جذبو نه رهيو آهي، جيڪو راجستاني سيتا، پٽڻ گل مهر ۽ سنڌي مٽيارڻ ٻيبي پيرغلام مجدد جتي والدہ ۾ موجود هو- ۽ انهيءَ جذبي جي اثاث ئي ليڊرن کي حڪمت عملين جي آڙ ۾ بزدلي- واري زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو آهي، ۽ حاڪمن آڏو سنڌ جي شعور کي ذليل ۽ رُسوا ڪيو آهي.

پر آءٌ سمجهان ٿو ته اهو سبب به نه آهي، ڇو ته ٽارچر سيلن مان ٻاهر ايندڙن جي اڪثريت پنهنجا پراڻا رستا، نظريا ۽ گس بدلائي، اقتداري ايوانن ڏانهن ويندڙ رستا اختيار ڪيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ مون کي ۽ منهنجيءَ پارٽيءَ وارن کي اهو چيو ويو ته 'نوان نعرا، نوان آدرش ۽ نوان رستا اختيار ڪري اڳتي وڌو ته گڏجون.' پر انهن کي خبر ناهي ته نعرا، آدرش ۽ نظريا، بلڪل ائين پراڻا نه ٿيندا آهن، جيئن سڄ جي شفق، چند جي چانڊوڪي ۽ ڪارونجهر جي دلڪشي پراڻي نه ٿيندي آهي- ۽ اها هر ڪنهن ڏينهن نئين هوندي آهي.

ٻيون سبب جيڪو آءٌ سمجهي سگهيو آهيان، سو آهي قومپرستيءَ ۽ عوام دوستيءَ جي ٻنهي ۾ مفاد دوستي ۽ پيٽ پرستي، جيڪا سياسي ڪارڪن کي توڙهه تائب ٿيڻ جا دلاسا ڏئي، دولت ميڙڻ لاءِ اُتساهيندي ۽ آٽائن اڳيان گوڏا ڪوڙائيندي آهي- ۽ انهيءَ سبب جي ڪري سڃيءَ سنڌ جو شعور گهٽي پاڳي عقاب سان اڪيون اٽڪائڻ واري سگهه وڃائي وينو آهي. پر ان جو اهو به مطلب نه آهي ته سڃيءَ سنڌ جو شعور ڪو سنڌ ٿي ويو آهي. ايڏا به ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جن سَن جي ساگر مان سُرڪي پيتي هئي، سي پنهنجي سپني اوٽاين، ڪمزورين ۽ عيبن جي باوجود نيپئر جي وارثن جي سامهون جُهڪڻ کي مارئيءَ جي عصمت جي لُٽجڻ جي برابر سمجهن ٿا.

هيءُ سڄو داستان، انهيءَ لازوال سُرڪيءَ جي خُمار آلود ڪيفيتن جو اظهار آهي، جيڪا اڄ به چئي رهي آهي ته:

"آءٌ صحرا جو آزاد هرڻ آهيان، جنهن کي به شوق هجي،
سر مون کي شڪار اچي ڪري ڏسي!"

هتي آءٌ هڪڙي بي گالهه جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو، ته ڪنهن ماڻهوءَ کي قيد ڪرڻ ۾، قابض قوتن جو مقصد هوندو آهي، ته هن کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان جيئڻ، گهُمڻ، سوچڻ ۽ ماڻهن سان ملڻ کان روڪڻ- خاص ڪري سياسي ماڻهن کي قيد ڪرڻ جو مطلب عوام سان رابطي ڪٽڻ جي ڪوشش هوندي آهي، جيئن مثبت مقصد ۽ پنهنجي نظريي جي هو پرچار ڪري نه سگهي- ۽ ان جي پيٽ ۾ اهڙين منفي قوتن

کي آزادي ۽ حوصلا افزائي ملندي آهي، جيئن اُهي قيد ٿيندڙ ماڻهوءَ جي مقصد جي خلاف پروپيگنڊا ڪري سگهن، جنهن جا ٻه مثال ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ملن ٿا:

(۱) ٻي جنگ عظيم دوران ڪانگريس جي سموريءَ قيادت کي قيد ڪرڻ، ۽ مسلم ليگ جي سموريءَ قيادت کي نه رڳو آزادي ڏيڻ، پر سندن حوصلا افزائي ڪرڻ- اهو ئي سبب آهي جو ننڍي کنڊ جي ورهاست جي زبردست تبليغ اُنهن ئي پنجن سالن 1942ع کان 1947ع دوران ٿي.

(۲) سنڌ ۾ سائين جي. ايم. سيد کي مسلسل قيد ۽ نظربند رکڻ ۽ سندس مخالف قوتن کي نه رڳو جسماني آزادي، پر مالي ۽ معاشي آزاديءَ سان گڏ، پروپيگنڊا ڪرڻ جي ٻه پرپور آزادي ڏني وئي. نتيجي ۾ سائين جي. ايم. سيد، جنهن کي 1946ع ۾ جناح هڪڙي اهڙي باهه ڪوٺيو هو، جنهن کي وسائڻ جي ڪنهن ۾ ٻه طاقت نه هئي، سو پنهنجي عوام کان مڪمل طرح جسماني، قلمي ۽ تبليغي طرح ڪٽجي ويو ۽ اها باهه، جنهن کي جناح 'نه وسامندڙ' ڪوٺيو هو، سا وقتي طرح پنهنجو تاب ۽ تپش برقرار رکي نه سگهي.

- ۽ ٻيو ڪنهن قيديءَ تي تشدد ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي، ته اُن کي ذهني ۽ جسماني طرح ايترو توڙي ڇڄجي، جو هو کاٻه سرگرمي جاري رکي نه سگهي، ۽ پوءِ هو يا ته حڪمرانن جو بوٽ چٽائو ٻنجي وڃي، يا صوفيت جي فراري طريقي تي عمل ڪندي، گوشه نشين ٿي وڃي.

اهڙي تارچر دوران ذهني توڙ ٽوڙ کان اهو ئي قيدي بچي سگهي ٿو، جنهن وٽ ڪوئي نصيب العين هجي. ڪو آدرش هجي. **اهڙو آدرش، جيڪو اکين تي پٽي ٻڌل هوندي ٻه، هن جي سامهون چوڌاهينءَ جي چند وانگر چمڪندو رهي. هن کي پنهنجي نصب العين تي ايترو يقين هجي، جيترو يقين کيس پنهنجي انسان هجڻ جو هوندو آهي.** اهڙي قسم جا ماڻهو، چچريل جسم، رت هاڻين اکين ۽ بي ست عضون جي باوجود، صحتمند ماريندڙن کان وڌيڪ پنهنجي دل ۽ دماغ جي هوٽي کي تروتازه رکندا آهن- جيئن جيولس فيوچڪ، نازي تارچر سيل ۾ رت جون گُرڙيون هاريندي، ظاهر ڪيو هو. جڏهن هن لکيو هو ته: "توهان مون کي ماري ڇڏيو، پر آءٌ

پنهنجن هيٺن چپن سان انٽرنيشنل (ترانو) ڳايان ٿو ۽ مون کي يقين آهي ته ريڊ آرمي ۽ منهنجي وطن جا گوريلا گڏجي، برلن ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ هٽلر جي کوپڙيءَ تي هٿوڑو هٻي رهيا آهن. فتح اسان جي آهي."

- پوءِ جيولس فيوچڪ نه رهيو، پر دنيا ڏٺو ته برلن ۾ سڀ کان پهرين جيڪو فوجي دستو داخل ٿيو، سو ريڊ آرميءَ جيڪ گوريلن جو هو.

اهو آهي واضح مقصد، ۽ اُن سان مڪمل وابستگيءَ جو مڪمل ثبوت!

سنڌ ۾ بدقسمتي اها رهي آهي ته جيڪي سياسي پارٽيون، گروهه ۽ ٽولا، نالي چمڪائڻ، پيٽ پوڄا، شهرت ۽ نمائش لاءِ سرگرم آهن، تن وٽ ڪو واضح نصب العين نه آهي. ڪڏهن هو اليڪشن جي پٺيان دوڙن ٿا، ڪڏهن جمهوريت جو راڳ آلاپين ٿا، ۽ ڪڏهن 'مبهم انقلاب' جي ڳالهه ڪن ٿا، پر انهن شين ۾ به سندن ويساهه نه آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪارڪن کي پنهنجي آدرش سان عشق هو، ته اهو صرف ندير عباسي هو، باقي ترقي پسندي، جمهوريت پسندي ۽ عوامي انقلابيت جا نعرا هڻندڙ سڀ ڪاپي ڪندڙ آهن- ۽ ظاهر ڳالهه آهي ته ڪاپي ڪندڙ جي نه ذهني سطح بُلند هوندي آهي، ۽ نه ئي شعوري سطح روشن هوندي آهي.

باقي جيستائين منهنجو تعلق آهي ته آءٌ هڪ اهڙي عظيم انسان ۽ اُن جي تحريڪ سان لاڳاپيل هئس، جنهن کي پنهنجي نصب العين جي ڪاميابيءَ ۽ سچائيءَ تي ايترو ئي يقين هو، جيترو سياڻي جي سج اُپرڻ تي ماڻهوءَ کي يقين هوندو آهي، ان ڪري آءٌ ذهني ٽوڙ ڦوڙ ڪان پڇي ويس- ۽ جڏهن آءٌ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ جي اُن عظيم انسان سان مليس ته مون کان پڇيائين ته، "ڪيئن آهين؟" مون چيو، "سائين! ايمان ۽ جان ٻئي سلامت ڪٽي آيو آهيان." چيائين، "عشق به سلامت ڪٽي آيو آهين، يا...؟" عرض ڪيم ته، "جي عشق سلامت نه هجي ها، ته ايمان ۽ جان ٻئي سلامت نه رهي سگهن ها."

اُن ڪري آءٌ ڪارڪنن کي ۽ سنڌي ماڻهن کي اهو مشورو ڏيندس ته قربانيون ڏيو، پر ڪنهن واضح مقصد لاءِ، ۽ اُن مقصد جي سچائيءَ ۽ ڪاميابيءَ تي مڪمل يقين سان! بيءَ صورت ۾ قابض قوتن جو تاريخ سموريءَ قوم کي چرين ۽ پاڳلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو، ۽ نتيجي طور

انهيءَ پاڳلپڻي کان بچڻ لاءِ اوهان اهڙي زندگيءَ پٺيان تي مجبور ٿيندؤ، جيڪا عزت سميت روز مرندي آهي.

سنڌي قوم جي بدقسمتي اها رهي آهي، ته اُن **غلام شاهه ڪلهوڙي** جي وفات کان پوءِ، آزادي ۽ اُن جي لذت ۽ مزن کي ڏٺو ئي نه آهي. سائنس جو هڪڙو اصول اهو به آهي ته جنهن عضوي کان ڪم نه ونبو آهي، ته اهو ڪجهه وقت کان پوءِ ناڪاره ۽ آخر ۾ ختم ٿي ويندو آهي. انهيءَ اصول موجب سنڌي قوم مان آزاديءَ جي لذتن، مزن، خوشين ۽ مسرتن واري حسَ ئي ختم ٿي وئي آهي. اُها صرف سائين جي. ايم. سيد ۽ اُن جي هلچل ئي آهي، جنهن سنڌين کي آزاديءَ جو وساريل خواب ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي- ۽ اهو خواب، جيستائين پنهنجن سمورن خوبصورت منظرن سميت سنڌي ماڻهن جي من جي مندرن ۾، سانجهيءَ ٽاڻي پرندڙ ڏيئي وانگر روشن نه ٿو ٿئي، تيستائين سنڌ جا نوجوان مختلف نعرن، نظرين، لالچن ۽ سرابن ۾ پٽڪندا رهندا، ۽ پوءِ ٽارچر سيلن ۾ ڪنهن واضح نصب العين نه هڻڻ ڪري، اعتراف جرم ڪري، باهر نڪري ايندا.

مون پنهنجي هن داستان ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته مختلف پارٽين جا ڪارڪن، ٽارچر سيل ۾ روئيندا هئا، ۽ خدا کان دُعا گهرندا هئا ته، "يا الله! اسان کان هيءُ ڏوهه ٿيو آهي. اهو معاف ڪر، وري نه ڪنداسين." اتي آءٌ کين چوندو هوس ته، "بابا! توهان جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو ڏوهه نه آهي. پنهنجي عمل تي پشيماني پاڻ ٻائپ جي شروعات آهي. توهان اهو يقين ڪريو ته اسان جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، اهو اسان جو حق هو، ۽ اسان انهيءَ حق لاءِ وري وري جدوجهد ڪنداسين."

- ۽ مون تي جيڪي به الزام مڙهيا ويا، تن کي مون ڪڏهن به ڏوهه يا جُرم نه سمجهيو، ۽ مون سمجهيو ته اهو منهنجو حق هو، جنهن لاءِ آءٌ جدوجهد ڪندو آيو آهيان ۽ ڪندس.-چوته مون فلسفي ۾ اهو پڙهيو آهي ته، '**اهو ماڻهو ڏهي پوندو آهي، جيڪو پنهنجي عمل تي پشيمان ٿيندو آهي، ۽ ان کي ڏوهه سمجهندو آهي.**' انهيءَ معاملي ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي خاص طرح اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي، ته سياڻي ۽ آزاديءَ جي نعري جي ڏوهه ۾، ڪهڙي به امتحان مان گذري سگهن ٿا. ۽

اُتي اُهي آزاديءَ جي نعري کي جُرم نہ سمجهن. بلڪل ائين سمجهن، جيئن محبوبا کي چُمي ڏيڻ سندن حق آهي- ۽ اسان جهڙا ڪمزور ماڻهو تارچر سيلن مان، جان، ايمان ۽ عشق سلامت صرف انهيءَ جذبي تحت ڪٽي آيا آهن. آءٌ سمجهان ٿو ته عشق جي امتحان جا مرحلا اڃا ختم نہ ٿيا آهن:

ستارون سے آگے جهان اور بهي هين
ابهي عشق مين امتحان اور بهي هين

هن موقعي تي آءٌ پنهنجي سياسي رفيق علي حسن چانڊيي، يوسف لغاريءَ، جناب نورالدين سرڪيءَ، ۽ مجيب پيرزادي جو خاص ٿورائتو آهيان، جن مون جهڙي هڪڙي ناتوان فقير جي پرپور قانوني مدد ڪئي- ۽ خاص ڪري علي حسن چانڊيي جو احسانمند آهيان، جو ٽرپارڪر مان جڏهن ڪوبہ ماڻهو، مائٽ، ذات وارو يا منهنجو پٽيشنر ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو، تڏهن هو منهنجو مائٽ سڏائي، منهنجو پٽيشنر ٿيو- ۽ ائين شايد ئي ڪو وڪيل ڪنهن قيديءَ جو پٽيشنر ٿيو هجي! آءٌ سنڌي پريس جو بہ شڪرگزار آهيان، جنهن منهنجي ڪيس کي مؤثر طريقي سان ڪنيو. ان ۾ خاص طور تي حيدرآباد جي منهجن دوست صحافين کان سواءِ، مرحوم ف.م. لاشاري ۽ خاص ڪري سراج ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جنهن جاڳو اخبار ۾ مون تي خاص مضمون لکيو، جنهن ۾ لکيائين ته، **"آرميءَ وارن هڪ اهڙي ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو آهي، جيڪو صرف دليل جي سياست ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن سنڌ ۾ ڏهه اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا ته يقينن سنڌ آزاد ٿي ويندي."** ان ۾ آءٌ پنهنجي تعريف تي خوش نہ آهيان، پر هن جي آزاديءَ سان ڪمٽمينٽ جو سنڌي دانشورن ۾ ڪو جواب ئي نہ آهي.

آءٌ خاص ڪري ان وقت جي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، **جناب ناصر اسلم زاهد جو ٿورائتو آهيان، جو هن سنڌ جي عدالتي وقار جو مانُ رکيو، بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ طرح مولوي تميزالدين جي ڪيس ۾ جسٽس خميساڻيءَ رکيو هو.** ناصر اسلم زاهد هڪ عجيب شخصيت آهي. منهنجي آزاديءَ کان پوءِ، هوٽل فنڊاڪ ۾ هڪ فنڪشن ٿيو، جيڪو ناصر اسلم زاهد جي اعزاز ۾ سڏايو ويو هو. ان ۾ مون کي بہ گهرايو ويو هو، پر اسٽيج سيڪريٽري جيئن ته هڪ خاص گروپ جو دوست هو، ان مون کي تقرير

ڪرڻ لاءِ نہ ڳهرايو، باوجود اُن جي جو لسٽ ۾ منهنجو نالو به هو. پر بعد ۾ هن کي ڪدرائنو ئي پيم. اُتي سڀ تقريرون انگريزيءَ ۾ ٿيون، ۽ منهنجي دوست رسول بخش پليجي جڏهن تقرير شروع ڪندي چيو ته، "آءٌ جيڏهن سنڌي ۾ ڳالهايان ٿو ته چيف جسٽس نہ سمجهندو، ۽ جي انگريزي ۾ ڳالهايان ٿو ته ڪيترا سامعين نہ سمجهندا، تنهنڪري اردوءَ ۾ ڳالهايان ٿو-" ۽ ان تقرير ۾ هن ناصر اسلم زاهد جي بي پناهه تعريف ڪئي. ان کان پوءِ جڏهن جسٽس ناصر اسلم زاهد تقرير لاءِ اُٿيو ته هن چيو ته، "آءٌ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ته نہ وينو هئس، جو توهان سڀ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهيو! آءٌ سنڌي آهيان، ۽ آءٌ سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندس. تنهن کان پوءِ اردوءَ ۾ ڪندس ۽ آخر ۾ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندس، پر آءٌ حيران آهيان ته پليجي صاحب منهنجي هيڏي تعريف چو ڪئي آهي؟ شايد مون ڪڏهن ڪو هن جو ناجائز ڪم ڪيو آهي؟ پر مون کي نہ ٿو سُجهي ته ڪو مون ائين ڪيو هجي. ممڪن آهي ته هو هاڻي منهنجي تعريف ڪري، ڪو ناجائز ڪم ونڻ چاهي ٿو!"

آءٌ هتي اهو واضح ڪندو هلان ته جڏهن آرميءَ وارن مون تان ڪيس واپس ورتو، تہ اُن وقت جسٽس ناصر اسلم زاهد اهو فيصلو ڏنوته، "ڏيکا! قيدي بيگناهه آهي، پر پنج مهينا ۽ چار ڏينهن، توهان جيڪا هن جي جسماني، ذهني ۽ مادي سگهه وڃائي آهي، انهيءَ تي هرجائي جي دعويٰ جو آءٌ ڪيس حق ڏيان ٿو- ۽ هو جڏهن چاهي، اهڙو ڪيس داخل ڪري سگهي ٿو."

آ ظالم، ستمگر هُنر آزمائين،
تو تير آزما، هم جگر آزمائين.

- عبدالواحد آريسر

اسان جيئن جيئي پلا کو جهان ۾!

مئي 1992ع ۾ هوٽل فتاح حيدرآباد ۾، سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ طرفان جسٽس دراب پٽيل جي صدارت هيٺ ٽيل سيمينار ۾، جنهن جو عنوان هو: "سنڌ ۾ انساني حقن جي لٽاڑ" - سنڌ جا سپيئي دانشور، عالم، اديب ۽ قانوندان، ۽ پنجاب کان آيل ميڊم ايلس فيض، موجود هئا. ان موقعي تي مون تقرير ڪندي چيو هو ته، "انسان جا بنيادي حق ٽي آهن: **زندگي، آزادي ۽ محبت جي تلاش**- پر هتي، هن مُلڪ ۾ انسان جي پهرئين بنيادي حق، يعني زندگيءَ جي به ضمانت نه آهي. ٽنڊي بهاول سانحي کان پوءِ يوسف جڪراڻيءَ جي وحشياڻي قتل، انسان جهڙن غريب ورڪرن تي اهو تاثر چڏيو آهي، ته جڏهن سنڌ جي هڪ طاقتور جڪراڻي قبيلي جي فرد کي ائين لٽن، مُڪن ۽ ٻڌن سان ماريو وڃي ٿو، ته پوءِ انسان جهڙن غريب ورڪرن جي ڪهڙي حيثيت رهي ٿي؟ اي ظالمو! جا خدا تعالي هن اپاڃيءَ ڌرتيءَ جي سنڌي ماڻهن جا هي خوبصورت جسم، اُنهيءَ لاءِ پيدا ڪيا آهن، ته جيئن اوهان انهن ۾ گولين جا فصل پوکيندا رهو؟ پر ياد رکو ته انهن خوبصورت جسمن ۾ پوکيل گولين، ڪنهن وقت قيامت جي زلزلي وانگر فيصلي ڪرڻ باهر نڪرنديون، ۽ ظالم قوتن جي بڻياد کي ناس ڪري چڏينديون."

سر ۽ اي وڌيڪ چيو هو ته، "ڪنهن ملڪ جا اهل حڪمران، پنهنجن پڇن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم ڏيندا آهن، پر پاڪستان جي نااهل حڪمرانن، انسان جي نئين نسل جي هٿن ۾ هيروئن جون پڙيون، ۽ سنڌن جسمن ۾ ڪلاشنڪوف جون گولين پوکيون آهن، ۽ انهيءَ جو نالو 'اسلامي ڪلچر' رکيو آهي.

منهنجيءَ زندگيءَ جو مقصد اهو آهي، ته آءُ آزاد سنڌ ۾ هر گولي ناهيندڙ ماڻهو، ۽ هر بارود بنائيندڙ ڪارخاني کي تباهه ڪري چڏيان. اڄ منهنجي

ڏهن ۾ آمريڪي صدر ٽامس جيفرسن جا اهي جملا گونجي رهيا آهن ته، 'فساد ۽ خونريزيءَ ۾ مبتلا هن دنيا ۾، مون کي جيڪڏهن اهو يقين ٿي وڃي ته صرف هڪ مرد ۽ هڪ عورت زنده رهندا، جيڪي پاڻ ۾ محبت ڪندا ۽ آزاد نسل کي جنم ڏيندا، ته آءٌ انهن ٻن شخصن جي زندگيءَ، آزاديءَ ۽ محبت کي قائم رکڻ لاءِ، پوريءَ دنيا سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيان، ڇو ته منهنجيءَ انهيءَ ويڑهه جي نتيجي ۾، دنيا ۾ تشدد، وحشيت، بالادستي ۽ خوف ختم ٿي ويندا.' پر مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ آمريڪا خود، پنهنجي مرحوم صدر جي قولن تي عمل نه پيو ڪري. ان ڪري دنيا ۾ بيشمار مرد ۽ عورتون، زندگيءَ، آزاديءَ ۽ محبت جي ڳولا ۾ ختم ٿي رهيا آهن- ۽ جيفرسن جا پوئلڳ انسانيت کي آزاد ۽ محبت پري زندگيءَ ڏيڻ بدران، بيشمار مهلڪ هٿيارن سان تباهه پيا ڪن.

اي عالمي امن جا علمبردارو! اڇو ته گڏجي مهلڪ هٿيارن جو خاتمو ڪريون، ۽ امن جي رنگين غبارن کي فضائن ۾ اُڏايون! بهادري انهيءَ ۾ ناهي ته ڪير ڪيترا ماڻهو ماري ٿو، پر بهادري انهيءَ ۾ آهي ته ڪير ڪيترن ماڻهن کي زندگي ڏئي ٿو. جيڪڏهن ماڻهو مارڻ بهادري آهي ته پوءِ نانگ، بلائون، وڇون، شينهن ۽ بگهڙ، ڪائنات ۾ بهادر ترين جيو ليکيا وڃن ها، پر ڪنهن به ڏاهي انسان انهن کي بهادر نه، پر موذي جانور قرار ڏنو آهي. اڇو ته بهادر ٿيون، موذي نه!"

جنهن وقت آءٌ اهي لفظ چئي هوٽل مان ٻاهر نڪتو هئس، ته حيدرآباد جي هڪ خوبصورت ۽ مقبول ترين عورت مون کي چيو هو ته، "توهان ڏاڍي خوبصورت تقرير ڪئي آهي!" آءٌ اها تعريف ٻُڌي خوش ٿي رهيو هئس، پر اُن وقت منهنجي خواب ۾ به اها ڳالهه نه هئي، ته انهيءَ آپريشن جو شڪار آءٌ پاڻ جلد ٿيڻ وارو آهيان.

انهيءَ سيمينار کان پوءِ آءٌ سنڌ جي دوري تي نڪتس، ۽ مون هر جڳهه تي عام ماڻهن ۽ سياسي ڪارڪنن کان اهو ٻڌو، ته آپريشن جو شڪار سماجي ڏوهارين کان وڌيڪ، سياسي ڪارڪن بنجي رهيا آهن. ان صورتحال کي ڏسي مون پنهنجين تقريرن ۾ هڪ جملي جو واڌارو ڪيو، جنهن جو روءِ سخن سنڌ حڪومت ۽ آپريشن اثارتيءَ ڏانهن هو. اهو جملو

هيءُ هو تہ، "اي آپريشن ڪندڙؤ ءِ ان جي اجازت ڏيندڙؤ! اوهان پاڻ آپريشن جون حدون مقرر ڪري آيا آهيو، ۽ جيڪڏهن انهن کي اورانگهيندؤ، تہ سڄو جو نوجوان اوهان جون جاگرافيائي سرحدون اورانگهڻ تي مجبور ٿيندو!"

مون کي انهيءَ جملي جي مفهوم جي چگيءَ طرح خبر هئي، ڇو تہ آءٌ انهن تقرير ڪندڙن مان نہ آهيان، جيڪي تقرير جي جوش ۾ بي معنيٰ ڳالهيون ڪندا آهن، ۽ پوءِ چيل لفظن جي ذميواري قبولڻ کان انڪار ڪندا آهن.

آءٌ اهو دورو ڪراچيءَ ۾ پورو ڪري، ڳوٺ اچي رهيو هُئس تہ ڪوئٽڙيءَ ۾ مون سان رسول بخش پليجي جا ساٿي، عالم شاهہ ۽ پيا ملیا ۽ انهن مون کي پليجي صاحب طرفان دعوت ڏني، تہ پليجو صاحب بهارين جي اڇڻ جي خلاف آڪٽوبر ۾ هوٽل نٽاز ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوائي رهيو آهي، جنهن ۾ تنهنجي لاءِ عمرڪوٽ، ڪراچيءَ ۽ ڪوئٽڙيءَ ۾ مختلف ماڻهن کي مقرر ڪيو ويو آهي تہ جتي بہ ملي، شريڪ ٿيڻ جي شرط سان دعوت ڏني وڃي. (آءٌ پليجي جي ان ڪانفرنس ۽ دعوت تي حيران آهيان، ڇو تہ ان وقت ضرورت هڪ اهڙي ڪانفرنس جي هئي، جيڪا سڄ جي ماڻهن کي 'آپريشن اٽارٽيءَ' جي وحشي اهلڪارن جي گولين کان بچائي، پر جيئن تہ ان وقت آپريشن جو ڪنهن قدر رُخ ڪراچيءَ ڏانهن مُڙي چڪو هئو، ۽ پليجو اهڙي رُخ اختيار ٿيڻ ۾ خوش هو، ان ڪري هن بهارين کي روڪڻ وارو مسئلو اُٿاريو هئو.) مون سندس دعوت قبول ڪئي. ان ڏينهن ئي ميرپورخاص پهچي، يوسف لغاريءَ سان مشورو ڪري، ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پروگرام طئي ڪيوسين.

بهرحال اها ڪانفرنس ڪنهن نتيجي بنا ختم ٿي وئي هئي، چاڪاڻ تہ پليجي، ان ڪانفرنس ۾ جن وڏن ماڻهن کي دعوت ڏني هئي، تن مان ڪوبہ ڪونہ پهتو هو. نتيجي طور ڪانفرنس لاءِ پي تاريخ 16 آڪٽوبر مقرر ڪئي وئي. 16 آڪٽوبر تي پهرينءَ ڪانفرنس کان گهٽ ماڻهو پهتا هئا، ڇو تہ اڳ ۾ اين. پي. پي ۽ جيئي سنڌ (جڪراڻي گروپ) جانمائندا پهتا هئا، پر پوئينءَ ڪانفرنس ۾ اُنهن بنهي جو ڪوبہ نمائندو ڪونہ پهتو هو، پر پوءِ بہ ماڻهن جي زور پرڻ تي اسان 'اڻتي بهاري ڪاميٽي' قائم ڪري ورتي.

بهرحال اسان تحريڪ هلائڻ جو مڪمل پروگرام طئي ڪري اُٿياسين.

جيتوڻيڪ پليجي صاحب ۽ سنڌ جي ممتاز اديب ۽ دانشور تاج جويي مون کي چيو ته، 'تون ۽ تي ڏينهن حيدرآباد ۾ ترسي پئ!' پليجي جو چوڻ هو ته، "لاهور ۾ آءٌ سنڌ جو ڪيس وڙهي رهيو آهيان، ان جي وڊيو ڪيسٽ اڄ رات ڏسجي." مون پليجي کي چيو ته، "تو اتي پنهنجي خطابت جا ڪيترائي جوهر چونڊ ڏيکاريا هجن، پر مُجيب الرحمان شاميءَ جي هڪڙي ئي ڳالهه توکي اتي بي هٿيار ڪري ڇڏيو هو. جنهن ۾ شاميءَ چيو هو ته بهاري جيڪڏهن پنجاب ۾ آباد ٿيون ته سنڌين کي پنجاب جي معاملي ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي، جو ته سنڌين جو پنجاب سان ڪجهه به ڪونه ٿو وڃي!" پليجي مون کان پُڇيو ته، "اُتي تون هجين ها ته ڪهڙو جواب ڏين ها؟" مون چيو ته، "آءٌ چوان ها ته سنڌي پاڪستان جا خالق آهن، سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي مڏر اسيمبلي آهي، سنڌ اسيمبلي پاڪستان کي قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجين بهترين پيٽن ۽ ڏيئرن کي ڏکي ڏار ڪيو پئي، ته ان وقت پنجاب اسيمبلي يونينسٽ پارٽيءَ جي قيادت ۾ گڏيل هندستان لاءِ ڪوشش ڪري رهي هئي. ان ڪري پاڪستان جا وارث اسين آهيون، ۽ ڪنهن به صوبي ۾ ڪابه زيادتي ٿئي ته ان کي روڪڻ جا حقدار به اسين آهيون- ان کان سواءِ، بهاري ڪٿي به هجن، ايندا سنڌ ۾." پليجي مون کي جواب ڏنو ته، "مون ان کان وڌيڪ دليلن سان ڳالهايو هو، پر پاڪستان جي قرارداد، سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊيل نمائندن پاس ڪئي هئي، ۽ اڄ اسان ۽ توهان چونڊيل نمائندا نه آهيون." مون کيس جواب ڏنو ته، "پروفيسر جان ڊيويءَ لکيو آهي ته دانشور، اديب ۽ شاعر، ڪنهن به قوم جا غير تسليم ٿيل قانون ساز هوندا آهن. تسليم ٿيل قانون ساز پنهنجي قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ انتظاميا ۽ عدالتون استعمال ڪندا آهن، پر قومون غير تسليم ٿيل قانون سازن جي ڏسيل فڪر هيٺ پنهنجو سفر ڪندیون آهن."

ان تي پليجي چيو ته، "بلڪل نيڪ! سنڌ جا اصل نمائندا پاڻ آهيون!"

پروگرام وغيره طئي ڪرڻ کان پوءِ آءٌ ۽ يوسف لغاري واپس ميرپورخاص موٽياسين، ته ٽنڊي الهيار شهر ۾ دودو مهيري اسان کي مليو. اتي دودي سان گڏجي چانهه پيئڻ دوران اڪيلائيءَ ۾ مون پڇيو ته، "توهان جي همراهن جي بيانن کان پوءِ صورتحال ڪٿي بيٺي آهي؟" دودي مون کي

چيو تہ، "اڄوڪي ڏينهن تائين منهنجي معلومات مطابق جيڪا ڪارروائي ٿي آهي، سا ڏوهاري ماڻهن خلاف ٿي آهي. "ان وقت سپ کان گهٽا ڏوهاري ترقي پسند پارٽيءَ ۾ جڪراٽي گروپ جا گرفتار ٿيا ها، اُن ڪري هُن چيو، "اوهان کي ۽ مون کي گهپرائڻ جي ضرورت ناهي."

ٽنڊي الهيار مان اسان جدا ٿياسين. هُن کي چمڙ وڇڙو هو، ۽ مون کي ميرپورخاص! هڪ ٻہ راتيون ميرپورخاص ۾ رهيس. ارڙهينءَ جي صبح جو عمرڪوٽ روانو ٿيس، چو تہ اُتي پرائمري ماسٽرن جا انٽرويو ٿيڻا هُئا، ۽ اسان جي ڪافي واسطيدارن جا نالا ڄاڻي واڻي انٽرويو لسٽ مان خارج ڪيا ويا هئا. عمرڪوٽ پهچي واسطيدار اميدوارن سان ملي، نالا داخل ڪرائي، اچي 'ملڪ گڏبز' جي مالڪ جي جاءِ تي سمهي رهيس. اڌ ڪلاڪ مس گذريو تہ هڪ ماڻهوءَ (جنهن جو نالو نٿو لکان)، اچي اُتاريو، ۽ مون ڏانهن ڏسي چيائين: "سائين! توهان آهيو، معاف ڪجو! مون اوهان کي ڊسٽرب ڪيو." ائين چئي هليو ويو.

جيئن تہ منهنجي سياست ۽ سياسي تربيت، جرائم پيشہ ۽ سازشي ماڻهن جي ذريعي نہ ٿي آهي، اُن ڪري آءٌ هميشہ ان خيال جو رهيو آهيان، تہ آزاديءَ جي جدوجهد هجي يا سوشلسٽ انقلاب، اُن ۾ عام راءِ يا اوپينين (Opinion) ضروري آهي. غفار خان، گانڌيءَ ۽ سائين جي. ايم. سيد جو اهو چوڻ آهي. ان ڪري، مون کي موجود آپريشن ۾ پنهنجي ذات يا جيئي سنڌ محاذ لاءِ خطرو محسوس نہ ٿي ٿيو، تنهنڪري منهنجي وهم ۽ گمان ۾ ٻہ اُها شيءِ نہ هئي تہ آپريشن اٿارڻي؛ سنڌ ۾ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻہ ڦاهو وجهڻ جي ڪوشش ڪندي، جنهن سڄي عمر تشدد، دهشتگرديءَ، تخريبڪاريءَ ۽ ڏاڙي بازيءَ جي نہ صرف مخالفت ڪئي هئي، پر سنڌ جي تعليمي ادارن کان وٺي ڳوٺن ۽ واهٽن تائين، اهڙين حرڪتن جي مخالفت سان گڏ مزاحمت بہ ڪئي هئي. ان ڪري مون نہ ٿي سمجهيو تہ هيءُ آپريشن، ڏوهاري ماڻهن بدران شريف سياسي ڪارڪنن خلاف ڪو قدم هوندو. پر منهنجي اها پُل هئي، چو تہ اها ڪارروائي حقيقت ۾ ٿي ئي سياسي ڪارڪنن جي خلاف هئي.

آءٌ بنا ڪنهن ڪُنڪي جي چور مان ڪيڪڙي تي چڙهي ڳوٺ لاءِ روانو

ٽيس. وات ۾ مون سيد مظفر شاهه جي بن ورڪرن کي چيو ته، "ايندڙ اليڪشن ۾ توهان جيڪڏهن مظفر شاهه جي جيپ ۾ چڙهو ٿا، ته آءٌ توهان ٻنهي سميت جيپ کي باهه ڏئي چڏيندس." اهو پوءِ ڪنڊي ڳوٺ پهتاسين.

جيئن ته رات جو ائين کان يارهين وڳي تائين منهنجو وقت صرف سنڌ، ڪائنات ۽ انسان جي لاڳاپي تي سوچ لاءِ وقف ٿيل هوندو آهي، ان ڪري ڳوٺ پهچي، ڪجهه وقت اندوهَ (منهنجي ذيءَ 'اندرا' سان ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ عمر خيام جي شاعريءَ جي عملي تشريح ۾ لڳي ويس.

رات جو يارهين وڳي مون آخري سگريٽ ڪُڪايو، ۽ آسمان ڏانهن ڏٺو. آڪٽوبر جي ٺر جي ٺڏيءَ رات ۾، ستارا ڏاڍيءَ سخاوت سان پنهنجيءَ مُرڪ جي روشني ڏرتيءَ جي من تي نچارور ڪري رهيا هئا، ۽ ٺر جي واريءَ ستارن جي مُرڪ جهٽڻ لاءِ پنهنجو ڪشادو سينو کولي چڏيو هو. مون چؤطرف پنهنجي ڪڪائين ڳوٺ تي نظر وڌي، ۽ سوچيو ته آمريڪين لاءِ دنيا جي شروعات 'وائيٽ هائوس' کان ٿئي ٿي، پر منهنجي پوري ڪائنات جي شروعات منهنجي ڳوٺ ۽ ڳوٺ ۾ منهنجي گهر جي اڳڻ تان ٿئي ٿي، جنهن اڳڻ تي منهنجي ذيءَ اندرا ۽ سندس ماءُ، ماضيءَ ۽ حال جي هيجانن کان بي پرواهه ٿي، ٺر جي ٺڏڙيءَ هوا ۾ ننڊ ۾ الوٽ هيون. اهو سوچيندي سوچيندي مون کي به ننڊ اچي وئي ۽ خواب- دنيا جي وادين ۾ گُم ٿي ويس. منهنجي اک اُن وقت کُلي، جڏهن مون پنهنجي سيني تي ڪنهن سخت شيءِ جو دباءُ محسوس ڪيو- اُن دباءُ تي اُٽيس ته سامهون هڪ همراهه، انسانن کي قتل ڪندڙ هڪ هٿيار هٿ ۾ کنيو، پوزيشن سنپاليو ويٺو هو. ان وچ ۾ ڳرن بوٽن جي ٽڪائن سان ڪافي ماٺهو اڳڻ تي هليا آيا. انهن آوازن تي منهنجي زال به سجاڳ ٿي پئي، ۽ پوزيشن ورتل ماٺهن تي نظر پوڻ شرط رڙيون ڪندي، منهنجي ڪٽ تي هلي آئي، ۽ مون کي بچائڻ لاءِ پنهنجن پاڪرن ۾ مون کي ائين ڪوڙي ورتائين، جيئن شايد هوءَ سڀاڳ رات به نه ڪري سگهي هئي- چو ته هن سمجهيو هو ته گهر ۾ ڏاڙيل يا دهشتگرد گهڙي آيا آهن، جيڪي يا ته مون کي قتل ڪرڻ ٿا چاهين، يا اغوا. پر تيستائين پيا ماٺهو به ڊي. ايس. پي عمرڪوٽ مسٽر الطاف قادريءَ ۽ هڪ ڳجهي اداري جي ڪيپٽن جي سربراهيءَ ۾ پهچي

ويا، ۽ پوزيشن وٺي بينل سپاهي، اسان جي ڪٽن جي وچ ۾ ويهي رهيا. منهنجي زال ان وقت به روئي رهي هئي. ڪجهه نه سمجهندي بي حس ٿي هئي ۽ آءُ سندس پاڪرن ۾ پيو هئس. انهيءَ منظر کي ڏسندي، مسٽر قادريءَ چيو ته، "پيٽ! ڪوبه مسئلو ناهي. اسين تنهنجي مڙس کي گرفتار ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. هيءُ اڳي به گرفتار ٿيندو رهيو آهي. اسين ڪيس ڪوبه نقصان پهچائڻ نٿا چاهيون. تون ته هڪ انقلابيءَ جي گهر واري آهين، توکي ته بهادر هئڻ گهرجي."

ان وچ ۾ اندرا به سڃاڻ ٿي، مون ڏانهن ڏوڙندي آئي، پر مون اندرا جي ماءُ کي چيو، "اندرا کي سندس ڏاڏي ڏانهن وٺي چڏي اچ." ڪيئن، اندرا کي ڏاڏي وٽ چڏڻ لاءِ وٺي وڃڻ لڳي ته اندرا دانهون ڪيون. ان وقت مون سوچيو ته اڃوڪي رات ته منهنجي ڏيءُ دانهون ڪري رهي آهي، پر هن ساڳئي وقت عزيز آباد، ناظم آباد، پريٽ آباد، بدين ۽ مٽياريءَ جي گهرن ۾ به معصوم ٻارن جون ڏنل ۽ هراسيل دانهون هونديون، جيڪي اڄ منتشر آهن، پر ڪاش! قدرت مون کي اهڙي سگهه ڏئي، جو آءُ انهن سڀني دانهن کي گڏي، سنڌ ۾ هڪ اهڙي ڪيڏاري کي جنم ڏيان، جيڪو سنڌ جي هر رهواسيءَ جي اندر جو آواز بنجي سگهي. (هتي آءُ هڪ غير واسطيدار جملو لکڻ چاهيان ٿو، ته مون پنهنجي ڏيءُ جو نالو اندرا رکيو هو، پر آءُ نهرو نه ٿي سگهيس، چو ته نهروءَ جي اندرا پنهنجي بابي کي ڪڏهن به ائين گرفتار ٿيندي نه ڏٺو هو، جيئن مون کي ڪيو ويو هو.) ان ڪارروائيءَ هلندي، ڊي. ايس. پي عمرڪوٽ مسٽر قادريءَ هڪ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو ته، "هيءُ ايف. سي. ايم آهي، ان جي نگرانيءَ ۾ اسان تنهنجي گهر جي تلاشي وٺنداسين." مون چيو، "بيشڪ توهان تلاشي وٺي سگهو ٿا!" **منهنجي گهر ۾، منهنجي وجود کان سواءِ رياست لاءِ کابه خطرناڪ قسم جي شيءِ موجود نه هئي**، پوءِ به انهن منهنجا بريف ڪيس، ڪٻٽ ۽ پيٽيون کوليون، ۽ بي هر قسم جي تلاشي ورتي، پر کين کابه شيءِ نه ملي. منهنجن ڪٻٽن ۾ رکو چار ڪتاب هيا: **"سنڌ: اسلام کان اڳ ۾"**، **ڊفينس ڊائجسٽ**، اختر رضويءَ جو ڪتاب، **"سنڌي مهاجر مسئلي جو حل"** ۽ **'سيد عطاءُ الله شاهه بخاري'** - جيڪي هنن پنهنجي قبضي ۾ ورتا.

'نهيءَ سان گڏ **منهنجي بيگ ۾ پيل منهنجي ڊائريءَ ۾، مخدوم بلاول تي گڏ ڪيل مواد ۽ ڪنيائون.** عطاءُ الله شاهه بخاريءَ جي ڪتاب تي ڇپيل فوٽوءَ کي ڪيپٽن صاحب گرو رجنيش جو فوٽو سمجهيو، ۽ پنهنجي ٻئي ساٿيءَ کي سڏي ان کي ڏيکارڻ لڳو. جيئن ته اهو وقت سادي ڇئين وڳي رات جو هو، ۽ منهنجي گهر ۾ لالٽين به ڪانه هئي، تنهنڪري فوٽوءَ جي هيٺيان لکيل عطاءُ الله شاهه بخاري هُو پڙهي نه پئي سگهيو، ان ڪري ڪتاب کي اُلٽائڻ پلٽائڻ لڳو. مون سندس حيراني ڏسي، کيس چيو ته، "اها عطاءُ الله شاهه بخاريءَ جي سوانح عمري آهي." پنجابي هئڻ جي ناتي سان هن ڪتاب واپس ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏيو. شايد کيس خبر نه هئي ته شاهه صاحب لاهور کي "**پاڪستان جو ڪوفو**" ۽ پاڪستان کي "**شيطان جي مڪروهه اسڪيم**" سڏيندو هو؛ پر جنهن ايجنسيءَ سان هن جو واسطو هو، تنهن جا سربراهه شايد علم ۽ عقل جي پاسي مان گذرڻ کي به اهڙو گناهه سمجهندا هئا، جهڙو گناهه هڪ پرهيزگار مسلمان چڪلي جي پرسان گذرڻ کي سمجهندو آهي.

تلاشيءَ دوران ڪٻٽ تي وڏا ويڙهيل اشتهار رکيل هيا، انهن کي ڏسي ڪيپٽن صاحب چيو ته، "**يه اتارو نقشے هونگے.**" سپاهين ڏاڍيءَ ڏڙتيءَ سان اهي چار پنج ڪاغذ لاٿا، ۽ کولي ڏنائون ته اهي واري جي بيماريءَ متعلق اشتهار هئا، جيڪي ٿر جي هر ڳوٺ ۾ ورهايا ويندا آهن.

انهيءَ سموريءَ ڪارروائيءَ دوران انهن مَتَ اوندا ڪري ڏنا، پاڻيءَ جا دِلا پڳا ۽ لوڙهي جا دنگر هٿايا ۽ اوطاق جي تلاشي ورتي، پر پوءِ به هنن کي مقصد جي ڪابه شيءِ ملي نه سگهي، سواءِ 'ڊپلوميٽ وسڪيءَ' جي خالي بوتل جي، جيڪا هنن پنهنجي قبضي ۾ ورتي. ان کان پوءِ هنن منهنجي زال جو رَئو ڪڍي منهنجون اکيون پَڌڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي مون کين چيو، "هيءُ منهنجو بريف ڪيس آهي، ان ۾ ڪجهه ڪاغذ آهن، آءٌ چاهيان ٿو ته ڪپڙن جو هڪ وڳو، شيونگ جو سامان، ٽوٿ پيسٽ ۽ بُرش وغيره اُن ۾ ڪڍان." اهو مون ڊي. ايس. پي عمرڪوٽ کي چيو. غلام ملڪ جي ڪامورن جي ذهنيت جو مظاهرو ڪندي، هن ايجنسيءَ جي ڪيپٽن کان پڇيو ته، "سائين! هي پاتل ڪپڙن سان گڏ واسڪوٽي پائڻ ٿو چاهي، چا اجازت آهي؟" هن چيو ڪوئي هرج نهين، اُنا لين." مون به

جوڙا ڪپڙن جا ۽ ڏندڻ جو سامان بيگ ۾ وڌو، پر اونداهي هڻڻ ڪري آءٌ شيوَ جو سامان ڏسي ڪونہ سگهيس، ۽ مون بيگ بند ڪئي. هنن منهنجي اکين تي منهنجي گهر واريءَ جي رئي سان پٽي ٻڌي، ۽ ڪيپٽن چيو تہ، "**اب چلیں یہ اپنا بیگ خود اٹھائے گا۔**" مون بيگ کنئي ۽ هڪ سپاهيءَ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. ڏکا ٽاپا کائيندو، گهلبو، آءٌ پنهنجي گهر جي ڪنڊائين لوڙهي کان ٻاهر نڪتس. ٻاهر نڪرڻ وقت مون اندرا جون دانهون ٻڌيون ۽ محسوس ڪيو تہ جنهن سلوڪ سان مون کي نيو پيو وڃي، ان ذريعي سان شايد اندرا جون دانهون ڪافي عرصي لاءِ سڃيءَ سنڌ جي سياسي ڪارڪنن جي ذيئن ۽ پٽن جون گڏيل دانهون ٿي وڃن.

بهرحال هنن مون کي گاڏيءَ ۾ اُڇلايو ۽ گاڏي اسٽارٽ ٿي. مون کي پنهنجيءَ منزل جي ڪابہ خبر نہ هئي، بلڪل اهڙي طريقي سان جيئن پاڪستان جي نقلي محافظن کي ان جي مستقبل جي منزل جي ڪابہ خبر ڪانهي. گاڏيءَ ۾ ويهڻ وقت ڪيپٽن پنهنجي ماتحت کي چيو تہ، "هن ماڻهوءَ جي باري ۾ توکي ڪابہ معلومات نہ هئي؟ اسان جو هيڏو سارو فورس ۽ پيٽرول سڀ ضايع ٿي ويو آهي." سندس ماتحت چيو تہ، "سائين! مون کي هن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ آهي، پر مون احتياط ڪيو تہ متان هن وٽ اُتر سنڌ جا ڪي دهشتگرد مهمان ترسيل هجن." جنهن تي ڪيپٽن هن کي چيو تہ "توهان کي اها بہ خبر ڪانهي تہ ڪهڙيءَ رات هن وٽ مهمان اچن ٿا ۽ ڪهڙيءَ رات ڪونہ ٿا اچن، ۽ اڄ آيل بہ آهن يا نہ؟" جنهن تي ماتحت خاموش ٿي ويو ۽ اسان جي گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو. مون محسوس ڪيو تہ هنن هاسي سَر وارو رستو نہ ورتو آهي، پر چور وارو رستو ورتو آهي. ان جي تصديق ان وقت ٿي، جڏهن چور ۾ هنن هڪ ماڻهوءَ کي گاڏيءَ مان اهو چئي لاٿو تہ، "تنهنجو ڪم ختم." پوءِ مون کي سڏو عمرڪوٽ جي قلعي ۾ وٺي ويا، پر قلعي ۾ مون کي گاڏيءَ مان لاٿو نہ ويو. مون پنهنجي پرسان وينل ايجنسيءَ جي ماڻهو کي چيو تہ، "مون کي اُڃ لڳي آهي، آءٌ پاڻي پيئڻ چاهيان ٿو." ايجنسيءَ واري ٻئي کي چيو تہ، "پاڻي بہ وٺي اڃ ۽ چانهہ بہ." چانهہ تہ ڪانہ آئي، پر آڪٽوبر جي مهيني ۾ سنڌ جي ٺڏي پاڻيءَ جو پريل گلاس مليو. گهر کان قلعي تائين پهچڻ

وارو سمورو عرصو منهنجي دماغ ۾ منهنجيءَ گهر واريءَ ڪيسر جون دانهون ۽ اندرا جا سُڏڪا گونجندا رهيا، پر جنهن حالت ۾ آءٌ هُئس، ان ۾ ڪنهن ڳراٽي پائڻ ۽ اندرا کي هنج ۾ ڪڍڻ جي گنجائش ئي ڪٿي هئي! ان ڪري دل جون حسرتون مون قلعي ۾ ئي ڪٿي مارئيءَ جي قدمن ۾ دفن ڪري ڇڏيون، ۽ ايندڙ دؤر ۾ جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو هئو، ان کي مُنهن ڏيڻ لاءِ رڌابندي ڪرڻ لڳس.

تقريباً اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ساڳيءَ حالت ۾ مون کي عمرڪوٽ تعلقي اسپتال آندو ويو. اتي ننگي فرش تي هيٺ ويهاري، ميڊيڪل آفيسر کي گهُرائي ڇيو ويو ته هن جو طبي معائنو ڪري ۽ فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ ڏئي. ڊاڪٽر مون کي پَٽَ تان اُتاري، معائني واري ٽيبل تي سُمهاري، قيد ڪندڙن کي چيو ته، "آءٌ سائينءَ جو معائنو ڪندس ۽ علاج پڻ- ۽ ان سان گڏ اوهان جو به علاج ڪندس. شرط اهو آهي ته مون کي ليٽر ڪپي ته هن کي گرفتار ڪنهن ڪيو آهي، ۽ ڪير مون وٽ وٺي آيو آهي."

اڃا تائين شهر ۾ ڪوڻ ڪليو هو، ان ڪري هڪڙي عملدار چيو ته، "**سگريٽ نهين ملينگے ؟**" ڊاڪٽر وراڻيو ته، "هيءَ اسپتال آهي، پان بيڙيءَ جي مانڊٽي نہ!" اُن تي مون سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي ماچيس سميت انهيءَ عملدار کي ڏنو. جيڪو هن وڏيءَ اُتاولائي سان ورتو ۽ چيائين ته، "**تو همين رشوت ديتا هے ؟**" وراڻيم، "توهان جي پاڪستان ۾ رشوت جو ريٽ ايترو سستو نہ آهي." سگريٽ پيئڻ کان پوءِ اهو چئي روانو ٿيو ته، "**سرا آدهے گهنٹے مين ليٽر لے آتے هين.**"

اڌ ڪلاڪ تائين آءٌ معائني جي ٽيبل تي سُتو رهيس، پر هو ڪوبہ ليٽر وٺي نہ آيا ۽ ڊاڪٽر کي چيائون ته، "**في الحال هم اس کو لے جاتے هين، بعد مين ليٽر کے ساٿ لے آئين گے.**" مون کي وري به قلعي ۾ وٺي ويا ۽ هڪڙيءَ جاءِ ۾ هٽڪڙي هٽي ويهاري ڇڏيائون. ان وچ ۾ هنن مون کي هٿڪڙي نہ هنئي هئي. آءٌ اڪين تي پٽي بدل، ننگي فرش تي عمرڪوٽ جي ان ريسٽ هائوس جي هڪڙي ڪمري ۾ ويٺو هئس، جنهن ريسٽ هائوس ۾ مون ڪجهه سال اڳ سنڌ قومي اتحاد جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، سنڌ جي قومپرست اڳواڻ رئيس عبدالحميد خان جتوئيءَ جي

دعوت ڪئي هئي، ۽ ڪيس عمرڪوٽ جي تاريخي "لانبي گرائونڊ" ۾ تاريخي جلسو ڪرايو هو. انهيءَ جلسي عبدالحميد خان جتوئيءَ تي ايڏو اثر چڏيو هو، جو جڏهن اسلام آباد ۾ هن منهنجو تعارف قومي اسيمبليءَ جي ميمبر، مسٽر ايم. حمزه سان ڪرايو، تڏهن چيو هُئائين ته، "هيءُ مائهو عبدالواحد آريسر آهي، جنهن ايجنسين ۽ آرميءَ جي ڳڙهه ۽ پي پيءَ جي بظاهر فتح ڪيل شهر عمرڪوٽ ۾ منهنجو جلسو ڪرايو هو، ۽ حيرت انگيز ڳالهه اها هئي ته انهيءَ جلسي ۾ ٿر جهڙي پوئتي پيل علاقي ۾ جيترا مرد هئا، اوتريون ئي عورتون هيون، ۽ ڪن چوڪرين جي سياسي شعور، مون کي لاڙڪاڻي جي سياسي شعور کان وڌيڪ متاثر ڪيو هو." ان تي مسٽر حمزه چيو، "آريسر صاحب جي نالي کان آءٌ تمام گهڻو اڳ ئي واقف آهيان، پر آءٌ سمجهان ٿو ته پنجاب جو شايد ڪو ايم. پي. اي يا ايم. اين. اي سندس نالي کان ناواقف هجي." اُن تي مون مسٽر حمزه کي چيو ته، "آءٌ اوهان جي نالي کان ان وقت کان واقف آهيان، جڏهن مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ايوب جي آمريت خلاف صرف ئي آواز بلند ٿيندا هئا، خواجه صفدر، باقي بلوچ ۽ توهان جو- ۽ توهان ٿنهي کي، سواءِ "چٽان" جي، ڪابه اخبار ڪوريج نه ڏيندي هئي." بهرحال اهو جملو ائين ئي وچ ۾ اڇي ويو.

مون لانبا گرائونڊ کي تاريخي گرائونڊ اُن ڪري چيو آهي، جو هڪڙي "چارڻ" جا دوها عمرڪوٽ جي سڃاڻپ لاءِ چيل آهن، جيڪي اڄ ڪلهه جئه پور يونيورسٽيءَ جي راجستاني ٻوليءَ جي نصاب ۾ شامل آهن. انهن ماں هڪ جو مفهوم اهو آهي ته:

"لانبو ميدان، گهاٽا نم جا وڻ، ڏگهين ڳچين واربون ڪامڻيون،
وڪي جتي نظر اچن ته پڪ سمجهه ته اهو گڊ امراڻو آهي."

ٻئي دوهي ۾ چيل آهي ته:

"لُڪون ختم ٿين، اُتر کان ٻڪرال (وڄ) ٻَهڪا ڪري،
رستن تي نازبوءِ جا ٻوٽا پنهنجي سرهاڻ پکيڙڻ شروع ڪن،
۽ محبوبائون پنهنجي محبن سان ائين ٻڪجي وڃن،
جيئن گولاڙو ڪپڙ جي تارين سان ٻڪجي ويندو آهي،

ءِ قلعي جي بُرجن تي بيٺل هر سپاهي ارجن لڳي،
ڏيڪ سمجهه، اهو امرڪوٽ آهي.
راهو نه وسارجانءِ ته اهي سپاهي
لانبي ۾ لوڏون لُڏندڙ سهاڳڻين جي حفاظت لاءِ بيٺل آهن!"

انهيءَ ماحول ۾ آءٌ پنهنجي مستقبل کان بي خبر ٿي، عمرڪوٽ جي تاريخ ۾ گُم ٿي وڃان ٿو. هيءُ ئي قلعو آهي، جنهن ۾ اسان جيءَ سنڌ جي سورمن، همايون جي زال کي اڪبر ڄڻڻ جي اجازت به ڪانه ڏني هئي، ۽ هندستان جو اهو ناليرو بادشاهه، قلعي کان اڌ ميل پري نِمن جي ڇانوَ ۾ جائو هو. ان کان به اڳي عالمي تاريخ جي ٽن مقدس عورتن هيلن، سيتا ۽ مارئيءَ مان هڪ "**مارئي**" هتي ئي قيد هئي، صرف پنهنجي اُرهن جي تقدس بحال رکڻ لاءِ- ۽ هيءُ ئي قلعو آهي، جنهن تي خان قاسم خان ارغون حملو ڪري، منجهس موجود سڀ مندر، مقدس مورتيون، ۽ جايون ڏهرائي ڇڏيون هيون. **هيءُ قلعو اسان جي پرمار سودن اُن لاءِ نهرايو هو ته جيئن ان جي ڏربعي هو ولهار جي وسڪارن تي ڏارين جي يلغارن کي روڪي سگهن، پر ڪين شايد اها سُڌ نه هئي ته اهو قلعو ايندڙ ڪنهن صديءَ ۾ ولهار جي واهُرن لاءِ قيدخاني ۾ تبديل ٿي ويندو.**

آءٌ انهن ئي سوچن ۽ عمرڪوٽ جي تاريخ ۽ سُونهن جي گهيري ۾ هُئس، ته مون کي بن آفيسرن جي پاڻ ۾ بحث ڪندي، سندن آواز ٻُڌڻ جو موقعو مليو. هڪ چئي رهيو هو: "بندوق جي زور تي غريب سنڌي ورڪرن سان زيادتيون ڪري، نفرت جي باهه کي وڌيڪ تيز ڪري رهيا آهيون.... توهان بزدل آهيو. جيڪڏهن همت اٿوَ ته آريسر جي بدران جي. ايم. سيد ۽ ممتاز پُٽي جي اکين تي پٽي ٻڌي، کين هن حالت ۾ ويهاري ڏسو ته توهان جي پنهنجي ۽ سنڌ جي حيثيت سامهون اچي ويندي." ان تي ٻئي چيو: "هن علائقي جي ٻئي ماڻهوءَ جام ساقيءَ سان به اهو ورتاءُ ڪري چڪا آهيون." ان تي پهرئين چيو: "توهان جو دستور رهيو آهي ته غريب ڪارڪنن سان اهڙي طريقي سان هلجي، جو سنڌ جي سياست ڪنهن غريب جي هٿ ۾ نه اچي وڃي."

انهيءَ بحث مباحثي کان پوءِ هٿ ڪَڙيون لڳل ۽ اکيون ٻڌل حالت ۾،

مون ڏي عمرڪوٽ جي ايس. ڊي. ايم وٽ رمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو. ان وقت مون کي خبر نہ هئي تہ رمانڊ ونڊڻ ۾ پوليس ۽ ايجنسيءَ، ٻنهي جا ماڻهو شريڪ هئا، يا صرف پوليس جا. بهرحال انهيءَ حالت ۾ مون کي ايس. ڊي. ايم عمرڪوٽ وٽ پيش ڪيو ويو، جيڪو ڪلرڪيءَ کان ترقي ڪندي ايس. ڊيم. ايم تائين رسيو هو. اُن هنن کان پڇيو تہ، "هن جون اکيون چو ٻَڌيون اٿوَ؟"

هنن چيو تہ، "قيدي آهي."

ايس. ڊي. ايم چيو، "مون قيدي اڳي ناهن ڏٺا چا؟ بهرحال هن کي ڪٽان گرفتار ڪيو اٿوَ؟"

چيائون، "سندس ڳونان، رات چئين وڳي."

"ڪجهہ نڪتو!؟" هُن وري پڇيو.

"ها! اينٽي اسٽيٽ لٽريچر."

ايس. ڊي. ايم چيو تہ: "لسٽ پيش ڪريو!"

"اسان اڃا تيار ناهي ڪئي،" هنن وراڻيو.

بهرحال وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪرڻ بدران ٽن ڏينهن جو رمانڊ ڏنو ويو. مون کي وري بہ اڇي ريسٽ هائوس جي ان ساڳئي ڪمري ۾ ويهاريو ويو. ان وچ ۾ آءٌ سگريٽ مسلسل پيئندو رهيس، جو مون وٽ بہ پاڪيٽ هئا، پر چانهن ۽ ناشتي واري شيءِ مون کي نہ ڏني وئي. آءٌ هت اهو اعتراف ٿو ڪريان تہ اُن سموري عرصي دوران هنن مون تي جسماني تشدد نہ ڪيو، سواءِ اکيون ٻَڌڻ جي. ڪنهن وقت مون کي چيو ويو تہ، "ماني کائ!" مون چيو تہ، "ماني نہ کائيندس، ان ڪري جو صبح کان وٽي مون کي نہ پيشاب ڪرڻ ڏنو ويو آهي ۽ نہ ئي ڪاڪوس- ۽ جنهن پوزيشن ۾ آءٌ آهيان، اهي شيون نہ ٿو ڪري سگهان." اُن تي اتي موجود عملدار، سپاهين کي چيو تہ، "هن کي ليٽرين ۾ وٽي وڃو ۽ اندر داخل ٿيڻ وقت اکين تان پٽي کولي چڏجوس." بهرحال، هو مون کي ليٽرين اندر وٽي ويا. آءٌ ضروري حاجت مان واندو ٿي باهر نڪتس، تہ سنڈي سپاهيءَ منهنجون اکيون اڳي کان بہ زور سان ڇڪي ٻڌي چڏيون! مون کيس چيو تہ، "مون کي تڪليف ٿي رهي آهي، ان ڪري پٽي ڍري ڪر." ان تي هن جواب ڏنو تہ، "توکي آرام لاءِ

نہ، پر تڪليف لاءِ آندو ويو آهي، ان ڪري تُنهنجي اکين جي پٽي ڏري نہ ٿيندي." پوءِ مون کي واپس ساڳئي ڪمري ۾ وٺي آيا. اتي ايجنسيءَ جو ماڻهو آيو ۽ چيائين: "ڪانا ڪاؤ!" مون چيو تہ، "ماني نہ ڪائيندس." "هن چيو تہ، "ماني نہ ڪائيندين تہ جسم ۾ غذا پهچائڻ جا اسان وٽ بيشمار طريقا آهن ۽ اسين اُهي استعمال ڪنداسين." ٿوريءَ دير لاءِ مون سوچيو تہ، "مزاحمت جو ميدان اڃا اڻڪتي آهي، ان ڪري هتي مزاحمت ٺيڪ نہ آهي." مون چيو، "ٺيڪ آهي، آءٌ ماني نہ ڪائيندس، باقي ڪير پيئندس." هو ڪير جو گلاس پري آيا. آءٌ اهو پي ويس.

ان کان پوءِ مون کي عمرڪوٽ مان منتقل ڪرڻ وارو مرحلو شروع ٿيو. اُتي هڪ حيرت انگيز ڳالهہ ٿي تہ ڇور جي جي. او. سي (جنرل ڪور ڪمانڊر) کي هڪ خطرناڪ قيديءَ کي منتقل ڪرڻ لاءِ گارڊ ڏيڻ لاءِ چيو ويو، پر هن انڪار ڪيو- تہ پوءِ اُتان ٽيليفون ڪندڙ چيو تہ، "**آپ کو گارڈ دينا پڑيگا، کيون ڪہ يہ ڪور ڪمانڈر صاحب کا حڪم هے.**"

بهرحال ان ڏينهن هنن کي گارڊ ڪونہ ملي سگهيو. رات جو نائين وڳي کان پوءِ هنن مون کي پنهنجي تحويل ۾، عمرڪوٽ لاڪ اپ ڏانهن ڏياري موڪليو. موڪلڻ کان اڳ ايجنسيءَ جي ماڻهوءَ منهنجي جسم جي تلاشي ورتي، جيڪا گرفتاريءَ کان هن وقت تائين نہ ورتي وئي هئي. تلاشيءَ دوران هنن منهنجيءَ نظر جو چشمو، پرس، جنهن ۾ نَو سؤ ۽ ڪجهہ روپيا پيل هئا، ڪن صحافين ۽ دوستن جا وزيٽنگ ڪارڊ، ڪجهہ ادبين جا خط، مُنهنجو اصل شناختي ڪارڊ ۽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي، ۽ پارڪر پين منهنجي ڪي مان ڪڍي ورتا، ۽ مون کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن عمرڪوٽ لاڪ اپ ۾ پهتس، ان وقت قومپرستيءَ تي منهنجو ايمان اڃي کان بہ پختو ٿي ويو، جو ايجنسيءَ جي ماڻهن جي رواني ٽيڻ شرط، هڪ ماڻهو سڏو مون وٽ آيو. هو سول ڊريس ۾ هو ۽ منهنجي اکين تان پٽي کولي، مون کي ڏسي اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي، پنهنجي ڪيسي مان رومال ڪڍي، منهنجو اکيون اُگهيائين، ۽ مون کي ايس. ايڇ. او عمرڪوٽ جي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويهاري، بن سپاهين ڏي مخاطب ٿي چيائين تہ، "هن دؤر جي پاليسي اها آهي تہ جيڪي تيز نظرون سنڌ جي

اغوا جون مجرم آهن، انهن اکين ۾ اکيون ملائي پير ڪٽندڙ نظرون ڌڏيون وڃن، ته جيئن مُجرمن جا پير هميشه لاءِ لڪي وڃن!" ۽ مون کي چيائين ته، "سائين! توهان ماني نه کاڌي هوندي، ماني کائو، ۽ جڏهن به آءٌ ٻاهر گهنٽي وڄايان، ته پٽي ٻڌي ڇڏجو. توهان تي اها پٽي ٻڌڻ واري پابندي ڏهين وڳي تائين رهندي، چو ته ڏهين وڳي کان پوءِ پاڪستان جا نام نهاد محافظ بيرڪن کان ٻاهرنه نڪرندا آهن." مون هن کي چيو، "آءٌ ماني نه کائيندس. مون کي صرف چانهه ۽ ٻه کارا بسڪيٽ آڻي ڏيو ته جيئن آءٌ رات سولي گذاري سگهان. ماني آءٌ ڄاڻي واڻي نٿو ڪاوان ته جيئن انهن ظالمن جي تشدد دوران منهنجي جسم مان ڪا اهڙي شيءِ خارج نه ٿئي، جيڪا سمورن سنڌي ورڪرن لاءِ داغ بنجي وڃي." هن منهنجي اُنهيءَ جواب تي منهنجي پيشانيءَ تي چُمي ڏني ۽ چيائين، "ڪاش! سڀئي سنڌي، آريسر واري سوچ جا پوئلڳ ٿي وڃن."

مون کي ان کان پوءِ ايس. ايچ. او آفيس مان ڪڍي گڏيل لاڪ اپ ۾ رکيائون، جتي سپ تَر جا ڄاتل سُڃاتل، نوحاٿي، سيد ۽ ٻيا قيدي هئا، جن پنهنجن بسترن مان چادرون، ٽراسيون ۽ وهاٽا ڪڍي منهنجي لاءِ هنڌ ناهيو ۽ ماني به گهرائي، پر مون ماني نه کاڌي ۽ سمهي رهيس. صبح جو پنجين وڳي مون کي اُتاريو ويو. مون لاڪ اپ جي شيخن مان ٻاهر ڏٺو ته آرميءَ جا ڪجهه جوان چاڪ و چوٻند بينا هئا. لاڪ اپ جي انچارج منهنجيءَ زال جي پوتيءَ سان منهنجون اکيون ٻڌيون ۽ مون کي انهن جي حوالي ڪري چڏيو. مون کي وري ساڳئي ريسٽ هائوس ۾ آندو ويو، جتي مون کي سوڪو ڏنو ويو ته ضروري حاجت کان فارغ ٿيان ۽ چانهه پي ونان.

آءٌ فارغ ٿي ٻاهر نڪتس ۽ عمرڪوٽ جي قلعي تي حسرت پريل نگاهن سان ڏڪهي ڳڇيءَ واريون ڪامٽيون، گهاٽا نم جا وڻ ۽ پرمار سوڍن جا اهي شينهن مڙس ۽ ماروئيءَ جي قدمن جا نشان ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم، پر منهنجون اکيون ٻڏل هيون. مون سوچيو: اي سنڌ! اڄ تو اهڙي ماڻهوءَ جون اکيون بند ڪري چڏيون آهن، جنهن چاچري جي روهيڙن، ننگر جي پٽرن، جيڪب آباد جي چانورن، بدين جي تاريخي ميدان، ٽٽي جي شهيدن جي رت ڦُڙن، سکر جي ڪرڙيءَ جي ميدان، ۽ شيخ ايار جي شاعريءَ،

خيرپور جي گولن جي بهادريءَ، ۽ تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ، دادوءَ جي دليريءَ ۽ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ، مورڙي جُي ماڳ، بچو بادشاهه جي پناهه گاهه ۽ سموري ساهتي سپيتا کي پنهنجين ننڍڙين اکين جي ماڻڪين ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪيو، پر اهي اڄ ڪجهه به نه ڏسي رهيون آهن. الوداع اي امراڻا! الوداع اي هاسي سَر! جتي مون کي دعائون به مليون ۽ ڪڪوريل ٻانهن جون پناهون به مليون، ته گلابي چپن جون چاهنائون به مليون.

آءٌ جيپ ۾ چڙهي ويٺس ۽ الائي ڇو ان وقت اقبال جي سِٽ منهنجي ذهن ۾ تري آئي:

"اے لالۂ صحرائي! بتا تيري منزل کهان هے ؟"

۽ منزل جو ڏس شايد اقبال کان وڌيڪ فيض احمد فيض واضح طرح ڏئي چڏيو هو:

مقامِ فيض کوئي راهه ۾ جچا هي نهين،
جو کوئے يار سے نکلے تو سوئے دار چلے.

اتي منهنجي حالت اها هئي، جو سيني ڪمزورين، بيمارين ۽ وسيع سنگت سان هوندي به آءٌ اڪيلو هئس، ۽ مون کي ايازَ ڏاڍو ياد آيو:

آءٌ اڪيلو، سامهون ست،
خنجر خنجر ڪيئي هٿ!

وڃ! هاڻي مقابلو ايازَ جي اڪيلي پوئلگ ۽ لکن وڇُن جو هو! هڪڙي طرف اهڙو ماڻهو هو، جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ گانڊيءَ کان به وڌيڪ عدم تشدد جو ثبوت ڏنو هو، ڇو ته گانڊيءَ پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ هڪ دفعو پنهنجيءَ زال کي ڏڪو ڏنو هو، پر اڇوڪي قيديءَ پنهنجيءَ سموريءَ زندگيءَ ۾ ڪنهن ٻار جي ڳل تي زور سان چهنڊڙي به نه هئي هئي- ۽ ان جي سامهون اهي ماڻهو هٿا، جن وٽ بهادريءَ جي علامت صرف مارڻ ۽ تشدد ڪرڻ آهي. اتي مقابلو هو تشدد ۽ عدم تشدد جو! قيدي بنائيندڙن منهنجون اکيون اُن لاءِ ٻڌيون هيون، ته جيئن مون کي خبر نه پئجي سگهي ته آءٌ ڪٽان ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان. هنن کي خبر نه هئي ته جيئن مون سنڌ سان محبت ڪئي آهي، تيئن سنڌ جي سرزمين به مون سان محبت ڪئي آهي- ۽ آءٌ جتان جتان گذرندو ويس، سنڌ جي ذرتي محبوبه وانگي

منهنجي ڪنن ۾ سرگوشي ڪندي ويئي ته هيءَ ميرپورخاص آهي، هيءَ سلطان آباد آهي، هيءُ خواجہ استئنڈ آهي، هيءُ الهيار جو ٽنڈو آهي، ۽ هيءَ حيدرآباد! توهان يقين ڪريو ته جڏهن گاڏي حيدرآباد ۾ گاڏي ڪاتي وڃان موڙ ڪاڏو ته مون کي يقين ٿي ويو ته هيءُ "حيدر چوڪ" آهي. حيدر چوڪ، جتان مون پنهنجيءَ سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو هو؛ جتي مون سپ کان پهرين سنڌ جي لافاني انسان حيدر بخش جتوئيءَ سان ملاقات ڪئي هئي؛ جتي ون يونٽ خلاف سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ، بنگلن مان نڪري باهر اچي چڪي هئي- ۽ اڄ مون کي رسول الله ﷺ جي پوئلڳيءَ جي دعوا ڪندڙن ۽ هٽلر جي حقيقي پوئلڳن جي حوالي ڪيو ويو هو.

حيدرآباد پهچي منهنجي باقي تلاشي ورتي ويئي، ۽ منهنجي اکين تان منهنجيءَ گهر واريءَ جو رَئو لاهي، هڪ سائي پٽي ٻڌي وئي، ۽ هڪ ڪُڪڙن جي ڪُڏيءَ جهڙيءَ جاءِ ۾ داخل ڪيو ويو. هتي منهنجي ڪيسي مان سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس بہ ڪڍيو ويو. آمرڪوٽ کان وٺي ايندڙ ايجنسيءَ واري همراهہ، دپيل لفظن ۾ احتجاج ڪيو ته قيديءَ کان سگريٽ ۽ ماچيس نہ ڦريو آهي، پر نَون عملدارن چيو ته، "اهو توهان جو قانون هوندو، اسان وٽ خطرناڪ شيءِ ماچيس آهي."

- ۽ ان کان پوءِ منهنجي جسم تان پنهنجي ٽري پيس جوڙي جي واسڪوٽي بہ لاٿي وئي- ايتري قدر جو، جُوتو (بوٽ) بہ لهرايو ويو. هاڻي منهنجي جسم تي صرف شلوار ۽ قميص هئي- نہ منهنجي ڪيسي ۾ پين هئي، نہ بٽَون هو، ۽ نہ منهنجي هٿ ۾ واچ هئي. پوءِ مون کي چيو ويو ته توهان هن ڪوليءَ ۾ آرام ڪريو.

هاڻي مون کي وقت جو احساس نہ رهيو هو ته رات آهي يا ڏينهن! انهيءَ ڪيفيت دوران مون کي ماني آڻي ڏني وئي. مون مانيءَ جو چوٿون حصو ڪاڏو ۽ باقي ٽانو آئيندڙ کي واپس ڪيم. هن مون کي چيو: **"ان کر صاف تمهارا باپ کرے گا؟ اُنو! اور چل کر برتن صاف کرو!"**

- ۽ آءٌ اکين تي پٽيءَ بدل صورت ۾ سپاهيءَ هٿان گهلبو. نلکي تي پهتس ۽ دال واريءَ پليٽ کي ڏوتم، ۽ وري ساڳئي طريقي سان گهلبو ڪولي ۾ تي پهتس. پاسي ۾ آفيسر رئنڪ جا نوجوان ويٺل هئا. اهو اندازو

مون سندن گفتگوءَ مان لڳايو، ته هي آفيسر رئنڪ جا نوجوان آهن، نڪي انگريزي دؤر جا مقرر صوبيدار.

"پچا ڳاڇا لاءِ تيار ٿيءُ!" مون کي چيو ويو.

هنن مون کي پَٽ تي ويهارڻ بدران بئنچ تي ويهاريو، ۽ بنا ڪنهن ايجنڊا جي مون کي چوڻ لڳا ته، "آريسر صاحب! توهان ائين سمجهو ته اسان صحافي آهيون، ۽ توهان جي سموري زندگيءَ جو انٽرويو ونڻ چاهيون ٿا- توهان هن وقت تائين پنهنجيءَ پوريءَ زندگيءَ، جدوجهد، طبيعت جي لاڙن، ۽ سياسي تحريڪن ۾ حصي وٺڻ جو سمورو احوال ٻڌايو آهي، پر هڪڙي ڳالهه اسين اڳ ۾ ئي اوهان تي واضح ٿا ڪريون ته جنهن آزاديءَ جي لاءِ توهان جدوجهد ڪريو ٿا، سنڌ جا ماڻهو ان کي پنهنجي جدوجهد سمجهن ٿي ڪونه ٿا، ۽ اهي پوريءَ ريت پاڪستاني آهن." مون کين چيو ته، "سر! ان ڳالهه سان آءٌ متفق نه آهيان ته سنڌ جو ماڻهو اسان جي جدوجهد سان لاڳاپيل ناهي، پر هو پوريءَ ريت پاڪستاني به ناهي. هن کي نه سنڌ کپي، نه پاڪستان گهرجي، پر هن کي ذوالفقار علي ڀٽو گهرجي!" منهنجيءَ انهيءَ ڳالهه تي مڇرجڻ بدران هنن ٻنهي چيو ته، "آريسر صاحب! توهان صحيح آهيو. اسان شهر کان وٺي ڪچي جي علاقن تائين ويا آهيون، هر جاءِ تي اسان کي صرف ڀٽو نظر آيو آهي. بهرحال، هاڻي توهان پنهنجي آتم ڪهاڻي شروع ڪريو!" مون چيو ته، "منهنجي سامهون سگريٽ ۽ ماچيس رکو ته آءٌ پنهنجي آتم ڪهاڻي شروع ڪريان. اهو سفر جيڪو منهوڙي کان شروع ٿي، گيٽ وي آف انڊيا کان ٿيندو، وري سنڌ جي سرزمين تي موٽي ايندو، پر ايترو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ مون کي سگريٽ جي شديد ضرورت محسوس ٿيندي، چو ته منهنجا سگريٽ منهنجي ڪيسي مان توهان جي سپاهين ڪڍي ورتا آهن." ان تي هنن وراڻيو، "توهان کي ڳالهه ڪندي، جنهن وقت به سگريٽ جي ضرورت محسوس ٿئي، ته اسان جو ماڻهو ڪايل سگريٽ توهان جي هٿ ۾ ڏئي ويندو، پر پورو پاڪيٽ ۽ ماچيس اسين توهان کي ڏئي نٿا سگهون. هيءُ پهريون سگريٽ ونو ۽ پنهنجو داستان شروع ڪريو."

مون ڪانئن سگريٽ ورتو ۽ پهريون ڪش هڻي، ان جو دونهون ڪمري

جي فضا ۾ ڦٽو ڪيم. مون کي خبر ناهي ته اهو دونهون مخدوم طالب المولیٰ جي خيالي محبوب جي وارن وانگر ڇلڙا ڇلڙا ٿي ويو يا نازيہ حسن جي وارن وانگر سڌيون ليکون ناهيندو هليو ويو.

پوءِ مون پنهنجي پيدائش کان 18 آڪٽوبر 1992ع جي آڏيءَ رات تائين جي آتم ڪٿا ٻُڌائڻ شروع ڪئي. ۔استان ٻُڌندي ٻُڌندي ٻنهي آفيسرن کي ننڊ اچي ورايو ۽ مون کي چيائون، **"آريسر صاحب! باقي آئنده، آپ اب جاکر آرام سے سوجائين۔"** ان تي مون چيو ته، "مون کي اردوءَ جو شعر ياد پيو اچي، جيڪو آءٌ پنهنجي حال لاءِ چوان ٿو وڌيڪ بهتر آهي، پر اهو اوهان لاءِ نمڪي اچي ٿو:

زمانہ بڑے غور سے سن رہا تھا،
ہم ہي سوگئے داستان کہتے کہتے!"

پوءِ هنن مون کي وري به سپاهين جي حوالي ڪري، منهنجي آرام جو کين تاڪيد ڪندي، مون کي اُتان اُتاريو ۽ سپاهي مون کي وري به ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ وٺي ويا، جتي مون کي ٻہ ڪمبل ڏنا ويا، هڪ وچائڻ لاءِ ۽ ٻيو اوڍڻ ۽ مڇرن کان بچڻ لاءِ- پوءِ وري ٽيون ڪمبل ٻہ ڏنائون ته جيئن وهاڻي طور وچائي سمهي رهان!

آءٌ سمهي رهيس. ڪلاڪ کن مس گذريو هوندو ته مون کي اُتاريو ويو، ۽ ٻاهر ڪليل ميدان ۾ آندو ويو ۽ چيو ويو ته ته، "هاڻي توکي سمهڻو ناهي. عام طرح اسين قيدين کي اوجاڳو بيهاري ڏيندا آهيون، پر تون جيئن ته پوڙهو آهين ۽ جسماني طرح ڪمزور پڻ- ان ڪري توکي ويهي اوجاڳو ڪرڻو پوندو." ۽ پوءِ آءٌ ويهي رهيس. اهڙي حالت ۾ ڏينهن لڳاتار رهي. اُتي ٻيا ڪيترائي قيدي هئا، جيڪي مختلف سيلن ۾ بند هئا، جن تي ٽيندڙ مارکٽ جا ڏڪ ۽ سندن رڙيون آءٌ لڳاتار ٻُڌندو رهيس.

ان وچ ۾ مون کي سگريٽ ۾ نہ ڏنا ويا. نتيجي طور مون نالي ماتر ماني کائڻ ۽ چانهہ پيئڻ صفا ڇڏي ڏني. تئين ڏينهن ان حالت ۾ مون کي هڪ ايجنسيءَ جي آفيسر جي سامهون پيش ڪيو ويو، جنهن مون کي بي تحاشا گاريون ڏنيون ۽ ڏمڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي مون کيس چيو ته، "آءٌ هڪ ڪمزور پر محب وطن سنڌي آهيان. گهٽ پڑهيل هڻ جي

باوجود مون انساني تاريخ جو بي پناهہ مطالعو ڪيو آهي، ۽ توهان جهڙن اندر جي ڪمزور ۽ جسم جي مضبوط ماڻهن کي مون ماڻهن جي لتن ۽ ٽوڪرن ۾ ليلڙهاتيون ڪندي ڏٺو آهي. توهان شهنشاهہ ايران کان وڌيڪ مضبوط نہ آهيو."

مون کي خبر ناهي تہ انهيءَ آفيسر جي شڪل ۽ صورت ڪهڙي هئي، ۽ سندس مذهبي نظريو ڪهڙو هو، پر شهنشاهہ ايران جي لفظن ٻڌڻ تي مون کي ايڏي زوردار چمات هنيائين، جو آءٌ فرش تي ڪِري پيس، ۽ وري جڏهن اُٿيس تہ پوڙهي خميني‌ءَ سان گڏ سليمان لائق جي لفظن ۾ هن، پوڙهي پر دلي طرح جوان جي. ايم. سيد کي به گار ڏني.

مون هن وقت تائين پنهنجيءَ ماءُ تي گاريون ٻڌہ برداشت ڪيون هيون، پر سائين جي. ايم. سيد تي گار آءٌ برداشت نہ ڪري سگهيس، ۽ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ مون اُن سوئر پنجابيءَ کي هٿڪڙيءَ جو ڏڪ هڻي ڪڍيو، جيڪو هو پاڻ تہ گُسائي ويو، پر هٿڪڙيءَ لڳڻ سان سندس اردليءَ جو مٿو ڦاٽي پيو- پوءِ مون کي صرف ايترو ياد آهي تہ هڪ ماڻهو ڪٽ ۾ ٻڌو ٻيٺو آهي، ۽ ان جا هٿ پويان ٻڌل آهن ۽ هن جي مٿي مان بي تحاشا رت وهي رهيو آهي، پر پوءِ به هو ٻيٺو آهي ۽ سپاهين کي اهو چئي رهيو آهي تہ نيٺ توهان کي به مون سان شامل ٿيڻو پوندو، هنن بي رحم، سفاڪ ۽ انسانيت جي ويرين جي خلاف، جيڪي نالو تہ محمد رسول ﷺ جو ونن ٿا، پر آهن چنگيز خا جا به ڏاڏا. اهو سڀ ڪجهہ ائين پئي محسوس ڪيم جڏ تہ منهنجو روح، منهنجي جسم کان الگ ٿي، ان ٻڌل ماڻهوءَ جي ڪيفيت جو نظارو ڪري رهيو آهي ۽ اهو ٻڌل، ڦٽيل ۽ زخمي ٽيل ماڻهو آءٌ پاڻ نہ آهيان. **آءٌ اڄ محسوس ڪريان ٿو تہ شايد ان وقت مخدوم بلاول جي روح مون کي پنهنجي گهيري ۾ ونڊي ڇڏيو هو.**

پنجن ڏينهن تائين لڳاتار مون تي سخت تشدد ٿيندو رهيو ۽ سخت اوجاڳا به ڏنائون، پر ان تشدد جو ان وقت مون تي ڪو اهڙو خاص اثر ڪونہ ٿيو، بلڪ اوجاڳن ڏيارڻ واريءَ حالت ۾ جهڙوڪر آءٌ ننڊ ۾ هوندو هئس، ۽ پنهنجن پيارن ماڻهن سان ڪچهري ڪندو رهندو هئس. مون تي سمورو ڏينهن اها ڪيفيت رهندي هئي ۽ رات جو نائين وڳي وري مون کان

منهنجي آتم ڪٿا ٻڌي ويندي هئي. ان وقت بن قسمن جا ماڻهو ايندا هئا: هڪڙا، جن جي هٿن ۾ سچ پترا، ڏنڊا ۽ چپن تي بيشمار گاريون هونديون هيون، ٻيا اهي هوندا هئا، جيڪي چوندا هئا: **"نهين نهين، ايسے نهين ڪرو، شريف آدمي هے، سب ڪچھ بتادے گا."**

بهرحال انهيءَ سموري عرصي دوزان منهنجي آتم ڪٿا اُها رهي، جيڪا 19 آڪٽوبر تي بن نوجوان آفيسرن جي سامهون بيان ڪئي هئم.

هڪڙي رات مون کي پڇا ڳاڇا لاءِ ويا. آفيسر، سپاهيءَ کان پڇيو ته، "گهٽا ڏينهن هن کي ننڊ نه ڪرڻ ڏني اٿو؟" سپاهيءَ چيو ته، "پنج ڏينهن ۽ پنج راتيون." آفيسر حيران ٿيندي چيو، "هن کي ته پڇا ڳاڇا لاءِ اسان وٽ جڏهن به آندو ويو آهي، اسان ائين محسوس ڪيو آهي ته اڄا هاڻي پريور ننڊ ڪري اُٿيو آهي!"

حقيقت هيءَ آهي ته ان ۾ منهنجو ڪو ڪمال يا بهادري وغيره نه هئي. پر منهنجي مدرسي جي تعليم ۽ تربيت جو اهو نتيجو هو، جو آءٌ ويڻي ويڻي ننڊ ڪري ونندو هئس ۽ هنن کي خبر ئي نه پوندي هئي، ته هيءُ ننڊ پيو ڪري يا جاڳي پيو!

انهيءَ رات مون کان ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش جي باري ۾ پڇيو ويو ته، "هو انڊيا گهٽا دفعا ويو آهي." مون کين چيو ته، "مون کي اها خبر ناهي ته هو انڊيا ويو به آهي يا نه، پر ماسڪو ضرور ويو هو. جڏهن ڪميونسٽ پارٽي اقتدار ۾ هئي." پوءِ مون کي هڪ پت جي پر ۾ ويهاري هڪ اک تان پٽي هٽائي، هڪ تصوير ڏيکاري وئي، ۽ پڇيو ويو، "هن کي سڃاڻين ٿو؟" مون چيو: "ها! هيءُ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش آهي." جنهن تي مون کي چيو ويو ته، "هن اعترافي بيان ۾ چيو آهي ته آءٌ سنڌ قومي اتحاد جو ميمبر رهيو آهيان، جنهن جو جنرل سيڪريٽري عبدالواحد آريسر هو." مون کين چيو ته، "بلڪل صحيح، نه صرف گهنشام پرڪاش، پر سنڌ جو گورنر محمود هارون ۽ پاڪستان جي مرڪزي حڪومت ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو وزير الاهي بخش سومرو به منهنجي ماتحت ٿي رهيا آهن، جو ته اهي به سنڌ قومي اتحاد جا ميمبر رهيا آهن- ۽ اهو اگر ڏوهه آهي ته مهرباني ڪري الاهي بخش سومري ۽ محمود هارون ڏانهن آگر جو اشارو ته

ڪري ڏسو!" ان تي آفيسر مون کي چيو تہ، "**آپ چائے پيئين گے يا وهسکي؟**" مون جواب ڏنو تہ، "ٻاهر آءٌ وسکي پيئندو هئس ۽ وري ٻاهر نڪتس تہ ضرور پيئندس، پر هن وقت آءٌ چانهہ بہ پيئڻ ٿو چاهيان، ڇو تہ چانهہ کان پوءِ سگريٽ جي طلب ٿيندي آهي، ۽ آءٌ رات جي هن وقت، توهان کي سگريٽ لاءِ سوال ڪرڻ ٿو چاهيان."

بهرحال آفيسر مون کي چانهہ جو ڪوپ بہ ڏنو ۽ ڏکايل سگريٽ پڙ- ۽ ان کان پوءِ ماتحت کي چيائين تہ، "آرسر کي پرپور نند ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي." مون کي هڪڙو ڪمبل وڇائڻ لاءِ ۽ ٻيو مٿي اوڍڻ لاءِ ڏنو ويو. مون کين چيو تہ، "ڪا سرَ آٿي ڏيو."

"چو مٿو ڍڪيندين چاڻ؟"

مون چيو تہ، "نہ پنهنجو، نہ ئي ٻئي ڪنهن جو مٿو ڍڪڻ جي تعليم مون کي ملي آهي. آءٌ سِر صرف وهاڻي طور استعمال ڪرڻ چاهيان ٿو."

ان کان پوءِ هنن مون کي وهاڻي لاءِ بہ ڪمبل آڻي ڏنا ۽ آءٌ مزي سان سمهي رهيس- ۽ **مون کي اهڙي نند آئي، جهڙي مولانا آزاد کي 1920ع ۾ علي پور جيل ۾ آئي هئي.**

وري ٻئي ڏينهن کان پڇا ڳاڇا جو سلسلو ٻيهر شروع ٿيو ۽ مون کي وري بہ مسلسل اوجاڳا ڏنا ويا. ان عرصي دوران منهنجو شعور سمهي رهيو ۽ لاشعور حرڪت ۾ اچي ويو. مون سمجهيو تہ منهنجا سمورا دوست مون سان گڏ آهن، ۽ منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب آهي. بلڊ پريشر 180 کان وڌي ويو آهي ۽ دوستن جا نالا وٺي چوڻ لڳس تہ، "گاڏي ڪاهي وڃي ڊاڪٽر وٽي اچو." مون اهو پڻ پڇيو تہ، "**ناز سهتو هتي آهي؟**" ان تي هڪڙي سنڌي سپاهيءَ چيو تہ، "اهو هتي ناهي." اِها رات ڏياريءَ جي رات هئي، مون سوچيو تہ، "اڄ ڏياريءَ جي رات آهي، منهنجي پوندِ جي هر پٽ تي ڪونہ ڪو ڏيئو روشن هوندو، پر منهنجيءَ زندگيءَ جو ڏيئو اجهو اجهامڙ تي آهي. پر اي حيدرآباد جي هوا! تون ناز سهتي کي اهو پيغام ضرور پهچائجانءِ تہ منهنجي موت جا ذميوار صرف هي بہ سپاهي آهن، ۽ **منهنجو روح هنن سپاهين ۽ انهن جي آقائن کان هر صورت ۾ انتقام وٺندو، پر عدم تشدد جي ذريعي.**"

ته، حيرت انگيز ڳالهه آهي ته وڏيون هڪلون ڪندڙ، ۽ جمن دربدر جي لفظن ۾ 'نلها ڦٽاڪا چوڙيندڙ'، منهنجن انهن لفظن کان ايترو ته مرعوب ٿي ويا، جو هنن فوراً ڊاڪٽر جو انتظام ڪيو.

منهنجي مڪمل چڪاس ڪرائي، تحقيقاتي سيل مان فرحتي ڪمري ڏانهن منتقل ڪيائون، پر انهيءَ سموري عرصي دوران منهنجي اکين تي دبل پٽي بڌل هوندي هئي. هتي هڪ عجيب ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته جنهن قيديءَ جي اکين تي ٽارچر دوران دبل پٽي بڌي وڃي ته ان لاءِ اها ڳالهه طئي ٿيل آهي ته اهو دشمن ملڪ جو پڪو ايجنٽ آهي، پر هنن مون کي دبل پٽي صرف ان لاءِ بڌي هئي، ته جيئن شامهون ويڙل کي ڏسي ۽ ڏڪ هٽي نه ونان.

پڇا ڳاڇا جو اهو سلسلو هلندو رهيو، ۽ ان وچ ۾ مون کي ياد ناهي ته هنن مون کي ڪيترا ڀيرا الله ۽ رسول جي نالي ۾ گاريون ڏنيون، ۽ ڪيترا ڏينهن اوجاڳو ڪرايو، ۽ الائي ڪيترا ڀيرا بيهوش ٿيس، ۽ ڪيترا ڀيرا نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾، پنهنجي چوڌاري پنهنجن پيارن ماڻهن کي ٽهل ٽڪور ڪندي محسوس ڪيم.

انهيءَ دوران ماني کائڻ کان پوءِ مون کي منائي آڻي ڏني وئي، ۽ جيل کان ٻاهر ڦٽاڪن ڇٽڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. منائي آڻيندڙ کان مون پڇيو ته، "اڄ ٢٧ رجب آهي يا ١٥ شعبان، جنهن ڪي ڦٽاڪن واري عيد چيو وڃي ٿو." ته سپاهيءَ مون کي چيو، "**نهين صاحب! آج سالون کافرون کي ديوالي هے ۽ انگريزون کے دؤر سے لے کر آج تک هماري فوج مين يه روايت چلي آ رهي هے.**" ڏياريءَ جو تصور اچڻ سان منهنجو ذهن ٽارچر سيل مان پتنگ بڻجي، امرڪوٽ جي پٽ تي ڪنهن ڪامٽيءَ جي اُرهن مان هرندڙ ڏيئن تي پاڻ کي جلائڻ لاءِ اُڏامي ويو، ۽ اُتي مون کي ڪيترن ئي ڏيهي پرڏيهي ڪاهوڙين ۽ راجستاني ڪامٽين ۽ ڪوپن جا مهانڊا ياد اچڻ لڳا، ۽ سوچيم ته رنگ ۽ نُور جي هن بارش ۾ آءٌ به انهن کي ياد هوندس يا نه! ۽ پوءِ مايوسيءَ جي شدت ۾ لطيف جو هيءُ بيت بي ساخته منهنجيءَ زبان تي اچي ويو. ۽ مون ڳائڻ شروع ڪيو:

مارُو ملڪ مليرَ جا، سيئي پرڪياسون،
سوڪيءَ ويلي سپڪو، اوڪيءَ ويلي تون،
مولا مٽان مون، پُڙ مرَ لاهج ٻاجهه جو!

پهري تي ٻيٽل سپاهيءَ مون کي ٽُڏو هٽندي چيو، "توکي خبر ناهي ته هتي زور سان ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ جي بندش آهي."

چيم، "مون ته نه ڳالهايو آهي، هيءُ لطيفَ ڳالهايو آهي..جيڪو سنڌ جو ازلي ۽ ابدي روح آهي؛ جيڪو توهان جا پهرا ۽ پابنديون ته نهيو، پر سنڌ جي جاگيردارانه سماج جي اڌيل ستن ڪوٽن ۾ پُوريل، ڪنوارين جي دلين ۾ به پنهنجا آکيرا اڏي چڏيندو آهي. آءٌ پنهنجا سياسي نظريا ۽ سوچون وقتي طرح توهان جي تشدد جي ڪري روڪي سگهان ٿو، پر پٽائيءَ کي ڳائڻ وساري نه ٿو سگهان. **پٽائي ته ڪاري ٽي ڪُسجندڙ، سنڌي عورت جي وات مان آخري حسرت طور به اُپري ايندو آهي.**"

انهيءَ گفتگو هلندي کي سپاهي آيا، جن مون کي چيو ته، "توکي صاحب ڳهرايو آهي." آءٌ انهن سان گڏجي، 'کهري' آواز واري هڪ آفيسر وٽ پهتس. هن مون کان ساڳي کهاٽي دهرائي پُڇي، ۽ ڪجهه ٻين سياسي ڪارڪنن جي باري ۾ پڻ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ۾ سيد غلام شاهه ۽ ڳهنشام پرڪاش سرفهرست هُئا. مون کين ٻڌايو ته ڳهنشام پرڪاش سابق ڪميونسٽ ۽ موجوده وقت ۾، پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ هلندڙ تصوراتي گروهه، جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ ۾ شامل آهي. پر آءٌ ايترو ضرور چوندس ته هڪ سابق ڪميونسٽ جي حيثيت ۾، هو ڪنهن به غير ڪميونسٽ ملڪ جو ايجنٽ ٿي سگهي." بس ايتري ٻڌڻ کان پوءِ اُن آفيسر پهريون دفعو مون سان هٿ ملايو، ۽ چيائين، "آريسر صاحب! توهان جي مهرباني!"

مون کي وري آٿي ساڳيءَ کوليءَ ۾ بند ڪيو ويو، ۽ منهنجي سامهون اسٽئمپ پيپر ۽ ڪجهه ڪاغذ آندا ويا، جن تي منهنجي آڱرين ۽ آڱوٺن جا نشان ورتا ويا، ۽ پوءِ مون کي باهر ميدان ۾ ويهاريو ويو. ان وقت تلاءَ نمبر ٽئين مان حيدرآباد جا ٻه ايمر. ڪيو. ايمر جا دهشتگرد آندا ويا، جن جي بنا ڪنهن ٻڌا ڳاڻا جي سچ پترن سان مرمت شروع ٿي وئي. ڏکن دؤران

پنهي همراهن چيو تہ، "سائين! جو چوندؤ مڃئون ٿا. خدا جي واسطي انسان کي ماريو نہ!" پر هنن مارڪٽ بند نہ ڪئي. نيٺ هنن مان جيڪو مضبوط ۽ ٽلهو هو، تنهن چيو، "آپ همين بتائين ڪہ آپ ڪيا چاهتے هين؟" آفيسر چيو تہ، "حيدرآباد جي فلاڻي ٽاڻي تي قتل جون يارهن ايف. آءِ. آر ڪٽيل آهن، جن مان ڪن ٻہ ٻن جو تون اقرار ڪر، ۽ تن قتلن جو اقرار تنهنجو سائي ڪري، تہ پوءِ توهان کي اسين هن سيل مان جيل ڏانهن موڪلي چڏيندا سين."

اُن وقت آءٌ پنهنجي ڪُڏيءَ ۾ ڪنگهيس تہ آفيسر، سپاهيءَ کان پڇيو تہ، "اهو ڪير آهي؟" هن منهنجو نالو ٻڌايو. آفيسر در ڪولرائي اچي مون سان مليو، ۽ چيائين تہ، "مسٽر آريسر! ان ڏينهن پچا ڳاڇا دوران تو صوبيدار سان جيڪو رويو رکيو، ان کان آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. انقلابي ماڻهو ائين ئي هوندا آهن." مون کيس لطيفو ٻڌايو تہ، "هڪڑو ماڻهو ڪنهن سمنڊ ۾ ٻُڏي رهيو هو تہ ٻئي ڊوڙي وڃي ان کي ٻاهر ڪڍيو. جنهن تي ڪناري تي بيٺل سيني ماڻهن اُن ماڻهوءَ جي تعريف ڪئي تہ انساني ايثار جو ان کان وڌيڪ ڪو جذبو نٿو ٿي سگهي. تنهن تي اُن ماڻهوءَ چيو تہ توهان جي تعريف جي مهرباني، پر مهرباني ڪري مون کي اهو ٻُڌايو وڃي تہ ان کي ڪيڏ لاءِ مون کي سمنڊ ۾ ڏڪو ڪنهن ڏنو؟ سو مون سان ٻہ اها ئي حالت آهي، ۽ آءٌ ايڏو بهادر مڙس ناهيان، ان ڪري آءٌ بهاديءَ، همت ۽ جرائت جي ڪابہ دعويٰ نٿو ڪريان. اوهان پاڻ منهنجي رهبر خلاف گهٽ وڌ ڳالهائي، مون کي ان عمل لاءِ مجبور ڪيو. آءٌ هميشہ عدم تشدد جو پوئلڳ رهيو آهيان. آءٌ پنهنجي انهيءَ عمل تي شرمسار آهيان ۽ ان عملدار کان معافي ٿو گهران، ۽ کيس مڪمل اختيار ٿو ڏيان تہ هو پنهنجي دائرد اختيار ۾، جيڪا سزا مون کي ڏيڻ چاهي، سا ڏئي، چاڪاڻ تہ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو نہ چاهيندي بہ مون تشدد تي عمل ڪيو آهي، نہ تہ، مون پنهنجي جواني ۾ ڪنهن عورت جي چاتيءَ کي بہ زور سان نہ چيڀاٽيو آهي، چو تہ ان کي آءٌ، تشدد جو عمل ٿو سمجهان. مهاتما گانڌي تہ ڳئون ۽ ٻڪري ڏُهڻ مهل، ٽٽن کي زور ڏيڻ کي بہ تشدد سمجهندو هو." آفيسر چيو تہ، "مون ان ڳالهہ کي ايترو محسوس نہ ڪيو آهي. اسان وٽ اهڙا ڪيس ٽيندا رهندا آهن."

انهيءَ رات جو ٻين وڳي مون کي چانهه ۽ سگريٽ پياري چيو ويو ته، "آريسر صاحب! توهان جي مهرباني-" ۽ مون کي وري ساڳيءَ ڪڏيءَ ۾ وڃي ويا. ڪڏيءَ ۾ پهچڻ وقت ڪنهن ٻيءَ ايجنسيءَ جو ماڻهو مون وٽ چٽي ڪُٽي وانگر رڙ ڪري پهتو، ۽ چيائين: "آريسر! سال ۽ تاريخ مون کي ياد ڪونهي! تنهنجيءَ قيادت ۾ جامشوري- دادوءَ وچ ۾ تيرهن سؤ پنجابي مسافرن کي ڦريو ويو هو، ۽ اهو توتي اسان جو قرض رهيل آهي." مون انتهائي سُڪون سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "مون کي خبر ناهي ته تنهنجو تعلق ڪهڙي محڪمي سان آهي، پر تنهنجيءَ سوچ تي مون کي ڏاڍي حيراني ٿي آهي، ته توکي اِهو احساس ته ٿيو آهي، ته تيرهن سؤ پنجابي مسافر ڦرجي ويا، ۽ ان جاءِ تي اگر سنڌي ڦرجن ها ته تنهنجي اها 'پاڪستانيت' ڪهڙي درجي تي هجي ها؟ ۽ پڑ ۽ دادو ريلوي اسٽيشن تي رينجرز ۽ آرمي وارن جي بقول، تنهنجي سيني مسافرن کي ڦورن آزاد ڪري ڇڏيو." هن مون کي چيو، "آريسر! سچ سچ ٻُڌاءِ، نه ته آءٌ تنهنجي ڪل لاهي ڇڏيندس!" مون کيس چيو ته، "تنهنجي ڪلهي تي لڳل بٽج توکي اها اجازت نٿو ڏئي سگهي ته تون منهنجي ڪل لاهين. هي سڀ اسان جي سياستدانن جون نااهليون آهن، جن جي آڌار تي تون سنڌ جي هڪ اهڙي ليڪ سان گستاخي ۽ تذليل سان پيش اچي رهيو آهين، جيڪو پير جي آڱوٺي سان قلم جهلي لکي ته سنڌ جون اخبارون انهيءَ لکڻيءَ کي به هوند پنهنجي هيڊنگ بنائين."

يقين ڪريو ته هن جي انهن ڏڑکن جو مون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، ۽ اکيون ٻڏل هئڻ جي باوجود آواز جو طرف سڃاڻندي، هن کي ڪلهي تي زور سان هٿ هڻي چيم ته، "هيءَ حيرت انگيز ڳالهه آهي ته آءٌ سنڌ جي ڳالهه ڪريان ته قيدي بنجان، ۽ تون پنجابين جي تحفظ واري ڳالهه ڪرين ته محب وطن پاڪستاني بنجين!" مون کيس اهو به چيو ته، "تنهنجي حب الوطني تيستائين آهي، جيستائين نوڪريءَ ۾ آهين، ۽ منهنجي وطن دوستي ۽ منهنجو عوام سان پيار، ان وقت به قائم رهندو، جڏهن آءٌ توهان جي پيرن ۾ ذلت سان وينو آهيان، ۽ ان وقت به قائم رهندو، جڏهن آءٌ هوائن جيان آزاد هوندس." ان تي هن جي اندروني درندگيءَ تي شايد ٻُلهي شاهه

جي انسانيت جو ڪو پرتوو پئجي ويو، جو سپاهين کي حڪم ڏنائين تہ، "آريسر صاحب کي انهن بن قيدين سان گڏ اُن جاءِ ۾ ويهاريو، جنهن جاءِ ۾ پنکو لڳل آهي."

جڏهن مون کي ان ڪمري ۾ وڌي ويا، ان وقت ان ۾ ٽي قيدي هُئا! هڪڙو بنگالي 'ابوالڪلام آزاد'، ٻيو هندستان جو اسمگلر 'مهتاب سنگهہ'، جيڪو پاڪستان جي ڪجهن ادارن جي وڏن عملدارن جي تعاون سان اسمگلنگ ڪندو هو، ۽ حيرت انگيز ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهو اسمگلر هندستان ۾ منهنجن مائٽن جي ڳوٺ 'وڇڙار' جو رهاڪو هو، جنهن ڳوٺ جا اسان جي عمرڪوٽ تعلقي ۾ بہ مشهور ماڻهو آهن: هڪڙو ابراهيم آريسر، جيڪو پي پي عمرڪوٽ تعلقي جو جنرل سيڪريٽري آهي، ۽ ٻيو شريف آريسر. ان ڪري، جنهن جا ست هزار روپيا پاڪستان ۾ ايجنسين جو هڪ عملدار عمر راهمون (جنهن کي هاڻ عمران راهمون سڏيندا آهن) ڪائي ويو هو، ۽ ايف. آءِ. يو جي ذريعي گرفتار ڪرائي ڇڏيائونس.

هتي آءٌ حيدرآباد ۾ مون تي ٽيل ٽارچر جو تفصيل ٻڌائڻ سان گڏ، ٽي ڳالهيون ٻُڌائڻ چاهيان ٿو- پهرين ڳالهہ:

ابوالڪلام آزاد سگريٽ لاءِ محتاج

اها تہ سڄي دنيا کي خبر آهي تہ مولانا آزاد، نفيس سگريٽ، نفيس چانهہ ۽ نفيس ماڻهن جي صحبت کي پسند ڪندو هو، پر هو جڏهن پهريون دفعو علي پور جيل ۾ ويو تہ جيل جي ماڻهوءَ ۾ پنهنجا سمورا سگريٽ جيل جي عملي ۾ ورهائي اندر هليو ويو، ۽ بن سالن تائين هن سگريٽ کي هٿ بہ نہ لاتو. پر جنهن ڏينهن هن کي آزاد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سپرنٽينڈنٽ جي آفيس ۾ آندو ويو، تہ ان وقت جيل سپرنٽينڈنٽ کيس ڊبل ڪرائون سگريٽ پيش ڪيو. مولانا لکيو آهي تہ، 'جيڏي همت سان بن سالن لاءِ سگريٽ ڇڏيا هُئم، اوتري ئي شوق سان جيل سپرنٽينڈنٽ کان سگريٽ ورتم ۽ ڏاڍي ذوق سان پيتم. اهو ان ڪري، جو مون شروع کان ئي پنهنجيءَ زندگيءَ کي بن خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جن مان هڪ تَرڪ جو، ۽ ٻيو لذت جو- اندر پئي ويم تہ مون کي 'ترڪ' جي ضرورت هئي، ۽

مون پنهنجي واحد عياشي ترڪ ڪري ڇڏي، ۽ جڏهن ٻاهر نڪتس تہ 'لذت' کي ٻہ ايتري وڏهانہ شوق سان قبوليم. بنيادي شيءِ اها آهي تہ ماڻهو 'ترڪ' ۽ 'لذت' تي ڪيترو قادر ٿي سگهي ٿو.' باوجود مولانا جي پوئلگ هڻڻ جي، آءٌ ڪنهن بہ شيءِ جي طلب ڪرڻ کان سواءِ سگريٽ بار بار گهُرندو هُئس، پر اهو دائم مرڙائيءَ وانگر نہ! اتي هڪ بنگالي قيدي بہ هو جنهن جو نالو ابوالڪلام آزاد هو، ۽ هو بہ سگريٽ جو ايترو ئي عادي هو، جو بار بار عملدارن کان سگريٽ گهرندو هو ۽ موٽ ۾ ڪيس گاريون ملنديون هيون. انهيءَ ماجرا تي مون سوچيو تہ تاريخ جي ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي، جو ابوالڪلام آزاد هڪ سگريٽ جي ٽوٽي لاءِ محتاج آهي!

پي شيءِ جيڪا مون محسوس ڪئي سا هُئي:

پاڪستاني ايجنسين جي ٽارچر سيلن ۾، ڪنور پڳٽ جو ڪاهي پوڻ

اسان تي چوڪي ڏينڈڻ ۾ دادوءَ جو هڪ چرياڻ قسم جو سپاهي بہ هو، جيڪو صبح جو سوير ڇهين وڳي آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي سروس لڳائيندو هو، جتي مڏ ۽ ماکيءَ جي ميلاپ واري وينا شرنگيءَ جي آواز کان پوءِ، ڪنور پڳٽ جو مٺڙو آواز پرپور طريقي سان گونجڻ لڳندو هو.

دنيا سپ درياءَ، ڪو ڪو تارُ تنهن ۾،
هڪ لالچ لوڀ جي، ٻيو آتش جو آڙاهہ...

آءٌ سمجهندو هُئس تہ هُو اهو سنيهو مون لاءِ ئي ڏئي رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان جي حڪمرانن باربر تي ماڻهن جي اڇ وڇ لاءِ تہ زنجيرون هٽائي ڇڏيون آهن تہ جيئن بقول حضرت جوش ملیح آباديءَ جي، عاشق پنهنجي محبوبہ جي نيٽن مان ٽمندڙ ڳوڙها نہ ڏسي سگهي. پر اسان جا حڪمران شايد اهڙو ڪوبہ اوزار ايجاد نہ ڪري سگهيا آهن، جو اُن سان هوائن جي لهرن تي ترندڙ آواز جي ذريعي، پنهنجن پيارن جا چهرا نہ ڏسي سگهندا هُجون!- ۽ انهن لهرن جي ذريعي پڳٽ ڪنور رام، روزانو نام نهاد دشمن ملڪ جي ايجنسيءَ جي دفتر ۾، مون کي درشن ڪرائڻ کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهيو.

- ۽ ٽين شيءِ، جنهن مون کي حوصلو ڏنو، سو هو:

هڪ سپاهيءَ جو رويو

اُتي دستور اهو هو ته چوويهن ڪلاڪن ۾ چار دفعا اسان جي اکين تي پٽيون ٻڌي، اسان کي ڪُڏيءَ کان ٻاهر پيشاب ڪرائڻ لاءِ وڃي ويندا هئا. اُتي باٿ روم ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ اسان کي اجازت هوندي هئي، ته اسين پٽي کولي پيشاب ڪريون. هڪ ڏينهن هڪ سپاهي مون کي پيشاب ڪرائڻ لاءِ وڃي ويو، ۽ واپس ٿيڻ وقت دستور موجب مون کانئس پٽي ٻڌرائڻ لاءِ کيس چيو، ته هن روئي ڏنو، ۽ چيائين ته: "منهنجي هٿن ۾ اها طاقت ناهي، جو آءٌ تنهنجي اکين تي پٽي ٻڌي سگهان." ان مان اندازو لڳايو ته وحشي کان وحشي ماحول ۾ رهندي، به انسانيت پنهنجو وجود برقرار رکي سگهندي آهي.

ٻيو واقعو به مون کي ياد آهي ته هڪ دفعو هڪ سپاهي مون کي پيشاب ڪرائڻ لاءِ وڃي ويو، پر جيئن ته منهنجون اکيون ٻڌل هيون، ان ڪري مون کي دروازي جي خبر نه پئي، ۽ منهنجو مٿو وڃي پٽ سان لڳو. سپاهيءَ پاڻوهه مان پاڪرن ۾ وڃي، ڏڪ لڳل جاءِ تي انتهائي نرم ۽ ملائم هٿن سان ٽاڪورڻ لڳو. سچ پچ ته انهيءَ سپاهيءَ جي آڱرين جي ڇُهاءَ تي آءٌ روئي پيس، ڇو ته ارڙهين آڪٽوبر کان پوءِ اهي پهريون نرم آڱريون هيون، جن انتهائي ٻاجهه سان منهنجي پيشانيءَ تي ٽڏڙا ڪڍيا هئا. اسين ماڻهو، جيڪي سدائين رياستي جبر ۽ وحشت جي گهاٽي ۾ پيڙيا رهيا آهيون، تن جي جسم تي ٻاجهه پريو هٽ، دم عيسيٰ کان گهٽ نه هوندو آهي. اُتي مون کي سوئيڪارنو جو مشهور قول ياد آيو ته، "محبت ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان کي ڪيلي جي سڙيل ڦري آڇيندو آهي، ته اُهو اسان جون سموريون محبتون خريد ڪري وٺندو آهي، پر نفرت ۽ بالادستيءَ جي ذريعي ڪوئي ماڻهو اسان کي اربين ڊالر به آڇيندو آهي، ته اسين ڪيس هڪ ئي جواب ڏيندا آهيون ته تون ۽ تنهنجا ڊالر جهنم ۾ وڃو!" اُن ڪري مون کي اُن سپاهيءَ سان بي انتها اُنس ٿي ويو، ۽ چاهيندو هُئس ته جڏهن منهنجو باٿ روم ڏانهن وڃڻ جو وارو اچي ته ڪاش! اهو سپاهي هجي؛ پر انسان جون سڀ خواهشون پوريون ٿين، ۽ ڪيس سموريون محبتون ملن، ته پوءِ انسان ۽ خدا ۾ فرق ڪونه رهندو. مون سان ته زندگي موڙ موڙ تي

سنگين مذاق ڪندي رهي آهي. جيڪڏهن ڪجهہ لمحا مون کي خوشيءَ جا ميسر ٿيا آهن، تہ اُنهن جي پٺيان هڪدم ڏک ۽ بيوسيءَ جا ڪلاڪ ايندا رهيا آهن. ان ڪري ٿوري خوشي ملڻ وقت بہ آءٌ گهبرائيندو آهيان، تہ متان ان جي پٺيان غم جي لهر نہ اچي وڃي!

بهرحال، انساني زندگي ڏکن جو طويل داستان آهي. سموريءَ ڪائنات جي سموريءَ تاريخ ۾، سمورن انسانن جا ڏک، سمورين خوشين کان ڪيترائي پيرا وڌيڪ وزنائتا ۽ دل ڏارينڊڙ هوندا آهن- ۽ انسان کي بقول سائين جي. ايم. سيد: "قدرت ويسر جي عجيب نعمت ڏني آهي، جيڪا انساني خوشيءَ جي هڪ لمحي ۾ ڏکن جا سال وساري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن انسان کي اها نعمت ميسر نہ هجي، تہ شايد انسان جيئرو رهي ئي نہ سگهي."

اسان سان بہ ساڳي حالت هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن هڪڙا سپاهي ايندا هئا تہ ٻئي ڏينهن ٻيا، جن جو رويو هڪ ٻئي کان مختلف هوندو هو. بهرحال هُو انسان هئا، ۽ انساني وجود جو احساس بہ ٻئي ماڻهوءَ جي لاءِ آڇت جو ڪارڻ بنجي ٿو.

هڪ ڏينهن هڪ سپاهي مون کي باٿ روم ڏانهن وٺي ويو. اتي ٻيئل ٻين سپاهين چيو تہ، "**تُو بڑا بے غيرت ہے.**" مون چيو، "ها سائين! ڪوئي ٻي غيرتمند هنن جاين تي اڇڻ پسند نہ ڪندو آهي." مون کي خبر ناهي تہ منهنجي انهيءَ جملي جي گهرائي هُو سمجهي سگهيا يا نہ!

هاڻي اسان جو معمول اهو هوندو هو تہ **سيل ۾ اسان کي جنگهن ۾ ڪَڙيون هٽي، ڪُتي وانگر ٻَڌي ڇڏيندا هئا.** مانيءَ جي ٽائيم ماني ڏيڻ ايندا هئا ۽ پيشاب جي وقت باٿ روم ڏانهن وٺي ويندا هئا. هفتي ۾ هڪ دفعو وهنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جي اجازت ڏيندا هئا. هر پندرهين ڏينهن ايجنسيءَ جو ڪو ماڻهو ايندو هو، ۽ اسان جي شيوَ ڪري ويندو هو. **باقي ٽوٽ پيسٽ يا بُرش جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو.** هڪ ڏينهن صبح جو چانهہ کان پوءِ ڪمبل جي پرسان مون هٿ هنيو، تہ هڪ تازو گُل هٿ کي محسوس ٿيو، جيڪو سيراندي‌ءَ کان رکيو هو. گُل کي سُنو سنڌڻ سمجهي، مون پنهنجي کيسي ۾ رکيو ۽ منهنجو ذهن ماضيءَ ڏانهن پندرهن سال پوئتي

موتي ويو، جڏهن منهنجو هڪڙو دوست مون کي هر هفتي هڪ خط موڪلينڊو هو، ۽ ان خط ۾ گلاب جوگل ضرور پيل هوندو هو. پر هن کي خبر ڪانه هئي ته آءٌ گلاب جو گل پسند نه ڪندو آهيان، چو ته گلاب جو گل، قبر ۽ لاش تي رکيو ويندو آهي. اُن جي پيٽ ۾ مون کي موتيي جو گل وٺندو آهي، جنهن جي خوشبوءِ تيز ۽ جنهن جو رنگ امن جو هوندو آهي. پر الائي ڇو، ان ڏينهن اُهو گل ڏسندي شرط مون اُن کي سُنو سنؤڻ سمجهيو ۽ ان دوست جي ياد ۾ محو ٿي، ساڻس پريٽ ايترو ڳالهايم ته، "اي منهنجا پيارا! منهنجو ڏهرو جسم تشدد جي ڪري ڇڪنا چور ٿيل آهي، منهنجو روح تنهنجيءَ محبت جي ڪري ڪشمير جي چنار وانگر يا ڪارونجهر جي ڳاڪيليءَ وانگر تازو ۽ توانو آهي." مون کي الائي ڇو يقين ٿي ويو ته گلاب جو تحفو موڪلينڊڙ دوست سان منهنجي وري به ملاقات ٿيندي، ۽ اسين موتئي ۽ گلاب تي بحث ڪنداسين.

ان کان پوءِ ڏينهن گذرندا رهيا ۽ اسان، جيڪي هن سرزمين جي تاريخي تقاضائن جا فطري فرزند هُئاسين، سي ايشيائي ڪُٽن وانگر گهلبا رهياسين.

سلسلي کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ آءٌ هتي ڪجهه اعتراف ڪرڻ چاهيان ٿو، ته جيئن پڙهندڙن ۽ ڪارڪنن ۾ ڪا غلط فهمي نه رهي. اناويهين آڪٽوبر تي هڪ آفيسر جي سامهن مون کي پيش ڪيو ويو، جنهن چيو ته، "تون پنهنجن نظرين تان هٽ ڪر ۽ دهشتگرديءَ جي خلاف اسان جي مدد ڪر، ته اسين توکي آزاد ڪريون." مون کي اڪين بدل صورت ۾ هن جي سامهون پيش ڪيو ويو هو. پر مون کي وڃڻ لاءِ هڪ سنڌي آفيسر آيو هو، يا سنڌي ڳالهائيندڙ هو، جنهن مون کي هن آفيسر جي سامهون پيش ڪيو هو. پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ منهنجي جسم تي سينٽ جو ڦوهارو ڪيو هئائين ته جيئن آءٌ ڪجهه تازگيءَ سان ڳالهائي سگهان. جڏهن مون کي پيش ڪيو ويو، تڏهن مون کي هن دل کولي گاريون ڏنيون ۽ خاص ڪري ٽن شين: (۱) سنڌوديش، (۲) منهنجيءَ ڏيءُ جي نالي اندرا ۽ (۳) منهنجي سياست ۾ هجڻ تي ڇوهه چنديائين.

مون هن کي چيو ته: "سنڌوديش نئين ڳالهه ناهي. اها 1973ع کان اسان ڪندا پيا اچون. جيستائين "اندرا" نالي جو تعلق آهي ته منهنجي نظر

۾ نالا هندو يا مسلمان نہ ٿيندا آهن، پر پوءِ به منهنجي ذيءُ جو نالو اسپتال جي رجسٽر ۾ مائٽن نسيم لکائي ڇڏيو آهي. ٽيون ته بيماريءَ سبب آءٌ هن وقت عملي طرح سياست ۾ ڇڻ آهيان ئي ڪونہ، ۽ صرف پنهنجن گهريلو ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهيان."

هن چيو ته، "توهان هن ڏرتيءَ جا گندا ڪيڑا آهيو. صرف راجيوَ گانڌيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ تو پنهنجي ذيءُ جو نالو اندرا رکيو آهي، ۽ گهر ۾ هندن جي تهذيب واريون مورتيون رکيون آهن. تنهنجو ليڊر جيڪو پاڪستان جي بانين منجهان آهي، سو صرف چيف منسٽري نہ ملڻ تان اُن جو مخالف ٿي پيو." پوءِ چيائين ته، "ڏرتيءَ جا گندا ڪيڑا! تون اسان کي ڪٽي ظالم سمجهين، پر سنڌ جي مٽيءَ جو ڪجهہ خيال ڪر، جنهن تي سياڻي هندو قبضو ڪري ويندا! جي. ايم. سيد هاڻي ڪجهہ به نہ رهيو آهي. اسان جي نظر ۾ تون ان جو نظرياتي پُٽ آهين ۽ غريب پڻ. هن ملڪ ۾ ڪنهن غريب کي ايڏي وڏي برانگهہ ڪڻڻ جو سوچڻ به نہ کپي. مون کي غريبن سان محبت آهي. آءٌ توکي ٿي شيون چوان ٿو: تون سياست ڇڏي ڏي، ذيءُ جو نالو اندرا تبديل ڪر، ۽ گهر ۾ ڪنهن به هندو مورتيءَ کي داخل ٿيڻ نہ ڏي. وَڃ! مون توکي معاف ڪيو. تو منهنجي شڪل نہ ڏٺي آهي ۽ خدا ڪندو ڏسندين به ڪونہ!"

مون کيس چيو، "صاحب! آءٌ سياست به ڪٽي ڇڏيان، ذيءُ جو نالو به ڪٽي تبديل ڪريان، پر توهان مون کي سنڌ جي آزاد مستقبل جي خوبصورت خوابن ڏسڻ کان روڪي نٿا سگهو، اها ته توهان کي به خبر آهي ته توهان ظالم آهيو ۽ اسين مظلوم آهيون- ۽ سنڌ جي مٽيءَ سان ڪير غداري پيو ڪري؟ چگو، خدا حافظ!"

آءٌ بنا هن جي چوڻ جي اُٿي بيٺس ۽ چيم، "اوهان خبر نہ آهي ڪهڙيءَ حيثيت ۾ مون کي معاف ڪرڻ چاهيو ٿا؟" تنهن تي اُن آفيسر بدران انهيءَ سنڌي آفيسر چيو ته، "سائين! هي سياست کان اڳ ۾ ئي لاتعلق ٿي چُڪو آهي، ۽ مون کي خبر پئي آهي ته جيئن هيءُ گرفتار ٿيو آهي، ته هن جي پوڙهي پيءُ، جيڪو صرف ڪريون چارڻ ڄاڻندو آهي، مانيِ به نہ ڪاڍي آهي."

اُن تي هن آفيسر چيو تہ، "بهرحال، جيڪڏهن هيءُ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پرخلوص آهي، تہ پوءِ اسين ڪيس معاف ڪري سگهون ٿا."

وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ۽ سوال جواب ٿيڻ کان سواءِ ئي آءٌ نڪري ويس ۽ سپاهيءَ مون کي گهلي وڃي ڪُڏيءَ ۾ وڌو.

اوهان يقين ڪريو تہ ڳالهين ۾ ايتري ڪمزوري ڏيکاريل باوجود، منهنجيءَ دل ۾ هڪ منٽ لاءِ بہ اها خواهش پيدا نہ ٿي، تہ ڪو مون کي هو آزاد ڪن، ڇو تہ ان صورت ۾ مون تي سوديبازيءَ جو الزام لڳي وڃي ها. بهرحال، پوءِ خدا جي مهرباني ۽ سان منهنجي اها آزاد نہ ٿيڻ واري تمنا پوري ٿي، ۽ مون کي سيل ۾ بند ڪيو ويو.

ڏينهن غريب جي خوشحاليءَ جي ڳڻندا رهيا، ۽ اسين ايشيائين ڪُتن وانگر سنگهرن ۾ هڏل رهياسين. سيل ۾ مون سان گڏ الذوالفقار آرگنائيزيشن جا بہ ڇوڪرا هئا، جيڪي رات ڏينهن روئندا هئا ۽ خُدا کي ٻاڏائي ڇوندا هئا تہ، "الله سائين! اسان کان هيءُ گناهہ ٿيو آهي، وري نہ ڪنداسين، اسان کي معاف ڪر!" ان تي مون کين چيو تہ، "بابا! هيءُ آمريت ۽ فاشزم جي خلاف جيڪي اوهان ڪجهہ ڪيو آهي، اهو توهان جو حق آهي، اهو خدا جي بارگاهہ ۾ ڪو گناهہ نہ آهي. گنهگار اُهي آهن، جيڪي توهان تي وحشيانہ تشدد ڪري رهيا آهن ۽ هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ آءٌ الله سائينءَ آڏو اهو اقرار ڪريان تہ جيڪي الزام هو مون تي هڻن ٿا، سي منهنجيءَ نظر ۾ گناهہ ناهن. اهي شاهہ لطيف ۽ مخدوم بلاول جي قوم جا حق آهن، جن جي حاصلات لاءِ مون جدوجهد ڪئي آهي، ۽ ڪندو رهندُس ۽ انهن لاءِ ڪڏهن بہ توبهہ تائب نہ ٿيندس!"

پر الذوالفقار جا جيڪي بہ ڇوڪرا، ان سيل ۾ مون سان گڏ هئا، تن مان مون کي متاثر صرف هڪڙي نوجوان اندرجيت لوهاڻي ڪيو، جيڪو مار کائي اڌ ڪان پوءِ بہ ڳائيندو ايندو هو.

هتي آءٌ توهان کي هڪ عجيب ڳالهہ ٻُڌايان تہ اندرجيت هڪ ڏينهن مون کان پڇيو تہ: "آريسر صاحب، خدا آهي؟"

مون چيو تہ: "ها."

هن چيو تہ: "هاڻي آءٌ بہ سمجهان ٿو تہ آهي."

مون پڇيو: "ڇو؟"

ورائيائين: "سائين! پٽائيءَ ۾ ڪوڙي شاعري ڪئي آهي ڇا؟"

مون چيو ته، "اهو ته آءٌ سوچي ۾ نٿو سگهان."

پوءِ چيائين ته، "پٽائيءَ چيو آهي: 'اول الله عليم، اعليٰ، عالم جو ڏٽي! معنيٰ ته الله آهي."

- ۽ حقيقت اها آهي ته انهيءَ ننڍڙي ڇوڪري ڇي ان دليل منهنجو سڄو وجود لوڏي ڇڏيو. اهڙو دليل اڄ تائين ڪو دانشور نه ڏئي سگهيو آهي. اتي آءٌ پٽائيءَ کي تمام گهٽو زباني طرح پڙهندو هُئس، ۽ هن منهنجيءَ ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي اهو دليل ڏنو هو.

هڪ ڏينهن اندرجيت سي. آءِ. اي سينٽر کان موٽي آيو، ۽ چيائين ته، "سائين! توهان جي لاءِ ته سڄي سنڌ ۾ باهه ٻري رهي آهي ۽ سنڌي پريس توهان جي مسئلي کي اُن حد تائين کڻي وئي آهي، جو ذوالفقار علي ڀٽي جي مسئلي کي به ايترو نه کنيو ويو هو. ميرپورخاص بار ايسوسيئيشن اوهان جي گرفتاريءَ جي خلاف مذمت جو ٺهراءُ پاس ڪيو آهي. اوهان لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ٿي چڪي آهي، ۽ سنڌ جو نامياروڪيل يوسف لغاري اُن جي پيروي ڪري رهيو آهي- ۽ پهريون دفعو ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ پٽيشنر، هڪ وڪيل علي حسن چانڊيو ٿيو آهي." اهو احوال ٻُڌڻ کان پوءِ مون پٽائيءَ جو اهو بيت پڙهڻ ڇڏي ڏنو ته:

"سوڪيءَ ويلي سيڪو، اوڪيءَ تون ٿي تون."

پر ان جي جاءِ تي هيءَ بيت پڙهڻ شروع ڪيم:

ٿر رُنو ٽاڏيل ٿي، وُنا مينهن ڳڙا،
پوياڙيءَ جو پَٽن ٿي، چونگارين چڙا،
قادر ڇڄ ڪڙا ته ملان ماروئڙن سان!

- ۽ اهو بيت جڏهن آءٌ پڙهندو هُئس ته مون کي ننگر پارکر جو سفر ياد ايندو هو، جيڪو وسندڙ مينهن ۾ مون ۽ منهنجي دوست اڪبر لغاريءَ پنهنجن ٻارن سميت ڪيو هو، ۽ اُن سفر دوران پالوا ۾ مارئيءَ جي ڪوهه تي به ويا هئاسين. ان وقت ساڙڏڙي تي اسان جون ڪينچلون ياد ڪري آءٌ روئي پوندو هُئس، ۽ اهي لڙڪ ڊبل پٽيءَ ۾ جذب ٿي ويندا هئا. اُن وقت آءٌ گهٽ

ڀر گهٽ سنڌ جي غاصبن کي اهو موقعو نه ڏيندو هُئس، ته هو منهنجن ڳوڙهن مان ڪو ناجائز فائدو وٺي سگهن. حقيقت هيءَ آهي ته مون سمورو ٿر ڏٺو آهي، مون سمورو پاڪستان ڏٺو آهي، مون هندستان جا ٽي خوبصورت ترين صوبا مهاراشٽر، گجرات ۽ راجستان ڏٺا آهن، پر مون کي جيڪو مزو ۽ سرور، وسندڙ مينهن ۾ پنهنجن ۽ دوست اڪبر جي پارن سان گڏ ننگر جي سير ۾ آيو هو، سو شايد ڪٽي به نه آيو. جيتوڻيڪ مون ڪارونجهر جي سفر جو باقاعدي احوال نه لکيو آهي، پر فرنٽيئر پوسٽ اخبار جي سنڌ جي بيورو چيف کي مون چيو هو ته، "وسندڙ مينهن ۾ جڏهن اسان جي جيپ ننگر ۾ داخل ٿي، ته اتي جيڪا اسان خوشبوءِ محسوس ڪئي، سا دنيا جي ڪنهن به پرفيوم ۾ ناهي."

اُهي سڀ خوشگوار لمحا ۽ يادون، ٽارچر سيل اندر منهنجي ڏُهري جسم ۾ توانائي پيدا ڪنديون هيون- ته اهڙيءَ سنڌ لاءِ هڪ زندگي ته ڇا، پر هزار زندگيون ۽ بي پناهه محبتون به قربان ڪري سگهجن ٿيون. ڪاش! سنڌ تي سائين جي. ايم. سيد جي ڪنهن حقيقي پوئلڳ جي حڪومت هجي، ته ڪرنل تروٽ جي انهن لفظن کي حقيقي معنيٰ ملي وڃي ته: "سموريءَ ايشيا جو حُسن مون ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي ڏٺو آهي."

o o o

1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد آپوزيشن جو ليڈر، ۽ ستار پيرزادو قائد ايوان هو. ان وقت ڪارونجهر جي حُسن ۽ خوبصورتيءَ کي وڌائڻ لاءِ سائين جي. ايم. سيد 'ڪارونجهر ڊيم' ناهڻ جي تجويز ڏني هئي، جيڪا اتفاق راءِ سان منظور ڪئي وئي هئي، پر سگهو ئي پوءِ پنجابي حڪمرانَ نه رڳو ڪارونجهر ڊيم رڦا کي هڙپ ڪري ويا، پر انتهائي جبر ۽ وحشانيت سان پوريءَ سنڌ کي ڦڙڪائي ويا- ۽ اها رڦا اتي ئي رهجي ويئي.

ڪارونجهر جي پرسان اسان کي هڪ تلاءُ ڏيکاريو ويو هو، جنهن جو نالو **ڪجلا سَر** هو. اهو نالو بُڌندي شرط مون دوستن کي چيو، ته انهيءَ نالي جي پس منظر جي جيڪڏهن اوهان کي خبر ناهي ته آءٌ توهان کي ٻڌايان، ته گهٽو اڳي پاري ننگر جو بندرگاهه، آمدرفت ۽ جهازن جي اڇ وڇ جو مرڪز هو. ان وقت 'ويرا واهه' جو شهر انتهائي آباد هو، ۽ صبح جو

سوير 'ويرا واهه' جون ناريون، منهن ۾ هٿ تلاءَ تي اڇي ڏوئيندیون هيون. سندن اکين ۾ جيڪو ڪجل پيل هوندو هو، سو منهن ڏوئڻ سان تلاءَ ۾ وڃي پوندو هو، ۽ سڄو تلاءُ ڪجل هاڻو ٿي پوندو هو، اُن ڪري هن تلاءَ تي اهو نالو "**ڪجلا سَر**" پيو آهي.

o o o

ٽارچر سيل جا ڏينهن ۽ راتيون اسان لاءِ هڪجهڙيون هيون، ڇو ته اسان جي اکين تي ڪاري رنگ جون پٽيون بڌل هونديون هيون، ان ڪري رات ۽ ڏينهن جي حسابن کي اسان دل جي ڦرهيءَ تان ميساري ڇڏيو هو. ان ڪري، نه ته رات اسان کي ڏاڍو وانگي لڳندي هئي ۽ نه وري ڏينهن شينهن. عجيب ڳالهه هيءَ هئي، جو اسان کي ماني ڪارائڻ کان پوءِ نه هٿ ڏوئڻ ڏنا ويندا هئا ۽ نه گُرڙي ڪرڻ جي موڪل هئي، صرف نماز جي وقت ڪو نماز پڙهڻ چاهيندو هو ته اُن کي نلڪي تي وڃي ويندا هئا وضو ڪرائڻ لاءِ، پر اُن وقت به مُنهن ڏوئڻ جي اجازت نه هوندي هئي، ڇو ته مُنهن ڏوئڻ جي صورت ۾ اکين تان پٽي لاهڻي پوي ها، جيڪا ايجنسين جي قانون جي خلاف ورزي هئي. **هيءَ ڪيڏي ايذائيندڙ ڳالهه آهي ته اسان جي پياري پاڪستان ۾ ايجنسين جي قانون جي ته خلاف ورزي نه ٿيڻ ڪجي، پر خدا جي قانون جي خلاف ورزي ٿئي ته پلي ٿئي، ان سان ڪوبه فرق نٿو پوي.**

اُتي حيدرآباد ۾ مون کي چيو ويو ته، "نماز ڇو نٿو پڙهين؟" ڪين جواب ڏنم ته، "آءٌ هن وقت نماز پڙهڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان. ان جا به سبب آهن: هڪ ته اسان کي جڏهن ڪنهن آفيسر وٽ پيش ڪيو ويندو آهي، ته صاف ستڙو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، پر خدا جي حضور ۾ پيش ٿيڻ وقت اسان کي مُنهن به نٿو ڏوئڻ ڏنو وڃي، ۽ انتهائي گندلائيءَ ۽ ميرائيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، جيڪا شيءِ رسول رحمت جي تعليم جي خلاف آهي. ٻيو سبب هيءُ آهي ته اسان جهڙيءَ تهڙيءَ حالت ۾ خدا جي سامهون جهُڪندا آهيون، ته عين سجدي جي حالت ۾ سنتري اسان کي گهلي هليا ويندا آهن، ان وقت نه رڳو نماز ۾ لذت نه رهندي آهي، پر خدا کان وڌيڪ اسان تي سندس مخلوق جو حڪم غالب پئجي ويندو

آهي. آءُ اهڙيءَ نماز کي ڇا ڪريان- مون کي تہ اهڙي نماز ڪپي، جيڪا اقبال جي لفظ ۾:

وہ سجدہ، روح زمين جس سے کانپ جاتي تھي،
اُسي کو آج ترستے ھيں منبر و محراب!

آءُ نماز ضرور پڙھندس، پر اُن وقت، جڏھن منھنجي پيشانيءَ ۾ خدا جي حضور جي وچ ۾ ڪنھن ايجنسيءَ جو بوٽ حائل نہ ھجي."

اسان سان سيل ۾ ايم. ڪيو. ايم ميرپورخاص زونل ڪميٽيءَ جي ميمبر، فاروق دراني جو وڏو پاءُ خالد حميد دراني بہ گڏ ھو. ھو ڏاڍي نماز پڙھندو ھو. ھڪ ڏينھن عشاءَ جي نماز کان پوءِ ھن جي دل ۾ سخت سُور پيو، ۽ ڏٽڪڻ لڳو. ھن رڙيون ڪيون، جنھن تي ڊيوٽيءَ تي بيٺل سپاھيءَ، انچارج کي اطلاع ڏنو، جنھن اچڻ شرط خالد کي دوائن ڏيڻ بدران اسان سيني کي گاريون ڏنيون ۽ مارڪُٽ جو مخصوص اوزار سچ- پُترو ھٿندو ويو. بہ ٽي سچ پُترا ھٽي سنتريءَ کي حڪم ڏنائين تہ ھنن دَلن کي ٻيھاريو وڃي. اٺ منٽ ٻيھن تہ بہ منٽ ڏيھن. اھا سزا ھن ڪلاڪن تائين مسلسل جاري رھي. سنتري، انچارج جي حڪم جي تعميل ڪندي اُٺ ويھ واري عمل جي بجاآوري ڪئي. ھن ڪلاڪن کان پوءِ انچارج صاحب موٽي آيو ۽ خالد کان پڇڻ لڳو: **"اب طبيعت کيسي ھے، کُچ سکون و قرار آيا؟"** خالد بيوسيءَ وارا گوڙھا گاڙيندي وراڻيو: **"ھا سائين، ڏاڍو قرار آيو آھي."** سنتري ۽ انچارج جي ھٿي وڃڻ کان پوءِ خالد مون کي چيو تہ، "آريسر سائين! ھي ڏينھن اسان کي اسان جي ڪھڑن ليڊرن ڏيکاريا آھن؟" مون کيس چيو تہ، "ھونئن تہ لسٽ ڊگھي آھي، پر مختصر طرح ھيئن سمجھہ تہ بنھي پارٽين ۾ ويٺل ايجنسين جي پگھاردارن اسان کي ھي ڏينھن ڏيکاريا آھن. ٻيو ايم. ڪيو. ايم جي موقعي پرست ليڊرشپ، جيڪا پنھنجي برادريءَ کي آڙاھہ ۾ اُڇلي پاڻ پڇي وئي آھي." ھن چيو تہ، "ايم. ڪيو. ايم لاءِ تہ اھا ڳالھہ سؤ فيصد سچ آھي، پر سنڌ جي ليڊرشپ تہ ھتي موجود آھي." مون چيو تہ، "سنڌ جي حقيقي قيادت تہ تو ۽ مون وانگر جيل ۾ آھي، باقي جيڪي باھر آھن، سي بالاتر طاقتن جي بُوٽن صاف ڪرڻ ۾ مصروف آھن، تہ اسان کي اقتدار ۾ شريڪ ڪريو." اُن تي ھو

خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين تہ، "آءٌ سمجهان ٿو تہ منهنجي حيثيت ڪجهہ بہ نہ آهي، پر پوءِ بہ هي مون کي جلدي آزاد ڪن، تہ تنهنجو احوال ميرپورخاص ۾ ڪنهن کي ٻڌايان؟" مون چيو تہ، "علي حسن چانڊيو کي، جنهن کي تون سڃاڻين الائي نہ!" چيائين تہ، "آءٌ هن کي چڱي طرح سڃاڻان ۽ آءٌ کيس ضرور ٻڌائيندس." واقعي هو 25 نومبر 1992ع تي آزاد ٿي ويو ۽ مون کي خبر ناهي تہ هن علي حسن کي ڪجهہ ٻڌايو بہ يا نہ.

حيدرآباد ۾ اهو اسان تي آخري تارچر هو ۽ پوءِ ڏينهن معمول مطابق گذرندا ويا. اوچتو اسان جي سيلَ ۾ الذوالفقار جو هڪ نوجوان آيو، جيڪو مختلف ايجنسين کان ٽيندو اُتي پهتو هو. ان کي ان وقت ڏاڍو پيشاب لڳو ۽ هن سنتريءَ کي سڏ ڪري چيو تہ، "مون کي پيشاب لڳو آهي ۽ ٿون کي پيشاب ڪرائي اڃ." جيئن تہ اهو وقت پيشاب ڪرائڻ جو نہ هو، انهيءَ ڪري سنتريءَ کيس چيو تہ، "انهيءَ دبي ۾ پيشاب ڪر." "هتي واضح ڪندو هلان تہ سيل ۾ هر قيديءَ کي هڪ ڊبو مليل هوندو هو. جيڪڏهن مقرر ٽائيم کان اڳ ڪنهن کي پيشاب لڳندو هو تہ اُهو ڊبي ۾ ڪري، مقرر وقت تي اهو ڊبو ڪٽي باهر ڪاڪوس ۾ خالي ڪري ايندو هو. هن نوجوان ڊبي ۾ پيشاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن تہ سنڊس اکيون ٻڌل هيون، ان ڪري پيشاب ڊبي ۾ وڃڻ بدران باهر فرش تي ڪِري پيو، جنهن تي سنتريءَ کيس گاريون ڏيندي چيو: **"سالا! يہ پيشاب كرنے كا طريقہ ہے؟ اب يہ پيشاب تم زبان سے چاٹو!"**

هن نوجوان انهيءَ ڳالهہ کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو، تہ سنتري وڃي انچارج کي ٻڌايو. جنهن ڪمري ۾ اڃي منظر ڏٺو ۽ سنتريءَ کي انتهائي دڙڪات ڏيڻائين تہ، "توهان هتي ڪيوٽي چا لاءِ ٿا ڪريو؟ ٽائيم ٽيبل کان سواءِ بہ ڪنهن ماڻهو کي شدت سان ضرورت محسوس ٿي سگهي ٿي." بهرحال ڪجهہ ڳوڙهين ۽ ڪمبلن جا ٽُڪر نوجوان کي آڻي ڏنا ويا، تہ پيرن ۽ هٿن جي ذريعي ڳوڙهين جي ٽُڪرن سان اُهو پيشاب خُشڪ ڪري ۽ هن ائين ڪيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ آفيسر آيو، جنهن اچي تقرير ڪئي تہ، "توهان ڪهڙي بہ ڏوهہ جا ڏوهي هجو، بهرحال هتي توهان هڪ

پاڪستانيءَ جي حيثيت سان مهمان آهيو. ليڪن جيڪڏهن پاڪستاني حيثيت ڏکي ٿي لڳيوَ، ته هڪ انسان جي حيثيت سان، انساني رشتي جي حوالي سان اسان جا پائر آهيو. توهان پاڻي جام پيو. گهٽ پاڻي پيئڻ سبب يرقان (سائيءَ) جي بيماري ٿيڻ ۽ دل بيهي وڃڻ جو امڪان آهي. توهان ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪريو ته توهان کي پيشاب روڪڻ واري تڪليف مان گذرڻو پوندو. آءٌ سنترين کي حڪم ٿو ڏيان ته ڏينهن ۾ ڏهه دفعا اوهان کي پيشاب لڳي، ته به هو توهان کي پيشاب خاني تائين وٺي وڃڻ لاءِ ٻڌل رهندا." ائين چئي هو مون ڏانهن وڌيو ۽ انتهائي همدرديءَ واري نموني سان ڪلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳو: "آريسر صاحب! آءٌ عمرڪوٽ ۾ رهيو آهيان. تنهنجي هر چپر کان واقف آهيان. توکي هتي هن حال ۾ ڏسي يقيناً مون کي افسوس ٿيو آهي. شايد تو اهي گناهه نه ڪيا هجن، جن ۾ توکي ٻڌو ويو آهي، پر ڪي ٻيا گناهه ڪيا هجن، جن جي سزا توکي ملي رهي آهي. بهرحال ڪا تڪليف توکي نه ڏني ويندي، ڪو تشدد توتي نه ٿيندو." ڪلندي پڇيائين، "سگريٽ گهٽا ملندا اٿئي؟" مون چيو، "ڏينهن ۾ ٽي، هڪ صبح جو چانهه وقت، ٻيو ٻن پهرن جي مانيءَ وقت، ۽ ٽيون رات جي مانيءَ وقت" - چيائين ته، "آءٌ تنهنجا سگريٽ وڃائي سگهان ٿو، جيڪڏهن توکي ضرورت هجي." مون چيو ته، "مون لاءِ هتي سڀ کان وڏي خوشي اها آهي، جو منهنجي سامهون هڪ اهڙو ماڻهو ٻينو آهي، جنهن جي ٻوٽن تي امرڪوٽ جي ريتيءَ جا ذرا آهن. بهرحال، توهان جي مهرباني، آءٌ ٽن سگريٽن تي ئي مطمئن آهيان ۽ ٻنهپهرن واري چانهه واري موقعي تي چوٽون سگريٽ وڃائڻ نٿو چاهيان. باقي جيستائين گارين جو تعلق آهي ته **مون کي حيرت آهي ته جيڪي ماڻهو هر وقت الله ۽ رسول جي باري ۾ ٻڌائيندا آهن، تن جي ڳالهين ۾ الله ۽ رسول جي نالن کان وڌيڪ گاربون هونديون آهن.** شايد جنهن اداري جي تحويل ۾ آءٌ آهيان، مون کي خبر ناهي ته ڪهڙي اداري جي تحويل ۾ آهيان، شايد اُن اداري جي ڪلچر جو حصو گار به آهي."

ان ڏينهن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان جي سيل ۾ گار مڪمل طرح بند ٿي وئي، ۽ اسين حال سارو خوش گذارڻ لڳاسين. مون کي پڪ ٿي

وئي ته هاڻي مون کان پڇا ڳاڇا ڪانه ٿيندي، پر اوچتو ئي اوچتو 28 نومبر جي رات جو سنتريءَ مون کي اُٺاريو، ۽ هڪڙيءَ جاءِ تي وٺي ويو، جتي به آفيسر وينا هئا، جن مون کي ويٺڻ تي ويهاريو ۽ انتهائي مهذباڻي طريقي سان پڇيو ته: "**آريسر صاحب، ڪيا حال هے؟**" مون چيو، "ٺيڪ هون." هنن چيو، "ٺيڪ انهيءَ کي چوندا آهن! ته ڪپڙا انتهائي ميرا ٿي ويا هجن، نُنهن حد کان وڌيل هجن، وارن جو ڪلر لٽل ۽ بي ترتيب هجي. اها به خبر اٿئي ته جيڪا سياست تون ڪرين ٿو، سا توکي ڪوئي ڦل نه ڏيندي. اجايو خود ساخته شهيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪرين پيون. پنهنجي حالت ڏٺي اٿئي؟ پوءِ به ڏهني طرح ٺُٽين نٿو!" مون کين چيو ته، "پنهنجي هيءَ حالت مون پاڻ نه ڪئي آهي. آءٌ ڪپڑي لٽي جو شوقين ته نه، پر ڪنهن حد تائين صفائي پسند ضرور آهيان، ۽ مون کي اها به ڄاڻ آهي ته سنڌ جو ماڻهو، آزاديءَ جي تصور کان اڻ واقف ۽ آزاديءَ جي ميوي جي لذت کان ناآشنا آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو آءٌ بن سالن کان سياسي طرح غير متحرڪ ٿي ڳوٺ ويهي رهيو آهيان. پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگن ۾ به صرف اعزازي طرح ڪڏهن ڪڏهن شريڪ ٿيندو آهيان. باقي سائين جي. ايم. سيد ۽ سنڌ جي آزاديءَ سان جيڪو ناتو مون ڦوهه جواني ۾ ڳنڍيو هو، ۽ جنهن ناتي کي پنهنجي تحرير ۽ تقرير ذريعي سڃيءَ سنڌ ۾ پکيڙيو اٿم، هن وقت جڏهن جواني جو سج پيريءَ جي زوال ڏانهن وڌڻ شروع ٿيو آهي، اُن وقت آءٌ سياست ته ڇڏي سگهان ٿو، پرسنڌ جي نئين نسل ۾ردمِ عيسيٰ ڦوڪيندڙ جي. ايم. سيد ۽ اُن جي آزاديءَ واري نظريي کان الڳ نه ٿو ٿي سگهان. توهان پلي صحافي گهرايو ۽ انهن جي سامهون آءٌ اهي ويچار پڌرا ڪري سگهان ٿو."

منهنجي انهيءَ چوڻ تي نوجوان آفيسر چيو ته، "اسان ايترا لٻالا پولا ناهيون، جو تنهنجيءَ انهيءَ ڳالهه تي يقين ڪريون ۽ صحافي گهرايون، چو ته مون کي يقين آهي ته تون جيڪي ڪجهه اسان کي ٻڌائين پيو، سو صحافين کي نه ٻڌائيندين."

ان تي وڏي آفيسر چيو ته، "اسان پنهنجي پر ۾ پڇا ڳاڇا ختم ڪري

چڏي هئي، پر اسان کي اڄ ڪراچيءَ مان نئين رپورٽ ملي آهي، ان ڪري نئين سلسلي ۾ اسان اوهان کان وري به پڇا ڳاڇا ڪرڻ چاهيون ٿا."

هن گهنٽي وڄائي ته هڪ سپاهي ڊوڙندو آيو، جنهن کي آفيسر چيو ته، **"آريسر صاحب کے لیے ایک سگریٹ جلاکر لے آئو!"** سنتري سگريٽ ڪُڪائي ڪڍي آيو. مون محبوب جي چُميءَ وانگر سگريٽ جو تمام وڏو ڪش هنيو، ۽ چيم ته، "آءٌ سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

هنن سوال ڪيو ته، "علي حسن چانديي کي سڃاڻين؟"

مون چيو، "ها، ڪنهن وقت ٽائون ڪميٽيءَ ميرواهہ گورڇاٽيءَ جو سيڪريٽري هو. انهيءَ عرصي دوران هن ميرواهہ ۾ "يومِ لطيف" ملهايو. مارشل لا جو دَور هو، لڻ ڪري ڪيس جلسي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو، ۽ ملٽري ڪورٽ کيس هڪ سال سزا ۽ پنجن ڪوڙن هڻڻ جو حُڪم ڏنو. اهو سپ سهڻ کان پوءِ هو جڏهن ٻاهر آيو ته هن جيئي سنڌ محاذ ۾ شموليت اختيار ڪئي. اڄ هو جيئي سنڌ محاذ ٽرپاڪر جو سيڪريٽري، ميرپورخاص بار ايسوسيئيشن جو اهم عهديدار ۽ زميندار پڻ آهي."

مون کان پڇيائون ته، "شاديون گهٽيون اٿس؟"

مون چيو، "هڪ، جيڪا ڳوڻان ڪئي اٿس."

آفيسر چيو ته، "مون ٻُڌو آهي ته هن جي ٻي ناجائز زال ميرواهہ ۾ رهي ٿي."

ان تي مون چيو ته، "اسين سنڌ ۾ سڃاتا ئي انهيءَ حوالي سان ويڙهون ٿا ته پنهنجن نظرين، دوستين ۽ رشتن ۾ بيوفائي نہ ڪندا آهيون، ان ڪري آءٌ علي حسن لاءِ ائين سوچي ئي نٿوسگهان."

وري سوال ٿيو ته، "ڈاڪٽر مظهر ميمڻ کي سڃاڻين؟"

مون چيو ته، "ها." تنهن تي هنن چيو، "جيڪو خيرپور جو آهي."

مون چيو، "هو خيرپور جو ناهي، پر هو بدين جو آهي." وڌيڪ مون چيو ته، "مون ٻڌو آهي، ميرپورخاص ۾ ڈاڪٽري ڪندو هو."

"پلا جلال ولد صديق ڇڇر سڃاڻين؟"

مون چيو: "ها، اهو منهنجو مائٽ آهي ۽منهنجي جيپ جي ڪڍن ڪڍن ڊرائيوري به ڪندو آهي. سياسي وابستگي ان جي، ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ڪري، پير صاحب پاڳاري سان آهي."

ان کان پوءِ آفيسر صاحب چيو تہ، "3 اپريل 1991ع تي علي حسن چانڊيو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ، ڊاڪٽر حسن، محمد راهمون ۽ ٻيا ڏهہ ٻارهن ماڻهو تنهنجيءَ اوطاق تي رات جو رهيا هئا، ۽ اُتي هندستان جي هڪ حساس اداري جو ماڻهو بيرسنگهہ ڪلون بہ موجود هو. سڄي رات اوهان کاڌو پيتو ۽ صبح جون تون پنهنجي جيپ تي ڪلون کي ڪٽي چور وئين. اتي تو پنهنجي جيپ جي ذريعي بير سنگهہ ڪلون کي اهم جايون ڏيکاريون. اهم جاين ڏيکاريڻ مان منهنجو مطلب تون سمجهي سگهين ٿو؟"

مون چيو تہ، "اها رپورٽ سراسر ڪوڙ، دوکيبازيءَ ۽ قبيلائي دشمنيءَ تي ٻڌل آهي، ان ڪري جو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ ۽ ڊاڪٽر حسن، آڪٽوبر 1988ع کان جيل ۾ آهن، توهان جيل انتظاميا کان اهو معلوم ڪري سگهو ٿا. محمد راهمون جيئي سنڌ ۾ ضرور آهي، پر منهنجي مخالف گروپ گل محمد جکراڻيءَ وارن سان گڏ آهي، جنهن ڪڏهن بہ منهنجو ڳوٺ ناهي ڏٺو، ۽ ٽين ڳالهہ تہ بير سنگهہ نالي وارو ماڻهو مون اڄ تائين ناهي ٻڌو ۽ نہ ئي ڏٺو آهي. پر جيتري قدر مون کي معلوم آهي تہ اهو نالو ويڑ سنگهہ ٿي سگهي ٿو، بير نہ! چو تہ بير عربيءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ڪوهہ."

تنهن تي هنن مون کي چيو تہ، "جلال تہ اسان سان اقرار ڪيو آهي، تہ اهي سڀ ماڻهو هئا ۽ اسان اهي جڳهيون ڏيکاريون هيون."

مون چيو تہ، "جلال جيڪڏهن اعتراف ڪيو آهي تہ اها هُن جي ذميواري آهي."

وري چيائون تہ، "پلا جلال جي آمدنيءَ جو ذريعو ڇا آهي؟"

مون کين چيو تہ، "ٽر جو هو سڀ کان وڏو زميندار آهي ۽ پنهنجي قبيلي ڇوڙن جو سردار آهي. هن کي بئراج ايريا ۾ بہ سٽ ايڪڙ ڪن ٻني آهي."

وري پڇيائون تہ، "جلال انڊيا ويو آهي؟"

مون چيو، "نہ."

اُن تي چوڻ لڳا تہ، "چور مان اسان کي اطلاع مليو آهي تہ توهان هن کي انڊيا موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي."

مون چيو: "اها سڀ ڪجهہ بڪواس آهي ۽ قبائلي دشمنيءَ جو نتيجو آهي." ۽ اهو بہ چيم تہ: "توهان اهو ڪيئن تصور ڪري ورتو تہ آءٌ پنهنجي

تر جو ايڏو طاقتور ماڻهو آهيان، جو هندستان مان غير قانوني طور تي آيل ماڻهوءَ کي پنهنجي جيپ تي ويهاري حساس جايون ڏيکاريندو وتان!"

تنهن تي آفيسر مون کي چيو: "سوچي وٺ! چو ته هن وقت تائين تو اسان سان نه ڪوڙ ڳالهايو آهي، ۽ نه ئي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪا غلط رپورٽ ڏني آهي."

مون چيو ته، "مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ ايندو ئي ناهي، ان ڪري جو هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ سَوَ ڪوڙ پيا ٻه ٻاهڙا ٿا پون، ۽ گمراهه ڪرڻ جي سلسلي ۾ آءٌ اهو چوندس ته غلط رپورٽون، برصغير ۾ اهڙي باهه ڀڙڪائي ڇڏيندیون، جن کي وسائڻ، نه توهان جي وس ۾ هوندو ۽ نه ئي منهنجي وس ۾." ان تي آفيسر گهنٽي وڄائي ۽ سنتريءَ کي چيائين ته، "هڪ سگريٽ آريسر صاحب کي پيار!" مون سگريٽ پيتو ۽ اسين هيڊانهن هوڊانهن جي عام گفتگوءَ ۾ مصروف ٿي وياسين. سگريٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ هن مون کي وري چيو: "سوچ!" مون کيس چيو: "جناب والا! جيترن مهمانن جا توهان نالا ورتا آهن، ايترا مهمان مون وٽ صرف منهنجي ڏيءُ جي سالگرهه تي گڏ ٿيندا آهن، جيڪا به آءٌ اُن سال ملهائيندو آهيان، جڏهن ٽر ۾ برسات پوندي آهي." آفيسر ڪلي چيو ته، "1991ع ۾ برسات ڪانه پئي، ان ڪري اهو سڀ ڪجهه ڪوڙ آهي!" ۽ هن مون کي آخر ۾ ويندي چيو: "تون سوچ! سپاٽي وري ملنداسين." ۽ سنتريءَ کي چيائين: "جنهن کي سندس سيل ۾ چڏي اڇ."

رات جو هڪ ڪن ٿيو ته مون کي ڏاڍو پيشاب لڳو، پرهنن کي مون پيشاب ڪرڻ جي درخواست ڪانه ڪئي. موٽي سيل ۾ آيس ۽ پهريون دفعو سيل ۾، ڊبي ۾ پيشاب ڪيم ۽ سُمهي رهيس.

ڏينهن گذرندا ويا ۽ مون کي اُن آفيسر ٻيهر پڇا ڳاڇا لاءِ نه گهرايو. پرانهيءَ عرصي دوران آءٌ يارهين وڳي ڪان اڳي سمهندو نه هُئس، چو ته پڇا ڳاڇا لاءِ سڏ يارهين وڳي تائين ئي سگهندو هو. هن چور واري ڪوڙيءَ رپورٽ جي باري ۾ ايجنسيءَ جو هڪڙو ماڻهو ٽر واري علاقي مان آيو هو، پر جيئن ته منهنجون اکيون بڏل هيون، ان ڪري آءٌ سندس شڪل ڏسي نه سگهيو هئس. آوازن جي ذريعي آءٌ تمام گهٽ ماڻهو سڃاڻي سگهندو

آهيان. اُن ايجنسيءَ واري مون کي چگيءَ طرح سڃاتو ٿي ۽ موڪلائڻ وقت چيائين تہ، "آريسر سائين! آءٌ چور وڃان ٿو ۽ اتي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ سلام ڏيڻا هجن تہ مون کي ڏئي ڇڏيو." جيئن تہ انهن سلامن جو مطلب آءٌ خوب سمجهيس ٿي، ان ڪري مون سندس ٿورو مڃيو ۽ ڪنهن کي بہ سلام نہ ڏيڻ لاءِ چيو.

ان کان پوءِ هڪ دفعو وري مون کي پڇا ڳاڇا واري ڪمري ۾ پيش ڪيو ويو، ۽ مون کان ادريس رند جي باري ۾ پڇيائون. مون کين چيو تہ، "جيئي سنڌ جي مختلف ڏڙن ۾ جڏهن اختلاف عروج تي هئا، تڏهن ادريس رند، گل محمد جکراڻيءَ جي گروپ سان هو، ۽ هن هڪ پيرو هٿيارن جي زور تي اسان جو جلسو ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان کان وڌيڪ آءٌ هن کي نہ سڃاڻان."

اها تاريخ 9 ڊسمبر جي هئي، ان ڏينهن مون کي فٽنيس جي سرٽيفڪيٽ لاءِ سي. ايم. ايچ (ڪمبائنڈ ملٽري هاسپيٽل) وٽي ويا، جتي ڊاڪٽرن منهنجي بلڊ پريشر ۽ گڙدي جي تڪليف جي باري ۾ خطرناڪ قسم جون رپورٽون ڏنيون. سي. ايم. ايچ جي ڇڪاس کان واپسيءَ تي هڪ گن بردار مون کي گار ڏيندي، ٻئي کي چيو تہ، "**اس دلے کي گردن سے رائيفل لگا کي رکو!**" سي. ايم. ايچ کان واپسيءَ تي اسان کي وري سيلن ۾ وٽي آيا، جتي اڌ جي دال ۽ سُڪل مانيُ ڏني وئي، جنهن مان مون ۾ چار گرهہ پريا ۽ سنتريءَ کان سگريٽ گهُريو، چو جو هن پهرن وارو سگريٽ رهيل هو. اڃا مون سگريٽ ئي مس پيتو تہ هڪ ماڻهوءَ دروازي تي زورائتي هڪل سان چيو تہ، "**کڙے هوجاؤ!**" آءٌ اُٺي بيٺس تہ منهنجي راجستاني دوست مهتاب سنگهہ پنهنجي چادر مون کي ڏني ۽ چيو تہ، "خبرناهي توکي ڪٽي وٽي وڃن. سرديءَ ۾ هيءَ چادر توکي ڪم ايندي." آءٌ چادر ڪٽي ٻاهر آيس. اُتي جي آفيسر جي ڊرائيور مون کي چيو: "**آپ کي چيزيں جو همارے يهان جمع کي گئي تهيں، ان پر نو سؤ روپے، پارکر پين، نظر کا چشمہ، ايراني ليتر پيڈ اور کچهہ خطوط تهے. ان مين سے کوئي چيزآپ کے ساتهہ نهين جا رهي هے، اور آپ سمجهہ لين کہ هر ادارے مين هر قسم کے آدمي هوتے هين.**"

مون کي ۽ مولانا ابوالڪلام ڪي سوزوڪي وين جي فرش تي ويهاريو ويو، ۽ گاڏي هلڻ شروع ٿي. مولانا صاحب کي چيو ويو تہ، "اسين توکي باربر پار چڏيو ٿا اچون." ان مان مون کي بہ اندازو ٿيو تہ شايد مون کي هاڻي عمرڪوٽ وٺيو پيا وڃن. پر وقت جيئن تہ چهين وڳي جو هو، ۽ اسان جي وين جي وندِ اسڪرين جي شيشي مان سج جا ڪرڻا سامهون پئي آيا، ان ڪري مون ڄاتو تہ مون کي عمرڪوٽ نہ، پر ڪراچيءَ نيو پيو وڃي. رات جو تقريباً اٺين وڳي اسان کي ڪراچيءَ جي ٽارچر سيل ۾ داخل ڪيو ويو. مون کي خبر ناهي تہ مولانا صاحب کي ڪيڏانهن وٺي ويا، پر مون کي هڪڙي هال ۾ ويهاريو ويو.

حيدرآباد جي ابتڙ هتي نہ مون کي هٿڪڙي هنئي وئي ۽ نہ پير ڪڙي، صرف اکين تي ويڪري ۽ ٽلهي پٽي ٻڌي وئي. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪڙي آفيسرجي سامهون مون کي پيش ڪيو ويو، جنهن ڪڙاڪيدار آواز ۾ چيو، "عبدالواحد آريسر!" اهو آفيسر سي. ايم. ايچ کان پهتل ڪاغذ پڙهيو ويٺو هو. هن چيو تہ، "**ڪيا تڪليف هے؟**"

چيم: "بلڊ پريش هاءِ آهي ۽ گڙدي ۾ پٿري اٿم."

هن چيو تہ، "**بلڊ پريشر ٹيک هوجائے گا، جب گانڈ ميں مرچون والا ڈنڈا کريں گے اور جب گڙدون پرلات ماريں گے تب پتهري ٹکڑے ٹکڑے هو کر نکل جائے گي.**"

اُتي بہ منهنجون اکيون ٻڌل هيون ۽ آءٌ پنهنجي معزز مخاطب جي شڪل ڏسي نٿي سگهيس. هن مون کي چيو تہ، "وچ، اڃوڪي رات آرام ڪر، صبح جو توسان خبرون ٹينديون."

مون چيو، "ٹينک يُو سر!" آءٌ تہ ان وقت بہ خبرون ڏيڻ لاءِ تيار هُئس.

تنهن کان پوءِ وري بہ مون کي ان هال ۾ وٺي آيا ۽ مانيءَ نالي کا شيءِ آڻي ڏنائون. اهو زندگيءَ ۾ شايد پهريون موقعو هو، جو آءٌ ٻوڙ سڃاڻي ڪونہ سگهيس، تہ ڪهڙي شيءِ جو رڌل آهي. مون چوٽون حصو مانيءَ جو ڪاڏو ۽ قميص سان هٿ اُگهي ويهي رهيس، تہ اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌي، ڪجهہ ٽپاسڻ جي ڪوشش ڪئي.

مون چيو تہ، "چا ٿا ڪريو؟"

چيائين: "قميص مٿي ڪر بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ ٿا چاهيون."

مون قميص ٻانهن تان هٽائي، هن بلڊ پريشر ڏنو ۽ سپاهين کي حڪم ڏنائين ته، "هن کي وٺي وڃو."

هو مون کي وري ساڳي وين ۾ ڪٽي روانا ٿيا. ان دوران ٺري نَڪرُ جي ڏنل چادر مون کان ڦُري چڪا هٿا. ڊسمبر جو مهينو، سخت سردي ۽ منهنجي جسم تي صرف هڪ قميص هئي، چو ته واسڪوٽي هو اڳ ۾ ئي مون کان ڦُري چڪا هٿا. مون وين ۾ ويٺل همراهه کي چيو ته، "منهنجي چادر ڪٽي آهي؟" سپني لاعلميءَ جو اظهار ڪندي چيو ته، "اسان کي خبر ناهي." بهرحال وين ۾ ڪٽي مون کي روانا ٿيا. ڪيترائي موڙ ڪاٽي، وري به ان جاءِ جي ويجهو ٽهيل ڪجهه سيلن مان هڪ سيل ۾ مون کي بند ڪيو ويو.

باهريون دروازو بند ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڪارو ۽ بدزيبو ماڻهو منهنجي ڪوليءَ جي سامهون دروازي تي آيو، ۽ حڪمي انداز ۾ مون کي چيائين ته، "شلوار اُتارو!"

مون هن کان پڇيو ته، "چو؟" ته هن هڪدم بي شلوار مون کي ڏئي چيو ته، "هيءَ پاءِ، ۽ پنهنجي سُٹُ مون کي ڏي." اهو انهيءَ ڪري ڪيو پئي ويو، جو منهنجيءَ سُٹُ ۾ اڳٽ پيل هو، ۽ هنن تصور ڪيو ٿي ته متان ان اڳٽ جي ذريعي آءٌ خودڪشي نه ڪري وٺان. مون کي جيڪا شلوار ڏني وئي هئي، تنهن ۾ ٻارن جي ڪچي ۾ پيل ربڙ جهڙو ربڙ پيل هو. **انهن احمقن کي شايد اها خبر نه هئي ته اسين ماڻهو نه صرف پنهنجي زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ جيئندا آهيون، پر ڪروڙها ماڻهن جي زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ پڻ جيئندا آهيون، سي ڪيئن ٿا خودڪشي ڪري سگهون!** پر پوءِ به پاڪستاني حڪمرانن (منهنجي نظر ۾ اصل حڪمران اهي ايجنسيون آهن)، خوبصورت ۽ پياري زندگيءَ کي پنهنجن سيلن ۾ ايڏو ڪڙواڻ ڪسارو بنائي ڇڏيو آهي، جو اتي ماڻهو، زندگيءَ کان وڌيڪ موت کي محبوب سمجهندو آهي.

بهرحال مون اها ربڙ واري سُٹُ پاتي. انهيءَ سُٹُ جي ساخت جي ڪري، مون کي سڄي رات نند نه آئي. صبح جو سادي پنجين وڳي

منهنجي کوليءَ جو در کُليو ۽ هڪ تارا مسيح جي شڪل جهڙي ماڻهوءَ مون کي چيو ته، "پٽي باندهه ڪر باهر آؤ!" مون پٽي اکين تي ٻڌي، ۽ باهر آيس. هو مون کي باٿ روم ۾ وٺي ويو. **ڊسمبر جي سخت سرديءَ ۾ ٽٽي پاٽيءَ سان وهنجاريائين ۽ منهنجي ٽوٽ پيست ۽ برش مون کي آٽي ڏنائين، جنهن سان مون 18 آڪٽوبر کان 10 ڊسمبر تائين، هڪ مهيني تيرهن ڏينهن کان پوءِ پهريون دفعو برش ڪيو.** جيئن ته وهنجڻ کان پوءِ ٽوال نه مليو هو، ان ڪري آلي جسم تي ڪپڙا پائي باهر آيس. هن مون کي کوليءَ ۾ بند ڪري شيو جو سامان آٽي ڏنو ته ڏاڙهي لاهيان. مون ڏاڙهي لاهڻ کان پوءِ چيو ته، "مون کي سگريٽ جي ضرورت آهي." هنن سگريٽ کان اڳ گيهه ۾ تريل اُڦرائو ۽ چانهه جو مگ آٽي ڏنو ته نيرن ڪريو. اُڦرائو مون واپس ڪيو، جو اُن ۾ گيهه تمام وڌيڪ ٻيل هو، ۽ آءٌ بلڊ پريشر جو مريض هئس، انهيءَ ڪري مون چانهه پيتي ۽ سگريٽ ڇڪ. جيڪو مون کي خبر نه آهي ته ڪهڙي برانڊ جو ڏنو ويو هو، پر مون کي ايڏو مزو ڏنائين، جيڏو جي. ايم. سيد جي هٿ کي چُمي ڏيڻ ۾ ايندو آهي. ٿوري دير مس گذري ته مون کي ڪپڙن جو نئون استري ٿيل جوڙو آٽي ڏنائون، ته پاءِ. اهي ڪپڙا ته پاتم، پر **آءٌ سمجهي نه پٽي سگهيس ته هيءُ سڄو اهتمام جيئي سنڌ محاذ جي اڳوڻي چيئرمين جي اعزاز ۾ ٿي رهيو آهي، يا چيف جسٽس ناصر اسلم زاهد جي بيباڪ قلم جو ڪرشمو آهي، يا سنڌ جي اتهن بيوس نياڻين ۽ مائرن جي قرآن لوڏڻ جي مهابي هيءُ سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي.**

بهرحال مون کي تارچر سيل جي کوليءَ مان ڪڍيو ويو ۽ اکيون ٻڌي رات واري تارچر سيل هال ۾ آندو ويو. سڄو ڏينهن آءٌ اُتي ئي ويٺو رهيس. ڏينهن واري ماني به مون کي اتي ئي کارائي وئي ۽ ان کان پوءِ مون کي ڪورٽ بدران پي. ايس. شفا ۾ وٺي ويا، جتي منهنجون هر قسم جون ٽيسٽون ڪيون ويون.

آءٌ مزيدار ڳالهه ٻڌايان ته جڏهن مون کي ايڪسري روم ۾ وٺي ويا ته اتي ٽيڪنيشن هڪڙو سنڌي چوڪرو هو. ان مون کي ڏسي منظور سولنگيءَ جو مشهور گيت ڳائڻ شروع ڪيو: "فوج پوليس چوي. ڏاڙيل پيا ڳوليون!" انهيءَ گيت ڳائڻ جي ڪري کيس ان روم مان ڪڍيو ويو. پوءِ

بحريہ جي ڪنهن مٿيئن سطح جي آفيسر (مون کي آرمي ۽ بحريہ جي عهدن جي خبرناهي هوندي) چيو تہ، "هن جا گڏا خراب آهن. اسين هن جو علاج نہ ڪنداسين. توهان لاءِ بهتر آهي، تہ هن کي سي. ايم. ايچ حيدرآباد ۾ داخل ڪريو ۽ هن جو آپريشن ڪرايو." پوءِ چيائين تہ، "هن جون اکيون کوليو، آءٌ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائڻ چاهيان ٿو." مون چيو، "ڈاڪٽر صاحب! آءٌ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي سگهندو آهيان، پر توهان جيئن تہ ڈاڪٽر آهيو ۽ زندگيءَ جا ضامن، ان ڪري مون ۾ اها توفيق ناهي تہ حياتيءَ جي فرشتي جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائي سگهان." منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي هن ٿهڪ ڏئي هن منهنجي ڪلهي تي هٿ هنيو تہ، "ياءُ! تون ناقابل شڪست آهين." مون چيو، "ڈاڪٽر صاحب! ڪنهن جي لاءِ ناقابل شڪست آهيان؟ آءٌ تہ تو وٽ موت کي مات ڏيڻ آيو آهيان." ڈاڪٽر مون ڏانهن ڏسي چيو تہ، "زندگيءَ جي حقيقت ۾ ادب ڪوٺہ هلندو آهي. آءٌ وڃان ٿو، توهان بہ وڃو، توهان کي هي ڪجهہ نہ ڪندا." ۽ پوءِ وين ۾ چاڙهي، هو مون کي وري بہ سيل ۾ وٺي آيا. پڇاڙ کان اڳ ۾ مون کي ٽارچر سيل ۾ وٺي ويا. اُتي هڪ سپاهي آيو ۽ چيائين تہ، "**اِس بهن چُوت کي مالش کرني هے کيا ؟**" مون هن چيو تہ، "جنهن قسم جي گار تو مون کي ڏني آهي، ائين عملي طرح تنهنجي ڳوٺ ۾ ٿيندو هوندو. مون کي هي هٿي چا لاءِ وٺي آيا آهن؟ تر جي علائقي جي ڏاڍي غلط ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو اٿن. هنن کي ڪجهہ بہ حاصل ٿي نہ سگهندو ۽ نہ ئي مون وٽ ڪجهہ آهي." پوءِ مون کي هو وري بہ سيل ۾ وٺي آيا.

هٿي آءٌ هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان تہ منهنجون ڇهون حواس نہ صرف سنڈ، پر پوري برصغير جي سياست جي باري ۾ تنبيهہ ۽ اظهار ڪندو رهندو آهي، اُن جو هڪڙو مثال آءٌ توهان کي هٿي ڏينداس:

1983ع ۾ منهنجو هڪ دوست سنڈ چڏي انڊيا پئي ويو. انهيءَ جي مانَ ۾ اسان الوداعي پارٽي ڏني هئي. ان ۾ تقرير ڪندي مون چيو هو تہ، "منهنجا دوست! انسانيت جي امن لاءِ ڏنل قرباني ۽ تي تون گينڊي جا گل ڪٽي مهاتما گانڌيءَ جي قبر تي رکجانءِ، جيڪڏهن اندرا گانڌيءَ سان

تنهنجي ملاقات ٿي سگهي ٿي ته اُن کي چئجانءِ، سامراجي گولي تيزيءَ سان تنهنجي جسم ڏانهن وڌي رهي آهي." ۽ واقعي 1984ع ۾ ايئن ٿي ويو.

پوءِ به آءٌ ماڻهن ۽ عوام جي باري ۾ ڏاڍو پُراُميد رهندو آهيان. پر منهنجون اُهي اُميدون ڪڏهن ڪڏهن خاڪ ۾ ملي ويندیون آهن. سنڌ جا اهي ماڻهو جن کي آءٌ فولادي ماڻهو سمجهندو آهيان، سي پاڪستاني ايجنسين سامهون لومڙي ثابت ٿيندا آهن. انڪري آءٌ سمجهان ٿو ته پاڪستان ۾ صحيح جمهوريت اچي نه ٿي سگهي، جو ان جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ انٽيليجنس جا ادارا آهن، جن تي بي پناهه پيسو خرچ ٿيندو آهي ۽ جنهن جو ڪوبه حساب ڪتاب نه ورتو ويندو آهي. ساڳي حالت هندستان ۾ به آهي. مون کي هينئر ياد ٿو اچي "انڊيا ونس فريڊم" جي نئين ايڊيشن ۾ ابوالڪلام آزاد لکيو آهي ته، "مذهبي منافرت جيڪڏهن آرميءَ ۾ مداخلت ڪري وئي ته پوءِ برصغير ۾ ڪڏهن به امن قائم ٿي ڪونه سگهندو، پر اها جنگ شايد هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ واري جنگ ثابت ٿئي." مون پنهنجي قيد دوران محسوس ڪيو ته جيتري منافرت پاڪستان جي ايجنسين ۾ هندستان جي خلاف آهي، اوتري اسرائيل ۽ آمريڪا جي خلاف فلسطين ۾ به ناهي- ۽ انهن ايجنسين کي شايد اها خبر ناهي ته اڄ جي جنگ 1965ع يا 1971ع واري جنگ نه هوندي. جنگ جي مخالفت آءٌ ان ڪري ڪريان ٿو، جو جنگ جي هولناڪ شعلن جي زد ۾ سڀ کان پهرين مارئيءَ جو رَئو ايندو، جيڪو هِير جي گوڏ تائين پهچندي پهچندي، پنهنجو تاب وڃائي چڏيندو! انهيءَ ڪري آءٌ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ جي هميشه مخالفت ڪندو آهيان، ڪئي اثر ۽ ڪندو رهندس.

ننگر جي دؤري تان موٽندي هڪ سنڌي رسالي کي مون انٽرويو ڏيندي، جنرل آصف نواز کي اپيل ڪئي هئي ته، "تون برصغير جي ڏرتيءَ جو فرزند آهين ۽ برصغير جي ڏرتي ٽوڪان تقاضا ٿي ڪري ته تون ابن قاسم جو وارث نه ٿيءُ، راجا پورس جو وارث ٿيءُ. ان ڪري جو پنجاب جي ڏيءُ جي عصمت پورس جي وقت به اها ئي هئي، اڄ به اها ئي آهي." پر مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي ته مون جنهن رسالي کي اهو انٽرويو ڏنو هو، اُن مان اهي لفظ ڪاٽيا ويا هٿا.

بهرحال اهڙي طريقي سان ڏينهن گذرندا ويا. هاڻي اسان جي اکين تان پٽيون کولي اسان کي هڪڙيءَ ڪُڏيءَ نما سيل ۾ بند ڪيو ويو. جڏهن به پيشاب ڪرائڻ يا وضوءَ ڪرائڻ لاءِ وڻي ويندا هئا، ان وقت سيني سيلن جا دروازا بند ڪري قيديءَ جي اکين تي پٽيون ٻڌي، غسل خاني ۾ وڻي ويندا هئا. واپسيءَ تي به ساڳي ڪار ڪئي ويندي هئي، ته جيئن اسين هڪ ٻئي کي ڏسي نه سگهون، نه ئي انهيءَ جاءِ جو محل وقوع ذهن ۾ ويهاري سگهون. اهي سيل جيئن ته آفيسن کان پري هئا، ان ڪري جڏهن پچا ڳاڇا يا ٽارچر ڪرڻ لاءِ وڻي ايندا هئا، تڏهن ڪارن شيشن واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهارينداهئا ۽ اکين تي پٽي ٻڌندا هئا.

اهو عمل مهينن تائي هلندو رهيو. هڪ رات تقريباً ڏهين مارچ واري رات هئي، مون کي سڄي رات اوجاگو ڏئي بيهاريو ويو ۽ صبح جو سوير پچا ڳاڇا ڪندڙ آفيسر وٽ وڻي ويا. جنهن مون کي چيو ته، "آريسر! آءٌ مڃان ٿو ته تون سياسي ماڻهو آهين، ۽ ڏاڍو مضبوط- پر ڳالهه صحيح ٻُڌاءِ ۽ اسان کي تشدد ڪرڻ تي مجبور نه ڪر!" مون چيو ته، "جناب! آءٌ سياسي ماڻهو ضرور آهيان، پر هڏ ڪاٽ جو مضبوط نه آهيان. مختلف بيمارين ۾ جڪڙيل آهيان. مون کي جيڪي ٻڌائڻو هو، آءٌ ٻُڌائي چڪو آهيان. آءٌ کي ڪوڙيون ڳالهيون ناهي، نه پاڻ کي بچائڻ ٿو چاهيان ۽نه ئي توهان کي گمراهه ڪرڻ چاهيان ٿو. توهان ڏاڍا ذهين آفيسر آهيو، برصغير جي هر گوشي ۾ ٿيندڙ حرڪت تي توهان جي گهري نظر هوندي آهي، ان ڪري آءٌ نٿو سمجهان ته ملڪ جي خلاف ٿيندڙ ڪا سازش نوهان جي تيز نظرن کان ڳجهي رهندي هوندي." تنهن تي هن مون کي چيو ته، "اهڙي به ڪا ڳالهه ڪانهي. ٻيا به آفيسر آهن، ۽ اسان جُڙتو ڳالهين جي ڪري گمراهه ٿيڻ وارا ناهيون، ۽ اسين ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ مان ئي سمجهي ويندا آهيون ته هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي يا سچ!" ايئن چئي هن سنتريءَ کي چيو ته، "هن کي واپس وڻي وڃ." سنتري مون کي واپس اُن هال ۾ ڇڏي ويو، جنهن ۾ مون رات جاڳي گذاري هئي. ڪجهه دير بعد وري ساڳيو سنتري آيو ۽ مون کي غسل خاني ۾ وڻي ويو، جتي هن مون کي شيوَ جو سامان ڏنو ته ڏاڙهي لاهي وٺ! مون ڏاڙهي لاٿي ته مون کي ڪپڙن جو ڏوتل وڳو آڻي ڏنائين، ۽

چيائين تہ، "هي پاڻ! وارن کي تيل هڻ ۽ هن ڦٽي ذريعي وارن کي بلڪل ائين سيٽ ڪر، جيئن باهر ڪندو هُئين." مون سندس سڀني هدايتن تي عمل ڪيو- ۽ اکين تي پٽي ٻڌي وري به ساڳئي هال ۾ ويهاريو ويس. تقريباً يارهين وڳي سنتري آيو ۽ ڏاڍي مهذب لهجي ۾ چيائين: "جناب چلين!" آءٌ اُٺيس. هو مون کي هڪ آفيسر وٽ وٺي آيو. آفيسر صاحب منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ ڪنهن طرف هلڻ لڳو. واٽ تي مون کان پڇيائين، "**آپ کس سے ملنا پسند کریں گے؟**" مون چيو، "نہ!" چيائين تہ، "آخري خواهش؟" مون چيو تہ، "ڪابہ ڪانهي."

بهرحال هو مون کي گهليندو گهليندو، هڪ ڪمري جي پرسان پهتو. اُتي هن منهنجون اکيون کوليون ۽ مون کي ڪمري ۾ وٺي هليو. اُتي هارون کي صوفي تي ويٺل ڏسي، منهنجا تاڪ لڳي ويا. مون سمجهيو تہ منهنجي پاڻ کي گرفتار ڪري وٺي آيا آهن، ۽ ان سان گڏ خبر ناهي ٻين ڪيترن کي بہ، پر هارون پنهنجي روايتي مُرڪ سان اُٺي، مون کي پاڪر وڌو. تڏهن مون سمجهيو تہ منهنجو پهريون انديشو غلط هو. هو واقعي بہ منهنجيءَ ملاقات تي آيو هو. جيڪو آفيسر مون کي وٺي آيو هو، سو بہ اُتي ويٺو رهيو ۽ اسين ٻئي پاڻ خاموش رهياسين- هن آفيسر چيو تہ، "ڪجهہ ڳالهايو، وقت محدود آهي ۽ وري ملاقات ٿئي نہ ٿئي. ڪجهہ گهر ٻار جون ڳالهيون ڪريو." ان تي هارون کان مون پُڇيو تہ، "پنهنجي مرڻ جو فصل ڪيئن ٿيو، ۽ مرڻ جو اڳهہ اڇڪلهہ ڪيئن آهي؟" هارون چيو، "سڀ مرڻ ڪُل ٽيهہ مڙ ٿيا ۽ آخري اڳهہ هزار روپيا رهيو." اسان سنڌي ۾ پٽي ڳالهايو ۽ آفيسر پناڻ هو، جنهن کي مون اردوءَ ۾ ٻڌايو: "اسان وٽ مرڻ جو فصل ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي ۽ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مرڻ جي مارڪيٽ اسان جي ضلعي ۾ ڪُنري شهر ۾ آهي." هن چيو تہ، "ڏاڍي سُٺي ڳالهہ آهي، ڪجهہ توهان گهر ٻار جي باري ۾ ڳالهايو." اُتي مون هارون کان پهريون سوال "اندوءَ" جي باري ۾ پڇيو، ۽ منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون، ۽ مون لڙڪن کي ضبط ڪندي، محبت ۽ درد جي انهن موتين کي پنهنجي ماڻڪين مان هيٺ ڪِرڻ ڪونہ ڏنو، ۽ چيم تہ "هن کي شيءِ شڪل وٺي ڏيندو آهين؟" هارون چيو تہ، "هر شام ڪيس

شيءِ وٽي ڏيندو آهيان." پيو سوال ڪيم تہ، "ساجن ۽ گلشن پاپيءَ کي ماستري ملي يا نہ؟" هارون چيو، "ساجن کي تہ ڪاڻ ملي، باقي گلشن جي مون کي خبر ڪانهي."

ايتري ڳالهائڻ کان پوءِ گهنٽي وڄائي، اردليءَ کي گهرائي، اُن کي آفيسر سٽي قسم جي چانهہ جو آرڊر ڏنو ۽ گولڊ ليف جو پاڪيٽ ماچيس سميت ٽيبل تي رکيائين، ۽ چيائين: "چانهہ پيئو ۽ ضرورت آهر گولڊليف جو پورو پاڪيٽ بہ پي سگهو ٿا. آءٌ وڃان ٿو، ان کان اڳ ۾ ايترو ضرور چوندس تہ پچا ڳاڇا سان منهنجو واسطو ناهي، پرجيڪي توکان پڇا ڳاڇا ڪن ٿا، تن کي سچ سچ ٻُڌائجان، چو تہ اهو سچ شايد تنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ مددگار ثابت ٿئي، چو تہ هتي ڪابہ رشوت يا سفارش نہ هلندي آهي." مون چيو تہ، "رشوت ڏيڻ جي مون ۾ توفيق ئي ڪانهي، آءٌ غريب ماڻهو آهيان ۽ سفارش جو مون وٽ ڪو ذريعو ئي ڪونهي." هن چيو تہ، "اهو مڃڻ لاءِ آءٌ تيار ناهيان تہ تون غريب آهين، چو تہ هندستان جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي جڏهن تون لٿو هُئين، ان وقت سوين عورتون ۽ مرد تنهنجي استقبال لاءِ موجود هئا- ۽ جڏهن تون ڊاڪٽر نجيب جي دعوت تي افغانستان ويو هُئين، تہ ڊاڪٽر جا خاص نمائندا تنهنجي استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي موجود هئا." مون چيو تہ، "اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ذهني شاهوڪاريءَ جو نتيجو هو، نہ ڪي مادي خوشحاليءَ جو." هن چيو تہ، "سچ ڳالهائجانءِ، چو تہ منهنجي خيال ۾ تو ڪوبہ جرم ناهي ڪيو، ۽ جيڪي الزام تو تي هنيا پيا وڃن، سي بہ منهنجي نظر ۾ جرم ناهن. چگو آءٌ هلان ٿو. توهان ٻئي پائر گهر جون ڳالهيون اڪيلائيءَ ۾ ڪري سگهو ٿا." ائين چئي هُو هليو ويو ۽ هن جي وڃڻ کان پوءِ مون هارون کي ٻُڌايو تہ، "آءٌ اڄوڪي رات اوجاڳي جي حالت ۾ بينل رهيو آهيان، ۽ مون کي ڊڪا بہ ڏنا ائٽن تہ تون تسليم ڪر تہ آءٌ انڊيا جو ايجنٽ آهيان، ۽ مون هندستاني جاسُوسن کي امرڪوٽ ۽ ان جي پرپاسي جون حساس جايون ڏيکاريون آهن. جيڪڏهن تون اقرار نہ ڪندين تہ اسين تنهنجيءَ ڪُٽيءَ ۾ مرچن وارو ڏنڊو ڪنداسين، بجليءَ جا شاڪ بہ هڻنداسين ۽ اذيت جو ٻيون طريقو بہ آهي، بجليءَ جي باهہ جي ذريعي انساني جسم کي ساڙڻ ۽ ڳاڙهڻ جو- اُهي سڀ

شيون استعمال ڪنداسين." ۽ ٻيون به ڪجهه ڳالهيون مون دوستن جي حوالي سان هن کي ٻڌايون- ۽ بقول هارون جي ته نورالدين سرڪي صاحب چيو آهي ته، "جيڪي ڪجهه وهيو واپريو آهي، سو اڇي مون کي ٻڌائجانءِ." ڪيس چيمر ته، "اهي ڳالهيون حرف بہ حرف نورالدين سرڪيءَ کي ٻڌائجانءِ ۽ اهو پڻ چئجانءِ ته آءٌ تنهنجو ٿورائتو آهيان، جو اهڙي مشڪل وقت ۾ تون منهنجو ڪيس وڙهي رهيو آهين. آءٌ تنهنجا اِهي ٿورا لاهي نہ سگهندس، پر سڄي عمر ڳائيندس پيو."

انهن ڳالهين کان سواءِ ٻيون بہ ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيونسين. ڳوٺ جي سڀني ماڻهن جو مون ڪائنس فرداً فرداً پڇيو. هارون چيو ته، "سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهن. صديق جي ٽنگ ٺيڪ ٿي وئي ۽ هو ڳوٺ هليو ويو آهي." چاچي يعقوب لاءِ چيائين ته، "هن جي ڏوڙ صرف ڪمال الدين تائين هئي ۽ ڪمال الدين جي حيثيت ايجنسين وٽ شايد ٽئين ڪلاس واري ايجنٽ جي بہ نہ رهي آهي. اڄ ڏينهن تائين پنهنجي ڳوٺ جو ڪوبہ ماڻهو مظفر شاهه سان بہ ناهي مليو. سڄي ڳوٺ تي خوف ۽ دهشت جي فضا ڇانيل آهي." مون کيس چيو ته، "بنيادي طرح اسان جي ماڻهن کي مظفر شاهه سان ملڻ ڪپندو هو، پر جيڪڏهن هو نہ مليا آهن ته پوءِ تون وڏيري محب کي چئجانءِ ته هو ضرور ملي، صرف ان لاءِ ته تارچر سيل مان مون کي ڪڍي جيل ۾ رکن، ۽ جيل منهنجي لاءِ ڪا نئين شيءِ ناهي. مون پنهنجي جواني جا بهترين ڏينهن ۽ راتيون جيل ۾ ڪاٽيون آهن، ان ڪري مون کي جيل جي پرواهه ناهي." هارون مون کي ٻڌايو ته، "ايجنسيءَ جي آفيسرن هاءِ ڪورٽ ۾ اهو چيو آهي ته اسين آرمسر تي فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائينداسين ۽ ڪيس فيلڊ ڪورٽ مارشل ڪنداسين." ان تي مون هارون کي چيو ته، "سرڪي صاحب کي چئجو ته **آءٌ گستاپو جي عدالت ۾ بہ پيش ٿيڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ ان جو نالو ڪورٽ هجي، ۽ آءٌ هر ڪورٽ کي مُنهن ڏئي سگهان ٿو، ان ڪري، جو مون ڪڏهن بہ سازش جي ذريعي سنڌ جي آزاديءَ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي." ان ڪري ڪورٽ کان لنوائڻ جو مون وٽ ڪو سبب نہ هو.**

هارون جي رواني ٿيڻ کان پوءِ منهنجون اکيون ٻڏي، مون کي وري

ساڻگئي هال ۾ آندو ويو. جدا ٿيڻ وقت هارون کي مون چيو ته: "تو وٽ ڪيسي ۾ پيسا گهٽا آهن؟" هن چيو ته، "مون وٽ چار پنج سؤ روپيا آهن، اهي توکي ڏئي سگهان ٿو." ان تي مون پنهنجي آفيسر کان پُڇا ڪئي ته، "چا، آءٌ پنهنجي پاءٌ کان پيسا ونې، توهان وٽ جمع ڪرائي سگهان ٿو." هن چيو ته، "ڪهڙي ضرورت آهي؟" مون چيو ته، "آءٌ بيمار آهيان ۽ ايمرجنسيءَ ۾ ڪنهن دوا جي ضرورت پئجي سگهي ٿي، چو ته ان حالت ۾ اوهان جي لکپڑهه ايترو وقت ونندي آهي، جنهن دوران يا ته آءٌ مري ويندس يا اها بيماري ختم ٿي ويندي. ٻيو سبب اهو آهي ته باهر آءٌ ڪنهن اوچي برانڊ جي سگريٽ جو عادي هئس ۽ هتي جيڪي سگريٽ مون کي ڏنا تا وڻن، سي منهنجو ڊرائيور به نه پيئندو آهي." آفيسر ان تي وراڻيو ته، "سگريٽ توهان کي اهي ئي ملندا، جيڪي ڪوٽا مطابق منظور ٿيل آهن، باقي بيماريءَ جي حالت ۾ اسان جو عملو هر وقت چاڪ و چوٻند رهندو آهي، ان ڪري توهان علاج جي معاملي ۾ بي فڪر رهو. ۽ پيسا جمع ڪرائڻ نه ڏيندا سين." موڪلائڻ وقت هارون مون کي چيو ته، "تنهنجو دوست وڏيرو عبدالواحد سومرو گذاري ويو آهي. هو سدائين مون کي نالي پائي ڪري سڏيندو هو، ۽ وسڪيءَ جي عادت به ان ئي مون ۾ وڌي هئي. آءٌ جڏهن به جيل مان ڇُٽي ڳوٺ ويندو هئس ته سواري نه ملڻ جي صورت ۾ ٽريڪٽر تي به چڙهي مون سان ڳوٺ ملڻ ضرور ايندو هو. مون کي عبدالواحد سومري جي گذاري وڃڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. مون هارون کي چيو ته، "تون منهنجي پاران سندس پُٽن سان تعزيت ضرور ڪجانءِ." هارون چيو ته، "آءٌ به ڏينهن لاڳيتو سندس ڏڻي تي ويهي آيو آهيان." ان تي مون کيس چيو ته، "اهو ته تون راڄوٽي دستور مطابق ويو هوندين، پرهن دفعي منهنجي طرفان وڃجانءِ." ايترمي ڳالهائڻ کان پوءِ اسان موڪلايو ۽ منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، مون کي وري به ان هال ۾ ويهاريو ويو.

هن موقعي تي آءٌ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس محترم **ناصر اسلم زاهد** کي به وساري نٿو سگهان، جنهن ان ڏينهن ڪورٽ ۾ پيش ٿيندڙ اعليٰ اداري جي فرد کي چيو هو ته، "توهان هن ڪورٽ ۾ اهو بيان ڏنو آهي ته اسان عبدالواحد آريسر تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ چاهيون

ٿا!" جنهن تي منهنجي وڪيل مسٽر نورالدين سرڪيءَ چيو ته، "سائين! آءٌ هتي اهڙو مواد پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن مطابق ڪنهن به سول ماڻهوءَ جو ڪورٽ مارشل نٿو ٿي سگهي." ان تي چيف جسٽس چيو ته: "آءٌ پنهي ڌرين جا دليل نٿو ٻُڌڻ چاهيان. مون وٽ هڪ شهريءَ جي زندگيءَ جو مسئلو اهم آهي! آيا قيديءَ سان سندس مائٽن جي ملاقات جي ائڊووڪيٽ جنرل اجازت ڏئي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن نٿو ڏئي ته آءٌ هن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪندس، ۽ ڊفينس سيڪريٽريءَ کي ڪورٽ ۾ طلب ڪندس." ان تي ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته، "سائين! اسان مائٽن کي ملاقات کان ڪڏهن به انڪار ناهي ڪيو. سندس پاءُ هن سان ملاقات ڪري سگهي ٿو." اُن بعد چيف جسٽس حڪمنامو جاري ڪيو ۽ چيف جسٽس صاحب جي انهيءَ ئي حڪمنامي تحت ئي هارون مون سان ملاقات ڪئي هئي- ۽ منهنجي بڌايل حقيقت جي بنياد تي هن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ قسم نامو داخل ڪيو هو. منهنجيءَ سمجهه مطابق اها تاريخ ڏهين ڊسمبر هئي، جنهن تي اسين ٻئي پائر مليا هئاسين، ۽ اُن موقعي تي مون اهو سمجهيو هو ته اها اسان جي آخري ملاقات آهي. ملاقات کان پوءِ هنن منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، مون کي هال ۾ ويهاريو. شام جو پنجين بجي ٽائين آءٌ اُتي وينو رهيس ۽ پوءِ هو مون کي منهنجي سيل ۾ وٺي ويا، جيڪو اهڙين حالتن ۾ اسان لاءِ فرينچ ببڊ کان به بهتر هو. جنهن ۾ هيٺان هڪ ٽؤنري وڇايل هئي، اُن جي مٿان هڪ ڪمبل ۽ فراسي ۽ وهاڻي جي جاءِ تي بدبودار ڪپهه جو هڪ ڳوٽرو! اتي سيل ۾ اڪيلي هئڻ ڪري ڪنهن سان به گفتگو نه ٿي سگهندي هئي، پاڻي به اشارن سان گهُربو هو ۽ ماني وقت تي، هو پاڻهي ڏئي ويندا هئا.

چوويهين ڊسمبر تي هنن مون کي وري تحقيقاتي سيل ۾ گهرايو ۽ پڇا ڳاڇا شروع ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو سوال اهم هو ته، "تون انڊيا گهٽا دفعا ويو آهين؟" مون کين بڌايو ته، "ٽي دفعا."

پهريون دفعو 1973ع ۾ غير قانوني طرح- پُٽي جي حڪومت جي سختيءَ کان گهبرائجي، مون ۽ منهنجي دوست علڻ خان ٽيبي باربر ڪراس ڪيو هو. پر باربر ڪراس ڪرڻ شرط اسان کي گرفتار ڪيو ويو،

ءِ هڪ آفيسر اين. ايس. پاتي جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو اسان کي اڪين تي پٽي ٻڌي ٻاڙمير ڪٽي ويو هو. اُتي اسان هن کي چيو تہ، "اسين جي. ايم. سيد جا نمائندا آهيون، ۽ آزاد سنڌوديش لاءِ جدوجهد ڪريون ٿا. اسان ٻئي پُٽي جي حڪومت کي گهُربل اهم ماڻهو آهيون، ان ڪري اسان سياسي پناهہ لاءِ هندستان آيا آهيون. توهان کي جيڪڏهن يقين نٿو اچي تہ برصغير جي آزاديءَ جي تحريڪ جي هڪ اهم ڪردار، فريدم فائيٽر، مسٽر ڪيرت ٻاباڻيءَ کان، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهي ٿو، اسان جي نالن ۽ نظرين جي تصديق ڪري سگهو ٿا. اسان کي اها به خبر هئي تہ سائين جي. ايم. سيد جو دوست لچمڻ سنگهہ سوڍو به ٻاڙمير ۾ رهي ٿو، پر جيئن تہ هو فريدم فائيٽر نہ هو، ۽ ساڳئي وقت 1971ع واري جنگ جو شرنارٿي به هو، ان ڪري اسان هن جو نالو نہ ڪنيو. هنن اسان کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري اڪين تان پٽي کولي، ۽ هفتي تائين اسان ان حالت ۾ رهياسين. ان وچ ۾ هنن مسٽر ڪيرت ٻاباڻيءَ سان رابطو ڪري ورتو، ۽ نتيجي طور اسان سان سختي ختم ٿي وئي. پوءِ به مسٽر پاٽيءَ چيو تہ، "جيتوٽيڪ توهان جي نظرين ۽ تحريڪ جي باري ۾ اسان کي مسٽر ڪيرٽ ٻاباڻيءَ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ به اسين شملہ ناهہ تحت مجبور آهيون ۽ پاڪستان جي ڪنهن به فريدم فائيٽر کي پاڻ وٽ رهائي نٿا سگهون. سياڻي آءٌ توهان کي ڪليل جيپ ۾ ويهاري هندستان جو هيءُ مختصر ٽُڪرو ڏيکاريندي، باربر تي چڙي ايندس. وڌيڪ اوهان جي قسمت." ٻئي ڏينهن هن اسان کي واعدي مطابق باربر تي جيپ ذريعي پهچايو. مون کي اهو منظر اڄا تائين ياد آهي. سج لهڻ تي هو، ان جي لالاڻ سڄي راجستان تي ڦهلجي وئي هئي. اسان جي چوڌاري سنڌ جو ٻيو نمبر خوبصورت جانور هرڻ، ٽولين جي صورت ۾ هلي رهيو هو. اسان اهو منظر سدائين لاءِ پنهنجي ذهن ۾ قيد ڪري ڇڏيو، ۽ الله جو نالو وٺي باربر ڪراس ڪيو- ۽ وري اڇي جالو ڇوٽري جي ريلوي اسٽيشن تان ريل ۾ سوار ٿياسين. ڪراچيءَ پهچي، علڻ خان ٽيپي، سائين جي. ايم. سيد کي چيو تہ، "هندستان ۾ تنهنجي راهي پوکي ڏسي آياسين، هاڻي ٻُڌاءِ تہ چا ڪريون؟" سائينءَ چيو تہ علڻ خان وڃي سَن ويهي ۽ آريسر نئين سنڌ

پريس ڪراچيءَ جو ڪنٽرول سنيالي- ۽ اسان ٻنهي سائينءَ جي حڪم موجب ائين ئي ڪيو.

ٻيو دفعو آءٌ انديا "لطيف سيمينار" ۾ شرڪت لاءِ پاسپورٽ ذريعي ويو هُئس، جتي آءٌ ستاويهه ڏينهن رهيس. ڪجهه ڏينهن دهليءَ ۾، ڪجهه ڏينهن بمبئيءَ ۾ ۽ ڪجهه ڏينهن ٻاڙمير ۾ پنهجن مائٽن وٽ، جنهن جي باقاعدي ويزا مليل هئي.

ٽيون دفعو آءٌ افغانستان جي صدر نجيب الله جي دعوت تي افغانستان ويو هُئس، پر جيئن ته افغانستان ۽ ڪراچيءَ وچ ۾ هوائي پروازون بند هيون، ان ڪري وايا دهليءَ وڃڻو پيو. افغانستان آءٌ ان لاءِ ويو هُئس، جو منهنجي دوست محمود خان اچڪزئيءَ جي والد عبدالصمد خان شهيد جي ورسي هئي. ان ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن مون کي دهليءَ ۾ ترسڻو پيو، جو ڪنهن به فلائيٽ ۾ سيٽ نه ٻئي ملي."

ان تي آفيسر چيو ته، "توهان پاڪستان کان سواءِ صرف ٻن ملڪن جو ڏوڙو ڪيو آهي، جيڪي ٻئي پليٽ ملڪ آهن."

مون مذاق ۾ ڪيس چيو ته، "هاڻي گهٽ ۾ گهٽ افغانستان ته پليٽ نه رهيو آهي، چو ته اُتي گلبدن حڪمت يار پهچي چڪو آهي."

مون کان پڇيو ويو ته، "ڊاڪٽر نجيب سان تنهنجي ملاقات ٿي؟"

مون چيو ته، "ڪنهن جي شخصي وجاهت کان جيڪڏهن آءٌ متاثر ٿيو آهيان، ته اُهي دنيا ۾ پهريون نمبر جمال عبدالناصر ۽ ٻيو نمبر ڊاڪٽر نجيب آهن."

هن پُڇيو، "ڊاڪٽر صاحب توهان کي چا چيو؟"

مون چيو ته، "جيئن ته وضع جو قائل آءٌ هُئس، ان ڪري مون هن کي سڀ کان پهرين شاهنواز تنائيءَ جي بغاوت کي ڪچلڻ تي منهنجي ليڊر، سائين جي. ايم. سيد طرفان مبارڪون ڏنيون ۽ ڪيس مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي پيشنگوئي ٻُڌايم، جنهن ۾ هن چيو هو ته مزدور ۽ ڪچليل طبقي جي حڪومت آءٌ روس ۾ ڏسي آيو آهيان، اها جلد ئي ڏکڻ ايشيا جو رُخ ڪندي ۽ ان جو پهرين ٽارگيٽ افغانستان هوندو. اهي لفظ مولانا صاحب 1943ع ۾ چيا هئا، اڄ اسان فرش تي سمهندڙ هڪ فقير جي

پيشنگوئيءَ کي عملي روپ ۾ ڏسي رهيا آهيون- ۽ آخر ۾ فارسيءَ جو هيءُ شعر پڙهيو هوم ته:

عمرت دراز باد کہ تا دوڑ مشتري،
ما از تو برخوريم وتو از عمرَ برخوري.

يعني: "تنهنجي عمر ايتري ڊگهي ٿئي، جيتري مشتري ستاري جي آهي، ته جيئن اسين تنهنجيءَ جدوجهد مان لاڀ پرائيندا رهون، ۽ تون پنهنجي عمر مان لاڀ پرائيندو رهين."

انهيءَ شعر تي مون پنهنجي فارسيءَ ۾ ٽيندڙ گفتگو ختم ڪئي، ۽ ٻئي ڪنهن جي ڳالهائڻ کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب پشتو ۾ ڳالهائڻ شروع ٿيو، جيتوڻيڪ ڪيس خبر هئي ته آءٌ فارسي سمجهان ٿو. هن ابتدا ۾ فارسيءَ جو هڪڙو شعر پڙهيو، جنهن جو مطلب هو ته، "بي همت ماڻهو بين جي ناهيل واٽن تي هلندا آهن، ۽ باهمت ماڻهو پنهنجا رستا پاڻ ناهيندا آهن." پوءِ چيائين: "سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي واٽ ۽ رستو ناهڻ وارو هڪڙو ئي ماڻهو آهي، جي. ايم. سيد- جنهن کي شايد ياد نه هجي، پر آءٌ ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي دفعا ساڻس ملي چڪو آهيان. اڪثر سنڌ جا سياستدان به اسان جي پناڻ سياستدانن وانگر مادرِ وطن سان غداريون ڪندا رهيا آهن، پر انهن غدارن، بي وقوفيون گهٽ ڪيون آهن، پر بي نظير ٻُڌي سڀ کان وڏي بيوقوفي اها ڪئي آهي، جو اسٽيبلشمنٽ ۽ آرميءَ جي چوڻ تي هن اقتدار قبول ڪيو آهي." ان تي اسان جي وفد ۾ شامل هڪ پنجابي مسٽر عبدالرحيم چيو ته، "جيڪڏهن بينظير هنن جي شرطن تي اقتدار قبول نه ڪري ها، ته هن جي پارٽيءَ جا ماڻهو پي. پي ڪي ڇڏي اقتداري ڌُر ۾ شامل ٿي وڃن ها." ان تي ڊاڪٽر صاحب انتهائي ڪاوڙ ۾، اردوءَ ۾ ڳالهايو ۽ چيائين، "**لعنت هو ايسي پارٽي ۽ ايسے ميمبرون پر، جن کے ضميرون کي حالت يہ هے!**"

منهنجي انهيءَ ڳالهائڻ کان پوءِ هنن مون کان پڇيو ته، "ڪابل ۾ گهٽا ڏينهن رهئين؟"

مون چيو ته: ست ڏينهن- ۽ انهي عرصي دوران هنن ڪابه بددياڻتي ڪانه ڪئي. جنرل شاهنواز جي بغاوت دوران جن جاين کي نقصان پهتو

هو، مون کي اهي جايون ڏيکاريائون، جن ۾ ڪابل جو عجائب گھر، وزارت دفاع جي عمارت، ۽ خان عبدالغفار خان جي جلاوطنيءَ دوران رهائش گاهه به هئي، جنهن کي بغاوت دوران تباهه ڪيو ويو هو."

هنن مون کان پڇيو ته، "نجيب جو جنگ جي باري ۾ نقطئه نظر ڇا هو؟"

مون کين ٻڌايو ته، "اهو سوال مون ڊاڪٽر صاحب کان ڪيو هو. ان جا هن مون کي به جواب ڏنا هئا. هڪ اهو ته ڪابل جا رستا وڃي ڏس، جن رستن جي چوراهي تي هڪ ٻار جي تصوير ٽنگيل هئي، جنهن جي هيٺان لکيل هيو: "جنگ بس است" ۽- ٻيو هن چيو ته باغين کي جيڪڏهن خوش نهمي هجي، ته عوام سائن گڏ آهي، ۽ نجيب اڪيلو آهي ته يلي اقوام متحده جي نگرانيءَ ۾ ايئن اليڪشن ڪرائي وڃي، جيئن نڪاراگوا ۾ ٿي هئي، ته آءٌ اُن لاءِ تيار آهيان، ڇو ته آءٌ افغانستان کي بارود جو ڍير بنائڻ نٿو چاهيان."

مون پڇا ڳاڇا ڪندڙ آفيسر کي اهو به ٻڌايو ته، "موڪلائڻ وقت مون نجيب کي اجرڪ پيش ڪئي، ته هن پروٽوڪول تحت اها اجرڪ هٿ ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو: "اين روايت مانيست." هن ٿهڪ ڏيندي چيو ته، "دستوري مجلس ختم ٿي چڪي آهي. آءٌ اُردو سُڻي ڳالهائي سگهندو آهيان ۽ هاڻي اردوءَ ۾ ڳالهائيندا سين." مون کيس اردوءَ ۾ چيو ته، "اسين اجرڪ هٿ ۾ نه ڏيندا آهيون، پر ڪُلهن ۾ پارائيندا آهيون." هاڻي عجيب صورتحال پيدا ٿي وئي، ڇو ته منهنجو قد پنج فوٽ ٻه انچ ۽ ڊاڪٽر جو قد ڇهه فوٽ اٺ انچ، ان ڪري اجرڪ پائڻ لاءِ هن پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهُڪايو ۽ مون اجرڪ سندس ڪلهي تي رکي- ۽ دل ۾ سوچيم ته جيڪو ماڻهو پاڪستاني حڪمرانن ۽ آمريڪي فاشسٽن جي سامهون نٿو جهُڪي سگهي، سو سنڌ جي ڪلچر جي اڳيان جهُڪي پيو آهي."

ان بعد هنن مون کان پڇيو ته، "واپسيءَ ۾ دهليءَ ۾ گهٽا ڏينهن رهئين؟"

مون کين چيو ته، "هڪ ڏينهن."

"ويزا گهٽن ڏينهن جي هئي؟"

چيم ته، "ٽن ڏينهن جي."

"ان جو سبب ڇا هو، جو هڪ ڏينهن هُئين، جڏهن ته ويزا تن ڏينهن جي هئي؟"

چيم ته، "هڪ ڏينهن اڇا جو، هڪ ڏينهن وڇا جو، باقي هڪ ڏينهن وڇي بچيو."

"ان هڪ ڏينهن ۾ ڇا ڪيئي؟"

چيم: "هڪ ڏينهن ۾ وينا شرنگي ۽ لڇمڻ پاتيا سان مليس، جيڪو ٽائيمز آف انڊيا جو سب ايڊيٽر آهي."

هنن چيو ته، "ويناجو ذڪر بار بار چو پيو ڪرين؟ هوءَ توتي عاشق آهي، يا تون هن تي عاشق آهين."

مون چيو: "جنهن عشق جي اوهين ڳالهه ٿا ڪريو، ان جي عمر کان اسين ٻئي چڙهي چڪا آهيون. باقي هڪڙو عشق آهي، جنهن ۾ اسين ٻئي ورتل آهيون، اهو آهي سنڌ سان عشق."

ان نشست ۾ سوالن جوابن جو سلسلو ختم ٿيو ۽ وري به مون کي ساڳئي سيل ۾ آندو ويو.

اُن وچ ۾ هيءَ ڳالهه ٿي، جو منهنجي ياءُ جي موڪلائي رواني ٿيڻ کان پوءِ هنن مون کان هڪڙي اک جي پٽي هٽرائي، انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ٿيل ڪجهه ڪاغذن تي صحيح ورتي. ان تي مون کين چيو ته، "هي صحيحون چو پيون ورتيون وڃن؟" ته جواب ڏيڻ بدران هڪ ڪمري ۾ وٺي ويا، جنهن ۾ ٽارچر جي مختلف طريقن جون تصويرون لڳل هيون. ڪنهن ۾ بجليءَ جا شاڪ ڏيڻ هنيا ويا، ڪنهن ۾ باهه ذريعي انساني ٽنگ جو گوشت ٻئي ساڙيو ويو، ۽ ڪن ۾ حيا سوز حرڪتن جا منظر موجود هئا. پر آءٌ يقين سان چوان ٿو ته انهن منظرن مون تي ڪابه هيبت طاري نه ڪئي. صرف هڪڙي منظر تي مون کي ڪل آئي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هيو ته مجرم جي مقعد ۾ مرچن سان پريل ڏنبو ۽ وڌو ويندو آهي. ڪل اڇڻ سان گڏ مون کي يوسف لغاري ياد آيو، جيڪو اهڙن لطيفن ٻُڌائڻ جو شوقين آهي. ان ڪري مون سوچيو، هينئر ته آءٌ اهو ڏنبو شايد برداشت ڪري وڃان، پر جيڪڏهن اها عادت پئجي وئي ته روزانو مرچن وارو ڏنبو ڪير ڪندو، جو ننڍ اڇپ! بهرحال اهو سمورو منظر ڏيکاري، مون کي ان سيل ۾ وٺي ويا، جتي اڪيون ڪُليل رهنديون آهن.

چوويهين ڊسمبر جي رات هنن مون کي ٽارچر سيل ۾ گهُرايو، ۽ پڇا ڳاڇا جو سلسلو شروع ڪيائون: سرفهرست جي. ايم. سيد جي سياسي جدوجهد هئي. انڪري مون هنن کي چيو ته جي. ايم. سيد جي سرگذشت ٻُڌائڻ لاءِ جيترو وقت درڪار هجي، انهيءَ وقت کي لاپ لائڻ يا ڪاراڻو بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته مون کي سگريٽ ڏيو. بهرحال مون کي ٽري فائيوَ جو سگريٽ ڏنو ويو ۽ مون سيد جي سموري سياسي سرگزشت هنن کي ٻڌائي، بنا ڪنهن مبالغي، مصلحت يا ڪوڙ جي.

تنهن کان پوءِ هنن مون کان دودي مهيريءَ جي باري ۾ پڇيو. مون کي ان وقت تائين خبر نه هئي ته دودو مهيري گرفتار ٿي چڪو آهي. مون کين چيو ته، **"دودو مهيري جنهن پارٽيءَ ۾ شامل آهي، ان سموري پارٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو شريف ۽ سياسي ماڻهو آهي ته اهو فقط دودو آهي. بلڪ آءٌ ته چوندس ته مون سميت اوهان جو جيترن به سياسي قيدين سان واسطو پيو آهي، دودو انهن سيني کان وڌيڪ شريف ماڻهو آهي."**

تنهن تي هڪڙي آفيسر مون کان پڇيو ته، "جيڪڏهن دودو ايترو ئي شريف آهي، جيترو تون ٿو چوين ته پوءِ هو توکي چڏي لوفرن جي پارٽيءَ ۾ چو وڃي شامل ٿيو آهي؟"

مون کيس وراڻيو، "اسان سياسي ڪارڪنن، ۽ عورتن جي هڪڙي ڪمزوري آهي، اُها آهي گاڏي- جيئن ته اُن جو انتظام آءٌ نه ٿي ڪري سگهيس، ان لاءِ هو مون سان هلي نه سگهيو."

ميجر وچ ۾ ٽوڪيندي مون کي چيو ته، "ائين چو نٿو چوين ته سياستدانن جي ڪمزوري عورت ۽ گاڏي آهي."

مون چيو ته، "اُهو ان ڪري نٿو چوان، جو پوءِ انهيءَ مفروضي جي زد ۾ جناح، گانڌي، غفار خان ۽ ابوالڪلام آزاد به اچي سگهن ٿا."

تنهن تي هن چيو ته، **"آپ هر موقعے پر هماري ڪمزور رگ کيون پڪڙ ليتے هيں، اور جناح ۽ گانڌي ڪو کيون ملاديتے هيں؟"**

مون چيو ته، **"اس ليے ڪه دونون وڪيل اور دونون گجراتي تهے."**

منهنجي انهيءَ جواب کان پوءِ هنن مون کي چڏيو، ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائون ته هن کي سيل ۾ چڏي اچو.

ان دوران منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب ٿيڻ لڳي. بلڊ پريشر وڌي ويو هو، گڙدي ۾ سور رهڻ لڳو هو، ۽ نبض به گهٽ اچڻ لڳي هئي، ان کري صورتحال کي نظر ۾ رکندي، ڪو وڏو آفيسر منهنجي طبيعت ڏسڻ آيو. آءٌ ڪوليءَ جي در جي سامهون ٽي بيٺس. هن مون کي چٽائي ڏنو، اسلام عليڪم چئي هٿ ملايائين ۽ ماتحت کي چيائين ته، "هن کي دوا درمل به ڏيندا آهيو؟"

هن چيو: "ها سائين! ڊاڪٽر هن کي ڏينهن ۾ ٻه دفعا چيڪ ڪندو آهي."

ان تي آفيسر چيو ته، "مون هن جي بيماري سڃاتي آهي، هن کي پڙهڻ لاءِ ڪجهه ڏيو."

هنن چيو ته، "ها سائين!"

ان آفيسر جي وڃڻ کان پوءِ مون کان پڇيو ويو ته، "ڇا پڙهڻ پسند ڪندين؟"

مون چيو ته: "مون کي في الحال به شيون ڪپن! مولانا ابوالڪلام آزاد جو تفسير "ترجمان القرآن" ۽ "شاهه عبداللطيف جو رسالو"

ان وقت هنن واعدو ڪيو ته اهي ٻئي شيون آڻي ڏيندا، پر ٻئي ڏينهن چيائون ته، "اهي ٻئي شيون اسان کي بازار ۾ نٿيون ملن."

مون کين چيو ته، "هاڻي توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪتاب آڻيو."

ٻئي ڏينهن مون کي هنن مولانا ابوالاعليٰ مودودي جو تفسير "تفهيم القرآن"، ڇهن جلدن ۾ آڻي ڏنو. اهو پڙهڻ لاءِ مون شرط وڌو ته منهنجو چشمو توهان جون ايجنسيون ڪٽيون ويون آهن، جنهن جو نمبر به آهي، سو آڻي ڏيو." هنن انهيءَ نمبر جي چشمي جو انتظام ته ڪيو، پر ان جي هڪ ٽنگ ٽُٽل هئي، جنهن ۾ ڊاڪو ٻڌل هو. اوهين يقين ڪريو ته ان ئي چشمي سان مون مودودي جا ڇهه ئي جلد پڙهيا، پر قرآن جي تفسير جي معاملي ۾ هو مون کي ابوالڪلام ۽ محمود الحسن کان تمام گهٽو نديو نظر آيو.

ان مطالعي دوران مون اسان جي سيل جي انچارج کان، جيڪو باريش بزرگ هو، پڇيو ته، "جناب! قرآن جي مطالعي دوران آءٌ هڪ شڪ ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان، اُهو اِهو ته قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته فرعون يهودين جي پُٽن کي قتل ڪرائيندو هو، ۽ ڏيئن کي جيئرو ڇڏيندو هو. جڏهن حضرت موسيٰ پيدا ٿيو ته ان جي ماءُ قتل جي خوف کان هن کي صندوق ۾ بند

ڪرائي، درياهه جي حوالي ڪيو، جيڪا صندوق وڃي فرعون جي محل جي سامهون پهتي ۽ فرعون جي خدمتگارن اُها پيتي ڪڍي، ان معصوم ٻار کي پاليو. پر ساڳئي وقت، قرآن ۾ اهو لکيل آهي ته موسيٰ جو ٻيو پاڻ هارون هو ۽ اهو به نبي هو. ان جي مارائڻ لاءِ فرعون جتن ڇو ڪونه ڪيو؟ نه ئي قرآن ۾ اهڙو ڪو اشارو آهي. ان جو سبب ڇا آهي؟"

هن چيو ته، "**ميرے بهائي! ميں اتنا بڑا عالم نهيں هون. اور اس مسئلے پر هم نے کبھي سوچا بھي نهيں.**"

ٻئي ڏينهن اهو ساڳيو شخص آيو ۽ اڃي منهنجي سيل جي دروازي تي ٻيهي، صحت جي باري ۾ پُڇڻ لڳو. مون کيس چيو ته، "مولانا آزاد لکيو آهي ته احمد نگر جي قلعي جي جيل ۾ جڏهن ميڊيڪل آفيسر اسان جي چيڪ اپ لاءِ آيو، ان وقت هن کي مون چيو ته منهنجي جسم کي ڇڏيو، پر دماغ ماپڻ جو اوزار ايجاد ٿيو هجي ته اهو آڻيو. ميڊيڪل آفيسر شرمندگي محسوس ڪندي معائنو ڪرڻ کان سواءِ هليو ويو. ان ڪري آءٌ به مولانا جو پوئلڳ آهيان، منهنجي صحت کي ڇڏيو، منهنجي ڪالهوڪي سوال جو جواب ڏيو!"

هن چيو ته، "مون کي خبر ناهي."

مون چيو ته، "ان ڪري خبر ناهي، جو توهان ماڻهن جي جسمن کي کُٽڻ ته سکيا آهيو، پر سندن دماغ کي ڪڏهن به توهان کوليو ئي ناهي. هاڻي ڪالهوڪي سوال جو جواب پُڌ: جڏهن فرعون يهودين جا ٻار قتل ڪرائڻ شروع ڪيا ته ان وقت سندس مشيرن مشورو ڏنو، ته اهڙي طريقي سان هارين ۽ مزدورن جو اولاد قتل ڪيو ويو، ته پوءِ ملڪ ۾ ڪوبه ڪَسبي (پورهيت) نه رهندو، ۽ مصر جي معيشت مفلوج ٿي ويندي. ان مشوري کان پوءِ فرعون طئي ڪيو ته هڪ سال ۾ جيڪي ڇوڪرا ڄمندا، تن کي قتل ڪيو ويندو، ۽ ٻئي سال جيڪي پيدا ٿيندا، تن کي جيئرو ڇڏيو ويندو. موسيٰ جو پاڻ اُن سال ۾ پيدا ٿيو، جنهن ۾ ڇوڪرن کي جيئرو ڇڏيو ويو، ان ڪري ان جي حفاظت جي ڪابه تدبير نه ڪئي وئي."

آفيسر سيخن ۾ منهنجا هٿ جهلي چيو ته: "مون ڏاڍا تفسير پڙهيا آهن، پر مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، جيڪا تو مون کي اڄ سمجهائي آهي. الله

تعاليٰ ان ڳالهه جو اجر توکي ضرور ڏيندو." ان بعد اهو آفيسر منهنجو دوست ٿي ويو، چاڪاڻ ته هو ديوبندي مڪتبِ فڪر جو هو.

منهنجا عذاب گهرن وارا ڏينهن گذرندا رهيا. منهنجي مٿي جا وار وڏي ويا، مڇون بي ڍنگي انداز ۾ خراب ٿي ويون، بُرش جو ڪوبه نالو نشان ڪونه هو. هڪ ڏينهن يارهين رمضان تي اوچتو مون کي گردي ۾ سخت سُور پيو ۽ آءٌ بنا پاڻيءَ جي مڇيءَ وانگر تڙپندو رهيس. فوري طور تي عملدارن کي اطلاع ڪيو ويو، جيڪي ايمبولينس سميت پهچي ويا، ۽ مون کي بحريه جي اسپتال پي. ايڻ. شفا ۾ وٺي ويا. اُتي مهربان ڊاڪٽرن خوبصورت بيڊ تي سمهاري ڊرپ هنئي، جنهن ۾ گردي جي سُور جي خاتمي جي به دوا هئي. پر اڌ ڪلاڪ کن گذريو ته نئون حڪم پهتو هن کي هن اسپتال مان منتقل ڪري، ملير آرميءَ جي اسپتال ۾ شفٽ ڪيو وڃي. هنن لڳل ڊرپ اڌ ۾ لاهي، اکيون ٻڌي، مون کي گاڏيءَ ۾ ڪنيو ۽ آرمي اسپتال ۾ هڪڙي بيڊ تي آڻي سٽيو ۽ ڊاڪٽر معائني ۾ مصروف ٿي ويا. جيئن ته صبح جو ايڪسري ڪيڏو هو، ان ڪري رات جو هنن مون کي انيما ڪيو. ان وقت مون کي جيڪو سُور جو احساس ٿيو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ مون جيڪي رڙيون ڪيون، ايتريون رڙيون ايستائين قيد يا تشدد دوران مون ڪڍهن نه ڪيون هيون. بهرحال اهو سلسلو ٽي ڏينهن مسلسل هلندو رهيو. ان سان گڏ جاهل ٽيڪنيشن ڊرپون به هٽندا رهيا، جن منهنجون ٻانهون، ڪلها، هٿ ۽ هٿن جا پورَ سُجائي ڇڏيا، ۽ منهنجي حالت ويتر خراب ٿي وئي. ان ڪري، ايجنسين جي آفيسر چيو ته جيئن ته هن کي هاڻ سُور نٿو ٿئي، ان ڪري واپس وٺي هلوس. نتيجي طور مون کي ٽئين ڏينهن ساڳين رستن تان ڪٽندا، منهنجي سيل ۾ وٺي آيا، جتي سيل جي انچارج مون کي چيو ته: "ڪهڙي سيل ۾ رهڻ پسند ڪندين؟" مون چيو ته، "ساڳئي ۾-" چو ته ان جي اڳيان ليسوڙي ۽ زيتون جا به وڻ هٿا، جن کي ڏسي زندگيءَ جي تازگيءَ جو احساس ٿيندو هو. سيل ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ سيل انچارج مون کي چيو ته، "چا پوزيشن آهي؟" مون چيو ته، "اڄ مون کي روزو ناهي، توهان وٽ ماني نه هوندي، پر سگريٽ ضرور هوندو ۽ مون کي سگريٽ ڏيو." هنن مون کي سگريٽ ڏُکائي ڏنو. اهو پيئڻ بعد آءٌ سمهي رهيس.

ڪئمپ ۾ رهندي، اهو پهريون ڏينهن هو، جو مون کي ڏينهن جو ننڊ اچي وئي. منهنجي اک شام جو روزو کلڻ مهل کُلي. مون بنا روزي هجڻ جي ٻئي هٿ مٿي کنيا، ۽ پنهنجي پروردگار کي عرض ڪيم ته، "هي مون تي جيڪي الزام هٽي رهيا آهن، سي انهن جي نظر ۾ پلي گناهه هجن، پر تنهنجيءَ نظر ۾ گناهه نه آهن. آءٌ بيگناهه ڪاسايو ويو آهيان. اي رب العالمين! منهنجا سڀ وسيلا تو هڪڙي جي تابع آهن. آءٌ عرض ٿو ڪريان ته هيءَ عيد آءٌ پنهنجيءَ اندرا سان گڏ ملهايان."

توهان ان کي اتفاق چئو يا قدرت جي ڪرشمو سازي، جو قدر جي سڃي رات آءٌ جاڳندو رهيس، ۽ صبح جو مون منهنجي روحاني رهبر شيخ الهند محمودالحسن جي قرآن جو ترجمو پڙهيو ته سيل جو انچارج شيوَ جو سامان کڻي آيو، ۽ مون کي چيائين ته، "ڏاڙهي لاهيو."

مون چيو ته، "توهان هفتي هفتي شيوَ ڪرائيندا آهيو، عيد ۾ اڄا ڪجهه ڏينهن آهن، ان ڪري مهرباني ڪري هڪ ڏينهن اڳ شيوَ جو سامان آڻجانءِ ته جيئن خدا جي سامهون آءٌ پنهنجي صاف چهري سان جُهڪان."

هن مون کي چيو ته، "**سر آپ بهت بڑے آدمي هيں، هم غريبون کے ساتهه کهان عيد منائيں گے!**"

ان مان مون سمجهي ورتو مون کي شايد حيدرآباد يا لاهور منتقل ڪيو پيو وڃي- ۽ انهيءَ ڪيفيت طاري ٿيڻ تي منهنجو بلڊ پريشر وڌي ويو. مون سپاهيءَ کي چيو ته، "ڪمپائونڈر کي گهراءِ ته منهنجو بلڊ پريشر چيڪ ڪري." ڪمپائونڈر سان گڏ اهو صوفي صاحب به آيو، جيڪو منهنجي مڪتبءِ فڪر سان تعلق رکڻ ڪري ٿورو همدرد هو. اُن اک جي اشاري سان مون کي چيو ته، "بلڊ پريشر چيڪ ڪرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، تون وڃين پيو." بهرحال مون بلڊ پريشر چيڪ ڪرايو، جيڪو معمول کان ٿورو وڌيڪ هو. ان بعد فوري طور تي مون کي ٿري پيس جي واسڪوٽي آڻي ڏني وئي، ته هيءَ پاءِ! ۽ ڪجهه ٻيو سامان- جنهن ۾ ٽوٿ پيسٽ ۽ برش ڏنائون ۽ منهنجي اکين تي پٽي ٻڌي، سامان هٽ ۾ ڏئي هڪ گاڏيءَ ۾ ويهاريائون.

عجيب ڳالهه هيءَ هئي ته اڳي ڪيڏانهن به وٽي ويندا هئا ته گاڏيءَ جي

فرش تي ويهاريندا هئا، پر ان ڏينهن مون کي اڳيئ سيٽ تي ويهاريائون- ۽ سڏو ٽارچر سيل واري آفيس ۾ آندائون. آءٌ ۾ ٿي منٽ اکيون ٻڏل اتي ئي ويٺو رهيس، ته هڪ آفيسر مون کي گهرايو، ۽ پڇيائين ته، "طبيعت ڪيئن آهي؟"

مون چيو ته: "ظاهري طبيعت ڏسي سگهو ٿا، پر گردي ۾ پٿري اڃا تائين آهي."

هن جونيئر آفيسر مون کي چيو ته، "ڪٻنيءَ جو آپريشن گهر وڃي ڪراءِ! ان تي وڏي آفيسر چيو ته، **"آريسر صاحب! هم آپ کو آزاد کررهے هين."**

مون چيو ته: "توهان جي مهرباني!"

چيائون ته، "اسان جي ڪابہ مهرباني ڪانهي ۽ نہ وري اسين توکي ڇڏڻ چاهيون ٿا، پر پرائيم منسٽر ۽ ڪور ڪمانڊر صاحب جو حُڪم آهي ته هن کي آزاد ڪريو، اسين اوهان کي گهر ڇڏينداسين. پاڙو ڪٿو لڳندو؟"

مون چيو ته، "هڪ سؤ روپيا بس جو پاڙو آهي."

پوءِ هن آفيسر، ماتحت کي چيو ته، "آريسر کي هڪ سؤ روپيا ڏيو، ۽ هڪ ڪلاڪ بعد ڪاغذي ڪارروائي ڪري آزاد ڪريوس."

بلڪل هڪ ڪلاڪ کان پوءِ گاڏي آئي. مون کي ان جاءِ تي موڪليو ويو، جتي ڇُٽيءَ جا ڊبر پيا هئا، ۽ چيائون ته، "پنهنجي جُتي سُڄاڻي پاءِ." منهنجو بوٽ يوٽ فل هو، جيڪو مون سُڄاتو ۽ پاتو، پر ان ۾ جوراب پيل هئا. مون کين چيو ته، "بوٽ منهنجو آهي، جوراب ٻئي ڪنهن جا آهن." هنن جوراب ڪڍي باهر رکيا ۽ مون کي بوٽ ڏنائون. ديوبندي همدرد چيو ته، "شڪر آهي ته جن کي بہ چڏيون ٿا، سي سڀ پنهنجا بوٽ سُڄاڻي پائيندا آهن."

پوءِ مون کي **اندرجيت لوهاٽي** سان گڏ هڪ وين ۾ ويهاريائون. مون چيو ته، "جيڪڏهن توهان منهنجون اکيون ٻڏي رکندؤ ته اسان کي خبر نہ پوندي ته ڪهڙي جاءِ تي لهٽو آهي، ۽ ڪٽي وڃٽو آهي؟" حسن اسڪوائر چؤڪ تي هنن منهنجي اکين تان پٽي کولي، ۽ مون پنجن مهينن ۾ پهريون دفعو سنڈ ڏٺي. منهنجي ذهن ۾ حسنين هيڪل جا لفظ گونجڻ لڳا، جنهن چيو هو: **"آءٌ سادات جي قتل کان پوءِ آزاد ٿيس ۽ مون مصر تي نظر وڌي ته مون کان بي ساخته رڙ نڪري ويئي ته مارا مصر ايڏو خوبصورت آهي!!"**

مون کي خبر هئي ته هنن سپاهين کي هيڪل جي خبر ئي ناهي، پر اکيون کُلڻ بعد پهريون دفعو مون کي محسوس ٿيو ته، **"مارا سنڈ ايڈي خوبصورت آهي!!"**

هنن مون کان پڇيو ته، "تنهنجو ڪو هتي واقف آهي؟ ته جيئن اسين توکي سندس حوالي ڪريون." آءٌ کين چيتن جي دڪان تي وٺي ويس، پر بدقسمتيءَ سان اِهو دڪان بند هو. پوءِ هنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته، "اڄ رات هن کي واپس وٺي ٿا هلون. سپاڻي وري ڪوشش ڪنداسين." حقيقت اها آهي ته واپسيءَ جي تصور کان ئي آءٌ ڊڄي ويس، تنهنڪري کين عنبرين اپارٽمينٽس تي آزاد قاضيءَ جو ڏس ڏنم ته اهو منهنجو دوست آهي. هو اُتي مون کي وٺي ويا. منهنجو ديوبندي دوست ويو ۽ آزاد جي سؤٽ خالق جوٽيجي کي وٺي آيو. خالق انتهائي تڏي نموني سان مون سان هٿ ملايو. مون آفيسر کي چيو ته، "هيءُ منهنجو دوست آهي، اوهين مون کي هن جي حوالي ڪري سگهو ٿا." هنن منهنجي ڊائريءَ مان پنو ڦاڙيو ۽ ان تي منهنجي آزاديءَ جي تاريخ ۽ ٽائيم لکي، خالق کان صحيح ورتائون ۽ آزاد قاضيءَ جو نالو ۽ نوٽ ڪيائون.

اهڙيءَ طرح سان امتحان جا مرحلا ۽ موقعا، هڪڙو ڏهرو جسم برداشت ڪري ٻاهر آيو. پهريون فون شمشير کي ڪيم ته، "اڄ رات توسان وسڪي پيئندس." شمشير پنهنجي لاءِ ته ڪُپيءَ جو بندوبست ڪيو، پر منهنجي لاءِ وسڪي گهرايائين.

"اثن علي الخُمر بالانها،
وَسمَها احسن اسمائها.
فجاء بها زيتناً ذهبيتا،
فلم نستطع دون السجود مها صبرا.'

ترجمو: "تعريف ڪر شراب جي، اُن جي نعمتن جي ڪري،
سهڻي کان سهڻن نالن سان اُن کي ياد ڪر!
ڪٽي اڇ پاڻي سونهري رنگ جو، چو ته-
ان کان سواءِ آءٌ سجدي ۽ صبر جي طاقت ڪونہ ٿو رکان!"

o o o

ٽارچر سيلن مان بچي آيلن جا تجربا

جناب جسٽس دراب پٽيل صاحب!

۽ انساني حقن جي تنظيم جا عهديدارؤ!

اڄ هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، سچ پچ تہ آءٌ محسوس ٿو ڪريان تہ آءٌ زندهہ آهيان. منهنجيءَ انهيءَ زندگيءَ ۾ جتي پريس، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي معزز چيف جسٽس ناصر اسلم زاهد ۽ منهنجي ڏيهي ۽ پرڏيهي دوستن جو ڪردار آهي، اُتي هيومن رائيٽس ڪميشن جي بي لوث ڪارڪنن جو بہ وڏو هٿ آهي.

آءٌ اسپتال جي نرسن کي زندگيءَ جا فرشتا سڏيندو آهيان، پر توهان نہ رڳو زندگي بچائيندڙ آهيو، پر زندگيون تخليق ڪندڙ بہ آهيو. هن سفاڪ رياست ۾- ۽ "سفاڪ" جو لفظ، هتي اُن جي عربي معنيٰ ۾ استعمال ڪري رهيو آهيان، جنهن جي معنيٰ جي شايد هتي وينلن مان گهٽن کي خبر نہ هجي. "سفاڪ" جي معنيٰ آهي نہ رڳو "رت وهائيندڙ"، پر "اهو رَت چُرونءَ ۾ پري پيٽيندڙ"- اهڙيءَ رياست ۾ انساني حقن جي ڳالهہ ڪرڻ، قبرستان ۾ ٻانگ ڏيڻ جي برابر آهي، ۽ قبرستان جي مُردن کي زنده ڪرڻ لاءِ هميشہ "دمِ عيسيٰ" جي ضرورت هوندي آهي- توهان اُهي مسيح آهيو، جيڪي هن سفاڪ رياست جي سفاڪ ترين حڪمرانن کي، ظلم جي اونداهيءَ مان پنهنجن لفظن ذريعي ڪڍي، انساني عظمت جي روشني ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

منهنجا سائين! هتي موضوع رکيو ويو آهي، "ٽارچر سيلن مان زنده موٽي آيل قيدين جا تجربا." آءٌ توهان کي يقين سان ٻُڌايان ٿو تہ ٽارچر سيلن مان موٽي ايندڙ اُن لائق ئي نہ رهندا آهن، جو پنهنجا تجربا ٻُڌائي سگهن. محبوبا جي آغوش ۾ هوندي بہ هنن جي ذهنن تي قانون نافذ ڪندڙن، دنيا جي بيمثال ظالمن جا خوفناڪ چهرا مسلط رهندا آهن. ان ڪري هو

پنهنجي محبوبا کي چُمي ڏيئي نه سگهندا آهن، باقي جيڪي ڪجهه هن اسلامي رياست ۾ اُن جي نام نهاد محافظن جي عذاب گهرن ۾ گُذري ٿو، اُن کي جيڪڏهن هٽلر ڏسي ها ته شايد هو جرمنيءَ جي چانسلر جي عهدي تان استعيفا ڏئي وڃي ها، ۽ وڃي ڪنهن غار ۾ ننس (Nuns) ۽ راهبائن سان گذاري ها. الائي ڇو هن موقعي تي مون کي فيض جو هيءُ شعر ياد اچي رهيو آهي ته:

جو هم پہ گذري سو گذري مگر شب هجران!
همارے اشک تيري عاقبت سنوار چلے!

تارچر سيل ۾ رهندي، آءٌ اهو چوڻ ٿو چاهيان ته منهنجي جسم کان وڌيڪ منهنجو روح زخمي ٿيو. منهنجي روح جي اُڌام جي پويٽن جهڙن پرن تي هن وقت به عذاب گهرن جي محافظن جا ڳرا بوٽ پيل آهن، پر پوءِ به آءٌ هن ڪمزور جسم سان توهان جي سامهون بيٺو آهيان. اهو ان ڪري، ته منهنجو روح ۽ ذهن شروع کان ئي وٽي ڪنهن طاقت جي سامهون، ڪنهن تشدد جي دٻاءَ هيٺ جُهڪڻ سکيو ئي ناهي. آءٌ اهڙيءَ سرزمين ۽ اُن سرزمين جي اهڙي ماڻهوءَ (جي. ايم. سيد) جي زير اثر رهيو آهيان، جيڪا سرزمين تاريخ ۾ ڪيترا ئي دفعا ڪِري آهي، دٻي آهي ۽ شڪست کاڌي اٿس، پر اُها وري وري هر بار نئين جوش، نئين ولولي، نين امنگن ۽ نئين ادراڪ سان اُٿي آهي، ۽ پنهنجي دامن ۾ ڪيتريون جنتون ۽ ڪهڪشائن آباد ڪيون اٿس- ۽ اهو ماڻهو، بار بار زخمي ٿيڻ جي باوجود چپن تي زخمي مُرڪ سجائي، اميدن جا جهنڊا جهولائيندو رهيو آهي. ان ڪري مون انهن عذابن کي اهميت نه ڏني آهي، جيڪي مون تي گذريا.

آءٌ صرف ۽ ئي شيون بيان ڪندس. پهرين ته قانون نافذ ڪندڙن جڏهن مون کي گهران ڪنيي ڪنيو هو.... (راحيلا ٽوانا هت چيو آهي ته منهنجي گهر جو دروازو کڙڪايائون، پر آءٌ ڪيس ٻُڌائڻ ٿو چاهيان ته منهنجي گهر کي ڪوئي دروازو نه آهي، ڪنهن جي لاءِ به نه- " **ميرا در کهلا هے، کهلا هي رهے گا.**") اُن وقت منهنجي زال مون کي ياڪر پاتو، پر چادر ۽ چؤديواريءَ جا محافظ اُن ياڪر مان الگ ڪري مون کي کڻي ويا، ۽ جڏهن آءٌ اڪين تي پٽي ٻڌي ٻاهر نڪتس، ان وقت به مون کي فيض ياد آيو. الائي

چو ياد آيو؟ چو تہ مون کي ڪٽي بہ آرميءَ وارا رهيا هئا ۽ فيض بہ آرميءَ ۾ ڪڏهن ڪرنل رهيو هو:

مقامِ فيض ڪوئي راهہ مين جچا هي نهين،
جو ڪوئے يار سے نڪلے تو سوئے دار چلے!

پي شيءِ، جنهن منهنجي روح کي نہ صرف زخمي ڪيو، پر هن سفاڪ رياست جي خلاف منهنجي ذهن ۾ بغاوت جا وڏيڪ تانڊا پريا، اُها هئي مذهب جي نالي تي فحش گاريون. هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي گاريون ڏيڻ ۽ ڪافر چوڻ، جنهن کي ننڍي کنڊ جي سڀ کان وڏي عالم جو قرآن جو سمورو تفسير ياد هو. مون کي ڪافر لفظ کا نفرت نہ آهي، ڪافر لفظ شاعريءَ ۾ انتهائي خوبصورت آهي. امير خسروءَ چيو آهي تہ:

ڪافر عشقم مسلماني مرا درڪار نيست
هر رگ من تار گشتہ حاجت زنار نيست

(ترجمو: آءٌ عشق جو ڪافر آهيان، مون کي اوهان جي مسلماني نہ گهرجي، منهنجي رگ رگ جڙيو ٽي وئي آهي، ان ڪري زنار (جڙيو) پائڻ جي ضرورت نہ آهي.)

پر مذهب ۽ سياست ۾ ڪافر جو مطلب انتهائي خوف ۽ خطري جو باعث آهي.

- ۽ ٽين شيءِ، جنهن منهنجي روح ۽ ضمير کي جهنجهوڙي ڇڏيو، اُها منهنجي ڏيءُ اندرا جي دانهن هئي، جيڪا مون کي ڪنهي ڪٽڻ وقت هُن ڪئي هئي. ان وقت مون کي سنڌ جي سموري انتشار ۽ سموري لساني منافرت تي بي انتها ڪاوڙ آئي، ۽ مون سوچيو تہ مون وٽ صور اسرافيل هجي تہ آءٌ قاسم آباد ۽ عزيز آباد جي منافرت جي زهر ۾ مُئل دلين کي زندهہ ڪريان ۽ ٻڌايان تہ اندرا جي دانهن ۽ بشريٰ زيديءَ جي دانهن ۾ ڪو فرق نہ آهي. اچو تہ گڏجي ان چنگيز کي ختم ڪريون، جيڪو بشريٰ زيديءَ جي زندگي ختم ٿو ڪري، ۽ اندرا- آريسر جون خوشيون ختم ٿو ڪري.

آءٌ پنهنجا وڏيڪ ڏک سُور بيان ڪري، پاڻ کي هيرو بنائڻ نہ ٿو چاهيان، ممڪن آهي سنڌ جو ڪراچيءَ سميت هر ماڻهو، روز ان کان وڏيڪ عذاب سهندو هجي. مهرباني!

(ڪراچيءَ ۾ انساني حقن جي تنظيم طرفان، تارچر سيلن مان آزاد ٿيل قيدين جا تاثرات ٻُڌڻ لاءِ سڏايل ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير.)

انٽرويو

جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين ۽ ناميارو دانشور عبدالواحد آريسر پنهنجي ڏيد واري عرصي جون يادگيريون، ڪيفيتون ۽ تجربا ٻُڌائي ٿو.

- اعجاز منگي

(هڪ ڀيٽ تي ڪڪائين پونگين جي وچ ۾ گذريل سال جي اڱڻهين ڪٽوبر تي، هو سادي ڏهين وڳي واري بي. بي. سي جي اردو نشريات ٻُڌي، ۽ ماهپاره صفدر جي سُريلي آواز کان موڪلائي اُٿيو، ۽ اُٿي پنهنجي ِال کي ڏنائين، جيڪا ٽَڪَ ۾ چُور ٿي سُني پئي هئي، ۽ هن جي پر ۾ هن جي ننڍڙي ڏيءُ ننڊ ۾ مُرڪي رهي هئي.

آريسر سوچيو ته، ننڊ واحد نعمت آهي، جنهن کي غريب ۽ امير ٻئي ساڳين سپنن سان ماڻي سگهن ٿا. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته هيءَ منهنجي ننڍڙي اندرا ننڊ ۾ ايتري پرسُکون ٿي، پَرين جي ديس ۾ ڪيئين گهُمي ها! اهو سوچيندي وِلس جو سگريٽ دُکائي، هو ٻاهر اچي ڪٽ تي ويٺو. بجليءَ بنا هڪ ٻيٽ جي تاريڪيءَ ۾ روشنيءَ جو تانڊو هن جي هٽ ۾ هيو، ۽ شايد هن واريءَ سان لٽيل وهاڻو چنڊي، امام مهديءَ جي ڳالهه کي ساريو، ته، 'جيڪڏهن اسان سان محبت ڪرڻ وارا پنهنجا واعدا پورا ڪن ها، ته اسان جي ملاقات ۾ ايتري دير نه ٿئي ها.'

ننڊ ۾ ڪجي وڃڻ کان اڳ، هو ٿر جي آسمان کي ڪِليل اکين سان گهوريندو رهيو، ۽ سٽارن جي ڪيچل ڏسندي، هن جا چپر ٻُوٽجي ويا. هن کي اها خبر نه هئي ته ايجنسين جا وائرليس سيٽ هڪ منصوبو رڦي چڪا آهن، ۽ هينئر اها منصوبا بندي، عملي حرڪت ۾ اچي، هن جي ٻٽ طرف ڪوراڙ وانگر سُرڻ رهي هئي.

هن کي جنهن هٽ اچي ننڊ مان اُٽاريو، اُن جو ڇهاءُ اوپرو هيو. هو چرڪ پري اُٿيو ۽ ڪيس چيو ويو ته هاڻي هُو "ڪوءِ يار مان نڪري سوءِ دار" طرف هلڻ جي تياري ڪري.

ڳالهه بولهه جي آواز تي جڏهن هن جي گهر واري ڪيسر اُٿي تہ هن مٿان تاٽيل رائيفل ڏسي، ڊوڙندي هن جي اچي مٿان ڪري. ويڑهي ۾ ڪيهت پئجي ويا ۽ هو سيني کي اطمينان ڏئي، ٽيلهو (بيگ) ناهي هلڻ لڳو، تہ هن جي گهر واريءَ جي پوتيءَ سان هن جون اکيون ٻڌي، ڪيس گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو.

ٻئي ڏينهن هن جي دوستن ۽ دشمنن کي خبر پئي تہ آريسر کي ايجنسيون ڪنيي ڪڍي ويون آهن. جڏهن اها خبر سن ۾ سائين جي. ايم. سيد کي پئي تہ هن پنهنجا ڏهرا هٿ ڪڍي، سندس لاءِ دعا ڪئي، "يا الله! منهنجي آريسر جو عشق پرتو اٿئي!" ۽ اها خبر جڏهن سادڙي شاعر حليم باغيءَ کي پئي تہ هن جي نفرت ۽ ڪاوڙ هڪ ڪويتا ۾ تبديل ٿي وئي ۽ هو پني تي هيٺيون نظم اُتارڻ لڳو تہ:

هي ڏاڍ، ڏرنس جون وري شرارتون، اي منهنجي دل!
۽ پنهنجي عشق جون مٽيون نہ عادتون، اي منهنجي دل!

وڃين ٿو قتل گاهه ڏي، اي منهنجا ميت، ٿورو بيهه!
جو تنهنجي هوڏ مان ملي ٿو منهنجي گيت کي سنيهه!
پلي تہ تنهنجو مک چُمي نئين صبح جي نئين شبيهه!
گلي ملي ڏياڻ مان اجازتون، اي منهنجي دل!
هو طلب ڪيو اڏيءَ تہ تنهنجو پير ڪيئن ڪٽي!
جو تنهنجي ماڻ جي ٽڄ منجهان اڃا ب جوت ٿي ڦُٽي!
ڏسو اڏيءَ جي عاشقن قطار ڪا متان ڪٽي!
وفا جي راهه ۾ ئي هن قيامتون، اي منهنجي دل!

سو جڏهن هو پاويهين مارچ تي سموري آزمائش مان آجو ٿي وريو، تہ هن حليم باغيءَ جي راءِ جي تصديق ڪندي چيو تہ: واقعي اهي قيامت جون گهڙيون هيون. هن تي ٽارچر سيل جو ماحول ايترو حاوي آهي، جو هو هاڻي اهي گهڙيون ياد ڪري پاڻ ۾ واڙڻو ٿي ٿو وڃي تہ هو اهي لمحا ڪيئن لتاڙي آيو! ان ڪري هيءُ سمورو انٽرويو انهيءَ اذيتناڪ فلم جي جهلڪين وانگر آهي.

هن سموري انٽرويوءَ تي ٽارچر سيل جي ماحول جو پاڇو آهي، ان

ڪري هن انٽرويوءَ کي **"ڪاوش منگريں"** جي روايتي انٽرويوئن وانگر نہ پڙهيو وڃي، تہ اسان ٻنهي سان انصاف ٿيندو.

قيد مان آجو ٿي هڪ هفتي کان پوءِ هو اچڙو پچڙو پهراڻ پائي، پنهنجيءَ اوطاق جي ٽلهي تي رلي وڃايو، پنهنجن دوستن جي محفل جي گرمر ياڪر ۾ ويٺو آهي. پرسان لالٽين ٻري رهي آهي. ريگستان جي هلڪي ۽ خنڪيءَ پريءَ هوا ۾ اسان جي ڪچهري، هن سوال سان شروع ٿئي ٿي تہ....!

اعجاز: ٻاهر اڃا آزادي بيان ڪري سگهڻ واري ڪيفيت کان سواءِ، ڪهڙي سياسي ڪيفيت کي محسوس پيا ڪريو؟

آريسر: آءٌ ان کان سواءِ اهو محسوس ٿو ڪريان تہ سنڌ ضرور آزاد ٿيندي، مانيءَ لاءِ نہ، ڪنهن مٿيءَ لاءِ نہ، پر رڳو سنڌي ماڻهوءَ جي عزت جي بقا لاءِ، سنڌ ضرور آزاد ٿيندي.

ٻي ڳالهہ اها محسوس ٿو ڪريان تہ پاڪستان ۾ اصل حڪومت ڪن ٻين جي آهي، هي سڀ ٻوريون آهن، غلاف آهن، پردا آهن.

– ۽ ٽين شيءِ مان اها محسوس ٿو ڪريان تہ پُٽي فيملي‌ءَ کي اقتدار نہ ڏيندا.

اعجاز: اهو توهان ڇا مان محسوس ٿا ڪريو؟

آريسر: انهن جي رويي مان، جيڪي مون کي ٽارچر سيل ۾ ڪٽي ويا هئا، جيڪي هڪ طاقتور ايجنسيءَ جا ماڻهو هئا.

اعجاز: ٽارچر سيل ۾ ڪهڙين عجيب ڪيفيتن کي محسوس ڪيو؟

آريسر: الائي ڪيتريون ڪيفيتون هيون! هر ڪهڙيءَ هڪ نئين ڪيفيت آڏو هئي، پر هڪ عجيب ڪيفيت اها ٻہ هئي تہ ٽارچر دوران هڪ حد کان پوءِ منهنجو سُور ختم ٿي ويو. پوءِ مون محسوس ڪيو تہ مون کي جڏ ڏڪ لڳن ٿي نہ ٿا.... جڏ تہ سُور جي مقصد سان لڳندڙ ڏڪ پنهنجي معنيٰ وڃائي وينا هئا.

ان کان سواءِ مون اها ڪيفيت ٻہ محسوس ڪئي تہ اهو ماڻهو، جنهن جا هٿ ٻڌل آهن، جنهن جي مٿي مان رت ٽپندڙيون ڪري وهي رهيو آهي، اُهو ڪو ٻيو ماڻهو آهي ۽ آءٌ اُن شخص جو تماشائي آهيان، جيڪو رت وهائي رهيو آهي. مون کي اهو صفا محسوس نہ پئي ٿيو تہ **ڪو منهنجو مٽو**

ڏاڍو آهي، يا ڪو منهنجو رت وهي رهيو آهي. اهي خود منهنجي لاءِ به عجيب ڪيفيتون هيون!

اعجاز: قيد تنهائيءَ جي ان عرصي دوران توهان کي ڪهڙا ماڻهو ياد ايندا هئا؟

آريسر: جڏهن مون کي موڪل ڏنائون ته تون پلي سمهه، ته پوءِ اهي رات جا ٽي چار ڪلاڪ آءٌ سمهندو هوس. ان ۾ مون سڄيءَ سنڌ جا دوست خواب ۾ ڏٺا. پوءِ مان روز خواب ڏسندو هوس. ڪڏهن ڏسندو هوس ته ڊوري ناري ۾ وينو آهيان، ڪڏهن ڳوٺ، ڪڏهن لاڑڪاڻي، ڪڏهن شڪارپور ته ڪڏهن سکر، ڪڏهن حيدرآباد، روزانو ڪونه ڪو خواب ڏسندو هوس ۽ منهنجا اهي چار ڪلاڪ ڏاڍا خوبصورت گذرندا هئا.

هونئن مون کي سڀ کان گهٽي ياد منهنجي ڏيءُ اندرا ايندي هئي- ۽ پي ڪيفيت، جيڪا مون کي گهڻو ياد ايندي هئي، اها هئي، جڏهن مون کي گرفتار ڪرڻ آيا هئا، تڏهن منهنجي زال رڙيون ڪري اڇي مون کي پاڪر پاتو هو. جڏهن هو مون تي رائيفل تاڻيو بينو هو، (رائيفل هئي يا ڪلاشنڪوف هئي. مون کي هٿيار سُجاڻڻ نه ايندا آهن.) هُو سول ڊريس وارو جڏهن پوزيشن وٺيو بيٺو هو، تڏهن منهنجيءَ زال سمجهيو هو ته ڪي قاتل يا ڏاڙيل آيا آهن، سو انهن جي وچ مان رڙيون ڪري ايندڙ منهنجي زال منهنجي يادگيريءَ تي چپجي وئي هئي.

اعجاز: پلا ڪا اهڙي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ ڪا ٽيڪ هجي، آٽت هجي، دلداري هجي؟

آريسر: حقيقت ۾ هاڻي ڪٽي آءٌ چا به چوان، پر حيدرآباد واري عرصي ۾ به نه، ۽ نه ئي وري ڪراچيءَ واري عرصي جي پچا ڳاڇا دوران، پرجڏهن منهنجي طبيعت بگڙجي وئي، جڏهن منهنجو بلڊ پريشر وڌي ويو هو، تڏهن مان مايوس ٿي چڪو هوس، ۽ مون کي اها پڪ ٿي وئي هئي، ته آءٌ جيئرو واپس نه ٿو وڃي سگهان. ويندي ان حد تائين، جو مون سوچي ڇڏيو هو ته پنهنجي ياءُ کي چئي ڇڏيندس ته جڏهن منهنجو لاش پهچي، ته منهنجي جنازي نماز ڪير پڙهائي، پر مون ملاقات دوران هن کي ڪجهه به نه چيو، اهو سوچي ته خبر ناهي پويان گهر وارن جي ڪهڙي ڪيفيت ٿئي.

اعجاز: سو توهان ان عرصي ۾ پنهنجو موت يقيني سمجهيو هو؟

آريسر: ها، پر ان جو مطلب اهو نه هو، ته ان ڪيفيت ۾ ماڻهو پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري.

اعجاز: پوءِ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ان عذاب ۽ سختين ۾ ثابت قدم ٿي رکي؟

آريسر: آءٌ سمجهان ٿو ته ماڻهوءَ جو ذهن ناقابل فتح آهي. ان ۾ ڪا شيءِ ويڙل آهي ۽ پُرخلوص طريقي سان اها شيءِ ماڻهوءَ کي آڏول ٿي رکي.

اعجاز: اها شيءِ انا آهي، شعور آهي، يا محبت آهي؟

آريسر: منهنجي خيال ۾ انا يا شعور کان وڌيڪ محبت آهي.

اعجاز: ڪنهن سان محبت؟

آريسر: نظريي سان، دوستن سان، پنهنجين سوچن سان. نظرياتي سوچون الڳ هونديون آهن، پر اُهي نندڙيون نندڙيون سوچون نه، جن ۾ پيار به هجي، ڪاوڙ به هجي، نفرتون ۽ محبتون سڀ هجن.

مون ڪان حيدرآباد ۾ انااويهه نومبر تي هڪ پچندڙ پڇيو هو ته، **"حالت ديکي هے؟ ڦر بي ٹوٹتے نهيں!"** مون ان کي ٻيءَ ڪيفيت ۾ سمجهيو ۽ ڪيس جواب ڏنو ته، "مين تو ريزه ريزه هوچڪا هون."

هن اها ڳالهه اِن مقصد سان چئي ته، "ڳالهه تان نٿو هٽين!" ۽ مون ان کي مارئيءَ واري ڪيفيت ۾ ورتو هو ته: "پنهنجن دوستن يارن جي فراق ۾ مان ذرور ذرو ٿي ڇڪو آهيان." يا ڪراچيءَ ۾ مون کي سموري رات بيهاري، صبح جو گهرائي چيو هئائون ته، **"هم مانتے هين کہ آپ سياسي آدمي هين. همين مجبور نہ کرين کہ هم آپ پر تشدد کرين."** مڙن کين چيو هو ته، **"مين بهت کمزور هون ۽ مجهے يقين هے کہ ميرے اوپر تشدد هوگا، اس ليئے کہ جو بي عدم تشدد کا پيروکار رها هے، اس پر تشدد هوا هے. مثلاً مسيح، مارٹر لوٹر ڪنگ، گانڌي ۽ غفار خان."** جيتوڻيڪ غفار خان تشدد ذريعي نه مُئو هيو، پر هن جي لاش تي بم ڦاڙيو ويو هو. سو مون کين چيو ته، **"آپ پلي تشدد کرين، ليڪن ميرے نزديڪ تشدد وحشيانہ ۽ اور حيواني عمل هے. مين نے آج تک کسي بچے کو پي ٹماچہ نهيں ماڙا."**

اعجاز: توهان شروع کان وٺي عدم تشدد جا قائل رهيا آهيو، يا فڪر جي. ايم. سيد کان پوءِ؟

آريسر: نه شروع کان.

اعجاز: ڇا توهان جي طبيعت ۾ ئي اها ڳالهه سمايل آهي؟

آريسر: ها.

اعجاز: توهان جي طبيعت ۾ اها ڳالهه ڪٿان آئي؟

آريسر: دراصل انسان کي جيڪي رهنمايون ملنديون آهن- مذهبي پوليءَ ۾ جنهن کي اسان "هدايت" چوندا آهيون، ان جا مختلف درجا ۽ مرحلا آهن. ان ۾ هڪڙي جيڪا فڪري رهنمائي هوندي آهي، انَ لاءِ ڪوبه دليل نه ٿو ڏئي سگهجي، اها فطرت ۾ سمايل آهي. ان جو مثال توهان اهو وٺو ته جهرڪيءَ جي ٻچي کي ڪهڙي پيغمبر، پير يا دانشور اها تعليم ڏني ته تنهنجي رزق جو ذريعو ماءُ جو ٿڻ نه آهي، پر جڏهن تنهنجي ماءُ آکيري ۾ اچي چون چون ڪري، تڏهن اُن جي چُهنب ۾ تنهنجي روزي رکيل آهي، يا ماڻهوءَ جي ٻار کي ڪهڙي پير يا پيغمبر سيکاريو ته تون پنهنجي ماءُ جي ٻُبي ۾ وات وجهي، ٿورو زور ڏيندين ته اُن مان کير نڪرندو. اُن فطري هدايت يا رهنمائيءَ لاءِ ڪو دليل نه ٿو ڏئي سگهجي.

اعجاز: يعني توهان اهو ٿا سمجهو ته عدم تشدد جو نظريو هڪ فطري نظريو آهي؟

آريسر: ها، آءٌ اهو ٿو سمجهان ته اهو بيحد فطري نظريو آهي.

اعجاز: ته پوءِ دنيا جي فاشسٽ قوتن کي ڪيئن شڪست ڏئي سگهبي؟

آريسر: اصل مسئلو اهو آهي ته ڪنهن بگهڙ جا ڏند ڪيئن ڪمزور ٿا ڪري سگهجن؟ اصل سوال اهو آهي- سو هاڻي به منهنجو ان ڳالهه تي يقين آهي ته تشدد ذريعي هڪ بگهڙ جي ڏندن کي ڪمزور نه ٿو ڪري سگهجي.

ان سلسلي ۾ مون هڪ جاءِ تي چيو هو ته اڄ جن ملڪن تشدد ذريعي آزادي حاصل ڪئي آهي، خاص ڪري آفريڪا يا ايشيا ۽ ويٽنام وغيره، اتي معاشي حالتون ڏاڍيون خراب آهن، ۽ مون اهو به چيو ته ڪڏهن ڪڏهن مان اهو سوچيندو آهيان ته اسان جا هيرا، جن بندوق هٿ ۾ ڪنئي هئي، اهي غلط ته نه هٿا!؟

اڄ صوماليا ۾ ڇاهي؟ اسان ويٺنام کي سلام ٿا ڪريون، پر سلام ڪري پُڇون ٿا ته اڄ ويٺنام پنهنجي جدوجهد ڪندڙن جي خوابن جي تعبيرن جهڙو ڪٿيٌ آهي!؟

اعجاز: پوءِ توهان جي نظر ۾ دنيا اندر ڪهڙو انقلاب آئيڊيل آهي؟

آريسر: منهنجيءَ نظر ۾ ته هاڻي ڪوبه انقلاب آئيڊيل نه رهيو آهي، اڳي هئا، پر هاڻي ڪوبه نه رهيو آهي.

اعجاز: تاريخ سيل ۾ توهان ٻڌايو ته توهان جي اکين تي پٽي ٻڌل رهي. صوفي چون ٿا ته باهرين اکين هوٽڻ سان اندريون اکيون کُلن ٿيون. سو نوهان کي قيد تنهائي ۾ ڪي روحاني تجربا ٿيا؟

آريسر: (سوچيندي) نه، ٻيو ته ڪو خاص تجربو نه ٿيو، باقي جيترو به وقت مان اُتي رهيس، ۽ اُتي جيترا به مون خواب ڏٺا، انهن ۾ ڪنهن به خواب ۾ مون پاڻ کي قيديءَ واري حالت ۾ نه ڏٺو. مون هميشه ڏٺو ته آءٌ آزاد آهيان.

اعجاز: اُتي رهي توهان چا چا سوچيو؟

آريسر: گهڻو ڪجهه سوچيو، پر اُتي مون هڪ نثري نظم به سوچيو، مان اهو لکندس. اُن جو عنوان هيو ته:

"پوءِ به مان پنهنجا ڳوڙها روڪيان ٿو."
چا چا ٿيو آهي!
چا نه وهيو واپريو آهي! ۔
پر مان ڳوڙها روڪيان ٿو.
چا لاءِ؟
ته ڪٿي منهنجن ڳوڙهن جي ڪري
سنڌي ماڻهوءَ جو شهپر هيٺ نه ٿي پوي،
يا اُن جو ڪنڌ
شرم کان جُهڪي نه پوي.
۽ ان سنڌي ماڻهوءَ جي حالت چاهي؟
پوءِ به مان
پنهنجا ڳوڙها روڪيان ٿو.

اعجاز: توهان کي اُتي روئڻ آيو؟

آريسر: آءٌ روئيندو هوس، پر ماڻهن جي آڏو نه- پر مان روئيندو ضرور هوس.

اعجاز: توهان کي ڪهڙي ڪيفيت روئاريندي هئي؟

آريسر: ٻاهر جو سوچي روئڻ ايندو هو. نوجوانن جي اندر جيڪا حالت هئي، اها ڏسي روئيندو هوس.

اعجاز: چا توهان پنهنجي ان ڪيفيت تي ڪجهه لکندا؟

آريسر: آءٌ لکندس، ضرور لکندس، پر ڪڏهن لکندس ۽ ڪيئن لکندس؟ اها الڳ ڳالهه آهي، پر لکندس ضرور.

اعجاز: چا توهان پنهنجي سياست ۾ ڪي تبديليون آڻيندؤ؟

آريسر: مون اُن تي تمام گهڻو سوچيو آهي. في الحال ٻڌائيندس نه، ته مون کي چا چا ڪرڻ ڪپي!

اعجاز: توهان کي قيدخاني ۾ رهندي، دل جي دريءَ مان ڏسندي، پنهنجي ماڻهن جي ڪهڙي غلطي نظر آئي؟

آريسر: اسان آزاديءَ جي ڳالهه ته ڪريون ٿا، پر اُن جي ضرورت کي شدت سان محسوس نٿا ڪريون، ائين جيئن ٻُک ۾ مرندڙ ماڻهو مانيءَ جي طلب شدت سان محسوس ڪري. يا جيئن هڪ سالن جو قيدي، عورت جي طلب شدت سان محسوس ڪري، تيئن اسان آزاديءَ جي طلب کي شدت سان محسوس نٿا ڪريون، ۽ اهو نٿا سمجهون ته غلامي، ماڻهوءَ تي ڪهڙا ڪهڙا اثرات وجهي ٿي.

رچرڊ برٽن لکيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو، خاص طور لوئر سنڌ جو ماڻهو، ٻير جي ڇانوَ، ٻاجهر جي مانيءَ ۽ وٽو لسيءَ جو حاصل ڪري، هر شيءِ کان بي خبر هوندو آهي.

اسان کي ان شيءِ يعني آزاديءَ جي اهميت جي خبر ناهي. اسان اهو سمجهون ئي نه ٿا ته آزاد ماڻهوءَ جو مان ڇا ٿيندو آهي، ۽ غلام ماڻهوءَ جو مانُ ڇا ٿيندو آهي؟ اسان سيني کي ان جي تڙپ، تانگهه، تات ۽ طلب ان شدت سان محسوس نه ٿي ٿئي. دراصل اسان کي اها شدت ايتري محسوس ڪرڻ ڪپي، جيتري شدت ماڻهو محبوب کي چُميءَ ڏيڻ لاءِ محسوس ڪندو آهي.

اعجاز: توهان کي اُتي رهندي "قومي ڪارڪن" جون ڪهڙيون ڪچايون محسوس ٿيون؟

آريسر: هونئن ڪنهن قومي ڪارڪن کي ڪنهن به مرحلي تي، ڪنهن به قسم جي ڪمزوريءَ جو مظاهرو نه ڪرڻ کپي، پر حقيقت اها آهي ته مان جيڪي ڪجهه اُتي رهي، ڏسي ۽ پوڳي آيو آهيان، ان مطابق مان هاڻي سوچيان ٿو ته اسان وٽ اهو "قومي ڪارڪن" اڃا پيدا ئي ڪونه ٿيو آهي، جيڪو آزاديءَ جي تانگهه ائين محسوس ڪري.

اعجاز: توهان پنهنجي "آئيڊيل قومي ڪارڪن" ۾ ڪهڙا رنگ ڏسڻ چاهيو ٿا؟

آريسر: آئيڊيل قومي ڪارڪن ۾ مان به خصوصيتون ڏسڻ چاهيان ٿو: آسمان ۽ زمين واريون- يعني آزاديءَ ۾ هو آسمان هجي ۽ طبيعت ۾ هو ڇاڙي باز نه پر ڏاڍو نهنو ۽ سادو ماڻهو هجي، ۽ ماڻهن سان اُن جو رَويو زمين جهڙو هجي، پلي پيو لتاڙجي، پر پوءِ به هو صبر ۾ هجي ۽ ڪهرو هجي.

(اوچتو ڪجهه ياد ڪندي آريسر چوي ٿو،) اُتي مون کان گهٽو ڪجهه وسري ويو هو. حيدرآباد ۾ ته لطيف ياد ايندو هو، پر ڪراچيءَ ۾ رڳو ايياز ياد ايندو هو، اهو به رڳو ان ڇا ۾ شعر:

بي موت مُئا تولاءِ ڪُنا، انسان هزارين مان نه رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس هيا، نادان هزارين مان نه رڳو.

اُهو شعر جهونگاري مون کي سگهه ملندي هئي، پر جڏهن هيءُ شعر جهونگاريندو هوس:

رات آئي وئي، تون نه آئين ڪَهي،
ماڪ ۾ مينڊرا، ڪاڪ روئيندي رهي.

ته پوءِ ڏاڍو روئيندو هوس.

اعجاز: "تون نه آئين ڪَهي" ڪنهن جي ڪَهي نه اڇڻ جو ڏک هوندو هيو؟

آريسر: مون اڳ به چيو هو ته منهنجا ٻي جنم آهن: پهريون جڏهن مان ماءُ جي پيٽان ڄايس، پيو جڏهن مون سليٽ تي پهريون اکر پڙهڻ سکيو، ۽ منهنجو ٽيون جنم تڏهن ٿيو، جڏهن مون سنڌ سڃاڻڻ شروع ڪئي. **پهرين جنم جا والدين، منهنجا والدين آهن، ٻئي جنم جا والدين منهنجا اُستاد آهن، ۽ منهنجي ٽئين جنم جو والد، سائين جي. ايم. سيد آهي.**

اعجاز: چا ٽارچر سيل مان واپسي توهان جو چوٽون جنم ناهي؟

آريسر: هيءُ ايڏا ٽيون جنم هلي رهيو آهي- ۽ مان توهان کي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايان ته شايد ڪو ستارن ۾ رکيل آهي، ته منهنجو هر قيد پهرئين قيد کان سخت رهيو آهي.

پهريون دفعو مان ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾ گرفتار ٿيس، ته اڍ ٻه سال رهيس، ٻيو دفعو آءٌ ضياءَ الحق جي دؤر ۾ گرفتار ٿيس، ته مون کي ڏڪا لڳاءِ سزا ٻه ملي، ۽ ٽيون دفعو هاڻي قيد ويو آهيان. ان ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو، اهو توهان جي آڏو آهي. سو مون سوچيو هو ته جيڪڏهن مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو، ۽ مون کان ڪورٽ پڇيو ته، "توتي تشدد ٿيو آهي يا نه؟" ته مان چوندس ته، "پهرين ڪورٽ مون کي تحفظ ڏئي ٿي يا نه؟" جي نه ته بيءَ حالت ۾:

جو هم پے گذري سو گذرے مگر شب هجران!
همارے اشک تيري عاقبت سنوار چلے.

سو چوٽين پيري ٿي سگهي ٿو ته ڦاسي ڏين، چو ته مون محسوس ڪيو آهي ته منهنجي هر گرفتاريءَ پهرينءَ گرفتاريءَ کان سخت رهي آهي.

اعجاز: ڇا حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ واري سموري عرصي ۾ توهان جي ذهني ڪيفيت ساڳي رهي؟

آريسر: نه، حيدرآباد وارو عرصو تمام گهڻو سخت هيو، ۽ ان پوري عرصي دوران ڪڏهن به منهنجيءَ اک ۾ ڳوڙهو نه وهيو. جيتوڻيڪ اُتي سختي هئي ۽ سڀ ڪجهه ٽيو- ۽ ڪراچيءَ ۾، جتي حيدرآباد جي پيٽ ۾ نرمي هئي، آفيسرن جو رويو مهذبانه هيو، اُتي آءٌ روئندو به هوس.

اعجاز: جڏهن هنن توهان کي هتان کنيو هيو، تڏهن توهان جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟

آريسر: جڏهن هنن مون کي ٻڌو ته پهرين مون سمجهيو ته هيءَ جيڪا اسان "ٻاري روڪيو ڪميٽيءَ" طرفان جدوجهد شروع ڪئي آهي، ان جي سلسلي ۾ آيا آهن، پر جڏهن هنن منهنجيءَ زال جو رَئو ڪٽي منهنجون اکيون ٻڌيون، ته پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته هاڻي مرحلو ٻيو آهي. منهنجي ذهن ۾ ڪابه خوشفهمي نه هئي.

اعجاز: ڇا توهان کي ان ڳالهه جو افسوس آهي، ته توهان جي تنظيم توهان لاءِ ائين احتجاج نه ڪيو، جيئن ڪرڻ ڪپندو هو؟

آريسر: نه، دراصل مون کي پنهنجي تنظيم جي طاقت جي خبر هئي. آپريشن جي صورتحال هئي ۽ مون کي اُن جو يقين هو ته انهن حالتن ۾ ڪجهه ٿي نه پئي سگهيو.

اعجاز: توهان جي لاءِ اهو مشهور ٿيو آهي ته توهان اندر نمازون وغيره پڙهندا هئا.

آريسر: يقينن مون نمازون پڙهيون- ۽ مان واضح ڪري چڏيان ته مان ڪڏهن به نماز جو منڪر نه رهيو آهيان، نه رڳو اُتي، پر نمازون مون هتي اچي به پڙهيون آهن.

اعجاز: اهو به چيو وڃي ٿو ته توهان جي آزادي ڪمپرومائيز جو نتيجو آهي؟

آريسر: ڪمپرومائيز ڪهڙو؟ آخري بيان، جيڪو مون رڪارڊ ڪرايو آهي، اُن ۾ مون چيو آهي ته، "مان پاڻ کي غلام محسوس ٿو ڪريان." هنن چيو ته، "اب پي؟" ته مون چيو ته، **"اس وقت تو غلام سے پي ايک درجا بدتر، ايک ذليل قيدي،" باقي مون ڇا تي ڪمپرومائيز ڪيو آهي؟**

اعجاز: باقي توهان جي آزادي ڪهڙن سببن جو نتيجو آهي؟

آريسر: آزادي۽ کان وڌيڪ توهان اُهو پُڇو ته منهنجي گرفتاري ڪهڙن سببن جو نتيجو آهي؟ مون کان هنن اهي به سوال ڪيا ته، **"آپ کي پارٹي کے چيئرمين آزاد هين، ۽ اور بهت سے ليڈر هين، پهر وه آزاد گهوم رهين هين، آپ يهان کيون هين؟"**

سون انهن کي جواب ڏنو هيو ته، **"ايک تو مين تمام ليڈران سے زياده غريب آدمي هون، مسکين هون. دوسري بات يه ڪه مين باردر کے نزديک رهنے والا هون ۽ بالا طاقتين نهين چاهتين ڪه اس علاقے مين کوئي سياسي قوت کے طور پر اُبهرے. بالا طاقتين يه نهين چاهتي، اس لئے جام ساقي بهي سب ڪچهه چهوڑ ڪر حيدرآباد مين آگيا هے. اور تيسرا يه ڪه ميرے لئے قومي پريس نے يه تاثر پيدا ڪيا هے ڪه يه بهارت نواز هے."**

هنن مون کي اهو چيو ته، "پهريان به سبب غلط آهن ۽ پويون صحيح آهي." ۽ مون کين چيو ته، "مان پارت نواز ناهيان، پر محب سنڌ آهيان. ان

سلسلي ۾ واضح ڪريان تہ جڏهن پارت جي وزير خارجہ بيان ڏنو هيو تہ، "جيڪڏهن پاڪستان پنجاب ۽ ڪشمير ۾ مداخلت بند نہ ڪئي، تہ اسان سنڌ ۾ مداخلت ڪنداسون،" تہ ان وقت سموري پاڪستان ۾ آءٔ واحد سياسي ڪارڪن هوس، جنهن پريس ڪانفرنس ڪري، پارت جي وزير خارجہ کي جواب ڏنو هو تہ: "توهان کي، سنڌ کي غريب جي زال سمجهي، پاڃائي چوڙ نہ گهرجي."

اعجاز: توهان جي گرفتاريءَ کان اڳ سنڌ ۾ ڏوهن جي خلاف جيڪو آپريشن هلي رهيو هو، ان ۾....؟

آريسر: (سوال کي ڪٽيندي چوي ٿو).... سائين مون اڳ ب هڪ جاءِ تي تقرير ڪندي چيو هو، تہ سنڌي ڏاڙيلن ۽ ڏوهارين کي اهو سوچڻ گهرجي تہ ڏاهر جي وقت ۾ عربن جون فوجون ڏاڙيلن جو بهانو وٺي آيون هيون. ان سلسلي ۾ عرب حاڪم ڏاهر کي خط لکيو هو تہ، "تون ڏاڙيلن کي ڪنٽرول ڪر." ڇچ نامي مطابق ڏاهر هنن کي جواب ڏنو هو تہ، "اُهي ڏاڙيل منهنجي ڪنٽرول ۾ ناهن، "ان تي مسلمان تاريخ نويسن لکيو هو تہ، "ڏاهر اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي." جيتوڻيڪ ان وقت سنڌ حڪومت جي ايراضي وڏي هئي، پنجاب ب ان ۾ هو، ڪشمير ب هو، پر ڏاهر وٽ ڇا هو؟ نہ هيلي ڪاپٽر، نہ جديد هٿيار، نہ دوربينون ۽ ڪئميرائون..انهن حالتن ۾ ب ڏاهر تي تهمت لڳي هئي تہ ڏاهر ڪوڙو آهي. اڄ سنڌ جي حڪومت وٽ جديد اوزارن سان ليس هيتري ساري پوليس آهي، ۽ ايراضي ب ننڍي آهي، پوءِ ب ڏاڙيل پوليس جي ڪنٽرول ۾ نہ پيا اچن، ان ڪري فوج کي استعمال ڪيو ٿو وڃي. سو اسان ڇا سمجهون؟ ڏاهر ڪوڙو هو يا عرب ڪوڙا هئا؟ سو ڏاڙيلن کي مخاطب ٿيندي مون چيو هو تہ، "ڏاڙيلؤ! توهان هڪڙي ڳالهہ ذهن ۾ رکو، ڪجهہ عربن توهان جو بهانو وٺي حملو ڪيو هو، اڄ توهان جو بهانو وٺي پنجاب اسان وٽ ايندو."

اعجاز: توهان جي نگاهہ ۾ سنڌ کي تاريخ جي هن دؤر ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ کپي؟

آريسر: سنڌ پنهنجي مجموعي ڪردار ۾ ٻن محاذن تي پاڻ کي پختو ڪري: هڪ سياسي سوچ ۽ سياسي شعور، ٻيو ڪلچرل محاذ. سنڌ ثقافتي

طرح سان پنهنجي ليول ايتري اوچي ڪري، جو سمورو برصغير ان لاءِ سندس محتاج ٿي پوي. ان ۾ ماڻهن جا ماڻهن سان رَويا ۽ اچي ٿا وڃن. هن وقت پوري انساني رَويي جي تبديلي ۽ تعمير جي ضرورت آهي.

اسان ڏٺو آهي ته اتهاس ۾ تلوارن جي فتحن کي ثقافتن شڪستن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هڪ دؤر هو جڏهن فوجي ميدان ۾، يونان کي روم فتح ڪيو هو، پر پوزيشن اها هئي ته اهي فاتح رومي جرنيل جڏهن سمهندا هئا، تڏهن انهن جي وهائن هيٺان يوناني دانشورن جا ڪتاب رکيل هوندا هئا.

اسان وٽ ته هڪ عجيب مشڪري لڳي پئي آهي، جو اسان پنهنجي وڏي ۾ وڏي شاعر کي به اها اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهيون. اسان پنهنجي مصور کي اها اهميت نه پيا ڏيون. هو ان ڪري وڏو ناهي، جو هو منهنجيءَ سوچ جي حمايت نٿو ڪري يا مون سان گڏجي پمفليٽ نٿو ورهائي ۽ پوسٽر نه ٿو هڻي، ان ڪري هو وڏو دانشور ناهي، وڏو مصور ۽ وڏو شاعر ناهي! مون کي انديا جي هڪ عورت چيو هو ته، "اوهان اهو ته چئو ٿا ته سوچن کي محدود نه ڪريو، پر آءٌ چوان ٿي ته اوهان محبت کي به محدود نه ڪريو."

گورڪيءَ لکيو آهي ته، "استقامت ۽ ضد ۾ فرق آهي. ضد پاڻيءَ تي جميل سينور جيان آهن، جڏهن ته استقامت هماليه جيان آڏول چيز آهي." سو اسان شين جي فرقن کي نٿا سمجهون. اسان پُليل آهيون. **اسان اهو به نه سمجهيو آهي ته ثقافتي طرح سان سنڌ مهاجر کي فتح ڪري چڪي آهي.**

اعجاز: چا ائين آهي؟

آريسر: ها- ائين آهي. ان جو مثال اهو آهي ته الطاف هڪ وقت مهاجرن کي اپيل ڪئي هئن ته، "توهان چوڙيدار پاجامو ۽ واسڪوٽي پايو." پر توهان کي گهٽا مرد ۽ گهٽيون عورتن چوڙيدار پاجامن ۾ نظر آيا آهن؟ سواءِ هن جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي، باقي ڪنهن به هن جي اپيل کي ڪنگهيو به نه آهي- سو سنڌ کي ثقافتي مورچي تي مضبوط ٽيٽو آهي.

اعجاز: توهان قيد جي گهڙين ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ، چا مارڪسزم تي به سوچيو؟

آريسر: بلڪل- بلڪل.

اعجاز: توهان ڪهڙي نتيجي تي پهتا؟

آربسر: مارڪسزم هڪ فڪر جي حيثيت سان ناڪام نه ٿيو آهي. هڪ رياستي ڍانچي اندر پاور جي حڪمت عملي جي حيثيت ۾ ناڪام ٿيو آهي، پر فلسفي طور نه. هي دانشور ڇا به چون... ۽ جيتوڻيڪ مان "اصلي تي وڌو" مارڪسٽ نه رهيو آهيان ۽ نه وري مون ڪڏهن به اهڙي دعويٰ ڪئي آهي، پر قيد جي آخري ڏهاڙن ۾ مون مودودي جو لکيل تفسير، "تفهيم القرآن" سمورو پڙهيو هو، ليڪن ڪائنات جي باري ۾ جيڪو مارڪس جو تصور آهي، ان تصور کي اڄ تائين ڪوئي رد ڪري ئي نه سگهيو آهي.

اعجاز: قيد ۾ توهان جا پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارن سان بحث مباحثا به ٿيندا هئا؟

آربسر: ها- مثال: هنن پڇيو ته، **"آزادي چاهتے هو؟"** مون چيو، **"بلڪل." چيائون: "پاڪستان سے؟"** مون چيو، "نه، پاڪستان کان نه، پر پنجاب کان، ان ڪري جو پاڪستان جا خالق اسين آهيون. سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي مڏر اسيمبلي آهي. پاڪستان ڪونه هو ته به سنڌ هئي. توهان پاڪستان کي يرغمال بڻايو آهي ۽ اسين ان کي آزاد ڪرڻ ٿا چاهيون." مون کين چيو ته، "اسين ڪمزور ماڻهو آهيون. نيڪ آهي، **اسان کي دٻائي ڇڏيو، پر "اندرا" ۽ "آدرش" کي توهان نه دٻائي سگهندؤ.** اسان سان توهان هڪ ماڻهوءَ واري مانُ سان ڳالهايو، توهان اسان سان پيار سان ڳالهايو. توهان سنڌ جي باري ۾ جڏهن اهو چئو ٿا ته، "بنگال اسان کان هڪ هزار ميل پري هو ۽ سنڌ نزديڪ آهي." ان مهل توهان جنگي حڪمت عمليءَ تي سوچيو ٿا. توهان دلين واري حڪمت عمليءَ تي ڇو نٿا سوچيو؟ ۽ اهو توهان جو دليل بلڪل ڪمزور آهي ته هو هڪ هزار ميل پري هو ۽ اسين ويجها آهيون. ڪيوبا آمريڪا جي هنج ۾ ويٺو آهي، پر آڏول ٿيو ويٺو آهي، ۽ عراق هزارين ميل پري هو، ان کي هن تهس نهس ڪري ڇڏيو. اسان سان اهي ڳالهيون نه ڪريو. اسان جي دلين ۾ جهاتي پائي ڏسو. اسان سان پيار سان ڳالهايو."

مطلب ته جڏهن اهي سياسي مسئلا آيا پٽي ته مون کٽي به، ڪڏهن به هنن سان رعايت نه ڪئي.

اعجاز: ڇا توهان به قيد ۽ تشدد دوران احتجاج وارو طريقو استعمال ڪيو؟

آريسر: نه- منهنجو پروگرام هو.

اعجاز: توهان پڇا ڳاڇا ڪان سواءِ ته خاموش رهندا هوندا، سو ان خاموشيءَ ۾ ماڻهوءَ کي مختلف عجيب ۽ غريب خيال ايندا رهن ٿا. ڇا توهان جو خيال ڪڏهن "محبت" واري لفظ تي اُلجهي پيو؟ ڇا توهان انساني دل جي ان عجيب احساس تي ويچاريو ته محبت ڇا آهي؟

آريسر: ڪي ڪي شيون هونديون آهن، جن جي ڪائي وضاحت نه هوندي آهي، ڪري ئي نه ٿي سگهجي. انهن کي رڳو محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. مون محبت تي سوچيو. آءٌ ته محبت تي سدائين سوچيندو رهندو آهيان. مون اُتي به سوچيو، پر ڪجهه شيون لفظن جي پڪڙ کان پري رهنديون آهن. سو ان **تشدد جي مرحلن ۾ مون تي سندَ جي محبت ڏاڍي مهرباني ڪئي. سچ پچ آءٌ سندَ جي ان سات جو ٿورائتو آهيان، نه ته مون جهڙو ڪمزور ماڻهو ايتري عذاب مان نه گذري سگهي ها، ۽ سندَ جي محبت هئي سو ان اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو، جو بقول ايازَ:**

آئي تنهنجي سار ته سُپرين!
سوريءَ کي آسان ڪري وئي!

مان توهان کي هڪ عجيب واقعو ٿو ٻڌايان:

چار پنج ڏينهن گذري ويا، جو مون کي سگريٽ نه ملیو. مون کي ڏاڍي ٻاڙ لڳي ۽ ڏاڍو پريشان هجان. پڇا ڳاڇا به هلي پئي، سو اڇي ويهي رهيس. سندَ جا بزرگ ۽ درويش ذهن ۾ اڇي ويٺا ۽ دل ۾ چيم: "وٽايا فقير! ڪٽان سگريٽ ته پيارا!" وري فوري طور ذهن ۾ اچو ته چرچائي آهي، سو دل ۾ چيم: "وٽايا فقير! مون بس ڪئي، ڪهڙي خبر تون سگريٽ سال کان پوءِ ڪڍي اڇين!"

اعجاز: جيڪڏهن توهان کي اُتي پيشڪش ٿئي ها ته ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جو نالو ڪٽو، جنهن سان اوهان جي ملاقات ڪرايون، توهان ڪنهن جو نالو ڪٽو ها؟

آريسر: آءٌ پنهنجي ڏيءُ اندرا جو نالو ڪٽان ها.

اعجاز: اندرا توهان جي طاقت آهي يا ڪمزوري؟

آريسر: مون هاڻي محسوس ڪيو آهي ته منهنجي ڪمزوري آهي. مون

کي اُتي اُهي ساروٽيون پئي آيون، جڏهن سيپٽمبر ۾ مان اندرا کي ڪارونجهر تي وٺي ويو هوس.

مون حضرت شيخ الهند جو، جيڪو اسان جو ديني رهبر آهي، تفسير پڙهيو هو، جنهن ۾ لکيل هو ته، "**ترهان جي ملڪيت ۽ ترهان جو اولاد ترهان لاءِ آزمائش آهي.**" پوءِ اها ڳالهه ياد ڪري، مون اندرا کي ياد ڪرڻ ۽ هن لاءِ روئڻ بند ڪري ڇڏيو هو.

مون کان پڇيو هيائون ته، "**آپ کو ايک بيٽي بهي هے نا؟**" مون چيو، "ها." پڇيو هيائون ته، "اس کو کوئي عارضه بهي تها کيا؟" مون چيو ته، "ها، هن جي دل جي ڌڙڪن تيز هئي." ان تي نموني سان چيائون، "**بس يه خدا کي قدرت هے.**" اُتي مون سمجهيو ته هيءَ کا بدمعاشي آهي، سو مون چيو: "**ها، خدا کي قدرت هے.**"

اِعجاز: توهان سان هنن جون ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون پوليون ٿيون؟

آريسر: مون کان 26 ڊسمبر تي دودي مهيريءَ جو پڇيائون. مون کي رات جو دودي جي باري ۾ پنج ڪلاڪ ويهاري وينا هئا. مون کي دودي جي گرفتاريءَ جي خبر نه هئي. مون کان پڇيائون ته، "**دودے کے بارے مين کيا جانتے هو؟**" مون چيو ته، "ترقي پسند پارٽي، جنهن ۾ دودو آهي، ان سموري پارٽيءَ ۾ شريف ترين ماڻهو دودو آهي، جنهن جي دامن تي ڪنهن به جرم جو داغ ڪونهي."

پڇيائون، "پوءِ به؟" مون چيو، "دودو، دودو آهي."

پوءِ پڇيائون ته، "**آريسر صاحب، اگر يه بات هے تو آپ کو چوڑ کر وهان کيون گيا؟**"

مون چيو ته، "**بات يه هے که هم مين جو سياسي کارکن ۽ عورتين هين، ان دونون کي ايک کمزوري هے. وه هے گاڑي.**" هنن چيو ته، "**يه کهو که سياستدان کي کمزوري عورت ۽ گاڑي هے!**" اُن تي پڇيائون: "**کيون؟**" مون هنن کان پڇيو: "**کيا جناح صاحب، گانڌي ۽ غفار خان کي کمزوري بهي عورت اور گاڑي تهي؟**"

پوءِ يڪو لڳا رُهيا: "دودو کا کوئي ايک واقعه؟" مون چيو ته، "دودو نه، گهٽ ۾ گهٽ دودو مون کان وڌيڪ شريف ماڻهو آهي."

ان وقت مون کي دودي جي گرفتاريءَ جو پتو نہ هو. مان 18 آڪٽوبر تي ٻڌو ويو هوس ۽ دودو مون سان فٽاڻ هوٽل حيدرآباد ۾ پليجيَ واري ميٽنگ ۾ 16 آڪٽوبر تي مليو هو.

اعجاز: ڇگو پلا پليجي جو ذڪر آيو آهي، تہ ٻُڌايو تہ پليجي ۽ ممتاز پٹي مان توهان کي ڪير ويجهو آهي؟

آريسر: اهو سوال ائين آهي تہ آصف بالادي ۽ اعجاز منگيءَ مان ڪير توکي ويجهو آهي؟ آءٌ ڪهڙو فيصلو ڪري سگهان ٿو؟ باقي پليجو منهنجو دوست آهي. سنڌ جو دانشور آهي. ممتاز صاحب ڪرم فرما ٽي سگهي ٿو. هن جي مهرباني آهي، جو قومپرست سياست ۾ آيو آهي. پليجو مون کي ڇا بہ چوي، منهنجي لاءِ يا جي. ايم. سيد لاءِ هن جا ڪهڙا بہ ريمارڪس هجن، پر پليجو پليجو آهي. هڪ مسڪين ماڻهو، جيڪو هاڻي پڇيرو ۾ چڙهي ٿو. اسين تہ ان وقت ۾ بہ گڏ هئاسين، جڏهن سندس ڪار کي ڏِڪو ڏيندا هئاسين- ۽ سنڌ ۾ جن تمام ٿوررن ماڻهن، بلڪ بن ماڻهن پنهنجي شخصيت ذهن جي زور تي مڃائي آهي، انهن ۾ پهريون نمبر پليجو آهي.

اعجاز: ٻيو نمبر؟

آريسر: ٻيو نمبر ڪير بہ هجي، اها الگ ڳالهہ آهي... باقي پليجي ۾ انا واري ڪمزوري آهي. مولانا آزاد لکيو آهي تہ، "ايگو (انا) استعمال ڪرڻ جا بہ طريقا آهن،" پليجي کي ايگو استعمال ڪرڻ جو طريقو نہ ٿو اچي. اها ساڳي بيماري مولانا آزاد ۾ بہ هئي، سو پليجي جيڪا مار کاڌي آهي، اها "مان" جي ڪري کاڌي آهي.

سنڌ، اياز جهڙو ماڻهو پٺدا ئي نہ ڪري سگهي آهي، پر سنڌ رسول بخش پليجي جهڙا ماڻهو بہ گهٽ پيدا ڪري سگهي آهي. پير حسام الدين راشدي چوائي: "اُهي مائرون تہ مري ويون، جيڪي دريا خان کان پوءِ جي. ايم. سيد جهڙو پُٽ جڻين." پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اهي مائرون بہ مري ويون، جيڪي پليجي جهڙو پُٽ جڻين. (اختلاف پنهنجيءَ جاءِ تي).

اعجاز: توهان کي جن بہ ڪجهہ ڪردارن سان محبت رهي آهي، نذير عباسي بہ انهن مان هڪ آهي. ڇا توهان کي اُتي نذير عباسي ياد آيو؟

آريسر: حيدرآباد ۾ نہ، پر جڏهن مون کي ڪراچيءَ وٽي ويا ۽ جڏهن

اُتي آءٌ سيل ۾ اندر ٽيس، اتي پَٽ تي تڏو وڇايل هو، جڏهن دروازو بند ٿيو ته هڪ آواز آيو، "پٽي کولو!" مون پٽي کولي. مون کي چيائين ته، "شلوار کولو!" مون چيو، "ڪيون؟" ته يڪدم ٻي سُٽڻ اُچلي ڏنائون، جنهن ۾ ربڙ وارو اڇٽ پيو هو. پوءِ مان سمجهي ويس ته هتي هي سُٽ وارو اڇٽ ڏيڻ ڪونه ٿا چاهين ته متان قيدي خودڪشي ڪري. سو اُتي نذير عباسي مون کي شدت سان ياد آيو. پوءِ مون سيل جون سموريون ديوارون ڳوليون ته ڪٿي متان نذير پنهنجو نالو لکيو هجي. مون اُتي سوچيو ته اسان جيڪي مسڪين ڪارڪن آهيون، انهن جو حشر هڪجهڙو ئي ٿيڻو آهي. مون کي انهن حالتن ۾ نذير تمام گهڻو ياد آيو.... جڏهن مون کي اکيون ٻڌي هتي قلعي ۾ ويهاريَ ويا هئا، ته ڪو آفيسر ٻئي کي چئي رهيو هو ته، "**ايسي باتين اگر کل بينظير پتو کري، تو کيا آپ اس کي بهي آنکهين باندهـ کر لے آئين گے؟ آپ ممتاز پتو سے يہ حشر کيون نهين کرتے؟**" بهرحال نذير ته مون کي هونئن ئي ياد هوندو آهي، پر ان عرصي ۾ هو مون کي ڏاڍو ياد آيو.

(هو ڪجهه وقت اونهي خيال ۾ ٻُڏي ٿو وڃي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ مرادو ڳالهائڻ ٿو لڳي....)

باقي اعجاز صاحب! هتي ٻاهر اچي سوچيون ٿا ته اهي سپ شيون طئي ڪري آياسين، ٽپي آياسين. اها جيڪا حالت ٿي، ذهن جي، اها توهان تصور نه ٿا ڪري سگهو. الائي چا هو؟ الائي چا هو؟ يعني ويهين صديءَ جي پُڄائيءَ تي به انسان سان ائين ٿئي ٿو توهان کي هڪ واقعو ٻُڌايان:

اسان حيدرآباد ۾ هئاسين اتي ٽائيم کان سواءِ پيشاب نه ڪبو هو. حيدرآباد جي هڪ نوجوان کي سخت پيشاب لڳو. هنن چيو، "**ڈبے مين کرو.**" اکيون ٻدل ڏينهن جو ٽائيم هجي، وڏو مسئلو ٿي ويو. هڪ هال ۾ به ٽي جڳا هجون. هن پيشاب ڪيو، جيڪو ڪجهه پَٽ تي هيڏانهن هوڏانهن هارجي پيو. ان تي ڪيس چيائون ته اهو زبان سان چَٽ! سنڌ جو نوجوان، پلي اهو الذوالفقار ۾ چو نه آيو هجي، ان کي اهو چوڻ تي فرش تي ڪريل پيشاب زبان سان چَٽ! مون سوچيو ته مان هاءِ ڪورٽ ۾ اهي شيون ضرور پيش ڪندس.

اعجاز: توهان سنڌ جي نوجوانن کي چا ٿا چوڻ چاهيو؟

آريسر: سنڌ جو ڪهڙو نوجوان؟ سنڌ جو نوجوان رڳو اهو ته ناهي، جيڪو يونيورسٽيءَ يا ڪاليج ۾ پڙهي ٿو. سنڌ جو نوجوان اهو به آهي، جيڪو پورهيو ٿو ڪري. ان کي اها به خبر ناهي ته سنڌ ڪا شيءِ به آهي. اسان سان وڏي ويڏن آهي ته اسان پنهنجي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ سنڌ ويهاري ئي نه سگهيا آهيون.

اعجاز: .... اڄ عام شاگرد، سياست کان چڙي رهيو آهي. هو سمجهي ٿو ته سياست فراڊ آهي....

آريسر: هو صحيح آهي. جيڪو سياست کان متنفر ٿي چڪو آهي، اهو صحيح آهي. پر ان نوجوان کي آءٌ اهو چوندس ته سنڌ اڄ جنهن پوزيشن ۾ آهي، ان ۾ جيستائين هو قلم کڻندو، تيستائين ان جي مقدر ۾ ذلت آهي. جڏهن هو سياست ڪندو، تڏهن هن جي مقدر ۾ عزت به ايندي. صحيح آهي ته سياست جي نالي ۾ سنڌ جي نوجوان سان وڏا دوکا ٿيا آهن، وڏا فراڊ ٿيا آهن، هن کي پيڙيو ويو آهي، ماريو ويو آهي، پر جيڪڏهن صحيح سياست هجي ها ته سنڌ جو نوجوان مري ئي نه ها، پر سنڌ جي نوجوان کي سياست ڪرڻ ڏني ئي نه وئي.

مون کي ته هاڻي سمجهه ۾ ٿو اچي ته سنڌ جي پوزيشن چاهي؟

اعجاز: چاهي؟

آريسر: يعني عبدالواحد آريسر- هڪ ماڻهو آهي، نيڪ آهي، پڙهيو لکيو ماڻهو آهي، پر ان جي اها حيثيت ته آهي نه، ته محمود هارون، حفيظ پيرزادو، ممتاز ڀٽو هن جا ماتحت رهيا آهن، ايس. ايس. ايم- ان ماڻهوءَ جي پوزيشن اها آهي ته ان جي اکين تي پٽي ٻڌي، جوتا لهرائي، سُٽڻ مان اڇٽ ڪيرائي، هڪ اُگهاڙي ۽ سرد فرش تي ويهاري، ان کي ٽُڏا هنيا ٿا وڃن! ۽ سنڌي نوجوانن کي پيشاب ٿو چٽرايو وڃي! مون سوچيو هو ته هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪندا ته اُتي مون کان سوال ڪندا ته چا ٿو محسوس ڪرين؟ ته مان کين اها ڳالهه ٻُڌائيندس ته حسنين هيڪل کي سادات گرفتار ڪري آيو. حسنين هيڪل، ناصر جو خاص ماڻهو هو. الاهرام اخبار جو ايڊيٽر به رهي چڪو هو، تمام وڏو ماڻهو هو ۽ يورپ جي وڏن وڏن

صحافين کان به وڌو ماڻهو هو، سو جڏهن آزاد ٿي آيو ته صحافين کانئس سوال ڪيو ته، "سائين چا ٿا محسوس ڪريو؟" ته حسنين هيڪل جواب ڏنو ته، "محسوس ٿو ڪريان ته، وڃ! مصر ايڏو خوبصورت آهي چا! جيڏو اڄ مون کي ٿو لڳي!" سو جيڪڏهن مون کان هاءِ ڪورٽ ۾ صحافي اهو سوال ڪن ها ته مان کين چوان ها: "وڃ! سنڌ ايڏي خوبصورت آهي چا؟ جيڏي اڄ ٿي مون کي لڳي!"

اعجاز: چا ڪنهن نئين اتحاد جي رٽ توهان جي ذهن ۾ آهي؟

آريسر: سائين، آءٌ تمام گهٽو ڪجهه سوچي آيو آهيان، اها عمل جي ڳالهه آهي، سُڻي ڳالهه آهي.... ۽ مون اهو به سوچيو هو ته هاءِ ڪورٽ ۾ مان اها دانهن به اُتاريندس ته، "هنن منهنجي گهرواريءَ جو رَئو گُم ڪيو آهي، ۽ اسان سنڌي ماڻهو پوتيءَ ۽ پگ جو پلاند نه ڇڏيندا آهيون." چنيسر جيتوٽيڪ غدار هو ۽ ڏاريون فوجون سنڌ تي چاڙهي آيو هو، پر ان جي سامهون جڏهن خلجيءَ جي سپهه سالار چولي ڪنيارڻ جي پوتي چڪي هئي، ته هو ان سان اٽڪي پيو هو.

اعجاز: چا سنڌ جي سياست ۾ توهان کي وقت کان اڳ ڪي تبديليون ايندیون نظر اچن ٿيون؟

آريسر: مان سمجهان ٿو ته برصغير ۾ تاريخ ٿي اهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن جون نگاهون وقت جا پردا چيري سگهن ٿيون! ابوالڪلام آزاد ته گذاري ويو. شيخ اياز ۽ جي. ايم. سيد چا ٿا چون، ان معاملي ۾ مون کي نهرو انهن کان گهٽ ٿو نظر اچي. سو آءٌ "اياز ۽ سيد" جو چيلو آهيان، جيڪي هو چوندا، آءٌ اُن تي عمل ڪندس.

مون هڪ رات خواب ڏٺو. سائينءَ جي بنگلي ۾ وينا هجون. اُتي مولانا آزاد ۽ نهرو آيا. اُتي ماني وغيره ٽيبل تي لڳي پئي هجي. جنهن ۾ مڇي ۽ گوشت وغيره هجي. مان سائينءَ کي ۔ ۔ ن ٿو "سائين! نهروءَ لاءِ گوشت؟" سائين چوي ٿو: "توکي خبر ناهي ته نهرو ڪلچرلي مسلمان آهي." سو مون کي چون ٿا ته، "توهان گڏ کائو، مان چوان ٿو ته، "مان گڏ ڪيئن کائيندس؟ سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. مون ۾ ايترو دم ئي ناهي." ۽ سائين به هنن سان گڏ نٿو کائي، سو جيڪا ماني هو اوبر ڪري بچائين ٿا،

سا آءٌ ڪاوان ٿو. سائين وري چوي ٿو ته، "وري هي ڪائين ٿو؟" مان چوان ٿو، "سائين اها ئي ته مون لاءِ سعادت آهي ته مان هنن جي اوبر ڪاوان ٿو." پوءِ سائين مولانا صاحب کي لائبريريءَ ۾ وٺي ٿو وڃي. مان هنن سان گڏ آهيان، مولانا صاحب چوي ٿو: "شاهه صاحب! وه فلان فلان ڪتابين هين. مين ني تو بهت تعريف سُني تهي آپ ڪي لائبرريري ڪي." سائين چوي ٿو ته، "اُهي ڪتاب ماڻهو ڪٽي ويا آهن." پوءِ سائين ڪيس مولانا جي ڪتابن جي سيڪشن ڏانهن وٺي ٿو وڃي ته، "آپ ڪي يه ڪتابهين هين." ڪتاب ڏسي مولانا صاحب ٿو چوي ته، "منهنجا فلاڻا فلاڻا ڪتاب ته هن ۾ آهن ئي ڪونه." انهن ڪتابن جي سائينءَ کي خبر ڪانه هئي.

اُتي دروازي کي ڏڪ لڳو ۽ منهنجي اک کُلي وئي.

اعجاز: انساني تاريخ ۾ توهان جو آئيڊيل ماڻهو ڪير آهي؟

آريسر: سموري تاريخ انساني ۾؟

اعجاز: ها!

آريسر: مان سموري انساني تاريخ جي سمورن انسانن کان واقف ته ناهيان.

اعجاز: جن کان توهان واقف آهيو، تن مان؟

آريسر: ان لاءِ ته مختلف حوالا آهن، مختلف حوالن سان مختلف ماڻهو آهن.

اعجاز: بحيثيت مجموعي؟

آريسر: بحيثيت مجموعي، منهنجو ڪوئي آئيڊيل ناهي.

اعجاز: ڇگو الڳ الڳ حيثيتن ۾؟

آريسر: مذهب ۾ منهنجو آئيڊيل **محمد رسول الله** ﷺ آهي. بحيثيت انسان منهنجو آئيڊيل **گانڌي** آهي، بحيثيت عالم منهنجو آئيڊيل **مولانا آزاد** آهي.

اعجاز: توهان جي سموري زندگيءَ ۾ خوشيءَ جو سپ ڪان وڌو لمحو ڪهڙو آيو آهي؟

آريسر: اهو اڃا آيو ئي ناهي

اعجاز: پلا ڏڪ جو لمحو؟

آريسر: آءٌ سمجهان ٿو اهو به نه آيو آهي.

(ڪجهه ويچاريندي) منهنجي زندگيءَ جو سپ ڪان وڌي خوشيءَ وارو لمحو اهو هوندو، جڏهن حيدرآباد جي قلعي تي سنڌوديش جو جهنڊو

چڙهندو- ۽ **منهنجي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو تاريڪ ترين لمحو اهو هوندو، جڏهن سائين جي. ايم. سيد جو ڊيٿ (موت) ٿيندو.**

(ڪجهه دير مان ۾ ويٺي هن کي وري قيد جي هڪ ڳالهه ياد ٿي اچي.)

هڪ پيري هنن مون کي چيو ته، "**سندهي سب پاڪستاني هين،**" مون کين چيو ته، "**ٺهيڪ هے سندهي همارے ساتھ نهين هين، ليڪن وہ تمهارے ساتھ بهي نهين هين،**" ته هنن پڇيو: "**پهر سندهي ڪس ڪے ساتھ هين؟**" مون کين چيو ته، "**سندهي سب پٽو خاندان ڪے ساتھ هين،**" پڇيائون، "**چو؟**" چيومانِ ته، "**نہ سنڌي ماڻهن جي سنڌ سان دلچسپي آهي، نہ وري پاڪستان سان، هنن کي رڳو ذوالفقار علي ٻٽي سان دلچسپي آهي-**" ۽ ان ميجر مڃيو.

اعجاز: ان جو سبب ڪهڙو آهي ته سنڌ جي ماڻهن جو ذوالفقار علي ٻٽي سان پيار آهي؟

آريسر: مون اها ڳالهه هنن کي به چئي هئي ته سنڌ جي ماڻهن کي ذوالفقار علي ٻٽي ڪابه شيءِ ڪانه ڏني هئي، بس رڳو ذوالفقار علي ٻٽي سنڌي ماڻهن کي عزت ڏني هئي، ٻٽي ماڻهن کي ڳالهائڻ جو حوصلو ڏنو هو، هنن کي مٿي کڻي آيو هو، يعني پاڪستان جو پرائيم منسٽر ڪنهن هاريءَ سان پاڪر پائي ملي، جلسن ۾ ماڻهن کي سڌ ڪري پنهنجي ويجهو ٻيهاري. ٻٽي سنڌي ماڻهوءَ کي تاريخ ۾ پهريون ٻيرو وڏو مان ڏنو.

اعجاز: جڏهن توهان ميزبانن کان موڪلايو ته آخر ۾ توهان هنن کي ڪجهه چيو؟

آريسر: مون کين چيو: "ائين ته نه ٿئي، جو مان وڃان ۽ پيهر گرفتار ڪيو وڃان!" اُن تي هنن چيو ته، "ڪنهن کي اها طاقت ناهي جو هاڻي توکي گرفتار ڪري، تون رڳو چئجانءِ ته منهنجو نالو عبدالواحد آريسر آهي."

اعجاز: تازو توهان سائين جي. ايم. سيد سان ملي آيا آهيو؟

آريسر: (مُرڪندي) ها- سائينءَ سان مليس ته سائين پاڪر ۾ صفا پاڻ تي جهڙوڪر ليتائي چڏيو، ۽ چُميون ڏيڻ جو شروع ڪيائين ته بس نه پيو ڪري. بيئل ماڻهن کي ٻٽي چيائين ته: "بابا ڪئميرائون آڻيو، هي ڪير، هو ڪيو."

منهنجي هڪ دوست سائينءَ کي چيو تہ، "سائين! آريسر ڪمزور ٿي ويو آهي." ان کي چيائين تہ، "بابا! تون ڪمزوريءَ جي ڳالهہ ٿو ڪرين، اهو شڪر ڪر تہ آريسر بچي آيو اهي."

اُن تي ان دوست چيو تہ، "سائين! آريسر چوي ٿو تہ مان ايمان ۽ جان بئي سلامت ڪٽي آيو آهيان."

ان تي سائينءَ چيو تہ، "خدا ڪري تہ عشق بہ سلامت ڪٽي آيو هجي."

نوٽ بُک جا ٽُکرا

"فن کي زنده رکڻ لا، انهيءَ ذوق جا ٻُڌندڙ ۽ پڙهندڙ ضروري آهن. جڏهن ٻُڌندڙ ۽ پڙهندڙ ئي نه رهندا آهن، تہ پوءِ فنڪار فن جي ٻُلندين تان هيٺ لهي، نيچ شيون پيش ڪرڻ لڳندو آهي."

اُهي سِٽون قرة العين جون آهن، جيڪي سچائيءَ تي شاهد هجڻ جي باوجود سمورو سچ ناهن. جيڪڏهن اهو خيال سمورو سچ هجي ها تہ پوءِ اسين ٻڌائيءَ ۽ ايازڪي ڪٽي ۽ ڪهڙي جاءِ ڏيون ها؟!

–

"انهيءَ قوم مان ڪهڙي ڇڳائي ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ سدائين موت جو جام گردش ڪندو هجي، ۽ جيڪا صبح شام هڪٻئي کي ياڻن جي اٽين جا سلام موڪليندي رهي!" – ابو نواس

اڪ ساري رات نہ جھپڪي آ

اڄ ٽين رات آهي، مون ساري ات جاڳندي گذاري آهي. اڇوڪي دؤر ۾ آءٌ جيترو دپاءَ جو شڪار رهيو آهيان، اوترو شايد ئي ڪڏهن رهيو هجان. منهنجي اڄ حالت اهڙي آهي، جهڙي هن دڪايل ڏرتيءَ سنڌ جي، جيڪا اندرئين ۽ باهرئين دپاءَ هيٺ جهُرندي رهي ٿي، منهنجا دوست ۽ ساٿي منهنجو درس سُڃاڻڻ کان وانجهيل آهن، يا سمجهڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. انهن مان هرڪو پنهنجي اصول جي خول جو قيدي آهي. خدايا! اهو وقت ڪڏهن ايندو، جڏهن اسين پنهنجي اصول جي خول مان نڪري، ڪنهن انسان جي دل مان نڪرندڙ دونهن ۽ جگر مان ٽِمندڙ رت جي حقيقي پس منظر ۾ ڏسي سگهنداسين. ڇا انساني زندگي انهن خانن ۽ خولن جو نالو آهي، جيڪي اسان پنهنجي انا کي لولي ڏيڻ لاءِ تيار ڪيا آهن؟ آءٌ سمجهان ٿو ته ائين ناهي، پر ڇا ڪريان، جنهن ماحول ۾ آءٌ جيان پيو، اتي ائين ئي ٿئي پيو. ڪنهن کي منهنجا دوست نٿا وٺن، ڪنهن کي منهنجو عادتون نٿيون وٺن، ڪنهن کي منهنجي ڪم جو طريقو ۽ انسانن سان ورتاءَ نٿو وٺي، پوءِ به مون کي گهلينداٰ رهن ٿا. شايد اُن ڪري، جو اُهي اهڙي سفر جا راهي آهن، جتي بدبوءِ دار پاڻي به انساني ضرورت بڻجي ويندو آهي. پر آءٌ بي پرواهه بادلن وانگر پٽڪندڙ مسافرن لاءِ بدبوءِ دار ڏهو ٽيڻ نٿو چاهيان. آءٌ پل پٽر ئي هجان، پر هجان ڪارونجهر جي هنج ۾؛ پل سُڪل پُوڙو ئي هجان، پر هجان پوڙيسر جي پوءَ تي. زندگي، اصل ۾ آزادي ئي آهي، اصولن کان، ضابطن کان، ڪنهن جي پيچو ڪندڙ نگاهه کان، ۽ پيغمبرانه وعظ کان. انسان کي اهو حق ته هجڻ گهرجي ته هو پنهنجي ذهني ۽ ذاتي زندگيءَ ۾، پنهنجا رستا ۽ راهون اختيار ڪري سگهي. ڪٽي پڙهيو هئم: "پڪين ۾ پيغمبر اچن ها ته؟" جواب هو، "پڪي پاڻ پيغمبر آهن!" پر آءٌ سمجهان ٿو ته جيڪڏهن پڪين ۾ پيغمبر اچن ها ته پڪي اُڏامي نه سگهن

ها، ۽ وٽن جي لامن ۾ پنهنجي گيتن جي چُمين جو رس اوتي نہ سگهن ها. اڄ ڪلهه آءٌ پيغمبرن جي گهيري ۾ آهيان، جن جي لفظن جي پاڻ ۽ نگاهن جي ڪهاڙين، منهنجي سُڪون جي ديويءَ جا اُرهه ڪپي چڏيا آهن، جن مان رت جا نيسارا وهي رهيا آهن. ڪراچيءَ آيس سُڪون لاءِ، آس کي رنگ- رتو روپ ڏيڻ لاءِ، پر هتي اچي گهاءَ وڌيڪ گهرا ٿي ويا آهن. جن کي ويچ سمجهيم، سي جلاد بنجي ويا آهن. منهنجي لاءِ هر مرد صادق علي ۽ هر عورت ماتا هري بنجي پئي آهي!

هي ڪائنات رنگ و بُو،
مسرتن جي جُستجو.
ڪٽي آن برڪا راتڙي!
تلاشيو مُون ڪُو بڪُو.

لفظن سان وفاداري

هڪ تخليقڪار نہ رڳو لفظن جو خالق ٿيندو آهي، پر پنهنجن انهن لفظن جو پالڻهار پڻ هوندو آهي. لفظن جي پالنا ۽ پرورش جو مطلب اهو آهي تہ تخليقڪار انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سان نہ رڳو سچو رهي، پر پنهنجي عمل وسيلي انهن جي سچائيءَ ۽ سونهن کي وڌائيندو ۽ سنواريندو پڻ رهي، بلڪل اهڙي پاڻهه ۽ محبت سان، جهڙي پاڻهه ۽ محبت سان هڪ ماءُ پنهنجي ويا‌ءَ سان هر قدم تي پنهنجي سچي محبت جو ثبوت، پنهنجي عمل ۽ ادائن سان ڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪو تخليقڪار پنهنجي لفظن کي پالي ۽ تاتي نہ ٿو، تہ پوءِ اهو اُن ڪنواريءَ ماءُ وانگر آهي، جيڪا پنهنجي ٻار کي گهُٽو ڏئي ماري چڏيندي آهي يا گٽر ۾ اُڇلائي چڏيندي آهي. آءٌ جڏهن "تخليقڪار" جو لفظ استعمال ڪري رهيو آهيان، تڏهن منهنجو مطلب آهي شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مقرر، خاص ڪري سياسي مقرر. اُهي سڀ جيڪڏهن پنهنجي تخليق سان سچا ناهن ۽ انهن کي پاڻهه سان پالين ۽ تاتين نہ ٿا، تہ پوءِ اهي تخليقڪار نہ، پر لفاظ آهن، يا ڪنواريون مائرون آهن.

اسان وٽ ڪيترن ئي قسمن جون وفاداريون آهن، پر جنهن وفاداريءَ جي اٿاڻ آهي، سا آهي لفظن سان وفاداري. جڏهن خالق پنهنجي لفظن سان وفادار نہ رهندو آهي، تڏهن لفظ پنهنجي سونهن، نزاڪت، وقار، ڪات، اثر ۽ حيثيت وڃائي، آواره ٻارن وانگي ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو اسان جي هڪ اديب سياستڪار کي اهو ماتم ڪرڻو پيو آهي تہ 'لفظن جو تقدس ختم ٿي ويو آهي.' هُن کي اهو ماتم ان ڪري ڪرڻو پيو، جو ان سياستڪار سميت اسان جا گهڻا تخليقڪار، لفظن ذريعي رڳو دلين جو شڪار ڪندا آهن. اُهي نہ رڳو دماغن کي سوچڻ نہ سيکارينداآهن، پر انهن

لفظن تي عمل ٻه نه ڪندا آهن، نتيجي طور انسان جا اهي عظيم فنڪار، لفظن جي اثر ۽ تقدس کان مايوس ٿي ويا آهن.

جمال ناصر پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "فلسفئه انقلاب" ۾ هڪ واقعو لکيو آهي ته، "منهنجي پارٽيءَ مون کي حُڪم ڪيو ته فلاڻي وزير کي قتل ڪرڻو آهي. اسان پارٽيءَ جو حڪم مڃيندي ان ماڻهوءَ جي قتل جي رڃابندي ڪئي. اسان جي منصوبي مطابق اهو ماڻهو مقرر رستي تان ٽپيو ۽ اسان باهه اوڳاڇيندڙ هٿيارن جا رُخ، اُن جي موٽر ڏانهن ڪري ڇڏيا. جڏهن اسان جون گوليون موٽر تي لڳيون، ته موٽر ۾ ويٺل وزير جي زال بي تحاشا رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ۽ آءٌ انهن رڙين کان اينرو متاثر ٿيس، جو اها سموري رات سمهي نه سگهيس- ۽ اُن عورت جي دانهن مون کي هميشہ لاءِ انفرادي دهشتگرديءَ جو مخالف بنائي ڇڏيو. نتيجي طور مون جڏهن پنهنجي ساٿين سان گڏجي مصر ۾ فوجي انقلاب آندو، ته اُن سموري عمل ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ کي تشدد ذريعي کابہ رهندہ نہ آئي. جيتوڻيڪ مون تي ڏاڍو زور آندو ويو ته شاهہ فاروق کي قتل ڪيو وڃي، پر مون کين چيو ته شاهہ فاروق جو معاملو آءٌ تاريخ جي حوالي ڪريان ٿو ۽ تاريخ جو فيصلو ئي ابدي هوندو آهي، جيڪو قومي مجرمن کي وطن جي تاريخ جي صفحن تان ائين ميساري ڇڏيندو آهي، جيئن اسڪولي ٻار پنهنجي سليٽ جا اکر ميساري ڇڏيندو آهي."

پر شايد منهنجو واسطو هڪ اهڙي جنتا سان آهي، جنهن جي دلين ۽ دماغن تي نہ ڪيسر جون دانهون، ۽ نہ اندرا جا ڳوڙها پنهنجي وحشيانہ طبيعت تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهيا، ان ڪري، جو شايد انهن ۾ ڪوبہ ناصر، ڪوبہ نجيب ڪونہ هو.

همالیا، آءٌ ۽ وقت جي وچوٽي

خبر ناهي ڪيتري وقت کان پوءِ آءٌ وقت جي ڏُوڙ ۾ لٿجي، ليٽرجي ۽ ڏِکا ٽاپا کائي، سنڌي شاعريءَ، غم ۽ فڪر جي همالیا شيخ ايار سان ملڻ ويس. وچ واري ڏور ۾ اسان ۾ ڪي قدر رنجشون رهيون هيون. هن پُٽي صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون چيون هيون، شاهه عنايت ۽ مخدوم بلاول جي حوالي سان. منهنجي نظر ۾ اهي صحيح نه هيون. اُن ڪري مون هڪ زوردار جذباتي مضمون ايار جي خلاف لکيو هو، جنهن ڪري رنجشون پيدا ٿي پيون هيون. مضمون لکڻ جي باوجود ايار جي شاعريءَ جي مهانتا ۽ اُن جا اُلا ڪڏهن به منهنجيءَ دل ۾ جهڪا نه ٿيا هئا. جنهن جو اظهار آءٌ وقت بوقت ڪندو رهندو هئس. پر پوءِ به وڃڻ کان اڳ ۾ سوچيم پئي ته خبر ناهي ايار مون سان ملي الائي نه!

خير، جڏهن ڪلفٽن واري سندس فليٽ جي گهنٽي وڄايم ته هڪدم سندس نوڪر دروازو کوليو، ۽ نالو پڇي اندر هليو ويو- ۽ وري اُنهيءَ گهڙيءَ واپس اچي چيائين ته، "اچو!" جيئن ئي اندر گهڙياسين ته ايار نائيٽ ڊريس ۾ بيٺو هو. آءٌ عادت موجب ايار سان جهُڪي مليس. منهنجو اهو جُهڪڻ شيخ ايار شخص لاءِ نه، پر سندس انهيءَ سدا بهار ۽ لازوال ذات لاءِ هو، جنهن ذات، سنڌڙيءَ ساريءَ کي ڳاڙهو ڪهنبو بنايو هو، جيڪا تعليمي ادارن کان اڳتي وڌي مندر ۽ مسجد تائين پهچي وئي هئي؛ جيڪا هاڻي پڙهيل ماڻهن کان ٿيندي، الهڏني خاصخيلي ۽ اسلم ٽُنيي جي سُريلن آوازن ذريعي ڏنار ۽ پنهوار کي پنهنجي پاڪر ۾ پري رهي آهي. مون کي يقين آهي ته هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جو ساري سنڌ نه رڳو ايار جي چيرين جي چم چم تي رقص ڪندي، پر انهيءَ جي روشنيءَ جي گهيري ۾ گهيرجي ويندي.

جوڳبس ۾ روايت آهي ته جتي نانگن ۽ بلائن جو آزار هجي ٿو، ته اُتي

سمهندڙ مسافر پنهنجي پاتاريءَ جي چوڌاري پڙ ڪڍي گوگي جوهاڻ جو منتر پڙهي سمهن، تہ جيئن ڪکجي نہ وڃن. سو آءٌ بہ سمجهان ٿو، تہ جيڪڏهن اڇوڪي سنڌ پنهنجي چوڌاري اياز جي شاعريءَ جو پڙ ڪڍي، ان ۾ سندس مُرشد جو منتر پڙهي، تہ مٿس حملو ڪندڙ ارڙ بلائن کان محفوظ رهندي.

انهيءَ دوران اهڙي شاعريءَ جو مالڪ اسان کي اندر وٽي ويو.... پر ترسو! اندر وڃڻ کان اڳ مون جڏهن پاڻ کي سندس پاڪرن ۾ محسوس ڪيو تہ خبر ناهي ڇو مون کي لڳو تہ منهنجي سرير جي انگ انگ ۾ مسرت ۽ قرار جي هڪ اهڙي لهر دوڙي وئي، جيڪا شايد هڪ صوفيءَ کي ان وقت محسوس ٿيندي آهي، جڏهن هُن ۽ خدا جي وچ ۾ ڪو پردو نہ رهندو آهي. پر ويچاري صوفيءَ جي ان وقت ڪهڙي حالت هوندي، جڏهن هو محبوب حقيقيءَ جي پاڪ ۾ هجي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اها سعادت اڄ تائين ڪنهن صوفيءَ جي مقدر ۾ لکجي نہ سگهي آهي.

اسان اندر ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويناسين. هڪٻئي ڏانهن ڏٺوسين، نہ هن کي ڪا پشيماني هئي، ۽ نہ ئي آءٌ شرمندو هئس پنهنجي لکڻ تي، انهيءَ ڪري جو اسان ٻنهي پنهنجي پنهنجي ضمير جو اظهار ڪيو هو- ۽ اهو ضمير جو ئي آواز آهي، جنهن سنڌ جي هر ڏاهي ۽ باشعور ماڻهوءَ کي گهاٽن، تياسن ۽ ڪوڙن جي ڪڪيرن ۾ پيڙايو ۽ ڏنگايو آهي.

آءٌ اياز ڏانهن ڏسندو پئي ويس. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي ٽن ماڻهن کي جڏهن آءٌ ڏسندو آهيان تہ اُهي مون کي هن ڪائنات رنگ و بُو جا ماڻهو ئي نہ لڳندا آهن. جي. ايم. سيد کي ڏسي مون کي لڳندو آهي تہ هي يوناني پرومیٿيس ديوتا آهي. پير حسام الدين راشدي، مون کي ڪائنات جي علم، جلال ۽ اساطير جو ديومالائي ڪردار لڳندو هو- ۽ اياز! سچ پچ تہ ان کي آءٌ ڪنهن بہ تشبيهہ، ڪنهن بہ استعاري ۾ بند ئي نہ ڪري سگهندو آهيان. اياز جون اکيون مون کي اهڙيون لڳنديون آهن، جو آءٌ سمجهندو آهيان تہ هنن اکين جيڪڏهن ڪنهن حاملہ عورت ڏانهن ڏٺو تہ گيبرئ ۾ پيل ٻار جي بُت ۾ بہ سيٽاندا پئجي ويندا- ۽ سندس پِرون چيتي شينهن جي پروئن وانگر لڳندا آهن، جيڪو دشمن تي جهپ هڻڻ لاءِ تيار هجي.

چانهه مان واندا ٿياسين ته پوءِ اياز ڳالهائڻ شروع ڪيو. جڏهن اياز ڳالهائيندو آهي، تڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ سموريءَ دنيا جو ادب، شاعري، تاريخ ۽ فلسفو سندس اڳيان پکڙيو پيو آهي، ۽ سموري دنيا جا اديب، شاعر، فلسفي ۽ تاريخدان، سندس آڏو ايئن بيٺا آهن، جيئن هارون الرشيد جي سامهون ٻانهيون بيهنديون هيون، جن مان هر هڪ جي خواهش هوندي هئي ته بادشاهه سلامت اڳ ۾ مون کي طلب ڪري. بلڪل ائين ئي هر شاعر، اديب، فلسفي ۽ تاريخن جي جڻ خواهش هجي ته اياز منهنجو حوالو ڏئي. هو ڳالهيون ڪندو رهيو، جن ۾ ڪڏهن انڊلڻ جا رنگ هئا، ڪڏهن ٻار جي مُرڪ هئي ته ڪٽي ڪنوارن اُرهن جي دلڪشي، ته ڪٽي ڏاهر جي شهپر جو موڙُ هو. ڪٽي چارڻ جي چنگ جو آواز هو، ته ڪٽي سنڌ جي روح جي ازلي ۽ ابدي دانهن هئي. هن چيو ته، "آءٌ ترڪيءَ ويو هئس. اتي قونيا ۾ مون درويشن جو ٻاهه تي رقص ڏٺو ۽ پوءِ گائيڊ کي چيم ته مون کي هني ٻال جي قبر جا نشان ڏيکاريو." گائيڊ چيو ته، "سائين! اهي تمام مٽي پهاڙ تي آهن، توهان پهاڙ تي چڙهي سگهندؤ؟" چيم ته، "ها آءٌ نه رڳو وڏن وڏن پهاڙن کي اورانگهيندو رهيو آهيان، پر پهاڙ پٽون به ڪندو رهيو آهيان. منهنجي هڪ دوست چيو ته، "سائين! هني ٻال ۾ ڪيو هو، جو توهان جي اُن ۾ دلچسپي هئي؟" ايياز چيو ته، "هن روم ڀائو هو. روم، جيڪو جبر ۽ استعماريت تي ٻڌل هو. مون به پنهنجي ذات جي ذريعي ڪوئي روم بار بار ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي."

جمهوريت جي سلسلي ۾ ڳالهائيندي ايياز چيو ته، "هڪڙي ماڻهوءَ مُون کي خط لکيو ته تون جمهوريت جمهوريت پيو چوين، پر جمهوريت جي باري ۾ اقبال چيو آهي ته، "جمهوريت واري نظام کان پڇ ۽ ڪنهن مضبوط ارادي واري جو غلام ٿيءُ، چوته ٻن سَون گڏهن جي دماغ مان هڪ انسان جو دماغ پيدا ڪونه ٿيندو آهي." ڪيس جواب ڏنم ته، "اهو صحيح آهي، پر پوءِ به آءٌ هڪ گڏهه کان ٻن سَون گڏهن کي بهتر سمجهان ٿو." انهيءَ جملي ۾ جمهوريت لاءِ جيڪو بليغ اشارو آهي، تنهن کي سمجهو ڪي سمجهن!

ايياز چيو ته، "بنيادي شيءِ آهي انسانيت يا ماڻهپو. سموري انساني

تاريخ جي فڪري جدوجهد انهيءَ لاءِ ٿي آهي، ته انهيءَ ڳالهائيندڙ جانور کي انسانيت ۽ ماڻهپي جي سطح تي آڻجي. حقيقت ۾ ماڻهن کي آءٌ ٽن درجن ۾ رکان ٿو: **آدم جو اولاد**، جيڪو اشرف المخلوقات آهي؛ دارون جي نظريي مطابق **باندر جو اولاد**، جنهن جي سمجهه جي سطح تمام هيٺاهين آهي، ۽ **گڏهه جا ڦر**، جيڪي يا ته ڪُنبا رهن ٿا، يا خلق آزاريندا رهن ٿا."

گفتگو هلندي منهنجي مضمون جو ذڪر آيو. ان تي اياز چيو ته، **"منهنجو مقصد اهو نه هو، جيڪو تو سمجهيو آهي. منهنجو مقصد هو ته مدافعت واري قوت ۽ موت! شاهه شهيد ۽ مخدوم بلاول حياتيءَ ۾ پُٽي کان عظيم تر هئا، ۽ اهي ماڻهپي جي جنهن بلند مينار تي بيٺا هئا، اُتان کهڙي به قسم جي موت کي مُرڪندي قبول ٿي ڪري سگهيا. ۾ هنن جي نظر ۾ موت نالي ڪا شيءِ هوندي ئي ناهي. آءٌ به اڄ ان نظريي تي پهتو آهيان. ۾ پُٽي جنهن ماحول ۾ جنم ورتو هو، اُتي ايڏو مقبول ڪرڻ ۽ موت قبول ڪرڻ وڏي ڳالهه هئي. بهرحال مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت کي ايتري قدر قيد ۽ بند ۾ رهڻ جو موقعو ئي نه مليو، ۽ جيڪڏهن موقعو ملي ها ته اهي يقيناً وڌيڪ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪن ها."** آءٌ اياز جا دليل ٻُڌي رهيو هئس ۽ سندس نادان دوستن جا دليل به منهنجي ذهن ۾ هئا، جن نه اياز جي مفهوم کي سمجهيو هو، ۽ نه منهنجي ڳالهه پروڙي هئي.

اسان کي ويڻي ويڻي ڏيڊ ڪلاڪ ٿي ويو هو، ۽ مون کي ٻيءَ جاءِ تي وڃڻو هو. اياز جي خواهش هئي ته ڪجهري هلي، پر وقت بيرحم ڪڏهن ٻيءَ ڇُميءَ جو به موقعو نه ڏيندو آهي. اسان موڪلائڻ جي ڪئي ته اياز چيو ته، "سائين جي. ايم. سيد کي منهنجا سلام چئجو. اوهان جو واسطو جي. ايم. سيد سان سياسي آهي، منهنجو ناتو پيريءَ مريديءَ وارو آهي." سندس اهي جملا ٻُڌي، مون کي ڪجهه وقت اڳ هڪ دوست جي ڳالهه ياد آئي، جنهن اياز جي حوالي سان چيو هو ته، **"امير حيدر شاهه ۽ امداد محمد شاهه، جي. ايم. سيد جا جسماني پُٽ آهن، پر اُن جو روحاني ۽ فڪري پُٽ آءٌ آهيان."**

اسان اُٽياسين، اياز به گڏ اُٽيو. مون چيو: "سائين! توهان ويهو، ٽيڪ ناهيو." چيائين: "اهڙي ڳالهه ناهي، مون موت کي موتائي ڇڏيو آهي، ته

هينئر وچ، آءٌ واندو نامياڻ. ان ڪري آءٌ توهان سان گڏ لفت تائين هلي سگهان ٿو." لفٽ تي پهتاسين تہ اياز وري موت جو ذڪر ڪيو، جنهن تي آءٌ روئڻهارڪو ٿي ويس. اياز منهنجي اها ڪيفيت ڏسي چيو، **"گهبراءِ نہ! آءٌ پيو جنم ٿر ۾ ونندس. پوءِ ڏاڍيون ڪچهريون ڪنداسين."** اياز جو اهو جملو ٻُڌي مون دل ۾ چيو، واقعي جمن دربدر، حليم باغي، مير حسن آريسر، مظهر لغاريءَ مجرم لغاريءَ ۽ اقبال رند ڪان پوءِ اياز، ٿر ۾ ئي سونهي ٿو، چو تہ ٿرين ڪڏهن بہ پٽائيءَ کي پِٺ لاءِ نہ ڏايو آهي، پر مسرت واري ۽ محبت واري زندگيءَ گذارڻ لاءِ ڏايو آهي.

ايتري ۾ لفٽ اچي وئي. ۽ اسين ان ۾ داخل ٿياسين، ۽ منهنجي چپن تي اياز جي سِٽ اچي ويئي:

سنڌڙي! تنهنجو ساهہ اياز،
مري نہ ٽيٽو آهي مات.

مون سان گڏ انهيءَ ڪچهريءَ ۾ سائين غلام شاهہ، هاشم ڪوسو ۽ روشن ڪلهوڙا هئا.

(ڪراچي: 31 آڪٽوبر 1991ع)

محبتن جو مقتل

اسان کي سدائين هڪ قوم جي حيثيت ۾ اها دعويٰ ڪندي، ڪڏهن به ڪنهن به قسم جو شرم ۽ هيڪ محسوس نه ٿي آهي، ته هيءَ سرزمين صوفين جي سرزمين آهي، ۽ هن قوم جو ازلي ۽ ابدي پيغام محبت ئي رهيو آهي. اهي ماڻهو وڏا بدبخت ۽ زهريلا ڪندا آهن، جيڪي هن محبت واريءَ سرزمين جي سيني تي نفرت جا ڪانگهارا اُڇلائين ٿا، جن ۾ رت ۽ پوءِ جي بوءِ آهي، جيڪي هن ديس جي دل ۾ ڪروڙ جو خنجر ٿي لهندا ٿا رهن. اهڙي دعويٰ جي باري ۾ آءٌ چوندس ته واقعي اسان جي صوفين جي مزاج ۽ ذهن ۾ محبت هئي، پر اڄ ڏٺل، مجرد، شڪل صورت کان مٿاهين يا بي نياز. اهڙي محبت جي ساهن جي گرمي نه ڳل ٿي محسوس ٿي ٿي، نه وري اُن جي سرهاڻ ذهن کي زنگجڻ کان بچايو ٿي. اُن نه ڪڏهن اسان جي سرير کي کا شڪتي ٿي ڏني ۽ نه وري زندگيءَ جي تارن ۾ نوان ڪي سُر ۽ ساز ئي ٻُرايا ٿي. البت انهيءَ محبت واري تصور جي ڪري، اسان جي شاعريءَ ۾ محبت جا ورلاپ هئا، ۽ زندگين ۾ وڇوڙا هئا. اسان جا سينا ڪوسا ۽ بسترا ٽڏا هئا. اسان جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ سرير ۾ بيچيني هئي. اسان جنم جنم ۾ محبت جي ڪنهن رابيل جو واس ونڊ لاءِ پؤنر بنجي آڪاس ۾ اُڏامندا رهياسين. نتيجي ۾ اسان جا پر ته ڪُسي ويا، پر اها محبت جڏهن ڪنهن گل جي صورت ۾، ڪنهن مرمرين جسم جي روپ ۾، ڪنهن ڪجل پنل نيڻ جي شڪل ۾، ڪنهن وسيلي چپ جي رنگ ۾ اسان کي ملي، ته اها اسان جي زندگين لاءِ روگ ۽ وبال بنجندي رهي آهي- ۽ اسان هڪ معاشري ۽ قوم جي حيثيت ۾ ان جا ويري بنجي ويا آهيون. حقيقت ۾ اسان هڪ قوم جي حيثيت ۾، هڪ سماج جي مجموعي ڪردار جي حالت ۾، محبت جا قاتل رهيا آهيون.

هڪ عورت کي محبت جو حق اسان صرف ان حد تائين ڏيڻ لاءِ تيار

آهيون، تہ اها صرف اسان سان محبت ڪري، پر جيئن ٿي هن اسان جي پسند ۽ مرضيءَ جي خلاف محبت جي لطيف جذبي جو استعمال ڪيو، تہ اسان جو سماج ان وقت ٿي ڪيس قتل ڪري ڇڏيندو آهي. اسان جو سماج فرد کي تہ محبت جو حق ڏئي ٿو، پر اها بہ سندس ڏسيل راهہ تي ئي هجي. جيئن ٿي ان راهہ تان هن ٽيڙ کائي ڪٽي اک اڙائي، تہ اسان ان کي جيئري جلائڻ کان نہ ڪُسندا آهيون. اسان هڪ انساني گروهہ کي بہ محبت جو حق ڏيون ٿا، پر ليڊر، اڳواڻ، پير ۽ دانشور جي حيثيت ۾، اسان جي خواهش هوندي آهي تہ انهيءَ گروهہ جي محبت اسان جي ذات سان ئي هجي- پر جيئن ٿي انهيءَ گروهہ، محبت جو ازلي ۽ لافاني گيت ڳاتو ڪنهن ٻئي يا اسان جي مخالف لاءِ، تہ اسان انهيءَ گروهہ کي هميشہ لاءِ متائڻ ۾ پنهنجي وسان کين گهٽائيندا آهيون.

محبت جي باري ۾ اسان جو اِهو خودغرضانہ ۽ قاتلانہ رويو، فرد کان سماج تائين، ۽ مذهب کان سياست تائين، زندگيءَ جي وسيع ڪينواس تي پکڙيو پيو آهي. اسان بنگالين کي انهيءَ ڪري ڪُنو تہ هنن مجيب سان محبت چو ڪئي؟ اسان هروچن کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو تہ هنن عطاءُ الله مينگل ۽ خير بخش مريءَسان محبت چو ٿي ڪئي؟ ۽ سنڌين کي انهيءَ ڪري ڪُنو ۽ دٻايو ٿو وڃي تہ اهي پُنّي سان چو ٿا پيار ڪن. اسان هندن کي انهيءَ ڪري تباهہ ڪرڻ ٿا چاهيون تہ اهي پنهنجي ديون ۽ ديوتائن سان چو ٿا پيار ڪن. جيڪڏهن ڪائي عورت پيار ڪري تہ صرف "مون" سان، ڪائي قوم، ڪوئي سماجي گروهہ، ڪائي جماعت، عقيدت، محبت ۽ پريم رکي تہ صرف "مون" سان يا منهنجي ڏسيل معبود سان- بيءَ صورت ۾ انهيءَ کي محبت جو ديپ جلائڻ جو ڪوئي حق ڪونهي. اُن کي پنهنجن نيٺ ڪٽورن ۾، پنهنجي من جي منڊر ۾، عقيدت جا ڪنول ٽيڙڻ جو ڪو اختيار ناهي. جيڪڏهن پوءِ بہ هن اُها سرڪشي ڪئي تہ اُن کي ختم ڪيو ويندو. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اسين مجموعي طرح محبت جي قاتل سماج جا وحشي جانور آهيون. پوءِ دعويٰ ڪٿي ڪهڙي بہ ڪريون!

(امرڪوٽ: 10 نومبر 1991ع)

محبت جو تصور

منهنجي دوست مون کي چيو تہ: "جيڪڏهن ڪو پيارو ماڻهو توکي روڪڻ چاهي، تڏهن بہ تون بس نہ ڪندين!" ڪيس چيم، "عجيب ڳالهہ آهي، جنهن رستي جا اسين راهي آهيون، اتي وک وک تي اسان پيارن جون رڪاوٽون اورانگهيون آهن ۽ اورانگهيدا رهون ٿا. مثلاً مون کي منهنجي پياري ماءُ آهي، سا سڄي عمر روڪيندي رهي تہ سياست چڏي ڏيان، پر مون سندس ڳالهہ نہ مڃي. اُن کان پوءِ ساڳي ڳالهہ منهنجي زال چوندي آهي، پر ان کي بہ منهنجو ساڳيو ئي جواب هوندو آهي. هن وقت مون کي ڏيءُ پياري آهي. اها هر وقت روئندي ۽ چوندي رهندي آهي تہ تون ڪيڏانهن بہ نہ وڃ، هر وقت مون وٽ ويٺو رهہ. پر آءُ سندس ڳوڙهن هاڻين اکين جو ڪوبہ خيال نہ ڪندو آهيان ۽ هليو ويندو آهيان هفتن جا هفتا."

هن چيو: "منهنجو مطلب آهي، جيڪڏهن توکي تنهنجي پريمڪا چوي تہ وسڪي نہ پيءُ، تہ تنهنجو جواب ڪهڙو هوندو؟" وراٽيم تہ، "اسان محبت ڇو ڪندا آهيون، ان لاءِ تہ اسين محسوس ڪندا آهيون تہ اسان جي زندگيءَ ۾ ڪو خال آهي، جنهن کي پرجڻ کپي. اسان جي دل جي اڳڻ ۾ ڪا ويراني آهي، جنهن کي آباد ٿيڻ گهرجي. اسان جي زندگيءَ ۾ اونداهيءَ جو واسو آهي، ان کي روشن ٿيڻ کپي. اسان جو روح بي رنگ ٿي ويو آهي، ان ۾ ڪي رنگ اچڻ کپن- ڳاڙها، گلابي ۽ انبلڻ جهڙا. اسان جي زندگين ۾ اُداسين ۽ مايوسين جون گهنگهور گهٽائون ڇانئجي ويون آهن، اُتي ڪي محبت ۽ مسرتن جا ديپ جلڻ کپن- فقط ان لاءِ ۽ ايتري لاءِ، اسين محبتون ڪندا آهيون. پوءِ جڏهن اهي محبتون بہ اسان جي زندگيءَ ۾ وهہ جا وَٽا اوٽڻ شروع ڪن، زندگين ۾ اسان کي لڌتن ۽ مسرتن جون ڪجهہ گهڙيون جيڪي مليل ۽ حاصل ٿيل آهن، سي ڦرڻ شروع ڪن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوڙهن جي قيمت ڏيئي خريد ڪن،

ءِ اسان کي پوريءَ ريت پنهنجو ڪلام بڌائين تہ پوءِ منهنجا ساڻين! اسان جي زندگين جا خال ڪيئن پورا؟ اسان جي من اڳڙ جي ويراني ڪيئن آباد ٿيندي؟ اسان جي حياتين جي اونداهي ڪيئن دور ٿيندي؟ اسان جي روح ۾ ڪيئن انبلٽ جا رنگ نکرندا؟ ائين تہ اسان جون محبوبائون اسان لاءِ وڌيڪ اُداسين ۽ مايوسين جا جھولا ءِ جھڪون بنجي ويندیون نہ! ان ڪري آءٌ محبت فقط ان لاءِ ڪرڻ پسند ڪندس تہ جيئن منهنجي حياتيءَ جي مزن ءِ مسرتن ۾ اضافو ٿئي، ءِ منهنجي زندگي ڪائناتِ رنگ و بُو جو اولڙو لڳي، ءِ منهنجون رڳون سڀ رَچي وڃن ءِ تن کي تازائي ٿئي:

جي پُنيرا سُونهن، جيڪر اڇن سامُهان،
سَئون وَراڻي سُپرين، مُنهن جي مُون ڏي ڪَن،
رڳون سَڀ رَڇن، تَن ۾ تازائي ٿئي.

(شاهہ)

ان ڪري آءٌ محبت ۾ ڦُرجڻ، خريد ٿيڻ ءِ تابعداريءَ کي بہ حد کان وڌيڪ جائزو نٿو سمجھان. اسان اهڙي دؤر ءِ ماحول ۾ زندگي گذاريون پيا، جو اتي ڏاڍاڻ، ڏنپ ءِ فراق واري محبت کي برداشت ئي نٿا ڪري سگھون. اهو صحيح آهي تہ محبت ڪائنات جو اهو ازلي ءِ ابدي گيت آهي، جنهن جھڙو ڪو ٻيو گيت تخليق ٿي نٿو سگھي. شايد قدرت اها بانسري ٿي پيچي چڏي، جنهن مان اهو سُر نڪتو هو.


حقيقت هيءَ آهي تہ مون پنهنجي ذهن ءِ فڪر ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙي دنيا ڪڏهن بہ آباد نہ ڪئي هئي، جيڪا سراسر لذت پرستيءَ تي ٻڌل هجي، جنهن ۾ ڏک جو پاڇولو نہ هجي- پر ان جي ابتڙ مون وٽ زندگيءَ جي اها دنيا مليل جليل رهي آهي. گھٽو اڳ مون لکيو هو، اهڙي دنيا جتي لذت جي چاشني نہ هجي، ڪنهن گناهہ جو سُرور نہ هجي، ڪنهن نيڪيءَ جي لطافت نہ هجي، ڪنهن سزا جي اذيت نہ هجي، ڪنهن تخليق جو درد نہ هجي، ڪنهن چاهنا جي لذت نہ هجي، ڪنهن خواهش جي گرمي نہ هجي، ڪنهن ڪوشش جو جمال ءِ ناڪاميءَ جو ملال نہ هجي، اهڙي دنيا ڪنهن ملائڪ جي رهڻ جي لائق تہ ٿي سگھي ٿي، انسان لاءِ نہ. هيءُ بہ نہ وسارڻ گھرجي تہ زندگي رڳو ٿھڪ ناهي ءِ نہ وري رڳو ڳوڙهو. زندگي

ٿڪ بہ آهي، ڳوڙهو بہ آهي. ڇُمي جي چاشنيءَ بہ آهي، ٿوهر جو گرهہ بہ- پر پوءِ بہ خبرناهي ڇو، آءٌ اڃڪلهہ زندگيءَ جي باري ۾ هڪ خاص نقطئہ نظر جي گهيري ۾ اچي ويو آهيان- ۽ اهو آهي زندگيءَ ۽ محبت مان پرپور لذت حاصل ڪرڻ وارو نقطئہ نظر!

دنيا ۾ بن قسمن جا ماڻهو رهيا آهن: هڪڙا اُهي جيڪي دنيا جي سڀني جَلون، رنگن ۽ لذتن کان پري پڇندڙ ۽ پنهنجي هٿرادو ناهيل دائري ۾ گهمندڙ ماڻهو- ۽ بيا اُهي، جيڪي هن ڪائنات جي سڀني جَلون، سمورن رنگن ۽ لذتن کي انسان لاءِ تخليق ٿيل سمجهي، ان مان پرپور مزي وٺڻ ۽ ڪائنات جي وسيع ڪينواس تي نهيل تصوير جي هر رنگ، ۽ هر ليڪ مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ جيئندڙ ماڻهو. پهرئين قسم جا ماڻهو نہ معلوم ڇو اهو محسوس نہ ڪري سگهيا آهن، تہ هيءَ ڪائنات ۽ سندس خوبصورتيون انسان لاءِ ئي آهن. ان جي ابتڙ هو اهو ٿا سوچين تہ هيءَ ڪائنات ۽ ان جا ڏک سُور ۽ تڪليفون، سنگباري ۽ صليب انسان لاءِ آهن. ان ڪري ڪي انسان لاشعوري طور ڏکن، تڪليفن، سنگبارين ۽ صليبن کي پنهنجي زندگين جا زيور بنائين ٿا.

منهنجي خيال ۾ جيئن لذت پرست انسان ڪائنات جي هر خوبصورتيءَ کي ائين چوسين ٿا، جيئن اُن جي هڏين مان مِکُ بہ چوسي وٺن، تہ جيئن مڪمل سُرور ۽ لذت حاصل ڪري وٺن- تيئن اهي ماڻهو، جيڪي ڏک پرست آهن، سي بہ سمورا درد جا رشتا پنهنجي جيءَ سان جڙي، سموريون پيڙائون شراب جي پيگ وانگر پي وڃن ٿا ۽ پنهنجي ذهن ۾ لذت ۽ سرور محسوس ڪن ٿا. ابوالڪلام آزاد چيو هو تہ، "جيڪا خوشي مون کي هن ڪٽهڙي ۾ بيهي ٿي رهي آهي، سا بادشاهن کي سندن رنگ محل ۾ بہ حاصل نہ ٿيندي." آءٌ سمجهان ٿو تہ بنيادي طرح اُهي ڏک پرست انسان، اهي احساس آهن، جيڪي ڏک ۾ لذت حاصل ڪرڻ سان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي ان کان بہ شدت سان انسان کي مختلف موقعن تي نظر اچن ٿا.

o



Rs. 500